# جامع سنڌي لغات

جلد پنجون (ڪ - ي)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

زير نگراني

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

مرتب

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**



Gulhayat Institute

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو سنڌ

جامع

# سنڌي لغات

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# جامع
# سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي ٻوليءَ جي]

جلد پنجون (ڪ – ي)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ
زير نگراني
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مرتب
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2007ع

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1988ع | تعداد چار هزار |
| ڇاپو ٻيو | سال 2007ع | تعداد هڪ هزار |

هي ڪتاب بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي ساليانِي ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 07-2006 جي بجٽ مان فراهم ڪيا ويا.

قيمت: ڇهه سؤ رپيا

**[ Price Rs. 600-00 ]**

Gul Hayat Institute

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com

---

هيءُ ڪتاب سنڌيڪا اڪيڊمي ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

# ک

ک : ث. سنڌي الف ب جو چاليهون اکر.

• **کاٻ ج ڪاٻُون (ل):** ث. ٻٽڪي جو ٻلاند ڪاڏيءَ هيٺان ورائي ٻڌل. گهوڙي جي ڄاڙيءَ هيٺان ڏنل چمڙي جي پٽي. هَرنهِن ۾ ڪُڙهه (هَـرُ) مضبوط ڪرڻ لاءِ ڇپَر – ڄاڙي (ل).

– **کاٻَ ٻڌَڻ (ل):** ٻٽڪي جو ٻلاند ڪاڏيءَ هيٺان ورائي ٻڌڻ – ٻوڪاني ٻڌڻ.

• **کاٻُ ج کاٻَ (ک) :** ذ. (پرا. ڪَپ َ = ڪپ – کاٻ – وِڍَ – زخم – نندڙو تـُنگ ـ سوراخ – ڪـَٻُ. ڳَـپ َ ۾ لڳل پير جو نشان گهارو – ڪنٻُ – واهه يا ڪسيءَ جي ڪناري جو ڀڳل هنڌ.
"اوچتو منهنجي اکين مان آب تيئن جاري رهي، جيئن ٻوي ڪنهن ويل وهندڙ واهه کي ڪو کاٻ ڪنٻ"ڪـَٻُ. لَتڙ.

– **کاٻَ ڪـَرَڻ:** تنگ ڪرڻ – ستائڻ – دٻائڻ – خراب ڳالهائڻ.

– **کاٻَ ڪـَٻَ:** ذ. وِڍ – زخم. ريش ـ ڦـَٽَ.

• **کاٻارَڻُ (ت) :** مصدر. بيڪار رهڻ. (کاٻاريو – کاٻاريل – کاٻاربو)

• **کاٻارُ ج کاٻارَ (ت):** ذ. درد. تيل. ڪارڻ. ناريل جو ڪاٻاڙ.

• **کاٻارائِڻَ (ت):** مصدر. ڪنهن بهاني سان گرفتار ڪرائڻ. سيڙائڻ. (کاٻارائيو – کاٻارائيندو – کاٻارائيل).

• **کاٻارِجَڻ :** مصدر. نقصان ٿيڻ. ايذائجڻ. نوڪريءَ مان خارج ٿيڻ ـ ڏڪجڻ. ڪم خراب ٿيڻ.

• **کاٻاڙِجَـڻ :** مصدر . ( سن. ڪِشوُ = ڪٽي ڇڏڻ. ناس ڪرڻ) نقصان سهڻ – ٽوٽو پائڻ – ڇيهو پوڻ. فصل جو اُجڙڻ يا برباد ٿيڻ. اِيذائجڻ – ڏکوئجڻ – گهائجڻ – زخمجڻ – ڦٽجڻ. موقوف ٿيڻ – برخواست ٿيڻ – لهڻ (نوڪريءَ تان). ڪرڻ.

• **کاٻَرُ ج کاٻرَ( ت):** ذ (سن. ڳَسرَ يا ڪوپرو = ناريل) ڪجيءَ جي سنهي ڪَلَ – ڪجين، ناريل وغيره جي وڻن ۾ ڄاريءَ وانگر پردو (جنهن مان نوڙيون، واڻ، خاص پردا وغيره ٺاهيندا آهن). پردي جو ٽڪر ميڇيءَ وانگر ٺهيل، باسڻن وغيره کي صفا ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ.

• **کاٻَرُو ج کاٻڙَ:** ذ. صفت کٻي هٿ وارو – کٻي هٿ سان ڪم ڪندڙ – ڏاوڙ ـ ڏائڙ ـ ڏاٻڙ.

• **کاٻڙوٽي ج کاٻڙوٽِي :** ذ. صفت . ٽوري علم وارو ـ ٽِڪسالِي – ٽِڪسالِي ـ ڪَم ذهن. ترانگهڙو – هلڪو – سفلو. گهٽ ـ ٽورو ـ ڪوتهه – آيهُو. (اسم خاص) ساداتن جي هڪ پاڙي جو لقب. (سيوهڻ ۾ کاٻڙوٽي سيدن جو پاڙو)

• **کاٻو ج کاٻا:** ذ. صفت. ڏائو – ڪـَٻو.

• **کاٻوتِي ج کاٻُوتيُون :** ث. ڇُهنبدار ڪـُتـِ ـ ڦاٻُوتي.

• **کاٻهَـُ (ت):** ذ. ڍورن جو گاهه يا چارو.

• **کاٻي ج کاٻيُونُ:** (ت): ث. ڪاڏي – ڄاڙي.

– **کاٻِي ڪوٺِڻَ (ٿ):** ڪاوڙجڻ ـ ڪاوڙ مهل هينيون ڇپُ مٿين ڏندن جي هيٺان ڪرڻ.

– **کاٻيو ج کاٻيا (ٿ):** ذ. صفت. نڪتل ڄاڙيءَ وارو ـ وڏيل ڄاڙيءَ وارو – ڪاڏِيَرُ.

• **کاٽَرَ (ٿ):** ذ. ڪاٽ ( گهر ڀڃي ڪيل چوري. ڀاڻ (ٻنيءَ ۾ پيل).

• **کاٽِروڙ (ٿ):** ذ. دڪان – واڍِڪي ڪم جو دڪان – سوٽهڙن جو دڪان. مينگهواڙ وغيره جي ڪم ڪرڻ جو ڇـَنو.

• **کاٽِرو ج کاٽِڙا (ٿ):** ذ. مُهري.

• **کاتو ج کاتا:** ذ. (ع. "حاطہ" جو بگڙيل) سرڪاري محڪمو ـ شعبو ـ حلقو. سرڪاري يا ڪنهن ڪارخاني جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ ڪو خاص محڪمو. ڪنهن وڏي راجا جو خاص حصو ـ علائقو. (سن. ڪارُڪَ = ڪائيندڙ) ڪنهن خاص آدميءَ جو حساب. حساب ڪتاب جي فهرست. واپاري حساب ڪتاب جو ورق. حساب ڪتاب جو سرو. روزنامچو – ليکي جي وَهي، جنهن ۾ رقمون ڪتائبيون آهن ـ ڪنڌو ـ خسرو – پڪي وهي. زمين جو پروانو ـ زمين جو پٽو ـ سَند – زمين جي ڪنهن خاص ٽڪرتي حق، اهڙي حق جي سرڪاري دفتر ۾ داخلا.

– **کاتي چاڙهڻُ:** حساب ۾ داخل ڪرڻ.

• **کاتيدارُ ج کاتيدارَ:** ذ. صفت. کاتي وارو ـ زميندار. نندو

Gul Hayat Institute

سَهٽي. برد باري – تحمل – ڪميا. نياز. ٽڪاءُ – بقاءُ – جٽاءُ.

- **کانڌائِتو ج کانڌائِتا:** ذ. صفت. ڌيرجوان – صابرُ – صبرائتو – کَمندڙ – ڌِيرائتو – برد بار – سَهن شَيل – ديررنج – کَانديرو – ڪمياوان.
- **کانديرُ ج کانديرَ:** ذ . صف .ت ڌير جوان – صابرُ – صبرائتو – ڪمندڙ – ڌيرائتو – بردبار – سَهن شَيل – دير رَنج – کانديرو – ڪمياوان. جٽادار – بقادار – ٽڪندڙ.
- **کانديرو ج کانديرا:** ذ. صفت. کانڌائتو – کانديرُ – صبر ۽ تحمل وارو.
- **کاندو ج کاندا (ت):** ذ. صفت. بي سمجهه – عقل ۾ گهٽ. چالاڪ.
- **کانڌِ ج کانڌوُن :** ث . (سن. ڪشَم = سهڻ) صبر – تحمل – بردباري – گنڀيرتائي – سهڻ جي حالت – ڌيرج. ماٺ. چپ. ٽڪاءُ – بقاءُ – جٽاءُ.

– **کانڌائِتو ج کانڌائِتا:** ذ. صفت. ڪمندڙ – صبرائتو – صابر – ڌيرجوان – برد بار. ٿَهُمر سان – ڌيرائتو – کانڌائتو – کانڌير – کانڌيرو.

– **کانڌيرو ج کانڌيرا :** ذ. صفت. کَمندڙ – صبرائتو – صابر – ڌيرجوان ديرينو – کانڌيو – کانڌير – کانڌ وارو (ظرف). ٿهمُر سان – ڌيرائتو – تحمل سان.

- **کانڌوري ج کانڌوريوُن (ت):** ث . گهرجي گند اُڇلڻ لاءِ کَڏَ.
- **کانڌولَو ج کانڌولاَ (ت):** ذ . اڪ جي ڪاٺي. هُرلي جي ٽڙ ۾ ڪم ايندڙ.
- **کانڌِي ج کانڌيوُن (ت):** ث . صفت. هڪ سگَ ڀَڳَل.
- **کانڊو کَٽَڻُ:** ڀڙڪائڻ – هُشي ڏيڻ.
- **کانڊِي ج کانڊِيوُن :** ث . سندر جو ٽڪو (نراڙ تي هڻڻ لاءِ هندن ۾ ڌرمي رسم) – ليمي جَي رس ۾ هيڊ جو ڳريل تلڪ.
- **کانڌُ ج کانڌَ :** ذ. (سن. ڪشم = سهڻ) تحمل – صبر – بردباري.
- **کانڙوَ ج کانڙا (ت) :** ڪاٺ جي مُهري.
- **کانَڪِتو ج کَانڪِتا (ل):** ذ . صفت. ڪوشش ڪندڙ – محنتي – تڪڙو. گهر سنڀاليندڙ.
- **کانڪَلُ ج کانڪِلون (ت):** ث . مٽيون وچ نڪتل ڪوڏي – کانڪِي. تيلان – تلهان (ل).
- **کانڪِلِيو ج کانڪَلَ، کانڪِلِيا (ت):** ذ . صفت . ٽڪل – ڏهرو – اپرو – ڪاڏل – سُڪل – سُڪڙو.
- **کانڪورَ ج کانڪورون (ل):** ث . ڪاٽي – ڪڙيي ڪُور – واهه جي صفائي لاءِ اندران مٽي وغيره ڪڍڻ جو ڪم.
- **کانگاري ج کانگارَيُون (ڪ):** ث صفت . کانگهاري چَوُپائِي. گهٽيَ وقت جي وياَيل (ضد. سُئا يا آلوڙي).

- **کانگهارَڻُ:** مصدر . (سَن . ڪاسَ = کَنگهه) کنگهڻ – بلغم ڪيڻ – کنگهڪار ڪرڻ – آواز ڏيڻ – هٽڪ ڪرڻ. (کانگهاريو – کانگهاريندو – کانگهاريَلُ).

– **کانگهارُ ج کانگهارَ:** ذ . کانگهارو – گَوبو – بلغم ( جو کنگهه ۾ نڪري) – کُٽُ . کنگهڪار – هٽڪ – آواز.

– **کانگهارو ج کانگهارا:** ذ . بلغم ( جو کنگهه ۾ نڪري) انسان جي گلي ۽ ڇاتي جو بلغمي ست.

- **کانگهاري ج کانگهاريُون:** ث . ٻارهن مهينن جي ويايل چوپائي – کير ٿورَو ڪري ويلَ چوپائي – گهٽو ڏهائي ويل چوپائي – کانگهاري – ڪاهَر.
- **کانگهو ج کانگها (ت):** ذ . صفت. ٽيڏو – آڏو.
- **کانمَڻ و:** مصدر. ڪامڻ – سَڙَڻ – جلي پوڻ.
- **کانٽون ج کانٽان (ت):** ذ . مصالح کُٽڻ جو اُکرلو.
- **کانٽِيٽو ج کانَٽِيتا (ڪ):** ذ. ڏرن کوٽڻ واسطي لوهه جو ڏگهو رنبو.
- **کانوَ ج کانا:** ذ. (سن. ڪادَ = کائِڻُ) کاڌو خوراڪ -- ماني. مجلس – ضيافت.
- **کانوڙِي ج کانوڙيوُن )ت):** ث . تلاءَ جي پرسان مٽي ڪڍڻ سبب ٿيل کڏ – مٽي کڻڻ لاءِ کَڏَ.
- **کانهارَ ج کانَهارُون (ل):** ث . بدن کي آهستي کَنهڻ جي حالت – خارش – منڙي کهه – کَهه. بدن تي ٿڌڙن ڪيڻ واري حالت.
- **کانهَرَ ج کانهَرُون:** ث . کير واَري مينهن(ن– ب)
- **کانَهرج کانَهرُون :** ث. خارش – مٽي خارش – کرڙو – ٿڌڙو – کَرنهَن.

– **کانَهرَ ڪرَڻُ: ٿڌڙا ڪيڻ. ريجهائڻ** – هٿ گهمائڻ – پنهَنجو ڪرڻ. ويجهو پوڻ – کڙنس ڪرڻ.

- **کانئُڻُ:** مصدر (سن . ڪشاه = ساڙڻ ) ساڙڻ -- جلائڻ – ٻاڙڻ.
  ”انڌا اونڌا ويچ ، کل کڇاڙئا کانئيين“(شاهه)
- **کانءِ :** (کانئڻَ مان امر) ساڙ – جلاءِ – ساڙي ڇڏ.
- **کاڻِ ج کاڻِيُون:** ث . (سن . کَن = کوٽَڻُ) زمين ۾ ڌاتُو يا معدنيات جو جمع ٿيل ذخيري وارو هنڌ – ڌاتن جي نڪرڻ واري جاءِ – شين جي پيداوار جو هنڌ. گهڻو انداز – انبارُ – ڍِڳُ. تلاءُ – تراءُ – کڏ – ٻاڏ. سمنڊ ۾ وڇايل بارود (بارود جي کَاڻ). سرنگهه. (اسم خاص). تعلقي ميرپورخاص، تعلقي گهوڙا ٻاڙي ۽ جيمس آباد ۾ ديهن جو نالو.

– **کاڻِيٽو ج کاڻيٽا (جبل. ڪ ):** ذ. کڏ کوٽڻ جو رَنبو.

– **کاڻِيوُ ج کاڻِيا:** ذ . صفت. کامِٽيو – کاڻ ۾ ڪم ڪندڙ.

- **ڪرُ ج ڪِرُون (ڪ)** : ث . جبل ۾ ننيڙي واهي – ڪانٽي ڪان ٻه نندي ڏوري. هيٺانهين زمين. چونڊ – چونڊو – لٽيل ٻنيءَ مان چونڊيل ڪٽا.
- **ڪِرُ ج ڪِرَ**: ذ. سٺو لڇڻ – چڱو افعال – نيڪ خصلت – فضيلت – شعور – ادب اندازو – سٺو ارڪان. ڍنگ – نمونو. تماشو – رونشو. بهانو – اٽڪل – ڪوڙو بهانو – لاباري ۾ سٽريون يا ڪانا ڪٽڻ ڪانپوءِ چونڊيل سنگ. ان جي ٻار – ڪيڙي. لاباري ڪندي جيڪي پوڪ جا اَنَ سوڏا تيلا رهجي وڃن.

– **ڪِرائِتُو ج ڪِرائِتا**: ذ. صفت. فضيلت وارو – نيڪ افعال – سلڇڻو.

– **ڪِرُ چونڊڻُ**: رهيل سنگ ڳولڻ (لاباري بعد). بچت ڳولڻ – چونڊو ڪرڻ. (ل).

– **ڪِرُدارُ ج ڪِرُدارَ**: ذ صفت ڪِرُداريندڙ – ڪررڪندڙ – سنجيدو شخص.

- **ڪُرُ ج ڪُرَ**: ذ. (سن. ڪشُرهَ = ڪُرُ) چوپائي جو پير – وهٽ جو پير – سُنب – ڪُراندي – وهٽ جي پير جو نُنهن – ڪرسلي. وهٽ جي پير جو نشان. ڪوٽڻ جو ڪر – ڪوٽهڙو – ڪوٽاڙو. راند جو هڪ قسم. رانديڪي جو هڪ قسم. ٻنگ. (اسم خاص).

– **ڪُرَ تي ڏيڻ**: يڪدم روڪ پيسا ڏيڻ.

– **ڪُرُ ڏائِڻُ**: ڦڏي پير سان هلڻ – ڦڏائيءَ سان هلڻ. ڪاڏي ڪان پوءِ هواخوري ڪرڻ – پسار ڪرڻ – پير گهمائڻ – چنگهون ساهڻ.

– **ڪُرائِي ج ڪُرائِيُون (ل)**: ث . ٻڪرجي پيرجي رسي. "ٻڪريءَ کي پيرم ڪُرائِي وجهه" (جملو).

– **ڪُرُنَ اَٽڪَڻُ**: ٽپي سان پار پوڻ.

- **ڪَرتائِي**: صاف – نج – نبار (گيهه). ان سڙيو – صاف گيهه.
- **ڪَراٽو ج ڪُراٽا**: ذ. (سن . ڪُرتُ = ڪرڙاٽو). ڪُرڙاٽو – نڙي جو آواز – گهوگهرو – ڪونگهرو – ننڊ ۾ نڙيءَ جو آواز.
- **ڪَراڪ(ل)** : ذ. ويايل چوپائي جو کير – پسُ.
- **ڪَراندو ج ڪَراندا** : ذ . رسوئي گهرَ – بورچيخانو – رڌٽو – رنڌٽو – ڪاٺاڏو.
- **ڪُراندِي ج ڪُراندِيُون** : ث . (سن . ڪشُر ه= ڪُرُ). وهٽ جي ڪرجو هڪ پاسو.
- **ڪُراڻِ ج ڪُراڻيُون** : ث . سڙي ويل چانور. جي ديگڙي سان لڳي وڃن – اُڪراڻ – ڪَروڙي – ڪُرَچڻ.
- **ڪَرائِي ج ڪَرايُو ن** : ث . (سن . ڪَلُ = سچ پچ. پرا. ڪَئيڪا = سنائي). سچائي – ايمانداري – صداقت – سنائي – چڱائي – سهڻائي – پاڪائي – صفا. پورائي – برابري واري حالت.

(سن. ڪَرُ = خرابي). دشمني – خرابي. ڳڏهه جي مستي – گوهي – لُچائي – گَهُ.

- **ڪُراهو**: گاهه جو هڪ قسم.
- **ڪَرائِڻُ**: (ڪ ) مصدر. ڪُرچڻُ – صفا ڪرائڻ – مهٽائڻ – ڪُرڙائڻ. (ڪرايو – ڪَرائيندو – ڪَرائِيَلُ).
- **ڪَرُبُ ج ڪَربَ**: ذ . صفت . (سن . ڪَربُ> ڪَروَ = سؤ ارب). ڳاڻيٽي جو هڪ انگ – ڳڻپ جو هڪ حساب. سؤ ارب – ڏهه هزار مِلين.
- **ڪَرباڙُ ج ڪَرباڙَ**: ذ. ڳوڙ جهڙي ٿلهي ڪپڙي جو هڪ قسم.
- **ڪَر ٽُ ڪَٽڻُ**: تمام لاچار ٿيڻ – سخت بيمار ٿيڻ – سڪرات واري حالت ۾ هئڻ – لُڪيءَ ۾ ساهه جو رهڻ – پويون پساهه ڪڍڻ.
- **ڪُرُٻڙِي ج ڪُرُٻڙِيون**: ث. پڪيءِ سخت زمين.
- **ڪِرپَرائِڻُ(ٽ)**: مَصدر. ڪاوڙائڻ – چيڙائڻ – چيڙائڻ . (ڪِرِ پرايو – ڪِرپرائيندو – ڪِرپرايل).
- **ڪِرپِرايو**: (ڪِرپَرائڻ جو ماضيَ) چيڙيو – ڪاوڙايو.
- **ڪَرَتائِي(ٽ)**َ: ذ. نج گيهه.
- **ڪَرتوري**: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڪَرتُ ج ڪِرتَ(ل)**: ذ. ٻاجهر يا جوئر جو ناڙُ.
- **ڪِرٽائِڻُ(ل)**: مصدر. سَهُو ڪرڻ . راند ڪرائڻ . (ڪِرٽايو – ڪِرٽائيندو – ڪِرٽايَل).
- **ڪَرٽُو**: ٻوٽي جو هڪ قسم (دواسازي ۾ ڪم ايندڙ).
- **ڪَرٽو ج ڪَرٽا (ٽ)**. ذ . تازي ويايل ڍڳيءَ جو کير – پسُ. ٽيناڪڙو. نڙيءَ جو آواز – گهوگهرو.
- **ڪَرٽونَرُ**: ڪجيءَ جي هڪڙي ذات – ڪجيءَ جي وڻ جو هڪ قسم.
- **ڪَرِٽيو**: ذ. ننڍين ٻارن ۾ وڏي ڪنگهه جي بيماري – ڪرٽو.
- **ڪَرَپُ ج ڪَرَپَ(ٽ)**: ذ. تمام جهونو لوڙهو.
- **ڪَرپولُ ج ڪَرپولَ**: ذ . صفت. پوڙهو – وڏي عمر وارو – ڪَڙپيلُ.
- **ڪَرپيلُ ج ڪَرپيلَ**: ذ . صفت. پوڙهو – خرانٽ – ڪَڙ پيل .
- **ڪِرپِٽ ج ڪِرپِٽَ**: ذ. صفت چيڙاڪ
- **ڪِرپِٽِي ج ڪِرپِٽِي**: ذ . صفت. هڪ پير کان منڊو.
- **ڪَرپَنجو(ٽ)**: ڇت تي پاڻ وجهي ڏنل راڳو.
- **ڪَرپڻُ**: مصدر. ڪِجڻ – ڏک وارو ٿيڻ. (ڪَرپيو – ڪَرپِندو – ڪَرپيلُ).
- **ڪُرپڻُ**: مصدر . (سن . ڪشُرَ = رُهنديَون پائڻ ) ڪُرپيَ سان ٻوٽن جي پاڙن منجهان گاهه ڪڍڻ. ڪؤنسڻ – ستائڻ.

Gul Hayat Institute

- **کَکائِي:** اسم خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **کَکنيرَ:** اسم خاص. مڇيءَ جو هڪ قسم.
- **کَکَلُ ج کَکَلَ:** ذ. ڪيچُ — فائدو — مَتو — سَٽي ڪمائي.

– **کَکَلُ مارَڻُ: فائدو پرائڻ** — نفعو وٺڻ — سٺي ڪِمائي ڪرڻ — مَتو هٿ ڪرڻ.

– **کَکل کائڻ:** مفت جا مال کائڻ.

- **کَکو ج کَکا:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم — (بنا ڇلرن جي، ڪندا وڏا ٿيندس، ٻہ ڪندا ڪلين ڪان ۽ هڪ پٺيءَ تي، ڏيگهہ هڪ ڪان ٻہ فوٽ، تور ٻہ ڪان اڍائي سير ٿئي) — رَڙو.

– **کَکي مان يقين شاهُ ٿيڻ:** بي زوري مان طاقتور ٿيڻ.

- **کَکو:** ذ. صفت. چيڙاڪ — جوشيلو. مڇو.
"خوش ٿيو وينو ڪلندو ڪکو"(جملو. ل).

- **کَکِي ج ککيُون:** ث. (سن. ڪَڪڪ = ڪِلَڻُ). ڪلائڻ خوش ڪرڻ لاءِ گداگر فقيرن جو جملو — ڇاڙي ڏڪائي هڪڙي خاص قسم جي آواز ڪڍڻ جو نمونو — بغل ٽوڪڻ — ڪڇ ٽوڪڻ جو رونشو. تماشو.

– **کَکِيُون مارَڻُ:** خوشي ڪرڻ — شادماني ڪرڻ — ڏسي ٽرڻ — وهسڻ — خوش ٿيڻ — گد گد ٿيڻ — سرهو ٿيڻ — ڇاتي ٽرڻ — مرڪڻ — جشن ڪرڻ — ڪڇون ٽوڪڻ — بغلون هڻڻ.

– **کَکِيُون هڻڻ:** ڪڇون ٽوڪڻ — بغلون ٽوڪڻ — خوشيون ڪرڻ. ري ڳٽتيءَ گذارڻ.

- **کَلَ ج کَلـُون:** ث. (سن: ڪَلَ. سن. کَلَ = ڇال — ڪَلَ) بدن جو مٿيون چم — جانور جو — ڇوڙو — ڇوڙي. اڌوڙ — ڇوڏو — ڇِلُ — (وڻ جو) — ڇلر — ڇلٽو — تهہ — ٻوهہ — ڏهي — ٻهي — ٻري (ٻاجهري جي).

– **کَلڻ — کل لاهڻ:** کَٽل جانور جي کل لاهڻ — سزا ڏيڻ — جٽ ڪرڻ — لاک لاهڻ — ڏاڍي مار ڏيڻ — پڄ ڪڍڻ — سٽڻ — ڏاگورڻ — ڪٽڻ — عتوب ڪرڻ.

– **کَلَ اُديڙَڻُ:** سخت مار ڏيڻ — سخت تڪليف ڏيڻ.

– **کَلَ ٻرَ ٻجَڻُ:** ڏاڍو ڏڇٽو هڻڻ.

– **کَلَڙُ ج کَلَڙَ:** ذ. صفت. کل وارو — خالي — پورو.

– **کَلِڙُ ج کَلِڙَ:** کَلن جو واپار ڪندڙ — کَلالُ.

– **کَلِڙِي ج کَلـِڙِيُون:** ث. چمڙي — (پاڻي جي) سانداري — ننڍي مشڪ.

– **کَلَ سُڪَڻُ:** اَيرو ٿيڻ.

– **کَلَ کاٺـو ج کَلَ کاٺا (ل):** ذ. سڙيل چمڙيءَ وارو. بي ترس — شوخ — ظالم — کٺور — سنگدل — بي رحم.

– **کَلَ ۾ مستُ هُجَڻُ:** پنهنجي دل ۾ خوش هجڻ — پنهنجي موجوده حالت ۾ مگهن رهڻ.

– **کَلَ ۾ هڏا وڃي رَهَڻُ:** ڳري ڪندا ٿي وڃڻ — بيماريءَ جي ڪري تمام هيڻو ٿي وڃڻ — اڌ ساهہ باقي رهڻ.

- **کِلَ ج کِلون:** ث. ٺهڪڙو — ٺهڪ — ٺهہ ٺهہ — "ورسين وڃهوتو ڪاڻ، کَرسين کِلون پائيين"(شاهہ). مزو — قرارُ — آنند. ڇرچو — گهبو — خندو — چٿر — ٺٺولي — مذاق — ٽوڪ — خنده زني.

– **کِلارو ج کِلارا:** ذ. صفت. ظرف. ڪلائيندڙ — مزي جهڙو — ڪلائڻو — کل جهڙو — کل جي ڳالهہ. کلڻو — کلندڙ — مشڪندڙ — مرڪندڙ — کل منهون — خوش — سُهجو. جنهن تي کل اچي. بيهودو.

– **کِلَ خُوشِي ج کِلَ خوشيون:** ث. کل ڀوڳ — ڀوڳ شوڳ — ڇرچو — کل کاٻاري — رؤنشو — مزو — تماشو — محفل — مجلس.

– **کِل خوشيءَ ۾:** رضامنديءَ سان — ازخود — پاڻيهي — خودبخود — پاڻمرادو.

– **کِلڪارَ ج کِلِڪارُون:** ث. کل — گهٽي کل — کل جو آواز.

– **کِلَ ڪرائِڻ:** چٿر ڪرڻ — ٽوڪائڻ — (پاڻ تان ماڻهو) کلائڻ.

– **کِلَ ڪَرَڻُ:** ڇرچو ڪرڻ — مذاق ڪرڻ — چٿر ڪرڻ — ٽوڪ ڪرڻ.

– **کِلِکوج کِلِکا:** ذ. صفت. (زور سان) کِلَ ٺهڪڙو — ٺَهہ ٺَهہ — مُشڪ — ٻَهڪ — مُرڪ. ڳجهِي کِلَ — ڏَبيل ٺهڪڙو.

– **کِلَ کاٻاري ج کِلَ کاٻاريُون:** ث. کِلَ جي ڳالهہ — گهَبو — ڇرچو ڀوڳ — ڀوڳ شَوڳ — وندر. ٺٺولي — کِل — چٿر — مسخري. لاَڦ — لَباڙ.

– **کِل کِل:** کِلکو — ٺهڪ — ٺهڪڙو. مشڪل — مُرڪ — ٻَهڪ. ڀوڳ — ڇرچو. دوستيءَ جو ناتو — سڪ — آشنائي — محبت.

– **کِل مُکُ ج کِلَ مُکَ:** ذ. صفت. خَوش طَبَع — کِلَ مُنهن.

– **کِلَ مُکو ج کِلَ مُکا:** ذ. صفت. کِلَ مُنهن — کِل منهون — کلمک — ڀوڳائي — ڇرچائي — مُرڪڻو — مُشڪڻو — خوش مزاج.

– **کِل مُنهَن ج کِل مُنهَن:** ذ. صفت. مُشڪڻو — مُرڪڻو — خليق — رلڻو ملڻو — کِلڻو — خوش مزاج — خوش طبع.

– **کِلَ مُنهَون ج کِلَ مُنهان:** ذ. صفت. خوش مزاج — مُرڪڻو — مُشڪڻو.

• **كُـلاوَتُ ج كُـلاوَتَ**: ذ. مُنڍ– شروعات –ابتدا –اوائل –بنياد.

• **كَلائِڻُ**: مصدر. کَل لهرائڻ.

• **کِلائِڻُ**: مصدر. ٽهڪ ڏيارڻ –خوش ڪرڻ مشڪائڻ –مرڪائڻ.

– **کِلائِتو ج کِلائِتا**: ذ. صفت. کِلندڙ – مشڪندڙ – مرڪندڙ – موهيندڙ.

– **کِلائِيندَڙُ ج کِلائِيندَڙَ**: ذ. صفت. جيڪو ٻئي کي کلائي – خوشيءَ ۾ آڻيندڙ – مُرڪائيندڙ – مُشڪائيندڙ – مسخرو – ڀوڳائي – چرچائي – وندرائيندڙ – رَوُنشائي – عجيب – حيرت جهڙو.

• **کَلـهِلِي**: ث. ڦَڙڦوٽ – ٽاڪوڙو – ياڄ – هاءِ گهوڙا – مانڌاٽو.

– **کَلـهِلِي مَچِي وَڃَڻُ**: ڦڙڦوٽ پئجي وڃڻ.

• **کَلائِڻُ**: مصدر. کولڻ جو ڪم ڪرائڻ – کولرائڻ – کُل ڪرائڻ.

• **کَلتَرُ ج کَلتَرَ**: ذ. اسم. پراڻي جُتيءَ جو پادر – نوڳرو – گهيتلو – گُستر – سُکل موچڙو.

• **کَلعَرَ**: ذ. کلتر – جوتو.

• **کِلَ پَتِي**: کوڏين سان راند ڪرڻ جو هڪ قسم.

• **کَلِپَرُ ج کَلِپَرَ**: ذ. صفت. بي هِمتُ – ڪمزور – بزدل – گِيدي – ڊرپوڪ.

• **کُلِتُو ج کُلِتَا**: ذ. صفت. شِفافُ – ٻَکندڙ – اُوجل – نرمل – صاف.

• **کَلـَرُ ج کَلـَرَ(ث)**: ذ. جهيڙو – فساد – رڳڙو – ٽَنٽو.

• **کَل رائِي تَـرَ**: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه.

• **کُلور(ث)**: ذ. اُٺ جي پنڌ هلڻ جو هڪ نمونو.

• **کَلِريو ج کَلِريا(ث)**: ذ. تماڪ رکڻ لاءِ چَمَ جي ڳوٿري.

• **کَلـڙِي ج کَلِـڙيون**: ث. ننڍي مشڪ – سانداري.

• **کَلڦَرُ**: اسم خاص. بگٽي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **کَلڦورُ**: اسم خاص. ٻوٽي جو هڪ قسم جنهن جا پن ۽ ڪاٺيون دوا جي ڪم اچن – کلڦورو.

• **کَلَکُ ج کَلـکَ(ث)**: ذ. ڏاريو – اوپرو.

• **کِلکوڙِي ج کِلکوڙِيون (ل)**: ث. وڻن تي چڙهندڙ هڪ ننڍي جانور جو قسم – نوريئڙو.

• **کِل کِل**: گَهِپي – کل – کڙکڙ – کلکل – کروڌ. وسوسو – وهم – گمان.

• **کُلـَمُ کُـلا**: ذ. ظرف. ظاهر ظهور – پڌرو.

• **کَلَڻُ**: مصدر. جانور جي جسم تان کل لاهڻ – چمڙو لاهڻ – چوڙو لاهڻ. مارڻ – سٽڻ – کٽڻ.

• **کـلَڻ**: ث. اسم خاص. جوار جو هڪ قسم.

• **کِلَـڻُ**: مصدر. (سن. کَـکـکَ = کِلَـڻُ). ٽهڪ ڏيڻ –خوشي ڪرڻ –مرڪڻ – مشڪڻ –خوش ٿيڻ –سرهو ٿيڻ –راضي ٿيڻ –نهال ٿيڻ –ٽوڪ ڪرڻ –خندو ڪرڻ –چٽر ڪرڻ –ٽوڪبازي ڪرڻ.

– **کِلـَٽائي ج کِلـٽايُون**: صفت. خوشي – مزو – فرحت – وندر – رؤنشو – کل خوشي – رهسو (کِلڻ جي) عادت – مشڪ – مرڪ.

– **کِلٽو ج کِلٽا**: ذ. صفت. مشڪٽو – مرڪٽو – خوش طبع – هسٽو کلندڙ – کل منهون – خوش سُهجو – کلمک – کل منهن – کلائيندڙ – مزي جهڙو.

– **کـلِي کـلِي کيروٿيڻ**: تمام گهڻو کلڻ – کلي کلي ساٽو ٿيڻ.

• **کُـلَڻُ**: مصدر. (ف. کُشاده) پٽجڻ – کلي پوڻ – ٽڙڻ – مکڙي جو گل ٿيڻ. پڌرو ٿيڻ – ظاهر ٿيڻ – اُپٽجڻ. وڌڻ – ويجهڻ. ڳنڍ ڇڙڻ – رسي جو اُپٽجڻ. ويڙهيل شيءِ جو پڌرو ٿيڻ – روشن ٿيڻ – معلوم ٿيڻ – پڌري پٽ ٿيڻ – نظاري اَچڻ. ويڪرو ٿيڻ – ڪشادو ٿيڻ – ڦلهڙو ٿيڻ – ڇڙواڳ ٿيڻ – آزاد ٿيڻ. عالم آشڪار ٿيڻ – عالم ٿيڻ. خراب خوار ٿيڻ – ڏٽو ٿيڻ –کلڻ هاب ٿيڻ – ڦاٽڻ (ڏُکَڻ) – ظاهر ٿيڻ (لڄائي) – پڌرو ٿيڻ (ڀُڙ) – ظاهر ٿيڻ (ڳُجهُ) – ڳالهه واشگاف ٿيڻ. صفا ٿيڻ – صاف ٿيڻ – چڱو لڳڻ – نيڪ بيهڪ وڻڻ -- مٺو ٿيڻ (آوازُ) – سريلو ٿيڻ – چمڪڻ – چلڪڻ – تجلو ڪرڻ -- جوبن نکرڻ – نکار ڪڍڻ – (منهن ۾) لالائي اچڻ. شروع ٿيڻ – قائم ٿيڻ – سِٽڻ. اُپٽيل ٿيڻ – پٽڻ. خاموشيءَ بعد ڳالهائڻ. واءُ جو لڳڻ. آسمان ڦڪرو ٿيڻ.

– **کُلو پاٽِي**: پلر جو پاٽي – مينهن جو پاٽي (بمقابل ٻڌل پاٽي).

– **کُلئي منهن ڳالهائڻ**: ظاهر ظهور ڳالهائڻ – سنئين سڌي ڳالهه ڪرڻ – ٻه چاپڙو نه ٿيڻ – دل ۾ دغا نه رکڻ.

– **کُلِي پـوُڻُ**: راز ظاهر ٿيڻ.

• **کُلِيَلُ ج کُلِيَلَ**: ذ. صفت. اُپٽيل – پٽيل. ظاهر ظهور – پڌرو – ظاهر. ٽڙيل (گُلُ) – ڀري (ڪچهري) – عام (مجلس) – چالو (حسابُ). خلاصو – ڪشادو – وسيع ويڪرو – فراخ – موڪرو – چوڙو.

• **کِلِٽِي**: اسم خاص. زناني سٿڻ جي ڪپڙي جو هڪ قسم، جنهن تي ڦُلن جي نموني وانگر ٽِڙيل جدا جدا رنگن جا پٽا هجن جي گهٽا ڏسڻ ۾ اچن.

Gul Hayat Institute

• **ڪَلو ج ڪَلا:** ذ . (ڪَلَ = چم) جُتيءَ جو پادر — موچڙو — ڪِلتر— چَتَر— نُوڳرو— مارڪُٽ.
– **ڪَلا ڪائڻ:** موچڙي سان مار ڪائڻ — جُتيءَ سان مار ڪائڻ — موچڙا ڪائڻ — پادر ڪائڻ — جوتا ڪائڻ — نُوڳڙا جهلڻ — مار ڪائڻ — ڪُٽجڻ.
– **ڪَلا ڪَلا ڪَرڻ:** ٿورن دڙڪن سان ڪنهن کي ڏاڍائي ڪرڻ کان روڪڻ — دَٻائڻ— ڪاوڙجڻ.
– **ڪَلا هَڻَڻ:** موچڙي سان مارڻُ — پادر هڻڻ.
– **ڪَلو ڪَڻَڻ:** مڙسي ڪرڻ — زبردستي ڪرڻ — پڪائي شروع ڪرڻ — سختي ڪرڻ — ڏاڍائي ڏيکارڻ — دٻاءُ رکڻ — دڙڪا ڏيڻ — پختائي ۽ سختيءَ سان ڪم ڪرائڻ — ڄمت رکڻ ."ڪَڻُ ڪَلو تہ تئي پِلو "(مثال).
– **ڪَلو ڪُوهُ ۾ وجهڻ:** جهيڙو شروع ڪرڻ — جهيڙو جوٽڻ . نفاق وجهڻ — فساد ڪَرڻ.
– **ڪَلو ڪَلو ڪَرڻ:** گَدجي ڏنگائي کي روڪڻ.
• **ڪُلو ٽِي** : ذ . اسم. هڪ قسم جو ميوو. (صفت). وڏي پيٽ وارو. گهٽو ڪائيندڙ.
• **ڪِلوِل ج ڪِلوِل** : ذ . (ف. غلغله) غلغلو — غوغاءُ — هُلُ— گهمسان — خَچر ڪَلو — ڏَمچر.
• **ڪَلِي ج ڪَلِيُون** : ث . (سن. ڪل) پاڻيءَ جي سانداري — نندي حلال ٻڪر يا هرڻ وغيره جي ڪَلَ مان ٺهيل مشڪ — اوئِي.
• **ڪَلِيتو ج ڪَلِيتا:** ذ . اسم . چَمَ جي ڳوٿري — چمڙي جو ٺهيل ٿيلهو. ڪَل جو جُوتو.
• **ڪَلِيچِي ج ڪَلِيچِيُون(ٿ)** : ث . چَمَ يا اڳڙيءَ جي ڳوٿري.
• **ڪَلِيرَ ج ڪَلِيرَ(جبل)**: ذ . ڪرڙ — ڪريڙ.
• **ڪَمُ:** فعل ڪمڻ، مان امر — صبر ڪر — سَهہ.
• **ڪميا:** ڪانڌ — تِتڪشا — سَهن شيلتا — برداشت. اِمداد — مدَدَ .
– **ڪِمان ج ڪِمائُون:** صبر — تَحمل. ڪَميا.
• **ڪَماچُ ج ڪَماچَ:** ذ. ث راڳ يا راڳڻي جو نالو. (هڪ مَذرُ راڳڻي، جنهن ۾ سڀ شُدّ سُرُ ٿين).
• **ڪَماڻ:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهہ.
• **ڪُماڻَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڪَماءَ** — ذ. مُهلت — فُرصت — ويچو — عرصو.
• **ڪَمَتَ ج ڪَمَتُون** : ث . نياز نئڙت — تواضع. ڌيرج — ڪِميا — بُردباري.

• **ڪُمدَاڻُ ج ڪُمدَاڻَ:** ذ. فساد — جهيڙو.
• **ڪُمدَڻَ ج ڪُمدَڻُون:** ث. ڪاوڙ — شوخي.
• **ڪُمِرو ج ڪُمِرا:** ذ . (ف . خُمره= پيالو). ٺڪر جو ننڍڙو ٺِپو — پاڻي پيڻ لاءِ ٺڪر جو ڪُپو— آب خورو.
• **ڪُمِري ج ڪُمِريُون:** ث . اسم. پکي جو هڪ قسم. — ڪُمري.
• **ڪَمَڻُ:** اسم خاص. ماڻهو جو نالو (جيڪو ڪمي يعني سهي) مصدر. (سن. ڪشَمَ = سَهَڻُ). نمَڻُ— تحمل ڪرڻ — ڌيرج ڪرڻ — ٿامر ڪرڻ. ٿَمڻ — ٺهرڻ (ڪوڏر سان زمين جو ڪوٽجڻ. (ڪاٺڙ ڪيما ڪينڪين ٻنيءَ ٻوليون ڪن).
– **ڪَمَندَڙ ج ڪَمَندَڙَ:** ذ . صفت. ڌيرجوان — صابر — صبرائتو — ڌيرائتو — بُردبار. معاف ڪندڙ.
• **ڪَمَندَنَ:** صبر وارن.
"چورتہ لڳئي چاهہ، ڪم ڪندن ڪَنيو"(شاهہ. ڪلياڻ).
– **ڪَمِي ڪائِڻُ:** نئڙت سان وقت گذارڻ — نياز نئڙت سان رهڻ — حَلِيمائي ڪرڻ — هيٺاهين ڪرڻ — نرمائي ڪرڻ — سانتيڪي نموني سان هلڻ.
• **ڪِمِيا:** ذ . (سن. ڪشَمَ > ڪَشما= سَهَڻُ، پرا. ڪَما، ڇَما ) صبر— نياز نئڙت — سَهڻ. معافي — بخشش.
– **ڪِميا وانُ ج ڪِمياوانَ:** ذ. صفت. ڪَميا ڪندڙ.
• **ڪَن:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ.
• **ڪَنُ ج ڪَنَ:** ذ . (سن : ڪَنَب = پَجَڻُ). مانيءَ جو ٽڪر — ٽڪر — ٻور — ٻورو — ڀُيو — چوٿو — ماني وغيره جو اَڌ. (ظرف). اٽڪل — اندازاً — اٽڪل رُوءِ — لڳ ڀڳ — ڏاري — ٿورو اڳتي -- ٿورو پوءِ — قريباً (جيئن سؤ ڪَنُ يا سير ڪَنُ ). انگن جو ميڙ ڏيکاريندڙ عدد مثلاً ڏهاڪو ڪن — ويهارو ڪَنُ. وقت جو هڪ ننڍو انگ(پَلڪُ ۽ ڪنُ). (ظرف). ٿوري دير ۾ جهٽُ— جلدي. چنڊ جي پهرين تاريخن مان ڪو ڏينهن.
• **ڪَنَ ساعِتَ:** ٿوري دير — گهڙي — لحظو.
• **ڪُنِ(ل):** ث . اُها زمين جنهن ۾ پير اندر هليو وڃي — وارياسي زمين. مثلاً "رستي ۾ رڳي ڪُنِ آهي، گهوڙو تڪو هلي نٿو سگهي".
– **ڪُنُ ج ڪُنَ:** اسم خاص. سمنڊ جي مڇيءَ جو قسم.
– **ڪَناجُ ج ڪَناجَ(ت)**: ذ . صفت .نقصان — خرابي — خلم — ٽوٽو — ڇيهو.
– **ڪُنامُ ج ڪُنامَ(ت)**: ذ . صفت. (ف . خنام) فساد — جهيڙو — رڳڙو — جهڳڙو.

Gul Hayat Institute

– **ڪُهجي وِحَڻُ:** ڪٽي وحڻ.

– **ڪَهَرَ ج ڪَهَرُون:** ث. ڪير ڏيندڙ چوپائي (ل).

– **ڪَهِرُ ج ڪَهِرَ:** ذ. صفت. واچوڙو–طوفان.

– **ڪَهَرو ج ڪَهَرا:** ذ. صفت. ڪڙهڙيو – آڏ ترڇو – چِڙ ٻرڙ – هيٺ مٿي – ڏڏريل – لسو نہ – جاڏو (ڪپڙو) – سادو (ڪاڳر). ٿلهو – موٽو – اڻ گهڙيو – تيز – چالاڪ – هوشيار – فهيم – چست – جهاجهرو – ڦڙت – ڏُڪٽو – ٻاٽيا – جلد تپٽو – جل ڦتاڪو – ڪڙو تڙو. سنئون سڌو ڳالهائيندڙ. چيڙاڪ – نہ سهندڙ. آڪرو (سمنڊ). ڪچو (خاڪو). سوٽ – سخت – شوخ. ڪوڙو – ڪڙو – ڪسارو. بي سُرو (آواز). ڪڙهڙائتو. نج – نجو – صاف – شڌ – سُڌو – خالص – اصيل – چِند. ڪرو – تکو – سچو – چوکو. نهُورَ (زمين). اثرائتو. ڪارگر. ڪروڌي – جوشي – جوشيلو – جوش ڀريو – تامڙي – ڏمرائتو – ڪاوڙيل.

– **ڪَهَراڻ:** ث. ڪَهَرائي – لسائي جو ضد – نامُلائمي – ڪڙهڙ جي حالت – سخت. تيزي – چڙ.

– **ڪَهَرائي ج ڪَهَرايُون:** ث. صفت. سادائي – لسائي – جاڏائي – موٽائي – سختائي – ٿلهائي. ڪَهَراڻ.

– **ڪَهَرو ٿيڻُ:** جلدي ڪرڻ – ڪاوڙجڻ.

– **ڪَهَرو ڳالهائڻُ:** گرم ڳالهائڻ – ڪاوڙجي ڳالهائڻ. تکڙو ڳالهائڻ.

– **ڪَهِري ج ڪَهِرِيُون:** ث. صفت. سخت زمين. ڪَڏَ وانگر اونهو. چڪارو – لُعابي – گَپَ سان ڀريل.

• **ڪُهرو ج ڪُهرا:** ذ. نِڪر جو ٿانءُ جنهن ۾ ڪا شيءِ وجهجي.

• **ڪُهڙا:** اسم خاص. تعلقي گمبٽ (رياست خيرپور ۾) هڪ ديھہ جو نالو. هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڪَهڙو:** ذ. صفت. ٺِڳيل – اپو.

• **ڪِهہُ:** ذ. گِهہُ جو کَٽُ.

"آرو نارو سو تہ بلوچڪو بہ،
ڪاڏم اِهو ڪِهہُ ،بلوچاڻي بات جو" (آخوند).

• **ڪُهنبا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪُهنباڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (ڇرَجو ڪر ڪنڊڙ). تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديھہ جو نالو.

• **ڪُهنبڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪُهنبڙي ج ڪُهنبڙيُون:** ث. ڪجيءَ جي ذات (جنهن جو ڏونڪو ڪهنباڻي رنگ جهڙو ٿئي). ماڻهوءَ جي رت خراب ٿيڻ جي بيماري. (اسم خاص). هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **ڪُهنبو ج ڪُهنبا:** ذ. (سن. ڪُسُنبَ، ڪُنبَ = ڳاڙهو گُل) ڳاڙهي قسم جو ڪپڙو – رنگين ڪپڙو – سنهون چٽيل رنگين ڪپڙو – ٻانڌڻي – رنگ جو قسم – ڪُسمبي جو گل. ڪُڪَڙ جو قسم، جنهن جو رنگ ڪيسر (زعفران) جهڙو ٿئي (هن کي ڪيسر بہ چوَن). هڪ وڻ ، جنهن مان ڳاڙهو رنگ نڪري – جهنگلي زعفران.

– **ڪُهنباڻي ج ڪُهنباڻي:** ذ. رنگ ڏيندڙ – ڪپڙو رنگيندڙ – رنگريز – رنگ وارو – نيروٽي – نيرولي – ڪهنبا ٺاهيندڙ.

– **ڪُهنباڻي:** ڪُهنبي رنگ جهڙو – ڪُهنبو – رڱيل.

– **ڪُهنبي ج ڪُهنبيُون:** ث. لال ڳاڙهي رنگ تي زناني پوتي – ڪهنبي رنگ تي زناني پوتي – چادر. (صفت). ڳاڙهي – سرخ – لال.

• **ڪَهَنبڙي:** اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديھہ جو نالو.

• **ڪَهَڻُ:** مصدر. (سن. ڪَد = تڪليف ڏيڻ) اُچاٽڻ – ڪونسڻ – خار ڏيڻ – بغض ڪڍڻ – ضد پاڙڻ – دشمني رکڻ – خصومت رکڻ – وير رکڻ – عڪس رکڻ – ڇُرج بازي ڪرڻ – اچاٽ ڪرڻ – چُراند ڪرڻ – جهيڙي لاءِ سندرو ٻڌڻ – خواه مخواه جهيڙو اٽڪائڻ. لِڪائڻ. (ٿ).

• **ڪُهَڻُ:** مصدر. (سن. ڪش = گهٽجڻ – زوال ڪرڻ) ٽڪجڻ – ورچڻ – ڪُهجڻ – اولجڻ – هُٽجڻ – ڦڙھ تي پوڻ – ڪُڙجي پوڻ – چُڪي پوڻ – چُور ٿيڻ – ٽُٽجڻ – ٽَڪڻ – چَل تي پوڻ – ٽڪجي پوڻ – ساٽو تي ڪِرڻ – ماندو ٿيڻ – ڀڃي پوڻ. ڪُٽڻ – ڪُٽي پوڻ – ڪُٽجڻ – مفلس ٿيڻ.

• **ڪَهو ج ڪَها:** ذ. صفت. ڇُهو – جهَٽو – ڇوهو – جهُوٽو – جهَٽڪو – جهپاٽو – جهَلڪو – جهَڙپ. مَزو – حَظَ – رَسُ – شوق – لذت – چشڪو. واچَٽُ – مينهن جو طوفان – برف جو طوفان. ڪيڪڙاٽ. ڪڏ (ل). لوھ جو رنبو. (ل). ڪوڏر جهڙو اوزار (ڪوڏر کان ننڍو دِگهي ڳن سان). ڪَهِيڙُ – ڪهِيڙو. فصل، جنهن جو هڪ پاسو ڇڊو ۽ ٻيو پاسو گهاٽو ٿئي. (اسم خاص). هڪ نَئِنِ جو نالو.

• **ڪُهوءُ:** ذ. ڪوه.

• **ڪِهو ج ڪِها:** ذ. بنا پاڻيءَ پوک. ٻئي کي هٽائڻ جي حالت ۾ (ل).

• **ڪَهِوالي:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديھہ جو نالو.

– **ڪَهـوَرَ:** پنهنجي خيال سان سڌو ڊوڙڻ ۽ ڪو بہ خوف نہ ڪرڻ جي حالت.

Gul Hayat Institute

سان پرائي منجهس گاهه وغيره پيدا ڪرائجي، جا ڪيڙڻ جي لائق نه هجي.

• **ڪيجڙو ج ڪيجڙا:** ذ. ڪپت.

• **ڪيجڙو ج ڪيجڙا:** ذ. ارمان – ڏک.

• **ڪيجڙي (ٿ):** ٿ. ڪنڊي ۽ جو وڻُ.

• **ڪيجڙيو ج ڪيجڙيا (ٿ):** ذ. ڇيلو.

– **ڪيجڙيو ڪرڻ (ت):** ڀڪر ڪهڻ.

• **ڪيجو:** ذ. اسم. فساد – جهڳڙو – جهيڙو. وڏاءُ.

• **ڪيجهو:** اسم خاص. تعلقي اُباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪيڇَر ج ڪيڇَريون:** ٿ. اجائي مستي – ڪيڇل – ڪيڇلاڻ – حرڪت – ڇرچ – ڪوُنس بازي – حرڪت بازي – مسخري. خلق جو گوڙ (ت).

• **ڪيڇر:** ٿ. ڪيڇل.

• **ڪيڇَل ج ڪيڇلون:** ٿ. ڪيڇر – ڪيڇراڻ – ڪيڇرائي – ڪيڇلائي – ڪوُنس – حرڪت – ڇرچ – لڇائي – ڪوُنس بازي – شرارت – ڇرچو – حرڪت بازي – مسخري – مستي – لَڙ – اجايو گوڙ – پوڳ – هٽ چراند. خچر ڪلو – خلق جو انبوهُ – هنبوڇي – ٽينگ ٽپو – ڪونسٽائي. تڪليف – درد – ڏک – ارمان. (ل–ق).

– **ڪيڇلاڻ:** ٿ. ڪيڇر – ڪيڇراڻ – ڪيڇرائي – ڪيڇل – ڪيڇلائي – ڪونس – حرڪت – ڇرچ – لُڇائي – ڪونس بازي – شرارت – حرڪت بازي – مسخري.

– **ڪيڇَل بازي:** بي مزي لَڙ واري راند – مسخري.

– **ڪيڇَل ڪرڻ:** حرڪت ڪرڻ – ناز نخرو ڪرڻ.

– **ڪيڇلو ج ڪيڇلا:** ذ. صفت. حرڪتي – ڪونس ڦٽيو – سُک ڦٽيو – ڇترو – مستي خور – مستي ڪندڙ – ڪيڇل ڪندڙ – ڪيڇرو – درد سرُ – شرارتي – بي ڏينگو – بدفضيلتو – شرير – ڇلولو – هلڪي طبيعت وارو – منحوس.

• **ڪيڇ ج ڪيڇ:** ٿ. ڪَش – ڇڪ. (ت).

• **ڪيڇڻ:** مصدر. ڇڪڻ – ڪَشڻ.

– **ڪيڇو ج ڪيڇا:** ذ. چانورن جي اٽي جي ماني – ڍوڍو. ڪيسو. (ل).

– **ڪيڇيٺا:** ذ. صفت. تريل پاپڙ. چانورن جي اٽي ۾ مصالح ملائي، اُن مان ٺاهيل پاپڙ.

• **ڪيدَ ج ڪيدَ:** ذ. (ع. ڪَيد = ٺڳ. منڪر) عذاب – دولاب – دغا – ٺڳي – ڇَل – تَرڪٽ – گهاتُ – ڪوٽ – ڪَپت.

• **ڪيدرائي ج ڪيدرايون:** ٿ. مستانگي. (ت).

• **ڪيدروڳ:** ذ. ڏڍ – خارش – اُجا ڇتا.

• **ڪيدرو ج ڪيدرا:** ذ. صفت. اهنجائتو – تڪليف ڏيندڙ – پريشان ڪندڙ – حرڪتي – ڪيڇرو – ڪيڇلو – شرارتي.

– **ڪيدي:** صفت. رنجيده – ڪاوڙيل – ڏمريل. خار کاڌل – تَپندڙ – جوشيلو – زود رنج.

• **ڪيدو ج ڪيدا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم – بُلبل جو هڪ قسم – ڪَراڙو پکي (خاص ڪري بلبل. جا هين پکين کي ماري ۽ هڪالي ڪڍي). بيوقوف – اڍنگو – ڏڏ – بي عقل – مورک – ڪيڇلو – مست. (ت).

• **ڪيدي واري:** اسم خاص. تعلقي گهوڙا باريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ ڪاري جو نالو. ڪناري واري گهار.

• **ڪيڏَ ج ڪيڏَ:** ذ. (ع. ڪيدُ) دشمني رکڻ جي حالت. (ٿ).

• **ڪيڏ ڪَر:** اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪيڏڻ:** مصدر. (سن. ڪينَرَ = ڪيل، ڪيل، ڪيلن. ڪيڊ. پرا. ڪيلنڪن = راند ڪرڻ) راند روند ڪرڻ – راند ڪرڻ – راند رهڻ – ڪُڏڻ – رَوڻُ.

– **ڪيڏَ ج ڪيڏوُن:** ٿ. راند – ڪيل – بازي – رَوُنشو – تماشو – اٽڪل بازي – فَنُ – حرفت – هَٽ جي چالاڪي – حرڪت بازي – مستي – لَڇائي – چالاڪي – ڍنگ – تَلَ – تجويز – رَمز. فريب – ترڪٽ – فندُ – گوهي – ڦُرتي – ڦَندُ – لَٽڪو – ڇيٽڪ – ناٽڪ – چَلَت. اُپاءُ – وَجهُ – بِلو – چاڳ. ناز.

– **ڪيڏارُ ج ڪيڏارَ:** ذ. صفت. ڪيڏاري – رانديگر. تيز فهم – حوصلي وارو.

– **ڪيڏاري ج ڪيڏاري:** ذ. صفت. رانديگر – هنرمند – ڪاريگر – ڪرتبَ ڄاڻيندڙ – بازيگر – اُستاد – هنري – ڪيڏباز – ڪيڏ ڪندڙ – حرفتي – اٽڪلي – رمزي. سياڻو – سمجهو – پڪو – هوشيار – چالاڪ – ڄاڻو – مانجهيڙو. ٽپٽائي – جواري.

– **ڪيڏائڻ:** راند ڪرائڻ – ڪُڏائڻ – چالاڪي ڪرڻ.

– **ڪيڏباز ج ڪيڏبازَ:** ذ. صفت. چالاڪ – حرفتي.

– **ڪيڏ ڪرڻ:** اٽڪل ڪرڻ – چالاڪي ڪرڻ.

– **ڪيڏلو ج ڪيڏلا:** ذ. صفت. چالاڪ – سياڻو – هوشيار.

• **ڪيڏون:** راند جو بال – ڪينهون – ڪينهوڙو.

– **ڪيڏوڙو ج ڪيڏ وڙا:** ذ. صفت. ٻارن جو رانديڪو – ڪينهوڙو – ڪينهون.

– **ڪيرَ ج ڪيرو ن:** ٿ. (ف: شيرُ = ڪيرُ) – مبارڪ – مبارڪبادي – ڪيرون – مبارڪون – وڌائي – ڍُهل جي

Gul Hayat Institute

– **کيرَ ۾ وڏَنتووڃڻُ:** کير ۾ سباڻ وجهڻ.

– **کيرڙي ج کيرَڙيون:** ث. کير چانورءِ کنڊ ملائي، اُن مان ناهيل کاڌو – کير ۾ رڌل چانور – کير ۽ چانورن وارو پَتُ – کير ۾ رڌل پَنڙا چانور – فيرڻي – ڦيرڻي.

– **کيرُ وهي پَتَ ۾ پوڻُ:** ساڳي ڳالھ ٿيڻ سَبَنديءَ کي فائدو ٿيڻ – ساڳيو فائدو ٿيڻ.

– **کيري :** کير ڏيندڙ – کير واري – کيريتي. سنهڙن ڏندن واري (اصطلاحن ٻلي).

– **کيريتو ج کيريتا:** ذ . صفت. کير ڏيندڙ – سُوئا – کاهَرَ – کيريتي – ڏوهلو. ٿڃ شريک ڀاءُ. (ت) – ڪنهن ٻئي جي ماءُ جي ٿڃ تي پلجڻ وارو – ماٽيلو. (ٿ. صفت. کيريتِي ج کيريتيون) ماٽيلي.

– **کيريتو ڀاءُ:** ٿڃُ شريک ڀاءُ.

– **کيريتو ڏَندُ:** اُهي ڏند، جي ٻار کي اول اول نڪرندا آهن.

– **کيرپٽو:** ننڍو ٻچو، جنهن مان کير جي ٻانس اچي – کيرپٽاڪ .

• **کيرا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **کيراتيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **کيراجَ:** اسم خاص. تعلقي پَنوعاقل ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **کيرال:** ول جو هڪ قسم. (اسم خاص). تعلقي سجاول ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **کيرائو ج کيرائا:** ذ . زرُهَ ڀهريل ماڻهو.

• **کيرائي ج کيرائيون:** ث. نندائپ.
"کيرائي جو خيال ڪري متان حرف ڏيو هوتن".

• **کيرَترائي:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **کيرٿر:** اسم خاص. سنڌ جي اَلهندي طرف وارن جبلن جي قطار جو نالو . جبل جو نالو(توُنگ وتان ٻارڻ لڳ جبل). ماڻهوءَ جو نالو ( ڪ).

• **کيرَ ڀِهي جاگير:** اسم خاص. تعلقي بدين ۽ تعلقي ٽنڊي باگي ۾ ديهن جا نالا.

• **کيرڙي ج کيرڙيون :** ث . هڪ خوشبوءِ دار ول جو قسم.

• **کيرسال:** دوا جو هڪ قسم.

• **کيرسر:** اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ ۽ تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ديھ جو نالو. گهوڙا ٻاريءَ جو هڪ ڳوٺ.

• **کيرسَر اُتروارِي:** اسم خاص. تعلقي گهوڙا ٻاريءَ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **کيرسَر ڏکڻ واري :** اسم خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **کيرسَري :** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **کيرکَپَ:** اسم خاص. وَس تي. ٿر ۾ ٿيندڙ هڪ ٻوٽو.

• **کيرَلَ:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **کيرَلَ:** ٿ. ٻوٽي جو هڪ قسم. (پاڻي وارين جاين تي زمين تي چٽ هٽي ، گل ڳاڙها، پنن ۽ ٽارين ۾ کير ٿئي). هڪ پسارڪو وکر، جو دوائن ۾ ڪم اچي.

• **کيرڻ:** مصدر. اُٿيل پنجهو کي ٻارين ۾ پٽارڻ – ٻارين کي پوک لائق ڪرڻ لاءِ اُن مان ڏانداري سان پتر ڪڍڻ – اَڏَ کي کوڏر سان صاف ڪرڻ (ت). کيرائڻ(ٿ).

• **کيرَڻُو:** اسم خاص. وڻ جو هڪ قسم.

• **کيرڻي (ٿ).** ٿر ۾ ويڙهي جهپ جي پاسي دال کي چوڻ. کيرول وَل.

• **کيرو ج کيرا:** ذ . صفت. لُولو – لنگڙو – پنگلو. هيڻو – ضعيفت – نستو – لاغرُو – هڏَ هيڻو – ڪمزور – بي زور – بي طاقت – بي ستو – هَج . شل – بيهوش – نيم بيهوش – ساٿو. بيزار.(ل).

– **کيرو ڪَرڻُ:** ٻيڙيءَ کي واءُ سامهون وجڻ کان ٿورڙو موڙڻ (ڪ). ماري ماري ساٿو ڪرڻ.

• **کيرو ج کيرا:** ذ .(سن : ڪشير. ڪشيرُ)وهڻ جي ڪاڏي لاءِ ڏنل سائي ٻاجهر يا جوئر وغيره – اُهو سنگ جنهن ۾ کير آيل هجي – ڪچڙو آيون – سنگن جو ڪچو اَنُ. کير پياڪ – ڪچڙو – ڪچو – ننڍڙي عمر وارو – ڪنهن بہ وهٽ جو اُهو ننڍو ڦر جنهن جا ڏند نہ نڪتل هجن – وڇيرو – بي ڏندو – ٻهرين سال جو ڦر. کير واري شيءِ. مبارڪي ڏيندڙ – خوشيءَ جي خبر ڏيندڙ. ٻلي جو قسم – بنا آنيءَ پلو – کيرو پلو. ٽاندو (ٿ). ( ع. خِيارَ= ونگو). ونگو.

– **کيروپلو:** اُهو پلو، جنهن ۾ آني نہ هجي – نريلو.

– **کيروسنگ :** ڪَچو سَنگ .

– **کيروويرو:** ذ. صفت. پنگلو – مست. ضعيف.

– **کيري ج کيريون :** ث. ٻن سالن جي مينهن يا ڍڳي وغيره – ننڍي، ڪَچي، جنهن ڏند نہ ڪڍيا هجن.

• **کيرپتارو:** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **کيرولَ ج کيرولُون :** ث . ميوه دار وڻ جو هڪ قسم.گاهه جو

Gul Hayat Institute

• **ڪِينيڻ(ل)**: مصدر. زور لڳائڻ – هٿ ڪس ڪرڻ.
• **ڪِينتَلَ(ٻيلا)**: ڪرتلو. ٽيڙناڙي – وسد وسلا.
• **ڪِينٽيا(ٿ)**: چانورن جي رَڻَن جا سنهڙا لولاجي پاپڙن وانگر ٿين.
• **ڪِينجهُو ج ڪينجها(ٿ)**: ذ. نديءَ جي ٻيٽاريءَ ۾ ڪنهن وڻ جو اپريل ٽُڙ– پاڻي جي وچ ۾ دڙيون ۽ لاهه – پاڻي– ڪٽُ– بندي. خراب – گندو – ڦِڏو – محتاج – گهرجائو – ضرورتمند.
• **ڪينچَلُ ج ڪينچَلُون**: ث. مستي – حرڪت.
• **ڪِينچڻُ**: مصدر. (ف. ڪَش = ڇڪڻ). ڇڪڻ – ڪشڻ – ڪڍڻ – سوڙهو ڪرڻ. ڇڪي مٿي ڪرڻ – ڇڪي ٻاهر ڪڍڻ. مدغم ڪرڻ – جذب ڪرڻ. پڪيڙڻ – ڪشادو ڪرڻ. ڏاڍو ٻڌي ڇڏڻ. ڪل ڇڪي لاهڻ.
– **ڪِينچُ ج ڪِينچَ**: ث. ڪش – ڇڪ. ڪيڻ.
– **ڪينچِيلُ ج ڪِينچِيلَ**: ڇڪيل – ڪشيل – ٻڌل.
• **ڪينڊو ج ڪينڊا**: ذ. مُٺ وريل ڏنڊو (ل). فساد – جهيڙو – گوڙ (ٿ).
• **ڪَينسڻُ**: مصدر. هٿا پائي ڪرڻ – ڪونس ڪرڻ – هٿ چراند ڪرڻ.
– **ڪَينس َ ج ڪَينسُون**: ث. هٿ چراند – ڪيچل – حرڪت – مستي. جوابداري.
• **ڪِينڪارَڻُ(ڪ)**: مصدر. خوش مرحبا ڪرڻ – گڏجڻ.
– **ڪينڪارَ ج ڪِينڪارُون**: ث. خوشيءَ جي خبر ونڌ.
• **ڪِينڪِي(ل)**: ث. هيچ – سَڌَ. ”تنهنجي اها ڪينڪِي ٿوري وقت ۾ لهي ويندي“.(جملو).
• **ڪِينڪَل(ٿ)**: ذ. ٿڪل – اَيرو – ضعيف.
• **ڪِينگهو ج ڪِينگها(ڪ)**: ذ. پٽڙو – پاڻي جهڙو. ڦنگو.
– **ڪِينگهو پاڻِي**: بلڪل پٽڙو – ڦنگو.
• **ڪِينو**: ذ. ڪينهو. پرت جو هڪ قسم.(ٿ).
• **ڪينِهُو ج ڪينِها**: ذ. ڪينهوڙو – ڪينهون – ڏڙهو – رانديڪو.
• **ڪِينهوڙو ج ڪينهوڙا**: ذ. ڪينهو.
• **ڪِينِهون**: ڪينهوڙو.
• **ڪِينيَڻُ(ل)**: مصدر. ڪيئن هجڻ – خوش ٿيڻ – راضي ٿيڻ – پرسن ٿيڻ – ڪائڻ – ڪاج – ڪاڌو.
– **ڪَيڻُ**: ذ. ڪيڻ – ڪاڌو – طعام – خوراڪ – ماني روٽي – چوڳ – چوڳو – چوٽو – چارو – آذقو – توشو.
– **ڪيڻَ**: ڪاڌو – طعام. ڪِنوڻ – وڄ – بجلي (ٿ). ڪاڌو – طعام.
• **ڪِيڻُ ج ڪِيڻَ**: ذ. صفت. (سن. ڪشيڻ) ڏٻرو – ڳريل – هيِٺو – ڪمزور – اڀرو – پوٺو – ڪڙنگ – لاغر – ڍانگ – رڳارو – لِزُ – بيمار ٿڪل.
• **ڪيٽائِي**: پاڻي ءَ جي پرسان رهندڙ – جهنگ جي ڪڪڙ (ڪارو رنگ، ڪائڻ ۾ لذيذ).
• **ڪِيٽِي ج ڪِيٽِيون**: ث. ڪِيرڙي – ڪيرءِ چانور، ڪنڊ ۾ رب وانگر رڌل.
• **ڪيو ج ڪِيا**: ذ. صفت. نشي ۾ – مستانو – مگهن – مخمور.
• **ڪيهہَ ج ڪيهُون**: ث. ڪهہَ – دَزَ – لَٽَ – مِٽِي.
”ڪُهِج تہ اجها ڪيهہ، ڪُردپس گنگن جي“. (شاهہ).
– **ڪيهُوارَ(ٿ)**: اُڏامندڙ واري يا مٽي.
• **ڪِيئَن**: ث. ظرف. ڪينئن.
• **ڪيئُو ج ڪِيئُا(ڪ)**: ذ. پِسُ.
– **ڪِييءَ**: ث. ڪينئن – مبارڪ بادي – واڌائي – ڪيرون. خوشي.

Gul Hayat Institute

# ڳ

ڳ: ذ. سنڌي الف، ب جو ۴۱ (ايڪيتاليهون) اکر. فارسيءَ جو چويهون. ابجد موجب سندس عدد ويهه. ڪاف عجمي يا ڪاف پارسي.

• **ڳاءِ ج ڳائُون (ٿ)**: ٿ. ڳئُون — ڏڳي.

• **ڳاءُ**: ذ. هٺ — غرور "ڳيرب ڳاءُ".

• **ڳابَرَ**: اسم خاص. تعلقي ميرواهه (ضلع خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو. مرد ماڻهو جو نالو.

• **ڳابِرلو**: اسم خاص. تعلقي ڊگهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳابڙو**: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳابَڙِي ج ڳابڙِيُون (ٿ)**: ٿ. راند جو هڪ قسم.

• **ڳابو ج ڳابا**: ذ. (سن. ڳو) ڳئونءَ جو نرَ ڦرَ — ننڍو وهڙو. (ٿ. ڳابِي ج ڳابِيُون).

– **ڳابارُ ج ڳابارَ**: (ڪ) ذ. صفت. ڳابا چاريندڙ — ڳابا پاليندڙ — ڳابا رکندڙ.

"ڳابارَ ڳابا ڏهرا، هيڏي سائي ڳاهه!".

– **ڳابَٽُ ج ڳابٽ**: ت. ٿ. صفت. ڳابڙو يا ڳابڙي.

– **ڳابِرُ ج ڳابِرَ**: ذ. صفت. ڳابا چاريندڙ — ڳابا پاليندڙ — ڳابارُ.

– **ڳابو ج ڳابا**: ذ. ڳئُون جو ننڍو نر ڦرُ. (ٿ. ڳابي ج ڳابيون).

• **ڳابو پٽ**: اسم خاص. ڪراچي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳابيڳنڍُ ج ڳابيڳنڍيُون**: ٿ. هڪ ڳنڍ جو قسم — ڳنڍ ڏيڻ جو هڪ نمونو — وَڪڙُ.

• **ڳابِيو ج ڳابِيا (ڪ)**: ذ. ڪاري جي ٻيڙيءَ جي وڏي سڙهه جي مٿان چاڙهيل ٻيو سڙهُ.

• **ڳاٽاڻِي**: اسم خاص. هڪ ذات (درڪاڻي بلوچن جو قبيلو).

• **ڳاٽَرو ج ڳاٽَرا (ٿ)**: ذ. ڏاڪڻ جو ڏاڪو. ڏاڪائين دروازي جي وچ ۾ ڏڪن جي جهل لاءِ لڳل ڪاٺ جي پٽِي. پاچاريءَ جي وچ وارن ٽنگن ۾ وجهڻ لاءِ ڪاٺي — ڳاٽو.

• **ڳاٽُ ج ڳاٽَ**: ذ. غُرور — فخر — ڏانءُ — ڦُنڊ — دماغُ — هَٺُ — وَڏن ءُ — مغروري — وڏائي — تڪبر — گهُمَنڊُ. ڳاٽ.

– **ڳاٽ نَہ ڏيڻُ (ت)**: غور نہ ڪرڻ — ڌيان نہ ڏيڻ — ڪنهن کي موجود نہ سمجهڻ — پنهنجي ٽنڊ ۾ هجڻ — دماغ رکڻ — خيال ئي نہ ڏيڻ.

• **ڳاٽ ج ڳاٽُون، ڳاٽيُون**: ٿ. (سن. گهرش = ڳاس) ڪن بہ ٻن شين جي گسڻ واري حالت — ڳاس — ڳهڪو — گِسَڪو — رَهٽو. ڪن بہ ٻن شين جي گسڻ ڪريَ ٽيل نشان — سَنڌو — چٽو — داغُ — نشاني — ڪڪر — رندُ — ڳاٽو — ٽڪو — آڪُ. ٻچَ ٻور — ٻِڳَ ٽوٽ — چِٽرَ. ٿُلهي اٽي جي رَبَ — گِسَ. ڏارو — ڏريو.

– **ڳاٽَ پَوَڻُ**: ڳاس ٿيڻ — ڳاٽو ٿيڻ — داغ ٿيڻ — نشان ٿيڻ — چٽو پَوَڻُ — سنڌو ٿيڻ — ڪڪر پَوَڻ.

– **ڳاٽو ج ڳاٽا**: ذ. صفت. گَسڻ واري حالت — گِسڪو — گَهٽو — رَهٽو — ڳاٽَ — ڳَهڪو.

– **ڳاٽوڙ**: اسم تصغير. ڪنهن بہ شيءِ جي گَنَل جاءِ يا گَنل هنڌ وغيره جو نشان — چِٽو.

• **ڳاج ج ڳاجُون**: ٿ. صفت. (پرا. گِجها = گجگوڙ. سن. گجِي = گجگوڙ. سن. گَرج = گَجَڻُ) گَجِي — ڦِيڻ — جهاڳ — ڳِڦَ. برساتي ڪڪرن جو آواز — گَجڪار — گَرجُ (سم). هڪ قسم جو تيلي ٻج — سرنهن. (ٿ). ٻڪريءَ جو هڪ قسم (رنگ جي ڪاري، پر ڪَنَ اڇا). هڪ سنهي پر ٻرت ٻريل ڪپڙي جو قسم. (اسم خاص). هڪ نئن جو نالو.

– **ڳاجِڙِي ج ڳاجِڙِيُون**: گجگوڙ — گوڙ — گجڪار — گَرج — گَرجَنا.

– **ڳاجُون ڪَرَڻُ**: زور سان ڳالهائڻ — ڏاڍيان ڳالهائڻ — رڙين وانگي ڳالهائڻ.

• **ڳاجارو**: اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

– **گاڏهي ج گاڏهي** : ذ . صفت. گڏه هڪليندڙ – گڏه وارو – گڏه چاريندڙ – گڏه پاليندڙ – دايو.

• **گاڏهي** : اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ڪڪڙ تعلقي خيرپور ميرس ۾ ديهن جا نالا.

• **گاڏهي سيٺر**: اسم خاص. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **گاڏئون ج گاڏئان** : ذ . صفت. گاڏڙُ – گڏيل – مليل – ملاوتي – مڪسچرُ – ميلُ – ملاوت ٿيل – مُرڪب – گاڏڙ ساڏڙ. (انگ ). مڪسچر.

• **گاڏي ج گاڏيون** : ث . ڇڻن يا ٻن ڦيٿن سان ڪاٺ جو ٺهيل خانو –(سواري يا بار رکڻ لاءِ) ڪاٺ جو ٺهيل ڇڪڙو جنهن کي ڏاند ڇڪين – بار ڪڻڻ لاءِ سواري – رٿ – ڇڪڙو– ريڪڙو – سواري – واهڻ – وهٽ – منجولي – بگي – ٽانگو. (انگ). ريل ٽرين. (اسم خاص). ٿر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات.

– **گاڏي جوٽڻُ**: گاڏي هڪلڻ لاءِ گاڏيءَ ۾ وهٽ ٻڌڻ – گاڏي ٻڌڻ – گاڏي تيار ڪرڻ .

– **گاڏيرَ ج گاڏيرَ**: صفت. گاڏيوان – گاڏيءَ وارو – گاڏي هلائيندڙ.

– **گاڏي ڪاهڻُ**: گاڏي هڪلڻ – گاڏي وهائڻ – بيل گاڏي رستي مزوري ڪرڻ – گاڏي ڪمائڻ. گاڏي جوٽڻ – گاڏي تيار ڪرڻ.

– **گاڏي والَ ج گاڏي والَ** : ذ . صفت. گاڏيءَ وارو – گاڏيرُ.

– **گاڏيوان ج گاڏيوانَ** : ذ . صفت. گاڏيءَ وارو – گاڏيرُ– گاڏي هلائيندڙ – گاڏي وهائيندڙ – (انگ). ڪوچمين. (اسم خاص). هڪ قبيلي جو نالو.

– **گاڏي هلائڻُ**:گاڏي واهڻُ– گاڏي ڪمائڻ – گاڏي ڪاهڻ – گاڏي هڪلڻ.

– **گاڏيٺرَ ج گاڏيٺرَ**: ذ . صفت. گاڏي وارو – گاڏيوان – گاڏير – گاڏي هڪليندڙ.

– **گاڏيٺڙو ج گاڏيٺڙا**: ذ. صفت. ننڍڙو گاڏو – گاڏڙو – هٽ گاڏو.

• **گاڏيرَڻَ**: اسم خاص. هڪ پکيءَ جو قسم.

• **گاڏيرو ج گاڏيرا (ت)**: ذ . صفت. ٻُت ۾ پريل – چوٻڪو – سَٽرُ وَٽرُ– مٽڪو– گاڏيلو. ٽُلهو – ڏيمڳُ– متارو – موٽو. (ت. گاڏيري ج گاڏيريون ).

• **گاڏيل ج گاڏيلَ** : ذ . صفت. گڏيل – مليل – ملاوت ڪيل – ملاوتي – رليل – گاڏڙ – گاڏئون.

• **گاڏيلي ج گاڏيليون (ٿ)**: ث . ٻير جو هڪ قسم – برسات جي وقت ڪارن ڪڪرن جي اڄ وڄ. چوپائي مال جي اڄ وڄ جو رستو – گسُ– چارو – پيچرو. (صفت). قداور بت ۾ پريل زال. بت جي سهڻي زال.

• **گاڄو ج گاڄا (ڪ)**: ذ. ريڍو مالُ.

• **گارَ**: (ف). اسم فاعل جو معاون – اسم فاعل ٺاهيندڙ لفظ جي نشاني – مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ . (جيئن ته خدمتگار، گنهگار، مددگار، روزگار وغيره).

• **گار ج گاريون** : ث . (پرا. گريها، سن. گهيا، گال = گار). بدالفاظ – بدسخني – گندو ڳالهاءُ – گندي زبان – ڪنا لفظ – فاحش زباني – خراب – فاحش ڳالهاءُ – بدشد – بدسخن – بري ڳالهه – شرم جي ڳالهه – بي عزتي جو ڳالهاءُ – بي حرمتيءَ جو چوڻ.

– **گار ڏيڻ** : بد الفاظ چوڻ – بدسخن ڳالهائڻ – بدڪلامي ڪرڻ – فاحش ڳالهائڻ.

– **گارين جي ڳٽي ٻَڌي ڇوڙڻ (ت)**: بي انداز گاريون ملڻ – تمام گهڻي بدڪلامي ٿيڻ.

• **گـَارِ**: ث . غار جو عامي اُچار.

• **گاردُ ج گاردَ**: (انگ. گارڊ = پهريدار). پهريدار – نگهبان – راکو – رکوالُ – چوڪيدار – محافظ – سپاهي. لشڪر جي چوڏاري گشت ڪندڙ يا پهرو ڏيندڙ هڪ ٽولي – چونڪي – سپاهين جي رهڻ جي جاءِ. ريل جو محافظ – ريلوي ٽرين جو نگهبان.

• **گارو ج گارا**: ذ . صفت. جاءِ ڪي راڱڻ لاءِ پسايل مليل مٽي – ليپي لاءِ ملايل مٽي – پنل پنجهو – لِڏ . ڪک ۽ مٽيءَ مان ٺاهيل راڱو. چڪڙ – راڳو – ڪهگل – ڪِچڻ – راڱو.

– **گارو ڪرڻُ**: مٽيءَ سان ٻهه يا ڏڀ ملائي ليپي لاءِ گپ ڪرڻ – مٽي پٽڙي ڪرڻ – مٽي ملڻ.

• **گاروڙي ج گاروڙي** : ذ . صفت. نانگ جي ڇڪَ تي جهاڙون وجهندڙ. جهاڙو پاڙهو پڙهندڙ – وڏو ماندو (مانڊري). نانگن ڪي منڊ هڻي جهليندڙ – نانگ جهليندڙ. نانگ ڪي ريجهائيندڙ – نانگ پاليندڙ (صفت). حرفت دار – رَمزيل. حد کان وڌيڪ نشو واپرائيندڙ – گهڻو نشو وٺندڙ– نَشو واپرائيندڙ – گهاٽو دوست – يارُ – سڄڻو (ت).

• **گاريون** : اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **گاڙَ ج گاڙوُن (ڪ)**: ث . گگر جي وڻ ڪي کهاڙيءَ جي ڏڪَ سان نڪتل رَسُ.

• **گاڙڪ**: اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **گاڙڻُ (ل)** : مصدر. چوپائي وهٽ ڪي ڪنهن بيماريءَ لاءِ وات کان تيل وغيره نائڻ – ڏڪُ وجهڻ. (گاڙيو – گاڙيندو – گاڙيلُ).

Gul Hayat Institute

• **گاڙو ج گاڙا (ت)**: ذ . صفت. تڪليف — ڏکُ— درد سري — اهنج — جاکوڙو. فساد — جهيڙو — خرابي — وڳوڙ — جهڳڙو.

• **گاڙيتُ ج گاڙيتَ**: ذ . ٻيڙي جو هڪ قسم. وڏو هوڙو. گهاڙيت.

• **گاز ج گازيُون** : ذ ڪينچي — مقراض — ڪتر — ڪاتر .(اسم خاص). هڪ گاهه جو قسم.

• **گازبانُ ج گازبانَ**: ذ . (ف. گاؤزبان) هڪ ٻوٽيءَ جو نالو — دوائن ۾ ڪم ايندڙ گــُـل جو قسم — گل گاؤزبان.

• **گازرُ ج گازرَ**: ذ . صفت. (ف. گازر =ڌوٻي) اُجوري تي ڪپڙا ڌوئيندڙ — پَرٽُ — پَريٽ — رَحڪُ— ڌوٻي — ڪـَـنـي.(انگ). واشنگ وارو.

• **گازمان ج گازمان** : اسم خاص. هڪ ٻوٽيءَ جو قسم (جنهن ۾ مکڙجي ٽنگن جهڙا ننڍڙا ڪنڊڙا ۽ پيلا ٽِن ٽين).

• **گازي** : ذ . صفت. غازي جو بگڙيل اُچار.

• **گاسَ ج گاسُون** : ث .(سن . گــَـهرش= گاٽ) ٻن شين جي گَسڻ واري حالت — گاٽ — چِٽر— گهاسَ. گهاٽو — نقصان — گاسو.

— **گاسِ ٻيس ج گاس ٻيس َ(ل)**: ذ . صفت. ٻن شين جي گَسڻ ڪري ٽيل خراب — گاٽ — گـَس َ گـَسان.

— **گاسو ج گاسا** : ذ . گهاٽو — نقصان — ڇيهو — ٽوٽو — ضَرر — ڇَٽي — هاڃو — ڪَس — هرجو — زيان — ڀَڳ ڀور — تاوَڻُ.

• **گاستيل ج گاستيل َ(ٽ)**: ذ . ٻـَتين ٻارڻ يا ٻاهه وغيره ٻارڻ جي ڪم ايندڙ هڪ تيل — مِٽيءَ جو تيل. گاسليٽ.

• **گاسليٽُ ج گاسليٽَ**: ذ . (انگ . گَئس + لائيٽ) گَئس وارو تيل — ٻرندڙ پاٽياٺو جِسم — (جو پاٽيٽ تي بـَتين جي ٻارڻ جي ڪم اچي) گاسُتيل — مِٽيءَ جو تيل.

• **گاسَڻ**: ث . اسم. لاڏين يا چونرن وغيره جي ڇتين ٺاهڻ لاءِ ڪم آندل گاهُ. ڪَک، ڪانا وغيره. مِٽي پاٽيءَ جي ٻيڙيءَ جو هڪ قسم. (صفت). گولائي — گهيرو — چَڪَر — وَرُ— ڦيرو.

— **گاسَڻُ ڪَرَڻُ**: هَري هَري (اڳلي جي) دل وٺڻ. ڳَـٽـنَـڻُ(پاڻ ڪرڻ). ڪندو ڪيڻ (جـُتي مان). هٽي ڏُٽي تجويز سان پيد ڪيڻ — منجهه ڪيڻ. سوڙهو سنگهوڙو تي لنگهڻ.

• **گاسو**: فعل "گسڻ"مان اسم . ڪَسُ ڪائڻ. "گاسو خاصو آهي".

• **گاشو ج گاشا**: ذ. اسم (ف. غاشيہ = ڍڪ). اُٺ جي پاکڙي يا گهوڙي جي هني مٿان چڙهي ويهڻ لاءِ رکيل گدِي يا ڪو ڪپڙو — غاشو.

• **گاڪُ ج گاڪَ(ٽ)**: ذ . ٽـُنگ — سوراخ — (سئي جو) پاڪو.

— **گاڪو ج گاڪا (ٽ)**: گاک — پاڪو.

• **گاگِرائڻ٢(ڪ)**: مصدر. بنا داغ جي تمام گهٽي شوروي سان گوشت رڌڻ — اُنگهي پاڻيءَ ۾ گوشت رڌڻ. گاگرو: گاگڙو.

• **گاگڙا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **گاگِڙو ج گاگڙا**: اسم . (پرا: گهوليئہ : سن . گهڻ = چنڊڻ). تيلين ۽ ڪپڙجي ڪائين مان ٺهيل اَنُ وائرڻ لاءِ وڏو ڇڄ — سُپ — لغڙ — پتنگ (ڪاغذ جو). هوا — واءُ.

• **گاگـــنُ**: ذ . اسم خاص. مگرين جي قبيلي جو هڪ وڏو پاڙو(اسم خاص). ماڻهو جو نالو.(ف) مينهن (جانور).

• **گاگن گوري** : پيچندڙ.

"اڳيان گڏبـئـِي گاگن گوري ".

• **گاگنائو**: اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **گاگهائِڻ٢(ل— ڪ)**: مصدر. گهاگهائڻ — للڪار ڪرڻ — ٻولائڻ — هوشيار ڪرڻ — للڪارڻ. دل جهلڻ (گاگهايو — گاگهائيندو).

• **گاگهر**: صفت. وڏي ڄاڻ ۽ اٽڪل وارو.

• **گاگهـَرِ ج گاگهـَرون** : ث . ٽامي يا پتل جي ڇوِنري — موريو — گَڳـَرُ— گَگهـَرَ — گهاگهر.

• **گاگهرو ج گاگهـِرا**: پيشُگيرُ— گهاگهرو — گهـَگهرو.

• **گالِيو ج گالِيا**: ذ . صفت. يـڪي ڪاٺ جي بندٻ ڪي وچ مان ڪوري ٺاهيل ننڍي ٻيڙي — ڍونڊي.

• **گامُ ج گامَ**: ذ . (پرا. گامي. سن.. گامـَهـ ، گدام =ڳوٺُ). ماڻهن جي بستِي — ننڍو ڳوٺ — وسين — رفتار جو هڪ نمونو — وک پنڌ — ٽور.

— **گام ڀَرڻ**: قدم وڌائڻ — تڪڙو تڪڙو هلڻ — جلدي جلدي پنڌ ڪرڻ.

• **گامَـٽو** : ذ . صفت. ننڍي قد جو ڇوڪرو— ٻهراڙيءَ جو. هٽ جو اٽيل ڪپڙو — سادو.

— **گامِڙيو ج گامِڙيا**: ذ . صفت. ڳوٺ جو — گام جو — ٻهراڙيءَ جو — ڳوٺاٺو — واهڻي .

• **گامـُون ج گامـُون** : ذ . صفت. وک وجهندڙ — تڪڙو قدم هلندڙ — تيز هلندڙ . (اسم خاص). سچائي جي ڪري هڪ مشهور شخص "گامو سچار".

• **گاموئي ج گاموئِي** : ساڳئي ڳوٺ وارو — ساڳئي ڳوٺ جو — ڳوٺائي — هم وطن — ملڪي.

• **گامـَڻُ ج گامـَڻَ(ت)**: ذ . صفت. سري جو لوڪ گيت. سچ ڳالهائيندڙ — سچو — سچار — رَاستباز — راستگو — حق گو(اسم خاص). ماڻهو جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **گانـڪِڙو ج گانـڪِڙا(ت):** ذ . اسم. وڏو چـَجُ(ان وائڻ لاءِ) — گاگَڙو— گاگَڙيو.

– **گانـڪَـڙيو ج گانـڪِڙيا (ت):** ذ . وڏو چـَجُ. گاگَڙو — گاگَڙو.

• **گانـڪَلو ج گانـڪَلا:** ذ . صفت. بَناوتي. چَـريو — جُـڙتو پاڳَـلُ.

• **گانـڪَهو ج گانـڪَها:** ذ. اسم ڀڳل دلي يا ڪُني جو ڪَنو — ڪنهن ٺڪر جي برتن جو ڪَنو. ڀَڳل مَٽُ يا دلي جو ڳچيءَ ڪانسواءِ باقي حصو. خواري — ذِلت — بدنامي — رسوائي — گهٽتائي. (ت). گهِرگَـهِلو — ويڪرو — ڪـُشادو — خلاصو — موڪِرو— چـوُڙو.

• **گانـڪهيٽِي ج گانـڪهيٽِيُون (ٿ):** ث . ٿر ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ٻوٽي — گانٻيلي.

– **گانـڪهيٽو ج گانـڪهيٽِيا (ٿ):** ذ . گانگهيٽي ٻوٽي جو ٿر— ٿـرَ جو هڪ ڏٿ.

• **گانـوُ ج گانا :** ذ . (سن . گي= گانو) راڳُ —سُرود — گيت — لات— موسيقي — ڳائڻ وڄائڻ — راڳ رنگ.

• **گانو مالُ:** ث . گهرج — ضرورت — ڪَپُ — لوڙ — احتياج — طلب— ڪاپي.

• **گانءِ ج گانئيُون :** ث . (سن . گوه= ڳئُون ).

• **گانءُ ج گانءِ :** ذ . (سن =گام = ڳوٺڙو). گام — ڳوٺ — بستي — ننڍو شهر— واهڻ — وسندي.

• **گانءِ ڪاتي جي پُوليسَ:** ڳوٺ جي بچاءَ لاءِ رکيل هٿياربند پوليس — اسلحدار پوليس.

• **گانـئِيچا ج گانـئيچا:** اسم خاص. سنڌ ۾ هڪ ذات جو نالو.

• **گانـئِرُ:** اسم ذات . مٺي جي مڇيءَ جو قسم(سٽي جهڙو. پر زياده سفيد. ڪائڻ ۾ سرهو).

• **گانـئِرو :** اسم ذات. هڪ مڇيءَ جو قسم — گانئر.

• **گانـئـُون مانـئـُون :** ظرف بي چيتو — بي خيالو — دل من هٽندڙ — وسوسائِي — ريچڪي — سَودائِي — ٻُورالو — ٻڏندڙ ترندڙ.

– **گانـئـُون مانـئـُون ٿيڻُ:** هَـٻـڪَـڻُ— دل هٽڻ — ٻڏڻ ترڻ — گهوتا کائڻ — غوتا کائڻ — شڪجي ٻيهڻ — هٽڪڻ — ويرم ڪرڻ — ٻڏتر ڪرڻ — تورڻ تڪڻ — ليکا ڪرڻ — حساب ڪرڻ — گوٽنات ڪرڻ. خوف ٿيڻ — ڊپ ٿيڻ (دل ۾).

• **گاوَدُمُ ج گاوَدُمَ :** ذ . صفت. (ف. گاوُ= گانءِ + دُمُ= پـُڇُ). ڏِڳيءَ جي پـُڇُ جهڙو — ڏاند پڇو. مخروط — چوٽ.

• **گاؤ زبانُ ج گاؤ زبانَ(اسم):** ذ . هڪ ٻوٽيءَ جو نالو — هڪ پسارڪو وکر — گازبان — جبل جو گاهه — ٻوٽو.

• **گاوِڙِي ج گاوِڙيُون (ت):** ث . درياءَ جي وچ سير ۾ پاڻيءَ جو گول چَـڪـرُ — ڪـُنُ — ڀَنو رَ.

– **گاوِڙين منهن اچڻ(ت):** چڪر ۾ اچڻ —وڪڙ ۾ ڦاسڻ — ور ۾ اچڻ.

• **گاهه:** ث . ظرف . (ف. گاهه — وقت : جاءِ ). وقت— ٽائو — عرصو — اَوقات — ويرَ — ويلَ — مهل — (تخت گاهه — تخت واري جاءِ)

– **گاهه بيگاهه:** ظرف. وقت بـ وقت — هر هميشہ — مهلو ڪـُمهلو — وقت بي وقت — آڙي اوڏي — سانجهي سُهماڻي.

– **گاهي :** ظرف . (ف). ڪڏهين — ڪنهن وقت — بعضي — ڪنهن قضاني — اتفاقاً— بعض اوقات.

– **گاهِي گاهِي :** ظرف . ڪڏهين ڪڏهين — وقت بہ وقت — اڪثر — گهڻو ڪري.

• **گاهُ ج گاهَ :** ذ (سن : گهاس، گراس : ف . گياه= گاهه). ٻوڙي جو قسم، جو مال کائي — چوپائي مال جو کاڌو — چارو — تيلو — چار — چرڳ — ڪک ڪانا (سڪل يا ساوا).

– **گاهُ ڏاٽو ج گاهَ ڏاٽا:** ذ . صفت. گاهه سان ملايل ڏاٽو (چوپائي مال کي سائي يا سڪل ڪتر سان ڏنل مٽر، گوار، چڻا وغيره).

– **گاهِڪو ج گاهڪا:** ذ . صفت. گاهه وارو — گاهه وڪڻندڙ — گاهي — گاهه رکَندڙ — گاهه ڪندڙ — گاهِيرُ.

– **گاهَڻُ ج گاهَڻَ:** ذ . استعمال ٿيل رَدي گاهُ(جو لانڍين جي چتين يا هُرُلـَن جي ڏکن ٻڌڻ جي ڪَم اچي). انبار — ڍڳ. ڪک — ٻهه — ڪانا.

– **گاهِڻِ ج گاهِڻيُون :** ث . گاهه وڪڻندڙ زال — گاهِياڻِي.

– **گاهِي ج گاهِي :** ذ . صفت. گاهه وڪڻندڙ — گاهه ڪندڙ — گاهيو — گاهير. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو. مرد ماڻهو جو نالو. تعلقي کپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **گاهِياڻي ج گاهِياڻيون:** ث صفت. گاهه واري — گاهه وڪڻندڙ (عورت).

– **گاهـيَرُ ج گاهِيَرَ:** ذ . صفت. گاهه وارو — گاهه ڪندڙ — گاهه وڪڻندڙ — گاهي.

– **گاهِيو ج گاهِيا:** ذ . صفت. گاهه وارو — گاهي — گاهِيَرُ— گاهه ڪند؛

• **گاهـڪُ ج گاهَڪَ :** ذ . صفت. (سن . گرهه = گراڪُ) — گِراڪُ— خريدار — خريد ڪندڙ — ڳنهندڙ — طالبُو — وٺندڙ.

• **گاهِڪـَٽُ ج گاهِڪـَٽَ :** ذ . صفت. ماڻهن جو گوڙ — ڳاهَٽُ— گوڙ — گهمسان. جلسو— تماشو — منڊل.

Gul Hayat Institute

- ٻلي ڪار ڪرڻ. ڳڏجاڻي ٿيڻ – مُڪا ميلو ٿيڻ. جماع ڪرڻ – همبستر ٿيڻ.

– **ڳڏجاڻي ج ڳڏجاڻيُون:** ث . ڪنھن سان ملڻ واري حالت – ميلُ – ميلاپ. پرڻيل نياڻيءَ جو مائٽن سان ملڻ – ملاقات – ڳالھ ٻولھ. وصل – همبستري.

– **ڳڏجڻُ مِسجڻُ:** ڳڏجاڻي ڪرڻ – ميلاپ ڪرڻ – ڳَڏڻُ – ملڻ – رلڻ . هٿ ڏيڻ – ڪيڪر ڪرڻ – ٻلي ڪار ڏيڻ – خوش آمديد چوڻ. رلي ملي وڃڻ – يڪمشت ٿي وڃڻ.

• **ڳڏر ج ڳڏرُوُن:** ث . هڪ سرندڙ جيت جو قسم – ڪِيڙو – ڪيڙون. (ماڪوڙي جيڏو رنگ جو اڇو ميرو). هر شيءِ جو ٽُڪُر – پور – ڳِپو.

• **ڳڏرُ ج ڳڏرَ(ت):** ذ . صفت. ڳَگهو – وڏو چولو.

• **ڳڏرو:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **ڳڏِريو ج ڳڏِريا (ت):** صفت. هڏي جي پوري نَلي – نَري.

• **ڳڏ ڳھڻ(ت):** اُبتو گهمرو ڏيڻ – اُٿلي پوڻ – سخت نقصان پهچائڻ – دوستيءَ جي بدران دشمني پيدا ڪرڻ – نفاق وجھڻ.

• **ڳڏڻُ:** مصدر. ذ. ڳَڏي ڇڏڻ – جمع ڪرڻ – ڳڏ ڪرڻ – جوڙ واڌارو ڪرڻ – جوڙ ڪرڻ – ملائڻ – ميڙڻ – (ڳڏيو – ڳڏيندو – ڳڏيل).

• **ڳڏڻُ:** مصدر. زمين کي هيٺ مٿي ڪري ملائڻ – زمين مان رنبي سان گاھ صاف ڪرڻ – اُڪيلڻ. ڳڏ ڪرڻ – ڪوٽڻ – (چانور) ڇَڙڻ – ڪُٽڻُ – گهوٽڻُ – ڇِٽڻُ. دَڙَڻ – چلهڻ – مارڻ – ڦيهڻُ – مار ڏيڻ. ڳاهڻ – سَٽڻ – سڙهڻ – سٽڪائڻ (اَنُ وغيره کي). ڇيٽُون ڪرڻ – وَڍڻُ. جنگ ۾ اُنن جون پويون ٽنگون وَڍڻ . ڪُهڻُ – سيرَ وجهڻ – حلال ڪرڻ. (ڪ).

• **ڳڏو ج ڳڏا:** ذ . (سن . گرنت ) گاھ ڪانن يا ڪانئين جي وڏي ڀَري – ڀاڪُر – ٻَندُ – بيلَ گاڏي – ڏِڳي گاڏي – رِيڪڙو.

• **ڳَڏو ج ڳُڏا:** ذ . صفت. رانديڪي جو هڪ قسم – ٻارن جي کيڏڻ جو رانديڪو – هٿ جو ٺهيل ماڻهو – جُڙتو ٺهيل پُتلي يا پتلو – ٻوتو (ث. ڳُڏي ڳُڏِيُون).

– **ڳُڏا اڏائڻُ:** خيال جو ٻوتو ناهڻ – اجايا خيال پچائڻ – سوداءَ ڪرڻ.

– **ڳُڏو ڳُڏِي:** ڳُڏين سان ٻارن جي هڪ راند.

• **ڳڏو ڪڙو:** اسم خاص. نئين ٻارڻ جي الهندي طرف هڪ جبل جو نالو (ڪ).

• **ڳڏون ج ڳڏون :** ذ . اسم. ڏاتو جو ننڍو لوٽو – ننڍو لوٽو کير ماپڻ جو بَرتَنُ – ڪُپو – مَٽُ – ڪوڙي ڏاتو – ڦيٽُ – ڪوٽ. "قدر لهَنڊءِ ڪو نہ . نيئي ڳڏيندءِ ڳڏون سين". ڇٽن جو ڪيڙو ڇٽن ۾ لڳندڙ سُرو. (اردو) ڳڙوا.

• **ڳڏهُ ج ڳڏھَ:** ذ . (پرا . ڳدڀي. سن. گَردڀ= ڳڏھ) – هڪ بار ڍوئيندڙ مشهور جانورُ – خَرُ – ڪَرُ – ڪودو – ڪوتو. (صفت). احمق – بيوقوف – مورک – اناڙي – نادان – ڇَٽو – بجو – جيت جو هڪ قسم (جو پوک کي نقصان رسائي).

– **ڳڏهارُ ج ڳڏهارَ:** ذ . صفت. ڳڏھن وارو – ڳڏھن تي بارُ لَڏيندَڙُ – ڳڏھ رکندڙ – ڳڏھ چاريندڙ – ٻنارو – دايو.

– **ڳڏهائپ ج ڳڏهائپُون:** ث . صفت. بي عقلي – بي وقوفي – احمقائي – مورکپائي – مُورکپٽو – ڳڏهپائي.

– **ڳڏھ تي چڙهِي ٻيهڻ(ت):** پنهنجي هٿ تان نہ لهڻُ – ضد کي پورو ڪرڻ – هوڏ ڪري ٻيهڻ.

– **ڳڏهُ پاڌَ ج ڳڏھُ پاڌُون (ڪ):** ث . صفت. ڳڏھ کي اڳين يا پوين ٽنگن ۾ ٻڌل ڏگهو رسو (جيئن آسانيءَ سان چَري سگهي).

– **ڳڏھ پائِي ج ڳڏھ پائِيُون:** ذ . صفت. بي وقوفي – بي عقلي – احمقائي – مُورکپائي – ڳڏهائپ.

– **ڳڏھ پکِي ج ڳڏھ پکِي (ت):** اسم خاص. پکيءَ جو قسم – ڳِجهَ.

– **ڳڏھُ پُوربوڻ(ت):** اٽڪي پوڻ – ضديت ڪرڻ – هوڏ ڪرڻ – ضد ڏيکارڻ.

– **ڳڏھ جان ڳوڏُ ناهِڻ(ت):** هيراڪ ٿيڻ هِري وڃڻ – عادتي ٿي وڃڻ.

– **ڳڏھُ جِي خُواري:** ذ . ڳڏھ وانگر ٿيل تمام سخت بي عزتي – سخت گهٽي خَواري – ذلت جو منهن ڏسڻ.

– **ڳڏھ جِي هِينگَ:** صفت. بي وقوفيءَ جو ڳالهاءُ – بڪواتُ – بَڪَ – لَباڙَ – مورکپائيءَ جي ڳالھ – ٽٽُ – ڊيڪُ.

– **ڳڏهَڙو ج ڳڏهَڙا:** ذ . اسم تصغير. ڳڏھ جو ٻچڙو – ڪودو . (ث. ڳڏهڙي ج ڳڏهڙيون).

– **ڳڏھ ڪَنو ج ڳڏھ ڪَنا:** ذ . صفت. جبل ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ٻوٽو جنهن جا پَنَ ڳڏھ جي ڪَنن جهڙا ٿين.

– **ڳڏھ ڪُرو ج ڳڏھ ڪُرا:** ذ . صفت. ڳڏھ جي ڪُر جهڙو – سوڙهي سُنب وارو – ننڍي ڪُر وارو.

– **ڳڏھ گابو ڪَرڻ(ت):** سڀ هڪ جهڙا ڪرڻ – گرو گنجو ڳڏ ڪرڻ – ڪنهن کان بہ نفرت نہ ڪرڻ – چڱو مَٺو سڀ برابر ڪرڻ.

– **ڳڏھ ليٽ هڻڻُ:** بيماريءَ ۾ گهٽو ڇوٽڪارو هڻڻ – ٺورو بيمار ٿي وري چاق ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

اندازيا ماپو. (تي گرام :کرج گرام = آهستي آواز. مذم گرام = وچوارو آواز. نکاد گِرام = ڏاڍيان وارو آواز) راڳ ۾ آواز جي اٽڪ. ڳوٽ – گام – گانءُ – (انگ ). انگريزي دوائن جو ماپو – تور جو هڪ وزن.

• **گِرامَرُ ج گِرامَرَ:** ذ. (انگ) ٻوليءَ کي صحيح پرکڻ جو علم – ٻوليءَ جي صحيح ڳالهائڻ جو علم – ٻوليءَ جو قاعدو – علم صرف نحو – وياڪرڻ.

• **گِرامَڻُ:** مصدر. (ف. خرام = وک يا قدم). وک پرڻ – هلڻ – قدم کڻڻ. جئن. "گرام مرين گس تي پَوَئي ڏاگها ڏاڻ".

• **گِرامِي:** صفت. (ف. گِرامي = مُڪرم). مشهور – ناليرو – مُڪرم – بزرگ – ڀَلارو – سعيد – نيڪ – مخدوم. پيارو – محبوب – وڻندڙ – مَرغوب – دلپسند – هر دل عزيز.

• **گِران :** ذ. صفت. (ف. گِران = مشڪل) مُشڪل – دشوار – ڏکيو – اڻانگو – ڪٺن – ڪٺڻ . مهانگو – آڪِرو – قيمتي – وڏي اگهه وارو. ڳرو – ڀاري – وزني – بار وارو. دير هضم – ڳرو (ڪاڏو).

– **گِرانِي ج گِرانِيُون :** ث . مهانگائي – اگهه ۾ تيزي – آڪرائي. ڪوٽ – تنگي – توڙائي – گهٽتائي – قلت – اڻاٺ – ڪَمي . ڳرائي – بوجو. مشڪلات – ڏُکيائي – اهنجائي – تڪليف.(پيٽ ۾) پرتي – جوڳيرُ.

• **گِران:** اسم خاص. ڪوهستان ۾ پاڻيءَ جي تَڙُ جو هڪ نالو.

• **گِرانٽَ ج گِرانٽُون :** ث . ڪليل. هٿ جي آڱوٺي جي چوٽي کان چيچ جي چوٽي تائين مفاصلو. چاڙکي – ٻاڙي. هٿ جي ٻارهن آڱرين جي ويڪر – ٻارهن آڱر فاصلو.

– **گِرانٽ مُنڊِيو:** قد جو ڇوٽو – ٻِندرو – ڪوتاهه قَد – ٺينگٽو – ٻِمڪو.

• **گِراندرو ج گِراندرا(ل):** ذ. ريڙهه پيڙهه – وهنوار ۾ ڇڪتاڻ – گهِل گينداڙ – ڦڏو – رڏي – گهپي.

• **گِرانبو ج گِرانبا(ت):** ذ. آبشار جي ڪرڻ ڪري هيٺ ٺيل ڪڏ(پاڻي لاءِ ناهيل ڪڏ جنهن جو پاڻي ڪجهه وقت تائين بيهي جو تڙ لاءِ ڪم اچي). ننڍن ٻَنين جو ميڙ جتي تڙ هجي.

• **گِرانءُ ج گِرانءَ:** ڳوٺ – گانءُ واهڻ .

• **گِراٽو ج گِراٽا:** ذ. صفت. ڪپڙو اُڻندڙ – ڪوري – هڪ قبيلي جو قسم.

• **گِراڻِي:** اسم خاص. ذات. جو نالو( بگٽي بلوچن جو ).

• **گِراهُ ج گِراهَ:** ذ . (سن. گراسُ = گرنهن). ڪاڌي جو اهو وزن جيڪو وات ۾ سولائيءَ سان چٻاڙي سگهجي – ڳٽو – ڳٽي – لهو – لهوڙو – نِوالو – گرِهُ – لقمو – گِرنهن – گِراسُ – (مانيءَ جو) ٽُڪر.

– **گِراهُ ڏيڻُ:** کائڻ لاءِ ڳٽو ڏيڻ – نوالو ڏيڻ. ٽورو ٽڪر ڏيڻ . ڀاڳي ڀائيوار ڪرڻ – ذري مان ذرو ڏيڻ – حقدار بنائڻ – پتيار ڪرڻ. ناهي تيار ڪري ڏيڻ – حاضر ڪري ڏيڻ – موجود ڪري ڏيڻ. صاف ڪري ڏيڻ – پليل ڳالهه سمجهائڻ.

• **گِراهِڪُ ج گِراهِڪَ:** ذ. صفت. (سن. گَرهه> گراهڪ – گِراڪ). گِراڪ – خريدار – ٺيٽِي – آهتي – سودو وٺندڙ – خريداري ڪندڙ – واپار ڪندڙ.

– **گِراهِڪِي ج گِراهِڪِيُون:** ث . وڪرو – فروخت – خريداري – گراڪي – خريداري.

• **گَرَبُ ج گَرَبَ:** ذ . (سن . گَرو). گيرب – مغروري.

• **گَرباٽُ ج گَرباٽَ(ت):** ذ. ڇپن ۾ ڪجهه چوڻ واري حالت – سُيات – هوريان ڳالهائڻ – ڀُڻ ڀُڻ – ڀُٽ ڀُٽ – ڀٽڪارُ – پٽڪار.

– **گَرباٽُ ڪَرَڻُ:** پٽ پٽ ڪرڻ – ڀُڻ ڀُڻ ڪرڻ – پٽڪات ڪرڻ – سُرپرو ڪرڻ.

• **گَرباسِي ج گَرباسِيُون (ت):** پلاڻ جي وچواري ڪاٺي – پلاڻ جي ڪَتبن واري ڪاٺي.

• **گرِبو ج گرِبا:** ذ. سج جي گرمي – گهُٽ – اُوماهي – ٻُسٽ – اُڪرس – اُٻرس – تپت – رونيو – هُڦ – اُهِم – تپش – تاوڙِي – اُگهَمُ – اُگهُ.

• **گَربِٽِي:** اسم خاص. ول جو هڪ قسم (جنهن جا پن پاڻيءَ جي مٿان رهن).(ن – ب).

• **گَربَه ج گَرُبَه :** ذ . (ف) ٻِلِي.

• **گَربِي ج گَربِيُون:** ث . (غربي = مغرب جوڪ)ڪپڙي جو هڪ قسم – هٿ جي اُٺيل زناني سوسي.

• **گَرٻَٽِ ج گَرٻَٽَ(ل):** ذ. تمام پٽڙو – رٻڙو – پتلو – رٻ جهڙو – راٻڙو – گهَرٻَٽ (ڪاڏو).

• **گَرٻَرُ:** ذ . بيهودگي – اجايو واهيات ڳالهائڻ – بڪ بڪ – ٽرڙائي. گڙٻڙ – مونجهارو – رولو – بکيڙو – ڦيرو.

• **گَرٻَڙو ج گَرٻَڙا:** گهاٽو پاڻي.

• **گِرٻَلُ ج گِرٻَلَ(ٽ):** صفت. سکيو – آسودو.

• **گَرَڀُ ج گَرَڀَ:** ذ . (سن) حمل – پيٽ – سنگها – اميدواري. ڪڙهه – رحم – ٻچہ داني.

– **گَسائُو ج گَسائُو**:ذ . صفت. گوسڙو – نٽائو – گوهيَرُ– گوهي خور – لاهرائو – ڪم چور – گوسڙاٽُ – ڪوسڙٽُ– گوٽنات ڪندڙ – اَناڪاني ڪندڙ.

• **گَسائِين ج گَسائِين**: ذ . صفت. (سن . گوسواس = سوامي، مالڪ) گوسامي (جنهن پنهنجي اندرين کي جيتيو هجي). فقيرن جو هڪ قسم – نفس تي غالب پوندڙ – سَنتُ– پروهت . ديوي. ديوتا.

• **گَسائِين ج گَسائِين**: ذ . صفت. هڪ فقير جو قسم – سَنت – مهاتما – ولي – اولياءُ – وڏو سائين – گَئوسائين – پروهت . ديوي. ديوتا.

• **گَستاخُ ج گَستاخَ**: ذ . صفت. (ف). بي ادب – گَهِرو – گهائل مائل – هِريل مِريل– حجت رکندڙ – حُجتي. اپَهتو – بيجاءِ – بيهودو.

– **گَستاخِي ج گَستاخِيُون**: ث . صفت. هِري مِري وڃڻ واري حالت – گهائلي مائلي – ڏيٺ ويٺ – بي امتيازي – حجت – بي ادبي – شوخي – چيٺ – زبان درازي – ترڪ ادب. تحقير – حقارت.

– **گَسُتاخِي ءَ جي گهِٽيءَ ڏي مُنهُن رَکَڻُ**: حُجتي ٿيڻ – گَهرائي رکڻ – گهائل مائل ٿيڻ. اڻ شانائتا لفظ استعمال ڪرڻ – بي ادبي ڪرڻ – وڏ نندائيءَ جو خيال نہ رکڻ.

– **گَستاڪُ ج گَستاڪَ**: ذ. صفت. گَستاخ.

– **گَستاڪِي ج گَستاڪِيون**: ث . صفت. گستاخي.

• **گَسِتو ج گَسِتا(ت)**: ذ . صفت. (ف. گست) واقف – ڄاڻو – سڃاڻو. سَياح – گهمندڙ – سيلاني. داناءُ – ڏاهو – سياڻو. بُردبار.

• **گَستو ج گَستا(ڪ)**: ذ . نِڙيءَ کي گهُٽڻ واري حالت – گهُٽو – گهوگهو.

– **گَستا ڪَيڻُ(ڪ)**: گهوگها ڏيڻ – گهُٽا ڏيڻ – گهُٽڻ.

• **گِسٽَڻَ**: مصدر. گَسڻ – لَڳڻ – رڳڙجڻ – گَهِجڻ – رَهٽجڻ.(گسٽيو – گسٽيندو – گسٽيل).

• **گَسَرُ ج گَسَرَ**: ث . ڌُوڙ – ڌُڌڙ – بُسڙ – ڊُسڙ – خاڪ – مِٽِي. وارياسي زمين.

• **گِسِرِ ج گِسِرِيُون**: ث . ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (هيءَ مڇي بنا ڇلرن جي رنگ جي ميرانجهڙي ءَ قد ۾ ادائي فوٽ ڊگهي، پاڻيءَ کانسواءِ ٻہ ٽي ڪلاڪ زنده رهي سگهي ٿي).

• **گَسِرَ ج گَسِرُون**: ث. بدلو – عيوضو – پاڙُوجهاڙو – وير – پلاند.

– **گَسِرَ ڪَيڻُ**: بدلو وٺڻ – عيوضو وٺڻ – وير وٺڻ – پاڙو جهاڙو لهڻ – ڪٿر ڪڍڻ – دشمني پاڙڻ – ڪاوڙ چندڻ – دل ٺارڻ – رَهيو ڪُهيو حساب چُڪتو ڪرڻ – پَلاند وٺڻ.

– **گَسِرُ ج گَسِرَ**: ذ . صفت. ويرُ وٺندڙ – بدلو وٺندڙ – پاڙو جهاڙو وٺندڙ – ڪاوڙيل. خارباز – خاري.

• **گِسرِجَڻُ**: مصدر. ڊوندڙو ٿي هلڻ – ريڙهيون پائڻ – وڙهڻ – گِسَرَڻُ– گِيسيُون ڏيئي هلڻ – ڏَجهڻ – چيٺَ پوڻ – خفي ٿيڻ – ڪاڄڻ – بيزار ٿيڻ– هُڙڪَڻُ. پوسڻ – ڪَپڻ – ڪِجڻ – جلَڻ – سڙڻ(حسد ۾ ). چِڃڻ. ٺٽڻ– جهونو ٿيڻ– پراڻو ٿيڻ– بوسيدو ٿيڻ– ٻلجڻ– ( ڪ)(گِسرجيو– گِيسرجيندو– گسرجيل).

• **گِسِ گِسِرُون**: ڳيسر – سيڙپ – دير– سل ولِ – ڍِر – ڇِرڪ – آوير – ڇَلهہ – سوستائي – اويرائي – سُستيَ – ڍِرَائي – ڳِمَرُ– غفلت – آَلس – ڪاهلي – ٽوٽپٽو. (اسم خاص). مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **گَسَڙ ج گَسَڙُون**: ث . ڌُڌڙ – دُسِڙ– ڊُسِڙ – بُسڙ. گهٽي ڌوڙ واري زمين – ڪَچي جي زمين – ڊاسوڙ زمين.

– **گَسَڙ ۾ پيرُ هڻڻ** : ڌُڌُڙ ۾ پيرُ وجهڻ– چيل ڳالهہ کان ڦِري وڃڻ – آَلي وڃڻ – نٽائي وڃڻ.

• **گِسڪَڻُ**: مصدر . (سن . گهرش = گهڻ). تِرڪڻ – ڪِسڪڻ – ٿِڙڪڻ – گهڪو کائڻ – رَهٽجڻ – سِرڪڻ – رڙهڻ. (گِسڪيو – گسڪِٽو – گِسڪِيلُ).

– **گِسڪِٽو ج گِسڪِٽا**: ذ . صفت. تِرڪٽو – ٿِڙڪِٽو – ڪِسڪٽو – سِرڪٽو – رڙهٽو – ڦسڪٽو.

• **گَسڪو ج گَسڪا**: ذ . تِرڪو – ڪِسڪو – ٿڙڪو – ريڙهو – رَهٽو. اَٽڪل – چالاڪي . مارَ – ڪَٽَ. ڪاوڙ. (ت).

• **گَس گَساءُ ج گَس گَساءُ**: ذ . گوٽنات – نَٽاءُ – گوهي – ٽارَ – ٽال مَٽول – ٽاٽمارو – ترڪ ٽال – اَنا ڪانِي – نَٽُ نَٽاءُ.

– **گَس گَساءُ ڪرڻ** : نٽائڻ – گوٽنات ڪرڻ – ٽاٽ نوٽ ڪرڻ – ٽال مٽول ڪرڻ – ٽاٽمائڻ – گسائڻ.

• **گَسِلِي ج گَسِلِيُون(ل)**: ث . هٿ جي آڱوٺيءَ تي ڏَسٽي آڱر مٿان رکي، هنيل هُرَ.

• **گَسَ مَرُ ڪيلڏ (ث)**: ڪوڏين سان هڪ راند جو نمونو ڪيڏڻ.

• **گَسَڻُ**: (سن. گهرش= لڳڻ). ٻن شين جو پاڻ ۾ لڳڻ – گَسڪو کائڻ – گَهٽو کائڻ – گاٽ ٿيڻ – گَسجڻ – گِسرڻ – رڳڙجَڻُ– مهٽجڻ – رهٽجڻ – گَهجڻ – مَلجڻ. سوس کائڻ – سوڪهڙو کائڻ – هڪ شئي ٻيءَ ڪنهن شيءِ سان لڳي لسو ٿيڻ يا سنهون ٿيڻ.(گسِيو – گسندو – گَسِيلُ).

Gul Hayat Institute

• **گُگُهه** :اسم خاص. پکيءَ جو نالو – وڏي چپ – چهرو . گهوگهو جي بولي ڪندڙ وڏو ڪارو پکي.

• **گُگُهِر ج گگُهِرون:** ث . پئسن جمع ڪرڻ جي ڪپڙي – پندارو – پندالو. بوگهو.

• **گِگهِراتِ ج گِگهِراتيُون (ت):** ث . منٿ – آزي نيزاري – عرض – وينتي – ليلڙات.

– **گِگهِراتيُونَ ڪَرڻُ:** منٿون ڪرڻ – آزيون نيزاريون ڪرڻ – ليلڙاتيون ڪرڻ – عرض ڪرڻ.

• **گَگهڪَو ج گَگهَڪا(ڪ):** اُٺ جي آواز جو قسم.

• **گُگهِلَڻ:** مصدر. نخرا ڪرڻ – ناز ڪرڻ – لاڏ ڪرڻ – انگل ڪرڻ – ماڻا ڪرڻ. اندر جي ڳالهه ظاهر ڪرڻ – دل جا جذبا بيان ڪرڻ – جوش ظاهر ڪرڻ.

• **گگهو ج گَگها:** ذ . وڏو زنانو چولو – بلوچ عورتن جو قبيلائي سجاڳپ وارو ويس.

– **گگهيرو ج گگهيرا:** ذ . صفگ. گَگهي وارو – گگهيلو – گگهي جي سجاڳپ وارو( بلوچ).

• **گِگهو ج گِگها:** ذ . صفت . نِڙي وينل آواز – گهُٽيل آواز – وينل آواز. ٿلهو آواز – گهگهو.

– **گِگهِي ج گِگهِي:** ث . ڀورو ڳالهاءُ – نِڙيءَ وينل ڳالهاءُ – بي ڊؤلو ڳالهائڻ – بي ڊؤلو آواز – خوف يا ڏُک سبب وينل ڳالهاءُ.

– **گِگهِي ٻوڏ:** نِڙي ٻوڏ – نِڙي گهُٽجڻ.

• **گَگهُو ج گَگهُو:** ذ. ٻيري جي ٻولِي – گهوگهو – گهُگهُو.

• **گَگهِي ج گَگهِيُون:** ث . سوڙهي ڏگهي ڳچيءَ سان پاڻي پِري رکڻ لاءِ ٺِڪر جو ٿانءُ – صُراحي.

• **گَلُ گَلَ:** ث. چؤپائي مال جو وَلَرُ – ڌَڻُ – گَلو. گهَلَ.

• **گَل ج گَلُون:** ث. ڪاري گَبَ – چِڪَ – چِڪڻَ – راڦو.

• **گِلُ ج گِلَ:** ذ . اِٽي ڏَڪَر يا بلورن راند ڪرڻ لاءِ کوٽيل ننڍڙي کَڏَ – سَچُ – گِڏ.

• **گُلَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **گُلُ ج گُلَ:** ذ .(ف. گُلُ = قُولُ) وڻ، ٻوٽي، ٻوڙي جو قُل. (قسم : گُلاب ، موتيو ، سوسن، سمن، زعفران ، ڪيسر ، دائودي ، سُنبل – آتشي، نرگس، گونٽو، بِنفشو، ياسمين، جاءِ گل، رتن جوت، خيرو ، ٽانگر، ڪيتڪي، چنبيلي، مُگرو، ڪنٽهار، نيلو فر، ڪنول، جافري وغيره). وارن جو ڦُندڻ – چوٽي. داغُ – ٽِڪو – ڏَنبُ. حُقي جي ٽوپيءَ ۾ سڙي ويل تماڪ جو ڳوٽو. ٻَرت جو هڪ قسم(ناڙي گُل، جاءِ گُلُ). سُهڻو معشوق. (اسم خاص). ماڻهو . شاعر آخوند گل محمد سانوڻيءَ جو تخلص ماڻهوءَ جو نالو"گُل".

– **گُلُ آتشِي ج گُلُ آتَشِي:** ذ . صفت. گُل جو نالو – گلاب جي گل جو هڪ قسم – سَدا گُلاب.

– **گُلُ ابيَضُ ج گُلَ ابيَضَ:** ذ. صفت. هڪ گُل جو نالو – زنگي گل.

– **گُلُ اَرغوانُ ج گُلُ اَرغوانَ:** ذ . هڪ گل جو نالو – گئونٽي جو گل.

– **گُلُ اَشرَفِي ج گُلُ اَشرفِي:** ذ . هڪ گل جو نالو – گنونٽو – گل اَرغَوان.

– **گُلُ اَنارُ ج گُلُ اَنارَ:** هڪ گل جو نالو – ڏاڙهونءَ جو گل.

– **گُلُ اَندامُ ج گُلُ اندامَ:** ذ . گل سان مشابهت رکندڙ سهڻن مهاندن وارو – گلن جهڙن نرم لِڱن وارو – نازڪ بدن – سُهڻو – حَسين.

– **گُلُ بَدَنُ ج گُلُ بَدَنَ:** ذ. گل جهڙو بدن – گل اندام – نازڪ بدن. سُهڻو – حَسين – خوبصورت. هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو(جدا جدا نمونن جو، سهڻن ليڪن ۽ پٽن وارو ڪپڙو) جو ڪنهن زماني ۾ وچ ايشيا کان ڪابل جي رستي ايندو هو.

– **گُل بَرگُ:** گلاب جي گل جي پنکڙي.

– **گُل بَڪاوَلِي:** ذ . نهايت عمدي اڇي رنگ جو خوشبوءِ دار گل. هڪ افسانو – بڪاولي پَريءَ جو قصو.

– **گُلُ بِنَفشو:** گل جو هڪ قسم – بنفشي جا سُڪل گل – دوائن ۾ ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر.

– **گُلبُوءِ:** ث . گُل جي بوءِ – گُل جي سُرهاڻ – سڳنڌُ – خوشبوءِ – واسَ – هُٻڪارُ.

"گولِي ٿيان گُل بُوءِ، جي مون نيو پاڻ سين". (شاهه)

– **گُلبَهارُ:** ذ . گل جو هڪ قسم. (اسم خاص) ماڻهو جو نالو.

– **گُلَ ٽَڪَڻُ:** صفت. گُلن جهڙا چِٽَ ٽَڪڻُ – گُلڪاري ڪيڻ – چِٽسالِي ڪرڻ – نقش نگاري ڪرڻ – اُڪَرَ جو ڪم ڪرڻ.

– **گُلُ پَشپُ ج گُلُ پُشپَ:** ذ . گل جي مُکري.

– **گُلپوشُ ج گُلپوشَ:** ذ . صفت. گل جو ڍَڪُ – پُشپُ مَنَڪُ.

– **گُل جافر ج گُل جافَرَ:** ذ . صفت. گُل جو هڪ قسم – جافر گل.

– **گُل جاوَلِي:** ذ . گُل جو هڪ قِسم – جاءِ جو گُلُ.

– **گُل جاءِ:** ذ . جاءِ جو گُل – گل ياسمين.

Gul Hayat Institute

– **گـُل جَلِيلُ ج گـُلُ جَلِيلُ:** ذ. دوائن جي ڪم ايندڙ گل جو هڪ قسم (گـُلَ اَڇا ۽ خوشبوءِ ڪٿوري جهڙي).
– **گـُلُ چنبيلِي:** ذ. گـُلُ جو هڪ قسم اڇا خوشبوءِ دار گـُل (سُنگهڻ سان اڌ مٿي جي سور کي فائدو ۽ تيل دوائن ۾ ڪم اچي).
– **گـُل چونڊڻ:** شاديءَ وقت گهوٽ ۽ ڪنوار کان گلن چونڊائڻ جي هڪ رسم.
– **گـُلچِهرو ج گـُلچِهرا:** ذ. صفت. گلاب جي گل جهڙي صورت وارو – گل جهڙو حَسين – سهڻو – خوبصورت – وڻندڙ.
– **گـُل چِينُ ج گـُلُ چِينَ:** ذ. صفت. گل چونڊيندڙ، تماشو ڏسندڙ.
– **گـُل چِنِي مُنهَن ۾ ڏيڻ:** رويرو مهٽو ڏيڻ – عِتابُ ڏيڻ – ڏوراپو ڏيڻ – مَهِٽو ڏيڻ – طعنو هڻڻ – ويڻ وجهڻ.
– **گـُل چِنِي هَٿَ ۾ ڏيڻ:** ڳالهه جو تَتُ ٻڌائڻ – ڳالهه جو تات پُرجُ ٻڌائڻ – ڳالهه جو مقصد ٻڌائڻ – مطلب جي ڳالهه ڪرڻ.
– **گـُل حِنا:** ذ. گل جو هڪ قسم – مينديءَ جو گـُلَ.
– **گـُلُ خِزانُ:** ذ. گل جو هڪ قسم – آسماني رنگ جو گل (لاجوردي رنگ خوشبوءِ دار گل، دوائن جي ڪم اچي).
– **گـُلُ خَطمِي:** ذ. گل جو هڪ قسم.
– **گـُلخَنُ ج گـُلخَنَ:** گـُلن جي عرق ڪڍڻ جو ٿانءُ – قَرنَفـُلُ.
– **گـُل خَندانُ:** ذ. ٽڙيل گل – گل شگفته – ڪِڙيل گل. هڪ ڪتاب جو نالو. (جانعالم جو قصو).
– **گـُلُ خَيرو:** ذ. گل جو هڪ قسم.
– **گـُل خَيرِي:** ذ. گل جو هڪ قسم (سوسني رنگ تي هيڊاڻ مائل، جو تپ ۽ جگر جي گرميءَ لاءِ رات جو پُسائي فَجر جو جهُڪِي، مصري وجهي پيارجي ته فائدي مند آهي).
– **گـُلدانُ ج گـُلدانَ:** ذ. صفت. گـُلن رکڻ جو ٿانءُ – گـُلدستو. گلاب داني.
– **گـُل دائُودِي:** ذ. گل جو هڪ قسم (هيڊي ۽ ڳاڙهي رنگ تي ٿورو خوشبوءِ دار، هِڏڪي، دستن ۽ تپ لاءِ ڪاڙهي پيئجي).
– **گـُلُ دستو ج گـُلُ دستا:** ذ. صفت. گل جو ويڙهو – گلن جو مجموعو – گلن جي ٻڌل مُٺ – گلن جو ڇـُڳو – گلن جو ٻڌل مُنيو.
– **گـُلدوزُ:** ذ. گلن سان پـَرت پريل – ڦـُولدار. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم – گلدار ساٽين – ڦـُولدار ريشمي ڪپڙو.
– **گـُلُ ڏاڙهـُونُ:** ذ. ڏاڙهونءَ جي وَڻ جو گل – گل انارُ. (اڇو، بنفشي ۽ زردي رنگ تي ٿورو خوبشوءِ دار دوائن ۾ ڪم اچي).
– **گـُل رُبا ج گـُل رُبا:** ذ. صفت. گـُل جي شڪل جهڙو – ڳاڙهه ٻـِلو – حَسين – سُهڻو – وڻندڙ – خوبصورت دلربا – محبوب – معشوق.
– **گـُلُ رُخُ:** صفت. گل جي صورت سان مشابهت رکندڙ – سُهڻو – حَسين – خوبصورت – گـُلربا – گلعذار – ڳاڙهه ٻـِلو.
– **گـُلُ رَعنا:** ذ. گـُل جو هڪ قسم (ٻه رنگو، اندران ڳاڙهو ۽ ٻاهران ڦـِڪو).
– **گـُل رَنگ:** ذ. صفت. گل جهڙو رنگ – گـُلابي – ڳاڙهاڻ مائل – قِرمزي رنگ. گهوڙي جي رنگ جو هڪ قسم – گلابي رنگ وارو گهوڙو.
– **گـُل رُوءِ ج گـُلُ رُوءِ:** ذ. صفت. گل جهڙي شڪل جهڙو – ڳاڙهو ٻِلو – گـُلعذار – گل رنگ – گل رُخ – گـُلربا – حسين. خوبصورت – وڻندڙ – محبوب – معشوق – مَنُ.
– **گـُلزار ج گـُلزاريون:** ث. صفت. گلن مان پريل چـَمَنُ – گلستان – ڦـُلواڙي – تخته گل – گلن جي ڪِياري. (صفت). شاداب – خوش آب – هَريو پـَريو – سرسبز.
– **گـُلزارِي ج گـُلزارِيُون:** ث. ڦـُلواڙي. هَريالي – ساوڪ. سُنهن – سهڻائي. گـُلڪاري – نقشبندي – چِٽسالي.
– **گـُل زَعفرانُ:** ذ. گل جو هڪ قسم – زعفران جو گل – ڪيسر جو گل.
– **گـُل زَنگِي:** ذ. گل جو هڪ قسم – خوشنما ڳاڙهي ۽ اڇي رنگ تي گل (دوائن جي ڪم ايندڙ).
– **گـُلِستانُ ج گـُلِستانَ:** ذ. صفت. (ف). گلن جي جاءِ – باغيچو – باغ – چـَمن – گـُلزار – واڙي – ڦـُولستان – ڦـُلواري.
– **گـُل سُورِي:** ذ. گل جو هڪ قسم.
– **گـُل سُوسَنُ:** ذ. گل جو هڪ قسم – آسماني رنگ جو گل.
– **گـُل شَڪرُ:** ذ. صفت. گل جا پـَنَ ۽ کنڊ ملائي ناهيل هڪ قسم جو مرڪب – گـُلقَندُ.
– **گـُلشَنُ ج گـُلشَنَ:** ذ. صفت. گلن جي جاءِ – گلن جو ٻارو – باغ – باغيچو – چـَمن – اِرم – گـُلستان – ڦـُلواڙي – ڦـُولستان – گلزار.
– **گـُلُ صدبَرگُ:** ذ. (ف). گل جو هڪ قسم – سؤ پـَنن سان گـُل – گينڊو گـُل.
– **گـُلُ صَنَوبَرُ:** ذ. گل جو هڪ قسم.
– **گـُلُ عَباسِي:** ذ. عجب جهڙو گـُل – عجيب قسم جو گـُل (خوشبوءِ دار، صبح کان رات تائين طرح طرح جا رنگ ڪدي. فجر جو اَڇو، منجهند جو ڪارو، رات جو ڳاڙهو. انهيءَ ڪري نالو هَفت رنگي (سَت رنگي) گل.

Gul Hayat Institute

– **گـُلِرڙو ج گـُلِـرڙا:** ننڍڙو تازو چاول ڪُتيءَ جو ٻـَچو – پـَلـُونگڙو.

– **گـُلـَرُو:** ذ. ڪتي جو ننڍو پلونگڙو – گـُلـَرُ – گـُلـَرڙو.

– **گـُلِرِي ج گـُلِرِيُون:** ث. ننڍڙي پـَونگڙي – ڪـُتڙي. پـُورُ – ريچـَڪ – سوداءُ – خيالُ – بـُدبـُدو – رِيچـِڪِي.

– **گـُلِرِيُون پوڻ:** جاڳڻ.

• **گـِلـَڙو ج گـِلـَڙا (ٿ):** ڳالهه تان هر هر ڦري ويندڙ – هڪ ڳالهه وارو نـہ هئڻ – ڦرٽو گهرٽو – هڪ سخن وارو نـہ هئڻ – محڪم ارادو نـہ رکڻ.

• **گـَلـِڙِي (ل):** فراسيُن جي ڇـِٽن جو هڪ قسم.

• **گـَلُ سانگهـِڙو:** اسم خاص. تعلقي وارهہ ۾ هڪ ديهہ.

• **گـَل شاهـُ:** اسم خاص. تعلقي ميروخان، تعلقي ڪنڊياري ۾ ديهن جا نالا.

• **گـَلُ شـَڪـَرُ:** ذ. اسم خاص. سنڌي ٻولي ۾ پهاڪن جي هڪ ڪتاب جو نالو.

• **گـُلـُشـِرِائـِي:** اسم خاص. هڪ ذات (مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو).

• **گـَلـِڦـِڙو ج گـَلـِڦِڙا:** ذ. وات جو اندروين پاڱو – واچ – ڄاڙي – واتُ جي ڪـُنڊ.

• **گـَل ڪلهوڙو:** اسم خاص. تعلقي ميروخان ۾ هڪ ديهہ.

• **گـِلـِڪـِي ج گـِلـِڪـِيون (ٿ):** هٿن سان بدن جي ڪنهن ٻئي عضوي تي آهستگيءَ سان ڪيل ڪنهارَ – ڪـِتـِڪـِتائي – ڪـِتـِڪـِتوئي.

• **گـَلِ گـَلِ:** ذ. ننڍڙي ٻار ڪي ماءُ پيءُ جي سڏ ڪرڻ جو نمونو – سٻاجهو آواز – پيار مان سڏڻ جو آواز – پيار جو لفظ – "گـَلـِگـَلِ ڪير اچي." خوشامد – چاپلوسي (ت).

• **گـَلـِڪـَپالَ (ل):** ذ. خارش – ڪـَهـ – ڪـَنـَهـَرَ – خارشَ – خارسَ – ڪـُجـَلـِي.

• **گـُلـُگـَلو ج گـُلـُگـَلا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو – گـَرگـَلو – ٻـَڙو.

• **گـِل گولـِڙِي:** ث. ننڍڙن ٻارن ڪي ڪوڏائڻ جو نمونو – گـِل گـِلولـِڙِي.

• **گـِلـِمُ ج گـِلـِمَ:** ذ. (ع. قالِين. ف. گـَلـِيم = رِلـِي). پـَٽ تي پکيڙڻ لاءِ وڏي فراسي – فـَراشُ – غالـِيچو – فـَرشُ – تـَپـِڙُ.

• **گـُل مُحَمَّد لغارِي:** اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **گـُل مِيخَ ج گـُل ميخون:** ث. ڪـِلـِيءَ جو هڪ قسم – ويڪري متي واري ڪـِلـِي. ريزا ميخ. ڪچي سلائي – ٽاڪو – ڪوڪـُ.

• **گـُلـَنداز ج گـُلـَندازَ:** ذ. (گولـہ انداز) نشانہ بازُ – چيٽو – توبچي – نشان چٽيندڙ – غبارچي. فوجي ماڻهو – سپاهي (اسم خاص). هڪ قبيلي جو نالو.

– **گـُلـَندازِي ج گـُلـَندازِيُون:** ث. توبـِزَنـِي – نشانہ بازي.

• **گـَلندرُ:** ذ. اسم خاص. ٻوٽي جو قسم، هڪ پسارڪو وکر، جو دوائن ۾ ڪم اچي. (ن– ب).

• **گـَلو ج گـَلا:** ذ. (سن. گـَل > گـَلا = ڳچي) نِڙِي – گهـَٽ – ڳاٽ – ڳچي – ڳلو – ڪنڌ واري ڳلي – نڙگهوٽو – نڙگهٽ. نڙيءَ جو آواز – سريلو آواز – مٺو آواز – آواز – صدا – اِلحان – اُٺن جو وڳ – وڳر – ولر – گلر – قطار – ڌڻ – ساڳو. ساٿ. (ت). سوري. مڇي ڦاسائڻ جي ڪنڍي. آگـَرُ – دڪاندان وٽ پئسن رکڻ جي پيٽي. (ت).

– **گـَلابـَندُ ج گـَلاَبـَندَ:** ذ. صفت. ڳچيءَ کي ويڙهڻ جو ڪپڙو – اهو رومال جنهن سان ڪن ۽ ڳچي ويڙهجي – ڪنڌڪ – شانهہ پوش (انگ) مـَفلـَرُ.

– **گـَلو ڪاٽـَڻُ:** سسي لاهڻ – نڙي وڍڻ – ڳچي ڪپڻ – سِرُ لاهڻ. ڏاڍي سختي ڪرڻ – ڪٺور ٿيڻ – بي رحمي ڪرڻ – آزارڻ – ڏکوئڻ – پيڙڻ – ستائڻ – رنجائڻ – ايذائڻ. زوريءَ ڪم وٺڻ – زبردستي ڪرڻ. جبراً ڪرڻ.

– **گـَلو ڪـَپـَڻُ:** گلو ڪاٽڻ.

– **گـَلو گهٽجـَڻُ:** ڳالهاءَ ئي نـہ نڪرڻ – آواز بندٿي وڃڻ. ساهہ نـہ کڄڻ. زبردستي ٿيڻ – جبراً سِرُ تي اچي پوڻ.

– **گـَلو لـَڪـَجـَڻُ:** ڪم جو پورائو ٿيڻ. (ن– ب).

– **گـَلوئـِي گارُ ٿـِيـَڻُ:** پيڙهي ناس ٿيڻ – ڪٽنب تباهہ ٿيڻ – خاندان ئي چٽ ٿي وڃڻ – بنياد تباهہ ٿيڻ – گهر ٻار تباهہ ٿي وڃڻ. ستياناس ٿي وڃڻ – هڙ موڙي چٽ ٿي وڃڻ.

– **گـَلي پـَوَڻُ: ستائڻ** – ڪپائڻ – دِق ڪرڻ – تڪليف ڏيڻ – پائي ڪٽڻ – هرويرو وڙهڻ.

– **گـَلي جو هارُ:** اسم .مالها– هار – ڪنڊلو – ڳلپٽو – ڪنڍي – صفت. مـِنـَن – لـَڏڻ – پيارو – سڪيلڏو – ٻودلو – لاڏلو – طوق پٽلو – انگلي. محبوب – معشوق – دلبر – ساجن – جاني.

– **گـَلي جو هارُ هـُئـَڻُ:** بلڪل پيارو هئڻ – محبوب هئڻ – دلبر هئڻ – سڄڻ هئڻ – ساهہ جو سينگار هئڻ – ساجن هجڻ.

Gul Hayat Institute

ٺونٺ مٿان اِتي رکي، مٿي اُچلي ڏڪ هٽبو. جُڳ ۾ ڪُل ۾ اِتي رکي ڏڪ هٽندا آهن. هن راند ۾ ڪنهن به داءُ جي ڏڪ ڪُسڻ سان رانديگر ڪاپي پوندو وري پاڻ وجي آگ ڏيندو.

• **ڪَلِي ج ڪَلِيُون:** نيرو رنگ— ڌوتل ڪپڙن جو ڪليل رنگ بيهارڻ لاءِ نِيرمان ٺهيل اٽو (پائوڊر) —نيل.

— **ڪَلِي ڪُـوڙو:** جنديءَ ۾ ڪم ايندڙ رنگ جو قسم.

• **ڪَليٽو ج ڪَليٽا (ٽ):** ذ . ڪنهن ڳالهه تان ڪاڏل ڦيري — نابري — انڪار — ڦيرو.

— **ڪَليٽو کائڻُ:** ڪيل ڳالهه کان انڪار ڪرڻ — ڳالهه تان ڦري وڃڻ — ناڪار ڪرڻ — نابري وارڻ — ٽَٽائي وڃڻ.

• **ڪِلِي خور:** اسم خاص. ذ . هڪ پکيءَ جو نالو (بَدَڪ جيڏو). (ڪَني ڦول) ولايتي ڪڪڙ. فِيل مرغ.

• **ڪَلِيرَ ج ڪَـلِيرُون (ت):** ث . ٻڪريءَ جي نِڙيءَ هيٺان ٻه چمڙي جون ڳِلٽيون—لٽڪا.

• **ڪَليڦُ ج ڪَليڦَ:** ذ . (ع. غلاف). ٿِتو سبيل ڪپڙو. جو سياري ۾ سرديءَ کان ويڙهجي — ڪَليڦ. ٿُلهي ڪپڙي جو قسم — ڪپڙو.

• **ڪَلَيلُ ج ڪَلَلَيلَ، ڪَلَيلُون:** ث . پَکين جي هڪلڻ لاءِ سُٽ ۽ ڪاٺيءَ مان ٺهيل ڪانياٺي — ربڙ ۽ ڪاٺيءَ مان ٺهيل شڪار ڪرڻ جو هٿيار— غُليل — گليلو — گِلولَ— ٽِيٽڪ.(اسم خاص). تعلقي گهوڙا باريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. ميرپورساڪري ۾ هڪ شهر جو نالو.

— **ڪَليلو ج ڪَليلا:** ذ . صفت. مِٽيءَ مان ٺاهيل چِٽو — مِٽيءَ جو گولو. ڪانياٺيءَ ۾ وجهي هڻڻ لاءِ — مٽيءَ جو گول ڳوڙهو. ڪُلولو.

— **ڪَليلِي ج ڪَليلِيُون:** ث . ٻسانگيَ ڪاٺي مان جوڙيل اٽڪل. جنهن سان پکي وغيره مارجن — ربڙ ڪاٺيءَ ۽ چم جي چِلي مان ٺاهيل ڪَليل. مِٽيءَ جي ننڍڙي ڳوڙهي.

• **ڪَلِيو ج ڪَلِيا (ٽ):** ذ . ڪُتي جو ننڍو ٻچو— ڪُلِرُ— پَلونگڙو— پونگڙي — پُونگڙو.

• **ڪَليهه:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو(اڪثر حيدرآباد ۾).

• **ڪَمُ ج ڪَمَ، ڪَمُون:** ذ . ڪَلَ — سماءُ — سُڌ— سَمَڪَ — پَروُڙَ— ٻوجهه — علم — ڄاڻ — ڏَس — اُهڃ — آثار — نشاني — اُهڃاڻ — پتو— پارُ. سمجهاڻي — نصيحت — هدايت. سَمجهه — فهم — زيرڪي — ٻُڌِ — ٻُڌِي— ذهن — چَترائي — ڏاهپ — سياڻپ — سُٽوپَرائي — هوشياري — چالاڪي.

• **ڪُمُ ج ڪُمَ:** ذ . صفت. (ف. ڪُم = غائب) غائب — لڪل — چُپيل — ڳُجهو — الُوپُ— مخفي — لاپتا. وڃايل — وِيَلُ — ٽڙيل — چَٽُ — نابود — تباهه — برباد — اُجاڙ — هاريل — ضايع ٿيل. (ڏڪ لڳڻ ڪري يا رت جي خراب ٿيڻ ڪري). بدن تي نڪري پوندڙ ڳوڙهو — ڳنڍيو — ڳَڙُ.

— **ڪُمُ ٿِيَڻُ:** غائب ٿيڻ — الُوپ ٿيڻ — هڙپ ٿيڻ — وڃائجي وڃڻ — غرق ٿيڻ — لاپتا ٿيڻ. ضايع ٿيڻ — تباهه ٿيڻ — برباد ٿيڻ.

— **ڪُمُ شُمُ:** صفت. ڪُم — ڪُٿون — لِڪَل — لِڪايل — ڪُم نام — مخفي — ڳجهو — الُوپ — غائب. خاموش — ماٺ — چُپُ — سانت. ششدر — حيران — هڪو ٻَڪو — وائڙو — ويچُون وِيَل.

— **ڪُمُ ڪَرَڻُ:** لِڪائڻ — ڇپائڻ — روپوش ڪرڻ — ڳُجَهو رکڻ — ڍِڪي ڇڏڻ — غائب ڪرڻ — الُوپ ڪرڻ. وڃائڻ— ضايع ڪرڻ — گنوائڻ — ڪوهڻ — وڃائي ڇڏڻ — زيان ڪري ڇڏڻ.

• **ڪُماٽجڻُ:** وڃائجڻ — ڪم ٿيڻ — ڳجهو رهڻ — غائب رهڻ. نابود ٿيڻ — ضايع ٿيڻ — چٽ ٿيڻ.

• **ڪُماشِتو ج ڪُماشِتا:** ذ . (ف . ڪُماشتن = نظرداري ڪرڻ) پَلاوُٽو — ايجنٽ — دَلالُ— شاهوڪاري ڪاروبار هلائيندڙ— خريد فروخت ڪندڙ — ٻئي جي طرفان ڪنهن ڪم لاءِ مقرر ڪيل خاص ماڻهو — ڪارڪن — نائب — ڪامگار — ڪارائو — ڪمدار — مُنيم — مُنيب — مختيار.

— **ڪُماشِتگيري ج ڪُماشِتگِيرِيُون:** ث . دَلالِي— ايجنٽي — دستُوري— نَائِبِي.

• **ڪُماڪُم(ت):** ذ . وَڌ— جِهد— سَعيو — ڪوشش — اُدم — محنت. رقصُ— ناچُ.

• **ڪُمانُ ج ڪُمانَ:** ذ . (ف. ڪُمان = شَڪُ) شَڪُ— شُبهو — ظَنُ — ڀرم — وَهم — وسوسو — عبرت — خيال — قياس — قياس آرائي— ويچارُ — دَليل — ڪِيافو.

— **ڪُمانجڻُ:** مصدر. شَڪجڻ — شَڪ آڻڻ .

— **ڪُمانُ ڪَرَڻُ:** شڪ ڪرڻ — وَهم ڪرڻ— وشواش هڻڻ — ڀرم ڪرڻ — سنسو آڻڻ — گمانجڻ.

— **ڪُمانِي ج ڪُمانِيُون:** صفت. شڪي— شڪ واري ڳالهه — گمان ڪندڙ — بي ويساهو — وِسواسي .

• **ڪُمائڻُ:** مصدر. وڃائڻ — لِڪائڻ — ڪُم ڪرڻ — پَرائي شيءِ لڪائي ڇڏڻ. غائب ڪرڻ —چورائڻ — ڦٻائڻ — غصب ڪرڻ — پَرائو مال هَڙپ ڪرڻ. (ڪُمايو — ڪُمائيندو — ڪُمايل).

Gul Hayat Institute

- **گَندُمُندُ**: ذ. صفت. مونجهارو– گڙٻڙ– لُڙُ– بکيڙو– رولو.
- **گَندو ج گَندا**: ذ. صفت. اندرجو پليت – بدنيت وارو – دغاباز – اندرجو ڪارو – فريبي – مڪريل – ڊوهو – بدمعاش.
- **گَنديرُ**: اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه.
- **گَنديُ ج گَنديَ (ت)**: گونگهٽ – گهنڊ. لڪ لڪاءُ.

– **گَنديُ ٻَلاڙو ڪَرڻُ**: منهن ڍڪي ويهڻ. پڙدي ۾ ويهڻ. لڪي ويهڻ. گهنڊ گهنڊالو.

- **گَنديوخُ ج گَنديوخ (ت)**: ذ. (بل. گَنوخ = چريو)ڊڇڻو – سست. نستو – ڪمزور. ضعيف– ڏٻرو.

– **گَنديوخائِي ج گَنديوخايُون**: ث. بزدلي – ڊڇڻي طبعيت.

- **گَنـرَ**: اسم خاص. گاهه جو قسم.
- **گَنرِوَ**: هڪ دلي رکڻ لاءِ ڪاٺيءَ جي گهوڙي(مَنجي). ان کي ٽنگون ڪو نه ٿين.
- **گَنگَ(ت)**: ذ. ڪانهن يا سَرن جي ٻوڙي جي ڪاني جو سنگ– سنگ جو ڍِڍو– نسريل ٻوڙو.

– **گَنگَ ڪَڍَڻُ**: ڪانهن يا سَرن جي ڪاني جو نسرڻ.

"سَرءُ لڳو سَرَ موريا. ڪڍيا گوش گنگن".

– **گَنڪارجَڻُ**: سَرن جي سگن جو ڦُٽڻ.

- **گَنگُ ج گَنگَ**: ذ. صفت. گونگوپڻ – محويت. خاموشي.

– **گَنگباز ج گَنگبازَ**: ذ. صفت. گُنگو ناٽڪ ڪندڙ – سانگ وجهندڙ.

– **گَنگبازِي ج گَنگبازِيُون** : ث. صفت. سانگ – گونگوناٽڪ– گونگو تماشو.

– **گَنگَٻوڙ ج گَنگَٻوڙَ**: ذ. مات مٺ – چپ چاپ – سانت – سنات – خاموشي – گُپ چُپ– مونجهاري واري حالت.

– **گَنگَ ٻوڙَ ۾ گذارَڻُ**: اَندر جو اندر ۾ ڳُٽيون ڪندو رهڻ. جيءَ سان جهوري لڳڻ – ڳُٽيءَ ۾ گذارڻ – پريشان حال رهڻ.

– **گَنگَڻو ڪَيو ڳالهائڻُ**: چٽيءَ طرح نه ڳالهائڻ. صاف نه ڳالهائڻ – اَٽڪي ڳالهائڻ.

– **گَنگدامُ ج گَنگدامَ**: ذ. بي زبان – حيوان – جانور – مِرون – پسون – گگدام – وهٽ – جِيوُ– ساهوارو.

- **گَنگا**: ث. (سن) ڀارت ۾ هندن جي پوِتر نديءَ جو نالو.

"گَنگالوچي گودڙيا، جرپِيتائُون جام" (اسم خاص) عورت جو نالو.

– **گَنگا اَشنانُ ڪَرڻُ**: ڌرم جو ڪم ڪرڻ.

– **گَنگاتِي ج گَنگاتِيُون**: گنگانديءَ جي مٽي – گنگانديءَ جي واري( جا هندو ماڻهو پوڄا پاٺ لاءِ ڪم آڻين). گنگي ماڻهوءَ جي حالت.

- **گَنگا پَربَتُ**: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو. جنهن مان گنگاندي نڪري وهي ٿي.
- **گَنگارامِي**:اسم خاص. جانور جو قسم.
- **گَنگا**: اسم خاص. لس ٻيلي جي هڪ قبيلي جو نالو.
- **گَنگاڻِي**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **گَنگائِڻُ**: مصدر. گُنگي وانگي ڳالهائڻ – دَٻيل آواز– گهگهو ڳالهائڻ – سمجهه ۾ نه اچڻ جهڙو ڳالهائڻ – گنگ ٻوڙ ڪرڻ.(گنگايو – گنگائيندو – گنگايل).

– **گَنگائِي ج گَنگائِيُون**: ث. بي زباني – ڳالهائي نه سگهڻ واري حالت – نه سمجهڻ جهڙو ڳالهائڻ – گونگو.

- **گَنگِڙو ج گَنگِڙا**: ذ. صفت. ٽرڙو( لاٽِئُون)– هڪ ٽِڪَ نه ٽرندڙ لاٽئون– ڪرڪڙيو.

– **گنگڙائِي ج گنگڙائيون**: ث. صفت. لوڏي سان هلڻ– ڏڏڪي سان هلڻ– نخري واري چال– ڳَمَ – لوڏو– ڏوڏو.

– **گنگداسِ (ٽ)**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

- **گَنگَرِ ج گَنگَرَ**: ذ. صفت. وڏو ڪُٽنب – وڏو عيال – گهنگهر.
- **گَنگِريتُ ج گَنگِريتَ(ڪ)**: ذ. سڪرات واري حالت – لُڪيءَ ۾ ساهه هڻڻ.
- **گَنگڙُ**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گمبٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **گَنگڙُ ج گَنگڙَ**: ذ. نوڙي – ڦاهي. نقصان. ڦڏو – فساد. ڇيهو – ڪوٽ – ٽوٽ.

– **گَنگڙُ پَوڻُ**: فساد ٿيڻ ڪري مشڪلاتون پيش اچڻ.

- **گَنگِڙائِي ج گَنگِڙائِيُون**: ث. صفت. ڏُڏڪي سان هلڻ – لوڏي سان هلڻ.
- **گَنگَڪِي**: اسم خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **گَنگوُ ج گَنگوُ(ت)** : ذ. لَٺيءَ (وڻ) جو ڳاڙهو گَونجُ – گُنگُو(ل).

– **گَنگُوٽارو ج گَنگُوٽارا (ت)**: ذ. صفت. ڳاڙهي گونج وارو لَٺيءَ جو ٽارو.

- **گَنگُو**: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **گَنگو ج گَنگا**: ذ. صفت. (ف. گُنگ) جيڪو ڄائي ڄم کان ڳالهائي نه سگهي – بي زبان ماڻهو. حيوان وغيره – جيڪو

بوڊو – بوگو – مڇيءَ جي آنِي. (ٿَڌ) لڳڻ سبب نَڪ جي پاٺي جو ٻڌوءِ گهاٽو لِبَ جهڙو ٿي پوڻ.

– گوبائِي: ث. غليظ – گندو – ڪِنو – خراب – ڪچرو.

– گوبِرُ ج گوبِرَ: ذ. صفت. سِنگهرُ – بوڊرُ – لِمرُ – گوبرُ – گگرُ.

• گوبو ج گوبا(ٿ): ذ. ٿوري عقل وارو – مورک – گهيلو – بيوقوف.

• گوبِي ج گوبِيُون: ث. ٻاجهي جي هڪ پوک جو قسم.

• گـُوپَنُ(ڪ): ذ. سُڪايل لَسيءَ جا ڦـُـٽَ.

• گوپُو(ٿ): ذ. تمام سياڻو – ٿور ڳالهائو – ٿور ڳالهائيندڙ – بردبار – فهيم.

• گوتَمُ: اسم خاص. ٻـُڌمتي جو باني – گوتم ٻُڌ.

• گـوتَڻ (ٿ): مصدر. (ع. غوط )نهارڻ – ڳولڻ – جانچڻ. ڦولڻ (گوتيو – گوتيندو – گوتيل).

– گوت (ٿ): ث. ڳول – نهار. جانچ – ڦول – ٽٽول.

• گوتِي (ٿ): ث. ويچار – خيال. پهه – ڌيان – غوط زني.

• گـوتو ج گوتا: ذ. (ع. غوطه = ٽـُٻِي) ٽٻي. گوتي ۾ گوتو – ٽٻيءَ ۾ ٽٻي، خيال ۾ خيال.

– گـوتو کائڻُ: صبر ڪرڻ. ٻڌڻ. پهه پچائڻ – خيالن ۾ اچي وڃڻ.

• گوٽَ ج گوٽون: ث. گسائڻ – نٽائڻ. ادب – نياز – نٽڙت.

– گوٽِناٽَ ج گوٽِناٽُون: ث. صفت. نٽ نٽاءَ – گس گساءُ – عذر – نٽاءُ – گوهي. ٽار – فرار – آنا ڪاني.

– گوٽِنات ڪَرَڻُ: بهانا ڪرڻ – نٽائڻ – ڪم ڪان نٽائڻ – عذر پيش ڪرڻ – ٽال مٽول ڪرڻ – ترڪ ٽاليون ڪرڻ – گسائڻ – جند ڇڏائڻ.

• گوٽو ج گوٽا: ذ. سون يا چانديءَ جو ڪلابات – سونهري يا اڇي ڦيٽ – ڪناري – وٽ (زالون سُونهن لاءِ اوڍڻ ۽ ڪـُرتين لاءِ ڪم آڻين).

• گـُوٺُ ج گوٺَ(ٿ): ذ. ضد – هوڏ – توڏهه – بحث. نٽرپائي – تيسرپائي.

– گـُوٺُ ڪَرَڻُ(ٿ): ضد ڪرڻ – نٽرپائي ڪرڻ – انڪار ڪرڻ – نہ مڃڻ.

• گوٺَڻ (ٿ): مصدر. قميص يا ڪوٽ جا ڪاج ڌاڳي سان ناهڻ. (گوٺيو – گوٺيندو – گوٺيل).

• گوپالو: اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه.

• گـوپانگُ: اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي شهدادڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• گوپانگ سَمان: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• گـُوپِسيُون (ل): ث. واهيات گپوڙا – اجائي بڪواس – ڪوڙا افواهه.

• گوپيچَندَنُ ج گوپيچَندَنَ: ذ. زرد مٽيءَ جو قسم. جو هندو قومَ پوڄا پاٺ وقت ڪم آڻين– هندن جي نرڙ تي تِلڪِ ڏيڻ لاءِ ڪم آندل هڪ پيلي رنگ جي مٽي.

• گوچُ ج گوچ، گوچُون: ث. مڇيءَ جو قسم – هي ۴_۵ فوٽ ڊگهي، تولهه ۾ انچ ڪن چورس، شڪل ۾ نانگ جهڙي، ڏندن ۾ ٽئي، ڪاري رنگ تي بنا چلرن جي ٿئي – بونهڻ – ٻانهياري – تمام ڊگهو ۽ بلڪل ڊگهو ۽ بلڪل ڏبرو ماٺهو. ڪٽڪ جو قسم. جنهن جو داٿو ڳاڙهو ٿئي.

• گوچِ (ل): ذ. ڳنڍيو.

• گـُوچ(ت): ذ. آلت.

• گوچ: ذ. غور– ٻناڪ.

– گوچَ ڇڏڻُ: ٻناڪون هٽڻ – پڌڻ – ٻناڪ هٽڻ – دم هٽڻ – مرڪڻ – لاف هٽڻ.

– گوچمان اُڇلڻ (ڪ): اجايو ۽ اڍنگي طرح ڳالهائڻ.

• گـُوچاڙُ ج گـُوچاڙَ(ل): ذ. ڍير. ڍِڳُ – سٿو.

• گـوچَرُ ج گـوچَرَ(ل): ذ. ٻن واهن جي وچ ۾ وڻ، گپ ۽ پاٺي.

• گـوچَرا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• گوچَرو ج گوچَرا(ت): ڳاڙهيرو( ڪپڙو).

• گوچِرو ج گوچِرا: ذ. گـَجرا (زالن جي پهرڻ جو ڪپڙو).

• گـوچِرو: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• گوچِرِي، گوچڙِي(ت): ث. ڪٽڪ جو هڪ قسم. گوچي.

• گوچَرِي ج گوچَرِيُون: ث. راڳڻي جو قسم. گجري – هڪ زيور جو نالو(ت).

• گوچِي ج گوچِيُون: ث. ڪٽڪ جو قسم – اُها ڪٽڪ جنهن ۾ وڏي انداز ۾ جَوَهَ گڏيل هجن.

• گوچيڙو: اسم خاص. مڇيءَ جو قسم – گوچ مڇي– ٻُوهَڻُ.

• گوچانِي ج گوچانِيُون: ث. دُڪاندارن جي پئسن وجهڻ جي ڳوٿري – گولَڪَ – اَڪَرُ – گهگهه – گهگهر – پئسن رکڻ جي هـَمِياڻي.

• گوچَرُ(ت): ذ. ڳوٺ جي ٻِر وارو پاسو. گـَندُ. مال جي چرڻ لاءِ ڇڏيل زمين. ڪچرو.

• گوچارَ(ت): ذ. ٻِٽَ جو اُهو پاسو جتي دير سان اُس ايندي

هجي. پٽَ جو اُلهندي کي سامهون پاسو– تڙَ ڪول جي اُبتڙ
ڳوچار. پٽَ جو وهائو پاسو– پٽَ جو اونداهو پاسو.
• **گوچڻي گوچڻُ(ت):** ذ . مانين ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي جو چورس
ٽڪر– مانين ڍڪڻ جو ڪپڙو.
• **گودُ ج گودُون:** ث . (سن . ڪود = جهولي) جهولي– دامن –
هنج – آغوش – پهلُو– پلئُو– پلاند. ڪوڙو– چاتي. ڳَرُ
– ڳلو– ياڪر– ٻڪ ڳرانڙي – ڳيراتي. گود جو ٻار ونڻ.
وڌُ پوکڻ لاءِ کوٽيل کڏَ.
– **گودَ جو پٽُ:** پاليل پٽُ. ڌاريون ٻار پنهنجو ڪري پاليل.
– **گودَ ۾ لڪائڻُ يا جاءِ ڏيڻُ:** لڄَ رکڻ – ڳالهه اُگهاڙي نه
ڪرڻ. راز ظاهر نه ڪرڻ.
– **گودَ ۾ وٺڻُ:** اختيار ڪرڻ – جهوليءَ ۾ وٺڻ – ڌرم جو اولاد
ڪرڻ – قبضي ۾ ڪرڻ – جهلڻ.
• **گُودَ ج گُودَ:** ث. بدڪار عورت (ت). ڇنال – ڏوتي.
– **گُودُ گُلهُ:** خراب– بدچال. اڊنگو– بيهودو– بي شرم– بي حيا.
• **گودا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (تر ۾ مينگهواڙ).
• **گودائي:** اسم خاص. ٻگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **گودرَ ج گودرَ:** ذ . اُهو زمين جو حصو جو آباد ڪيل زمين جي
وچ ۾ غيرآباد هجي. جتي گهڻو گاهه ٿئي. جانورن جي چرڻ لاءِ
جهنگ. تترن قاسائڻ لاءِ دام. سيڙهو. (ت).
• **گودڙ ج گودڙ(ل):** ذ . صفت. (سن. گودر = گودڙي) نرم گودڙي
– وڏي گودڙي – ٽُنل ڦاٽل رلي – فقيرن جي (پنڻ جي)
جهولي – پراڻن ڪپڙن جي هڙ – ڦاٽل ٽُٽل ڪپڙن جي مڏ.
پراڻو ڪپهه. ڍُول ٻلاڙو– بي ڍولو– اڊنگو– بي ڍنگو– اناڙي
– جڏو – بي هُنر– اڻ گهڙيو – دودَستو – ڪُڍنگو – ٻُچڙو
– ڍول مول. ڪوجهو – ڪِنو – خراب. ڪميڻو– ڪُڌو –
پاجي – مُٺ پيڙُ. ڇنل ڦاٽل (ڪپڙا). ٻري حال – ٻُرا حال–
ڪٽڙيل حال. ذليل – تيڪرُ– ڪپو – تَلُ – ويڌر. تترن
قاسائڻ جي جار جو قسم (اسم خاص) ماٿهو جو نالو.
– **گودڙ ج گودڙا:** ذ . صفت. ڦاٽل ڪپڙو– ڦاٽل رلي يا سوڙَ –
وڏي رلي يا گودڙي .
– **گودڙي ج گودڙيون:** ث . صفت. فقيرن جو ٻهرڻ لاءِ ڪپڙي جي
ٽڪرين مان ٺهيل ڪوٽ يا ڪُڙتو– چتيون لڳل پوش –
فقيرن جي ڳوٿري – گيدن – فقيرن جو جُبو– لباس.
"ڪرجا ڏني گودڙي، سا ٿيئي لاهيندي لڄَ." (شاهه).

– **گودڙي پوش:** ذ. صفت. فقيري لباس وارو. پينو.
– **گودڙيو ج گودڙيا:** ذ . صفت. هميشه گودڙي پهريندڙ – گودڙي
ڍڪيندڙ فقير– گودڙيءَ وارو.
– **گودڙيءَ هيٺ لڪائڻُ:** غريبيءَ ۾ گذارڻ. حال تي راضي رهڻ.
جهوليءَ جهلڻ– پناهه ڏيڻ– اَمن ۾ رکڻ– سامر جهلڻ.
• **گودڙَ ج گودڙَ:** ذ . ث . رلي – رلهي – رلڪو – پٽڙي –
سوڙَ– گودڙي. ڇنل ڦاٽل ڪپڙو– ليڙون ليڙون ٿيل ڪپڙو–
لڱڙ– لينگهون لينگهون ٿيل پراڻو ڪپڙو.
• **گودڙا:** ذ . ٻن ڍورن جي وچوارو زمين جو ٽڪرُ.
• **گودڙيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **گودو ج گودا:** ذ . ڪِيسو – جيب – گِدو. ڳوڻ جو ٺهيل
ڪُنڊائتو ٻوڙو.
– **گودو اَڏڻُ:** تترن قاسائڻ لاءِ گودو تيار ڪرڻ .(ل).
– **گودو رکڻُ:** تترن قاسائڻ لاءِ گودو ناهي رکڻ.
– **گودو وجهڻُ:** تترن قاسائڻ لاءِ گودو تيار ڪرڻ.
• **گوديَ ج گوديُون:** ث . اُها جاءِ جتي ريل گاڏين يا جهازن مان مال
لاهجي – جهازن جي بيهڻ جي جاءِ – سامان رکڻ جي جاءِ –
ورڪشاپ – ڪارخانو – ڪم جو سينٽر. مڇي رکڻ جي ننڍي
ڳوٺڙي. ٻچ جي ڏنڊي – دمچي– ڪوڏي – ڏاڪ اسٽيشن–
تيشڻ. گهرڌياڻي – وڏي مائي – سانئڻ – گهرجي وڏي عورت.
• **گوديرَ (ت):** اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم.
• **گوڏي ج گوڏيُون (ٿ):** ث. ٽن سالن جي وهڙي – ٻه ڏندي عمر
واري ڳابي.
• **گوڏيار:** تعلقي مٺيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **گوڏ ج گوڏيُون:** ث . گوڏن تائين بدنَ جو ڪپڙو– بدن جو
هيٺيون ڌڙ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو– هيٺ بدن لاءِ ڪپڙو– ڌوتيءَ جي
نموني چيلهه کي ٻڌل ڪپڙو– تهبندَ – ڌاپ – لاڪ – گوڊ.
– **گوڊِرَ ج گوڊِرَ:** ذ . صفت. گوڏ ٻڌندڙ.
– **گوڊِ ڪرٽُ:** گوڏ ۾ ٻڌل ڳنڍ (پئسن جي).
• **گوڏا:** ذ . وڻ جا سَنڌا جتان پَنَ ڦٽن – ڦوڳ جا لاسُو.
• **گوڏائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **گوڏو ج گوڏا:** ذ . هڪ عضوو – سٿر ۽ ٻڪيءَ جو سنڌ يا جوڙ –
ران ۽ سٿرجي هيٺان گول پيالي وارو سنڌ– ٽنگن جي وچ واري
حصي وارو هڏو– زانو – مونو.
– **گوڏا ڀيڪوڙ:** ذ . صفت. گهڻو وقت نه ترسڻ – جلد اُٿڻ – تمام

Gul Hayat Institute

جلدي اَچڻ واري حالت – هڪدم موٽي اچڻ واري حالت – ٺهه پهه – ويرم ۾ – بنا دير – اَک ڇنڀ.

– **گوڏا ٻيڪَرَڻُ:** گهڻو وقت نہ ترسڻ – جلد اچڻ – دير نہ ڪرڻ – بنا دير – ويرم ۾ اَچڻ – ٺهه پهه.

– **گوڏا ڀَڃي وڙهَڻُ:** بيحد بهادريءَ سان وڙهڻ. ڪش ڪشان ڪرڻ. ڇڪ تاڻ ڪرڻ – جدوجهد ڪرڻ – اَڻ ورچ ٿي وڙهڻ.

– **گوڏا ڀَڃي ويهَڻُ:** گوڏا ورائي ويهڻ – گوڏن ڀر ويهڻ – دوزانو ويهڻ – ادبَ سان ويهڻ.

– **گوڏا ڇَڏجَڻُ:** ويهجي وڃڻ – لاچار ٿيڻ. بي وس ٿيڻ – نستو ٿيڻ – ضعيف ٿيڻ. ٻئي جي وس هئڻ – ٻئي جي قابو ۾ رهڻ – ٻئي جي چئي هيٺ اَچَڻُ.

– **گوڏاڙُ ج گوڏاڙَ:** ذ. اُٺ جي گوڏي تي ڳنڍيو ٿيندڙ.

– **گوڏا ڪوڙُ ج گوڏا ڪوڙَ:** صفت. (گهوڙن جو اصطلاح) گوڏا ڪوڙيندڙ (گهوڙو) – ٿابو ڪائيندڙ (گهوڙو).

– **گوَڏا ڪوڙائڻ:** هيسائڻ – ماري مڃائڻ – آڻ مڃائڻ – مڃتا مڃائڻ. دٻائڻ.

– **گوڏا ڪوڙَڻُ:** ڍرو ٿيڻ – بي همت بڻجڻ – ٻڏو ٿيڻ – مڃڻ. بي وس ٿيڻ – بي طاقت ٿيڻ – ضعيف ٿيڻ.

– **گوڏا ڪوڙي ٿو اَچان:** اِجهو ٿو اچان – دم ساعت ۾ ٿو اچان – ويرم ۾ ٿو اچان.

– **گوڏانگـڙِي:** ث . ڏيپلي جي نزديڪ ﮬڪ تڙ يا تلاءُ (جتي وهٽ گوَڏا ڪوڙي ٻوٽ وجهي آسانيءَ سان پاڻي پي سگهي ٿو).

– **گوڏَڙُ ج گوڏڙَ(ٿ)** : ذ . صفت. جنهن جا گوڏا ٻين عضون بنسبت وڏا هجن.

– **گوڏِڙِي ج گوڏِڙِيُون:** ث . ملهه جو انگ. مُنڙي.

– **گوڏَن ڀَر ٿِيَڻُ:** سقيم حال هئڻ – ڪنگال ٿيڻ. مسڪين ٿيڻ. نقصان ۾ اچڻ – چيهي ۾ پوڻ. ٻڏو ٿيڻ – جهونو ٿيڻ – نهايت پوڙهو ٿيڻ.

– **گوڏَن ڀَر ٻَهُجَڻُ:** سڃو ٿيڻ – مفلس ٿيڻ – غريب ٿيڻ. فقيري حال ٿيڻ. عمر ڪائي چڙهڻ.

– **گوڏَن ڀَر گـسَڻُ:** گوڏن سان رڙهي هلڻ.

– **گوڏَن تان ڪَپڙو لاهِڻُ:** نرلڄو ٿيڻ.

– **گوڏَن تان گَندي يا ڪپڙو ڪڍڻ:** لَڄ لاهِڻُ.

– **گوڏَن تائِين گَـتَلُ:** ڏاڍو گنهگار. مها پاپي. قرض ۾ ورتل. مقروضي حالت.

– **گوڏو ٻيڪَرَڻُ:** گهڻي دير نہ ترسڻ – تمام جلدي موٽڻ – هڪدم واپس وَرَڻُ – بنا دير جي موٽڻ – وڃڻ ۽ اچڻ.

– **گوڏو ڀَڃَڻُ:** ملهه وڙهڻ کان اڳ ۾ ملهه جو گوڏو ڀڃي ميدان ۾ ويهي رهڻ – واري ڪرڻ کان اڳ ۾ هٿ وجهي گوڏو ڀڃڻ.

– **گوڏو ڪـپَڻُ:** ملهه وڙهندي زمين سان گوڏو ڪپي وڃڻ. موقعو ملڻ – داءُ ملڻ – وجهه ملڻ.

– **گوڏو ڪوڙَڻُ:** شڪست قبول ڪرڻ. آڻ مڃڻ – ملهه ۾ زور پوڻ تي لاچار گوڏو ڪوڙڻ.

– **گـوڏو ڪوڙُ يا ٻِڪيڙَڻُ:** آرام ڪرڻ.

– **گوڏو ڪوڙي اچَڻُ:** گهڻي دير نہ ترسڻ – ٿورو آرام ڪري موٽڻ – بنا دير اچڻ – هڪدم موٽڻ.

– **گوڏو لـَڳـَڻُ:** ملهه وڙهندي زمين سان گوڏو لڳڻ – ملهه وڃائڻ.

– **گوڏو هَٽَڻُ:** ضد ڪرڻ – جُهڪي پَوَڻُ. آڏڙي ڏيڻ – رنڊڪ وجهڻ.

– **گوڏي تان ڪَـٽِي هلَڻُ:** لَڄَ ٿيڻ – بي حيائي سان هلڻ – لڇائي سان هلڻ.

– **گوڏي تان ڪَـٽِي ٻِيهَڻُ:** پنهنجي عزت جو ٻہ خيال نہ ڪرڻ. مشڪلاتن کي منهن نہ ڏيڻ.

– **گوڏي تي ڏاڙِهي هُجَڻُ:** وڏي ڏاڙهي هجڻ – ننڍي قد وارو ماڻهو هجڻ – ننڍيءَ وَهيءَ ۾ ڏاڙهي اچڻ.

– **گوڏي پُنِيان رَسُ:** گهوڙي جي پوئين گوڏي پنيانَ رس پرحڻ.

– **گوڏي جي ڍِڪـٽِي ج گوڏي جون ڍِڪـٽيون:** ث . گوڏي جي سنڌ ۾ ڍڪٽي وانگر هڏو.

– **گوڏي مان ٻـٽُ چَمَڻُ:** تيار مال ملڻ – آسانيءَ سان ڪم ٿيڻ . ٺهي نڪيءَ جو سائين ٿيڻ. مفت ۾ ڪم ٿيڻ.

– **گوڏي هيٺ رَکَـڻُ:** ويچار ۾ نہ آڻڻ – زير تجويز هئڻ – جواب نہ ڏيڻ – ويچار ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪرڻ – دٻائي ڇڏڻ – لاغرض ٿي ويهي رهڻ.

• **گوڏو:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (ت).

• **گوڏِي (ت):** ث . زمين مان گـُڏ – رَنبي سان گـُڏ. ڪيسي جي اڳيان ننڍو ڪيسو ٺاهڻ. گهيڙ مان اُٺ جو گوڏن پر مٽي چڙهڻ.

• **گوڏي ڦـُل (ل):** پرتِ پريل ڪوڏين سان سينگاريل – ( مٿان ٻن انچن جي اوڇيدار پٽي جنهن ۾ هيٺ لڏندڙ ڊگهيون سريون، جن جي پوڇڙ ۾ لانگهه تي ان جا ٽؤنرءِ سرون، ڪڄ ڪوڏين ۽ سچن ڪوڏين سان پريل).

• **گوڏيو ج گوڏيا (ٿ):** ذ . اُٺن جي گوڏن تي ٻڌل گهنگهرا – اڳين پيرن جي گوڏن وٽ گهنهرا چم جي پٽيءَ ۾ پوتل.

Gul Hayat Institute

- **گوڙامُ ج گوڙامَ:** اسم خاص. حلال پکيءَ جو هڪ قسم (تلور کان وڏو، وزن اٽڪل سير يا ڏيڍ سير).
- **گوڙِجَڻُ:** مصدر. زمين ۾ آلاڻ ٿيڻ – گهم ٿيڻ.
- **گوڙ موڙ:** گول مولَ.
- **گوڙ موڙو:** گول شيءِ.
- **گوڙڻ (ت):** مصدر. ڳوڻ جا ننڍا ٽڪر جي اُٺ جي ڳچيءَ مٿان رکي پاچاريءَ کي آڏا ڏجن.
- **گوڙو ج گوڙا:** ذ . منگر جو قسم. (چلرن سان منهن ۾ پالي وانگر نوڪيلي تکي ڇُهنب ڏيڍ فوٽ، رنگ ڪارو، ڊيگهه ١٠ کان ١٢ فوٽ)
- **گوڙُو ج گوڙُو:** ذ . ڪڪڙ جو قسم (قد ۾ ننڍو بدن ۾ ويڪرو بلڪل ڪٽل ڪنين سان). بي ڪنيو ڪڪڙ – وارن ڪٽل – مٿو ۽ ڳچي ڪُٽل – ٽرڙُ – ڪُسر.
- **گوڙهواڙ:** اسم َخاص. گهوڙن جو ملڪ. مارواڙ جي جالور علائقي جي ويجهڙائي واري ايراضي.
- **گوڙي ج گوڙِيُون:** ث . ڪاري جي ٻيڙيءَ پنيان ڪاڪوس لاءِ ڪاٺ جي منجي. گوڙيچو – پارسناٿ – جين ڌرم جي ديوتا جو نالو. تعلقي ننگرپارڪر ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو. هڪ راڳڻي جو نالو.
- **گوڙيلو:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **گوڙِيو ج گوڙِيا:** ذ . هٿيار جو قسم. هڪ تلوار جو قسم. ڪڇ ملڪ ۾ ٺهندڙ هڪ قسم جو هٿيار.
- **گوزُ ج گوزَ:** ذ . (ف : گوز = ٽِٽ) ٽِٽُ – واءُ – باد – ريح. آنڊارو يا ڳڙهه يا اهڙو ٻيو زخم يا ڏڪُ، جو چمڙي کان مٿي اُسرندو اچي ۽ ڦاٽي نہ (ڪ).

– **گـُوزبازِي (ت):** اونڌو ٿي پنيءَ پر ڪِري پوڻ.
– **گوزَ ٻڌَڻُ:** ٻٽاڪ هڻڻ. وِڙ ڏيڻ – مهٽو ڏيڻ – لاف هڻڻ.
– **گـُوزَلُ ج گـُوزَلَ (ت):** ذ . واهيات ڳالهيون – گاريون.
– **گوزَ هڻَڻُ:** ٻٽاڪ هڻڻ – لاف هڻڻ – فخر ڪرڻ – وڏاءُ ڏيکارڻ.
– **گوزِي:** ذ . صفت. ٽِٽرُ – ٽِٽُ ڏيندڙ. اجايون ڳالهيون ڪندڙ – فضول ڳالهيون ڪندڙ – ٻِٽَ هڻندڙ – اَز ٻَڪون ٻَڪندڙ – اُفواهہ ڦهلائيندڙ – لافون هڻندڙ.

- **گوزيانِي:** اسم خاص. هڪ لـَڪَ جو نالو – هڪ گهيڙ جو نالو.
- **گوزيري:** فصل جو قسم.
- **گوزُو ج گوزُو (ت):** ذ. صفت. سُست – ٿَڪَلُ – عاجز.

– **گوزُو ٿِيَڻُ:** ٿڪجڻ – لاچار ٿيڻ – آڻ مڃڻ – عاجز ٿيڻ – پريشان ٿيڻ.
– **گوزوِن (ت):** سُست – ڪم همت – بُزدل – ڊڄڻو – گِيدي – ڪاهِلُ.

- **گوزو:** اسم خاص. تعلقي ڪَڪَڙ ۾ هڪ شهر ۽ ديهه جو نالو.
- **گوسُ اُٿارَڻُ:** چاپَڻُ – ڦَٽِڪو هڻڻ – جهاز جو رُخُ بدلائڻ. هلت بدلائڻ – نيتي بدلائڻ. رَوَش ڦيرائڻ – چال چلگت ۾ ڦيرو آڻڻ.
- **گوسائو:** ذ . وَل جو هڪ قسم (ٿوهال وَل جهڙي، جا زمين تي پکڙي ۽ وڻن تي چڙهي، ڦر تي ڪنڊا ٿينس، مٿي تي ڦاڪون، ٻِجُ ڪارو، گـُل ڪارو، پَن پانن جهڙا، ڦَرُ ڪڙو ٿئي، جُلاب طور ڪم اچي) – ڏيڏڪي.
- **گوساڪَڙُ ج گوساڪَڙَ:** ذ. صفت. گـُسائيندڙ – گوسڙو. ناٽائو.
- **گوسائِين ج گوسائِين:** ذ . صفت. (پرا. گوسائيو. سن . گوڪائيڪه = فقير) ٻائو. هندو. بزرگ.
- **گـُوسرانِي:** اسم خاص. (مري بلوچن جي قبيلي جي هڪ شاخ).
- **گوسَڙُ ج گوسَڙَ:** ذ. صفت. گسائيندڙ.
- **گـُوسِڙو ج گوسِڙو:** ذ. صفت. گوسَڙُ.
- **گوسَڙِجي:** اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **گوسِي :** ذ . صفت. ڪوهہ تي پاٽيءَ سان پرجي نڪتل ڪوس کي جهليندڙ (ماڻهو).
- **گـَوسِي:** ث . مڇيءَ جو هڪ قسم.
- **گوشُ ج گوشَ:** ذ . (ف). جسم جو هڪ عضوو ڪن. گونج – گـُوهو – انگورُ. وڻ جون نيون ڦـُٽل ٽاريون – ٻـُورُ. ڪاري جي ٻيڙيءَ جو سڙهہ ۾ ٻڌل آڏو رسو. پکيءَ (ڊانڊي) جو هڪ قسم. ڪَجيءَ جي ڦـَر جو ڇِڳو.

– **گوشاڙُ:** مصدر. ڪَنَ مَهٽ ڪرڻ. ڌمڪي ڪڍڻ. ٿوري سزا ڏيڻ.
– **گوشُ ڏِيَڻُ:** ڪَن ڏيڻ. توجہ ڏيڻ. ڌيان ساڻ ٻُڌڻ.
– **گوشُ رَکَڻُ:** ڪَنُ ڪرڻ. ڌيان ڏيڻ. هوشيار رهڻ.
– **گوشُ ڪـَرَڻُ:** ڪَن ڪرڻ. ڌيان ڪرڻ. هوا جي سامهون هلڻ لاءِ گوش ڪڙي ڪرڻ (ٻيڙياتن جي اصطلاح ۾) سڄي دنيا جو سامونڊي سَير ڪرڻ.
– **گوشُ گـُذارُ ج گوشُ گـُذارَ:** ذ . صفت. ڪَن ڏيئي ٻڌندڙ – توجہ ڏيندڙ . فرياد ٻڌندڙ. دانهن اونائيندڙ.
– **گوش گـُذارُ ڪرڻ :** ڌيان تي آڻڻ. ڪن تي آڻڻ. اطلاع ڏيڻ. سُڌ ڏيڻ. ٻُڌائڻ – جاڻائڻ – چتائڻ. پکارڻ. احوال ڏيڻ – بيان ڏيڻ.
– **گوشُ گـُذارِي ج گوشُ گـُذارِيُون:** ث . خبر – سماءُ سُڌ – اطلاع – جاڻَ. فرياد – پُڪارَ – دانهن.

• **گوڪِل ڪانيءَ**: ث. سِپَ جو هڪ قسم – گهوگهيتو. سُتيئڙو – سِپي.

• **گوگو**: ذ. جيت جو هڪ قسم. اڪ مڪڙنانگ. (ث). (ذ. صفت). بي سمجھ. (اسم خاص) گوگو چهواڻ جيڪو نانگن ۽ بلائن جو گروهو. تعلقي ناري(ضلعي خيرپور) ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **گوگِياءَ ج گوگِياءَ**: ذ. غوغاءَ. هُل – گوڙ.

• **گوگِيڙو ج گوگِيڙا**: ذ. ڪپھ جو ڏينو – ڏيلهو – گوگڙو. ٻاراٽي راند جو هڪ قسم. (ت). ڪوڏِي. (ت).

• **گوگهَ ج گوگهُون (ٿ)**: ث. ڪير ڏهڻ وقت ٿيل گجي.

• **گـُوگهاٽَ ج گـُوگهاٽَ**: ذ. وڏو آواز – گهُوگهَٽُ.

• **گـُوگهَٽَ ج گـُوگهَٽَ**: ذ. لڳاتار هوا لڳڻ جو آواز – شوشٽ.

• **گوگهِرو ج گوگهَرا (ٿ)**: ذ. گهِنگهرو.

• **گوگهِرِي ج گوگهِرِيُون (ڪ)**: ث. گوگڙو.

• **گوگهَڻُ(ل)**: مصدر. مجبور ڪرڻ. لاچار ڪرڻ – بيوس ڪرڻ – محتاج ڪرڻ. (گوگهيو– گوگهيندو– گوگهيل).

• **گوگهو ج گوگها**: ذ. نڙيءَ ۾ هٿ وجهي زور ڏيڻ جي حالت گهُٽو. ڪِيسو – گِيدو – گـُوندو. ڳوٽري – ٽيلهي.

• **گوگهِيتو ج گوگهِيتا**: ذ. ٻارن جي راند جو هڪ قسم. هڪ جيت. جيت جو ٺاهيل گهَرُ. ڪِچ ڪوڏي.

• **گوگهِيٽا (ڪ–ل)**: ذ. اوَيڙ جو هڪ قسم. گـَگـَر جو ڦَلُ. گـَگر.

• **گوگهِيڙو ج گوگهِيڙا**: ذ. ٻارن جي راند جو هڪ قسم. ڪوڏي. ڪيٽو (ل).

• **گولَ ج گولـُون**: ث. ڏٽ جو هڪ قسم – گولاڙي ول جو ڦـَرُ. "آءُ گولـُون گولاڙن تان چوندبينديس چڙهيو"(ڪبير شاهه).

• **گولِ (ڪ)**: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **گولُ ج گولَ**: ذ. (سن). چڪر – ڦيرو – گهمرو – گردو – گولو. ڪا بہ چڪرائين شيءِ "آها شڪل جنهن ۾ ڪَمان وانگر وريل لِيڪ جا ٻئي ڇيڙا پاڻ ۾ مليل هجن. چوڦيرو گهيرو. گهيري جو اندريون ڀاڱو.(صفت). چڪرائون – گولائون – پيچدار – پيچيدو. چوڦير – چؤطرف.

– **گولارا ج گولارا**: ذ. گهيرو – چَڪَرُ – گولو.(اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

– **گولي اَندازُ**: ذ. صفت. گولو اُڇلائيندڙ توبچي.

– **گولانِ**: ث. گولائي. چَڪرُ – ڦيرو.

– **گولائون سَطَحَ**: ذ. گولائي وارو مٿاڇرو.

– **گولائـُون مخرُوط**: ذ. گولائين چوٽي.

– **گولائِي ج گولائِيُونَ**: ث. گولاڻِ. ڦيرو – گهمرو – گهيرو. وَرُ – وَڪَڙُ – ڏنگائي.

– **گولائِين لِيڪَ**: ث. گهيري واري ليڪ.

– **گولائِين ماپَ**: ث. گهيري جي ماپ – چڪرائين ماپ.

– **گولُ مالُ ڪرڻ**: خردبرد ڪرڻ – ڪائي وڃڻ – هضم ڪرڻ. منجهائي وڃڻ.

– **گولُ مُنهَن**: ذ. گولائون مُنهن. سهڻو مُنهن.

• **گولُ مولُ**: ذ. صفت. مُنجهَيلُ. بَتليل – ڏکيو. گاندوڙيل.

• **گولا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ٺل ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **گولائـَا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **گولائِي ج گولائِيُون**: ث. ڦيراٽي – ڦيري. بولاٽي – بازيلي.

• **گولارو ج گولارا**: ذ. ٻوٽِي جو هڪ قِسم – گولاڙو.

• **گولاڙا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **گولاڙڪِي**: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **گولاڙو ج گولاڙا**: ذ. ول جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڳاڙهي رنگ جو هڪ گول ميوو پيدا ٿئي). ڏٽَ جو هڪ قِسم. دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪي وکر جو هڪ قسم. پرت جو هڪ قِسم. ٻاٽيءَ جي پکيءَ جو هڪ قِسم. (ذ. صفت). ٻانهيءَ جو ٻار – ٻانهو – غلام – گولو.

• **گولابُ ج گولابَ(ت)**: ذ. وڏو پيٽ. وڏو تلاءُ. بلغم واري ٽـُڪَ – کانگهارو.

• **گولاڻِ**: ث. گولائي – چڪر – ڦيرو. ڦرهي جي ٺاري.(ل).

• **گولِچِي ج گولچِيون**: ث. رازڪي اوزار جو هڪ قِسم – پِٽ جي دَرزن ڪڍڻ جو اوزار. درزن پرڻ بعد مٿان لڳائڻ جو اوزار. درزن جي وچ ۾ ليڪو ڪڍڻ جو اوزار.

• **گول چِيرِي**: ث. مڇيءَ جو هڪ قِسم – سُڪل مڇي(سوئو).

• **گـُولِرِي ج گـُولريُون**: ث. سپاهين جو دستو – دفعو. تعيناتي (سپاهين جو). بيَندواجي جو پورو دستو – ڇُلڪي – جهنڊ – جماعت – ٽولي – گولو( ماڻهن جو). راڄ – جماعت. ڌڻ – وڳر – گلو – سڳـَرُ.

• **گولِڙو ج گولِڙا(ت)**: ذ. سُرمي رکڻ لاءِ ڪـُٽـِ يا پِتَل جي ڪـُپي – سُرميداڻي.

• **گولَڪَ ج گولَڪـُن**: ث. ٻٽئون – همِياٽي – زر جي ٿيلهي – زردان. ڪِيڪ – گوچاني.

Gul Hayat Institute

• **ڳارانجهو ج ڳارانجها:** ذ . صفت. ڳاڙهاڻ تي مائل رنگ — ڳاڙهسرو — ڳاڙهيرو. غم — اندوهه .

• **ڳاراٽُو ج ڳاراٽا:** ذ . ڳاريندڙ مرض — ڳُڻتي — جهوري — فڪر — پريشاني — ڳارو. ڏک — درد — غم. روڄ — راڙو.

• **ڳارائِڻُ:** مصدر. (سن. گايـ = ڳائڻ )راڳ ڪرائڻ — ٻي کان راڳ چورائڻ — ڳائڻ ڪرائڻ. (ڳارايو ڳارائيندو — ڳارايَلُ).

• **ڳارائِي ج ڳارائِيُون:** ث . ڪاٺي جو هڪ قسم — ڇت جي بار جهلڻ لاءِ شهتير جي منهن ۾ ڳنڍيل جهلو.

• **ڳاررُو:** ذ . جانڊهه جو منهن. رسو ڪنڌ ۾ وجهڻ.

• **ڳاررِهِي:** اسم خاص. تعلقي ڪنڌ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳارَڻُ:** مصدر . ( پرا. گَـلاوو. سن . گال + اوپيا> گل = ڳارڻ ) پگهارڻ — رجائڻ — آئٽائڻ — وگهارڻ — ڌاتوءَ کي گرمائش ڏيئي پاڻي جهڙو ڪرڻ — پنڙو ڪرڻ. حل ڪرڻ — ملائڻ — ملت ڪرڻ — ڇٽ ڪرڻ — ناس ڪرڻ. اپرو ڪرڻ — ڏٻرو ڪرڻ. سُڪائڻ — سسائڻ (ڳاريو — ڳاريندو — ڳاريَلُ).

— **ڳارَ ج ڳارُون، ڳاريُون:** ث . ڳريل حالت. ڳارَو — تحليل ۽ ڳارٽي — اَئٽڻ — سمجهاڻي — حل — پيڇٽي.

— **ڳارُ ج ڳارَ(ت):** ذ . ڳريل — هيٺو — اپرو — ضعيف. واري جو ڳار (هيٺ وهڻ ). پاڻيءَ جو ڳار.

• **ڳاراٽِي ج ڳاراٽِيُون:** ث . رجاٽي — پگهارٽي — آناٽي.

• **ڳارائون:** ذ. صفت. ڳرڻ جهڙو.

— **ڳاررُو ج ڳاررُو:** ذ . صفت . ڳرڻ جهڙو — ڳاراٽو.

— **ڳارَٽي ج ڳارَٽيُون:** ث . ڳارڻ جو ڪم — رجائٽي — آئٽڻ — ڳرٽي — ڳارَ.

— **ڳارو ج ڳارا:** ذ . (سن. گَـلَ = ڳرَڻُ). ڳرڻ جي حالت — دَردُ — ڏک — غم. ڳُڻتي — فڪر — جهوري. تڙپ — ڦٽڪو — ياد گيري. جنڊ جي مٿئين پڙ جي وچ وارو خال. (جنهن ۾ پِيسڻ لاءِ اَن وجهجي) . جنڊ پيهڻ وقت ڳاري ۾ هڪ پيري سان وڌل اَنُ (جو لپ ڪن هجي) ٻُڪي — لپ — چرون. جنڊ جي مٿئين پڙ جي وچ ۾ رهجي ويل (اڻ پيٺل) اَن. (ت). جنڊ جي ٿارُ وغيره کي صاف ڪرڻ جي اڳڙي — نائو. ڳچيءَ ۾ وڌل ڪپڙو. (منٽ وغيره ڪرڻ لاءِ) آزي — نيزاري. (ت). ڪاڌو — خوراڪ . (ڪيڏارو — گر). ٻڪريءَ جي ڦرن ٻڌڻ لاءِ رَسي جو ڳنڍيل چلو. (ڪ — ت). نوڙيءَ ٽڪر. رسو — توڙهو (ڪ). سَيلهيءَ جو وکڙ جوڌڳي جي ڳچيءَ ۾ وجهي(ت ) رستو — واٽ. (ت). پاڻيءَ نيڪال جو ٿورو رستو. (ت). ڪو راڳ وغيره جهيڻي آواز ۾ چوڻ جي حالت — جهونگار. (ڪ) . نياپو — اشارو — اُهڃ. (ڪ).

— **ڳارَن ۾ ڳارا پوَڻُ:** تار ۾ تار لڳڻ — تمام گهڻي سڪ ٿيڻ — محبت ۾ اضافو ٿيڻ — حد کان وڌيڪ يادگيري ڪرڻ.

— **ڳارو ٻـَجهـَڻ:** جنڊ ۾ اڌ پيٺل اَن يا ٿـُلهي اٽي جو ڦاسي پوڻ ۽ جنڊ جي مٿئين پڙ کي ڦرڻ کان رو ڪڻ — جنڊ جو ڦِرڻ ڳرو ۽ ڏکيو ٿي پوڻ. ڪنهن ڪم جو اُڪلاءُ نہ ٿيڻ.

"فلاڻي جو تہ ڳارو ٻـَجهي پيو آهي".

• **ڳاري ج ڳاريُون:** ث . نوڙيءَ ٽڪر — رَسي — نوڙي. پکين ڦاسائڻ جو دامُ — ڦاهي — ڦندو — ڦڙڪ — ڦڙتي — دام — ڇڙڪ.

"طرفون تنهنجي يار سجوءَ کي ، آهي ڳچيءَ ڳاري" (سچل).

ٻيڙي ٻاڌڻ جو ڪاڄُ. ڪڙو. ميربحرن جي اصطلاح ۾ مڇي پلي مارڻ جو رڇ. (جو درياءَ ۾ پاڻي گهٽجڻ کانپوءِ آر پار ڪوڙي ڇڏجي). پٿر جو هڪ قسم — چڻنگون ڪڍندڙ پٿر — چقمق پٿر.

— ڳاري ۽ پرزُ( ڪ): ذ. چقمق ۽ لوهي ڪڙو.

• **ڳاڙَڻُ:** مصدر. (سن . گڊ = ڳِڙَڻُ). ڦڙو ڦڙو ڪري هارڻ — ٽيپو ٽيپو ڪري وهائڻ — ٽمائڻ — وهائڻ . ڳوڙها وهائڻ — لڙڪ وهائڻ. گهارڻ — گذارڻ. سمهڻ — برداشت ڪرڻ. (ڪيڏارو — گر). عرق ڪيڻ — ست ڪيڻ — مغز ڪيڻ — نچوڙ ڪيڻ. (ڳاڙِيو — ڳاڙِيندو — ڳاڙِيَلُ).

— **ڳاڙَ ج ڳاڙُون:** ث . ڪنهن گهاٽي پاڻيٺ جي ڦڙو ڦڙو ٿي ڳرڻ جي حالت — لاٽ — لار — ڏار. ٽيپو — قطرو — ڦڙو — ڇٽاڪو — بوند — ٽيمو. ٿورو ڏک — ڇُڪو.

"ڪِيفن ڪان قدح ۾ ايندس ڳاڙ ڳڙي"(ڄام خان).

ڪنهن ٿانءُ مان پاڻيٺ لاهڻ بعد باقي بچيل پڇاڙيءَ جي اوگهہ سوگهہ.

— **ڳاڙاٽي ج ڳاڙاٽِيُون:** ث. ڳاڙڻ جو ڪم — ڳرڻ جي حالت — ڳاڙٽي.

— **ڳاڙائِڻُ:** مصدر. ٽمائڻ.

— **ڳاڙو ج ڳاڙا:** ذ. گهاٽي يا بيٺ جي سنهڄڙي ويهڪ. ماکيءَ جي رس جي لار — ڳاڙ. آفيم جي لار. ڦرڦو ڦڙو — ڦڙي سان گڏ ٻيو ڦڙو.

— **ڳاڙٽُون ج ڳاڙٽان:** ذ . صفت. ڦڙن وارو — ڳڙندڙ — ڳڙيل. ٽيپو ٽيپو ڪري گڏ ڪيل. ڦڙن مان مليل.

— **ڳاڙي ڇڏڻُ: ٽمائي ڇڏڻ** — نچوڙي ڇڏڻ — ست ڪيڻ.

• **ڳاڙهه (ڪ):** ث . لالاڻ — لالائي — ڳاڙهاڻ (ٻيڙياتن جي اصطلاح ۾ درياءَ يا سمنڊ جي پاڻيءَ جو ڏکڻ جي واءُ تي ڳاڙهاڻ ڪري بيهڻ جي حالت).

– **ڳاڙهه تُهِي:** ث. جوئر جو هڪ قسم – داڻن مٿان ڳاڙهي تهه واري جوئر.
• **ڳاڙهانجهو ج ڳاڙهانجها:** ذ. صفت. ڳاڙهاڻ تي مائل – ٿورو ڳاڙهو – ڳاڙهيسرو.
• **ڳاڙهَڪو:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڳاڙهو ج ڳاڙها:** ذ. صفت. ڳاڙهي رنگ وارو – لال – رتو – سرخ – رتائون – گلابي. (ڪ): ذ. ڳاڙهي رنگ واري ڪا به شيءِ. جانور وغيره. (جهرڪ، گهوڙو ڍڳو اٺ ۽ ڪڪڙ وغيره). (اسم خاص). تعلقي گهوڙا باريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (ڳاڙهي ج ڳاڙهيون).
– **ڳاڙها جانورَ:** ذ. جانورن جو هڪ قسم.
– **ڳاڙها چِٽا:** ذ. چٽن جو هڪ قسم.
– **ڳاڙهاڻ:** ث. لالاڻ – لالائي – سرخي – ڳاڙهائي.
– **ڳاڙهائڻ:** مصدر. ڳاڙهاڻ تي مائل ٿيڻ – ڳاڙهيرو ٿيڻ – ڳاڙهسرو ٿيڻ – ڳاڙهو ڪرڻ.
– **ڳاڙهائي ج ڳاڙهائيون:** ث. سرخي – شفق – لالائي – سرخاڻ.
– **ڳاڙهو اَبلقُ:** ذ. گهوڙي جو هڪ رنگ مطابق نالو.
– **ڳاڙهو بڙانگ (ت):** ذ. سارين جو هڪ قسم.
– **ڳاڙهو ٿي وڃڻُ:** تپي لال ٿيڻ – ڳاڙهو ٿيڻ. تپڻ – شوخ ٿي وڃڻ – تمام گهڻو ڪاوڙجڻ. ناراض ٿي پوڻ.
– **ڳاڙهو ڪُميتُ:** ذ. گهوڙي جو هڪ قسم.
– **ڳاڙهو ڳنول (ت):** ذ. صفت ڳاڙهن ڳٽن وارو. متارو – ٿلهو.
– **ڳاڙهو ڳيرو ج ڳاڙها ڳيرا (ت):** ذ. ڳاڙهيرڙو ڳيرو پکي. باهيهو.
– **ڳاڙهو نانگُ:** نانگ جو هڪ قسم.
– **ڳاڙهي ٻَري:** ث. ٻري ٻڪريءَ جو هڪ قسم (رنگ صفا ڳاڙهو – وَار تمام سنها بت سان چنبڙيل. ڪن ڦاڙهي وانگر ڏگها، ٿڻ پورا وچولي درجي جا، ٿورا ڏگها وار پڇ تي).
– **ڳاڙهي ٽِيڏڻُ:** ث. پوک جو پَچڻُ.
– **ڳاڙهي جُوئر ج ڳاڙهيون جئاريون:** جوئر جو هڪ قسم – ڳاڙهي رنگ جي جوئر (ڳاڙهي جوئر جا قسم: "ڳاڙهي ڪنياري، ڳاڙهي جنبور، ڳاڙهي تري، ڳاڙهي گوگري، ڳاڙهي ڪَسڙي).
– **ڳاڙهي سج:** ذ. شفق جي مهل – نما شام جو وقت.
– **ڳاڙهي ماڻ سان مَٿي ڏيڻ:** ڪجهه به نه ڏيڻ – نه ڏيڻ جا پار ظاهر ڪرڻ.
– **ڳاڙهيرو ج ڳاڙهيرا:** ذ. صفت. ڳاڙهاڻ تي – لهلائي – هوائي گلابي – ڳاڙهسرو.
• **ڳاڙهو پِڙو:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ تعلقي ڏگهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڳاڙهو جاڳيرَ:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڳاڙهي:** اسم خاص. سنڌو نديءَ تي هڪ پتڻ جو نالو. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.
• **ڳاڙهي پِڙي:** اسم خاص. تعلقي ديرو محمد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڳاڙهي جاڳيرَ:** اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڳاڪُ ج ڳاڪَ (ت):** ذ. سوراخ – تنگ – ويجهه.
• **ڳاڳو ج ڳاڳا:** ذ. ڏٿ جو هڪ قسم.
• **ڳاڳي ج ڳاڳيون:** ث. ڏٿ جو هڪ قسم (ليار جهڙو ننڍڙو هيڊو داڻو ٿيندڙ). ڳاڳي ٻوٽي جو ڦر.
• **ڳاڳي ڦَرُ:** ذ. هڪ وڻ جو نالو. ڏاماهو.
• **ڳاڳيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڳاڳيارو:** اسم خاص. ضلعي ڪراچي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڳاڳيال:** اسم خاص. وڻ جو هڪ قسم.
• **ڳاما:** ذ. (هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ). ڏٿ جو هڪ قسم. ڳامي ول جو ڦر.
"جيئن هٿ مال مناين، تيئن هُت ڳاما ڳم ڳنڍير" (ڪبير شاهه).
• **ڳالِهه ج ڳالهيون:** ث. (سن. گاٿا = ڳالهه. ع. قال = چوڻ). آکاڻي – ڪهاڻي – قصو – گفتگو – بيان – ذڪر – داستان – نقل – حڪايت. ڪٿي – وائي – پچر – تان. رَٽ شَٽ – ڪوڙ سچ – معاملو – ڪيفيت. واقعو – ماجرا.
– **ڳالِهه ٻولهه ج ڳالهيون ٻولهيون:** ث. بات چيت – ڳالهه مهاڙ – قيل وقال – گفتگوءِ – ذڪر اذڪار – رڻ جهڻ.
– **ڳالِهه تَوِ ڪَرڻ:** ڳالهه پوري ڪرڻ – ڳالهه جي پڇاڙي ڪرڻ.
– **ڳالِهه پَري پَوَڻ:** ڪنهن ڪم جو هٿان نڪري وڃڻ – وس کان نڪرڻ – هٿان وڃڻ.
– **ڳالِهه جوڙَڻ:** ڳالهه ڪرڻ – ڳالهه ڪيڻ – ذڪر شروع ڪرڻ.
– **ڳالِهه چاڻڻ:** پورو ويچار ڪرڻ – چنڊچاڻ ڪرڻ.
– **ڳالِهه چِيبَ ڪرڻ:** ڳالهه ظاهر نه ڪرڻ – ڳالهه لڪائڻ.
– **ڳالِهه چَندِي ٻيهارڻ:** ويچار ڪري هڪ صلاح ڪرڻ.
– **ڳالِهرُ ج ڳالِهرَ:** ذ. صفت. ڳالهائڻ وارو – ڳالهيون ڪندڙ – گهڻ ڳالهائو. وڏ واتو – بڪ بڪيو – واتراڏو – وات ڏارو – ڳالِهرُ. ڳالهيون ڪري وقت وڃائيندڙ.

Gul Hayat Institute

– **ڳاهِنيار ج ڳاهِنيارَ:** ذ . صفت. آکاٽي ڪٽندڙ – ڳالهه ڪندڙ – ڳالهير.

– **ڳاهُون ڏِيَڻُ:** ڳالهه ڪٽندي موقعي جو بيت ڏيڻ. (ن– ب). اشارا ڏيڻ.

• **ڳاهُ ج ڳاهَ:** ذ . (سن. گِراسَ = ڪاڏو) ڪاڏو– ڪاچُ– طعام – چوٽو. گوشت . – ماس جو ٽُڪر. "ڳجهن جو ڳاهه ٿيڻ. مڇيءَ ڦاسائڻ لاءِ ڪُنديءَ ۾ وڌل ڪاڏو (اٽو گوشت وغيره). لَبَ – لالچ (جنهن تي پکي يا مڇي ڦاسي. پائي جي سل ۾ وجهڻ لاءِ اِيس جو گهڙيل حصو – چُوڙَ. (ل). 'ڳاهڻ' مصدر مان ٺهيل اسم جي حالت – هَلر. سخت پورهيو – محنت ڪشالو.

• **ڳاهِ ج ڳاهِيُون (ٿ):** ث . گهوڙي جو هڪ عضوو. سُنب ۽ نريءَ جي وچ وارو سنهو سَنڌُ.

– **ڳاها:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **ڳاهَٽُ ج ڳاهَٽَ:** ذ . ماڻهن جو ميڙ – انبوهه – گوڙ – جٿو – خلق – جماعت. پِيهَ – سوڙهه – مُونجهه – ٻُوساٽَ – گپاگِيهه – هَئِس گَئِس .

– **ڳاهِڪِي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي، تعلقي ميرپور ٻٺوري ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳاهِڻُ:** مصدر. (پرا. گَهابَ: سن. گَهَ + آئِپَ = گاهه . سن. گاهه = ولوڙڻ. مٿان گهمڻ). اناج تي ڏاند هلائڻ – هلر هلائڻ. لتاڙڻ لَتَلَ سنگن مٿان ڍڳا هلائي منجهائن اَنُ ڪڍڻ – سٽڻ – ڪٽڻ – سڙهڻ – مهٽڻ – سهٽڻ – چلهڻ (ڳاهِيو – ڳاهيندو – ڳاهِيَلُ).

• **ڳاهَ ج ڳاهون:** ث . اَنَ کي تهن کان ڌار ڪرڻ لاءِ ڏاندن جي لتاڙ – هَلَرَ. چِپَ – پيڙ. پيڙا. سخت پورهيو – محنت – ڪشالو– هڄٽي.

– **ڳاهُ ج ڳاهَ (ت):** ذ . اَنَ ڪڍڻ لاءِ سٽي مٿان ڍڳا هلائڻ جي حالت– ڳاهه – هَلَرَ. (صفت) . هلر هلايل – هلر ڪيل – ڳاهيل – ڳهيل.

– **ڳاهُ ٻَڌَڻُ:** ڏاندن کي اَن جي ول مٿان هلائڻ – هلر ٻڌڻ.

– **ڳاهَ جو پِڙُ:** هلر ڪاهڻ جو پڙ يا ميدان.

– **ڳاهَ چوڙَڻُ:** ڏاندن کي ڳاهه مان ڇُٽائڻ.

– **ڳاهُ ڳاهڻُ:** ڳاهُ ٻڌڻ – هلر ڪرائڻ. ظلم ڪرڻ – ڪيس ڪرڻ. ضد ڪرڻ – بکوات ڪرڻ – (ت). ناز ۽ نخري سان گهمائڻ – ماڻُن سان موهڻ.

– **ڳاهُو ج ڳاهُو:** ذ . صفت. ڳاهه ڪاهيندڙ – ڳاهيندڙ.

• **ڳاهُو ج ڳاهُو:** ذ. ٻن ميلن جو مفاصلو – ڪوهه.

• **ڳاهوٽ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳاهوٽِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڳاهويا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڳاهِي ج ڳاهِيُون:** ث . ڦاسي – ڳاري – ڦندو – ڦڙتي – چڙڪ – ڦاندو.

• **ڳاهيجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳاهيجِي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳاءِ ج ڳاءِ (ڪ):** ذ . کٽ جي ايس يا اوېري جي منهن جو گهڙيل چيڙو – چُوڙَ – ڳاهه. (ل).

– **ڳاءِ ڪَڍَڻُ:** کٽ جي اِيسن يا اوېرن جا چيڙا ٺاهڻ – چوڙون ڪڍڻ.

• **ڳائِڻُ:** مصدر. (پرا. گائِي: سن. گائي (تِي) > گاين > گاتا>گي = ڳائڻ). سُر سان آلاپڻ، سُر ڪڍڻ – سُر آلاپڻ – آلاپ ڪرڻ. نڙيءَ مان آواز ڪڍي ان کي لئي ۾ آڻڻ. راڳ چوڻ – راڳي ڪچڻ – سُر سان ڳائڻ (پکي جو) لات ڪرڻ – لَنوڻُ– ٻولي ڪرڻ – تنوارڻ – نغمہ سرائي ڪرڻ . ڪنهن جو نالو ڳائڻ – ڦورو مچڻ– گڻ ڳائڻ – تعريف ڪرڻ – ساراهڻ. مشهور ڪرڻ (ڳائِيو – ڳائيندو– ڳائِيَلُ).

– **ڳائِڻُ ج ڳائِڻَ:** ذ. راڳ – موسيقي. راڳ جي مجلس.

– **ڳائِڻو ج ڳائِڻا:** ذ . صفت. ڳائڻ وارو – ڳائيندڙ – راڳيندڙ – گَويو– راڳي – ڪَلوَنتُ– گائڪُ.

– **ڳائِڻِي ج ڳائِڻِيُون (ث):** صفت. ڳائڻ واري– مُطربہ– مغنيہ.

– **ڳائي رائي وڃڻ (ت):** خوش ٿي وڃڻ.

– **ڳائي وَڃائڻُ:** ڪوشش ڪرڻ – وَسنئُون نہ گهٽائڻ. چڱي طرح بيان ڪرڻ – آکاڻي ڪرڻ – ڳائڻ .

• **ڳائو ج ڳاوا:** ذ . (پرا. گاني . سن . گو= گانءِ). ڳئُون جو – ڳئون وارو – (کير، گوشت، وغيره). وڏو (گوشت). (پرا. گئہ . سن . گَهَ ).

"ڳائو نہ وائو، اديون آريچن جو" (شاهہ)

– **ڳاوا ڪَمَ ڪَرَڻُ (ت):** پڪا ڪم ڪرڻ – خاطريءَ جهڙا ڪم ڪرڻ.

– **ڳائي گِهُ جَهِڙو:** صفت. تمام سُٺو– نِجو– صاف– بهتر– ڪرو.

– **ڳائُو ج ڳائُو (ت):** ذ . (سن. گويہ = ڪوهه) ٻہ ميل– ڪوهه.

Gul Hayat Institute

• **ڳَجهہَ**: ث. (سن. گُهيہ = ڳجهو)لِڪَ – چِپ – ڳُجهائي – ڳُجهہ – رازداري – پرده پوشي – اٺ جو هڪ عضوو – چڪري جي وچين ڪائي – اٺ جي تاڙين ڪي ڦيرائڻ واري ڪائي – اٺ جي ڏري يا سَرائي. ڪَسِي – نالي.

– **ڳَجهتَ**: ذ. ث. لڪَ. ڳُجهہَ. لڪل جاءِ – مخفي جاءِ.

– **ڳَجهَڙِ(ت)**: ث. ڳجهي نموني ۾ (پاڻيءَ ۾)ترڻ جي حالت.

– **ڳَجهہ ڳوهہ**: ث. ماٺ ميٺ – لِڪ چِپ – رازداري.

• **ڳَجهہ ج ڳُجهہَ(ن)**: ذ. (سن. گُهيہ = ڳَجهو). لڪل ڳالهہ – راز – پيدُ – منجهہ – انت – اندر – مام – وچُ – سُرُ. اوزارن رکڻ لاءِ چم جي نُهيل ڳوٿري(ت). قبر جو لڪ وارو سنڌ (جنهن ۾ لاش رکجي) لحد – سامي.

– **ڳُجهہ ڳالهائڻُ**: ڳجهو ڳالهائڻ. راز پڌرو ڪرڻ – ڳجهہ جي خبر ڏيڻ. پيشنگوئي ڪرڻ.

• **ڳَجهارَت ج ڳَجهارَتُون**: ث. (سن. گُرِد = لڪل) راز جي ڳالهہ – ڳجهو سوال – ٻُجهارت – ٻجهٽي – مُعما – پَجهٽي – سُلٽي. رمز – مام – اشارو.

– **ڳُجهارَت ٻَجهَڻُ**: پرولي سَلڻُ.

– **ڳُجهارَت ڏِيَڻُ**: ڪنهن کي پرولي سَلڻ لاءِ ڏيڻ.

– **ڳَجهارَت کي سجو ڪَرَڻُ**: ڳُجهارت سَر ڪرڻ – ڳجهارت جو مطلب بيان ڪرڻ يا پجهٽي ٻُڌائڻ.

• **ڳَجهاندَرُ ج ڳُجهاندَرَ**: ذ. (سن. گُهيہ = ڳُجهو + تَر = وڌيڪ) رازُ – ڳُجهہُ – پيد – انت – پيٽ – وچُ – سُرُ. تمام ڳُوڙهو ڳُجهہ – تمامُ اونهو راز. (سر. ليلان – ڪُر).

– **ڳَجهاندِرو ج ڳَجهاندِرا**: ذ. صفت. ڳجهو – لڪل – اولاٽتو – گُپتَ – مخفي – رازدارانہ.

• **ڳَجهتَ ج ڳُجهتُون**: ث. (سن. گُهيہَ = لِڪَ)لڪل جاءِ – مخفي جاءِ. ٽپڙن رکڻ لاءِ پٽ ۾ کيل پورُ يا خالُ. سامان لڪائي رکڻ لاءِ مخفي جاءِ. پونگالي – پونگالڙي – ڪُڏڙي. اٺ جي ڏُري – سرائي – ڳَجهہَ.

• **ڳُجهڙَ**: اسم خاص. ڪراچي ۽ تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ڏيهہ جو نالو.

• **ڳُجهِڙو ج ڳَجهِڙا**: ذ. صفت. (سن. گُهيہ = لِڪ) لڪل – ڳجهو – مخفي – گپت – اولاٽتو. دل ۾ ڳالهہ سانديندڙ – راز لڪائيندڙ – رازدار – اڻ چٽو. ڳجهي طرح پيسا بچائيندڙ – پيسا لڪائي رکندڙ (ظرف). پنهنجي پَر ۾ – چوريءَ – گُپِ چِپُ ۾ – ڳجهہ ڳوهہ ۾. خاموش – ماٺ ۾ چِپُ ۾. محبت جهڙو. (ذ). ڳچي ٻاهر ڪڍي ترڻ جو هڪ نمونو. (اسم خاص). تعلقي جاتيءَ، تعلقي شهدادپور ۽ تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ ديهہ جو نالو.

– **ڳَجهِڙِي نِشانِي موڪِلَڻُ**: محبت جو مخفي پيغام ڏياري موڪلڻ – ڳجهي ملاقات لاءِ ماڻهو موڪلڻ. اڻ ڏٺل ماڻهوءَ جو عشق دل ۾ گهر ڪري وڃڻ.

• **ڳَجهِڙِي**: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ڳَجهو ج ڳَجها**: ذ. صفت. (سن. گُهيہ = لِڪل). لڪل – اندريون – مخفي – خفيہ – نامعلوم – گُپت. اولاٽتو – سانديَ وارو – پوشيدو – روءِ پوش – غيبي – اڻ چِٽو. (ظرف). پنهنجي پَرِ ۾ – لڪائي – چوريءَ – ماٺ ميٺ ۾.

– **ڳَجهائِتو ج ڳَجهائِتا**: ذ. صفت. ڳجهہ وارو – گپت – لڪل – اولاٽتو – مخفي – ڳجهڙو.

• **ڳَجهائِي ج ڳَجهائِيون**: ث. ڳُجهہَ – لِڪَ – چِپَ – پوشيدگي. رازداري.

• **ڳُجهہَ ميرڻ**: اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ڳَجُ ج ڳَجَ**: ذ. (سن. گنچا = ميخانو). مڪان. مئخانو – گتو – شرابخانو – ڪلالخانو. محفل خانہ – جِم خانو – ڪچهري بيٺڪ – بارگاهہ – درگاهہ.

• **ڳَجَ ج ڳُجُون**: ث. قرباني – گوشت جو ٽُڪر.

• **ڳَجُ ج ڳَجَ**: ذ. گهُنجُ – سُرُ.

• **ڳَجَ ج ڳَجائُون، ڳجان، ڳجيون**: ث. خوشي – سرهائي. موج – مزو – لذت. فرحت – ذوق – لطف – جُجُ.

"جنگن سندي جوءِ ۾ آهي آسرو اجان،
ڳاهٽ ۽ ڳجانٓ، ڏسو پيا ڪن جا پڙ ۾" (نواب جان علي لغاري)

• **ڳجيون ڏيڻ**: مٿي جي ٻنهي پاسي پيار جو منڙيون ڏيڻ.

• **ڳَجائِڻُ**: مصدر (پرا. ڪَجَجَ. سن. ڪُنجَ = سوڙهو ٻڌڻ، گهنجائڻ – سَر سَر ڪرڻ. ڪومائڻ – سُسائڻ – سُڪائڻ. مارڻ. (ڳُجائِيو – ڳُجائِيندو – ڳُجائِيَلُ).

• **ڳَجَرو ج ڳَجَرا**: ذ. در – دروازو – ڪِواڙُ – ڪپاٽُ.

• **ڳجِڙو ج ڳجِڙا**: ذ. ڳَجُ – گنج – ماڳ.

"ڳهڙَ تنهنجي ڳَجڙي، اچي جال جڳتُ" (شاهہ).

• **ڳَجُ ج ڳَجَ**: ذ. صفت. جهجهو – ڪافي – جال – جام – هيڪاندو – زياده – وڌيڪ – گهڻو – گهڻيون (ذ) ڳپل – ٽڪر – ڀاڱو – حصو – ٽوٽو. – ماس جو ٽڪر – دڳل – (ل – غريب). مانيءَ جو چوٿو. وقت جو وقفو. فاصلي جي وڏي وٿي.

Gul Hayat Institute

– **ڳَچَتائِين:** ظرف. گهٽي وقت تائين. گهٽي پنڌ تائين.

– **ڳَچِيترو:** ذ . صفت. ڳچ جيترو – ڪافي انداز ۾ – ڳپل – چڱيءَ طرح – چڱي انداز ۾.

– **ڳَچِڙڪَ:** ذ . گهٽو مفاصلو– گهٽو پنڌ.

– **ڳَچ ڪَرَڻُ:** تڪرا ڪرڻ – ڳپل ڪرڻ.

– **ڳَچ ڳارَڻُ:** ارمان ظاهر ڪرڻ – افسوس ظاهر ڪرڻ. هَنجُون هارڻ – اوڇنگارون ڏيڻ – روئڻ.

– **ڳَچ ڳارَڻُ: ڳلتين ۾ ڳري وڃڻ** – پاڻ کي ڳاري ڇڏڻ (غم ۾)– ايرو ٿيڻ – ڏٻرو ٿيڻ.

– **ڳَچ ڳَرَڻُ:** زار زار روئڻ.

– **ڳَچ ڳَنديَڻُ(ت):** احسان ڪرڻ. تورو ڪرڻ – مهرباني ڪرڻ – يلائي ڪرڻ.

• **ڳچاپولُون ڪَرَڻُ:** هڪ جي ٻي ڪرڻ – بي سمجهي مان ڳالهائڻ – بي عقليءَ مان ڳالهيون ڪرڻ. "سوال ٿو پڇيس ته ڳچا پولُون يا ڳَچون پولا ٿو ڪري". (جملو).

• **ڳِچُ ج ڳِچ(ت):** ذ . ڳچي – ڳاٽو – ڪَنڌُ – سِسِي. نِڙي – گهَٽُ – گلو – ڳلو – هُڪِي.

• **ڳچ هَڻَڻُ(ت):** ڪنڌ هڻڻ. فخر ڪرڻ. معتبر سڏائڻ.

• **ڳَچلَ(ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڳَچَلَ:** اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ءِ تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳَچَلُ ج ڳَچَلَ(ت):** ذ . صفت. ڳپل.

• **ڳَچلا(ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڳِچِي ج ڳِچِيُون:** ث. سِسِي– ڪَنت – ڪَنڌُ – گلو– گردن – ڳِجُ – ڳراڄ جا ڪنڌا (سنها ڪنهڙ جي پروارا).

– **ڳِچِيءَ پَوَڻُ:** گلي پوڻ. وڙهڻ – جُلهِ ڪرڻ – اُر ڪرڻ – حملو ڪرڻ – جهيڙو ڪرڻ – هٿين پوڻ. نزول ٿيڻ. مرضيءَ جي خلاف ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ ملڻ.

– **ڳِچِي ڏَرتِي:** ث . ڌرتيءَ جي ٻن وڏن ڀاڱن کي پاڻ ۾ ڳنڍيندڙ زمين جو سوڙهو ٽڪر.

– **ڳِچِي سمَندُ:** ذ . پاڻيءَ جي ٻن وڏن ڀاڱن کي پاڻ ۾ ڳنڍيندڙ پاڻيءَ جو سوڙهو ڀاڱو.

– **ڳِچِيءَ ڪان وَٺَڻُ:** ڳِتڙ ڪان وٺڻ. ڦاسائڻ – جوابداري هيٺ آڻڻ.

– **ڳِچِيءَ ڳارو(ت):** ذ. منٿ آزي – نيزاري – پلاند پوتي.

– **ڳِچِيءَ ڳارو ڪَرَڻُ(ت):** منٿون ڪرڻ – آزيون ڪرڻ – نيزاريون ڪرڻ – پلاند پوتيون ڪرڻ. راضي ڪرڻ لاءِ نمونو ڪرڻ.

– **ڳِچِيءَ مان ڦاهِي ڪَڍَڻُ:** آجو ڪرڻ– آزاد ڪرڻ – ڇوٽڪارو ڏيڻ – ڏچو لاهڻ – مصيبت مان ڇڏائڻ – پلاند آجو ڪرڻ.

– **ڳِچِيءَ ۾ نوڙِهو پَوَڻُ:** ڪنڌ ۾ نوڙي پوڻ. ڦاسائڻ – قابو ٿيڻ. نقصان هيٺ اچڻ.

– **ڳِچِيءَ ۾ پَلوُ وجهَڻُ:** منت زاري ڪرڻ – عاجزي ڏيکارڻ – التجائون ڪرڻ – پنهنجي بيڪسي جو اظهار ڪرڻ – رحم جي درخواست ڪرڻ. ڳِچِيءَ ۾ ڦاهِي پَوَڻُ: اوچتي مصيبت گلي ۾ پئجي وڃڻ – زوري ڪنهن ڪم ۾ ڦاسجڻ. عشق جي دام ۾ گرفتار ٿيڻ. زال پرڻجڻ.

– **ڳِچِيءَ ۾ ڪَپڙو ڪَرَڻُ:** نئڙت ڪرڻ – نياز جي وات وٺڻ.

– **ڳِچِيءَ ۾ ڪَنڪَرُ پَوَڻُ(ت):** ڳچيءَ ۾ ڦاهي پوڻ. ڦڏي ۾ ڦاسڻ–نقصان پوڻ. پنهنجي ذمہ فساد اچڻ.

– **ڳِچِيُن ۾ ڳِرَهُ وجهَڻُ:** ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهڻ – سخت پشيمان ٿي معافي گهرڻ – پنهنجو گناهه بخشائڻ – ڏاڍي عاجزي ۽ انڪساري سان پيش اچڻ.

• **ڳِچِيئَرَ:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳِچِيئَرو نَئُون:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳَچو ج ڳَچا:** ذ . (سن . گُڇَ = ڇُڳو). وارن يا موتين وغيره جو ڇُڳو.

• **ڳَدڙِي ج ڳَدڙِيون.** ث. هڪ قسم جو رڱڻ ۾ وٽ ۽ سور – رڱڻ جو ٻجهي پوڻ – هٿن پيرن جي رڳن جو مروٽجڻ.

• **ڳَدو ج ڳَدا:** ذ . صفت. سگهارو. پهلوان– بهادر– سورهيه – گوڏو. ڳوڏو(ل).

• **ڳِدو ج ڳِدا:** فعل ماضي. ڳنهڻ مصدر مان اسم مفعول. خريد ڪيو – ورتو – سوديو – وٽجيو – مُلهه ورتو.

• **ڳِدِي ج ڳِدِيُون (ت – ڪ):** ث . بي طاقتي سبب بدن جي ڪنهن نس ۾ اوچتو ٽيل ڳوڙهي– ڳِدِ – ڳِدِڙِي– ڳِدڙي پوڻ.

– **ڳِدِيُون پَوَڻُ:** هٿن پيرن جي آڱرين ۾ اوچتو ڳوڙهيون ٿيڻ – ڳِديڙيون پوڻ. عضون جو چرڻ ڦرڻ کان بيڪار ٿي وڃڻ – بي طاقتي سبب عضون جو نہ چرڻ.

• **ڳَدِ:** ث . محبت. لياقت – مروت.

• **ڳِدِ ج ڳِدِيُون:** ث . (سن . ڪوَر > ڪوَڙَ )ڪمزوريءَ سبب هٿ يا پير جي نسن ۾ ٽيل ڳدي – ڳِديڙي.

• **ڳِديڙي ج ڳِديڙِيُون:** ث . ڳِدِ– ڳِدِي. ڳِدڙي.

Gul Hayat Institute

– **ڳيڙيُون پَوَڻُ:** ڳيڙيون پوڻ – ڳڏڙيون پوڻ.
• **ڳِيڙ وڇھٽو:** ذ. منگر مڇي جو ھڪ قسم (رنگ ڳاڙھو اَڇا ٽڪا– سِسِي گول، مغز ۾ بہ ٽنگ ۽ قد اڌ کان ڏيڍ فوٽ).
• **ڳَرِ:** حرف جر. وٽ– ڀر – لڳ – ساڻ– گڏ – ڀرسان. (ظرف). اوري – قريب، ڏانھن – ڏي.
• **ڳَران:** حرف جر. کان – مان – وٽان – ڪنان – ڀران.
– **ڳَرس ج ڳَرِنِ:** حرف جر ۽ ضمير جي پڇاڙي مان مرڪب لفظ. هن کي، ڪيس. وٽس – ڪٽس– ان کي– ڪيس– انهين.
• **ڳَرِ:** ث. (سن. گَل= گَلر). بدن جو ھڪ حصو، گلو – ڳچي – ڳِل – ڳِلو.
– **ڳَرِ لائڻُ:** گلي سان لائڻ – ڳلي لائڻ – ڀاڪر پائڻ.
– **ڳَرِ لَڳَڻُ:** گلي لڳڻ – گلي ملڻ – ڀاڪر پائڻ – ڳراھٽڙي پائڻ.
"هوند ڳر لڳي ڳالھيون ڪريان" (شاھ)
• **ڳَرُ ج ڳَرَ، ڳَرُون:** ذ. ث. (سن. گَرڀَ = ڳَڀُ). ڳڀ – مال – سارُ – مغز. ميوي وغيره جو اندريون رس وارو مال – گدو.
– **ڳَرُدارُ ج ڳَرُدارَ:** ذ. صفت. ڳڀ وارو – ڳر وارو – مالدار – رس وارو.
– **ڳَرُولو ج ڳَرُولا (ت):** ذ. صفت. ڳردار – مالدار – مغز وارو.
• **ڳُرَ ج ڳُرُون (ل):** ث. زال جي وارن جو ھڪ موڙو. گھوڙي جي ڪنڌ وارا وارَ – بشڪون – ڀرَ. (ظرف). اندر – منجھ – ڳجھ ڳوھ ۾ – لِڪَ ڇپَ ۾.
– **ڳُرَ ڪَرَڻُ (ت):** ڪورڪي اصطلاح ۾ تاڃيءَ جي پڇاڙي ٽيڻ تي تاڃيءَ کي سنھين ڦاڪن ۾ ورھائي، منجھيل تندن کي پٽڙي اٽاوت لائق ڪرڻ.
• **ڳُرُ ج ڳُرَ:** ذ. مڇيءَ جي آنيءَ جو اڌ (ت). مڇيءَ جو ڳرو – ڀيرو – ڪيري – ڪرڙو. (ت). رسي جو ڳُرُ – ڳَنڍُ. لڙُ – تندو. سَڻ جي آنيءَ جي ڏھن ڇڳن مان ھر ھڪ جي سٽن حصن مان ھڪ حصي جو نالو (ت) گھوڙن جي وارن جو موڙو.
• **ڳِرانٽڙِي ج ڳِرانٽڙِيُون:** ث. گلي لائڻ جي حالت – ڀاڪر – ڳراٽي – ڳراھٽڙي – ڳراھٽي.
• **ڳِراٽِي ج ڳِراٽِيُون (ل– ڪ):** ث. ڳلي ملڻ واري حالت – ڳراھٽي – ڳراٽڙي.
– **ڳِراٽِي پائِڻُ:** ڀاڪر پائڻ.
• **ڳِراٽڙِي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ ھڪ ديھہ جو نالو.
• **ڳِراڇُ ج ڳِراڇَ (ل):** ذ. ڪنڌ جا وار (مھيري).

• **ڳِراڇَ (ل):** ذ. ڳچيءَ جي لڙڪيل چمڙي.
• **ڳِڌَ:** ث. (سن. گرهَ = ونڻ) گھرڻ جي حالت – گھُر – مانگ – طلب. ڀنَ – ڀيک.
• **ڳَرِ:** حرف جر. وٽ ويجھو (ضميرن سان لاڳو) ڳرم، ڳره، ڳرس، ڳرن.
• **ڳِران:** حرف جر. وٽان.
• **ڳِرانِ:** هنن وٽان.
• **ڳَرارو ج ڳَرارا:** ذ. اٽاوت جي ڪم ايندڙ ھڪ اوزار جو نالو – تاڃيءَ جي ڏاڳن جي وچ ۾ وڌل لڪڻ جو ٽڪر.
• **ڳَران (ت):** ذ. چوپائي جانور جي پوين رانن جو مٿيون حصو.
• **ڳَران پَچَڻُ (ت):** چوپائي جانور جي ويم جو وقت ويجھو ٿيڻ – سَڪڙا پَچَڻُ (ت).
• **ڳِرانجھڙو ج ڳِرانجھڙا:** ذ. پسارڪي وکر جو ھڪ قسم. دوا طور ڪم ايندڙ ھڪ ٻج جو نالو.
• **ڳَراٽِي ج ڳَراٽِيُون:** ث. مرشداڻو لاڳ. (ل– وفا).
• **ڳِراھٽِي ج ڳِراھٽِيُون:** ث. (سن. گَلَ = گلو) ڀاڪُر– ڳراٽي – ڳراٽڙي.
• **ڳِراھڙو ج ڳِراھڙا:** ذ. (سن. گَلَ = گلو) ڳلن وارو ڀاڳو – گلاڦ– ڳلڦڙو – ملھو – ڳراڙھو. گلي جي بيماري – ڳِلاڦو.
• **ڳَراھڙِي ج ڳَراھڙِيُون:** ث. ڪٽڪ جي اٽي جي ڳُڙُ ۽ گيھہ گڏي پچايل ماني – ٻسري – ڳُرھاڙي.
• **ڳِراھو ج ڳِراھا:** ذ. (سن. گَلَ = گلو) چوپائي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ جو رسو – ڳرھو – ڳرھائو.
• **ڳَرائِڻُ:** مصدر. وٽن ۾ قلم ھڻڻ. (ل– وفا). (ڳَرايو – ڳَرائيندو– ڳَرايل).
• **ڳَرِٽ ج ڳِرِٽَ:** ذ. صفت. ڳيرو – لاسيار.
• **ڳِرِٽُ ج ڳَرِٽَ:** ذ. رڳن جو ھڪ ھٿي تي چڙھڻ جي حالت – ڳِيڏڙي. (ت). ڪُھاڙيءَ جي پاھي پيل ڳَنَ جو ٽُڪر. (ڪ).
• **ڳِرِٽي ڪَڍَڻُ (ت):** پيسي جو بي سود نيڪال ٿيڻ – اجايو خرچ ٿيڻ.
• **ڳِرِيُو ج ڳِرِيو (ت):** ذ. صفت. ڪائو – لالچي – حريص. ڪنجوس.
• **ڳَرِپُ:** ذ. (سن. گَرڀ = ڳَڀُ) ڪَرِپُ – ڳَڀُ. ڳيرڻ. پيٽ جو ڀار.
• **ڳِرڙو ج ڳِرِڙا (ت– ل):** ذ. (سن. گَلَ = گلو) جانورن جي بيماريءَ جو ھڪ قسم (جنھن ۾ چوپائي جي ڳچي سُڄي پوي).

Gul Hayat Institute

ڳر). پريل (بدن ۾)– تلهو – جوپ. نهرو. سمجهه ۾ ڏکيو– مشڪل. (ذ ). گهاٽو رنگ– هڪ قسم جي ڳجهارت– مام. پرده ۾ ڳالهائڻ– راز وارو سوال جواب.

– **ڳوڙهي ۾ ڳالهائڻ(ت):** لِڪ ڪري ڳالهائڻ– رمز سان ڳالهائڻ (ث. ڳُوڙِهي ج ڳُوڙِهيُون)

– **ڳوڙهيُون ڳوڙِهيُون ڏيَڻ(ت):** ماڻهن جون جد اجدا ٽوليون ٿي، پنهنجي منهن وڃڻ.

– **ڳُوڙِهي هَڻَڻ(ت):** ڳجهارت پڇڻ– پرولي پڇڻ. ڳجهارت سلڻ.

– **ڳُوڙِهيُون هَڻَڻ(ت):** خيال پچائڻ– رٿون ڪرڻ. گمان ٿيڻ.

– **ڳوڙِهاڻَ ج ڳُوڙِهاڻيُون:** ث . گهاٽاڻ – ڪَهراڻ. ٿُلهاڻ – ٿُلهائي – ڳوڙهائي– ڪَهِرائي.

– **ڳُوڙهاڻِ ج ڳُوڙهاڻُون:** ث . ڳوڙهائي– گهاٽائي – گهرائي.

– **ڳُوڙهائِي ج ڳُوڙهائِيُون:** ث . ڳوڙهاڻ – گهرائي – گهاٽائي. (شرت).

– **ڳُوڙِ هيرڙو ج ڳُوڙِهيرڙا:** ذ . صفت. ٿورو ڳوڙهو– ڳوڙهيرو– ڪجهه گهاٽو–البته ڪَهِرو.

– **ڳُوڙِهيرو ج ڳُوڙِهيرا:** ذ . صفت. گهاٽو ٽڪو – مَڏُ– ڪَهراؤ(شرت).

• **ڳوڙَهڪَ:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳوڪُو ج ڳوڪُو:** ذ . صفت. چوٽي ڳچي ۽ لاٽيري بدن وارو (ماڻهو). ڳوڪون.

• **ڳوڪُون:** ث . آڱوٺي ۽ ڏسٽي جي درميان فاصلو– گوڪو.

• **ڳوڪِڙ(ت):** ث. دنيا – ملڪيت – زر– ناڻو – مالي – ڪِيڪَ. (ل).

• **ڳولَڻ:** مصدر. (سن. گليش= ڳولڻ) ڳولا ڪرڻ– تلاشڻ– ڍونڍڻ – ڦولهڻ – ووڙڻ. ڏسڻ – جاچڻ – نهارڻ – هٿ ڪرڻ. (ڳولِيو– ڳولِيندو– ڳولِيَلُ)

– **ڳولَ:** ڳولا– جاچ– تلاش.

– **ڳولا ج ڳولائون:** ث . ڳول – تلاش – جاچ – وُوڙ – ڦولا – دريافت – سُڌسماءُ– پڇا ڳاڇا – جُستجو.

– **ڳولا ڦولا:** ث . جاچ جوچ– پڇا ڳاڇا.

– **ڳولائِڻ:** مصدر. ڳولا ڪرائڻ – تلاشائڻ – پڇا ڳاڇا ڪرائڻ – دريافت ڪرائڻ. (ڳولائيو– ڳولائيندو– ڳولائيل).

– **ڳولائُو ج ڳولائُو:** ذ. صفت ڳولا ڪندڙ– ڳوليندڙ– ڳولو. ڪنهن شيءِ جي تلاش ۾ نڪتل–جاچو. ضرورتمند– گهورو– گهرجائو.

– **ڳولَپَ ج ڳولَپُون:** ث. جاچ – ووڙ– تلاش.

– **ڳول ڦولَ (ڪ):** ڳولا ڦولا.

– **ڳولَڻُ ڪَندَڻُ:** ڳولا ڪرڻ– تلاش ڪرڻ.

– **ڳولو ج ڳولا:** ذ . ڳولا ڪندڙ – تلاش ڪندڙ – وُوڙ ڪندڙ – ڳولائو.

– **ڳولَهه:** ث . ڳول– جاچ– تلاش.

– **ڳولَها.** ث . ڳولا.

– **ڳولي ڪڍَڻُ:** ڳولي هٿ ڪرڻ.

• **ڳُومُ ج ڳُومَ(ت):** ذ . ماڻهن جو ٽولو– جماعت.

• **ڳُونا:** اسم جنس. ڄانبي جي شڪل جهڙي ٻُوڙي(توريي) جون ڪائيون– ڄانبي جا ڳونا.

"عاشق ان ڪٽي ويا، تون ڳونا پِيو ڳاهين"(پاهڙ دل).

• **ڳَونٽُ ج ڳُونٽَ:** ذ. (سن . گؤ= گانءِ + موترَ=مٽ) گانءِ جو مُٽ – ڍڳيءَ جو مُٽ.(پرماند). گابو. (ت).

• **ڳونڌڻ (ت):** مصدر. ڳوهڻ – ڳنڌڻ .(ل –وفا). (ڳونڌيون– ڳونڌِيندو– ڳونڌِيَل).

• **ڳُونڊُ ج ڳُونڊَ(ت):** ذ. ڪنهن ٻه وڻ جو ٽُڙُ.

• **ڳُونَرُ(ل):** ذ . ڄانبي يا توريي ڳاهڻ بعد بچيل تيليون– ڪاڏر.(ل).

• **ڳونهِي:** ث. گانءِ– ڍڳي.

• **ڳونِيَرو:** اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۽ تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳونيرو:** اسم خاص. تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڳوڻ:** اسم جنس. هڪ پسارڪو وکر. دوا طور ڪم ايندڙ ڪونئر جو هڪ قسم.

• **ڳوڻِ ج ڳُوڻِيُون:** ث . (سن ڳُوڻِي). ڳوڻ جو ٺهيل ڳوٿرو– ٻوري – ٻوجهو. ٻوٽيءَ يا گاهه جو هڪ قسم. (ڪ).

– **ڳُوڻِي:** ث . ڳوڻ.

• **ڳوهَ ج ڳوهُون:** ث . (سن. گوڌا). جانور جو هڪ قسم – واڳوءَ جي بناوت جهڙو چئن پيرن سان هڪ پيٽ پر سرڙو جاندار.

– **ڳوهَ مان واڳُون ٿيڻ:** حيثيت ڪان مٿي رعب تاب ڏيکارڻ– آڪڙيا وڏائي ۾ وڃي وڃڻ– خَسِيس مان وڏي زور وٺڻ.

• **ڳوهُ ج ڳوهَ:** ذ. ڳاهٽ – ميڙ – انبوه– هجوم.

• **ڳوهاٽِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڳوهَڻُ:** مصدر. (سن. گرَنٿَنر > گنڌ= ڳوهڻ ). اٽي وغيره ۾ پاڻي وجهي مَلَڻُ– (ڳوهِيو– ڳوهيندو– ڳوهِيلُ ).

Gul Hayat Institute

- **ڳيڙڻ:** مصدر. (سن. گرهڻ= وَنڻ). وٺڻ – خريد ڪرڻ – خريدڻ – ڳهڻ – سودڻ. (پرمانند). (ڳيڙيو– ڳيڙيندو– ڳيڙيل).
- **ڳيڙو ج ڳيڙا:** ذ. ٽيپو – ڦڙو– قطرو. ڇنڊاڪو. (ت). اٺ. ڏهه ڏينهن سيءَ واءُ سان سانده پيل برسات. (ڪ).
- **ڳيڙ(ت):** صفت. اَپرو – ڏٻرو – ڪمزور – ضعيف– هيٺو. سست. تنگ ڪندڙ. نقصان ڪار. سُجو. پوڙهو – ڪراڙو.
- **ڳيڙهڻ:** مصدر. ڳهڻ – خريد ڪرڻ – ملهه وٺڻ – سودڻ – وٽجڻ – ڳيڙڻ. (پرمانند). بي همت ڪرڻ. (ل– وفا). (ڳيڙهيو – ڳيڙهيندو– ڳيڙهيل).

– **ڳيڙهو ج ڳيڙها:** ذ. صفت. خريد ڪندڙ– وٺندڙ– ڳنهدڙ– خريدار– گراهڪ– ملهه ڏيئي وٺندڙ.

– **ڳيڙي:** تو ڪچو– تو چيو– تو ورتو. ڳڙڻ (سن گرڻ = چوڻ) اُچارڻ– چوڻ. (سرڪلياڻ).

- **ڳيسڻ:** مصدر. پيٽ ۾ وجهڻ – نڙيءَ مان اندر وجهڻ – ڳڙڪڻ – ڳرڪڻ– ڳسڪڻ – هضم ٿيڻ. (ڳيسيو– ڳيسيندو– ڳيسيل).
- **ڳيڪو ج ڳيڪا(ت):** ذ. پوريءَ (بلبل) جو ٻچو. (حامي).
- **ڳيلهڙ ج ڳيلهڙ:** ذ. جانور جو هڪ قسم – نوريئڙو.
- **ڳينجهڙي ج ڳينجهڙيون:** ث. ڪچهري– مارڪو. (گاجرا).
- **ڳينوار ج ڳينوار:** ذ. صفت. مستانو – بودلو – ديوانو – سودائي – گينوار. (مومل مينڌرو. ص–١٣)
- **ڳينهو ج ڳينهو:** ذ. صفت. (سن. گره = وٺڻ) ڳنهدڙ– خريد ڪندڙ– خريدار – وٺندڙ – سوديندڙ گراهڪ. چوريءَ جو مال وٺندڙ. (پرمانند).
- **ڳيٽو ج ڳيٽا(ل):** ذ. ڊانڊي پکيءَ جو هڪ قسم – لنگهو. (منڇر)– ڳيهٽو. (ل).
- **ڳيو ج ڳيا:** ذ. (سن. گي= ڳائڻ) ڳيت– سهرو– ڳاچ.
- **ڳيهڙو ج ڳيهڙا(ل):** د. ڳاڙو. مينهن جو سانده ٻه – چار ڏينهن وسڻ جي حالت – ڳيڙو( ڪ).
- **ڳيهڻ ج ڳيهڻيون:** ث. (سن. ڳرپ > ڳري+ پ= جهلڻ) مادي ۾ ڳپ جي رهڻ وارو هنڌ– رحم – ڳهڻ.
- **ڳيهڻ:** مصدر. (سن. گر=ڳرڻ) نڙيءَ مان لنگهائڻ– ڳهڻ– ڳڙڪائڻ – ڳسڪائڻ – ڳيڙڻ – ڳيت ڏيڻ. وٺڻ – ڳنهڻ. (ٻيلا). (ڳِٺو– ڳهندو– ڳٺل).

– **ڳيهي وڃڻ:** ڳڙڪائڻ – ڪائڻ. ڦٻائڻ – هضم ڪرڻ – غصب ڪرڻ – موروثي حق تي ناجائز قبضو ڪرڻ – غريبن جو حق ڪائي وڃڻ.

- **ڳيهٽو ج ڳيهٽا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم – ڳيٽو.
- **ڳيهون ج ڳيهون:** ث. (سن. گوڌوم. ف. گندم = ڪڻڪ) ڪڻڪ – گندم – ڪنڪي. ڪڻڪ جا سلا.
- **ڳيهن(ل):** ث. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم. پتر.
- **ڳيئو ج ڳيئا(ڪ):** ذ. (سن. گي = ڳائڻ) ڳيت– ڳاچ – ڳيو.

Gul Hayat Institute

# گھ

**گھ:** ث . سنڌي الف – ب جو ٽيتاليھون نمبر اکر. ابجد موجب سنڌس عدد ۱۰۰۰ هڪ هزار.

• **گھا (ل):** ظرف. وانگيان – جيان وانگر. (جهڙيءَ طرح چئبو آهي: "مون وانگيان= مون گھا). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

• **گھاب ج گھابُون (ل) :** ث . ڪَڏ – تَرائِي– هيٺائين زمين . ناغو. (ت).(اسم خاص). تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

– **گھابَ ڪَڍَڻُ:** بيمار ٿي پوڻ – ڏُک پهچائڻ – ايذاءُ پهچائڻ – نقصان پهچائڻ.

• **گھابارو ج گھابارا:** ذ . نِڙيءَ جي ٻَجهہُ (ڪنگھہ سبب) –نڙيءَ جي گهٽ َ– گھٻو. (سخت تڪليف سان ٻہ نہ ڳالهائڻ جي حالت).

• **گھاتُ ج گھاتَ:** ذ . (سن. گھات = موت). مارو– ڪوس – خون – ڪُسَ – قتل – ڳاهہُ. برٻادي. هيٺ ڪيرائي وڃڻ واري حالت – ڏَڪ– زخم – ڦَٽُ– وَڍُ– (پرا. گھتا. سن. گھوتا= وجهہُ) وقت – موقعو – وارُ – وَل – اوسر – سَجهہُ – ساڄِي– ٽِڙُ – سَنو – سانگو – ڏَتُ – داءُ. ارادو – خيال. ڦاهي – ڦَندُ . ڇَندُ – دولاب – دغا – فريب – ٺڳي – ڇَل – ترڪَٽُ – ڪُپَٽُ – ڪوٽ – ٻوهہ. ڍَڪُ– ڪُڏٽو. (پليٽس).

• **گھاتَڪُ ج گھاتَڪَ:** ذ . ماريندڙ – فنا ڪندڙ – نابُود ڪندڙ – بي رحم – قاتل – خوني – جَلادُ – قصاب – سفاڪ – ڪاسائي. (آصفيہ). بي ايمان– بدمعاش – اوباش – دغا ڪندڙ – ٻوهہ ڪندڙ – فريب ڪندڙ – ترڪٽي – ڪُپٽي – نقصان ڪار. جيئن :"ديس گھاتڪ = وطن جو دشمن". مارڻ جي هڪ اوزار جو نالو. (پليٽس).

– **گھاتُ ڪَرَڻُ:** خون ڪرڻ – قتل ڪرڻ – مارڻ – آتم هچا ڪرڻ – آپ گھات ڪرڻ – پاڻ کي مارڻ.

• **گھاتُو ج گھاتُو:** ذ. خوني – قاتل – گھاتي – ماريندڙ – چيريندڙ – ڦاڙيندڙ زخمي ڪندڙ. شڪار ڪندڙ – شڪاري – جهاٽو – مڇي ماريندڙ – پَهري وارو – ميربحر. ٽوٻو– ٽوٻيو – سمنڊ جو واقف.

"گھاتو سين سندا مکڙا کي تڙ جا نهار"(شاهہ ڪريم).

ٺَڳُ – چورُ – دغا باز– حرفتي – غدار – فريبي.

"گھر ۾ گھاتوئڙا نہ چاڻان، مارين ۾ ٺوڪ" (شاهہ. گھاتو).

– **گھاتِي ج گھاتِي:** ذ . خُون خوار – خونِي– پاپِي– خونريز – قاتل – نقصان رسائيندڙ – دشمن – نقصان ڪار – خطرناڪ – هولناڪ – هيبت ناڪ . آشُبُ – خراب – بدسڳڻ – نياڳو – نَحسُ – بَدُ (ستارو). جيئن "توتي تہ ڪو گھاتي گرهہ آهي، رڳو نقصان پيو سَهين".

– **گھاتِي گِرهُ ج گھاتِي گِرهَ:** ذ . نقصان پهچائيندڙ گرهُ– خراب گرهُ– نَحس ُگِرهُ.

• **گھاٽُ ج گھاٽَ:** ذ . (سن. گھَٽا= گھٽائِي). گھاٽائِي– گھاٽاڻ – ڳِهرائِي – ڳوڙهاڻ –جهجهائِي – هيڪاندائِي. ڪپڙي کي ڇُرڻ بعد ڏنل گھاٽو ڳاڙهو رنگ. ڍِڳُ – ڪوڙ – گھٽو – جهجهو – انبار. لشڪر – ميڙ – انبوهہ – ٽولِي– ڏڻ – وَلُرُ– گَلرُ– جهڳٽو –جهٽو.(انگ. گارڊ = سنڀاليندڙ). گاڏي، ريل وغيره جو نگهبان، پرليس جي چونڪي – سپاهين جي رهڻ جي جاءِ.(سن. گھات، گھَٽَ = پاڻي، پرڻ جي جاءِ). وهنجڻ جي جاءِ – پَتَڻُ – بيڙي يا جهاز وغيره جي بيهڻ جي جاءِ – دمدمو– بندر – ڏِڪو.

"جن کي سِڪ ساهڙ جي سي گهيڙ نہ پڇن گھاٽ"(شاهہ).

(سن. گھٽَ= هلڻ)– ساڪَرَ– جبل مان لنگهہ – جاءِ – واٽ– رستو – پيچرو – گِهرُ– گهيڙُ – گھٽ. (پرا. گھَٽُ = ڏاڪا). پهاڙ – جبل جيئن الهندو. گھاٽ، اُڀرندو گھاٽ، (سن. گُهٽ = ٺاهڻ، جوڙڻ ). زيورن جي گھاڙَ جو نمونو – شڪل – شَبِيهُ – نمونو – ڊؤل – بيهڪ – ڍِنگ وضع – گھاڙ – قسم– آڪار – صورت – رُوپ– آچار – ڍِنگ. وَڍُ– ڪاٽَ – ڪَٽَ– وَڍُ– گھاڙ – گھڙت.(سن. گھٽ = ملائڻ). ملاوتي (سون)– گاڏڙ(سون)– مَٽُ. تجويز– اٽڪل – حِيلو – منصوبو– فريب – رٽ – سازش.

Gul Hayat Institute

روڪڻ لاءِ ان جي ٿَڻن ڪي گسي– ٻڪريءَ جي ٿـَڻن ڪي لاٽلُ چيٽو يا ڳوهيل مٽي– گهاٽي. (ت). ڪٽيءَ جا ڪپڙن ڌوئڻ وقت ٺاهيل جوڙا(ٽي ٽي قميصون، ٻہ ٻہ سٿڻون).

- **گهاڻُ ڪَرَڻُ:** ڪٽين جي اصطلاح موجب ڪپڙن کي ڦرهي تي سَٽَڻُ.

• **گهاڻو ج گهاڻا:** ذ. (پرا. گهاڻِي > گهات. سڻ. گهات , گهان+ ايڪا= گهاڻو). تيل ڪڍڻ جي مشين – تيلي ٻج پيڙڻ جو اوزار – چيچڙو – ڪولهو. هڪڙي واري ۾ ڌوپندڙ ڪپڙن جو مُچو – ڪيپَ.

- **گهاڻا ڪَرَڻُ يا گهاڻو سَٽَڻُ:** هڪ جيترا ڪپڙا گڏي سٽڻ.

- **گهاڻو پَوَڻُ:** چيچڙو پوڻ – تڪليف اچڻ – سختي ٿيڻ.

• **گهاڻِي ج گهاڻِيُون (ل):** ث. مار – مصيبت – آپدا – آفت – غضب – شامت – ڪمبختي – نياڳ – ماجران – چٽي – بدقسمتي. تيلي ٻج جو هڪ ئي وقت گهاڻي جي اُکريءَ ۾ پيل مقدار – واڏائِي.

- **گهاڻِي پَوَڻُ**– مار پوڻ – پاڙ پٽجڻ – برباد ٿيڻ.

• **گهاوَڻُ:** مصدر. گهائڻ.

"اهڙيون سڄڻ تنهنجون اکيون،
ڏاڍا گهور گهاوڻ جا سکيون". (بلند شاهہ).

• **گهاءِ:** حرف جر. جيڪر – وانگر – شايد – جهڙو – وانگي.

• **گهاءِ گهٽ:** صفت. چٽوڙو – فضول خرچائُو – هٿ ڦاڙ – چٽي باز – پيٽي. لبوسِي – لَمبوسِي.

• **گهائِڻُ:** مصدر. چاڪ ڪرڻ – واڍوڙڻ – زخمي ڪرڻ – ٽَپ ڪرڻ – ڦٽڪ ڪرڻ – ڦٽڻ – زخمڻ– گهاءُ ڪرڻ – سُور ڏيڻ – تڪليفون ڏيڻ. (گهائو– گهائيندو – گهايل).

- **گهاءِ ج گهاءَ:** ذ. ڏَڪ – ڦٽ– چِيرُ– چَهَڪَ – وَڍُ – ضَربَ – زخم – خال – ٻرڙ – ڏَنءُ– چاڪ – ڦَٽُ – وڏو مُترڪو يا گهَن.

- **گهاءِ پَوَڻُ:** وِڍجڻ – ڏڪڙِجڻ – زخمي ٿيڻ. اندر سڙڻ – جلڻ – وَڍِبوڻ.

- **گهاءِ ڪَرَڻُ:** ڦٽڻ – زخمڻ – زخمي ڪرڻ – گهائڻ – واڍوڙڻ. رنجائڻ – دل ڏکائڻ – دل آزارڻ.

- **گهاءِ گَسائِڻُ:** ڏَڪُ گَسائي وجڻ – ٻئي جو وار خالي موٽائڻ. وقت وڃائڻ – داءُ گَسائڻ – وار ٽارڻ. ڪاوڙ ٽارڻ.

- **گهاءِ گهِبَ:** زخم – لِڦُون– ڦرڙِيُون– ڦوڦيندا.

- **گهائِلُ ج گهائِلَ:** ث. ڦٽيلَ – وَڍِيل– زخميل – ڏڪيل – ڏڪڙيل. ڏکويل – ضربيل – عشق جو ماريل – ستايل – فراقيل – جُدائي جو ستايل.

– **گهائِلُ ٿِيَڻُ:** زخمي ٿيڻ – مجروح ٿيڻ – ڦٽجڻ – وِڍجڻ – زخمجڻ.

– **گهائِلُ مائِلُ:** واقف – ڄاڻو – گڏ گذاريندڙ – هريل – گهَرو – گستاخ – رليل مليل – گهاٽو – ويجهو دوست– گهائل مائل ٿي وڃڻ – هري وڃڻ حجتي ٿي وڃڻ.

– **گهائـُو ج گهائـُو:** ذ. گهاءُ ڪندڙ – گهائيندڙ – نقصانڪار – ٻيڙيءَ ٻوڙ – ڏڪ پٽائيندڙ – زخم ڪندڙ– ڦٽيندڙ. (هٿيار). تيز – تکو. اونهو (ڏڪ يا چوٽ). محاورو. جيئن "هَر وهَڻُ ۾ گهائو آهي" (صفت). بهادر – گهائو درياءَ.

– **گهاءِ وِجهَڻُ:** وڄ وجهڻ – جهڳڙي کي وڌائڻ.

• **گهائو ج گهائـَا، گهاوا:** ذ. مڇي ڦاسائڻ لاءِ وڏي ڄار – مڇي مارڻ جو وڏو (ڄار جون ٥٠ کان ٦٠ گهايون پاڻ ۾ گڏجي هڪ وڏو رڇ ٺاهين) رڇ "گهائو رڇ"

– **گهائِي ج گهائِيُون، گهايُون:** ث. مڇيءَ يا پلي مارڻ لاءِ هڪ وڏي ڄارُ. (هي سُٽ يا آڪاري يا سٽيءَ مان ٺاهين اُن ۾ ڪدوءَ جون تنبِيون مٿي تَرڻ لاءِ ۽ ڪاٻاري جا رسا جهل لاءِ وجهن. ان ڄار جي هڪڙي پاسي ۾ مڇيءَ ڦاسائڻ لاءِ ٢١ ڳوٽريون).

– **گهائِي لـُنڊَڻُ:** ڄار جي گهائي ۾ ڳوٽريون ٺاهڻ.

• **گهايُون ڏِيَڻُ:** ڄاڻ لاءِ دهل جي خاص وڄت ڪرڻ – ڦيريون پائڻ. ليٽڙڻ.

• **گهايا:** حرف ندا (فعل "گهائڻ" مان اسم مفعول= گهايل). اي ڦٽيل! اي ماريل (بددعا جو سڏ).

وَڍِي وچ وَنهِيُون تـِيءُ،
آهين گهايا! تون گهرندل
گهايو جو جمع گهايا: ڦٽيل(گلو سياڻو).

• **گهايو ج گهايا:** ذ. لوهار کي گهَن سان ڌڪن هڻڻ ۾ مدد ڪندڙ نوڪر يا مزور.

• **گهَبَ ج گهَبُون:** ث. زخم – لڦ – ڦرڙي – ڦوڦيندو – گهاءُ.

• **گهـُبا:** ديهہ جو نالو. تپو ڳاڙهو. تعلقو گهوڙا ٻاري، ضلعو ٺٽو.

• **گهـُبتِي ج گهـُبتِيُون:** ث. گهوڙي هڪلڻ لاءِ خاص لڪڻ.

• **گهَبراتُ ج گهَبراتَ (ت):** ذ. انديشو – خيال – گهبراهٽ.

• **گهَبَراهَٽُ ج گهَبَراهَٽَ:** ذ. انديشو – خيال – فڪر – خفو – پريشاني – رنج– ملال. آنڌمانڌ– بي قراري – لوچ پوچ – بي آرامي – بي صبري.

Gul Hayat Institute

– **گھَٽَ وَڌائي:** ڪمي پيشي – گھٽ وڌ – اڻ پورائي – بي مناسبي.
– **گھَٽِ وَڌِ پَٽو:** گھٽ وڌائي – اڻ پورائي.
– **گھَٽَ وڌِ چوَڻُ:** گارگند ڏيڻ – بي عزت ڪرڻ – بدَاخلاقيءَ سان ڳالهائڻ.
– **گھَٽِ وڌِ ڳالهائِڻُ:** بي عزتي جھڙا لفظ ڳالهائڻ – بيجا ڳالهائڻ – اجائي بڪوات ڪرڻ.
– **گھَٽيرڙو ج گھَٽيرڙا:** ذ . صفت. گھٽيرو – ٿورو گھٽ – البتہ ٿوروَ – ڪجھہ ٿورَو – ڪسو. اوٽو – گھٽ – زائل. ڪم – ڇوٽو – ننڍو – هلڪو – لائيرو – ڪوتاھ.
– **گھَٽيرو ج گھَٽيرا:** ذ . صفت. گھٽيرڙو.
• **گھَٽُ ج گھَٽَ:** ذ . (سن . ڪل = نڙي).نڙي – نڙگھٽ. من . دل . خيال – ڏيان. اندر – جگر – هنيو . وچ. دما غ . (سن. گھَٽَ = واٽ). رستو – گھاٽ – گھيڙ – پيچروَ – لوگھو – لنگھہ – گذر – ڪڙھ – ہُنيو – واٽ – گس – راھ – گھٽي – دڳ . ٿورو – نقصان وارو – مقرر ڪيل انداز کان ٿورو. اٽڪل – رمز – تجويز – رٿ – ٿاھُ – منصوبو. ٻَنيءَ جي بند يا ڪڙ جي هيٺان رستو – گھاٽو. (ت). تلاءُ (صورت بهار). پڪين ڦاسائڻ جو ڄار – دام.
– **گھَٽَ اندَرُ گھوڙا هُئَڻُ:** وجود جي اندر هڪلون يا زور پريا آواز هُلڻ .
– **گھَٽَ بَنائِڻُ:** لنگھہ بنائڻ – رستو صاف ڪرڻ – دشمن کي موقعو ڏيڻ.
– **گھَٽَ جو:** اندر جو.
– **گھَٽَ گھيِڙُ:** ذ . لنگھہ – پيچرو – واٽ.
– **گھَٽَ گھيڙَجھلَڻُ:** رستو روڪڻ – لنگھہ تي ويھڻ.
– **گھَٽ ۾ ويهَڻُ:** اندر ۾ ويهڻ – ٻُڌِ ۾ ويهڻ – سمجھہ ۾ ويهڻ – عقل ۾ ويهڻ.
– **گھَٽُ وٺڻُ:** لنگھہ جي جاءِ تاڙڻ – رستو روڪڻ.
– **گھٽ جھلڻ:** آڏو هڪ تي لنگھہ واري جاءِ تي قبضو ڪرڻ.
– **گھَٽَئُون:** حرف جر . گھٽ مان – دروازي مان – لنگھہ مان لوگھي مان.
• **گھَٽَ ج گھُٽُون:** ث . (سن . گھُٽ= ڦيرائڻ) هوا جي بندش – ڪاڙھو – رُگھہ – گرمي – اَھمو – تپت – تاءُ – ٻُوساٽ – اُوماهي – ٻُٽَ – آڪرس – آٻرس – آڙنگ. روڪ – جھَل – پَل. دٻاءُ – زور – پڪڙ – زَبردستي – زوري. سوڙھ – تڪليف – ٻوسٽ. داب. بيماريءَ جو هڪ قسم (پوک وغيره کي ٿئي). ناريا هُرلي جو هڪ عضوو – ويٺي يا ڦتي کي جھلڻ لاءِ واجھہ يا زنجير جو ٽڪر.
– **گھُٽائِتو ج گھُٽائِتا:** ذ . آڪرس وارو – ٻُٽ وارو – گھُٽارو – رُگھارو – تابش وارو.
– **گھُٽارو ج گھُٽارا:** ذ . گھٽائتو – رگھارو – ڪاڙھائتو – تپش وارو – رُگھائتو – بند .
– **گھُٽَ ٻُوساٽ:** ث. سوڙھ سنگھيڙ – ظلم . زبردستي. تاءُ تپش.
– **گھُٽَ ٿِيَڻُ:** هوا جو بند ٿيڻ – رُگھہ ٿيڻ – گرمي ٿيڻ – ٻُوساٽ ٿيڻ – تپت ٿيڻ.
– **گھُٽُڪارُ ج گھُٽُڪارُون :** ث . گھُٽ – گرمي – آٻَسُ.
– **گھُٽَ ڪَرَڻُ:** هوا بند ڪرڻ – تنگ ڪرڻ – واھون بند ڪرڻ.
• **گھُٽِ:** اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديھہ جو نالو.
• **گھُٽُ ج گھُٽَ:** ذ . ڍُڪ – چڪو – ڇُرون.
• **گھَٽا ج گھَٽائُون:** (ھ) ث . ڪارن ڪڪرن جو ميڙ – برساتي بادلن جو مجموعو – گھاٽا ڪڪر – ڳتيل بادل.
• **گھَٽائِڻُ:** مصدر. (پرا. گھٽاوَ. سن . گھٽ + آئپ= ٿورو ڪرڻ). ٿورو ڪرڻ – گھٽ ڪرڻ – ڪَٽڻ – ڪٽ ڪرڻ – ٿورو ڪرڻ – تخفيف ڪرڻ (خرچ) گھٽائڻ – ڇانٽڻ – ڪفايت ڪرڻ – لاھڻ . شرمندو ڪرڻ. هَٽُ پَچڻ. ڪيرائڻ. (گھٽايو – گھٽائيندو – گھٽايل).
– **گھَٽاءُ:** تخفيف – ڪَٽ – لاٽ – لاھُ . بچت – ڪفايت – اِستخراجي عمل.
– **گھَٽاءُ ڪَرڻُ:** تخفيف ڪرڻ – ڪٽڻ – ٿورو ڪرڻ – لاهڻ – ڪفايت ڪرڻ. اِستخراجي عمل ڪرڻ.
– **گھَٽائيندڙَ شيءِ:** لاٽ ۾ ٿيندڙ شيءِ.
• **گھَٽِجَڻُ:** مصدر. گھٽڻ – جھپجڻ – ڪَٽو ڪائڻ. (تپ) مُڙڻ – لهڻ – ڇِجَڻُ – سُسَڻُ – ٿورو ٿيڻ – ڇندڻ – ڇانگڻ – هٽڻ (گھَٽيو – گھَٽندو – گھَٽيل).
• **گھُٽِجَڻُ:** مصدر. (سن . گھُٽَ = موٽ ۾ ڏڪ هٽڻ يا بدلڻ). ٻُوساٽڻ – گھوگھو ڏيڻ – گھُٽو ڏيڻ. نڙي سوڙهي ٿيڻ. ساھ بند ٿيڻ – دم روڪجڻ. گھٽڻ – سوڙهو ڪرڻ – تنگ لڳڻ. مات ڪرڻ – صبر ڪرڻ. ڍَڪجڻ . جوئر جو سنگ جو ڍِڍي ۾ سُڪي وڃڻ.(گھُٽيو – گھُٽيندو – گھُٽيل).
• **گھُٽِرُ ج گھُٽِرَ:** ذ . گھوگھو ڏيندڙ – ساھ روڪيندڙ – ٻُوساٽيندڙ – گلو دٻائيندڙ – تنگ ڪندڙ.
• **گھَٽِڙو ج گھَٽِڙا:** ذ . بندر جي زمين کي هيٺان ڪاٺ جا ڏنل ٽڪر (رسن کي جھلڻ لاءِ).

Gul Hayat Institute

– **گھرَ جا پَجرَ ڪُٽَڻُ:** خراب خيال رکڻ – اجايا پَهه پچائڻ.

– **گھرَ جا ڪُڪرَ مارَڻُ:** هيٺائي ڏيکارڻ – بي شناس هجڻ – هيٺن تي ظلم ڪرڻ – ڪمزورن کي دٻائڻ – غريبن کي آزارڻ.

– **گھرَ جو ڏيو ٿيڻُ:** سنو ٿيڻ – چڱو ماڻهو ٿيڻ. ايڪو ڪرڻ – ٻڌي ڪرڻ.

– **گھرَ جو مالڪ:** ذ. گھر وارو – صاحب خانه – مالڪ مڪان. مڙس – خاوند – پَتي – ميان صاحب.

– **گھرَ جي دال ماني يادُ ڪرَڻُ:** گھر ويهي رهڻ – مسافري کان ڊڄڻ – ٻاهر نڪرڻ جي وائي نه ڪرڻ – ڪنهن مشڪل ڪم لاءِ همت نه سارڻ.

– **گھرجي گھريتڙي هئڻُ:** گھر کان ٻاهر نه نڪرڻ.

– **گھرُ جھلي وهڻُ:** سڀ بندوبست رکڻ – ناڪابندي ڪرڻ – گھٽ ٻڌڻ – رستا جھلڻ – گھيڙ جھلڻ.

– **گھرُ خيرُ ڪو هئڻُ:** گھر ۾ نه هجڻ – غير حاضر هجڻ.

– **گھرَ ڌياڻي:** ث. زال – گھر واري. مانڌاڻي. (عام راءِ).

– **گھرَ ڌڻي:** ذ. گھر جو مالڪ – جاءِ جو ڌڻي – ڌڻي – وارث. وڏو ڪُٽُو – چوهو.

– **گھرُ ٻُڏڻُ:** پنهنجي زال وڃائڻ – زال مري وڃڻ.

– **گھرُ ڪرَڻُ:** شادي ڪري ويهڻ – زال آڻڻ. ناسور ٿيڻ (بيماري وغيره جو).

– **گھرُ ڪري وهڻُ:** ٻڌنڪ ڪرڻ. ترسي پوڻ.

– **گھرُ ڪارائڻُ:** مفت ۾ ڪارائڻ – تڪليف وٺڻ.

– **گھرَ کي ٻهاري ڏيڻُ:** گھر صاف ڪرڻ – گھر جو سڀ سامان چوري ڪري وڃڻ – گھر تباهه ڪري ڇڏڻ.

– **گھرُ گسائڻُ:** (محاورو) پنڻ کان پاسو ڪرڻ – گدا گري ڇڏي ڏيڻ – خوددار بڻجڻ. (ديوان فاضل).

– **گھرَ گنڀيرَ ج گھر گنڀيرَ:** ذ. صفت. عميق – گھٽو اونهو. ڳوڙهو. (لغت قديم). فاضل ڳرو.

– **گھرَ گُسَهڻُ ڪرَڻُ:** ڪِن ڪرڻ – نقصان ڪرڻ – گلارو ڪرڻ – بڇڙو ڪرڻ.

– **گھرَ گھاٽ:** گھر جو سامان – نام نڪاٽو – ٽڙ ٽاڻ.

– **گھرَ گھاٽ نه هئڻُ:** بيواهه هئڻ – بي گھر هئڻ.

– **گھرَ مان ٻرڻُ:** پنهنجن سان دشمني پيدا ٿيڻ.

– **گھرَ مان لڳڻُ يا پوڻُ:** پنهنجي ڪٽنب مان وير پيدا ٿيڻ.

– **گھرَ مٿي تي رکڻُ يا ڪڻڻُ:** ڏاڍو گوڙ ڪرڻ – تپائڻ – گھمسان ڪرڻ – غلغو ڪرڻ – ٻائيتال ٻارڻ.

– **گھرَ مَسيتُ ٿيڻُ:** گھر سڃو ٿيڻ – گھر پيننگ ٿيڻ – گھر کي نقصان ڏيڻ – گھر صفا چٽ يا نابود ڪرڻ.

– **گھرَ ۾ ڪُتو ٿي لڳڻُ:** گھر جو نقصان ڪرڻ – گھر جي چوري ڪرڻ – گھر کي ڪوٽ وجهڻ.

– **گھرَ ۾ گنگا وهڻُ:** ٻاڻ وٽان مطلب پورو ٿيڻ – ٻاڻ وٽ سڀ ڪجهه موجود هئڻ – ڪنهن به ضرورت جي گھرَ ۾ گھرج نه پوڻ.

– **گھرَ ۾ گھارڻُ:** رضا تي راضي ٿيڻ – هر ڳالهه ۾ خوش ٿيڻ.

– **گھرُو:** ذ. صفت. گھر جو يا گھر سان واسطو رکندڙ – گھريلو – گھريچو – خانگي – اندروني – گھراڻو.

– **گھرَ وارو ج گھرَ وارا:** ذ. مڙس – مڙد – خاوند – پتي – شوهر – وَرُ – ڌڻي – وارث – پتار. گھر جو مالڪ – گھر هلائيندڙ – وڏو – مکيه. (ث. گھرَ واري ج گھرَ واريون).

– **گھرَ ويلو ڪائڻُ:** بيڪار ويهڻ – واندو ويهڻ – بنا ڪم جي ويهڻ.

– **گھرَ ويلي تيرَ هڻڻُ:** گھر ويٺي اڻ ٿيٽي رٿ رٿڻ – اڻ ٿيٽيون تجويزون گھڙڻ – واريءَ تي قلعا اڏڻ – اجايا پَهه پچائڻ – اڻ ٿيٽا دليل ڊوڙائڻ.

– **گھريتو ج گھريتا:** ذ. صفت. گھر جو نُهيل – گھريچو – گھرو – هڪ گھراڻي جو. شاهاڻو – بُنيادي – خانداني – اصلي.

– **گھريتي ج گھريتيون:** ث. گھر واري – گھر ڌياڻي – گھر جي مالڪياڻي. وَرِيتي – مڙس واري – سُهاڳ واري.

– **گھريچو ج گھريچا:** ذ. صفت. گھريتو – گھر جو – گھر جو مالڪ. بنيادي – شاهاڻو – اصل – چندُ.

– **گھريلو ج گھريلا:** ذ. گھرو – گھر جو – گھر وارو – خانگي – گھر جو نُهيل – هتراڏو. پالتو – گھر جو پاليل.

• **گھرَ ج گھرُون:** ث. تقاضا – خواهش – مرضي – چاهه – طلب – دعويٰ – استدعا. ڌڻي سائين جي مرضي. پسندي. لهڻو – قرض.

– **گھرَ:** رب جي رضا – الله سائين جي مرضي يا خوشي.

• **گھراڻو ج گھراڻا:** ذ. خاندان – ڪُل – ڪٽنب – ڪُڙم – ونس – قبيلو – ٻُڻ – ڪيڙُ – پيڙهي – نسل – اولاد.

• **گھُرائڻُ:** مصدر. خواهش ڪرڻ – چاهڻ – گھُرڻ – ڪوٺڻ – سڏائڻ – چوائڻ – ڪوٺائڻ – آڻائڻ – اِچا ڪرڻ – حڪم ڪرڻ. (گھرايو – گھرائيندو – گھرايل).

• **گھرتُ ج گھرتَ:** ذ. (سن. گو = آواز ڪرڻ يا گهڻ = ڦيرا پائڻ). گھيرت – چڪو.

Gul Hayat Institute

• **گهڙو ج گهڙا:** ذ . پاڻي پرڻ جو ٿانءُ – دلو – گاگهر – موريو – مٽڪو – پيلو – گهڙي – ججهري – نادي – ڪُنبُ.(ث . گهڙي ج گهڙيُون). وڄائڻ جو هڪ ساز.(اسم خاص). تعلقي شاهبندر، گوني ۽ ديري محبت ۾ ديهن جا نالا.

– **گهڙا ڀرڻُ:** گهڻي خدمت ڪرڻ – شيوا ڪرڻ – ٽهل ڪرڻ – چاڪري ڪرڻ. خوشامد ڪرڻ – نوڪري ڪرڻ .

– **گهڙامنجي ج گهڙامنجيُون:** ث . دلن رکڻ لاءِ ڪاٺ مان ٺهيل گهوڙي – گهڙانجي – گهڙوانجي. منجڻ.

– **گهڙانجي ج گهڙانجيُون:** ث . گهڙامنجي.

– **گهڙو ڀڄڻُ يا ڦاٽڻُ:** ڳالهه کُلڻ– ڀيد پڌرو ٿيڻ – راز فاش ٿيڻ – ڦڪڙ ڦاٽڻ – لڪل ڪوڙ ظاهر ٿيڻ – پول پڌرا ٿيڻ. وسيلا وڃڻ.

– **گهڙو ڀرجڻ(پاپ جو):** سڄو گناهن سان ڀريل هئڻ.

– **گهڙنئادار:** گهڙن يا دلن کان سواءِ. جيئن .

"گهڙيُون گهڙنئادار، ڪاهي پيون ڪُن ۾ " (شاهہ)

• **گهڙو سرمستُ:** اسم خاص. تعلقي ٺاروُ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **گهڙولو ج گهڙولا(ل):** ذ . ننڍي هار جي چرک يا ڏڀ لاهڻ لاءِ هڪ سوڻ – گهڙيالو.(ٿالهه ۾ ٽاندا رکي مٿان خالي دلو اونڌو ڪن، پوءِ ٿالهه ۾ پاڻي وجهي ته گهڙو ٻُڙ ٻُڙ جو آواز ڪري). پينگهو – جهُولو.(لس).

• **گهڙي ج گهڙيُون:** ث . (پرا. گهٽيا. سن. گهٽڪا= ڪِن). رات ڏينهن جو سٺُون حصو – هڪ ڪلاڪ جو ٢ ڀاڱي ٥ حصو ٢۴ منٽن جو وقفو. وقت ماپڻ جو اوزار– وقت جو پيمانو – واچ – گهڙي. ڪِن– پَلڪ – ساعت – ويرم – لحظو – لمح – جهٽڪو. انجام . ٿوري دير – پَل – وقت – سمون – زمانو. مُنڍيءَ تي ٽِڪ چاڙهڻ واري جاءِ – گهٽ . (سن. گهٽ = دلِي). پاڻي پرڻ جو ننڍو ٿانوُ– دلِي. شاديءَ جي هڪ رسم – شاديءَ جو سوَڻ (شاديءَ واري رات گهوٽ ۽ ڪنوار ڪي وهنجارڻ لاءِ سائن ۽ سوٽن سان ڀريل پاڻيءَ جي دلِي).

– **گهڙي ڀرڻُ:** وهانوَ وقت سات ڪرڻ(شاديءَ جي موقعي تي گهٽو ڪري ٻاهر ڪنهن کُوهَ يا کُهِي تان پاڻيءَ جو دِلو ڀرين، جنهن سان گهوٽ تڙُ ڪري، اهو دلو گهٽو ڪري گهوٽ جي ڀيڻ يا ٻي ويجهي عزيزياڻي ڀري اچي).

– **گهڙي جي رات:** شاديءَ ۾ گهڙيءَ جي رسم ادا ڪرڻ واري رات – پرب.

– **گهڙي ڪرڻُ:** (ڪپڙا) هڪٻئي مٿان سٽي رکڻ – ڪپڙا هڪٻئي مٿان ٺاهي رکڻ.

– **گهڙي ڪَنَ:** ٿوري ساعت – ٿوري ويرم – ٿوري پلڪ– ٿورو لمح – ٿورو دَم – ٿورو وقت – اک ڇنڀَ.

– **گهڙي ڪٽڻُ:** شاديءَ جي هڪ رسم(شادي کان هڪ رات اڳ ۾ ڪوري گهڙي يا دلِي ڪٽي مسجد مان يا سٽن کوهن تان پاڻيءَ سان ڀري، گهوٽ کي وهنجارڻ جي هڪ رسم).

– **گهڙيءَ ۾ تولو، گهڙي ۾ ماسو ٿيڻُ:** مستقيم طبع نہ هئڻ – ڦرٽو گهرٽو هئڻ.

– **گهڙي هٽائڻُ:** باديءَ جي سُور لاءِ دڪيءَ کي اٽو وغيره هٽي چيلهہ تي چنبڙائڻ – دَڪِي هٽائڻ.

– **گهڙيءَ جا گهڙيالَ هئڻُ:** خداوند ڪريم جي قدرت جا ڪرشمہ هئڻ– الله سائين جي قدرت جا جدا جدا نمونا ظاهر ٿيڻ – ڪڏهن ڪهڙي ۽ ڪڏهن ڪهڙي حالت هئڻ.

– **گهڙيءَ چٽ(ڪ):** ث. بَلاجو هڪ قسم.

– **گهڙيءَ ساعتُ تي هُجڻُ:** قريب الموت هجڻ – مرڻ تي هجڻ.

– **گهڙيءَ گهڙيءَ:** ث . هَرَ هَرَ– هردم – هميشه– ساعت بہ ساعت – پلڪ بہ پلڪ – لحظي بہ لحظي – لمحہ بہ لمحہ – دم دم – دمبدم – هر وقت– هر ساعت – هر هميشه– وَري وَري – بار بار – هر دفعي – ڀيري ڀيري. متواتر – لڳاتارَ – سَدا – نت – سدائين.

– **گهڙي ماسو – گهڙي تولو:** ذري ۾ ڪُجُ ذري ۾ ڪُجُ، ڦِرندڙ گهرندڙ – چَنچَلُ – چِلولو– بي وفا – ٻَهہ رَنگي – ڦِڙتيون ڪائيندڙ – اوقاتي – گهڻ مَتيو – سرد گرم – دل دالِيو – ڳِتي خور.

• **گهڙيالُ ج گهڙيالَ:** ذ . (پرا . گهڙيالِي. سن . گهڙيالـهہ> گهنٽي= گهڙيال). وقت جاچڻ جو اوزار – ٽائيم يا وقت ڏيکارڻ جي مشين – جرَس– گهنٽو. درگاهن تي ڏمال ڪرڻ وقت وڄائڻ جو هڪ ساز– گهنڊُ.

– **گهڙيالچو ج گهڙيالِچا:** ذ . وقت ڏيکارڻ جي ننڍيري مشين – ننڍو گهڙيال.

– **گهڙيالچِي ج گهڙيالچِي:** ذ . گهنڊ وڄائيندڙ – گهنٽا وڄائيندڙ. گهڙيال ٺاهيندڙ. گهڙيال جي رِڦت جا ڏڪ هڻندڙ اوزار.

– **گهڙيالو ج گهڙيالاَ:** ذ. گهڙيال – گهنٽو – ڪلاڪ مشين – وقت ڏيکاريندڙ هڪ مشين. هُرلي يا نار جي تَڙَ جو ٺرو –

Gul Hayat Institute

چلڻ – ڦرڻ – پنڌ ڪرڻ – ٽرڻ – ڦرڻ – جنگهون ساهڻ – ٽهلڻ – شئل ڪرڻ – سير ڪرڻ – تفريح ڪرڻ – ڏسڻ – وائسڻ – چڪر هڻڻ – پسار ڪرڻ – رلڻ – پٽڪڻ – پٽڻ– پنوڻ – لٽڪڻ – وَتَڻ – پرمڻ – ٽلڪڻ – اُجهڙڻ. چوڏاري ڦرڻ – چِڪلِي پائڻ – گول ڦرڻ. (اسم خاص). گاهه جو هڪ قسم. (گهُميو – گهُمندو – گهُميل).

– **گهُمَڻُ ڦِرَڻُ:** پسار ڪرڻ – شئل شڪار ڪرڻ – تفريح ڪرڻ – گهمڻ گهَتڻ – پرمڻ پٽڪڻ – پٽڻ پنوڻ – جنگهون ساهڻ.

– **گهُمَڻُ گهوڙو ج گهُمَڻُ گهوڙا:** ذ . رُلندڙ – گهمندڙ – ڦِرندڙ – سير ڪندڙ – تفريح ڪندڙ – پٽڪندڙ – سَئِلائي – سياح – رولو – گهومو – رمٽو – رولاڪ – رول.

– **گهُمَڻُ وَڃَڻُ:** چڪر هڻڻ لاءِ وڃڻ – سير لاءِ وڃڻ – تفريح لاءِ وڃڻ .

• **گهَمَڪَهوٽو ج گهَمَڪَهوٽا:** ذ . گهٽن نشيدار شين کي گڏي گهوٽڻ جي حالت.

• **گهَنَ ج گهَنَ:** ذ . مارتول – لوهه جو هڪ اوزار – لوهه جو وڏو اوزار – وڏاڻ – هٿوڙو – مترڪو – چالاڪ – عيار – اٽڪلي – لَڄ – بدمعاش– اوباش – رهزن – غدار – ڦورو – ٺڳ. جُنگ – جوڌو – پهلوان – بهادر.

• **گهَنَ چَڪَرُ ج گهَنَ چَڪَرَ:** ذ . صفت. چالاڪ – عيار – اٽڪلي – ٺڳُ. لُچو – بدمعاش – اوباش – رهزن – ڦورو – دغاباز– دلبي باز– دوکيباز– فريب ڪندڙ.

• **گهَنِ:** صفت. گهاٽي. (ديوان صورت بهار ۲۳۱).

• **گهُنُ:** (سن . گُـو) پائخانو – جسم مان خارج ٿيندڙ گند.

• **گهَنيرِ:** اسم خاص. ترِ ۾ گاهه جو هڪ قسم.

• **گهَنترِي ج گهَنترِيُون:** ث . چالاڪي– اٽڪل – حرفت – دلاسو – پاليسي. ڏٽو – ٺڳي.

– **گهَنترِي بازُ ج گهَنترِي بازَ:** ذ . صفت. چالاڪي – اٽڪلي – حرفتي – چالاڪ – سياڻو.

– **گهَنترِي چاڙهَڻُ:** چالاڪي ڪرڻ – اٽڪل ڪرڻ – دغا ڪرڻ – دوکيبازي ڪرڻ – حرفت بازي ڪرڻ – بدمعاشي ڪرڻ.

– **گهَنترِي هَڻَڻُ:** ٺڳي ڪرڻ – دولاب ڪرڻ – فريب ڪرڻ – مڪر ڪرڻ – دوکيبازي ڪرڻ.

– **گهَنترِي ملائِڻُ:** چالاڪي ڪرڻ – اٽڪل – ڪيڏڻ– حرفت هلائڻ. دلاسو ڏيڻ – ڏٽو. گشو ڏيڻ – بدمعاشي ڪرڻ – رهزني ڪرڻ.

– **گهَنترِي هَڻَڻُ:** ٺڳي ڪرڻ – دولاب ڪرڻ – فريب ڪرڻ – مڪر ڪرڻ – دوکيبازي ڪرڻ.

• **گهَنٽو ج گهَنٽا:** ذ . (سن . گهنٽي= وقت) ڪلاڪ – بَجو – وقت . گهِنڊُ. (گارگند جو بچڙو الفاظ) ڪنُ – لؤڙو – آلت – ڪاڙهه. (سن . گنٽ = گهنٽو) ماپ جو هڪ عدد. جريب جو ويهون حصو.

• **گهنِٽِي ج گهنِٽِيون:** ث . هٿئي سان ننڍو گِهنڊُ – گهنڊٽي – گهنڊي– ٽَلِي – چڙي– چنگ – واڄو.

• **گهنِپَٽريُون:** ث . صفت. چَٽَ چُرَ – گشاپٽي– دم دلاسو – راڳ – ٺُمرِي– ور ڏٽو.

• **گهُنجُ ، گهُنجَ(ت):** ذ . هيٺ لڙيل سگن سان مينهن يا ڏاند جو هڪ قسم. ”ڏِڳو گُهنج، مينهن پِلُ“.

• **گهُنجَڻُ:** مصدر. (سن. ڪُنج= گهنجُ). گهنج وجهڻ – ور وڪڙ ٿيڻ – پيچدار ڪرڻ – سَرَڻُ– چٽَڻ.(گهنجيو– گهنجندو – گهنجيل).

– **گهُنجُ ج گهُنجَ:** ذ . ڪپڙن ۾ سَرُ – چُڻُ– ڪُنج – پڳُ – تروڪ – تاڪُ – وَرُ – وڪڙ – وٽ – ويڙهه – ڳوپ – پَيچ – تَهُ– ٺڻ تـُڻَ. ڳِچُ. ڳنڍ– پيچيدگي – الجهن – مونجهارو – جهڳڙو – گول مول.

– **گهُنجائِڻُ:** مصدر. ڳچائڻ – (ڪنب) ڪَاندارڻ. گهنڊ پائڻ – مُنهن بچڙو ڪرڻ. چُڻ چُڻ ڪرڻ – تَهُ ڪرڻ – ڳچائڻ – چٽائڻ – موڙڻ سوڙڻ– ور وڪڙ ڪرڻ.

– **گهُنجَ ٿيَڻُ:** سَرَ ٿيڻ – ور وڪڙ ٿيڻ.

– **گهُنجِجَڻُ:** مصدر . ويڙهجڻ – سيڙهجڻ – چُڻ چُڻ ٿيڻ – تَهُ ٿيڻ – ڳتجڻ – ڳنڍجڻ. منهن ۾ شور وجهڻ.(ڪنب) ڪاندارڻ.

– **گهُنجرُ ج گهنجرَ:** ذ . گُهنج وارا– گهنڊِيدار – گهنجيل – موڙيل سوڙيل – وٽيل سٽيل – چٽيل.

– **گهنجِٽا:** گُهنج وارا – ڪُنجَن وارا – وريل – ور وڪڙن وارا.

– **گهنجَ وجَهڻُ:** وَرُ وجهڻ– شور وجهڻ– گهورَ ڪرڻ.

• **گهنجَ ج گهُنجُون:** ث . خوشي – مؤج – بهاري – سرهائي – عيش – جشن – لذت – مزو – لطف. فرحت– آرام – مرضي – وندر – رهسو – رهس – يوڳ – حظ.

• **گهنجُ:** اسم خاص. تعلقي ٺُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ڪرڻ (ڪنن ۾) ٻُرڻ – گهنڊ وڄائڻ – گهنٽي هڻڻ. (اسم). آواز جو لفظ. (گهٽڪايو – گهٽڪو – گهٽڪايل).

– **گهٽِڪارَ ج گهٽِڪارُون:** گهنڊ جي وڄڻ جو آواز – گهنگهرن يا ڇير جي ڇٽڪار – ٻال يا ڪينهوڙي جو آواز – واڄٽ – ٽٽڪاٽُ – ٽٽاڪ – چمڪاٽ – چمڪو – گهڻ گهڻ.

– **گهٽِڪائِڻُ:** مصدر. وڄائڻ – واڄو ڪرڻ – گهٽڪار ڪرائڻ – چمڪاٽ ڪرائڻ – ڇٽڪاٽ ڪرائڻ – گهڻ گهڻ ڪرائڻ.

• **گهڻِ گهڻِ ج گهڻِ گهڻِ:** ث. گهنڊ جو آواز – گهنڊ وڄڻ جو آواز – ڇڙي جو آواز – گهنڊڻيءَ جو آواز – گهنگهرن جو آواز. واڄٽ – ٽِن ٽِن – ڇڻ ڇڻ. جيئن:

”گهڻ گهڻ گهنڊليون چمڪن ڇيريون“ (حاجي خانڻ).

• **گهَڻُو ج گهَڻا:** ذ. صفت. (سن. گهن= گهڻو) جهجهو – مَڙو – زياده – جام – بسيار – جال – ڳَپل – ٻَهون – گائبو – سُٻَيل – ڏاڍو – ڳچ – ڪئين – ڍير – وافر – ريل – ڇيل. (ظرف). نهايت – تمام – خوب – عموماً – اڪثر – گهڻو ڪري – عام طرح – رواجي نموني – سچو پچو – پڪو(نڳ) – بلڪل – زور – نيور نيت يا انان(چريو).

– **گهَڻا سرَ اُتَلائِڻُ:** گهڻا زمانا ڏسڻ – آزمودگار هئڻ – تجربيڪار هئڻ.

– **گهَڻائِي ج گهَڻائِيُون:** ث. جهجهائي – وڌيڪائي – زيادتي – سَرسائي – عميقائي – سُڪَرُ – سبز سالي – انيڪتا.

– **گهَڻو تَڻو:** اڪثر ڪري – گهڻو ڪري – عام طور – عموماً.

– **گهَڻو ٿِيَڻُ:** ڪي ڪين ٿيڻ.

– **گهَڻُو ڪَري:** عام طرح – اڪثر ڪري – جيتوڻيڪ – عموماً. گهَڻ ڪَرو.

– **گهَڻيرَو ج گهَڻيرا:** ذ. گهڻيرو – ڪجهه وڌيڪ – البت سُنوالَو – تور، زيادَه. سَرِس – زياده – جهجهو – مَڙو – ٻَهون.

– **گهَڻيرو ج گهَڻيرا:** ذ. صفت. ڪجهه وڌيڪ – البت سنوالو – زياده ڪجهه زياده. سرس – جام – جال – انيڪ – ٻهون – عميق.

– **گهَڻي وِيهِين سَوَ هَئَڻُ:** ڪيتري قدر ڏکيائي هئڻ – ڪيتري قدر مشڪلات هئڻ – ڪيتري مصيبت هئڻ – ڪيتري قدر هلاڪي هئڻ – ڪيتري قدر پريشاني هئڻ.

• **گهُڻو ج گهُڻا:** ذ. (سن. گهڻ) ڪاٺ يا ان کي ڪائيندڙ جيت جو هڪ قسم – سُرو (صفت). نَڪَ مان آواز ڪيندڙ(ماڻهو). منو ڳالهائيندڙ – نَڪان ڳالهائيندڙ.

– **گهَڻو لَڳَڻُ:** جيت جو اَن کي کائڻ. بيمار ٿي پوڻ – بيماريءَ ۾ گرفتار ٿيڻ. هڪدم پَتلو ٿي وڃڻ – سنهو ٿي وڃڻ – ڳِٽتي پيدا ٿيڻ – فڪر ٿيڻ – پريشان حالت ٿيڻ – مشڪلات ۾ پوڻ.

• **گهَوٻاٽو ج گهَوٻاٽا:** ذ. ڏنڊو – سؤنٽو – لَٺِ – ڏڪو – ڇڙهي – چوبَ – عصا – گرزُ. هَرَ لاءِ لوهه جي چُنِي(ت). اُبَتو جواب – اَڏنگو ڳالهاءُ – بي ڍنگ هلت – گارگند – گوڙ – فسادُ. (صفت) تلهو – متارو – موٽو – مُستنڊو.

– **گهوٻَاٽو چڙهَڻُ:** (ت). زور يا دٻاءُ چڙهڻ. تنگ ٿيڻ – عاجز ٿيڻ پريشان ٿيڻ.

• **گهُوٻاري:** اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **گهوٻو ج گهوٻا:** ذ. هر جو هڪ عضوو – زمين کي کيڙڻ لاءِ لوهه جو نهيل ڦار – ڏوڙ. مفت حاصل. رنڊڪ – اٽڪ – آڏ – جَهل.(ت).

• **گهوٻو پَوڻُ:** (ت). ڪنهن شيءِ جو اک ۾ لڳڻ.

– **گهوٻِي ٻوليو:** (ت) سنهي منهن وارو.

– **گهوٻِي ج گهوٻِيُون(ل):** ث. ٺڳي – دغا – فريب – غبن – بي ايماني – ڌوهُ – ترڪٽ – گهُٽَ – ڪُپت – دولاب – وساگهاتي – نقصان – ٽوٽ. ڦڏو – روڪ(ت). هٽ جو لڪڻ – گاهه جو قسم.

– **گهوٻي هَڻَڻُ:** ٺڳي ڪَرَڻُ – دغا ڪرڻ – فريب ڪرڻ – ڪپت ڪرڻ – دولاب ڪرڻ – وساگهاتي ڪَرَڻُ – ڦڏو ڪرڻ – روڪ ڪرڻ.

• **گهوتو ج گهوتا(ل):** ذ. (ف. غوط) غوطو – گوتو. ڦيرو – چڪر(ڪ) ٻِت ٻت – ڳِٽتي.

– **گهوتا کائڻ:** گهگهٽيون کائڻ – پور پچائڻ – دل هٽڻ – ٻڏڻ ترڻ – ڳِٽتيون کائڻ – هبڪڻ – هڏڪڻ – شڪجي بيهڻ.

– **گهوتِي ج گهوتِيُون(ڪ):** ث. گهوتو – پورُ – پهتُ – پَهُ – خيال – ويچار. ڦيرو – بَدَلُ.

”توکي کهڙي گهوتي آئي“.

• **گهوٽُ ج گهوٽَ:** ذ. (پرا. گهوهه. سن گوگهه = گهوٽ) تازي شادي ڪيل (ماڻهو) لاڙو – وَنو – ڪانڌ – ڳيرو. گهوٽو. شراب. (صفت) پهلوان – بهادر – غازي. خوش مراداياب.

– **گهوٽ ٻَڄِي وِهڻُ:** بي اونو ٿي وهڻ – بي پرواهه ٿي وهڻ.

– **گهوٽَ ٻيءَ تيَ وهَڻُ:** بي اونو ٿي وهڻ – بي خيال ٿي وهڻ – بي اُلڪو ٿي وهڻ – بي انتظار ٿي وهڻ. آنند ۾ گذارڻ – آرام ۾ گذارڻ سک ۾ گزارڻ – سکيو ستابو گذارڻ.

Gul Hayat Institute

— **گھوڙا پوَڻُ**: ذ . ظلم ٿيڻ – ڦرڻ – لُٽجڻ – بغداد ٿيڻ – واويلا مچڻ – هاءِ دوس ہرڻ. مصيبت پوڻ – آفت اچڻ – تڪليفون اچڻ. ياڄ پوڻ – ڦيٽاڙو پوڻ – ڦوٽ پوڻ – نقصان پوڻ – خانو خراب ٿيڻ.

— **گھوڙا چڙھَڻُ**: ذ. مار پوڻ – موچڙا پوڻ – پادر پوڻ – مصيبت ۾ ڦاسڻ – مشڪل ۾ پوڻ – پريشان ٿيڻ – خطري هيٺ اچڻ.

— **گھوڙا ڊُڪائڻُ**: ذ. ڊُڪَ ڊوڙ ڪرڻ – هٿ پير هڻڻ – حيلا وسيلا ڪرڻ – تمام ڪھٽيون ڪوششون ڪرڻ – متا مونا هڻڻ.

— **گھوڙا ڳَلا**: ذ . گھوڙن جا ڌَڻَ – گھوڙن جا وَلر – گھوڙن جا ڳلر – گھوڙن جا هجوم – گھوڙن جا حشام.

— **گھوڙو ہِڏَڻُ**: ڊرو ٿيڻ – ترسڻ – ڊيرج ڪرڻ – ڪمڻ.

— **گھوڙو پَٽَھلُو ج گھوڙا پَٽَھلا**: ذ . ٻارن جو هڪ رانديڪو – ٻاراٽو رانديڪو. ڪلوٽو.

— **گھوڙو پوَڻُ**: برباد ٿيڻ – تباھ ٿيڻ – فنا ٿيڻ – ڦرجي وڃڻ – لُٽجي وڃڻ – چَٽُ ٿي وڃڻ – ناس ٿي وڃڻ. سرڪار جي پيڙ هيٺ اچڻ – تنبيھ هيٺ اچڻ – چِڪ تاڻ ۾ پوڻ.

— **گھوڙن جو گھيرُ**: تمام پري.

— **گھوڙو چوڙڻُ**: روانو ٿيڻ – وڃڻ – وڃڻ لاءِ هڪدم تيار ٿيڻ – نہ ترسڻ.

— **گھوڙو ڊوڙائڻُ**: گھوڙو ڀڄائڻ. پنھنجي مرضي موافق هلڻ يا ڪم ڪرڻ – خواهش پوري ڪرڻ.

— **گھوڙو سنجڻُ**: گھوڙي تي هنو يا زين رکڻ. گھوڙو مسافريءَ لاءِ تيار ڪرڻ – گھوڙو چڙھيءَ لاءِ تيار ڪرڻ.

— **گھوڙو وِجھڻُ**: ڊيڄارڻ – تاهڻ – ڊڪائڻ – ڌهڪائڻ – دٻ ڏيڻ. مصيبت وجھڻ – آفت آڻڻ – تڪليف ۾ وجھڻ – حيران پريشان ڪرڻ.

— **گھوڙن هَنِئي**: مصيبت ۾ آيل – آفت ۾ آيل – آپدا ۾ آيل. ماريبيل – مصيبت پيل.

— **گھوڙي تي چڙھي اچڻُ**: گھڻي تڪڙ ڪرڻ – گھڻي جلدي ڪرڻ – گھڻي اُبھرائي ڪرڻ.

— **گھوڙيچو ج گھوڙيچا**: گھوڙي سان تعلق رکندڙ – اسپي.

— **گھوڙي سَوارُ ج گھوڙي سوارَ**: ذ . هَسوارُ – سُواري ڪندڙ.

— **گھوڙي ڪَنَ بَرابَرهَڻَڻُ**: پاڻيءَ ۾ سڀ هڪ جھڙا هئڻ. ڪو بہ ڦيرو نہ هئڻ.

• **گھوڙي ڪَنو**: (اسم خاص) جبل جو هڪ ٻوٽو جنھن جا پن گھوڙي جي ڪنن جھڙا ٿين ٿا. هن کي اسپنگر بہ چوندا آهن. جو اصل ۾ اسپغول آهي ۽ ان جو اشتقاق آهي. (اسپ=گھوڙو+ غول= ڪن)يعني گھوڙي ڪنو.

• **گھوڙي ج گھوڙيُون**: ث . گھوڙي جي مادي. (منڊي جي آڏ لاءِ) ڪاٺ جي ٽيڪ. ڪاٺ جي ٻن ڦاڪن جي هڪ هنڌ ڳنڍ ٿيل منجي(جنھن ۾ ڪاٺ جا بہ وڏا ڪلا ڪتل ٿيندا آهن. انھن ۾ ڪاٺ جا بند قابو ڪري، ڪرت سان بہ ماڻھو چيريندا آهن). ڪپڙن ٽَنگڻ لاءِ ڪاٺ يا لوھ جو پڃرو. پينگھي جي ٽنگن وارو حصو يعني وچين ڪائي. ٻارن جي پنڌ ڪرڻ لاءِ هڪ گاڏيءَ جو قسم. ستار جي تارن چورڻ لاءِ هڪ عاج جو ٽُڪر. سٽِيُن ناهڻ لاءِ مشن. ٢٥ يا ٥٠ سرن جي اُپي قطار. تاليءَ سڪائڻ لاءِ ڪورين جو هڪ اوزار. پاڪڙي جي وچين ڪائي.

• **گھوڙيالُ**: هڪ قسم جي ٻلا.

• **گھوڙيلُ ج گھوڙيلُون**: ث. ٻلا جو هڪ قسم.

• **گھوڙيو ج گھوڙيا**: ذ . (ڪ). پينگھو – جھولو.

• **گھوڙي وَلَھہ ج گھوڙي وَلَھُون**: ث . گاھ جو هڪ قسم.

• **گھُوسو ج گھُوسا**: ذ . (سن. گھشي) . مُڪَ – ٺُونشو – ڏڪُ – ٺڦڙ – لپاٽ – چماٽ – گُوشو.

• **گھُوشو ج گھُوشا**: ذ. ٺُونشو – مُڪَ – ڏڪ – چماٽ – لَپاٽ.

• **گھُوڪَرُ جي گھُوڪَرُون**: ذ .(ڪ). ڊيھ – گھُوڪَ – ٽَڪَرُ – ٿُونو.

• **گھُوڪَڻُ**: مصدر. تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ – ڌوڪڻ – (گھوڪيو – گھوڪيندو – گھوڪيل).

— **گھُوڪَ ج گھُوڪَ**: تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ واري حالت – ڌوڪ . (ل). تمام وڏي.

— **گھُوڪِٽُو ج گھُوڪِٽا**: ذ . (ل). ٺڪاءَ ڪڍائيندڙ – چُٽ مرائيندڙ – بدفعلي ڪرائيندڙ.

• **گھُوڪو ج گھُوڪا**: ذ . (ث). ڪنھن شيءِ جو اوچتو آواز – شور – غُل – ٺڪاءُ – گجگوڙ.

— **گھُوڪا ڏيڻُ**: بدن ۾ آڱرين ڪُپائڻ – جھوڪون ڏيڻ – ٽوڪون ڏيڻ – چوڪون ڏيڻ.

• **گھُوگھہ ج گھُوگھہ (ت)**: ذ . وڏو آواز – گوڙ – شورُ – غولُ. گھُٽيل آواز(ٽڙيءَ جو).

— **گھُوگھہ مارَڻُ**: گھڻي بَڪَ شَڪَ ڪرڻ – جھجھو ڳالھاءِ – ٻٽاڪ هڻڻ – اجايو گوڙ.

Gul Hayat Institute

– **گھوگھہِ ھَٽَڻُ:** وڏو آواز ڪرڻ – هرو ڀرو لَڙُ ڪرڻ – ڪروڌ ڪرڻ – جھيڙو ڪرڻ – ڦڏو مچائڻ.

• **گھُوگھاٽُ ج گھُوگھاٽَ:** ذ . (سن . گھہ= آواز ڪرڻ ) هوا جو آواز – گھوگھَٽُ – گھونگھاٽ – شوشاٽ – زونگھاٽُ – رونگاٽ – ( لاٽونءَ وغيره جي) تيز ڦرڻ جو آواز.

• **گھُوگھاٽَ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديھہ جو نالو.

• **گھوگھارو:** اسم خاص. تعلقي ڦنمبر ۾ هڪ ديھہ جو نالو.

• **گھوگھاري ج گھوگھاريُون:** ث . گيھہ يا تيل وجھڻ لاءِ چمڙي جي هڪ قسم جي ٽيلھَي – چمڙي جي دَٻي.(ف. غوغاءِ).

• **گھوگھاءِ ج گھوگھا:** ذ. وڏو آواز – گاج – گجگوڙ. گھٽي چؤپَچؤ.

• **گھُوگھَٽَ ج گھُوگھَٽَ:** ذ . هوا جو آواز – شوشاٽ – ڦرندڙ شيءِ جو آواز. هيبتناڪ آواز.

• **گھوگھَرُ ج گھوگھَرَ(ٽ)ي** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **گھوگھِرو ج گھوگھِرا:** ذ . (ف. خرخره) ننڊ ۾ نڪ مان نڪرندڙ آواز – ڪونگھرو.

– **گھوگھِرو ھَٽَڻُ:** ننڊ ۾ نڪ ۽ وات مان ٿلھا آواز ڪرڻ.

– **گھوگھِري ج گھوگھِريُون:** ث . بيھوشي ۾ ساھہ جو مُنجھہ سبب نڙيءَ مان نڪتل آواز. گھيٽي جو ڀُڇُ وَڌي وَھُ ڪڍيل گوشت جي تَڙَ( ڪ).

• **گھوگھاڙو:** اسم خاص. ٿَرَ ۾ هڪ ڏھرجو نالو.

• **گھوگھَڙُ ج گھوگھَڙَ(ٽ):** ذ . ڪڪڙ جو هڪ قسم.

• **گھوگھِڻ:** ( ٽ). مصدر. ڇيڇلائڻ – هلاڪ ڪرڻ – پريشان ڪرڻ – گھُٽڻ.(گھوگھيو – گھوگھيندو– گھوگھيل).

• **گھوگھو ج گھوگھا:** ذ . ٻن هٿن سان نڙيءَ کي ڏنل زور – گھُٽو – سپ جو هڪ قسم – سپ جي ڪَلَ – سُٽِي – سُٽيڙو . گھوگھيتو–(اسم خاص).

– **گھوگھو ڏيَڻُ:** گھُٽو ڏيڻ – نڙي دٻائڻ – ساھہ ٻوسائڻ – نڙگھٽ ڪان جھلڻ – دم روڪڻ.

• **گھُوگھُو:** ث . ڳيري ۽ ڪبوترجي تنوار. جيت جو هڪ قسم.

• **گھوگھِي(ٽ):** ث . جانورن جي هڪ بيماريءَ جو نالو.

• **گھوگھيتو ج گھوگھيتا:** ذ . دلي يا مٽ ۾ پاڻي جي سم سبب ٿيل سوراخ. ڪوڏ جھڙو مٽي پاڻيءَ جو جيت – گھوگھو. نرم مٽيءَ ۾ سوراخ ڪري وھندڙ ننڍڙو ڪوريئڙو جيت.

• **گھولَ ڇيري ج گھولُ ڇيريُون:** ث . مڇيءَ جو هڪ قسم.

– **گھولَرُ ج گھولَرَ(ٽ):** ذ. گھڻا ماڻھو–ماڻھن جو گوڙ. هجوم–حشام.

– **گھولِرو ج گھولِرا(ل):** ذ. ميڙ – هجوم – حشام – گھولَر. ميڙو – گڏ – گوڙ.(ڪريو گھولرا گھٽين ۾ ٽا توکي نورجيئن نچائين).

• **گھولَڻُ:** مصدر . گھورڻ – قربان ڪرڻ – صدقي ڪرڻ – گھورڻ. نثار ڪرڻ. ڳارڻ – ڀگھارڻ – وٽڙائڻ(فائيل) (گھوليو– گھوليندو – گھوليل).

• **گھولَ ج گھولَون:** ث . ڳارَ.

– **گھولَ ٽيَلُ:** ڳڙيل – ڀگھريل. وٽِڙيل – آٽريل.

– **گھولَ گھَتَڻُ :** (سرائيڪي ). گھَوري ڇڏڻ – قربان ڪري ڇڏڻ – صدقو ڪري ڇڏڻ – ٻلھار ڪري ڇڏڻ – نثار ڪري ڇڏڻ – گھوري ڇڏڻ.

• **گھوم:** ث . ڦيري – گھمرو – ڦيرو – قدم – ٽورَ – چال – پسار – ھَلٽي – چَلٽي – هلت – چَلت . سفر – مسافري – گَشت – سير – چَڪَرُ – شيلُ.

– **گھومُو ج گھومُو:** سياح – گھمندڙ – ڦرندڙ – رلندڙ – ڀٽڪندڙ – رولاڪ – ٽولاڪ – رول – ڳولو(ٽ).

• **گھُوماٽڻُ:** مصدر. اُداس ٿيڻ – غمگين ٿيڻ – دلگير ٿيڻ – ڏک ۾ بيھوش ٿيڻ – ارمان ۾ اچڻ – رنج ٿيڻ – مُنجھڻ – موڳو ٿيڻ . ڪاوڙ سبب شور ۾ رهڻ. (ٽ). (گھوماٽيو – گھوماٽيندو – گھوماٽيل).

– **گھُوماٽَ ج گھُوماٽُون:** ث . اُداسائي – غمگين – نراسائي – دلگيري – بيھوشي – مدھوشي – مخموري. ڪِنجھہ – ڪَٽِڪ – سُورُ – ارمان – رنج – غم – الم.

– **گھوماٽِجَڻُ:** مصدر. ڏڪوئجڻ– دلگيرجڻ – اداسجڻ – ڪومائجڻ– سسجڻ – سوڙھو ٿيڻ – مُنجھہ ۾ اچڻ – تنگ دل ٿيڻ. ڊونڊڙو ٿيڻ. سُڪجي وڃڻ.

• **گھُوماٽِي ج گھُوماٽِيُون:** ث. (مغز۾) ڦيري – چڪر – ڀنواٽي.

– **گھوماٽِي ڪائڻُ:** ڦيري ڪائڻ – ڀنواٽي ڪائڻ .

• **گھُومرَ(ٽ):** ٻارن جي راند جو هڪ قسم.

• **گھومو ج گھوما:** ذ . پکين ڦاسائڻ واسطي رَڇَ جو هڪ قسم.

• **گھونسَڻُ(ڪ):** مصدر. گھمائڻ – ڦيرائڻ – هلائڻ – چَڪَرَ ڏيارڻ – ڦيري ڏيارڻ – گھمري ڏيارڻ. (گھونسيو– گھونسيندو – گھونسيل).

• **گھُونگھاٽُ:** ذ . گھوگھاٽ. هوا جو زورائتو آواز – طوفان جو شور و غل – لاٽئون جو رنگاٽ. منھن ڍڪڻ واري حالت – گھونگھٽ – پڙدو.

Gul Hayat Institute

– گھرگھلو. گھيري وارو – وٽ وارو – ڦيردار.

• **گھيرُ ج گھيرَ:** ذ. گھيڙ. گھيرو – گشت – دورو. ٻيڙيءَ جي آڏ جي هيٺين ڪپيءَ وارو رسو – قلميءَ جي لاهڻ چاڙهڻ جو رسو.

– **گھيرَ گھٽَ:** رستا – واٽون – پيچرا – لنگھ – گھاٽ – جايون تَڙَ – گھيڙ گھٽَ.

• **گھيرٽ ج گھيرٽَ:** ذ. ننڊ جو جھوٽو – رونءِ – ڏوُنڪو – پِنڪي – بيخبري – ننڊاڪڙائي – گردنواحي – اوسو پاسو – گھيرو. مايا جو نشو – ڌَن جو ڏؤ – مال جي طاقت.

• **گھيرجولَڪُ:** (اسم خاص). ڪيرٿرجبل ۾ هڪ لَڪَ جو نالو.

• **گھيرَڻُ:** مصدر. ويڙهڻ – وَڪوڙڻ – ڦاسائڻ – سوڙهو ڪرڻ – پڪڙڻ. وَرَ ۾ ڪرڻ – وراڪو ڏيڻ – وراڪڻ – ڦيري ۾ آڻڻ – چڪر ۾ آڻڻ – ورائي گڏ ڪرڻ – گھيرو ڪرڻ – چوڌاري ڦاسائڻ – چوڌاري جھلڻ. قبضو ڪرڻ – هَٽ ڪرڻ – بند ڪرڻ ڪارڻ – مِيلڻ.

– **گھيرو ج گھيرا:** ذ. گول جي ٻاهرين حد واري ليڪ – گردو – ويڙهو – وراڪو – گولائين لِيڪ – ڦيرو – دائرو – منڊل – چَڪَرُ. چوگرد – چوڌاري – ٻُوساٽَ. گردنواحي – چارئي طرف بند – ٻيڙي جو شيڪلو – ڪوهو. لاڪوٽو – گوڏ – منجھ – منجھلو (ت) واقف ڏَنل. پاڻيءَ ۾ هيٺ ويندڙ ٽوٻو. (صفت). چالاڪ – داناءُ.

– **گھيروٽَيڻُ:** واقف ٿيڻ.

– **گھيروَرَڪَڻُ:** گھٽو اچڻ – هر هر اچڻ.

– **گھيرو ڪَرَڻُ:** محاصره ڪرڻ – چئني طرفن کان ڦري اچڻ – قبضي ۾ ڪرڻ – هَٽ ڪرڻ – ڦاسائڻ – حلقي ۾ آڻڻ. ويڙهي وجھڻ – سوڙهو ڪرڻ – واهون بند ڪرڻ – ناڪابندي ڪرڻ – وڪوڙڻ.

– **گھيرووجھَڻُ:** ويڙهڻ – گھيرڻ – سوڙهو ڪرڻ – واهون بند ڪرڻ – ڦاسائڻ – ناڪابندي ڪرڻ – گھٽ جھلڻ – رستا روڪڻ.

– **گھيري ۾ اچَڻُ:** وَڪڙ ۾ اچڻ – وَٽَ ۾ اچڻ – وراڪي ۾ اچڻ – گردي ۾ اچڻ.

• **گھيڙُ ج گھيڙَ:** ذ. (سن. گھَٽَ = واٽ) پاڻي ۾ گھڙڻ جو هنڌ – لَنگھ – رستو – گھَٽُ – گھيرُ – لانگھو. ميڙو. (سن. گھرش = مهٽڻ)

وجھ – حملو. ڪاهہ (ذمر). نَرَ ڏاند جي اڳين ڄنگھن مٿان پٺيءَ تي هڪ اُڀ جي ٿوهي وانگر گوشت جو اڀريل ٽڪر – ڪُؤنٽَ (ڪ).

• **گھيڙان:** گھيڙَ کان.

"گھيڙان ڪري نہ گھور، تَڙَ تڪَڙ کان نہ لهي" (شاهہ).

– **گھيڙن مان لَنگھَڻُ:** ڪنهن ٽانگھي يا لاهيءَ واري هنڌ کان لنگھڻ. مشڪلاتن مان پار پوڻ – تڪليفون حل ڪرڻ – ڏکين رستن مان پار ٿيڻ – صدما سهڻ – ڏکَ پچائڻ.

• **گھيڙَڻُ:** مصدر. (سن. گرهڻ) ويڙهڻ – وڪوڙڻ – جھلڻ. گھڙڻ – گھڙي وڃڻ – چپائڻ – گھيڙائڻ – پيهارڻ – ٽنبڻ – ڏوڪڻ – ٺنگ ڪرڻ – اندر ڪرڻ – اندر ڏبڻ – ڏوڪڻ. ڪم ۾ لڳائڻ. (گھيڙيو – گھيڙيندو – گھيڙيل).

– **گھيڙو ج گھيڙا:** ذ. گيڙو – گھمرو – ڦيرو – چَڪَرَ. نار يا هرلي جو چڪر. گردش – ڦيرو.

• **گھيڙو ج گھيڙو:** ذ. صفت. پاڻيءَ ۾ گھڙندڙ.

• **گھيسو ج گھيسا:** ذ. گاٺِ – گيسو – ليڪو – نشان – داغ – لينگھو – گھڪو. زور – دٻاءُ – دبوچُ.

• **گھيڪِ ج گھيڪُون(ل):** ث. اُٺ جي گوڙ جو آواز. وچ ۾ ڳالهائڻ واري حالت. تمام تلهي.

• **گھيلَ ج گھيلُون:** ث. ديگھہ – ويڪر – موڪر – ڪشادگي.

• **گھينٽيا:** ڏاڄوري – ڏاڄورا. ننڍڙا ڪارا ڦَر.

• **گھينگھرُ ج گھينگھرَ:** ذ. وٽن ڪي زبان ڪندڙ جيت جو هڪ قسم – ٽنڊٽي. ڳريل موتي.

• **گھينگھر مالا:** اڳوٺ سان گڏ پاڪڙي سان گھينگھرن ڳتيل رسو. (اُٺ هلڻ مهل ڇم ڇم جو آوازڪري).

• **گھينگھو ج گھينگھا:** ذ. نَڪَ جي غلاظت – گوبو – زڪام جو سڪل ڳوڙهو. ٽنڊڻ جو قسم. ذرڙو – سنهو – تمام ڏٻرو.

• **گھيرُ ج گھيرَ:** ذ. منگر جو هڪ قسم (پٽڻ جي جنس مان پاسا ونجٽي مثل).

## گ

• **گنگو:** هڪ ديهہ جو نالو. تپو شجاع جڪرو، تعلقو شهدادپور، ضلعو نواب شاهہ.

Gul Hayat Institute

# ل

**ل:** ذ. سنڌي الف— ب جو پنجيتاليهون، عربيءَ جو ٽيويهون، فارسيءَ جو ستاويهون ۽ سنسڪرت جو اٺاويهون اَکَرُ— ابجد موجب عدد ٽيهه. اُچار"لام".

• **لاَ:** حرف نَفِي. (ع. لاَ = نَہ). نَہ — ناڪارَ. بِغَير — بِنا — ڪانسواءِ. مرڪبات ۾ لفظ جي اڳيان اچي نَہ جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ جيئن "لاشڪ، لاثاني وغيره". دنيوي ديوتائن يا خُدائن جو اِنڪار — ڪلمي توحيد جو پهريون حَرفُ. (جنهن سان دنياوي ديوتائن خدائن جو انڪار). عدم. نَفِي— نيستي.

— **لاإلٰـہ اِلا اَللهُ:** (ع). توحيد جو هڪ ڪلمو) خدا ڪانسواءِ ڪو بہ معبود (عبادت جو لائق) ناهي.

— **لاَ اُبالِي:** صفت. (ع. لاَ اُبالِي = بي پرواه). بي پرواهُ— بي خوفُ— بي خَطَرَ— بي باڪ — دلير. بي فڪر — غافل. لاغرض.

— **لابُدُ:** صفت (ع). لاچارُ — بي پُهچُ— (شرت). محتاج — گهرجائتو. بي اختيارُ — لاعلاجُ. ضروري — اوَس ٿيڻو — اڻَ ٽَر. (ظرف). ضرور— اَوَس — جائي — بلاشڪ.

— **لاَتَعَدَ:** صفت. (ع). ڳَڻَڻَ ڪان ٻاهر — بي حساب — بيشُمار— تمام گهڻو.

— **لاتَعدادُ:** صفت. (ع) ڳَڻَڻُ ڪان ٻاهر— تمام گهڻو— بي حسابُ.

— **لاَڪَ(ت):** صفت. (ع). بي پرواه— لاغرض — بي خوف. (ظرف) لاشڪ — تحقيق — بيشڪ.

— **لاتَقنَطُوا:** جملو (ع) نہ مايوس ٿيو.

— **لاثانِي:** صفت. (ع). پنهنجو مَٽُ پاڻ — جنهن جهڙو ٻيو نہ هجي — بي مقابل— يگانہ. بي مثل. بي نظير— يگانو— يڪتا.

— **لاَجَرَمُ:** ظرف. (ع). بلاشڪ — بي شڪ — تحقيق — پَڪَ سان — البتہ.

— **لاجَوابُ:** صفت. (ع). سوال جو جواب نہ ڏيندڙ. جواب نہ ڏيئي سگهندڙ — مُنهَن بند— مات ۾ — خاموش— چُپ. (اُهو سوال) جنهن جو جواب نہ هجي. لاثاني— بي نظير— بي مثل — يڪتا — يگانو. انمول — امُلهہ. نِرالو — انوکو.

— **لاجَوابُ ڪرَڻُ:** مات ڪرائڻ— بس ڪرائڻ— ٻُنجو ڏيئي ڇڏڻ (بحث ۾) ٻِيهارڻ (ڪنهن جي زبان) بند ڪرائڻ— رَدُ ڏيڻ — ترديد ڪرڻ — قائل ڪرائڻ.

— **لاَجَوابُ ڪَري ڇڏِڻُ:** جواب ڏيڻ جي ڪا بہ گهنٽي نہ ڇڏڻ. مُنهن بند ڪري ڇڏڻ — چپ ڪرائي ڇڏڻ. مجبور ڪري ڇڏڻ— مات ڪرڻ.

— **لاَ جولِيڪو لَنگهَڻُ:** پنهنجي هستيءَ کي فنا ڪرڻ — نفيءَ منجهان اثبات کي پهچڻ. خدا جي راهہ ۾ سِرڏئي هميشه لاءِ جيئڻ.

— **لاَچارُ:** صفت. (ع. لاَ = نہ + ف. چارَه = علاج). بنا چاري — لاعلاج — ناگزير— جنهن جو چارو نہ هجي— ناچار— مجبور — بي وس — عاجز. مغلوب — اپاهج — محتاج — معذور. غريب — مُفلس — ڪنگال— قدرت نہ رکندڙ — ويچارو — بي نَوا— بي ڪس. بي پهچ— نڌر— اَپالو. بي واهو — بلڪل هيٺو — ضَعيف— ڪمزور.

— **لاَچارُ ٿِيَڻُ:** لاعلاج ٿيڻ — مجبور ٿيڻ — بي وس ٿيڻ — عاجز ٿيڻ. محتاج ٿيڻ. معذور ٿيڻ. هارائڻ — مفلس ٿيڻ — ڪنگال ٿيڻ — تنگدست ٿيڻ — مغلوب ٿيڻ — ٿَڪَڻُ.

— **لاچارُ ڪَرَڻُ: مجبور ڪرڻ** — بي وس ڪرڻ عاجز ڪرڻ. اپاهج ڪرڻ — محتاج ڪرڻ. مَعذور ڪرڻ. مفلس بنائڻ — تنگدست ڪرڻ. نِڪمو ڪرڻ بيڪار ڪرڻ.

— **لاچاري ج لاچاريُون:** ث. اڻ سَرندي. اڻ هُوند— تَنگي — ڪَنگالپڻو. ضرُورت — گهُرج — مجبوري "لاچار ڪي سڀ رو". ناچاري — بي ڪَسي.

— **لاحاصِلُ:** صفت. (ع. لاحاصل= بي سُودُ) بي فائدو — بنا نفعي — بي سُود فضول. نِستَّلُ — بي قَرُ. بي آثار — ٺَلهو — سُڃو — ويرانُ.

— **لاحَدُ:** صفت. (ع). بنا حَد— بي حد— اپار. حد ڪان ٻاهر. بي انتها — ڪُلي — مُطلَقُ. لامَڪانُ.

— **لاحَلُ:** صفت. (ع. لاحَلُ = ڏُکيو). حَلُ نہ ٿيندڙ — ڏکيو —

Gul Hayat Institute

ڪَنَڻُ– دُشوار– مشڪل. جو سمجهي نہ سگهي. جنهن جو حل نہ ٿئي – مُنجهيل.

– **لاحَولُ:** (ع. لاحَولُ = ناهي قـوتَ) ڪلمو. ناهي قـوَتَ– زور ۽ توانائي ناهي. بـدِيءَ کان بيداري جو.

– **لاحَولُ پـڙهَڻُ:** نفرت ڏيکارڻ. بيزار ٿيڻ . بـُرو سمجهڻ. پناهہ گهرڻ . شيطاني(غصي) ڪي ٽارڻ لاءِ خطا جي قوت ۽ طاقت ذهن ۾ آڻڻ لاءِ (ڪلمو) لاحَولَ وَلاقوَتَ اِلاَ بِاللہ پڙهڻ.

– **لاخِراجُ:** صفت. (ع . لاخِراجُ – بنا ڍَلَ). (اها زمين) جنهن جي ڍل سرڪار ڪي ڏيڻي نہ پوي – بي باج – معافي– بنان ڍَلَ.

– **لادَعويٰ:** (صفت). (ع). بي دَعويٰ– دست برداري – بي غرض– دست بردار. درگذر. جنهن جو حق نہ هجي – بي واسطہ– لاتعلق. تَرڪ– تياڳ نامو– زور نہ رکندڙ – قبضو ڇڏيندڙ – دعويٰ ڦٽي ڪندڙ.

– **لادَعويٰ ڪَرَڻُ:** وارث نہ ٺهرائڻ. رد ڪرڻ.

– **لادَوا:** صفت. (ع . لادَوا= لاعلاج). بنا دوا يا علاج – لاعلاج – بي علاج. تمام گهڻو بيمار.

– **لادِيني:** ث . ڪو بہ دين مذهب نہ هئڻ واري حالت – بي ديني – ڪُفر.

– **لارَيبَ:** صفت. (ع . لاريبَ= بي شڪ) بي شڪ – بنا شڪ شبہ جي – تحقيق. يقيناً. نسچي – پڪ سان.

– **لازَوالُ:** ذ . صفت. (ع . لازوالُ= غير فاني) جنهن ڪي زوال نہ هجي – غير فاني – ازلِي – ابدِي. قديم. جيڪو ناس نہ ٿئي. هميشہ هجڻ وارو.

– **لاشَرِيڪُ:** صفت. (ع). لاثاني. لامُقابل. جنهن جو ڪو شريڪ نہ هجيَ(خدا تعاليٰ). بي مقابل . )اسم خاص). خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

– **لاشَڪُ:** ظرف. (ع). بنا شَڪ – بي شڪ. حقيقتاً– بلاشڪ – درست – لابُدُ – لاجَرَم.

– **لاطَمَعَ:** صفت. (ع ). بنا طمع. بنا لالچ.

– **لاعِلاجَ:** صفت. (ع . لاعِلاجُ = لادَوا). جنهن جو علاج ٿي نہ سگهي – لادَوا. لاچار – مجبور – نہ ڇٽڻ جهڙو – ناسُور.

– **لاغَرَضُ:** صفت (ع). غافل – بي پرواهہ – بي فڪر – بي خيالو – لاپرواهہ – لاُابالي – الغرضو. بي طمع – بي مطلب. نِسيانِي– ويسارو.

– **لاڪُوفِي:** صفت. (ع). بي تعصب. صاف دل.

– **لامَذهَبُ:** صفت. (ع . لامَذهَبُ = بي دين). بنا مذهب جي بي دين – ملحد – دهريو – زنديق – بي ايمان.

– **لامَڪانُ:** صفت. (ع). بنا ڪنهن نظريي جي– بنا طرفن ۽ حدن وارو مڪان – عالم اِلاهيءَ جو مڪان. بنا طرفن جي مڪان. بنا مڪان. اڻ ڏٺو– غائب. وحدت جي منزل – لاهُوت.

– **لا وارثُ:** صفت. (ع . لاَوارثَ = بي وارثُ). بي وارثو – مائٽن مـٽـنَ ڪانسواءِ – بي مائٽَ – يتيم. نِڌَڻڪو.

– **لاَوارثُ ڪَرَڻُ:** وارثُ نہ ٺهرائڻ. ورثي کان خارج ڪرڻ.

– **لاوَلَدَ:** صفت. (ع . لاَوَلَدُ= بي اولاد) بي اولاد – نپٽو – ري اولادُ – اڻ وياءُ.

– **لايَزالُ:** صفت. (ع . لايزالُ = زائل نہ ٿيندڙ). بي زوال – قائم – هميشہ رهڻ وارو – فنا نہ ٿيندڙ – دائمي – باقي. اللہ تعليٰ جي هڪ صفت.

– **لايَمُوتُ:** صفت. (ع. لايـمُوتُ = غيرفانِي). نہ مرندڙ – آمر – هميشہ رهندڙ – غير فاني – بقا وارو.

• **لاَبُ ج لاَبَ (ڪ):** ذ . (سن. لـُو). (فصلُ) لـُبَڻُ واري حالت – لابارو – لوبُ. فائدو – وياج – سُود. "مُورَ کان لاَبُ مِـنو".

– **لابارِجَڻُ:** مصدر. لـُٽجَڻُ(فصل وغيره) لابارو وجهڻ – لـُبجَڻُ – ڪترجڻ – لاهِجَڻُ – لـِجَڻ.

• **لاَبارو ج لاَبارا:** ذ . ٻنيءَ لـُٽڻ جو ڪم – پڪل پوک ڪي ڪپڻ واري حالت – لوبُ – فصل جو ڪاپو – لـَب – وَڍَ. لاباري جي مُندَ.

– **لاَبارائـُو ج لاَبارائـَو:** ذ . صفت. لابارو ڪندڙ – لاهِيارو.

– **لاَبارائِي ج لاَبارائِي:** ذ . صفت. لابارو ڪندڙ – لاهيارو – لابارائو.

– **لاَبارو وجهَڻُ:** پوڪ لـُٽڻ.

– **لاَبِيارو ج لاَبِيارا:** ذ . صفت، لاباري ڪرڻ وارو – لاَهِيارو(ث . لاَبِيارڻِ ج لابِيارڻِيُون).

• **لابِي ج لاَبِيُونَ (ٽ):** ث . (رڍن ۽ ٻڪرين وغيره جي)وارن ڪترڻ جو هڪ اوزار – ڪـَئـنچي – ڪـَتـَرُ.

• **لاٻَڙُ لاٻَڙُ:** ذ . صفت. لباڙ يا ٻـٽاڪ هڻندڙ – ٻـَٽاڪِي – بـَڪـبَـڪِـيو – بڪواتي. واهياتُ – ڪوڙو.

– **لاٻَڙَ ٽويو ج لاٻَڙَٽويا:** ذ . صفت. گهڻو ڳالهائيندڙ – اٽڪيون مٽڪيون چاٽندڙ – ڦـُـڙپاٽي – ٻـَٽاڪي – ڊاڙي – گـَشائي. پاسخاطري ڪندڙ.

– **لاٻَڙ ٽويو هـُئـَڻُ:** ٻـٽاڪي هـُئڻ – ڊاڙي هـُئڻ – لاف زن هـُئڻ.

– **لاٻَڙ ٽاٻَڙ هـَڻـَڻ:** اڍنگو ڳالهائڻ – واهيات ڳالهائڻ.

– **لاٻَڙ چَٽـُو ج لاٻَڙ چَٽو:** ذ . صفت. پيٽ جو مريد – پيٽـُوڙي – هٻڇي – لالچي – حَريص.

• **لاٻو ج لاٻا(ل):** ذ . برغلائڻ واري حالت – چَٽَ – ريبُ.

• **لاهو ڏيڻ (ل):** هر ڪائڻ – چٽ پٽڻ. برغلائڻ.

• **لاهري:** اسم خاص. هڪ ذات. جو نالو.

• **لاهيٺي:** اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لاڀُ ج لاڀ:** ذ. (سن. لڀ = حاصل ڪرڻ) فائدو – نفعو – ڪٽيو – منافع – ڪمائي. حُصول – پراپت – بالائي آمدني – مفت جي آمدني – اُپراسو – ملت – حاصلات – پيدائش – وٽاءُ – سوباسو – لاهو – رشوت – لالچ – لوڀ – حرص – طمع. سود – وياج – ڪمند جو پوين فصل – هڪ دفعو وڍڻ ڪانپوءِ وري ڦٽڻ واري حالت.(صفت).

– **لاڀُ آلاڀُ:** ذ. نفعو نقصان.

– **لاڀائتو ج لاڀائتا:** صفت. فائدي واري – نفعي وارو – مُفيد – سَڪارتو – واڌاري وارو – وٽاءُ وارو – لاهائتو – گنجائشي. سجايو. ڪمائتو. وياج وارو – وياج جو – سودمند. ڳرو وياج خور.

– **لاڀ خورُ ج لاڀ خور:** ذ. صفت. وياج خور – وياج کائُو – لاڀ کائُو – لاڀر. ڳرو وياج کائيندڙ. حرام کائو.

– **لاڀ خوري ج لاڀ خوريون:** ث. ڳري وياج کائڻ واري حالت – وياج خوري. سود خوري.

– **لاڀرُ ج لاڀرَ:** ذ. صفت. نفعو ڪمائيندڙ – لاڀ خور – وياج خور – وياج کائو. حرام خور. ڳرو وياج کائيندڙ – لاڀ وارو – فائدي وارو.

– **لاڀ ڪارُ:** ذ. صفت. لاڀ وارو – لاڀ يا نفعو آڻيندڙ – لاڀائتو – فائديمند – اثرائتو.

– **لاڀ ڪاري:** ث. لاڀ – نفعو – فائدو – اُپت.

– **لاڀ ليکي:** ظرف. رونگ ۾ – وچ هَٽَڻ – اِهڻين – مٿان.

– **لاڀيرو ج لاڀيرا:** ذ. صفت. لاڀ تي ڏنل يا ورتل (رقم) – نفعي تي ڏنل. وياج تي اُڌارو ڏنل پيسو – اُڌارو. لاڀر – فائدي وارو.

• **لاتِ ج لاتيون:** ث (سن. لَيَن = آواز). سُندر وائِي – مِٺو آواز – مٺو راڳ – درديلو آواز. پکيءَ جو آواز – پکين جي چِيهاٽ – ٻولي – پِٽڪو – مٺي وائي.

"لات جا لطيف جي سڏ تنهنجو سُڄي". (شاهه).

– **لات هلڻُ:** ٽڳڻ – ڏاهپ ڪرڻ.

– **لاترُ ج لاترَ:** ذ. صفت. ٻوليندڙ – ٻولڻُ – اهلون ڪندڙ – اهلير – مسخرو – نَقال.

• **لاتُ:** ذ. اسم خاص. (ع. لات). هڪ مشهور بُت جو نالو – عرب جي ٽن مهشور بتن( لات، منات ۽ عزيٰ ) مان هڪ نالو. شعيب عليه السلام جي قوم جي پوڄڻ وارو بُت، جنهن کي حضور ﷺ جن جي حڪم سان تباهه ڪيو ويو.

• **لاترَ(ت):** گڏرن جون سُڪل ڦارون.

• **لاٽِ ج لاٽون:** ث. لَتل هڻڻ واري حالت – ڪاتَ ڪُوٽ – ڪَمِي – وضع – حساب ۾ ڪٽ – (اڪثر) پگهار جي ڪَٽَ. لتل رقم – پوتا ميل ڪيڻ ڪان پوءِ رهيل اوڌر مان اُها لتل رقم. وهندڙ پاڻي جي لهي وڃڻ واري حالت– پاڻي جي گهٽتائي: "درياءَ لاٽ ڏيئي ويو آهي". جملو.

• **لاٽَ ج لاٽون:** ث. اسم. باهه جي لاٽَ – چِپي – باهه جو شُعلو – شمع يا موم بتيءَ جي لاٽَ – روشنائي – سِجَ جا ڪرڻا – دونهين جي لاٽَ – ڏارَ – تاري جو شعاع. پاڻيءَ جي سيڙه يا سنهي رواني – ڏارا يا ڏارَ. قطارَ– ساڳون. ڪاڄڻ – ڪامَ – شهتيرُ "جاءِ تي لاٽون چاڙهيون اٿس؟" – "اُها لاٽَ بيهندي هڪ ٽوٽيءَ، بي بُندي سندي ٻل." ٽانءَ جو هڪ قسم – ڏگهي ڳچيءَ سان نڪر جي ڏڪي– ڪير ڏهڻ جو برتن. اٺ ڪي مهار وجهڻ لاءِ ڪانٽيءَ مان ٺاهيل لاٽ(ت). اسم خاص. گجرات جي هڪ پاڳي جو پراڻو نالو.

– **لاٽ ٽيڻ(ت):** سِڌو ٽيڻ – هليو وڃڻ.

– **لاٽ ڪرڻ:** دونهون ڪيڻ. وَهي هَلَڻُ– روان ٿيڻ.

– **لاٽن جون لاٽون:** قطارن جون قطارون.

• **لاٽُ ج لاٽَ:** ذ. (انگ. لارڊ). 'لارڊ' جي بگڙيل صورت – وڏو ماڻهو – صاحب – مالڪ – قطار. اسم خاص. پکيءَ جو هڪ قسم. جُٽو. ڪوڙ. ڍگ.

• **لاٽارڻ:** مصدر. ڌيان نه ڏيڻ – ڪَنَ ٽارَ ڪرڻ – خيال نه ڏيڻ – نه ليکڻ – نٽائڻ – بي پرواهه رهڻ.

– **لاٽار ج لاٽارون:** ث. (سن. تَلَن) ڪَن ٽارَ– بي پرواهي – بي خيالي – غفلتَ – ڌيان نه ڏيڻ واري ڪيفيت. وِسرَ.

• **لاٽامُت (ڪ):** چنبڙي وڃڻ واري حالت – هڪ ٻئي کي نه ڇڏڻ واري حالت.

• **لاٽ ڪُوٽ ج لاٽ ڪوٽَ:** ذ. معمولي ماڻهو – ٿوري علم يا ٿوري هنر وارو.

• **لاٽُمُ ج لاٽُمَ(ڪ):** ذ. ٻارن جو. ڏور سان ڦرندڙ. راندڪي جو هڪ قسم – لاٽمُون: لاٽون.

• **لاٽمُو ج لاٽما:** ذ. راندڪي جو هڪ قسم – لاٽون – لاٽئون ڦرڻي.

• **لاٽڻ ج لاٽڻيون:** ث. گهرجي وچين ڪام – وڏي ڪام – شهتير – ڪاڄڻ. ڏنگي ڪمان واري ڪاٺي.

Gul Hayat Institute

• **لاڙواهہ:** ذ. اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **لاڙهو ج لاڙها:** ذ. گهٽي پاڻيءَ وڌل جهڻ– ڇڊي لسي– جهارو– لڙهو. سلهہ واري مريض جي اُڇلايل ٿُڪ.
• **لاڙهي لَپ:** ڇڊي لسيءَ جو ڇڪو يا ڍُڪ.
• **لاڙِي ج لاڙِي يا لاڙِيُون:** ث. لاڙ جي لاڙ واري. ريشمي ڪپڙو– پٽَ جو پيشڪير. "لک لاڙي"– لاڙ واري لکت– نقش– سٽاءُ (ذ. صفت). لاڙ جو رهاڪو– لاڙائي. اُٺ جو هڪ قسم. چانورن جو هڪ قسم (لاڙ ۾ ٿيندڙ).
• **لاڙِي بَندَرُ:** اسم خاص. سنڌونديءَ جي هڪ قديم بندر جو نالو.
• **لاڙِينو ج لاڙِينا(ٿ):** ذ. صفت. اجائي خوشامد ڪندڙ– خوشامدڙيو– چاپلوس.
• **لازِم:** ذ. صفت. ظرف. (ع). برابر– جوڳو– آڇت– مناسب– واجب– ٺيڪ– ٺهندڙ– ٺهڪندڙ– باب ۾. ڇهنل– چنبڙيَل– لڳل– وابستہ– ملحق. سجلاٽتو– شايان– لائق. (ڪپڙو) چُست.
– **لازِم مَلزُوم:** ذ. صفت. هڪ ٻئي سان واسطو يا تعلق رکندڙ– هڪ ٻئي سان گڏيل.
– **لازِمِي ج لازِمِي:** ذ. صفت. ظرف. آوَس– ضروري واجب– لازم– مُناسبي– واجبي– ڪرڻ جوڳو. (فعل) لازمي.
• **لاس َ ج لاسُون:** ث. ذ. ٻوڙ کي گهاٽي ڪرڻ لاءِ وڌل لَسي ۽ اٽو ۽ ٿوم، گيهہ ۾ ساڙي، دال کي ڏنل دا غ– شوروو– رڌل ٻوڙ جي رس– "پرائي آسَ، لاسَ ڪُني جي" (گ– ش). پڪين ڦاسائڻ جي ڄار. ڪير نہ لاهيندڙ وهٽ جي ٽٽن کي ڪيل جُنبش– سوئڻ. وڻ جي شاخ. سنهي ٽاري.
– **لاس َ وجهڻ:** ٻوڙ کي گهاٽي ڪرڻ لاءِ ڏڌ ۽ اٽو گڏي ان ۾ وجهڻ.
– **لاس َ:** ث. آسمان ۾ ڪڪرن جي لسي هئڻ واري حالت. لَس.
– **لاسِراٽُ ج لاسِراٽَ:** ذ. صفت. لَسو. نوجوان ڇوڪرو– لاسياٽُ– لاسڙياٽُ.
– **لاسِرياٽُ ج لاسِرياٽَ:** ذ. صفت. نوجوان ڇوڪرو– لاسراٽ.
– **لاسڙُ ج لاسڙَ:** ذ. صفت. لَس وارو– ٻنان ڪنڊن جي (وڻ يا ٽاري)– لَسو– ٻنان وارن (جانور يا ماڻهو). صاف– چمڪندڙ– چلڪندڙ– مُهريدار.
– **لاسِڙاٽُ ج لاسِڙاٽَ:** ذ. صفت. مُڇن جي ساوڪ ايندڙ جوان– ڪَڪِي ڏاڙهيءَ مُڇ وارو– نوجوان– ٻُورل– سُهٽو.
– **لاسِڙِياٽُ ج لاسِڙِياٽَ:** ذ. صفت. بنا ڏاڙهيءَ مُڇ جي.
– **لاسوڙُ ج لاسوڙَ:** ذ. صفت. ڪنڊن ڪانسواءِ– لَسو.
– **لاسِيارُ ج لاسِيارَ:** ذ. صفت. نوجوان. لاسڙاٽُ.
– **لاسِيارو ج لاسِيارا:** ذ. صفت. بنا ڏاڙهيءَ مُڇ– ڇوڪرڙاٽ– ڀيرو– نوجوان.
– **لاسِيارِي ج لاسِيارِيُون:** ث. (سن. لَس= چمڪڻ). جوانيءَ جو ڦُوهہ– جوانيءَ جو وقت– وَهِي جواني– جُواڻي– ننڍپڻ– ڀيروپڻ– جوين.
• **لاس(ٿ):** گڏ وغيره ڪم ڪرائڻ لاءِ ماڻهو گڏ ڪرڻ واري حالت– آبَت– ونڪار.
• **لاسِيُو ج لاسِيُا(ٿ):** ذ. صفت. ٻنيءَ جي ڪم ۾ مدد ڪرائيندڙ– مددي– ڇيڙيئو– آبَتي.
• **لاسِجَڻُ:** مصدر. لَهجڻ– سيڪجڻ– تئجڻ– ڄرَاٽجڻ.
• **لاسُ تَنڙِي ج لاسُ تَنڙِيُون:** ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.
• **لاسُو ج لاسُو(ٿ):** ذ. ڦوڳ ٻوٽي جا پن– لاسُون.
• **لاسِي ج لاسِي:** ذ. گڏهہ جو هڪ قسم (رنگ ڪاراڻ تي مائل) لَس ملڪ جو.
• **لاشُ ج لاشَ:** ذ. (ع. نَعشُ= ف. لاشَہ = ترڪي. لاشُ= مَيَتُ) مُئل ماڻهوءَ جو جسم يا بوتو– جنازو– مڙهہ– مُردو– لاشو– مرده جسم– تن مرده لوٿَ– مُئَلَ–. ڍگهو ماڻهو.
• **لاشو ج لاشا:** ذ. مُئل ماڻهوءَ جو جسم– مُردو– لاش– جنازو– مڙهہ– لوٿ– مئٽُ– مَيتُ. ڍگهو ماڻهو.
• **لاشارِي ج لاشارِي:** ذ. اسم خاص. بلوچن جي هڪ مشهور قبيلي جو نالو. لشاري. تعلقي ڪنڌڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **لاشِراٽُ ج لاشِراٽَ(ڪ):** ذ. نوجوان– لاسڙاٽُ– لاسيارُ– ڀيرو– لاسياٽُ.
• **لاغُ ج لاغَ:** ذ. صفت. ڍگهو– وڏو– قدآور. ڳرو– ڳوُرو. نڪمو– بيڪار. (ذ. اسم). نرُ گڏهہ. پکيءَ جو هڪ قسم– لُڦنگ بنجڻ.
• **لاغَر ج لاغَرَ:** ذ. صفت. (ف. لاغَر= اِيرو) ڏُٻرو– سنهڙو– اِيرو– ڍِانگ– ڪمزور– نحيف– هيٺو– ضعيف– بي طاقت– بي زور– باريڪ. ڪاغذي– هلڪو. حقير– ناتوان. ويچارو.
– **لاغِرِي:** ث. ڏُٻرائِي– اِيرائِي– ضعيفائِي– ڪمزوري– ضعف– نربَلتا– ڪم هيٺا.
• **لافَ ج لافُون:** ث. (ف. لاف = لَباڙَ. سن. لَپ َ= اجايو ڳالهائڻ) اجائي يا واهيات ڳالهہ– بڪوات– لاف زني– ٻَٽاڪ– لَباڙ– ڊاڙ– پڌائڻ واري حالت– پڌ. غرور.

Gul Hayat Institute

– **لاڦرُ ج لاڦرَ:** ذ. صفت. لاڦَ وارو – لاڦَ هڻندڙ – لاڦَ زَنُ – ڊيڪَرُ. ترڙو. ٻڌائيندڙ – فخري – ٻڌِي.

– **لاڦَ زَني:** ث. (سن. لَپَ = اجايو ڳالهائڻ). لاڦ هڻڻ واري حالت – ٻٽاڪ هڻڻ – ڊينگ اڇلڻ – ڊيڪ ڏيڻ – ڊاڙ هڻڻ واري حالت.

– **لاڦَ زَني ڪَرڻُ:** ٻٽاڪ هڻڻ – ڊيڪ ڏيڻ – ڊاڙَ هڻڻ – لَباڙ هڻڻ – بڪوات ڪرڻ.

– **لاڦ گَزافُ:** ث. ڊاڙ – ڊيڪ – لَباڙ – گپ – ٻٽاڪ.

– **لاڦُون هَڻَڻُ:** ڊيڪ ڏيڻ – لباڙون هڻڻ – گپ شپ ڪرڻ – ٻٽاڪون هڻڻ – ڊاڙون هڻڻ.

• **لاڦُوَ ج لاڦوَ:** ذ. صفت. بلڪل ڊگهو ماڻهو – قد آور – لَمبو – لنبو. ڪنن ڊگهو. رواجي طرح حد کان ڊگهي آلت.

• **لاڦَڻُ:** مصدر. (سن. لڦ= لاڦڻ). وڏيون وکون وجهڻ – تکو هلڻ – بيلاڳون پرڻ. اڏنگو هلڻ – خراب چلگت چلڻ.

• **لاڪَ ج لاڪُون(ت):** ث. گوڏ ٻڌڻ جو ڪپڙو – گوڏ – پوتڙو – منجهلو – منجهه – انگوچو – آنگيو – پوتارو – ڌوتي.

– **لاڪَ ٻڌڻُ:** گوڏ ٻڌڻ – مَنجهه ٻڌڻ.

– **لاڪَ لاهي بيهڻُ:** گوڏ يا ٻڌل پوتڙو لاهي ڇڏڻ – ننگو ٿيڻ. بي حياءُ ٿيڻ – بي شرم ٿيڻ – نِرلجو ٿيڻ.

– **لاڪوٽو ج لاڪوٽا (ت):** ذ. گوڏ يا ڌوتي ٻڌڻ وارو ڪپڙو – لانگوٽيءَ وارو ڪپڙو – گوڏ – منجهلو – منجهه. گهيرو.

• **لاڪ(ڪ):** حرف جر + ضمير متصل. تن لاءِ – انهن لاءِ – لاڪَن – لائِن. لاڪون.

– **لاڪاسَ:** اُن لاءِ – اُن جي ڪري.

– **لاڪر:** حرف جر. هن وقت کان وٺي – وقت کان – ننڍپڻ کان وٺي(ننڍي لاڪر) کان – کان وٺي – تائين – لاڪون – تَڪ.

– **لاڪس:** حرف جر+ ضمير متصل. لاڪاسُ – اُن لاءِ.

– **لاڪُون:** حرف جر. کان وٺي – تائين – لاءِ – واسطي – توڻي – کان – ايستائين – تيستائين. (ظرف). جيڪڏهن.

• **لاڪڙَ:** ث. سنهيون وڏيل ڪاٺيون (ٻارڻ لاءِ) – لَٺي جا لڪڙا – لڪڙ – ناهَڻ.

– **لاڪڙا:** ذ. لَيَن ۾ ڪبڙن جا ٺهيل گهر.

"سنبهي ٺا سنيرن، ساڳا سامونڊين جا،
وَري مانَ ورن، نڪتا لوڙي لاڪڙا"
(خانه زئي – ساموندي).

– **لاڪڙيو ج لاڪڙيا:** ذ. صفت. لاڪڙ جو يا لاڪڙ وارو – لاڪڙيائون – لاڪڙ جو ٺهيل – ڪاٺائون.

• **لاڪڙَ ج لاڪڙُون:** ث. اُپي چاڙهي. (اسم خاص). بهاولپور ۾ ڪلهوڙن جي هڪ ذات. جو نالو.

• **لاڪڙو(ت):** ذ. بيماري جو قسم.

• **لاڪڙي ج لاڪڙي:** ذ. عملدار – آفيسر. ناظر – نگهبان. مهندار – پيشوا – سر پنچ – پيش ڪار – سربراه ڪار – داروغو – اوورسيئر – سپرنٽينڊنٽ.

• **لاڪنا ج لاڪنائُون:** ث. (سن لاڪشڪ= نشانيون اُتاريندڙ). زيرون زبرون.

• **لاڪيٽ ج لاڪيٽ:** ذ. (انگ. لاڪيٽ = زيور) ڳچيءَ ۾ پائڻ جي زيور يا ڳَهه جو هڪ قسم – پُتلي – ڌُڪلي – تعويذ – تائيت.

• **لاکَ:** ث. ٻير وغيره وڻ جي ٽارين مان نڪتل ڳاڙهي رس. جڙ. سيل مُهر ڪرڻ جي هڪ شيءِ. رنگ جو هڪ قسم – ڳاڙهو رنگ – قرمزي رنگ. صاف نه ٿيل پَٽ يا ريشم. سورهن سينگارن مان هڪ سينگار جو سامان. ڳاڙهي رنگ جي ڪِيُون جو هڪ قسم.

– **لاکَ لاهڻُ:** ٻير جي لامن ۾ لڳل لاک روڙي سٽي ڪڍڻ. سيڪت ڏيڻ. سزا ڏيڻ – مارڻ – مار ڪڍڻ.

– **لاکِي ج لاکي:** ذ. صفت. لاکَ جي رنگ تي رڱيل – لاک وارو – لاک جي رنگ تي مائل. لاکَ سان رڱيل ٻڪريءَ جي رنگ جو هڪ قسم.

– **لاکِيٺو:** ذ. صفت. لاکَ جي رنگ وارو – لاکي – ڳاڙهو.

– **لَکَ جِي لوڏَ:** ث. لکن واري لوڏ. ناز نخري واري هلت يا چلت.

– **لاکيڙو ج لاکيڙا:** ذ. لکن جو يا لکن جهڙو ماڻهو – شريف انسان – خوبصورت يا موچارو ماڻهو. (ذ. صفت). ناهوڪو. (گاجرا).

• **لاکا:** اسم خاص. تعلقي وارهه. ڪمبٽ (رياست خيرپور). ميرپور ساڪري، ڪنڊياري، جاتي، ڪوٽڙي، سنجهوري ۽ تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ قبيلي جو نالو.

• **لاکاٽ:** ث. لاکا قبيلي جي گهٽائي واري ايراضي، شهر ۽ ديهه جو نالو.

• **لاکاٽُ:** ث. ذ. لاکن جي قبيلي جي گهٽائي واري ايراضي. (اسم خاص). تعلقي گونيءَ ۽ تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لاکا جاگيرُ:** اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لاکاڏي:** اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لاکاڻ:** ذ. اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

Gul Hayat Institute

– **لاڳُ دار ج لاڳُ دارَ:** ذ . صفت. لاڳ وارو – لاڳ وٺندڙ – لاپو وٺندڙ – آهت وٺندڙ– تعلق وارو – رشتيدار– مائٽ – عزيز – مٽ. دوست – يارُ.

– **لاڳُ ڏيڻُ:** مچيل مچتا ڏيڻ– باس ڏيڻ – پڳرُ ڏيڻ(منگتي فقير کي). ڪورين جي ڪپڙي کي پختي رنگ ٿيڻ لاءِ ابتدائي مصالحو ڏيڻ. رنگ ڏيڻ لاءِ ٻانڌڻو ڪپڙو تيار ڪرڻ. لوهارڪي ڪم جو اصطلاح – دباءُ ڏيڻ. ڏک کي سامهون دباءُ ڏيڻ.

– **لاڳُ سارو:** ظرف. عام اگهه موجب – قيمت سارو– مُلهه جي ڪري.

– **لاڳُ لاهڻُ:** لاڪ لاهڻ– مار ڏيئي سڌو ڪرڻ – سيکت ڏيڻ. تنبيهه ڪرڻ.

– **لاڳُ لائڻُ:** ميندي لڳائڻ. رنگ لائڻ يا لڳائڻ.

– **لاڳُ ملائڻُ:** ڇٽَ ٻڌڻ – تاترائڻ – ڇٽ ڪرڻ – پريائڻ – ٿَسائڻ – آتارڻ – ڇترائڻ – برغلائڻ – چاڙهه ڏيڻ – شاهه ڏيڻ – ريبڻ – ريهڻ – پلٽو ٻڌڻ.

– **لاڳو ج لاڳا:** ذ . لاڳُ – ٻنڌياڻ – دستوري (اُجورو). اجورو – مجرائي – في– محنتاڻو – عيوضو – محصول – ڏَن.

– **لاڳو ج لاڳُو:** ذ . صفت. لڳل – لاڳاپو رکندڙ – متعلق – واجب – لاڳيتو – لڳايل – مليل. لازمي(ظرف). ويجهو – نزديڪ – سانده – گڏوگڏ– پريِ – پاسي ۾ ويجهڙو– ڪَني – ٻين سان گڏ. مسلسل– لاڳيتو.

– **لاڳَ واري انبوري:** ث . لوهه کي سوگهو جهليندڙ انبوريءَ جو هڪ قسم.

– **لاڳوڙَ ج لاڳوڙيون (ڪ):** ث. صفت. ڏاريل – سانديل – پاليل– هيرايل– وَهرجڻ جي عمر کي پهتل – بلوغت جي عمر واري.

– **لاڳيدارُ ج لاڳيدار:** ذ . صفت. لاڳ وارو – لاپو وٺندڙ – لاپي وارو – لابيدار– لاڳو يا لاڳُ وٺندڙ– محصول اُڳاڙيندڙ – اجاره دارُ.

• **لاڳاپو ج لاڳاپا:** ذ . لڳل يا ڳنڍيل هئڻ واري حالت – ڳانڍاپو – واسطو – تعلق – ڳنڍ– ناتو – ميلاپ – گهراٽي – لڳڻ – پيار – موهه – پيوند – ممتا– لڳاءُ– چاهه – سهنڌ – رَبطُ. نسبت – مائٽي – عزيزي – رشتيداري – مِٽِي مائٽي– ويجهڙائي – ياراني – عزازت. لهه وچڙ– رشتو – راهه – نمونو. تحرڪ.

– **لاڳاپا لاهي ويهڻُ:** آسرو يا ڏپُ لاهي ويهڻ – لَڄَ لاهڻ – بي حيا ٿي ويهڻ. خواري کڻڻ – بدنامي کڻڻ.

– **لاڳاڻ ج لاڳاڻيون:** ث . چوت مان ٿيل بيماري – ڇُوتِ– ڪنهن بيمار ماڻهوءَ سان لڳي، ٿيل بيماري– مرض.

• **لاڳاٽو ج لاڳاٽا:** بيماريءَ جو هڪ قسم(ٻارن ۾). مرض. حرڪت.(وفا).

• **لاڳت ج لاڳتون:** ث . ٺهراٽي– گهراٽي – مزوري – لڳت –خرچ – صرفو – ڪَپت. نرخ – اگهه – مُلهه– قيمت. دلالي.

– **لاڳتَ اچڻُ:** خرچ اچڻ – صرف ٿيڻ – ڪپت ٿيڻ.

– **لاڳتَ لڳڻُ:** خرچ اچڻ – صرف ٿيڻ – ڪپت ٿيڻ.

• **لاڳڙو ٿيڻُ(ت):** ڏکيو آباد ٿيندڙ زمين جو حصو.

• **لاڳڻُ:** مصدر. لڳڻ. ( لاڳيو – لاڳيندو – لاڳيل).

• **لاڳيتو ج لاڳيتا:** ذ . صفت. لڳل يا ڳنڍيل – لڳ يا پر وارو– مُتصل– ڊنگئي – حد اندر – ويجهو اوري – نزديڪ – ليڙو– اوڏڙو. ٻند – لِڪل – ڳجهو. سوڙهو – حد وارو. (ظرف). سلسلي وار– مسلسل– لڳاتار. (حرف جر). لڳ – وٽ – پرسان.

– **لاڳيتائي ج لاڳيتائيون:** ث . لاڳيتي هئڻ واري حالت.

– **لاڳيتي مُناسبت:** (آلجبرا اصطلاح). ڪن ٽن رقمن مان پهرينءَ جي ٻيءَ سان مناسبت يا ٻيءَ جي ٽينءَ سان مناسبت.

• **لاکهه ج لاکهه (ڪ):** ذ . صفت. وڏو – لمبو – ڊگهو – نوجوان – جوان.

• **لال ج لالون:** ث. (ف. لالَ = ياقوت). ( ع.لعل) سهڻي ۽ قيمتي پٿرجو هڪ قسم – موتي – ماڻڪ – ياقوت – ڳاڙهو موتي.

– **لالي ج لاليون:** ذ . ( ع). ڳاڙهو موتي – وڏو موتي. ڳاڙهاڻ – ڇپن کي هڻڻ جي سرخي– لعلاڻ – لالاٽي – ڪنالي. پپون. ٺٽ جو هڪ قسم. سونهن – رونق.

• **لالُ ج لال:** ذ . (ف. لالُ = ياقوت. ع . لَعَلُ = ڳاڙهو). (صفت). ڳاڙهو– رتڙو– سُرخ – رَتَل يا رتو. ڳاڙهي جواهرات جو هڪ قسم – ڳاڙهي رنگ جو هڪ قيمتي پٿر – ياقوت – رُماني– ماڻڪُ – موتي. (ڪوهاٽ طرف پاڪستان جي پهاڙن ۾ لبي. رُبي "Ruby")

"سَوين وَهَن سير ۾ ماڻڪَ موتي لالَ" (شاهه).

تاس جي پتن جو هڪ قسم – لالُ پانُ – پانُ. ڇوڪرو – ٻالڪ – ٻار – طِفل – پٽ – ٻيٽو – فرزند. (صفت). پيارو – مَلوڪ – وڻندڙ – اکين جو تارو– عزيزجان. رَتَلُ(عشق ۾ ) – مشتاق. دلبر. گرم. ڪاوڙيل – غضبناڪ – غصي ۾ آيل – ڏمريل. گونگو.

– **لالائي ج لالايون:** ث. ڳاڙهاڻ – لالاڻ. سرخروئي– خوش. لالي.

– **لالُ بَنرا ڇوائڻُ:** "لال بنرا" ڳيچ ڳارائڻ. سخت مصيبت ڏيڻ – عقوبت ۾ وجهڻ – مصيبت ۾ مبتلا ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- **لانبَرُ ج لانبَرَ:** ذ. وڻ جو نئون ڦـٽل گونچ— غـُنچه.
- **لانبَڙُ ج لانبَڙَ:** ذ. صفت. ڊگهو—لمبو—قداور—نِرلڄو—بي مانو —رولو—رولاڪ—پيناڪ—بي هَنڌو—بي ڏُرو—بي ماڳو—آوارهه.
- **لانبُوسِي ج لانبُوسي:** ذ. صفت. ڪمزور—نِستو—نِربل—ڪَم هِيڻ — دَربَلُ— ضَعيف— هيڻو — ڏبرو. بي وقوف — اناڙي— ابوجهه—ڄَٽُ.
- **لانبِي ج لانبِيُون:** ث. ڪاٺ جي فريم ۾ شيشن کي مضبوط فٽ ڪرڻ لاءِ لڳايل سفيدو— لاپِي.
- **لانٽِي ج لانٽِيُون:** ث. اُٺ جي نَڪ ۾ مَهار ٻڌڻ لاءِ وڌل ڪاٺي— لاٽي—ناڪيلي.
- **لانچاري:** اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **لانجهَُ ج لانجهُون:** ث. لاغري — ڏبرائي— ضعيفائي — ڪمزوري — ضَعف— ڪم همتي — دُربَلتا— هيٺائي— ڪم هِيٽتا— نِربَلتا— بي زورائي. ماندڪائي — ساٺائي — سُستي— ڳاموڙ — ٿَڪاوٽ— موڳائي. ڪمي. گهٽتائي — آٿاٽ. آواز جو نمونو—نمونو. جهيٽائي. درد. فڪر— ڳڻتي. عشق.

— **لانجهُ ج لانجهَ:** ذ. صفت. (سن. رُڳنڻ) هيٺو— ضعيف— بي قَوت— ڪمزور — نِستَو— بي سگهو— زچُ— نِربَلُ— ڪم هيڻ. لاغر—ڏبرو— اَپرو.

— **لانجهارو ج لانجهارا:** ذ. صفت. درد ۽ ڏک ۾ ڦاٿل—ڏکويل— رَنجُور— آزاريل.

— **لانجَهائِي:** ذ. صفت. جهڳڙالو— تڪراري — ٽنٽائي(گاجرا).

— **لانجهو ج لانجَها:** ذ. صفت.(سن. رُڪُڻ) بي طاقت— هيٺو — ڪمزور—بي سگهو—بي همت—بي روحو—ڪم همت—ڪم هيڻ— ري همت — ليلهڙ— بي پاڻيو—نِستَو— نِربَلُ— اَپرو — لاغر—ڏبرو. سُڪالو—بيمارُ—ناچاقُ—بي مزي. اُداس—حيران— پريشان. ٿَڪَلُ — ماندو. سُستُ— ڪاهلُ. آرسي — ڪانٽُ— ٽوٽي— ڍاڪن ڍِلو— عاري — شُومَتِي— ڪَمَ ڪوس— ڪَمَ چورُ—هڏ رڪو—ڦَڏو—تڪرارُ—جهڳڙو.

- **لانچ ج لانچُون:** ث. گيس جي زور تي هلندڙ ٻيڙيءَ جو هڪ قسم. رُشوَتَ—وَڍي—لَبُ—ڳڻو—حَرام جو هڏو— لالچ—طمع.
- **لانچُ ج لانچَ(ڪ):** ذ. ويسُ—وَڳو—پوشاڪَ—لباسُ—لَڳڙ.
- **لانچڻُ:** مصدر. مسافريءَ لاءِ تيار ٿيڻ — سندرو ٻڌڻ — ڪمر ڪشڻ— سجاوٽ ڪرڻ—ور ڪٽڻ.

"حب ساروئي لانچيائون، پانيائون تان نہ بيهي"

اُچانگڻ—لَنجَڻُ. ڳولڻ— تلاش ڪرڻ — کوجڻ — ڳولا ڪرڻ — لنگهڻ—لتاڙڻ— نهارڻ—جانچڻ.

"لالچي لڪ لطيف چئي، پُنيءَ ڪيچين ڪاهه" (شاهه)

ويچارڻ— خيال ڪرڻ—(لانچيو. لانچيندو لانچيل).

— **لانچَ ج لانچُون:** ث. ڪمربند— سندرو—چيلهڪِي— بيٺ— پَٽو— خردم. تياري— سَنيت— اڏاوت — سجاوٽ — هلڻ وقت لچڪو— سانباهو پوشاڪ— ويس—لَڳڙ—لِباسُ.

- **لانڊو پانڊو ج لانڊا پانڊا:** ذ. ڪَنڊو—حساب ڪتاب — قرض. لالچ—لوڀ—طمع.

— **لانڊا پانڊا ڪَرَڻُ:** چوراٺا حساب ڪتاب ڪرڻ. مرضيءَ موجب ڪم ڪرڻ— پاڙ جهاڙ ڪرڻ.

- **لانڊَ ج لانڊُون (ڪ):** ث. لنبائي — ڊيگهه — طوالت (جملو). "ڳالهه ڪي لانڊ نہ ڏي، جلد پورو ڪرينس".
- **لانڊِ ج لانڊيُون:** ث. لانڊي—لنڊي يا رَنڊِي—ڪيري—ڪسبياڻي.

— **لانڊُ ج لانڊَ:** ذ. لـُچو— بدمعاش.

— **لانڊارو ج لانڊارا:** ذ. صفت. (سن. لنبٽ= شهوت پرست) شهوتِي—ڪامِي—اَوُ باش— لانگ چوٽو—اَبتر— فاحش— وراچائي— ڪُنيتو — ڪُلَڇٽو — بَدڪردارُ— ڪميٽو — بداخلاق— بڇڙو. بدچال — بدمعاش — لچو. مَسخِرو— ٽرڙو— ڏُچر.(ث. لانڊاري ج لانڊاريون).

— **لانڊارائِي ج لانڊارائِيُون:** ث. شهوت پرستي — لانگ چوٽائي — چنچلائي—مَواسِي—مَستائي—مَستِي—بدمعاشي—بدچال.

— **لانڊرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

- **لانڊَ ج لانڊُون:** ث. (سن. لَنبَ= ڊيگهه) — ڊگهائي— طوالت — طولَ. ڊيگهه — لنبائي. قَطار— سنبيرَ— سَنگهرَ— اينگهه. ڊارَ— ڊِرَ— جهِيلَ. ڄڻَ ٻڌل جاءِ — (مسافرن جي)لانڊي. (صفت). ڊيگهارو— ڪانڊارو— لانڊارو— ڊيگهه ڪندڙ— ليسو ڪندڙ — وَستاري—طول طويل—ڊگهو—لنبو—وڏو.

— **لانڊارَ ج لانڊارُون(ڪ):** ث. ڊگهائي— لَنبائي — ڊيگهه — طوالت—طول. ڊارَ—جهِيلَ—ڊِرَ.

— **لانڊ ٻَڌَڻُ:** قطار ڪري هلڻ—قطار ڪري ٻيهڻ.

- **لانڊُ ج لانڊَ:** ذ. صفت. نَوَلُ — اڻ سڪيل — ڀهراڙيءَ جو ڄَٽُ— ٻُرُ. ڊگهو ماڻهو.
- **لانڊارَ ج لانڊارون (ڪ):** ث. رڙاڪو— وڏي آواز سان روڄ — ڊَنڊڪار— اوچنگار.

Gul Hayat Institute

• **لانڊارو ج لانڊارا:** ذ . صفت. شهوت پرست — نفس پرست — شهوتي — ابتر — اوباش — لانگ چوٽو — وحشي — ڪامي — فاحش — عيش پرست.
• **لانڍي ج لانڍيون:** ث . پڪن سان اڏيل ڪچي جهوپڙي— ڇپرائين اوطاق — ڇاپرو — ڇاڇو — مَنهَن — ڪچو گهر — ڇنو — ڇڄر — ڇَن— ڇپرائين اوطاق.(اسم خاص). تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو— هڪ ڳوٺ جو نالو — هڪ ريلوي اسٽيشن جو نالو.
• **لانگ ج لانگون (ل):** ث . ڳوڏ جو ڪپڙو — اجرڪ يا چادر (اگهاڙ مٿان ٻڌل) — ٻاڏ — منجهه — منجهو.
• **لانڪارو ج لانڪارا (ڪ):** جبل جي وات — جبل مان لنگهه — لَڪ.
• **لانڪر ج لانڪر:** ذ . لٺي جي وڻ وغيره جا ٽلها ڇها— ڪاٺيون. (ڳاجرا).
• **لانڪڙ ج لانڪڙ:** ذ . (سن. لڪيه) لاڪڙي ڪنڌي — ٻانٺ واري پٽ — وٽن جي سنهين ڪاٺين جي ڏنل پٽ— اجهو ڍڪ — پناهه. جهوپڙي يا ڇني جا ڪايا — سنهيون ڪاٺيون.
• **لانگ ج لانگون:** ث. شلوار جو وچ وارو حصو — ٽنگن جي وچان پاتل ڪپڙو — سترن وٽان ڌوتي جا واريل وَرَ — ڌوتيءَ جو ٻن سترن وچان لنگهيل پلاند— ٻن ٽنگن جي سترن جي وچ وارو حصو. ڌوتيءَ جو پٺيان ٽنگن وارو پلاند. ڳوڏ (اگهاڙ مٿان ٻڌل). چادر — ڌوتي — انگوڇو — پوتڙو. ورانگهه — ٻرانگهه — وڪ. ٻيڙيءَ جي پويان ويٺي وٽ هڪ اوزار — سڪان کي جهلڻ واري ڪاٺي.
— **لانگ چوٽائي ج لانگ چوٽايون:** ث . شهوت پرستي — بد پرهيزگاري — لُچپَڻُ — لنگوتاڙائي. ڦرندي گهرندي— بي وفائي.
— **لانگ چوٽو ج لانگ چوٽا:** ذ . صفت. شهوت پرست — اوباش — زناڪار— خراباتي — عياش — لانڊارو — ابتر— بدفضيلتو — لنگوتاڙو. لچو — لفنگ — بدمعاش.
— **لانگ چوٽو هئڻ:** مڙس جو زناڪار هجڻ — زاني هئڻ — بدڪار هئڻ.
— **لانگ چوڙڻ:** لاهي پاهي ويهڻ — بي حيا ٿيڻ — بي شرم ٿي ويهڻ.
— **لانگ رکڻ:** ٿورو ڪرڻ — احسان جتائڻ — لائق ڪرڻ — (ڪنهن تي) مهرباني ڪرڻ — لانگ وارائڻ.
— **لانگڙ لاهه ج لانگڙ لاهه:** ذ . صفت. نرلجو— نرجو — بي حياءُ — بي شرم — اجايو خرچ ڪندڙ — فضول خرچ — هٿ ڦاڙ.
— **لانگ ڪڍڻ:** اگهاڙو ڪرڻ — پردو کولڻ — لانگ لاهڻ.
— **لانگ لاهڻ (ڪ):** گهوڙي تان لهڻ. ڪنهن تان بار لاهڻ.
— **لانگ لڳڻ:** ڏاڙ هٽڻ — لاڦ هٽڻ — ٻٽاڪ هٽڻ— وڏائي ڏيکارڻ — تنبُ ڦوڪ ۾ رهڻ.
— **لانگ مٿي ڪرڻ:** اگهاڙو ڪرڻ — پردو کولڻ. بي حيا ٿيڻ — بي لجو ٿيڻ.
— **لانگ ملائڻ:** هر قدم ٿيڻ. ريجهائڻ — پرچائڻ.
— **لانگوٽ ج لانگوٽ:** ذ . لانگوٽو — ڌوتي — چوٽو — زير بند.
— **لانگوٽو ج لانگوٽا:** ذ. ڌوتي ٻڌڻ جي ڪم ايندڙ ڪپڙو — ڪاڇوٽي.
— **لانگوٽي ج لانگوٽيون:** ث . ڌوتي يا ڳوڏ ٻڌڻ جو ڪپڙو— لانگوٽو — ڪڇو — جانگيا— لنگوٽي.
— **لانگوٽيو ج لانگوٽيا:** ذ . صف. لانگوٽي ٻڌڻ وارو — لانگوٽ ٻڌندڙ. زناڪار— بدچال. بي حيا— بي شرم— بي نڪو — بي ديدو — ڪميڻو — اوباش — لانڊارو — بدفضيلتو. فتنه انگيز — چالاڪ. ننڍو چوڪر. ننڍپڻ جو ساٿي — گهرو دوست.
— **لانگوٽيو يار:** ذ. ننڍپڻ جو ساٿي — گهرو دوست.
— **لانگ وارائڻ:** گهوڙي يا اٺ وغيره تي ٽنگ ورائي چڙهڻ— (ڪنهن تي هٿ رکي) ٽپڻ — (ڪنهن شيءِ مٿان) چال مارڻ. تڪڙو روانو ٿيڻ — هليو وڃڻ — ڪُڙي ڪٽڻ. ٿورو رکڻ — زور جمائڻ — سيني تي سَر ٿيڻ — غالب پوڻ — نصرت لهڻ.
— **لانگون وارائڻ:** ٽنگن ۾ جهلي قابو ڪرڻ— پيڙڻ.
— **لانگ هيٺان ڪرڻ:** قابو ڪرڻ — هٿ ڪرڻ. پرائو پيسو ڦٻائڻ.
— **لانگ هيٺان لنگهائڻ:** آڻ مڃائڻ — ماري مات ڪرڻ.
— **لانگ هيٺ ڪرڻ (ڪ):** حياءُ ڪرڻ — شرم ڪرڻ — اوگهڙ ڍڪڻ.
— **لانگي ج لانگيون:** ذ . سٿڻ جو وچ وارو ٽوٻو — ٻچيءَ وارو حصو.
• **لانگارو ج لانگارا:** ذ . اڏامندڙ جيت جو هڪ قسم — مڪ جو هڪ قسم. پاڻيءَ جي جانور جو قسم.
• **لانگاڻو:** اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **لانگاڻي:** اسم خاص. مري بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **لانگاهه:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ ڳوٺ جو نالو.
• **لانگٽ، لونگٽ:** (ث) ذ . ڏريل ٻاجهري جو پٽ (رات جو رڌي رکبو، صبوح جو ڏونرو يا لسي وجهي کائبو).
• **لانگوٽي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **لانگوهه:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **لانگها:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **لاھُ ج لاھَ:** ذ. اسم. ھنيءَ ۾ پوکڻ وقت بيٺل سکل ککن جو ھوڙو – ٽڏو – زمين مان وٽن جون ڪڍيل پاڙون – ھنيءَ ۾ بيٺل کک ڪچرو. لاھي – نشيب – لَھندي – لھيٽَ – لاھو – لاڙ – سلامي – ھيٺانھين – لاڙو – ڦرو – پاڻيءَ جي لاٽ. گھٽجڻ جي حالت – ھوڏ جو رُخ.(ھرڻ وغيره جو) چالُ – ٽپو.

"ڏنائين لاھُ لَيُن تان، پُٺتي ڪين نھاري "(علي).

عيب – اوڻائي – ڪَمي – سُتمر – گھٽتائي – نَقصُ – گھٽ – پُلِ – ڏوھ – خطا – سَھُو. نمونو – دستور. فائدو. ڏکڻ (طرف).

"جي اُتَرجي لاھَ، سجڻ سي پرکيا" (شاھ ڪريم).

ذ. صفت. ضِدي – ھوڏي – مغرور.

– **لاھارو ج لاھارا:** ذ. لھوارو – لاھيءَ تي (ضد – اوپارو).

– **لاھُ ٻڌَڻُ:** مصدر. رڙيون ڪرڻ – ڪوڪڙيون ڪرڻ. لَلُ ٻڌڻ – لُرڙ ٻڌڻ (مھراڻ).

– **لاھُ پاھُ:** ھيٺ مٿي ڪرڻ واري حالت – ھڪ ٿانوَ مان ٻئي ۾ لاھڻ ۽ وجھڻ واري حالت.

– **لاھُ ڪڍَڻُ:** ھوٽي کي پاڙن سوڌو ڪڍڻ – پوک مان نقصان ڪندڙ گاھ ڪڍڻ. مُوڙھ ڪڍڻ. پاڙ پٽڻ – نابود ڪرڻ – ناس ڪري ڇڏڻ – تباھ ڪرڻ.

– **لاھُ ڪَڍِي ڇڏَڻُ:** مصدر. خوب سزا ڏيڻ – بڇڙي سخت سزا ڏيئي سڌارڻ – ملامت ڪري سنئين راھ تي آڻڻ.

– **لاھَ لُڙندو:** (ڪو ڪم) لاچاريءَ سان ڪيل – مٿين دل سان ڪيل (ڪم).

– **لاھُ لَنگھائِڻُ:** بنان سوچ ويچار جي ڪم ڪرڻ – آڏو اُبتو ڪم ڪرڻ. تِير ٿڪلي ۾ ڪرڻ – بيگر ڪرڻ. ٽڪَ ٽنيڙ ڪرڻ – ڏانگھا وَھائڻ – مٿو ھٽڻ – سٺي طرح ڪم نہ ڪرڻ – مٿاچرو ڪم ڪري پورائو ڪرڻ.

– **لاھُ نِڪرَڻُ:** مصدر. بُند نڪرڻ – ناس ٿيڻ – بنياد پٽجڻ – برباد ٿيڻ – تباھ ٿيڻ.

– **لاھَ نِڪري وَڃَڻُ:** مصدر. پاڙ پٽجي وڃڻ – تباھ ٿي وڃڻ – برباد ٿي وَڃڻ – ناس ٿي وڃڻ.

• **لاھو ج لاھا:** ذ. لاھُ – ھيٺانھين. ھيٺانھينءَ ڏي ھلڻ جي حالت – پُٺيرو ٿي ھليو وڃڻ جي حالت.

• **لاھوارو:** (صفت) ھاوانجرو – ترڇو – نمنديءَ وارو – لڙيل – ليٽيل.

– **لاھُ وَڃَڻُ:** ناس ٿيڻ – تباھ ٿيڻ – برباد ٿيڻ – بنياد وڃڻ – چَٽُ ٿيڻ.

– **لاھو چاڙھو ج لاھا چاڙھا:** ذ. زمين جي ھيٺ مٿانھين. ڏک سُک.

– **لاھُوڪَڙُ ج لاھُوڪَڙَ:** ذ. صفت. لاھيءَ وارو – نشيبوارو – نشيبي – سلامِي وارو – ليٽيل – لاڙو – مائِل – راغب.

– **لاھو گاھو ج لاھا گاھا:** ذ. گھٽ وڌ – ڪَسُ ڪٽر.

– **لاھو گاھو ڪَرَڻُ:** مصدر. اگھ گھٽ ڪرڻ – مُلُھ گھٽائڻ – ڇڏڇوٽ ڪرڻ.

– **لاھِي ج لاھِيُون:** ث. لھندي – نِوڙ – ھيٺانھين – نشيب – تَرُ. ٽانگھي ايراضي. جھوڪ – جھر. اُٺ جي ويھڻ واري حالت.

– **لاھِيُون چاڙھِيُون ڏِيَڻُ:** برغلائڻ – ڏٽا ڏيڻ – دَڙ دلاسو ڏيڻ.

• **لاھاريو ج لاھاريا:** ذ. صف. (سن. لُو = لُٽَڻُ) لاٻارو ڪندڙ – پوک لُٽيندڙ – لاھيندڙ – لاھِيارو – لايارو. ڪَسِي – مزور – ھمراھ – پورھيت.

• **لاھَٽَڻُ:** مصدر. گھوٽڻ. جملو: "تاڏل لُھاٽي وَٽُ". (لاھٽيو – لاھٽيندو – لاھٽيل).

• **لاھِرُو ج لاھِرُو:** ذ. صفت. لھرين ۾ لُڙھي آيل.

• **لاھِڻُ:** مصدر. (سن. اوروھ = لھڻ) ھيٺ آڻڻ – ڍارڻ. (ڪَل) اُتارڻ – (ڪپڙا وغيره) لاھڻ – (پن) روڙڻ – چنڻ. درجو گھٽائڻ. (وار) ڪٽڻ. (ھني يا فصل) لُٽَڻ – ڪَٽَڻُ. (سُڪيءَ تي) آڻڻ. (ڪنھن جي) سِسِي وڍڻ. (آنا يا بيضا) ڏيڻ. ٻاھر ڪڍڻ. (چت) ڍاھڻ. (پاڻ کي) حقير سمجھڻ. مات ڪرائڻ – سرچائڻ. (حساب) صاف ڪرڻ – قرض ادا ڪرڻ – (اوڌار جا پيسا) ڏيئي ڇڏڻ – رقم وارڻ. (حساب ۾) پيسا ڪاٽڻ – پيسا گھٽائڻ – پيسا ڪٽ ڪرڻ. (سُڪا) پوري ڪرڻ. سَتمِي ڪرڻ – ڇڏ ڇوٽ ڪرڻ. اُڄ مارڻ. پٽي راند ۾ پيس ڪندڙ جا پتا لاھي رکڻ. (لاٿو، لاھيندو، لاھيل يا لاٿل).

– **لاھَ ج لاھُون:** ث. لاھڻ جي حالت – لاھَپ.

– **لاھَ پاھَ:** ث. ھڪ ٿانءَ مان (ڪاشيءَ) ٻئي ۾ لاھڻ پائڻ واري حالت. آچا پاچا – مَٿو مَٽ – ھڪجھڙائي – مَٽا سَٽا – لَٽَ پَٽَ. (پاڻيءَ جي) اُٿل پُٿل – ھار وير.

– **لاھَ پاھَ ڪَرَڻُ:** ھڪ ٿانءَ سان ڪڍي ٻئي ٿانءَ ۾ اوتڻ. حساب صاف ڪرڻ – آجو ٿيڻ – ڏيئي وٺي ڇڏڻ.

– **لاھِٽِي ج لاھِٽِيُون:** ث. (عزت) لاھڻ واري حالت – جُٺ – ڦٽڪار – ملامت – لعنت.

– **لاھِٽِي لاھِڻُ:** (محاورو) بي عزتو ڪرڻ – بي مانو ڪرڻ – اپمان ڪرڻ – نِرسڪار ڪرڻ – بي عزتي ڪرڻ. ڌيان نہ ڏيڻ – ڪَنَ لاٿار ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– **لائِي ڪَرُ ج لائِي ڪَرَ:** ذ. فاعل. (بل). لابارو ڪندڙ (ءِ عيوض ۾ "لائي" جنس جو حصو وٺندڙ). (ن–ب).

– **لائِي وارُ ج لائِي وارَ:** ذ. صفت. لائيءَ وارو– لائي وٺندڙ – لاپو وٺندڙ.

– **لائِي چائِي ج لائِيون چائِيون:** ث. جهيڙي جاڳائڻ واري حالت – فتنہ انگيزي – گهٽ وڌائي – گِلا غيبت– چور چڪور.

– **لائِي چائِي ڪَرَڻُ:** هڪڙي جو راز ٻئي کي ٻڌائي، جهيڙو پيدا ڪرڻ – گهٽ وڌ ڳالهه ڪرڻ – گِلا غيبت ڪرڻ – نندا ڪرڻ.

• **لائِين ج لائِينُون:** ث. (انگ. لائِين= لِيڪَ) سِٽَ– لِيڪَ. خط – ڏار. ڏوري– رَسِي– نوڙي– ريکا– قطار– صف. پِد– مصرع. لوهہ جَي واٽ – لوهہ جي پٽڙَي. (آصفيہ). ڏوهہ – خطا – گناهہ – قصور. عيب – اوڻائي. ذ. (صفت). محتاج. (گاجرا).

– **لائِينِ ڪلِيَرُ:** ذ. (انگ). رستو صاف – صفائي واٽ جي – واٽ صفا. اسٽيشن ماستر جو گاڏيءَ جو ڊرائيور کي رستي جي صفائي بابت لکي ڏنل ڪاغذ.

• **لاياروج لايارا (ڪ):** ذ. صفت. لاباره ڪندڙ – لاياري وارو– لاهِيارو.

• **لايَرُ ج لايرَ (ڪ):** ذ. صفت. لابارو ڪندڙ لايارو– لاهيارو.

• **لايَطاقُ ج لايَطاقَ:** ذ. صفت (ع). بي طاقت – نِربَل– ڪم هِيڻُ ڪمزور. (پرمانند).

• **لايو سَجايو ج لايا سَجايا:** ذ. اميدون پوريون ٿيڻ واري حالت – شادي – ڪاج. خوشي. فائدو (راس ٿيڻ واري حالت).

– **لايو سَجايو ٿِيَڻُ:** مُراد پُڄڻ – تڪليفون سجايون ٿيڻ– محنت ثاب پوڻ– ٿيل خرچ سجايو ٿيڻ.

• **لَبَ ج لَبُون:** ث. (ع. لعاب) ٿُڪَ– ٿيٽي– لَٻَ– پِڪَ– گگَ – اوڳارَ. رشوت– وڍِي – حرام – ڳِٽو – نفعو – ٻوٻو– لالَچ – لوڀ– طمع.

• **لَبُ ج لَبَ:** ذ. (ف. لَبُ= چَپُ) – هڪ عضوي جو نالو – چَپُ. طرف– جانب – پاسو – ڪنڌي – ڪَپُ (درياءَ جو)– ڪَنو– ڪنارو – پَر– ڪَسُ– بندوق جو لَبُ– گَزُ– تير. ٻيڙيءَ جي سڙهہ کي هَوا ڏانهن ڦيرائڻ واري رَسِي.

– **لَبَ تي لَڙَڻُ:** لالچ تي پاسو ڪرڻ.

– **لَبُ چَٽَڻُ:** روح سُرڪڻ– وات پاڻي ٿيڻ– سَڌ ڪرڻ – خواهش ڏيکارڻ.

– **لَب دانِي ج لَب دانِيون:** ث. بندوق جي لب يا گَزَ جي رکڻ جي نالي. (پرمانند). ٽُڪو.

– **لَبِرُ ج لَبِرَ:** ذ. لَبَ وارو – حرام ڪائُو– وَڍِرُ– پئسي جو ٻندو– لَبِي– لَبِجَڻَ جوڳو – لَبِيَرُ– ڪائُو– وَڍِي خور – رشوت ڪائُو. رُشوتي.

– **لَبُ ڪَٽَڻُ:** روح سُرڪڻ – وات پاڻي ڪرڻ – سَڌ ڪرڻ – لَب چٽڻ.

– **لَبِي ج لَبِي:** ذ. صفت. لَبَ وارو– رشوتي – لالچي – حرام ڪائو – پئسي جو پٽ – ڪائُو– وَڍِي خور– پَرشَٽُ– خَبيث.

• **لُبَ:** (فصل) لُٽڻ واري حالت –لوبُ– لابارو– (فصل جي ڪٽ يا ڪٽائي. طمع. مُوڙي– نقد– روڪڙ. (رام ڪلي).

• **لَباتو ج لَباتو:** ذ. (ف. لَبادَه= ڊگهو ڪوٽ) سيءَ يا برسات جي بچاءَ لاءِ پهريل ڊگهو چوغو. ڊگهو ڪوٽ– چُغو– ڪُڙتو– وردي – اووَر ڪوٽ. جانور جو هڪ قسم.

• **لِباسَ ج لِباسُون:** ث. ڪُوڙي خوشامد– چَٽَ – چاپلوسي – ناز برداري – مک استتي. (پرمانند). ڪوڙي ساراهہ– پنيُل– لَلو پتو.

• **لِباسُ ج لِباسَ:** ذ. (ع. لَبَسَ= هُن پَهريو) پوشاڪ– ويسُ– وڳو – ڪپڙا – جامون – وستُر– ڪپڙو لٽو – وَڳُ– سَتر– برقعو. ڍنگ – روپ – مُلمعو– ڏيکُ. زرين پوشاڪ– زَر– زيور – هار سينگار – ٽِيپ – ٽاپُ– ڏيکُ ويک – پَيڪو. چاپلوسي – خوشامد – ڍونگ – چَٽَ– لَنڊي – خوشامد– ڦُل بندي – ڪُوڙي ساراهہ – لَلو پتو– پنيُلُ. ڪاري جي ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو– درياهي ٻيڙيءَ جو وڏو گوش.

– **لِباسُ ٻڌَڻُ:** چاپلوسي ڪرڻ – چَٽَ ٻَڌڻ– خوشامد ڪرڻ – لَڳڻ – پنيلائڻ – تاتارڻ– چَترائڻ – برغلائڻ – ڏتارڻ– ڦُلائڻ – چاڙهہ ڏيڻ– شاهو ڏيڻ – ريهڻ ريبڻ – ڳِلٽو ٻڌڻ. (پرمانند).

– **لِباسُ ڪَرڻُ:** ويس ڍڪڻ يا بدلائڻ. پردو رکڻ – منافقي ڪرڻ.

– **لِباسِي ج لِباسِي:** ذ. صفت. ڪوڙو – خوشامد ڪندڙ – خوشامدڙيو– مُنهن تي خوشامد ڪندڙ – دل جو پليد– اندر جو ڪوٽو – ڪُپَتيو– ڪُپَتِي– مڪارَ – ڏورت– چالاڪ – ڏيکاءُ وارو– ٺوڳي– وات مِٺڙو– سياڻو – ريهو – ريهيندڙ – ريبيندڙ – برغلائيندڙ.

• **لَباڪُو ج لَباڪا (ل):** ذ. ننگُ – شرم – حَيا– مَرَمُ– لَڄَ– مرحاتا. لِيو– جهاتِي– لِيئو. (مهيري).

• **لَبريزُ ج لَبريزَ:** صفت. (ف. لَبَ+ ريختَنُ= چپ يا ڪنارو+ هارڻ) تارُ ڀريل – تارون تار – چِڪار – ڪَنن تائين ڀريل – لبالب– ڀرپور – ڪنان تار – ٻڦيلَ– ٽمٽار – ڪناڪن.

Gul Hayat Institute

– **لَتَوَ ج لَتَوُن:** ث. لتاڙُ– پيرن ۾ پيل – عام لنگهہ جو هنڌ.

– **لَتِڙُ ج لَتِڙَ:** ذ . صفت. لتون هڻندڙ– ٽڏو هڻندڙ – لَتِر– اِٽرُ– پُسترُ – نندڍيءَ ڪُتيءَ واري جُتي.

– **لَتَ ڪَرِي تِيَڻُ:** مصدر. زور پوڻ– نہ پُڄڻ– نہ پُڄَڻ.

– **لَتَ ڪُوَرِي هُجَڻُ:** اثر وارو هجڻ – اثردار هُئَڻ.

– **لَتَ هَڻَڻُ:** نوڪر لڳائڻ – چڙهي هڻڻ– پيرن جي ضرب رسائڻ. نقصان پهچائڻ. ڌڪارڻ – ناڪار وارڻ. ڪم ڏاهي ڇڏڻ– رنڊڪ وجهڻ. ڍڳي يا مينهن جو کير ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ – (کير) ڇڏي ڏيڻ.

– **لَتِڙيو ج لَتِڙِيا:** ذ. صفت. لتون هڻندڙ– پُسترِ– ٽونٽيرُ– لَتِرُ.

• **لَتَ ج لَتُون:** ث . عِلت – عادت – خصلت– خُو– چُوس – نمونہ – سياءُ.

• **لِتَ ج لِتُون (ٽ):** ث . گوهي . جِيت جو هڪ قسم – ڪُتِ. تمام گهاٽي.

• **لَتاڙَڻُ:** مصدر. لتن يا پيرن هيٺ لتوڙڻ – جهاڳوڙڻ – ڳوهڻ. چلهڻ. لتون هڻڻ– لتن سان مارڻ – لتن سان چيپاٽڻ. زور ڏيڻ –مَنڻ– پِيڙون ڏيڻ– مُڪون هڻڻ – ٽَڪُ لاهڻ– لَتون ڏيڻ. ڌڪارڻ– ذليل ڪرڻ. ملامت ڪرڻ.

– **لَتاڙ ج لَتاڙُون:** ث. ٻنيءَ يا گاهہ کي ماڻهن يا مال جي لتاڙ– اورانگهہ – پيراٽ. لَتون ڏيڻ واري حالت – چِپَ– چَپيٽ – ڳوهہ.(ل)– ڳوهيل. (ل). مهٽ – زور – پِيڙهِن – مُنيون– جهاڳوڙ– لتڙ– لتوڙ.

– **لَتاڙَ تي وهَڻُ:** رستي تي ڳوٺ ٻڌڻ. اچ وڃ جي رستي تي ويهڻ.

– **لَتاڙ ۾ اَچَڻُ:** چِپ يا پِيهَٽَ ۾ اچڻ– تڪليف ۾ اچڻ– چڪر ۾ اچڻ.

– **لَتاڙِي ج لَتاڙِيُون:** ث . ٻيڙيءَ تان لهڻ – چڙهڻ جو تختو.

– **لَتاڙِيو ج لَتاڙيا(ڪ):** ذ . صفت. اهو ماڻهہ جو مهمان کي ماني نہ ڪارائي.

• **لَتائِڻُ:** مصدر. لِتَڻَ– بند ڪرڻ.

• **لَتَرِ ج لَتَرون:** ث . ٽَنگ جو گوشت.

• **لِتَرُ ج لِتَرَ:** ذ. اسم جُتيءَ جو هڪ پادر– موچڙو. پراڻي جُتي –لِتَرُ.

• **لُتَرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **لَنَرَ ج لَتَرُون:** ث . اسم. لَتاڙ – زور – پيڙون– جهاڳوڙ– لتوڙ– مُڪڙيون– مُنيون – پيرن جي دَٻ.

– **لَتَوَ ڪَرَڻُ:** مصدر. ڍورن ڍڳن جو پوک جا سلا لتاڙڻ. ٿهيل شيءِ کي لتاڙي وجھڻ.

• **لِتَوُ ج لِتَرَ:** ذ . اسم. کلو – پادر – موچڙو– لِتَرُ – جُتي.

• **لُتِڙَڻُ:** مصدر. ليتڙڻ – گينداڙڻ (پاڻيءَ ۾). ٽِپڪڻ. مير ڪرڻ – گندو ڪرڻ.

– **لُتِڙِيَلُ ج لُتِڙِيَلَ:** ذ . صف. ليتڙيل– گينداڙيل. (پرمانند) ميرو ڪيل.

• **لُتڪا(ڪ):** تڪڙا تڪڙا چڪر– گوهِيُون– لُتِ لُتِ- گهُٽون هڻڻ واري حالت.

• **لِتَلُ ج لِتَلَ:** ذ . صفت. لِنبيل – چنبڙيل– مَڪيل – مَليل –لڳل – تقيل– ليپيَلُ.

• **لُتَ لُتِ ڪَرَڻُ:** هيڏانهن هوڏانهن اچڻ وڃڻ– گهر گهر هلڻ – اجايو رلڻ– ناسُون هڻڻ.

– **لُتَ لُتيو:** ذ . صفت. لُت لُت ڪندڙ – بي صبر – نوسِي رولاڪُ– رولُو.

• **لَتَڻُ:** اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **لِتَڻُ:** مصدر . لِنبَڻُ– ليپو پائڻ. (ث ). جاءِ. جنهن جي ڇر کي گاري سان لِنبي ڇڏجي.(ذ). سادو گارو (مِٽيءَ جو).

• **لِتَڻُ ج لِتَڻ:** ذ. گندي پاڻيءَ جو تلاءُ يا کَڏَ– (پاڻيءَ جو) ڍُٻ – ڍهو.

• **لِتِٽِيُون جاگيرَ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **لِتو ج لِتا:** ذ. لِتڻ يا لِنبڻ مان اسم مفعول– لِنبيو – مرمت ٿيل – پوڙهو(ماڻهو). (ذ). پرتي– ذاتِ – ٽڪِي. بندوق جي منهن وارو ڏلو. (ڪپڙي جي)تهي– (ڪاغذ جو) مُتو. گنگٽرڙائي.

• **لَتو پَتو ج لَتاپَتا:** ذ . ڏيتي ليتي – ڏي وٺ – لاڳاپو.

– **لَتي پَتي وارو ج لَتي پَتي وارا(ٽ):** ذ . صفت. پنهنجي پاسي وارو – لاڳاپيدار – ڏيتي ليتيءَ وارو.

• **لَتوڙَڻُ:** مصدر. لتاڙڻ. لَتن ۾ چِپَڻُ. تڪليف ڏيڻ. (لتوڙيو - لتوڙيندو– لتوڙيل).

– **لَتوڙَ ج لَتوڙُون:** ث . زور – پِيڙون– جهاڳوڙ– مُڪِڙيون- مُنيونَ– لتاڙَ– لَتَڙ.

• **لَتِي ج لَتِيُون:** ث . پير جو ڌڪو – ٺُڏو– ڌَڪُ.

– **لَتِي لَڳَڻُ:** ٺڏو لڳڻ – انگڙو لڳڻ. رنڊڪ پوڻ. ڏُم مچڻ جهيڙو ٿيڻ – معاملو ٿيڻ.

– **لَتِي هَڻَڻُ:** ٺڏو هڻڻ– ڦڙتي هڻڻ. رنڊڪ يا رڪاوٽ وجهڻ هر هر پنڌ ڪرڻ – گهٽو ٻوڙڻ– تڪليف ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– **لَٽڪِٽُو ج لَٽڪِٽا:** ذ. گهنڊ جي لار– هڪ ڪاٺي جا گهنڊ ڪي وڄائي. جهاپا– جهوڙا (لٽڪندڙ).

• **لَٽڪَڻُ:** مصدر. هيڏي هوڏي هلڻ– چُرڻ– گهمڻ– سير ڪرڻ– ڦِرڻ– رُلڻ– رَمڻ– ڀِٽڪڻ– ڀُٽڻ– ڀنوڻ– وَتَڻ– ٽَلُڪڻ– اُجهڙڻ– ڀرمڻ. ڦُرڻ– لُٽجڻ.

• **لَٽِڪو ج لَٽِڪا:** ذ. عَمل– مَنڊُ– مَنتر– ٽِيٽُو– ٽوٽڪو– چندو. مزاحيہ آکاڻي يا ڳالهہ – لَٽڪو چُٽڪو– موهٽي. حرفت– حرڪت بازي – ٽَني بازي– ٽِيري – مسخري.

– **لَٽِڪوچَٽِڪوج لَٽِڪاچَٽِڪا:** ذ. ڀوڳ چرچو. چالاڪي– ٽڳي.

• **لَٽِڪو ج لَٽِڪا(ل):** ذ. جادو – سِحرُ– افسون – مَنتر– جنتر– ٽوٽو– ٽيٽو – جادوءَ جي موٽ. محبت جو عمل – ڪنهن کي گرفتار ڪرڻ جو عمل– موهني – شعبده– ڪرتب – هٿ جي چالاڪي– عياري – مڪر– فن– فريب. چُٽڪو– چوٽي – مٺيون ڳالهيون. ناز نخرو. تالُ. نزاڪت– سونهن – سوڀيا– زينت – زيب – سُهڻائي– سندرتا– لطيف (جوانيءَ جو ٽوهُ). رونق– شان. (صفت). نزاڪت ڀريو– زيب آور.(اسم خاص). تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

– **لَٽِڪِي سان لَٽَڻُ:** ناز نخري سان پاڻ تي اکَن چکَن ڪرڻ– موهڻ.

• **لَٽَڻُ:** مصدر. ڍَڪَڻُ– پورڻ – مِٽي وجهڻ– پرڻ – ملائڻ– (ڏر وغيره) مِٽِيءَ سان بند ڪرڻ يا پرڻ. (لاش)دفن ڪرڻ. (لٽيو– لٽيندو– لٽيل).

• **لُٽَڻُ:** مصدر.(سن. لُنتَنَ) ڦُرڻ– ڪَسڻ– ڌوهڻ– لُٽي وڃڻ. چورائڻ – چوري ڪرڻ. اجايو وڃائڻ– اجايو خرچڻ– فضول خرچ ڪرڻ – اُڏائڻ– ضايع ڪرڻ– برباد ڪرڻ – تباهہ ڪرڻ.

• **لَٽو ج لَٽا:** ذ. اسم.(سن. لَتڪَ. پرا. لَتِيا= ڪپڙو) ڪپڙو– گندي– لُگِڙُ– اوڇڻ– جامو – پارچو – اڳڙي– لِيڙَ– ڇِيوٽ– ڪپڙي جو ٽُڪر. ميروءِ ٿاٺل ڪپڙو.

– **لَٽا لاهڻُ:** مصدر. وهنجڻ لاءِ ڪپڙا لاهڻ– اُگهاڙو ٿيڻ. بي غيرت بنجڻ– پنهنجي عزت جو ڪو خيال نہ ڪرڻ – تمام فاحش ۽ بدڪار ثابت ٿيڻ– بي شرم بنجڻ– بي حيا ٿيڻ.

– **لَٽا لِيڙون ڪَرَڻُ:** ڪپڙا ڦاڙڻ– گريبان چاڪ ڪرڻ – ديوانو ٿيڻ – وحشي ٿيڻ– مجنون ٿيڻ – وحشت طاري ٿيڻ.

• **لَٽو ج لَٽا(ڪ):** ذ. صفت. ننڍو– ڇوٽو– ڪَپل– ٻانڊو– لَنڊو.

• **لَٽُو ٻَن واري:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **لَٽُومَڻُ ج لَٽُومَڻَ:** ذ. ڳِنڊيو– ڳوڙهو "رڍ کي پيچ ۾ ڪهڙا نہ پيا لَٽُومَڻ لُڏن".

• **لَٽِي ج لَٽِيُون:** ث. بازاري عورت – ڪسَبِياڻي – ڇُڙواڳ زال– گهومڙائو زال– ويڇهڙ زال– ولد حرام. ڀُٽِڙي– پياري. عورت جو عورت ڏانهن طعني طور مخاطبت "لَٽِي هيڏانهن تہ اچ". (حرف ندا). زال جو سڏڪرڻ ۾ ايندڙ لفظ– اڙِي ! – آئِي!– ہڙِي!– لَٽِي!.( ڪ). (اسم خاص). بلوچ قوم جي هڪ ذات جو نالو.

• **لِٽِي ج لِٽِيُون:** ث. وارن جي چَڳَ– ناڙو– لِٽَ.

• **لَٽيرو ج لَٽيرا:** ذ. صفت. لُٽيندڙ يا ڦُرلُٽ ڪندڙ – ڦورو– ڦُريندڙ– ڌاڙيل – ڌاڪو – لوٽُو– ٺَڳُ– ظالم.

• **لَٽِيو ج لَٽِيا:** ذ. ڦورو – لوٽو – لُٽيرو. ٺَڳُ– بدمعاش– لُچو. بداخلاق.

• **لَٺِ ج لَٺِيُون:** ث. (سن. لَٺِيڪا= لٺ. پرا. لَٺِيا= لٺ) – لڪڻ ڏنڊو– لڪڙي – لوڙهہ– ڏنڊي – ڏُڪر – ڪاٺي مَدگَرُ– مُيهر– چوب– عصا– ڄانگهہ– ڏانگهہ– ڏاڱورو– سونٽِي– وانجهہ– ڄاگرو– وانجهيلي– ٻانٽو– سونٽو – ڄڙهي– ڄڙهہ– ڄڙ. لڙهہ– سُرخ(تنبوءَ جو)–(ڪمند جي)وڏي ڳري. نار جو هڪ عضوو– چڪر ۽ ڍينگي ۾ بند ٿيل ڏگهي، گول ۽ ٿلهي ڪاٺي. گهاڻي جي اکريءَ ۾ پيل مال کي پيڙهيندڙ وڏي ٿلهي ڪاٺي. (ڪ). بند– ٻَنڌ– ڪَڙ.(ت). گهرو جانورن جو ٽولو يا ڌڻ. ٽري پرت جو هڪ قسم.

– **لَٺِ ٻہ ڏيڪارَڻُ چَٺِ ٻہ ڏيڪارَڻُ:** زور ٻہ ڏيڪارڻ ۽ چَٺَ ٻہ ٻڌڻ– ٽڏيون ڪوسيون ڏيڪارڻ– ڪجهہ دڙڪو تاب، ڪجهہ پيار محبت ڪرڻ.

– **لَٺِ چَٺِ:** قرب ڪلفت– پيار ڏمانُ– دڙڪو دلاسو.

– **لَٺِ چَٺِ ڏيڪارَڻُ:** ڪجهہ مار ڪجهہ پيار ڏيڪارڻ.

– **لَٺِڙِيو ج لَٺِڙِيا:** ذ. صفت. لٺ کڻندڙ – لٺ وارو– چوبدار.

– **لَٺِ لَڳَڻُ:** فساد ٿيڻ– گوڙ مچڻ– جهيڙو وٺڻ– ضد ٿيڻ –مارا ماري ٿيڻ–هنگامو يا جهيڙو ٿيڻ ڪوشش ٿيڻ سوڙهہ هئڻ–تنگي هئڻ.

– **لَٺِ ۾ هئَڻُ:** سنڀال ۾ هئڻ – ڪنهن جي هٿ هيٺ هئڻ.

– **لَٺِ هَلائِڻُ:** وڙهڻ– شوخي ڏيڪارڻ – گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

– **لَٺِ ۽ ڪِنگرُ ڪَڍَڻُ:** ڀِنڻ– پينڙيات ٿيڻ.

– **لَٽِيُون جهلَڻُ:** مار کائڻ – تڪليف ڏسڻ. "ڪٽيو ڪائي فقير، لٽيون جهلي پولڙو".

– لاف. رشوت– وَڍي.

• **لَپوڙِي ج لَـپوڙِي:** ذ . صفت. لپوڙ هٽندڙ يا ڪندڙ– ڊاڙي– ٻٽاڪي – لاف زن– پڙڀاٽي– لَباڙي– گپوڙي.

• **لَـپَ هِيرو ج لَـپَ هِيرا:** ذ . تاجيءَ ڪي پڪيڙي بيهاريندڙ رسيءَ ڪي ٻڌڻ لاءِ زمين ۾ ڪتل ڪاٺي.

• **لَپَـئِي ج لَپَـئِـيُون:** ث. ڪٽڪ ڪي گيهه ۾ پچِي تيار ڪيل ڏريون.

• **لَپِي ج لَپِيُون:** ث. (سن. لِپ يا لِپِي= ٻولي). اکرن لکڻ جو نمونو. صورتخطي. طعام جو هڪ قسم – ڪٽڪ، گيهه ۽ گُڙ ۾ پچِي رڌل ڏارو. کير ڪڙهيل. ٻڪريءَ جو هڪ قسم. رڍ جو هڪ قسم.

• **لَـپيٽَ ج لَـپيٽـُون:** ث . (سن. لپ) گهيرو – گِردو– ڦيرو – دور – احاطو – وَرُ– پيچ – خَم– ويڙهه – وَٽُ– مروڙ – مروٽ.(ڪنهن شيءِ جو) وراڪو. ڍَڪَ– ڪَڄُ– پوتو– ٻَڪُ– ياڪر– ولهوٽ– وڪوڙَ. چپيٽ– جهڙپ– ضرب– مهٽ– آڪيڙو. چماٽ – ڌَڪُ – ٺڦڙ– لَپاٽَ. ويڙهو– ڦورو– لَهرُ– اَٿل پُٿل– ليٽ پيٽ– ليٽڙي– مَـڪَرُ– فريب– چل– چِنڊُ. سزا– جوکو– نقصان. بيماريءَ جو دور. درياءَ يا طوفان جو گهيرو– چڪر. مونجهارو.

• **لِپيٽَ ج لِپيٽـُون:** ث. لاس – عرق – رَسُ– شُروو(رڌل گوشت جو).

• **لَـپيٽَڻُ:** مصدر. (سن. لِپ= ڍَڪَـڻُ)ويڙهڻ – وروڪڻ– سَميٽڻ– وَليٽڻ– بند ڪرڻ– ور ڏيڻ– پيچڻ– پيچ ۾ آڻڻ– (نوڙي) وٽڻ يا ڪُنجا ڪرڻ– (در) ورائڻ يا ڀيڪڙڻ– ڀائڻ(در) بند ڪرڻ– پُورڻ. ٻڌڻ– تَهَ ڪرڻ– بسترو گول ڪرڻ– ورائي چِڏڻ– جُڙڻ(ڪلي يا نيئر جو) ڪڙو ڪڙي سان ملائڻ. جڪڙڻ.(لپيٽيو– لپيٽيندو– لپيٽيل).

– **لَـپيٽَ سَپيٽَ ج لَـپيٽـُون سَـپيٽـُون:** ث . داءُ پيچ– ور وڪڙ– ڦند چِند.

• **لَـپيٽجَڻُ:** مصدر. ويڙهجڻ– لپيٽجي وڃڻ.

• **لَـپيڙَ ج لَـپيڙُون:** سزا. ڏڪ. نقصان– ضرر– هَرجُ.

• **لـجام ج لَجام:** ذ. گهوڙي جي ڪڙين واري واڳ– لگام– لغام.

• **لَـجَرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **لَـجَڻُ:** مصدر. (سن. لنب= لَـبُ)لَـبَڻُ– لَـبُ ڏيڻ– رشوت ڏيڻ يا آڇڻ.

• **لَـڄُ ج لَـڄُون:** ث . (سن . لَـڄا= لَـڄَ. پرا. لَـڄا= لَـڄَ)شرم – حياءُ – ڦڪائي – مَرم– پَـرم– لِـيهه– شرمندگي. پردو – ڍِڪَ– سڃائي – سَتُ– آبرو – حُرمت– ننگ– عزت – ناموس. نڪاح ٻڌل زال– گهر واري – منڪوحه– ٻانهن.

– **لَـڄَ اَچَڻُ:** شرمندو ٿيڻ – ڦِـڪو ٿيڻ– شرم اچڻ – شرم محسوس ٿيڻ– حياءُ ٿيڻ– مرحاتا اچڻ. غيرت اچڻ. لحاظ آڏو اچڻ.

– **لڄارو ج لَـڄارا:** ذ . لڄ وارو – حياءُ دار– شرميلو– لِڄارو.

– **لَـڄَ باسَڻُ:** ڪاڻ ڪڍڻ– منت ڪڻڻ– محتاجي ڪڻڻ– محتاجي ڪڍڻ.

– **لَـڄَ پالُ:** ذ . صفت. شرم وارو– حياءُ دارُ. لڄ پت رکڻ وارو. سردار.

– **لَـڄَ پَتَ سان رَهجِي اَچَڻُ:** عزت آبروءَ سان ڪم پورو ٿيڻ.

– **لَـڄَ پَتَ وڃائِڻُ:** ڪاريت وڃائڻ– اعتبار ڪوهڻ– بدناموسي ڪرائڻ.

– **لَـڄِجَڻُ:** شرمسار ٿيڻ– حيائجڻ– ڦِـڪو ٿيڻ– شرمندو ٿيڻ– لڄي ٿيڻ– پشيمان ٿيڻ– ڪکو وکو ٿيڻ– هکو ٻکو ٿيڻ– شرم يا ڦڪائي محسوس ڪرڻ.

– **لَـڄَ جو ڏاڍو ٿيـَڻُ:** بي حياءُ ٿيڻ– بي شرم ٿيڻ– نِرلَـڄو ٿيڻ.

– **لَـڄَ رَکَـڻُ:** عزت رکڻ– حياءُ رکڻ– شرم رکڻ– آبرو رکڻ– عزت ڪرڻ. ڪنهن جي پت رکڻ. رُسوخ قائم ڪرڻ.

– **لَـڄَ رهت:** ذ . صفت. بي حياءُ – بي شرم – بي نَـڪو– بي ديدو.

– **لَـڄَ ڪَرَڻُ:** حياءُ ڪرڻ– شرم ڪرڻ – حجاب ڪرڻ.

– **لَـڄَ ڪِنديَـلُ هَـئَـڻُ:** پاڻ ۾ تورو ناتو هئڻ– لاڳاپو هئڻ.

– **لَـڄَ کهوکهو ڏِيـَڻُ:** غيرت اچڻ– شرمندو ٿيڻ.

– **لَـڄَ لاهِڻُ:** بي حياءُ ٿيڻ– حياءُ يا شرم وڃائڻ– بي شرمو ٿيڻ.

– **لَـڄَ لِيهـَ ڏارَڻُ:** حياءُ ڪرڻ– شرم ڪرڻ.

– **لَـڄَ ۾ سُـسِـي وَڃَڻُ:** ڏاڍو شرمسار ٿيڻ– حياءُ ۾ ٻُڏي وڃڻ– پنهنجي ڪيل ڪم تي پڇتائڻ– شرم ۾ مري وڃڻ.

– **لَـڄَ وڃائـِڻُ:** حياءُ يا شرم وڃائڻ.

– **لَـڄَ وَڪـِيو:** ذ . صفت. بي حَياءُ– بي شرم.

– **لَـڄَ وَندُ ج لَـڄَ وَندَ:** ذ . صفت. لڄارو – حياءُ وارو– شرم وارو– شرمالو– شرمائتو – لڄهڙو– شرميلو– مُنهن اچڙو– ادب وارو – مرحات وارو.

• **لڄا ج لَـڄائـُون:** ث. لَـڄَ –حَياءُ–شرم –مرم –مرحاتا–لَـڄَ.

• **لَـڄاوانُ ج لَـڄاوانَ:** ذ . صفت. مرحات وارو– حياءُ وارو– حيادارُ.

– **لَـڄـُون لـٽَڻُ:** ٻين جي عورتن جي عصمت دري ڪرڻ.

– **لَـڄَهڙو ج لَـڄَهڙا:** ذ . صفت. لڄارو – لڄوند– حياءُ وارو – شرميلو– منهن اچڙو.

– **لَـڄَـئُـون ڪَـڄَـئُـون(ث):** شرم ڪان – لڄ سبب. لڄ ۽ ننگ جي مجبوري جي ڪري.

Gul Hayat Institute

**لَجَنُّون ڪُلَجَنُّون:** حق ناحق—طوعاً و ڪرهاً—خوشي ناخوشي.

**لَـجِي ج لَـجِي:** ذ . صفت. شرمندو— شڪي — ڦِڪو— شرمسار— هَڪو ٻَڪو— ڪِڪو وڪو— پشيمان.

**لَـجِي ٿِـيَڻُ:** ڦِڪو ٿيڻ— حياءُ ڪَرڻ— شرم— ڪرڻ— شرمندو ٿيڻ— خجل ٿيڻ— هڪو ٻڪو ٿيڻ— پشيمان ٿيڻ.

• **لَـجارو ج لَـجارا:** ذ . صفت. حياءُ وارو— شرميلو.

- **لَـجاڙو ج لَـجاڙا:** ذ . صفت. شرميلو—لڄ ڪندڙ. لڄاهَڙو.

- **لَـجالـُو ج لَـجالا:** ذ . صفت. لڄ شرم وارو.

- **لَـجائِتو ج لَـجائِتا:** ذ . صفت. شرم وارو— حياءُ وارو—لڄ ننگ وارو—لڄ مرجاب وارو— اشرافُ.

- **لَـجائِڻُ:** مصدر. لڄ ۾ آڻڻ— لڄي ڪرڻ — بي عزت ڪرڻ— شرمندو ڪرڻ— شرمسار ڪرڻ— (لڄائيو—لڄائيندو—لڄائيل).

- **لَـجِجَڻُ:** مصدر. شرمسار ٿيڻ— شرمندو ٿيڻ.

- **لَـجَڻُ:** مصدر. شرمسار ٿيڻ— ڦِڪو ٿيڻ —لڄي ٿيڻ—لڄ اچڻ — شرمندو ٿيڻ. (لڄيو—لڄبو—لڄيل).

• **لُجهَڻُ:** مصدر. ڦتڪڻ— لـُڇڻ— تڙڦڻ— لڦڪڻ(ٿ). وڙهڻ — ڳِچِيءَ پوڻ. خيال ڪرڻ — ڪوشش ڪرڻ.

- **لُجهَ ج لـُجهُون:** ث . بي آرامي—لوچ پوچ—ڦَـتِـڪو— تڙِپَ.

• **لـُچ:** صفت. منٻو— لـنِگڙو— منٻڪائيندڙ— لنگ.

• **لُچ ج لـُچَ(ڪ):** ذ . بدڪار— آواره— اوباش — بدچال— بداطوار— بدوضع— لـُفنگ— اٺوري — چـٽيسو— چُرٽو— ڪالينگهو— شودو— لـُچو— شاهي. شرارتي— حرڪتي— شيطان. ڪريل. رهزن. نانگو— اُگهاڙو— عـُريان— برهنـہ.

- **لـُچالـُو ج لـُچالا:** ذ . صفت. لچائيءَ وارو — بدمعاشيءَ وارو— لچن جو— بدمعاشن جو— لـُفنگن جو—لـُچڪو.

- **لـُچائِي ج لـُچائِيُون:** ث : بدمعاشي— حرڪت — شرارت— لچپائي— شودپائي— لـُچپڻ— لِيڙپائي. اٽڪل— طرز— پيد.

- **لـُچپائِي ج لـُچپائِيُون:** ث . شرارت— حرڪت— بدمعاشي —لـُچائي— حرفت— اٽڪل—طرز.

- **لـُچِپَڻُ ج لـُچِپَڻَ:** ث . بي حيائي— لـُچائي — شوداپڻ— بدچلتي — غنداپڻ— بدڪاري— بدڪرداري— بدافعالي — شرارت —فساد — بدراهي، بي شرمي — بي عزتائي.

- **لـُچُ لامبَڙُ ج لـُچَ لامبَڙَ:** ذ . صفت. بدمعاش— چور چڪار— لڄ — لـُفنگ — چـَٽيسو— ڪالِينگهو— لـُچو— شاهي. ڌاريو— اوپرو— بيگانو. دشمن. ڪتي جو هڪ قِسم.

- **لـُچُ لَمپَٽُ ج لـُچَ لَـمپَٽَ:** ذ . صفت. لچ لامبڙ.

- **لـُچڪو ج لـُچڪا:** ذ . صفت. لچي يا بدمعاش جو—لـُچن وارو.

- **لـُچوُ ج لـُچا:** ذ . صفت .(سن: لجچڪَ= لچو) ڪميڻو — بچڙو— بدمعاش — بي حياءَ — بي شرم— لـُنبُ — لوفر— لَـمپٽ— لنگو تاڙو— ڪالينگهو— شودو —لـُفنگ— چُرٽو — چـٽيسو— اٺوري —لڄ —حرڪتي — بي لنگ— اوباش — غنڊو — بدچلن— بدڪار— رندو. بدنام— خوار — گلارو— ڪار مُنهون. فتنـہ انگيز— فسادي— مٿي اگهاڙو. اوباشي.

- **لـُچي ج لـُچِيُون:** ث . صفت. بدمعاش(عورت) — شرير— شودي — رهزن. خميري واري ماني جو هڪ قسم. گيهہ ۾ تريل هڪ سنهون ۽ ننڍو ٽڪلو— لولڙو.

- **لـُچِيالو ج لـُچِيالا:** ذ . صفت. بدمعاشيءَ وارو — ڪمينپ وارو — بدچاليءَ وارو. پـَڙوَتَ— لچائي— لچپڻ— بدمعاشي— شودائي—لچيائي.

• **لِـچَ ج لِچون:** ث . لچڪر—لوڏو— ڏوڏو.

• **لِچائِي ج لِچائِيُون(ت):** ث . اَٽاٽِ — اَڻ هوند— گهٽتائي— ڪَمي—قحط.

• **لِچِنُ ج لِچِنَ(ڪ):** ذ . صفت. لـِڳدار— چنبڙندڙ.

• **لُچِڪَ ج لُچڪو يا لـُچَڪَ:** ث . مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **لَـچِڪَڻ ج لَـچِڪَٽِيُون:** ث . سخت گرمي.

• **لچِڪَڻُ:** مصدر. لـُڏڻ— اُلڙڻ — لَمڻ— جهُڪڻ— مُڙڻ— ورڪائڻ— هلڻ— هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ— ڏڪڻ— ٽڙڪڻ— ڪَنبڻ— ڏُڏڻ. لرزڻ(لچڪيو، لچڪندو، لچڪيل).

- **لِچَڪَ ج لِچَڪُون (لـٿ):** ث . لوڏ— جهـُڪ— چيلهہ ۾ ور پوڻ جي حالت. لرزش—جُنبش—جهٽڪو—چِڪ—ضرب—هِچِڪي.

- **لِچڪائِڻُ:** مصدر. جُنبش ڏيڻ— هِلائڻ— لوڏڻ— ڏوڏڻ— لَرزش ڏيڻ.

- **لِچَڪَ جهوڙڻ(ٿ):** خرچ ۾ وجهڻ— اجايو مصيبت ۾ ڦاسائِڻ.

- **لِچِڪَدارُ ج لِچِڪَدار:** ذ . صفت. لچڪيوارو—لچڪٽو— لچڪيدار— لچڪ وارو. ڦرندڙ گهرندڙ— نـِويل— مـُڙيل. چيڙه وارو. انگهندڙ.

- **لِچِڪٽو ج لِچِڪٽا:** ذ . صفت. ورندڙ— مڙندڙ — لچڪيدار. زيبائتو— ناهوڪو— نزاڪت وارو.

- **لِچِڪو ج لِچِڪا:** ذ . لوڏو— هِچڪو— جهٽڪو — جـُنبش— لرزش. ڦيرو— وَرُ— وڪڙ— وَٽُ. ضرب— ڏَڪُ.

Gul Hayat Institute

– **لِچِڪو ڪائڻُ:** لوڏو ڪائڻ– ڏيڏو ڪائڻ. مُڙڻ – وَٽُ ڪائڻ. ڦيرو ڪائڻ.

– **لِچِڪِي وِڃَڻُ:** وَرُ ڪائڻ– ڦيرو ڪائڻ– وَٽُ ڪائڻ– مُڙي وڃڻ. هِلِي وڃڻ– لرزجي جُنبش ڪائڻ.

• **لَچَڪَڻُ:** مصدر. ضعيف ٿيڻ. لُڏڻ.

• **لِچِلِع ج لِچِلِعُون:** ث . لچڪڻ جو آواز– آڪڙڻ جو آواز. هلڻ جو آواز– لوڏي جو آواز.

• **لِچَڻُ:** لُڏڻ– لِچڪڻ– ڏَڪڻ– ڪَنبڻ. ڊڄڻ– خوف ڪائڻ– هراسجڻ. ترڪڻ– ڪسڪڻ– موٽڻ. چنبڙي وڃڻ يا چنبڙڻ– گڏجڻ– لڳڻ. (لچيو– لِچيندو يا لِچو– لِچيل).

• **لِچَڻُ(ڪ):** ذ . گاهه جو هڪ قسم.

• **لِچِٽِي:** ث . اسم خاص. جبل جي ٻوٽي، سٽيي، منجهس اڻ ڏسڻ جهڙا ڪنڊڙا، نمونيا جي بيماريءَ ۾ گهوٽي پيارجي. (ن– ب).

• **لِچو ج لِچا(ڪ):** ذ . بندوق جو ڪان، ”تقدير لوڏي، وڏو ڪري، هٽي لِچي سان ليٽائي“. (ل). ڏکو – نقصان– ڏَڪ. جيئن تہ ”چوپائي مال کي زبردست لچو اچي ويو آهي، چو تہ منو پاڻي ملي ئي ڪو نہ ٿو.“

– **لِچِي ج لِچِيُون(ت):** ث. ڪَچي. گهٽتائي– ڪمي. تقصير– خطا. ”شرم ڏٺي شير خان چوي، لِچيون ڪين لِکن“.

– **لِچِي پَوَڻُ:** گهٽتائي پوڻ– ڪوتي يا ڪمي ٿيڻ. رندڪ ٿيڻ.

• **لِچ ج لِچُون:** ث . ٿورو حصو– ذرو– هَوَ– قدري– معمولي– ڪي ڪَچُ. ٿوري شيءِ يا مائٽي يا تعلق وغيره.

– **لِچَ لائِڻُ:** فائدو رسائڻ– ٿورو ڪرڻ– احسان ڪرڻ. لائق ڪرڻ.

• **لُچَ ج لُچُون:** ث . بي آرامي– لوچ پوچ– لُچ پُچ لُچڪارو– لُچڪو– تڙپ– بي تابي– آنڌ مانڌ– بيقراري– ڦٿڪو– بي چيني– درد ڪان اُٿ ويهه– لُچ پُچ.

– **لُچڪارو ج لُچڪارا:** ذ . بي آرامي– لوچ پوچ– ڦٿڪو– آنڌ مانڌ– لُچ پُچ– درد جي آزار ڪان اُٿ ويهه– بي قدري– بي تابي– بي چيني.

– **لُچڪو ج لُچڪا:** ذ . بي آرامي– لوچ پوچ– آنڌ مانڌ– لُچ پُچ– بيقراري– ڦٿڪو– لوچ.

– **لُچِ پُچِ:** ث . ڦٽ ڦٽ– لوچ پوچ– ڦٿڪو– سخت حسد– ساڙو– بغض.

• **لَچَڪَ ج لَچَڪُون (ٿ):** ث . صفت. سهڻي– حسين عورت – خوبصورت– دلڪش عورت.

• **لَچِ لَچِ(ل):** ث . نُوس نُوس– در در ڦرڻ جي حالت.

– **لَچِ لَچِ ڪرڻُ(ل):** دردر ڦرڻ– نوس نوس ڪرڻ.

• **لَڇمِي ج لَڇمِيُون:** ث . (پرا. لَڇڇي. سن. لڪشم = ڏسندڙ. ٿاهيندڙ) سدوري – مراد وند– سُگهڙ. دولت جي ڏياڻي– اقبال جي مالڪياڻي. دولت– ثروت– مال – زر– ڌن – مايا– دنيا. خوبصورتي– سُندرتا– حسن جمال.

– **لَڇمِي گهَرَ ۾ اَچَڻُ:** ڌن دولت جو گهر ۾ اچڻ– ڪنهن اقبال مند جو گهر ۾ اچڻ. گهر ۾ سياڳي نينگريءَ جو پيدا ٿيڻ. اقبال وڌڻ.

• **لَڇَڻُ ج لَڇَڻَ:** ذ . (سن . لَڪشَڻُ = گُڻ) عادت– چال– خصلت– اَرڪان– افعال– شيوو– پِرَ– 7ُوءِ– رَوَش– ڍنگ– طور– طريق– لَلُ– ڪرِ– رنگ ڍنگ– سُڀاءُ – سيرت – ڪردار – عمل اعمال– شعور – اوصاف. اخلاق – خوبي – خاصيت– دستور – ڪرتوت– اُهڃاڻ– عيب– اوگڻ. ڪيفيت– حال – حالت. تعريف– توصيف– وصف. گاهه جو هڪ قسم.

”سوين سَرَ گاه ساماڻا، لَڇَڻَ لنب ۽ لُلر لاٿا“.(احمد ملاح).

• **لُڇَڻُ:** ڦَٿڪَڻ – بي آرامي ٿيڻ– بيقرار ٿيڻ– سُورَ ڪان بي تاب ٿيڻ– دانهون ڪرڻ– پڇڻ–ڪامڻ– ولوڙجڻ– ڇاڇولجڻ– لَڦڪڻ– تڙپڻ.

– **لُڇَڻُ نہ ڪُڇَڻُ:** جهڄڻ ۽ جهوري سَهڻ پر دانهن نہ ڪرڻ، بره جي باهه ۾ صبر سان رهڻ.

• **لَڇو ج لَڇا:** ذ ڏِگهين لَڙهين سان ايرنگن وانگر ڪنن جي هڪ زيور يا ڳهه جو هڪ قسم.

• **لِحَاظُ ج لِحاظَ:** ( ع). خيال– ڌيان– پاس خاطر– سانگو– رَکِٽِي– مروت – عزت – ادب – تسليم– سنمان– هاءِ ياءِ – اورانيو– حجاب – پردو – پرهيز – احتياط – اجتناب – دوستي – سنگت – شناسائي.

– **لِحَاظُ رَکَڻُ:** خيال رکڻ– ڌيان رکڻ. ادب ڪرڻ– عزت ڪرڻ. خيال رکڻ– احتياط ڪرڻ. دوستي رکڻ– محبت.

– **لِحَاظ ڪَرَڻُ:** مروت سان پيش اچڻ. پردو ڪرڻ– حجاب ڪرڻ– مُنهن لڪائڻ. پرهيز ڪرڻ. خيال ڪرڻ – ڌيان ڪرڻ.

– **لِحاظَ وارو:** ذ . صفت. بامُرُوت– مُرُوت وارو– حياءُ وارو– لياقت پريو –خليق. ملاقاتِي– آشنا– دوست– ڄاڻ سڃاڻ –واقف.

• **لِحَافُ ج لِحافَ:** ذ . ( ع . لحَاف> لَحفَ = سَوَڙَ، پٽراڻي) سَوَڙ– رضائي– رات جو مٿان وجهڻ لاءِ ٽلهي چادر. غلاف – پوش– ڍَڪُ.

• **لِحَافائِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

– **لَڙهو هَٽَڻُ(ت):** ڪوڙ ڳالهائڻ– ٻناڪون هٽڻ– ڏنو هٽڻ– گشو ختڻ– لاف هٽڻ.

– **لَڙهي ۾ هلَڻ(ت):** تڪڙي وک سان هلڻ.

• **لَڙهِي ج لَڙهِيُون:** ث . (سَن. بَتشٽ = قطار)هار– سَنگهر– لڙهہ– سَر– موتين سان پُوتل ڏاڳو. (ل). لانڊي يا چونري جي ڪنڌيءَ کي ٻڌل سنهيون ڪائيون. وڻ جون ٽاريون يا ڏار. سنهي ڪاٺي– چينيو– لڪڻ– چڙ. (ت). پرِيل وک سان اُٺ جي هلڻ جو هڪ نمونو.

– **لَڙهِي لائڻُ:** مينهن يا برسات جو لڳاتار پيو وسڻ– گهڻو مينهن پوڻ.

– **لَڙهِي وارو(ت):** ذ . پنهنجي ٽوليءَ جو ماڻهو.

• **لَڙِي ج لَڙِيُون:** ث . لڙهي– قطار– سَرَ– صِفَ– هار– مالها– پُوچ– پُوتَ– سڳو– ڏاڳو– ڏورو.

• **لِڙَ ج لِڙُون:** ث . صفت. (سن. لِڪشا) سنهڙو– اپرو– لاغَر– ڪبَڻُ– ڏٻرو– ڊِانگُ– رڳارو– پتلو – مَهِينَ– سُوڪيم– باريڪ– ڪاغذي هلڪو. نرم– ڪونئرو – ڪنئرو. نازڪ بي همت– بي زورو– ڪم همت – تيج هيڻ– ري همت– ليلهڙ– لانجهو – بي پاڻيو– نِستو– ضعيفڙو. ڏرو– ڪي ڪچ– قدري – ٽورو.

– **لِڙو ج لِڙو:** ذ . صفت. ڪمزور– بي زورُ–نِرٻل– درٻَل– بي طاقت. نِروڙو.

• **لِڙُ ج لِڙَ(ڪ):** ذ . ٻڪريءَ جو تازو ڄاول ڦر. ننڍو ڦر. نرم – نازڪ – ڪُومل.

• **لَسَ ج لَسُون:** ث . (سن. لَس= چمڪڻ) جهرُ– ڪارا ڇانيل ڪڪر– جهڙالو. درياءَ جو ٽانگهو پاڻي– پاڻيءَ جي لَس ليٽ– سَطح– آڄَ– ڇَر. لَساڻ– لَسائي– برابري– چڪنائي– سِڌائي– هڪجهڙائي – سنئين يا لَسي زمين. مادري ٽور. لَسو پَٽُ. واريءَ جو ڊِير– پِٽَ. ڪوهہ جي مالهہ جو هڪ قسم. چور ڳَپَ– وڪِر. ٻنان ڇٽي بندوق وغيره. ڏاٽي جي نموني اوزار جو هڪ قسَم– لَسِي(صفت). بيشمار– گهڻا – هڪٻئي مٿان– هڪٻئي پٺيان– اڻ ڳڻت– اڪيچار– ٻَڙ ڍيرو– ڳچ – ڪيئين– جام– انيڪ– ڪيترائي – گهڻائي (ظرف). جاري – تڪو– سِڌو– صاف– بنا اٽڪ– لسو– سنئون. (اسم خاص) لس ٻيلو ملڪ ۾ شهر. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

– **لَساڻ ج لَساڻُون:** ث . لَسَ– لَسائي. ٽار ڪيل زمين.

– **لس پيشاني:** ڪميت يا مشڪي گهوڙي، جنهن جي پيشانيءَ تي ڪو بہ نشان نہ هجي.

– **لَسَ لائڻُ:** قطار ٺاهڻ– ٻَهيڙَ ڪرڻ – سلسلو ٺاهڻ– ڪِرمُ ڪرڻ– لاڳيتائِي ڪرڻ. گهڻي ڪوشش ڪرڻ.

– **لَسَ– لَنگهَڻُ:** بنا جاچ جَوچَ لنگهي وڃڻ– بنا خيال يا سوچَ ويچار جي هليو وڃڻ.

– **لَسَ ليٽَ:** ث. هڪ ٻئي پٺيان ليٽندڙ يا موٽندڙ.

– **لَسَ نِيَڻُ:** وهٽ تڪا هڪلي وڃڻ.

"ليڙا لَسَ نيڻ، اُٺ تِڪا ڪاهي وڃڻ."

لَسَ ٻيلي ڏانهن وٺي وَڃَڻُ.

– **لَسَ هُجَڻُ:** گهاٽو جهڙُ هُجڻ. سِڌو هجڻ.

• **لُسُ ج لُسَ:** ذ . صفت. خُسِرو– ڪسرو– ڪُس– گنجو– ٽُرڙُ– بنا ڏاڙهي مُڇ وارو. (ل). ٻُچِي– بي نَڪو– بي ديدو.

– **لُسِرو ج لُسرَا:** ذ . صفت. ٻُچِي – ڪُس– ڏاڙهي نہ هئڻ جي حالت. بي سرويا.

• **لِسان ج لِسانُون:** ث . (ع. لِسان= جِڀَ) جِڀَ– زبان. ٻولي – ڀاشا– لُغَت.

– **لَسائِڻُ:** مصدر. (سَن. لَس= چمڪڻ) لَسو ڪرڻ– لس ڪرڻ– چمڪائڻ– چلڪائڻ. (ڪپڙي کي) استري هڻڻ. (زمين) سندرڻ. لسو محسوس ٿيڻ– لسو لڳڻ.

– **لَسائِي ج لَسايُون:** ث . (سن. لَس= چمڪڻ)لَساڻ– صفائي – سِڌائي– سنوت. چَمڪ– چِلڪو.

• **لَسَ ٻيلو:** اسم خاص. سنڌ جي اولهہ ۾ بلوچستان جي هڪ ڀاڱي ۾ شهر جو نالو.

• **لَستَ ج لَستُون:** ث . (ع . لَذ= هن مزو ورتو) لذت– مزو– سواد– چشڪو.

– **لَستِي ج لَستِي:** ذ . صفت. لَستَ وارو – لذتي– سوادي – مزيدار– چَهِرو– چشڪيدار– لذت وارو– وڻندڙ– لذيذ.

• **لَسرَ:** اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **لسِرڪو ج لَسِرڪا(ت):** زور سان آيل گَهَڪو– رَهڙڪو– رَهڙ.

– **لُسِرو ج لُسِرا:** ذ . صفت. ٽلهو– زور وارو– طاقت مند.

– **لُسِرو ٿيڻُ:** طاقت وارو ٿيڻ– ٿُلهو ٿيڻ.

• **لُسري ج لُسريُون:** ث . ٢٧ تولن جي سون جي ٽلهي شيخ– سون يا چانديءَ جو ننڍو ڊگهو ٽڪر يا ڳنڍو. سيتارامي سون– سونِي سِرَ– ڏَنگِي.

• **لَسڙاٽُ ج لَسڙاٽَ:** ذ . صفت. ننڍي عمر وارو جوان– ڳڀرو– لاسيارُ– سهڻو نينگر.

Gul Hayat Institute

– بي شرم – لُچ – بدمعاش – بي ايمان – لوفر – گاندو – بزدل. بي همت – ڊڇڻو – سُست – بيڪار – ڪوچڙ – ڪم چور. ٽوڪبازيءَ جو هڪ لفظ.

"اشراف لاءِ اڄ ڪلهه آزار اُهڪ آهه،
ٽرڙا تلن ٽپن تا لوڻيا لـَغور لـُوف". (فاضل شاهه).

• **لَغيرَ:** اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لِفَ ج لِفـُون(ٽ):** پاڻيءَ يا گند سان ڀريل هڪ ڦرڙي – ڦوڦيندو – ڦوڪٽو.

• **لـَفا(ڪ):** ث. لـَباڙ – ٻـَڻاڪ – لافَ – بـَڪوات.

• **لَفا هَڻَڻُ يا لـَفّا هـَڻَڻُ (ڪ):** لباڙون هڻڻ – ٻڻاڪون هڻڻ – گشا هڻڻ.

• **لِفافو ج لِفافو:** ذ. ( ع. لـَف = هـُن ويڙهيو) ڪاغذ جي ٿيلهي – ڪنهن خط جو پوش يا ڍَڪڻ – ڳوٿري – ڪاغذ جو غلاف – پوش – ڪـَوَرُ.

• **لَفظُ ج لـَفظَ:** ذ. (عن. لفظ) حرف – اکر – ڪلمو – ٻول – چـَولِيَ – ڳالهه – منهن مان ٻاهر نڪتل اکر. وَچـَن – انجام – ٻول – قرار – گار گند( هن لفظ ڪڍيا).

– **لـَفظا:** ظرف اکر بہ اکر – حرف بہ حرف – لفظن ۾. لفظن موجب.

– **لَفظُ بہ لـَفظُ:** اکر بہ اکر – اهڙي جو اهڙو – حرف بہ حرف – هوبهو – جيئن جو تيئن – ساڳيو.

– **لـَفظِي ج لـَفظي:** ذ. صفت. اصلي – حقيقي – نيڪ. لفظن جي – لفظن جو – تحت لفظي – لـُغـَتي. لفظي بحث – لفظي تڪرار.

• **لـُفَنگُ ج لـُفَنگ:** ذ. صفت. لـُفنگو – ڪمينو – اڊنگو – بدمعاش – لـُچو – لوفر – شودو – غـُندو – اوباش – نڪار – بدخصلت – بداخلاق – بدڪردار – بي فضيلتو – بد اطوار – بي غيرت – بي ننگو. رولـُو. رولاڪ – رولـُو چولـُو – رولاڙ. لاف زن – ٻڻاڪي – گشائي – ڊاڙي.

– **لـُفَنگو ج لـُفَنگا:** ذ. صفت. ڪمينو – بدمعاش – اوباش – لـُچو – لـُفنگ – بي شرم – نڪار – بي فضيلتو. رولاڪ – رولـُو چولـُو.

• **لـَفو ج لـَفا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **لِڦَ ج لِڦـُون:** ث. گهٽي ڪم ڪرڻ ڪري گاٺ يا گـَهـَڪي ڪاٺ تي پيل ڦوڪٽو – ڦلوٽو – ڦلوڪٽو – ڦلٽو – ڦوڦيندو – لِف – نـِڦَ.(ڪ). بـَڪَ بـَڪَ – اجايو ڳالهائڻ – بڪوات – بڪواس.

– **لِڦُون لِڦـَڻُ(ڪ):** گندو ٻولڻ يا ڳالهائڻ – گاريون گند ڪرڻ – بـَڪوات ڪرڻ. اوجهه اوتڻ.

• **لِڦجَڻُ:** گند ۾ ڀرجي پوڻ.

• **لَڦِرِي ج لـَڦِرِي(ٽ):** ذ. صفت. ٻـَڻاڪي – ٻڻاڪ هڻندڙ – لاف زن – ڊاڙي.

• **لـَڦَـوُ ج لـَڦَـوَ:** ذ. صفت. ڦداور. ڪنن ڊگهو. بد عادتو – بداطوار – بي فضيلتو.

• **لـِڦِڙ(ڪ):** ڀاڄيءَ جو هڪ قسم.

• **لِڦِڙِي ج لِڦِڙِي:** ذ. صفت. بي طاقت – ٻل هِيڻ – درٻل – ڪمزور – هيڻو – ضعيف – ڏٻرو. رس – عرق.

• **لـَڦسِي ج لـَڦسِيُون(ٽ):** ث. ڪٽڪ جي ٻاٽ، گيهه ۾ ڀُڄي، ڳُڙ ملائي ٺاهيل ڪاڌي جو هڪ قسم.

• **لـَڦـَڪائـِڻُ(ٽ):** مصدر. لوڏڻ – ڌوڏڻ – ڏُڏڪائـِڻُ.

• **لـَڦـَڪَڻُ:** مصدر. لـُڇڻ – ڦٿڪڻ – تڙپڻ. ڏڪڻ – ڪنبڻ – ڏُڏڪڻ.

• **لـَڦَ لـَڦَ:** وڏا ڦڪ هڻڻ.

• **لـَڦـَڻُ:** مصدر. لـَڦ لـَڦ ڪري کائڻ – وڏا ٽڪڙا گراهه ڪٽي وات ڀرڻ – سيڪي کائي وڃڻ.

• **لـَڦـَڻُ(ڪ):** مصدر. ٿـَڦـَڻُ – راڳو ڏيڻ.

• **لـِڦو ج لـِڦا(ل):** ذ. صفت. پـَهو ڏندن ڀڳل (ماڻهو).

• **لِڦوٽي ج لِڦوٽيُون:** ث. رات جو اوڍڻ جي اوڇڻ جو هڪ قسم – سوڙ – رَلِي – گودڙي – رضائي – اوڇڻ – پٽراٺي – جيري.

• **لـَڦِي وڃَڻُ:** پورو ڪري وڃڻ – ختم ٿي وڃڻ.

• **لقا ج لقا:** ث. ذ. ديدار – نظارو – ڏيکاءُ – اسرار. صورت – شڪل – لقاءُ.

• **لـَقاپُور:** ذ. (تصوف جي اصطلاح ۾) اهو هنڌ يا مڪان جتي محبوب جو ديدار ٿئي – اهو مڪان جتي سدائين سوجهرو آهي ۽ اونده اصل ڪانهي – لقا وارو (هنڌ) "لنگهه لقاپور ڏانهن" (پـَر لـَڪا – لـَڪا = لقا) سوماطرا جي ساموندرا رياست جي گادي جو هنڌ. پرلڪ يا پرلڪا جتي جي سون ۽ ٻئي پرڏيهي واپار مان وڏو نفعو حاصل ٿيندو هو.

• **لِقاءُ ج لِقاءُ:** ذ. ( ع) ديدار – درشن – ملاقات. نظارو – چهرو – صورت – لقا.

• **لـَقَبُ ج لـَقَبَ:** ذ. ( ع. لـَقبَ = هـُن عنوان ڏنو) اهو پوءِ ڏنل نالو جنهن مان تعريف يا مذمت جو مطلب نڪري – عزت وارو نالو – صفتي نالو. حڪومت طرفان ڏنل خطاب امير الامراءَ وغيره.

– **لقبُ لائڻُ:** لڄائـِڻُ – ٽـِڪو لائڻ – عيبدار ڪرڻ – عيب لڳائڻ – گلا ڪرڻ – بدنام ڪرڻ.

"کهڙو لقب ڏيرن ڪي لايان"

Gul Hayat Institute

• **لَڪِڙ:** ث . ڊگها تارا— وڏيون لڪڙيون — لٺيءَ جون ڪاٺيون (جن سان ڪنڌي ٺاهيندا آهن) ڪاٺين جي ٺهيل پٽ يا پناهه.

• **لَڪڙ ج لَڪڙُون:** ث . ڊڪڻ يعني واڍن جي هڪ اوزار جو نالو— چار يا پنج فوٽ ڪاٺيءَ ۾ ڏورو يا نوڙي ٻڌي سيرائي ڦيرائڻ لاءِ ڪم ايندڙ اوزار. ڏنوڻ يا ڏمڻ ڪي ڦوڪڻ يا ڏمڻ لاءِ هڪ وڏي لَٺ.

• **لَڪڙُ ج لَڪڙَ:** ذ . لاڪُڙ جي ٺاهيل جهُوپڙي— لَڪڙ— لاڪِڙ— ڳاهڻُ. لڪڻ— بيد— چابڪ— ڪاٺي. ٽنگ ڪيندڙ سيرائيءَ جو ڳن.

• **لَڪڙا(ج):** ذ . هندن جو سڙيل مردو— مردي ساڙڻ لاءِ ڪم ايندڙ ڪاٺيون— لونڪا.

• **لَڪڙا ڏيڻُ:** (مُردي کي) ساڙڻ— جَلائڻ— پسم ڪرڻ.

• **لڪڙو ج لڪڙا:** ذ . سن . لگد= چڙهو) ڪاٺي— لڪڻ— چينيو— لٺ— چڙهه— لوڙهه— عصا— ڏُڪو— ڏنڊو— گهوٻاٽو. اختياري —حاڪمِي. (اسم خاص). تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

— **لڪڙيارِي:** ث . (سن. لگَد= چڙهو)لڪدار— سنهي نازڪ.

— **لڪڙيُونَ وجهڻُ:** جاءِ ۾ پٽرن جي بدران وٽن جون سڌيون لڪڙيون ڪَپي هڻڻ.

— **لڪڙِيءَ کي سلام ڪرڻ:** لَڪڻ آڏو جهُڪڻ —اختياريءَ کي مڃڻ.

• **لُڪڙي ج لُڪڙيُون:** ث . ڳِچيءَ يا لُڪيءَ ۾ پائڻ جي ڳهه جو هڪ قسم —لُڪِيءَ ۾ سون يا چانديءَ جو ٺاهي پاتل پٽلو يا ٻِلو.

• **لڪڙِي جاگِير:** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لڪ لُڪ:** ث . ڪتي جي چٽڻ يا پاڻي پيئڻ جو آواز— لبڪو —چٽڪو.

• **لُڪندرُ ج لُڪندر(ل):** ذ . صفت. لُچ— بدمعاشُ— ٺرڙو— اڍنگو— بد فضِيلتُ.(مقبول).

• **لَڪَڻُ:** مصدر. چٽڻ — لڪي وڃڻ— چٽي وڃڻ— لپ لپ ڪري (ڪاڏو) ڪائڻ. ڪڪ ٿيڻ— دق ٿيڻ— بيزار ٿيڻ— تنگ ٿيڻ. (لڪيو— لڪيندو— لڪيل).

• **لَڪُڻُ ج لُڪُڻَ:** ذ . (سن. لگَد= چڙهو) هٿ ۾ جهلي هلڻ جي چڙهِي— لٺ— بانٺو— ڪاٺي— عصا— ڏنڊو— ڏُڪو— چهبُڪ.

— **لڪُڻ لڳڻ:** ميار ملِڻ— خواه مخواه ڏوهه ڏرجڻُ.

• **لِڪڻُ:** مصدر. لِڪي وڃڻ— ڇپڻ— گُم ٿي وڃڻ— روپوش ٿيڻ— پوشيدو ٿيڻ— لُڪڻُ— ڳجهو رهڻ. (لِڪيو— لِڪندو— لِڪل).

— **لِڪِي ڇپِي وڃڻ:** مخفِي طرح وڃڻ— چوريءَ چوريءَ وڃڻ.

• **لُڪڻ:** مصدر. لِڪڻ.

— **لڪائِي ج لڪائِيُون:** ث لڪايل.

• **لِڪو ج لِڪا:** ذ . ڪانگ — ڪانءُ. ڪانءَ ڪي هڪلڻ جو آواز. لَڪَڻ جو ماضي. ڇپيو— گم ٿيو.

• **لُڪو ج لُڪا:** ذ . سوراخ— ٽُنگ— ڏَرُ— لوگهو. لَهڪو— سَٽَ— جُنبش. ڊگهي پُڇَ واري پکيءَ جو هڪ قسم.

• **لِڪوڙ ج لِڪوڙَ:** ذ . صفت. ٽوٽي— ڪاهل — هڏ رکو— سيلو سات— ڪم چور—سست— ڪم نہ ڪندڙ.

• **لڪِي ج لڪِيون:** ث . جبل جو لنگهه— ڪنهن ٽڪريءَ تان گهڙيل واٽ— سوڙهو پيچرو— رستو. مشڪل جاءِ. ڳڙڪِي— سوراخ. (اسم خاص) هڪ جبل جو نالو. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لُڪِي ج لُڪيُون:** ث . ڳچيءَ جو هيٺيون حصو — نرگهٽ جو مُنهن— ماٿهوءَ جي ڳچيءَ جي پڇاڙيءَ وٽ کڏ— ڳاٽ واري کڏ— نِڙي — ڳچي. سوراخ— ٽُنگُ— خال. مال جي بيماريءَ جو هڪ قسم. (ت).

— **لُڪِي ڪاٽِڻُ:** اندر سڙڻ— ڏُک ٿيڻ. ارمان ٿيڻ— افسوس ٿيڻ.

— **لُڪِيءَ ۾ ساهه هُجڻ:** ٿورو ساهه هُجڻ— آخري گهڙيءَ ۾ هئڻ— مرڻينگ حالت ۾ هئڻ— سڪرات ۾ هئڻ— مرڻ وارو ٿيڻ. تمام ضعيف ۽ ڏٻرو هئڻ.

• **لَڪياري:** اسم خاص. سنڌ جي سيدن جي هڪ قبيلي جو نالو. (جن جا وڏا لڪيءَ جا رهاڪو هئا).

• **لَڪِيرَ ج لَڪِيرُون:** ث . لِيڪَ— سِٽَ. پيروي — تقليد— نقش قدم— ٻئي جي پٺيان هلڻ واري حالت — پيروي ڪرڻ واري حالت.

— **لَڪِيرَ جو فَقِيرُ ٿِيَڻُ:** انڌي تقليد ڪرڻ— اجائي پيروي ڪرڻ— اک ٻوٽي مريد ٿيڻ— اکيون ٻوري ٻئي جي پٺيان هلڻ— قدامت پرست بنجڻ.

• **لَڪَ ج لَڪُون:** ث . (سن. لَڪش)خبر — جاچ — شناخت— سُرت— سُجاڳي— سوچيتائي— سُچيتي— سمجهه— ڪَلَ— گَرَ— سماءُ — سُڌ— ڏاهه— معرفت— سڪ— پروڙ— ڄاڻ— معلومات — علم راز— حقيقت— پرک— سارَ— نظر. آتما. خط— نشان.

"ڊِڳيءَ جا لَڪَ پارَ ڪهڙا آهن."

— **لَڪَ پَئجِي وَڃَڻُ:** خبر پوڻ— حقيقت معلوم ٿي وڃڻ. يادگيري پوڻ.

Gul Hayat Institute

– **لَکَ وجهَڻُ:** (ٻکريءَ کي) خط وجهڻ يا نشان ڪرڻ.

• **لَکَ ج لَکَ:** ذ . صفت. هڪ سؤ هزارن جو گڏيل عدد– هڪ ايڪي کي اڳيان پنج ٻڙيون ڏنل انگ– ڳڻڻ جو هڪ انگ. گهڻو– جهجهو. ڪيترو– ڪيتروئي– ڪيتري قدر.

– **لَکاپَتِي ج لَکاپَتِي:** ذ . صفت. لکن جو مالڪ – شاهوڪار– امير – لکا پتي– هوند وارو– گِڙنگ– آسودو– سيٺ– سکيو– سرسبز.

– **لَکاپَتِي ج لَکاپَتِي:** ذ . صفت. لکن جي ملڪيت وارو– لک روپين جي حيثيت وارو– نهايت امير– دولتمند– ڏن پتي.

– **لَکَ تي ڏِيو ٻرَڻ:** وڏو شاهوڪار هئڻ يا ٿيڻ– دولتمند ٿيڻ.

– **لَکپالُ ج لَکپالَ:** ذ . صفت. لکن کي پاليندڙ– رازق– خدا جو هڪ صفاتي نالو.

– **لَکَ تي مَٿو ڏوڻَڻُ:** هٿ اُڇل ڪرڻ– فضول خرچڻ– اجايو هٿ ڦاڙ ٿيڻ.

– **لَکپَتِي ج لَکپَتي:** ذ . صفت. لکن روپين جي سرمايه وارو– لکاپتي– لکي– لکيسري– لکاپتي– لکن جو مالڪ– شاهوڪار– دنيادار– تونگر– جوڀ.

– **لَکَ لٽائِڻُ:** گهڻي سخاوت ڪرڻ بي ڍنگو يا فضول خرچ ڪرڻ.

– **لَک لَعنَت:** ث . گهڻي ڦٽڪار– نفرت.

– **لَکَ لٽ ج لَکَ لٽَ:** ذ . صفت. لکين رپيا خرچي ڇڏيندڙ– ڏاتار– سخي. (حاتم جهڙو) دريا دل– داني پُرش– اُدارتا– فياض. اجايا لک لٽائيندڙ– اجايو– اڍنگو– بوالفضول– گهڻ خرچو– هٿ ڦاڙ– اُڏائو– هٿ ڦاٽو.

– **لکن جو ڏاتارُ ج لکن جا ڏاتارَ:** ذ . صفت. سچُ.

– **لکِي ج لَکِي:** ذ . صفت. لکپتي– لکاپتي– لکيسري– لکاپتي– شاهوڪار– لکن جو مالڪ– دنيادار– تونگر. وڏن لکڻن وارو– وڏن ڳڻن وارو.

– **لَکيسَرُ ج لَکيسَرَ:** ذ . صفت. لکاپتي– ملڪيت وارو – لکن جو مالڪ.

– **لَکيسَرِي ج لَکيسَرِي:** ذ . صفت. شاهوڪار– لکاپتي– ملڪيتَ وارو.

• **لَکُ ج لَکَ:** ذ . نشان– پاريتو– اُهڃاڻ– ڦُنگي– ڪکرُ– ڪُڏُ– مال جي مالڪي جو نشان (مال جي ڪن ۾ پيل) چِير. ٻن ليڪن وارو وڍ.

• **لِکَ ج لِکُون:** ث . (سن. لِکشا) ذرو– ٿورو – گهٽ حصو– ذري –رَتي.

"لِکئي منجهان لِک، ذرو ضايع نہ ٿئي".

پِچڪ–لِڄ. پَل– کِن– پَلڪ– ويرم –لحظو.

"وڄُ مَ پوءِ وصال ۾، لِکَ مَ پوءِ لپاڪو".(شاهہ).

لِک– قسمت. ياڳ. نيري يا فيروزي رنگ جي (ٻُڙي لاءِ) نگيني يا پٿر جو هڪ قسم– سنهڙو مٽيو.

"لوٽي لڏن ٿيون لعل لِکون، چوٽيءَ چوڏار چمڪ ٽڪون"

(محمد خان ٽالپر)

(ڪن جي) ڳهہ جو هڪ ياڳو.(سر يمن ڪلياڻ– گر). فيروزو. چـَرُ(موچين جو اصطلاح). پکيءَ جو هڪ قسم.

– **لِکَ ٽِکَ ج لِکَ ٽِکُون:** ث . آئينو– آرسي.

– **لِکَ پِڇَ(ٿ):** ث . ذرو پرزو.

• **لُکَ ج لُکُون (ل):** ث . (سن. لُوڪا= لُک) لُکَ– جهولو – گرم واءُ– گرم هوا– لُوءِ– لُوهَ. اُڃَ– پياس. ڳِٽي – ڏک – فڪر– ماندائي– درماندگي– انتظار.

– **لُکن لوڏِڻُ:** ڏک وڪوڙڻ– مصيبتون اچڻ.

• **لَکا ج لَکائُون:** ث . (سن. لَکش=خبر) خبر– پڌرائي– لَکَ– سُڌ– سماءُ– معلومات –ڄاڻ"ڏک لڳو تہ لکا ئي ڪا نہ پيئي".

ڏيکاءُ–نماءُ.

• **لَکاءُ ج لَکاءُ:** ذ . (سن. لَکش= خبر)ڏسو لکا.

– **لَکاپوَڻُ:** خبر پوڻ– سڌ پوڻ– معلوم ٿيڻ.

• **لکاٽُو:** اسم خاص. رجب مهيني جو نالو. جنهن ۾ زڪوات ۽ خير خيرات ڏجي. ماٺهو جو نالو . صفت. سياڳو– بخت وارو.

• **لکاڻِ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. جنهن جا ٻہ پاڙا آهن: (١) بند پوٽا(٢) نِنداٽي.

• **لکاڻ:** ذ . صفت. (ٻارن جي) بيماريءَ جو هڪ قسم(جنهن ۾ ٻارن کي دست گهڻا ٿين).

• **لکائِڻُ:** مصدر. (سن. لکشَ) لکا ڏيڻ– ظاهر ٿيڻ– نظر اچڻ– ڏيکائي ڏيڻ– معلوم هجڻ. پڌرو ڪرڻ– ڏٺو ڪرڻ. (ڪنهن جي) خبر ڳولي ڪڍڻ– سمجهڻ– مغز ۾ (ڪا ڳالهہ) ويهارڻ. (اسم). لڇڻ– افعال– ڇيهڙُ– اخلاق.

• **لِکائِڻُ:** مصدر. تحرير ڪرائڻ– نوشت ڪرائڻ– دستاويز لَکائڻ– تحريري اقرار وٺڻ– ٻئي کان لکارائڻ– ڪتابت ڪرائڻ. ڄاڻائڻ. (ٿ). پرت پرڻ لاءِ ليڪا ۽ گـُل وغيره ڪپڙي تي ڪڍائڻ.

Gul Hayat Institute

• **لَڳلو ج لَڳلا (ل):** ذ. لڳت - جماع.
— **لَڳلو ڪَرَڻُ:** جماع ڪرڻ- لَڳُ ڪرڻ.
• **لُڳڙي ج لُڳڙيون (ل):** ث. وَجهہُ- موقعو- جهٽِي -ٻـلُ.
• **لِڳڙِو ج لِڳڙِا:** ذ. صفت. چيڙھ وارو- چنبڙندڙ. سنهڙو- نِبل لِيڙو- ڦلِڙو- ڦيڦو- هيڻو- سست- موڳو- ڍرو.(ضد. سخت).
• **لُڳڙُو ج لُڳڙا:** ذ. لباس وارو سادو ڪپڙو. پاتل ڪپڙو " لڳڙا ميرا ٿي ويا آهن" (جملو). (صفت). ميرو گندو- خراب- نِڪمو- گندو- ڪِنو- ڪچيرو. ڦلِهڙو- بي زورو- سست - موڳو- هيڻو. ڪين جهڙو.
— **لُڳڙا ٽڪرا(جمع):** ذ. ڇنل ڦاٽل ڪپڙا - ڇِهيُون- ليڙون ڇيهاڙيون.
— **لُڳِڙو ج لُڳِڙا(ٿ ):** ذ. صفت. هيڻو- ڪمزور- جنهن ۾ ڦڙتائي گهٽ هجي-لِمِڙو. (اسم). پراڻو يا ردي ڪپڙو- ميرو ڦاٽل ڪپڙو.
• **لَڳَلُ:** ذ. صفت. گڏيل- مليل - ڳنڍيل- شامل ٿيل- ڪنهن ساڻ بدپيشي جي رستي ڳنڍيل. ڪنهن سان پيار ۾ ڦاٿل- اڙيل منجهيل. ڦهيل. (ميوو) ڪِنو ٿيل -سڙي ويل داغدار ٿي ويل (پاڻ ۾ ) وڙهيل جهڳڙيل.
• **لِڳلِڳ ج لِڳلِڳون:** ث. لبيس- لِوَ- چيڙھ- ڄمر- ڪونر يا (ماکيءَ جهڙي) چنبڙندڙ شيءِ. (صفت). لڳلڳدار- چيڙھ وارو -چيڙهالو- چڪنو- ڄَمِر- لِوَ وارو- چنبڙندڙ.
— **لِڳلِڳڙو ج لِڳلِڳڙا:** ذ . صفت. چيڙھ وارو- لِوَ وارو - چنبڙندڙ- ٽَنيڻ.
— **لِڳلِڳيو:** ذ. چيڙهالو- لڳدار.
• **لَڳلَڳو ج لَڳلَڳا:** ذ . هڪ برتن جو نالو- ڪٽڇي- ٽئي جهڙو برتن- ڪَرڇي- ڪٽڇو باسڻ. مارڪٽ. لڳو لڳ.
• **لَڳَڻُ:** مصدر. (سن. لَڳِي. پرا. لَڳائي= لَڳَڻُ) هوا يا طوفان لڳڻ- . هوا جو هلڻ. لاڳاپو رکڻ- نسبت رکڻ- واسطيدار ٿيڻ- لاڳاپيدار ٿيڻ. ڪُپڻ- ڪوڙجڻ- جُڙڻ- بيهڻ- پورو ويهڻ- ٺَهڪڻ- ٽِڪڻ- ڇُهڻ- چنبڙڻ- ڳنڍجڻ (هڪ ٻئي سان) لڳڻ- گسڻ(بجا گهڙيال جا) وڄڻ- ٺڙڪڻ- وقت گذرڻ. ڇُهڻ- ٺهڪڻ. ٽڪرڻ- زخمي ٿيڻ- ڌَڪجڻ- ٽڪرجڻ- ليڄڻ- راڳجڻ- لِنبجڻ. ڌيان ڏيڻ- توجهہ ڏيڻ. عشق لڳڻ- ناتو لڳڻ- لنئون لڳڻ- (دل) لڳڻ- نينهن اڙڻ- (دل) ڦاسڻ- آڙڻ- ڳنڍڻ- (دل) قابو ٿيڻ. ڏُکي ٿيڻ. پيٽ سان ٿيڻ- ڦَرجڻ. (وَجهہ) ملڻ- (موقعو) هٿ اچڻ- (دل ۾) اچي وڃڻ- ڦُرڻ- ڪُڪڻ- سمجهہ ۾ اچڻ- هندڻ- دل سان هنداڻڻ- اعتبار اچڻ- دستياب ٿيڻ- وَر چڙهڻ. لڙائي شروع ٿيڻ. محسوس ٿيڻ. (باھ) ٻرڻ- جلڻ. (ڪنهن شيءِ کي) لڳڻ- گهٽو سڙي وڃڻ (ڄانور ڀاڄي وغيره). (ڪنهن ڳالهہ تان)چڙڻ. (ڪنهن کي ستو نصيب) هئڻ. لياقت حاصل ڪرڻ- پاس ڪرڻ- پاس ٿيڻ. (بوٽ ۾) ڪوڪو يا ناليون وغيره هڻڻ. (نوڪري تي ) بيهڻ- چڙهڻ- مشغول ٿيڻ- رونيڻ- ڪم تي چڙهڻ- لڳي وڃڻ- گهُر گهُر لائيْ ڏيڻ- ڀَندي لائڻ- ڏُرٽو هڻڻ- ڏُرٽو مارڻ. زخم ٿيڻ- (ڌڪ) لڳڻ- وڄي پوڻ. پاڙ هڻڻ- پوکڻ- ڦُٽڻ- (ٻوٽو) ڄمڻ- پيدا ٿيڻ- قائم ٿيڻ- ڪڙو ٿيڻ- راڳڻ- (پنن جو) لڳڻ- ڦُٽڻ- مورجڻ- انگورجڻ- ٻُورجڻ- (انب وغيره جو) سلو ڪڍڻ. ڏسڻ ۾ اچڻ- ڀانئڻ- ڏٺل معلوم هئڻ( جيئن شڪل لڳڻ) اثر ڪرڻ. (ڇُهڻ سان) پليد ٿيڻ. ڪارگر ٿيڻ- اثرائتو ٿيڻ- فائديمند ٿيڻ. (رقم) خرچ ٿيڻ يا اچڻ. بند ٿيڻ- پورجي وڃڻ(اک وغيره جو) - ننڊ اچڻ. شروع ڪرڻ- شروع ٿيڻ- شروعات ڪرڻ "فلاڻو ڳالهائڻ لڳو= ڳالهائڻ شروع ڪيائين"(جملو). (ميوو) ڪِنو ٿيڻ- سَڙڻ- ڳرڻ- (ميوي کي) داغ ٿيڻ- ٽِڪو ٿي پوڻ. ملي اچڻ- ٺهي اچڻ- برابر ٿيڻ- ٺهڪڻ- ميل کائڻ- جمع ٿيڻ. ميلو لڳڻ.
— **لَڳٽو ڀَڳٽو:** رلٽو ملٽو- ميل ميلاپ وارو- هرِيل مِريلُ.
— **لَڳِي ٻيڙِي هُئَڻُ:** جتي وٺي اُتي(ڳالهين ۾) بيهي رهڻ.
— **لَڳِي پَوڻُ:** توري پاڻيءَ جي ڪري ٻيڙيءَ جو ترو زمين سان اٽڪي پوڻ.
— **لَڳِي چَڙَهَڻُ:** ڀنيان پوڻ- ساڻ هلڻ- گڏ هلڻ- گڏجي هلڻ.
— **لَڳِي رَهَڻُ:** سُڪيءَ تي رهجي وڃڻ.
— **لَڳِي لائِڻُ:** حوالي ڪرڻ- ڳلي لائڻ. "مال مِڙوئي تن جو، ٻئي لڳي نہ لاءِ"(جملو).
• **لَڳڻُ (ڪ):** مصدر. لُٽڻ- جهُڳڻ- جهپڻ- ميرو ڪرڻ- لوئڻ.
• **لَڳو ج لَڳا:** ذ . صفت. اڳو (پاءُ وغيره)- پيءُ يا ماءُ جو اولاد . (ضد: سڳو). پورو پورو- ڪُتو.
— **لَڳو اُٽِريو:** ذ . صفت. لڳي ٽِڙندڙ بي اثرائتو.
— **لَڳو ٻَڌو:** ذ. صفت. پورو نشان تي لڳندڙ- برابر- پورو- مقرر ٿيل.
— **لَڳو لَڳ:** ذ . صفت. گڏ- ساڻ- قريب- ويجهو - ٻِٽ - جُتو- ڪُلهي سان- گڏوگڏ- لاڳيتو - متصل- دنگئي- لڳاتار- يڪاتار- ساندھ- مسلسل - آڳٽ ساڳٽ.

Gul Hayat Institute

• **لمليتَ ج لمليتُون:** ث . (انگ) ليمن جو پاڻي.

• **لَمَڻُ:** ڊگهي هڻڻ سان لمڻ— لڙڪڻ.

— **لَمندُ ج لمندَ(ت):** ذ. صفت. وڏو لمبو— ڊگهو— ڏِنگو. لڙيل— نِوڙيل.

— **لَمندا ڪَن:** ڊگها ڪَن (ٻڪري جا).

• **لم نم ڪرڻ:** بلڪل ٿورو چمڪڻ.

• **لَمَڻُ:** مصدر. (سن . نَم = جهُڪڻُ) لامارو ڏيڻ (پکيءَ جو)— اُڏڻ— اُڏامڻ— سيخ ٿيڻ— مٿي چڙهي وڃڻ. جهٽ هڻڻ— جهپو هڻڻ. ڪِسڪڻ— گَر ٿي وڃڻ— رفو چڪر ٿي وڃڻ— غائب ٿيڻ— پڄي وڃڻ. لڙڪڻ— ٽنگيو رهڻ— لُڏڻ— لٽڪڻ— نِئڙڻ— جهُڪڻ— نوڻ— نِمڻ— ڪُبڙو ٿيڻ— هيٺ ٿيڻ. لُڏڻ.

• **لِمَڻُ:** مصدر. ٽِلَڻُ— (سُستيءَ ۾) ليٽيو رهڻ. لمندو لُڏندو هلڻ. ننڊ مان سجاڳ ٿي اوٻاسيون ڏيڻ— ڪرموڙڻ. تماڪ هٿن ۾ مَهٽڻ— چلم يا حقي لاءِ تماڪ تيار ڪرڻ. نِوڙڻ— جهڪڻ— نِمڻ.

— **لَمو ج لما:** ذ . صفت. مَڏو— "ڪپ لمو ٿئي روهيءَ تي لاٿجي"— لاٿو— گَنل— ٽڪل (زمين)— ڪوڙو (سڪو وغيره)— سادو سودو— لَسو (اسم) هيٺيون يا ڏاڪڻو پاڳو. لاڙ— ڏکڻ سنڌ. (اسم خاص. لس ٻيلي جي هڪ جبل جو نالو. (ظرف). پري — دور — ڏورانهون. "مون اوهان کي لمو ڏٺو هو". (ڪ).

• **لَمِي راهَ:** ث . اڻ لتاڙيل رستي— اڻ پيرو گَسُ— نئون رستو.

• **لَمو:** ذ . صفت. ڊگهو. ڏوراهون (ث. لمي) "لمون ڏوري لس، سُتي سنگهر پٽيين".

• **لَنُ ج لنَ:** ذ . (ف. لندَ = آلت. سن. لنگم) مرد انسان يا نر حيوان جو مخصوص عضوو— انساني آلت— عضوو تناسل— لَوڙو— ٽَٽو. ذَڪر— ڪِيرُ.

• **لَنبُ ج لَنبَ:** ذ . گاهه جو هڪ قسم. جيڪو ڌُت طور رڌي کائجي. سنهڙو گاهه جنهن جي چوٽيءَ تي ڇانور جهڙو ٻج ٿئي.

• **لَنبَ ج لَنبَ:** ذ . صفت. رولُو— پينانگ — ٽوهو— پَنوارو— رولُو مارڪو— روهه رُليو— ٽولاڪَڙُ— ٽرٽاٻڙيو— رول پارٽي— آواره — دربدر. ڦينهڙ— لاٻڙ— لفنگُ— چور — لوفر— لُچ— بدمعاش. ڇڙو— جنهن جي شادي ڪيل نه هجي يا ڪيس ڪو عزيز نه هجي— ڪنوارو— ڇڙوڇانڊ— سڪڻو. نڌڻڪو— غيباڻو— اَنات— نِڌَرُ— ويڳاڻو— ڌُليَلُ— اَٻالو— غريب — مسڪين— دَرَدَري— تِهي دَستُ— ڪَنَلُ— اَتابو.

• **لَنبِڪو ج لَنبِڪا:** ذ. لپڪو. وچ ۾ ڳالهائڻ واري حالت.

• **لِنبَڻُ:** مصدر. (سن. لِپُ = لِنبَڻُ) ليپڻ— ليپو ڏيڻ— راڳو ڏيڻ— چنيڻ— گاري سان لِتڻ— راڳڻ— مکڻ— لِڦڻ— پلستر هڻڻ (مٽيءَ جو)— لنباوت ڪرڻ— ڀتين کي گارو وغيره هڻڻ— ليپو ڏيڻ— گاري مٽيءَ سان جاءِ جي مرمت ڪرڻ. (لنبيو— لنبندو— لنبيل).

— **لِنبارائِڻُ:** لِنباوَتَ يا لنبڻ جو ڪم ڪرائڻ.

— **لِنبائِي ج لِنبائِيُون:** ث . لِنباوَتَ ڪراڻي— لنبائڻ يا ليپي ڏيارڻ جو خرچ— لنبَڻ جي مزدوري— محنت— پورهيو — اُجورو.

— **لِنباوَتَ ج لِنباوَتُون:** ث . لنبائڻ يا لنبڻ واري حالتِ— ڀتين ڇتين جي لنبائڻ جو ڪم — لنبائي.

• **لِنبائڻ:** مصدر. لنباوت ڪرائڻ— گاري جو راڳو ڏيارڻ— ليپو ڏيارڻ. (لنبائيو— لنبائندو— لنبائيل).

— **لِنبائِي ج لِنبائِي:** گاري مٽيءَ سان لنبڻ جو ڪم.

— **لِنبِٽِي ج لِنبِٽِيُون:** درزن کي بند ڪرڻ يا لنبڻ يا سيمينٽ جو گارو يا گَچُ.

• **لَنبو ج لنبا:** ذ . (سن. لنب) ٻارڻ وارين ڪاٺين جو سٿو يا ڍِڳِي (مردي جلائڻ وقت) طول— دراز— وڏو — ڏگهه— اُچو— وڏي ڊيگهه وارو— ڊگهي قد وارو.

— **لنبا ڏِيڻُ، لنبَ ڏيڻ:** ٻرندڙ ننڍين ڪاٺين سان چکيا کي باهه ڏيڻ.

— **لنباڻِ:** ث. ڊيگهه— لنبائي— ڊگهائي.

— **لنبائِي ج لنبائِيُون:** ث. ڊيگهه لنباڻ— ڊگهائي.

— **لَنبوڙو ج لَنبوڙا:** وڏو گراهه— ڀريل لپَ— لَپو.

• **لِنبُ:** ڪلراٺي تي پيدا ٿيندڙ گاهه جو هڪ قسم.

• **لَنبُ ج لَنبَ (ٽ):** ذ . صفت. ڊگهو— لنبو— لمبو— قداوَرُ— اُوچو. بد— خراب.

• **لَنيڻُ ج لَنيڻَ:** ذ . صفت. ضعيف— ڏٻرو— سنهڙو— لاغر— هيڻو— نرٻل— ڪمزور.

• **لَنيڻُ:** مصدر. بدشد ڳالهائڻ— لڄي ڪرڻ— شرمندو ڪرڻ. (لَنيو— لَنيندو— لَنيل).

— **لَنيو ج لَنيا:** ذ. جهڙَ— چِڙبُ— ڌمڪي. طعنو— مهڻو— ڏوراپو.

— **لَنيڪو هڻڻُ:** وچ ۾ ڳالهائڻ— خراب ڳالهائڻ.

• **لنبَ:** وس تي ٿيندڙ سنهڙي گاهه جو هڪ قسم.

• **لِنجَ ج لِنجون:** ث . اَوڻائي— ڪوٽ — اَڻاٺ— (پاڻيءَ جي) ڪاڀِ — ڪوتاهي — گهٽتائي— نراسائي— اُوڻ— هيڻتا— نَقصُ— (عقل جي) مار. احتياج — گهرج— طلب — لوڙ— ضرورت— گَسِي— ڪپُ— ڪاڻِ— حاجتَ.

Gul Hayat Institute

• **لنجا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **لنجارَ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو

• **لنجاري:** اسم خاص. تعلقي پنوعاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لنجرَ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **لنجوائي:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **لِنجهَ ج لِنجهُون:** ث . ٿورو واسطو – گهٽ رشتو– ٿوري مائٽي– بيماري – اڳهائي – عليلائي.

• **لِنجهَڻ(ت):** ث. بيماري – روڳ – اڳهائي – مرض.

• **لَندو(ت):** رڍن جي بيماريءَ جو هڪ قسم.

• **لَند ج لَندَ:** ذ. صفت. بدمعاش – لوفر -- لُچ. بنا پُڇ – لُندو.

• **لَندَرُ ج لَندَرَ(ل):** ذ . صفت. بيهودو ماڻهو ڪُڍنگو– اَڏنگو – بدچال – بي فضيلتو.

• **لِندُ ج لِندَ:** ذ. ٿورو – ماڻهوءَ جو پائخانو– گونهه جو چاڻو – لِيندو– راند ۾ جِيت يا هارَ– آڳَ.

– **لِندُ ڏِيڻُ:** راند ڏيڻ– راند چاڙهڻ– شڪست ڏيڻ.

– **لِندُ سيرانديءَ اَچَڻُ:** پريشان ٿيڻ– مُنجهَڻ– مونجهو ٿيڻ– تڪليف ۾ اچڻ.

– **لِندُ ڪائڻُ:** راند هارائڻ.

– **لِندُ ڪَپَڻُ:** سخت قَبضِي ٿيڻ– مشڪلات ۾ اَچي وڃڻ.

– **لِندُ کهوکهري ٿيڻُ:** پريشان ٿيڻ– آئيءَ ۾ اچڻ– تڪليف ۾ هُجَڻُ.

– **لِندُ لِندائِيَ:** راند جو هڪ قسم.

– **لِندُ مَڪرُوه ٿِيَڻُ:** تڪليف ۾ پوڻ– پريشان ٿيڻ– مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ.

– **لِندُ مَڪرُوهُ ڪَرَڻُ:** منجهائڻ– پريشان ڪرڻ– سوڙهو ڪُهڻُ.

– **لِندو ج لِندا:** ٻارن جي راند ۾ هڪڙي طرف جي شڪست – هار.

• **لِندو ڏِيَڻُ:** جيتڻ– راند ۾ ڪٽڻ.

• **لُندُ:** اسم خاص. بلوچن جي قبيلي جو نالو.

• **لُندِ:** تعلقي لاڙڪاڻي، تعلقي ڪمري ۽ تعلقي ڳڙهي خيرو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لُندُ ج لُندَ:** ذ . اَڏِڪ مهينو – ڪبِيسَه– ڪاساين جي ڇهنب ڪانسواءِ ٿُلهي هڏن وڍڻ جي ڪاتي– ڪاتُ. (ت). رڇَ جو هڪ حصو– ”گهايُن“ جي پاسي وارا سڱا، جي چونڪن منجهان واٽجي، وڃي ٻين چونڪن مان جوڙ ڪن. (ڪ). (صفت). لُچُ– لُفنگ– لوفر – بدمعاش– بدچال. بنا پُڇ– لُندو. زهريلي نانگ جو هڪ قسم.

– **لُندُ ڏيَڻُ:** ملاحن جو اصطلاح. ”گهايُن“ جا پاسي وارا سڱا واٽڻ.

– **لُندَڪَ(ت ):** اڌڪ مهينو.

• **لُندا مَجارا:** تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لُنداٽو:** تعلقي ماتلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لُنداٽو:** ذ . صفت. (سن. لَبُ) بَڪبَڪيو– بڪواز تي – ڳوڙ ڪندڙ. معاملائي– جهيڙائي– لُندائِي.

• **لُندُرُ ج لُندُرَ(ڪ):** ذ. صفت. لالچ–لوڀي–لَبرُ. (اسم خاص). بلا جو هڪ قسم–سَپُ– ڪَپُر–لُندِي. (ث. لُندري ج لُندريون).

• **لُندِڪِي:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لُندو ج لَندا:** ذ . صفت( سن. لنپٽ)بي شرمو– بي حياءُ– لَڄِي– ڦِڪو– لُفنگ– اوٻاش– لوفر– زناڪار– زاني – خراباتي– لانگ ڇوٽو– عياش – لُچو– ڪامي – لاندارو– شهوتي(ماڻهو)– ڇِنيلو– بدمعاش– ڪمينو.

– **لَندائِي ج لَندائِيُون:** ث . بي شرمائي– بي حيائي. بي وفائي.

– **لَندُو ج لَندُو:** ذ. صفت. اوباش. لَندو– بدمعاش– لوفر.

• **لَندِي ج لَندِيُون:** ث . صفت. اوٻاش (عورت) – نالائق– لَندِي ٻِنِي– بدڪار(عورت) – ڪميني.

”سَتي ٿي سَڏائي، لَندِي ٿي ڪائي“.

– **لَندِي ٻِنِي:** ث . صفت. بدڪار عورت – خاص عام– ننڍو وڏو– هر ڪو– سيڪو.

– **لَندِي ڪَپُوري:** سيڪو– غريب غني– عام خاص– هر هڪ يا هر ڪو. گهٽ درجي وارو– خَسيس.

• **لُندو ج لُندا:** ذ . صفت. (سن. لون =وڍيل) پُڇ ڪانسواءِ – بي پُڇو– ڪٽيل پُڇُ وارو– پُڇ وڍيل. پٽن ڪانسواءِ وڻ. بي يارو مددگار– بي يارو– جنهن ماڻهوءَ کي عزيز دوست وغيره نه هجي. نانگو نپٽو. مرد، جنهن جي زال مري ويئي هجي. بي ڪَس. اُها ريل گاڏي، جنهن ۾ ٿورا گاڏا هجن– گهٽ – ننڍو– ڇوٽو. عيبدار– ناقص. بي حيا– بي شرم– بي لڄو– بي ديدو– بي نڪو – ويَلُ– ولوَرُ – نِبريل– ونِئيَلُ– لُچو– اوٻاش– لَمپٽ– لَنگوتاڙو– لوفر– بدمَعاش– لُفنگ. لَڄِي– شرمسار– شرمندو. (اسم خاص). تعلقي اُباوڙي، تعلقي جيمس آباد، تعلقي بدين، تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو. پڳي نوڙهي ڪان الهندي طرف هڪ جبل جو نالو. تعلقي نوابشاهه ۾ هڪ ريلوي اسٽيشن جو نالو. سنڌو نديءَ جي ملتان هينان هڪ حصي جو نالو.

Gul Hayat Institute

– **لُنڊائُو ج لُنڊائُو:** ذ . صفت. لُنڊائي– شوري– غوغائي– گوڙ ڪندڙ – هُلر– اَجَهل– خچر خلو– خرمستُ– بي لَغام– فسادي– جهيڙائي.

– **لُنڊ ڀلائڻ:** ضد ڪري ويهڻُ– هوڏ ڪرڻ.

– **لُنبو ڪونهو(ت):** لوفر– لُچو– چڙوچاند.

– **لُنبو ڪُنو:** بدمعاش– لُچو اوباش– لُفنگ.

– **لُنبُو ج لُنبو:** ذ . صفت. (سن. لُٽَ+ ڪ = لُنڊُو) ڀاندو– بنا پُڇَ جي – بي پُڇو– ڪتريل پُڇَ سان(بلبل وغيره). (صفت). نالائق – بي حيا– ڪمينو– اڻ سڌريل– بي لڇڻو – اڊنگو– بي فضيلتو.

– **لَندورُ ج لندورَ:** ذ . صفت. لفنگ–لچ.

• **لَندي:** ث . صفت. رنڊي (عورت)ڪميٽي (اسم خاص). تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لُنڊي ج لُنڊيُون:** ث . بنان پُڇَ. بلا يا نانگ جو هڪ قسم– زهريلي بلا– مانجهو. ٻُچڙي– نالائق – ڪميني– لُچي. (اسم خاص). تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو. ڀڳي نوڙهي ڪان اُلهندي طرف هڪ جبل جو نالو.

– **لُنڊي تان نہ لَهڻُ:** لُچائي نہ ڇڏڻ– بدمعاشيءَ ڪان باز نہ اچڻ.

– **لُنڊي پاسِري:** پاسن وارن هڏين مان هڪ ننڍي هَڏي.

– **لُنڊي خوشامَد:** ڪوڙي يا مٺاڇري خوشامد– اجائي تعريف. چَٽَ– ڏاڏَرِ – چاپلوسِي.

– **لُنڊي خوشامد ڪرڻ:** خسيس چاپلوسي ڪرڻ– ڪوڙي واڪاڻ (منهن تي) ڪرڻ.

– **لُنڊي ڪاڏَلَ:** ذ . دشمن – حاسدُ– حَسَدَ وارو. ظالم – قهار.

• **لُنڊي ڀٽِي:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لَنڍو ج لَنڍا (ل):** ذ . رنڍو– ٽوڙهو– واجهُ– ٽُلهي نوڙي.

• **لَنڪا:** اسم خاص. هڪ مشهور وڏي ٻيٽ ۽ ملڪ جو نالو– سرانديپ– جزيره سلون– سينگل ديپ– سلونُ.

• **لَنڪارَ ج لَنڪارُون (ت):** ث . عشق جي نارُ. لَنئُن.

• **لَنگ :** اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **لَنگُ ج لَنگَ:** ذ . صفت. (ف. لنگ: مَنڊو) هڪ ٽنگ وارو – مَنڊو–لنگڙو– پنگلو–لولهو– اپاهج. مَنڊِ ڪَ. عيبُ– گهٽتائي.

– **لَنگڙو ج لَنگڙا(ت):** ذ . صفت. منڊو– پنگلو– لنگَ– لُولهو.

• **لَنگو ج لَنگا:** ذ . صفت. لنگڙو– منڊو– لُولهو.

• **لَنگُ ج لِنگَ:** ذ . هندن جي پوڄا لاءِ پٿرجي ٺهيل شِوَ مهراج جي آلت(مخصوص جنسي عضوو).

• **لَنگايَتُ ج لَنگايتَ:** ذ . شِوو جي لنگ يا پٿر جي ٺهيل مخصوص عضوي کي پوڄيندڙ.

• **لُنگُ ج لُنگَ:** ذ . گوڏ يا سلوار هيٺان ڪپڙي جو لنگ– لُنگ ٻڌڻ جو ڪپڙو– ننڍي گوڏ– لانگوٽو– ڪڇو– چوتو– لانگوٽي– ننڍي چڏِي– لانگوٽ. پرهيز– پاڪائي(ت). هندو سجاڻڻ جي نشاني.

– **لُنگگُ ڪَڍَڻُ:** لنگوٽو ٻڌڻ– ننڍي ڪپڙي ٽڪر سان اُگهاڙ ڍَڪڻ– گوڏ ٻڌڻ– ڪڇو پائڻ.

• **لَنگَرُ ج لَنگَرَ:** ذ . (ف. لنگر: ناتاري) جهاز يا ٻيڙي کي روڪڻ لاءِ لوهہ جو اوزار– ناتاري– ڪُنڊو– ٻلِي– پَکِهَ– لنگر. اها جاءِ جتي هر ڪنهن مسافر، فقير وغيره کي خيرات ملي – ڪاڌي ملڻ جو هنڌ. سداوت– خيرات. دان– زڪوات – مَڱ. مُئَل کي ثواب ڏيڻ لاءِ ختمي جو رڌل پت وغيره. ڇَرَ– ڇُلهہ. پيرن ۾ پائڻ جي زيور جو هڪ قسم.

– **لَنگَرِي ج لَنگَرِي:** ذ . لنگر پچائيندڙ– بورچي – رسوئيو – راڌائُو.

• **لنگَرُ ڪَڍَڻُ:** ناتاري ڪڍڻ– جهازچوڙڻ– جهاز هلڻ لاءِ تيار ڪرڻ.

– **لَنگَرُ هڻَڻُ:** ناتاري ڪوڙڻ– جهاز بيهارڻ– ٻيڙي ٻڌڻ.

• **لَنگراڻِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (درڪاڻي بلوچن جو قبيلو).

• **لِنگڙو ج لِنگڙا(ت):** ذ . صفت. ڪپڙو– لُڱڙُ.

• **لَنگَڙياري:** ث . قاتل ڪپڙن واري.

• **لَنگَڻ:** مصدر. (سن. لَنگهَن = لَنگهڻُ)اڳتي وڌڻ– اورانگهڻ– وک وڌائڻ (ذ). لانگهو– بنا ڪاڌي جي بُکَ– روزو– فاقيو. (لنگيو– لنگندو– لنگيل).

• **لَنگوٽارو ج لَنگوٽارا:** ذ . صفت. بي حيا– لانڊارو– بي شرم– لوٺيو– بي ٽَڪو– بي ديدو. بيهودو– لُفنگو– لُچ– فاحش– لُچو– بدچال– ڪمينو– ويَلُ– زناڪار– خراباتي– عياش– لانگ چوٽو– نفس پرست– شَهوت پرست– لانگوٽيو.

– **لَنگوٽارائِي ج لَنگوٽارائِيُون:** ث . لانگ چوٽائي– لانڊر پائي– بي شرمائي– لُفنگائي– لُچائي– زنا ڪاري– آسنيمي.

– **لَنگوٽارِي(ل):** ث . بدچال رَن– ڪميني.

– **لَنگوٽُ ج لَنگوٽَ:** ذ . (سن. لنگ+ پَٽ= لنگوٽہ پرا. لنگوٽي). ٽنگن وچان لنگهائي چيلهہ ۾ ٻڌڻ جو ڪپڙو– لانگوٽو–

Gul Hayat Institute

لنگوٽو– ڌوتي – ٻن سٿرن وچان لنگهيل ڌوتيءَ جو پلاند– اُگهاڙ ڍڪڻ جو ڪپڙو– لَنگَ– پوتڙو– پوچو– انگوشو– چوتيو.

– **لَنگوٽو ج لَنگوٽا:** ذ. صفت. پوتڙو– چوتو– انگوشو– لَنگَ– چوتيو– لانگوٽو – گوڏ– لاڪ – منجهلو– ڏاب– ڌوتي.

– **لَنگوٽي ج لَنگوٽيون:** ٿ . ڌوتي– اُگهاڙ ڍڪڻ جو ڪپڙو– چوتو– لَنگَ– لانگوٽ – چوتيو– چڏي.

• **لَنگُورُ ج لَنگُورَ:** ذ . صفت. (سن . لانگولن= باندر) ڊگهي پڇ ۽ ڪاري منهن سان باندر جو هڪ قسم– پولڙو.

• **لَنگي ج لَنگيون:** ٿ . (ف. لنگي) پَٽ مان اُٽيل رنگين ڪپڙي جو هڪ قسم. جو پَٽڪي طور ڪم اچي.

• **لَنگها:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو– مڱڻهار.

• **لَنگهڻ:** مصدر. (سن. لَنگهہ) گذرڻ– مَٽڻ– رستي تان لنگهڻ– رستو پار ڪرڻ– ڪنان پنڌ ڪري وڃڻ– لنگهي وڃڻ– وڃڻ– اڳتي نڪري وڃڻ– پار پوڻ– اورانگهڻ– اڳتي وڌڻ– هليو وڃڻ– لتاڙڻ– حد ٽپڻ– اُڪرڻ– جهاڳي چڙهڻ. (لنگهيو– لنگهندو – لنگهيل). (ذ). سجو ڏينهن بُک ڪڍڻ واري حالت– فاقو– اپواسَ– روزو– بُکَ(ذ . صفت). روزيدار –بُکيو– بنان ڪاڌي – بُکايل– نيرانو.

– **لَنگهہ ج لَنگهہَ:** ذ . صفت. لنگهڻ جو رستو– واٽ – لانگهو – لَڪَ– رستو – پيچرو– ڏگ – واٽ– سيرُ– گس– راهہ – گذر– اچڻ وڃڻ جو رستو. ٻيلاٽي – پاياب– سڙڪ– گهٽ – ٻنيو– ڪڙاهہ– آمدرفت– اچ وڃ– لتاڙ.

– **لَنگهائڻ:** مصدر. لنگهائي ڇڏڻ– پار پهچائڻ– رسائڻ– منزل تي پهچائڻ. وجهڻ– اندر ڪرڻ– داخل ڪرڻ– گهيڙائڻ. (لنگهائيو– لنگهائيندو– لنگهايل).

– **لَنگهہ لَنگهڻ:** تڪليف ڪان ٽپڻ – مصيبتَ مان آزاد ٿيڻ– مشڪلاتن مان پار پوڻ.

– **لَنگهڻ پوڻ:** بُک ڪڍڻ– روزو رکڻ– فاقو ڪڍڻ.

– **لَنگهڻ ڪڍڻ:** بُکَ هڙتال ڪرڻ– بک ڪڍڻ– ماني نہ کائڻ– بک مرڻ– روزو رکڻ– اپواس ڪرڻ– بُکُون ڪاٽڻ– بُکن ۾ پاهہ ٿيڻ.

– **لَنگهڻ ڪرڻ:** بغير ڪاڌي گذارڻ– بُکيو رهڻ– فاقي ۾ رهڻ.

– **لَنگهڻي ج لَنگهڻيون:** ٿ . فاقي جي ماني– جنهن گهر ۾ قضيو ٿيل هجي، اُن گهر لاءِ پاڙي واري يا عزيز جي تهرايل ماني –ڪڙي ڪني.

– **لَنگهي پارُ پوڻ:** ڏکن منجهان سُک حاصل ٿيڻ– مصيبت جا ڏينهن پورا ڪرڻ– ڪا بہ تڪليف باقي نہ رهڻ.

• **لَنگهٽي:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **لَنگهو ج لَنگها:** ذ . (سن. شلانگ ) ڏهلاري– مڱڻهار– ڳيڦو – مڱتو– ميراثي. لنگهڻ جو ڏکيو گس– اٽانگو ڏگ. لانگهو. بي ادب– نرلجو. پاٽيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم(بدڪ). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. (ٿ. لَنگهي ج لَنگهيون).

– **لَنگهو ٿي ويهڻ:** بي حيا ٿيڻ– ظاهر ظهور بڇڙو ڪم ڪرڻ– نرلجو ٿي ويهڻ– اکيون پوري ويهڻ.

– **لَنگهو ڏيڻ(ٿ):** نشان ڪرڻ.

• **لَنگهيجي:** اسم خاص. تعلقي ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **لَنگو ج لَنگا:** ذ. لگو– دفعو – ڀيرو – گهُمرو.

• **لِنو ج لِنوون:** ٿ . (سن: لي= چنبڙڻ) ليس – چيڙهہ– چيڙ– لِوَ– لِبيسُ– لِڳلِڳ– چَمُرَ– گهاتاڻ– لَنئُن – تار(تن ۾)– لِڳٽي– عشق– چاهہ– پريت – پريم – موهہ– پيار – محبت – پيوَند – ممتا– الفت. بندگي– عبادت – ڀڳتي– عيب – گهٽتائي– نقص. مڇي ڦاسائڻ جي جار جو هڪ قِسم.

– **لِنو لائڻ(ٿ):** عيب لائڻ– ڏوهي ڪرڻ– مياري ڪرڻ.

– **لِنواري:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

– **لَنوائڻ:** مصدر. ڪوٺتات ڪرڻ– نٽائڻ– گسائڻ– لڪي وڃڻ– ڪو خيال يا ڌيان دل ۾ آڻڻ. ڳالهہ ڦيري وڃڻ– ڪَرائڻ. بي عزتو ڪرڻ – بي مانو ڪرڻ– هتڪ عزت ڪرڻ– بي آبرو ڪرڻ. (لَنوائيو– لنوائيندو– لَنوائيل).

– **لَنوائي ڇڏڻ:** نٽائي ڇڏڻ– لهرائي وڃڻ– گسائي وڃڻ – پڇي وڃڻ.

– **لَنوائي وڃڻ:** نٽائي وڃڻ گسائي وڃڻ– حرفت سان ڳالهہ ڦيرائي وڃڻ– گوٺتات ڪرڻ– ڪن ٽار ڪري وڃڻ.

• **لَنوندي ج لَنونديون:** ٿ . تڪليف – مشڪلات – ڏاڪڙو– اوجهڙ– درد سَري– ڪشالو– دقت – جاڪوڙو– زحمت – جنجالو– آزار. خرابي – وکوڙ– گڙٻڙ– ڪنراڳَ– ڪاسارو– ڪاپارو– مغزخوري– خفو– متي هٽڻ– لَناڪو– ڪِٽ پِٽ– پِٽڻ– ڏيرانبو.

• **لَنوڻ(ل):** مصدر. پکين جو هيٺ لهڻ ۽ چڙهڻ– لمڻ– لَڏڻ– لامارا ڏيڻ– لهڻ چڙهڻ. لاٽ لنوڻ.

• **لَنوهارَ ج لَنوهارون (ٿ):** ٿ . ٿوري هوا– مختصرواءُ.

Gul Hayat Institute

— **لوبي ج لوبيُون:** ث . ڳنڍ جو هڪ قسم— لُوپُ.
• **لوبِڙُ:** مصدر. ڪاٽڻ(ل). لُٽڻ— وَڍڻ. (ت).
• **لوبڻُ:** مصدر. موڙڻ. (لوبيو— لوبيندو— لوبيل).
• **لوبڻُ:** مصدر. (سن . لُپ= ڦُرڻ) لُٽڻ— ڦُرڻ. ڪُتڻ— سُجو ٿيڻ. خرچڻ— صرف ڪرڻ— بخش ڪرڻ. ٺوڪڻ— ٺُڪ لعنت ڪرڻ— ڇينڀڻ— بي عزتو ڪرڻ— ڪوڙو ڪرڻ— ٺڳي ڪي ڳالهين ۾ چالاڪيءَ سان ڪائي وجڻ. ڳولڻ. پيٽڻ.
— **لُوبِي وَجڻُ(ڪ):** منهن تي ڪوڙو ڪري وجڻ— منهن تي مچائڻ.
• **لُوبِي:** ث . ٻاٽيائي يا آلي زمين ۾ ڏنل هَرُ.
• **لَوجَرُ:** اسم خاص. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم(ث . لَجري ج لوجريونَ).
• **لوجهه:** خواريون— جُنبيون ڦٽيون.

"بنده علي چئي عشق اڙايس،
سُهمن ۾ سدائين آيس، لوجهن جون لاچار،
پاڻ پلڪ مون پاتيون پاتيون".

• **لوچَ ج لوچُون (ڪ):** ث . ٻانهي— نوڪرياڻي. نيچ.
• **لُوچَڙو ج لُوچڙا (ٿ):** ذ . صفت. رُلندڙ— رولاڪُ— رولُو— ڀٽڪندڙ— رولاڙُ.
• **لوچَڻُ:** ث . (سن. لوچن= اک) اک— ديد— چشم— نيڻ.
• **لوچَڻُ:** مصدر. (سن. لوچ = ڏسڻ) نهارڻ— ڳولڻ— ڦولڻ— ڏِنڍڻ— جانچڻ— سوجهڻ— وَوڙڻ— ڏسڻ— جاچڻ— واڻيسڻ— واڻڻ— تلاشڻ— ڦولهڻ— ڪوجڻ— سوجڻ— ڳولا ڪرڻ— تلاش ڪرڻ. اندر جهاتي پائڻ— پاڻ پسڻ. اِچا ڪرڻ— چاهڻ— منشا ڪرڻ— خواهش ڪرڻ. ڪر ڪرڻ— محنت ڪرڻ— پورهيو ڪرڻ— روزگار ڪرڻ— ڪرت ڪرڻ— نوڪري ڪرڻ. پريشان رهڻ— ماندو ٿيڻ— بي آرام رهڻ— بيقرار رهڻ.
— **لوچَ ج لوچُون:** ث . ڳولا — وَوڙَ— ڍُونڍ— جانچ — سوجهه — ڦول— نهار— تلاش— ڳولا ڦولا— جاچ — دريافت. خواهش — سَڌ— ڪامنا— اِچا. سِڪ— طلب — بي چيني — بيقراري — بي تابي— بي آرامي. محنت— ڪر — پورهيو.
— **لوچي لَهڻُ:** ڪشالي سان ڳولي هٿ ڪرڻ— ڏک درد سهي مطلب حاصل ڪرڻ.
• **لوچَ:** ث — ڦٿڪو— لُڇَ— بيقراري— بيچَئني— درد — ايذاء— بيڙا— ڏنجَ.
• **لوچَ پوچَ:** ث . لوچ — ڦٿڪو— اُٿل پُٿل. بي آرامي— بيقراري— بيچئني— آنڌ مانڌ.
— **لوچَ پوچ ٿيڻُ:** اُٿَل پُٿل ٿيڻ— هيٺ مٿي ٿيڻ— آنڌ مانڌ " بيقرار ٿيڻ— بي آرام ٿيڻ.
— **لوچَ لَڳڻُ:** ڳالهه نه وڻڻ— تڪليف پهچڻ.
— **لوچو ج لوچا:** ذ . آنڌ مانڌ— ڦٿڪو — بي آرامي— بيقراري لوچ پوچ. اُڪو— ڪنڪو— اوسيئڙو— اُلڪو.
• **لوچندَ ج لوچندُون(ٿ):** ذ . نوس نوس— گهٽون— جهوتون.
— **لوچندون ڏيڻ:** جهوتون ڏيڻ— گهٽون هڻڻ— نوس نوس ڪرڻ.
— **لَوحُ:** ث . ( غ. لَوحُ= ڦرهي) لکڻ لاءِ تختي— ڦرهي — پٽي — قسمت — نصيب— لوح قلم — ڀاڳُ — لکيو.
— **لوح قَلَمُ ج لوح قَلَمُ:** ذ . الاهي عرش واري تختي ۽ قلم. لکيو— انگ ازل. سرنوشت— قسمت — ڀاڳ. تقدير.
— **لوحُ قَلَم ۾ لِکيو هُئڻُ:** تقدير ۾ لکيل هئڻ— اصل کا اهڙو نصيبُ هُئڻ— قسمت ۾ ائين هئڻ— قدرت طرفا نصيب ۾ ائين لکيو هئڻ.
— **لوح مَحفُوظ:** ث. دنيا جي حساب ڪتاب جي اَڳواٽ لکيل ۽ عرش الاهي تي محفوظ رکيل تختي. (ث. صفت). ڏاڍي پَڪي— پُختي.
• **لوداڻي:** اسم خاص. سنڌ ۽ بلوچستان جي هڪ قبيلي يا ذات جو نالو.
• **لَوڏِ ج لوڏون:** ث . (سن: ليڏڪ) شڪاري ڪُتَن وغيره ج ميڙ— پلٽڻ (ڪُتَن جي)— ٽولو يا وَلَرُ. ٽَڙ— هَڪَل. پلٽڻ ميڙ. لوڏڻ يا ڏڪارڻ واري حالَت— ڏِڪارَ— نفرت.
— **لوڏ ڪي جواب ڏيڻ:** سخت لُچائي ڏيکارڻ.
— **لوڏُو ج لوڏو:** ذ . شڪار اٿاريندڙ— ماريندڙ— هڪليندڙ— ساٽريو— ٽاهڙيو.
— **لوڏي ج لوڏيُون:** ث ڪُتَن جو ڌڻ— ڪُتن جي ٽولي— لوڏِ— وَلَرُ. لوبي. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.
— **لوڏين ڪي آڳُولوڏيڻ وارو هُئڻُ:** دغا باز هُئڻُ. دوکيباز هئڻ.
— **لوڏَڻُ:** مصدر. (سن. لُبڌ. لود ڌٿو). لوڏي ڪيڻ— هڪالي ڪيڻ— ڏڪا ڏيئي ٻاهر ڪيڻ— ڀڄائڻ— هڪلڻ— تڙڻ— ٻاهر ڪيڻ— ڏِڪڻ— ڏڪارڻ— هڪالڻ.
— **لوڏ ج لوڏ:** ذ . لوڏڻ مان امر. تَڙڻُ. ڪُتن جو تعداد.
— **لوڏي ج لوڏِي:** ذ . (سن: لُبڌ. پرا= لُڌ) اُڪنديو— سڪايل— مشتاق. شڪاري— صاد. لوڏيلَ— نڪاليل— هڪاليل. هڌ نڪت— لوڏي تارو.

Gul Hayat Institute

– **لوهہُ مَروڙُ ج لوهہَ مَوڙَ**: ذ . صفت. لوهہ کي موڙيندڙ – ڏاڍو مڙس– سُورهيہ– جوڌو– بهادر– پهلوان– جانٺو– مضبوط. (اسم خاص). ماڻهوءَ جو نالو.

– **لوهہُ هُئَڻُ**: ڏاڍو هئڻ– سوٽُ تيڻ– لوهہ وانگر مضبوط هئڻ– لوهہ وانگر سخت هئڻ. قابو هئڻ– سُکَ هئڻ– سوگهو هئڻ.

– **لـوهـُـون لَـنکِهـَيلُ**: اَجهَـل– اڻ پليو.

– **لوهِي ج لوهِي**: ذ . لوهہ جو ٺهيل– لوهہ جهڙو– لوهہ وارو– لوهہ وڪٽندڙ– لوهائئون.

– **لوهيڙو**: ذ . ٽڪرين جو لوهي ڪاٺ– لاڪڙو.

– **لوهِي تَلَـمُ ج لوهي قلمَ**: ذ . لوهہ جو ٺهيل قلم – اِسٽيل.

– **لوهِي ڪَمانَ چِڪَڻُ**: سخت ڏکيو ڪم ڪرڻ– مشڪل ڪم ڪرڻ.

– **لـُوهَن ۾ اچڻ**: ڦيرين ۾ اچڻ– جهڙپن ۾ اچڻ.

– **لـُوهِي(ڪ)**: ذ . لـُوهون ڏيندڙ. ڪوڙو– ٻٽاڪي– گشي باز– ڪوڙ ڳالهائيندڙ.

• **لوهارَ**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **لوهاراڻِي**: اسم خاص. مَرِي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **لوهانـِي**: اسم خاص. هڪ ذات( افغانن جو هڪ قبيلو) جو نالو.

• **لوهاڻا**: اسم خاص. سنڌ جي هڪ ذات جو نالو.

• **لـُوهائـَڻُ**: مصدر. ساڙڻ– ٻارڻ– جلائڻ– ڄَرائڻ– ٻرڻ– جلڻ– سڙڻ– ڪامڻ.

• **لوهـرُ**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو– لوهار.

• **لـُوهِر ج لـُوهِرُون**: ث . لـُونجرِي– ننڍي مڇيءَ جو هڪ قسم– لـُوجهِري.

• **لوهِرِٽِي ج لوهِرِٽيُون(ٽ)**: ث . پٿرجا يادگار– قبرن تي هنيل پٿر.

• **لوهِريو ج لوهِريا(ٽ)**: ذ . ننڍين چانديءَ جي تائٽن جو ڪُنڊلو.

– **لوهَڙُ ج لوهَڙ**: ذ . منيءَ پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم– لـُهڙ.

• **لوهِڙِي ج لوهِڙِيُون(ٽ)**: ث . نينگري– ڇوڪري – ڪَنيا.

• **لوهِٽيُون**: ث جبلن جي پاڙ ۾ ڊورين منجهان لنگهندڙ گس– پهاڙي پيچرا.

• **لـُوهَڻُ**: مصدر. ساڙڻ– لـَهسڻ– جلائڻ– ڄرائڻ– لـُوساٽِڻ – باهہ ۾ پُرڙِجڻُ: لهس ڏيڻ– ٻارڻ– ڄراٽڻ. اُگهڻ– صفا ڪرڻ.

• **لـُوهَ ج لـُوهـُون**: ث گرمي ساڙو– باهہ– تـَو– ڪوسي هوا– لـُڪَ– لـُڪ– گرم واءُ– لـُوءَ – ڪَـهتون – گوئي– تکي هوا– ڪوسو واءُ– بيابان جو جهولو– باد سَمُومُ– ڪوسي ڇَرَ– اَولڙ– سخت باهہ– باهہ جي ڄِيي– باهہ جو گرم جهولو– پاري جي سَٽَ. اوجتي ڪاهہ– گهيري ڪرڻ وارن تي جُليهَ– جَهٽ– ٽَپُ– چال– ڌَمَ– گڙدي– حملو– چڙهائي– ڪاهُ– اُلڙ. لـُڪَ– ڪوسِي هَوا.

– **لـُوهاتُ ج لـُوهاتَ**: ذ . صفت. ساڙو– لـُڪَ– جهڙپ.

– **لـُوهاٽِجِي وڃڻ**: سَڙي وَڃڻُ– جلي وڃڻ.

– **لـُوهاٽيلُ**: ڪوماڻل– لوساٽيلُ.

– **لـُوها ڏيڻ**: زباني تير و نشتر هلائڻ. جملو: تو تہ لـُوهي لـُوهي منهنجو اندرئي ساڙي ڇڏيو آهي.

– **لـُوهَ اچَڻُ**: پاري ۾ سڙڻ.

– **لـُوهاٽِڪو ج لـُوهاٽِڪا**: ذ . صفت. ٻاريندڙ – جلائيندڙ – ساڙيندڙ– ڄَرائيندڙ– ٻرندڙ– جلندڙ– سڙندڙ– باهہ جهڙو– گرم.

– **لـُوهِجَڻُ**: پاري جي پڇاڙ ۾ سڙي وڃڻ.

– **لـُوهِجِي ويل**: تَوَ ۾ سڙي ڪاري ٿيل– ٽانڊي تي سڙي ويل– سَڙِي توَ هيٺ اچي ڪارو ٿي ويلَ.

– **لـُوهِيُون**: سڙڻ– عشق جي آگ ۾ سڙيل.

• **لوهِٽِي**: اسم خاص. مڇيءَ جو هڪ قسم– پاڻيءَ جي جانور جو هڪ قسم. لـُهڙ.

• **لوهـُو ج لوهـُو**: ذ . (سن. لوهِتَ = رَتُ) رَتُ– خُون. اصل– بنياد– نسل– مائٽ– مِٽُ.

– **لوهـُوڪو ج لوهـُوڪا**: ذ . صفت. قاتل– خونريز.

• **لوهـُوڪو**: اسم خاص. گاهہ جو هڪ قسم. جهنگلي جانور جو هڪ قسم(رَتُ پيئندڙ).

• **لوهِي ج لوهِيُون**: ث . ننڍين ڳاڙهن ڪنن واري ٻڪريءَ جو هڪ قسم. جبل تي پٿرن جو قدرتي حوض. (اسم خاص). تعلقي ميرپورماٿيلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

– **لوهِي ڪَنر**: ث . رڍ جو هڪ قسم.

• **لوهِيڙو**: وڻ جو هڪ قسم. سائو سهڻو ڪاٺ. عمارتي ڪم ۾ اچي. روهيڙو– لولو لاڪڙو(جبل جو). ٿلهو– ڏنڊو. (اسم خاص). ماڻهوءَ جو نالو.

• **لوءِ ج لوئِيُون**: ث . رهڻ جو هنڌ– رهائش واري جاءِ – عاشق جو ماڳ– پرين جو ڳوٺ– رهائش– سڪونت – ماتر ڀومي– گهر – مڪان – جڳهہ – وطن– ملڪ – ڳوٺ – شهر – ماڳ– جهان– شهر ۽ ماڳن جي نالن جي پڇاڙي. (پريالوءِ، ٻيرلوءِ، ڇپرلوءِ، ڪاٻڙلوءِ، ڏنيرلوءِ) .

– **لوءِ بلوءِ**: ديهہ بديهہ– ڳوٺ بہ ڳوٺ.

– **لوئـَڙياري**: لوئي ڍڪيندڙ– لوءِ جي ويٺل.

Gul Hayat Institute

– **ليٽَ پيٽ راند ڪَرَڻُ:** ٻاراڻي راند جو قِسم – وڙهڻ.

– **ليٽَ پيٽ گُنڊلو:** ٻارن جي راند جو هڪ قسم.

– **ليٽَجَڻُ:** ڏَسجڻ.

– **ليٽِڙي پائِڻُ:** ميدان ۾ (ڏوڙ ۾). ليٽڙي پائڻ – ليٽڻ – اٿلڻ – پُٿلڻ.

– **ليٽَ گَبوتَرُ:** ذ . ٻارن جي راند جو هڪ قسم (جنهن ۾ هڪ طرف جا ٻار پاڻ مان هڪ کي چادر ۾ ڏکي سمهاريندا ۽ ٻيا لڪل چوکر جي نالي ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪندا).

– **ليٽَ قِيٽَ:** اُٿل پُٿل – هيٺ مٿي.

– **ليٽَ لَپيٽَ:** ليٽ پليٽ ٿيڻ.

– **ليٽَڻِ ڪُرسِي:** ث . آرام ڪُرسي.

– **ليٽَڻِي ڪُرسِي:** ٽيڪ واري ڪُرسي – آرام ڪرسي.

– **ليٽَهَڙو ج ليٽَهَڙا:** ذ . صفت. ميدان ۾ گڏھ وغيره جو ليٽڻ – ليٽڙيون پائڻ – ليٽڙ – ليٽ پيٽ – اُٿل پٿل – هيٺ مٿي.

– **ليٽَ هَٽَڻُ:** هڪ طرف لاڙو هٽڻ. پاس هٽڻ – فائدي ۾ هٽڻ.

• **لِيٽو ج لِيٽا:** ذ. ليڪو – ليڪ – سَطَرَ – سٽَ.

• **ليٽِي ج ليٽِيُون:** ث . گاھ جو هڪ قسم (اَٽ ڪائي). چيڙهالو – اڏ رڏو اٽو. ليئي – رڏل اٽو – ڪاغذن کي ڳنڍڻ لاءِ رڏل پٽڙو اٽو – لَئي. لاپي – لپسٽي.

• **ليپُ ج ليپَ:** ذ . مرهم – ملم – مرهم جهڙي شيءِ جا ڪنهن عضوي تي لائجي. دوا جو نالو مکڻ لاءِ دوا – طِلا – مالش لاءِ دوا – مَڪُ – تَہ – مُلمعو – گِل حڪمت – پلستر – ريختو. ميل.

• **ليپُ چيپُ:** ليپ – الائِش – پليتائي – ناپاڪي.

• **ليپٽو:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ليپَڻُ:** مصدر. (سن. لِپ، لِيپ = ليپڻ. پرا: لمپئي. هہ<ليپنا = ليپڻ). مٽيءَ ۽ چيٽي سان ليپو ڏيڻ. ليپو ڏيڻ – پوٽو ڏيڻ – لِنبَڻُ – راڳڻ – گچ ڪرڻ – گارو ڪرڻ – ملڻ – مٽي هڻڻ – راڳو ڏيڻ – پوچڻ – ٿَڦڻ – پلستر ڏيڻ يا هڻڻ. قلعي ڪرڻ. لِنب – پوچو – پوٽو. ليپو. لِڪائڻ – چُپائڻ – ڳجهو رکڻ.

• **ليپُ:** مَڪُ – ليپو.

– **ليپائِي ج ليپائِيُون:** ث . ليپي ڏيارڻ جو ڪم – لمبائي – راڳو – پوٽو – پوچي – ليپي ڏيارڻ جي مزوري.

– **ليپو ج ليپا:** ذ . مٽيءَ ۽ چيٽي سان راڳو. پوچو – پوچي – لِنب – پوٽو – ليپ – چِنبَ – راڳو – مِٽيءَ جو چاپوڙو – لنبڻ لاءِ مٽيءَ جو ڀريل لَپو – اَستر – تَہُ. چونڪو پائڻ. (ٽ).

– **ليپو پوٽو:** ذ . مِٽيءَ جو ليپو ۽ مٿانهس سنهي ۽ لَسي ريڙيءَ جو پوٽو – پلستر – قلعي. ڪيو ڪرايو – بنيو بنايو.

– **ليپو ڏِيَڻُ:** گارو يا گپ ڀِت کي هڻڻ.

• **لِيجَهہ ج ليجُهون (ٽ):** ث . ڏکي چاڙهيءَ تي چڙهڻ لاءِ ڀيچرو. ڀِت جي سنهي پوچڙي. (ن – ب).

• **ليجهُ ج لِيجهَ :** ذ . صفت. مَهين – سنگين – نازڪ – لطيف – نفيس – سنهو – باريڪ.

• **لِيچارَڻُ:** مصدر. اوچتو جهلڻ (ٻيلا).

• **ليچو(ٽ):** ذ . جاءِ جي ڀٽين تي تڏا رکي ڪَچي مٽي ڏيڻ – پُسيل واري.

• **ليچُوڙُ ج ليچوڙَ (ڪ):** ذ . چنبڙندڙ – لڳندڙ.

• **ليڏَ(ٽ):** ذ . اَڻ پڙهيل.

• **ليڏارو ج ليڏَارا(ٽ):** ذ . گهوڙي، گڏھ جي لڏ لاهڻ جي جاءِ. جتان ڇيڻو ڪڇجي.

• **ليڏَاڻ (ٽ):** مصدر. فصل ۾ بيٺل جهنگلي گاھ جي گُڏ – پوک جي گُڏ – ننڍي فصل ۾ اوڦٽو گاھ ، گُڏ ڪرڻ.

– **ليڏَاڻ ڪيڻُ:** گڏ ڪرڻ – زمين مان گاھ ۽ ڪِن ڪچرو ٻاهر ڪيڻ.

• **ليڏوٽو ج ليڏوٽا:** ذ . اٺ، گڏھ ۽ گهوڙي جي لڏ مان هڪ ڇاڻي – لڏ – ڇيڻو.

• **ليڏَڻُ(ڪ):** مصدر. ڪا بہ شيءِ چپٽري پٽر تي ڪنهن پٽر، لوهہ يا ڪاٺ جي ڳن سان لڙهڻ – مُلائم ڪرڻ – چپڻ.

• **لِيرَ ج لِيرون:** ث . (سن. لِيٽا = لِيرَ. ليشا، ريٽا، ريشا = ليرَ) ريڙھ – چيپ – لِيڙ – اڳڙي – فَتِيلُ – ٽڳڙي – آندَ – ڀَٽِي – ڌَجِي. (صفت). ڊِگهي اڳڙي. سگر پيدا ٿيڻ جي شروعات. (ت).

– **لِيرَڙُ(ٽ):** ذ . پراڻي ڦاٽل ڪپڙي جو ٽُڪر.

– **لِيرِڙيو ج لِيرِڙيا(ٽ):** ذ . صفت. ڪپڙا ڪائيندڙ.

– **لِيرَ لِيرَ ٿيڻ:** ڦاٽڻ – ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ – پُرزا پُرزا ٿيڻ.

– **لِيرو ج لِيرا(ٽ):** ذ . صفت. ڦاٽل اڳڙي.

• **ليرِ:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **لَيرو:** اسم خاص. ڏاند جو قسم (جنهن ڏاند جا ڪن وڏا هجن). (ت).

• **لِيڙُ:** ذ . اُٺ. (صفت). موڳو.

• **ليڙ ج لِيڙون:** ث . (سن. چِيرُ = ڪپڙو) ڪپڙي جي ڀٽي – پراڻي اڳڙي – ٽڳڙي – ريڙھ – چِيوَٽ – چِيهُون چِيهُون – پُرزا پُرزا. "لوئي اباڻي لِيڙ" (شاھ).

– **لِيڙِرُ ج لِيڙِرَ:** ذ . صفت. چِيهون چِيهون – ليڙون ليڙون – لينگهون لينگهون – ڏهيون ڏهيون – چِنل ڦاٽل – تهارُون نڪتل.

Gul Hayat Institute

# م

**م**: سنڌي الف ب جو ڇائيتاليهون اکر، عربيءَ جو چوويهون، فارسيءَ جو اٺاويهون، سنسڪرت جو پنجويهون اکر(سنڌس اُچار ۾ نهي ڇپن ملائڻ سان نڪري). ابجد جي حساب موجب سنڌس عدد چاليهه. "محمدَ"صلي الله عليه وسلم جي نالي جو پهريون اکر.

"اوڏو تي الف کي ، من ميم سين گڏ" (شاهہ).

معشوق جو وات، مُڪِڙي— مُڪري— ڪلي.

• **م**: "اؤم" جو ٽيون اکر(انهيءَ ۾ خدا جا ٽي نالا اچن ٿا: (١)ايشور— طاقت وارو (٢) آدتيہ= انباسي — لافاني(٣) پراگِيتہ= سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ— عليم ڪل).

• **مَ**: ظرف. انڪار جي معنيٰ ۾ ڪم ايندڙ اکر— نہ —متان. "مَ ڪر"—"نہ ڪَر" وغيره (ترڪي). مؤنث جي نشاني "بيگم، خانم، وغيره.

• **مُ**: ضمير متصل. متڪلم جي نشاني. "سندمُ، اٿم، پُٽمُ وغيره".

• **مَا**: ظرف. (ع) نہ —متان. اَ— اَڻ— آڻ— نِر— لا— بي. سواءِ— ڌاران— بنان. (ضمير استفهام). ڪير— ڪهڙو—ڇا. ڇو—ڇاجي لاءِ—ڇا لاءِ. ڪيئن— ڪِهڙي طرح—(ضمير). جو—جيڪي. باقي.

— **مابَعد**: صفت. جيڪي اچي— جيڪي بعد ۾ اچي. پٺيان ايندڙ — ايندڙ — پويون— پٺيون.

— **مَابَقا**: صفت. بچيل — باقي بچت ٿيل — بقايا. جيڪي باقي رهيل هجي. (ث). اوبر— جوٽ— جوٺو.

— **مَابَينَ**: ظرف. وچ ۾ — درميان— وسط ۾.وچ — درميان— وسط. (صفت). درمياني — وچون— اندريون— وچولو— وچ وارو— وَسطي.

— **مَاتَحت**: صفت. هيٺيون— هيٺاهون — نيچو. زير حڪم — زير فرمان. ڪم ۾ مدد ڪندڙ — مددگار— نائب.

— **مَاتقدَم**: صفت. پهريائين جو— اوائلي — شروعاتي — اڳيون.

— **مَاحَصَل**: صفت. جيڪي ڪجهہ حاصل ٿئي— حاصل ٿيل. (ذ). نتيجو— حاصلات— حصول. ميوو— ثمره— ڦَلُ. فائده — نفعو— لاڀ— سُود. پيداوار— اُپَت.

— **مَاحَضَرَ**: صفت. حاضر ٿيل— جيڪي حاضر هجي. موجود.

— **ماسَبَقَ**: صفت. جيڪو پهرين لنگهي ويو هجي— گذريل.

— **مَاسِوَا**: صفت. ان کان سواءِ جيڪي ٿيو هجي. بجُز— علاوه— سواءِ. صوفين جي اصطلاح ۾ خدا تعاليٰ کانسواءِ (ٻيو سڀ ڪجهہ).

— **مَاشَاءَ اللهُ**: ندا . دعائيہ ڪلمو— جيڪو خدا کي وڻي. جيڪڏهن خدا گهريو. خدا ڪري— شل! خدا جي مرضي سان.

— **مَافَوقَ**: صفت. جيڪي مٿي هجي— مٿيون. اعليٰ— اُچو. برتر.

— **مافِيها**: صفت. جيڪي اُن ۾ هجي. "دنيا و مافيها= دنيا ۽ ان ۾ جيڪي ڪجهہ آهي".

— **مَاقَبل**: صفت. پهريون— اوائلي — اڳيون.

• **مَاءُ ج مَائُون**: ث . (پرا. مائيا: سن. ماتِڪا) والده — اَمڙ— اَمِي— ماتَا— اَمان— مادر— ٻاڻ کان وڏي ڄمار واري عورت کي خطاب ڪرڻ جو لفظ.

— **ماءُ ڀيڻ ج مائُون ڀيڻُون**: ث . ماءُ ۽ ڀيڻ— والده ۽ همشيره.

— **ماءُ ڀيڻِ ڪَرَڻُ**: پرائي ڄائيءَ کي پنهنجي ماءُ ڀيڻ جي برابر سمجهڻ.

— **ماءُ پيءُ**: ذ . ماءُ ۽ پيءُ— والد ۽ والده— والدين.

— **ماءُ پيءُ جو لاڏِلو**: ذ . صفت. ناز سان پاليل اولاد— لاڏلو.

— **ماءُ ڄائو ج ماءُ ڄاوا**: ذ . صفت. ابي امان جو ڄڻيل— برادر حقيقي— سڳو ڀاءُ.

• **ماباڻِ**: اسم خاص. تعلقي ماتلي ۾ هڪ ديهہ ۽ ٽپي جو نالو.

• **ماتِ**: ث . (ع. مات= هو مري ويو) شڪست— هار — هزيمت. (صفت). ماريل— هاريل. جيتيل. شهہ ڏنل(شطرنج راند ۾) تابع— تابيني— مُطيع— تحت ۾— حڪم هيٺ — وَسِڪو— قبضي ڪيل. نابود— فنا — زبون. (گاجرا).

— **مات ڏِيَڻُ**: هار ڏيڻ— شڪست ڏيڻ.

— **ماتِ ڪَرَڻُ**: هار ڏيڻ— شڪست ڏيڻ— مغلوب ڪرڻ— پست ڪرڻ. حريف کان بازي جيتڻ— گوءِ کٽي وڃڻ. شرمندو ڪرڻ— شرمسار ڪرڻ. ڪنهن ڪم ۾ سبقت ڪرڻ.

• **ماتا ج ماتائُون**: ث . (سن. ماترَ= ماءُ) اَمان — ماءُ — آئِي—

Gul Hayat Institute

– **ماٽَ ساٽ:** ث . گهمرَ – ماڪ – ولهہ – اوس.

• **ماٽا:** جمع "ماٽي" جو (واحد ماٽو).

• **ماٽِڪو ج ماٽِڪا:** ذ . صفت. (سن. مَرتَڪا= مِٽِي) مِٽيءَ وارو– مِٽيءَ جو.

• **ماٽِڪِي ج ماٽِڪِيُون:** ث . (سن. مَرٿڪا= مِٽِي) مِٽيءَ مان ٺهيل ٿانءُ جو هڪ قسم– مَٽُ– مَٽڪو– ماٽورو. (شاهہ).

• **ماٽِلِي ج ماٽِلِيُون (ٽ):** ث . (سن. مَرتَڪا= مِٽِي) ويڪري منهن وارو ٺڪر جو پاڻيءَ جو دلو– ماٿورو.(راءِ).

• **ماٽو ج ماٽا:** ذ . (سن. مَرتَڪا= مِٽِي) ڪنيار پاران مِٽيءَ مان ناهيل پچايل ٿانءُ جو هڪ قسم– ٺِڪر جو وڏو برتن– سَٽُ. وڏو مَٽ. شراب جو مَٽ(ل–ق). مينگهواڙن جي اصطلاح ۾ چمڙي کي صاف ڪرڻ يا رڱڻ لاءِ ڪم ايندڙ ٺڪر جو ڪُونارُ.(ٽ). (اسم خاص). تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

– **ماٽُورو ج ماٽُورا:** ننڍو مَٽُ مَٽِڪو.

• **ماٽِـرُ ج ماٽِـرَ:** ذ . صفت. (سن. مَرتِڪا= مٽي) مٽيءَ مان ناهيل ٿانءُ وڪڻندڙ. مٽن وارو.

• **ماٽِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (ت). تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ماٽِي ج ماٽِيُون:** ث . (پرا. ماٽِيا: سن. مَرتِڪا> مَٽِيڪا= ماٽي) ٺڪر جو ويڪرو پَر سوڙهي منهن سان ٿانءُ– ڪير ڄمائڻ ۽ جهَڻُ جهڳڻ جو ٿانءُ– چاڏِي. اٽي وغيره رکڻ لاءِ يا درياءَ ۾ مڇيءَ مارڻ لاءِ مهاڻن جو پيٽ هيٺان ڏيئي ترڻ جو وڏو ٺِڪريا ٺامي جو ڪنو.

– **ماٽِيارو ج ماٽِيارا:** ذ . صفت. ماٽيءَ تي مڇي ماريندڙ.

– **ماٽِي جو پَلو:** ذ ماٽيءَ جي رستي درياءَ مان ڦاسايل پَلو.

– **ماٽِيَرُ ج ماٽِيَرَ:** ذ . صفت. ماٽيءَ تي تري پلا ماريندڙ.

– **ماٽِيـڙو ج ماٽِيـڙا(ڪ):** ذ . ماٽِيرُ.

"ٽانگ نہ لڏئين ٽارئين، مَپ نہ ماٽيـڙن" (شاهہ).

• **ماٽِـڙو ج ماٽِـڙا(ڪ):** ذ . جيت جو هڪ قسم– پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ترندڙ هڪ ننڍڙو جِيتُ– شهہ تارو.(ت).

• **ماٽيتو ج ماٽيتا:** ذ . صفت. (سن. ماتِر= ماءُ) هڪ پيءُ ۽ ٻن مائن وارو ٻار– ماٽيجو– مائٽو. ويڳو–لڳو. (ٿ ماٽيتي ج ماٽيتيون).

• **ماٽيجو ج ماٽيجا:** ذ . صفت. ماٽيتو.(ث . ماٽيجِي ج ماٽيجِيُون).

• **ماٽيلو ج ماٽيلا:** ذ . صفت. (سن. ماترَ= ماءُ) مائيتو–ماٽيجو–ماٽيتو.

– **ماٽيلاٽِي ج ماٽيلاٽِيُون:** ث. مائيتائي.

– **ماٽيلِي ماءُ:** ث . ٻيءُ جي ٻي زال– ويڳي ماءُ– ماٽيجي ماءُ – ماٽيتي ماءُ.

– **ماٽييو ج ماٽييا:** ذ . صفت. ماٽيلو.

• **ماٺِ:** ث. (سن. مَندَهَ= ماٺ) چُپ– سانت– سُٺاٽ– سناٽو– صبر– نِوائي – سُن– خاموشي– سُن سُناٽَ– گُپ– چُپ– گونگ ٻوڙ– چُپچاپ– چُپ چُپات. آرام– ٺاپر– ٺام. سامَٽَ– قرار– ٿانهر – ساهِي– سانتيڪائي. فرصت. آهستگي– ڌيرج. عجب– حيرت. سِڏائي– لَسائي– سَنوار– سُوڏائي(ڪنهن ڪاٺ وغيره جي). چِلَ.

– **ماٺارَ ج ماٺارون:** ث . سانت ماٺ – ماٺِر– نِوائي – مائيٺائي – ماٺائي – سانتيڪائي. وهندڙ پاڻيءَ ۾ چُپ چُپاٽ– نديءَ جو مائيٺو ٺڪُر. هَوا جي ماٺائي– ڦُڪرائي. آرام. گهٽتائي.

– **ماٺِ ڏِيڻُ:** ڪاٺ وغيره کي رندي سان چِلَ ڏيڻ. ڪنهن اوزار کي تکي ڪرڻ لاءِ روهيءَ تي گسائڻ. موچين جي اصطلاح ۾ تيار ڪيل جُتيءَ کي کهيڙي سان گَهِي تجليدار ڪرڻ.

– **ماٺِرِ:** ث . ماٺ– ماٺار. بي همٿي– سستي.(ت). (ل– وفا). نديءَ جو اهو ڀاڱو، جتي پاڻيءَ جو چوهہ گهٽ هجي.(گاجرا).

– **ماٺِ ڪَرَڻُ:** چپ ڪرڻ– خاموشي ڪرڻ– خبر ڪرڻ. واڍن جي اصطلاح ۾ واهولي سان ڪاٺيءَ جا ڪجهہ چوڏا وٺي سنئين ڪرڻ.

– **ماٺِ لَڳڻُ:** چُپَ لڳڻ– خاموشي لڳڻ. حيرت زدو ٿيڻ– وائڙو ٿيڻ– وَسو ٿيڻ– نيپُو ٿيڻ– اچرج لڳڻ– عجب کائڻ– وسمئہ ۾ پوڻ– ڏندين آڱريون اچڻ. موڳو ٿيڻ– وائڙو ٿيڻ– حيران ٿيڻ.

– **ماٺِ ۾ پَوَڻُ:** عجب ۾ پوڻ– اچرج ۾ پوڻ– حيرت لَڳڻ.

– **ماٺِ ميٺِ:** ث . چپ چاپ– چپ چپات. خاموشي – ماٺ. آهستگي. صبر.

– **ماٺو ج ماٺا:** ذ . صفت. مائيٺو– سانتيڪو– سُن ۾ – ماٺ ۾ چُپ ۾– سانت– خاموش– ڍرو– آهستي– گهٽ– ڍِلو– جهَڪو. بي گهُرجو– بي طلبو– ٿورَ گهرجو– ڪُرَسو– ڪُجَسو. بي زورو– بنا تيزيءَ وهڪري وارو. گهٽ تيزيءَ وارو حصو– مائوڙو. اڻ چُرندڙ(پاڻي)– اَچَلُ– ترُ– ڍِيرُ. نِواءُ (واءُ). صاف– ڦڪرُو (آسمان). سُست– ڪاهِلُ– ٽوٽي– آرسي – ڍِلو– ڳِمرُ. زمين ۾ ٿورو وِيَلُ(هَرُ). مَٺو– خراب. مَٽُ وارو– ڪَوٽو. (ث. ماٺِي ج ماٺِيُون).

– **مائوڙو ج مائوڙا:** ذ . صفت. ماٺ وارو– سانتيڪو– ماٺو. (اسم). چُپ چُپاٽ– خاموشي – نِوائي– سانت – ماٺ.

Gul Hayat Institute

- **ماجوٽي:** صفت. مچت جي رگيل. (اصطلاح) نهايت سهڻي سٺي"ماجوٽي رهاڻ"(سهڻي سرهي ڪچهري).
- **ماجِي ج ماجِي:** ڪُنواريتا. شاديءَ ۾ ڪنوار جي طرف جا آيل دعوتي ماڻهو. "ماجي چاجي".
- **ماجيرٽِي ج ماجيرٽِيُون (ڪ):** ث. دِقِٽِي— ٽِٽِٽِي— وراٽِي.
- **ماچَ:** ث. (سن. مَچَ= مَچَڻُ)تولهه— تلهاٽ. تلهائي. بدن تي ماس جو چاڙهه. توٿر— سوج— آماس.
- — **ماچِڙو(ٿ):** ذ. ماچُ.
- — **ماچوڪِڙ(ل):** ذ. صفت. جهٽ پٽ تلهو ٿيندڙ— ماچ ڪائيندڙ.
- **ماچُ ج ماچَ:** ذ. صفت. فقير— بيڪاري — گدا— پينُو— پينار— پيناڪ— پينڙائتُ— گداگر— منگتو.(پرمانند). راڳيندڙ— گَوَيو— ڳائڻو— گائڪُ— مطرب. (ذ). لوهارن جي اصطلاح ۾ ڏنوڻ مندڻ لاءِ ڪاٺ جو چؤنڪو. (ل). مستي— جوش — جذبو— لَهر— پُور— ريچڪ. چريائپ.(ڪ).
- **ماچانڊي ج ماچانڊيَون (ل):** ث . ڪاوڙ— غصو— چِڙَ— ناراضگي (مهيري). (اسم خاص). تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).
- **ماچَڪُ ج ماچَڪَ(ٿ):** ذ. (ڊاٽڪي) پيرُون— پيلهُون.
- — **ماچَڪَ مورَڻُ:** پيرُون پَچَڻُ.
- **ماچَنگُ ج ماچَنگَ(ت):** ذ . ڳوهيل مِٽيءَ جو وڏو چاٺو— پنوڙو. (امين).
- **ماچَڻُ:** مصدر. (سن. ماپَن= ماپڻ) ماپَڻُ— ماپي سگهڻ— ماپجي وڃڻ— پورو ٿي وڃڻ— پورو پئجي سگهڻ— ٺهڪي وڃڻ— ڦهڪي وڃڻ— پِچِي وڃڻ— ڦَبي وڃڻ.(ماچِيو— ماچِيندو— ماچِيَل).
- **ماچورِي جاگيرَ:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ماچِيزُ:** ذ. اسم خاص. ماچِيسُ.
- **ماچِيسُ ج ماچِيسَ:** (انگ. Match Box) باڻڊ جي تيلين جي ڏبِي— باڪسُ.
- **ماچانڊِ(ڪ):** توري چانو لاءِ اڏيل مَنهن— چَپرو— چَنو.
- **ماچانگُ ج ماچانگَ:** ذ . گوڙ — هُل— لَڙ— گهمسان— بائيتال— شور— غوغاءُ— ڏوم — ڪڙڪو— هَنبَسُ— غلغلو— هُلڙ— هنگامو— بکيڙو— ڏَمچر— راماڻو— هل حشر— رامان— مَهڻ— خرخسو— هائيدوس— مانڌاڻ— مانڌاڻو—چرِ پٽو—فساد (ذ. صفت). پهلوان— ٻالڪو—جوڌو— دلير(ت). تمام ٿلهو— ڏؤنسو— سُتڪو.
- **ماچِرو(ٿ):** ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم.
- **ماچِڙو:** ذ. جوئر جو هڪ قسم.(پرمانند).
- **ماچَڪُ(ٿ):** اسم. ڪَچا يا اڌ پڪل پيرُون.
- **ماچِڪو:**(اسم خاص). تعلقي جوهي ۽ تعلقي ڪنڌڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ماچِڪي:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ماچُو ج ماچُو(ل):** ذ . ڪَچا پيرون—ساوا پيرون.
- **ماچِي ج ماچِي:** ذ . صف.ت (سن. مَتسيَہ= مڇي). مڇي مارينڌڙ.(اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪنديارِي، تعلقي ڪشمور ۽ تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ماچِياڻِي:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. ماچِيءَ جو مونث.
- **ماحَصل:** ذ. صفت. (ع) جو ڪجهه حاصل ٿئي — حاصل شده — حاصل ٿيل. (ذ ). نتيجو— حصول — ڦل — ثمر — فائدو— نفعو— سود — منافع— لاڀ— پراپت. پيداوار — پيدائش — اپت.
- **ماحَول ج ماحَول:** ذ . ( ع . ما= جو ڪجهه + حول= اطراف). چوڌاري— اِرد گِرد— آسپاس.
- **ماخَذ:** ذ . ( ع. ماخذ= وٺڻ جي جاءِ). وٺڻ جي جاءِ — اخذ ڪرڻ جي جاءِ. ڪنهن شيءِ جي نڪرڻ جو هنڌ— بنياد. بيخ— جڙ— پاڙ— مُنڍ. ماده— ذاتو.
- **ماخُوذُ:** ذ. صفت.( ع). اخذ ڪيل— ورتل.
- **ماخُولِيَا ج ماخُولِيَائُون:** (انگ. مالي خوليا. ميلد ڪَلي. ث . اُداسيڻو— اُباٽڪائي — ملولاٽِي— غمگيني— مُنهن گهومات— اداسپڻ— ويڳاڻائي. چريائي— مَستي— گِيائي— ماليخوليا.
- **مادُ:** (ف. ماده جو مخفف)مادي.
- **مادُ ج مادَ:** ذ . (سن. ماد= نشو) نشو— خمار— ڳيرَٽُ— مَئُ. خوشي— سرهائي— مؤج— پرسنتا. وڏائي— هٺ— آڪڙ— تڪبر. (پليٽس). ( ع. ماتُ= مارڻ). ماريل — هلاڪ. شڪست ڏنل— هارايل. (ل—قليچ).
- — **مادُ ڪَرَڻُ:** شهه ڏيڻ— شڪست ڏيڻ— مات ڪرڻ. تباهه ڪرڻ— برباد ڪرڻ— چٽ ڪرڻ— ناس ڪرڻ— پاڙ پٽي ڇڏڻ.
- **مادام:** ذ . (ف). هميشه— سدائين— روز مره— مدام— هرروز— هر هميشه— روزانو. (واصف).
- **مادو ج مادا:** ذ . ( ع. ماده = ذاتو). هرچيز جو اَصل— جَڙيدارٿ— سوڪيم تت. لطيف عناصر (جن مان سنسار ٺهيو). ذاتو— روٽ — ماخذ— اصل — جَڙُ— مول — مَنبَعُ. مصدر. بنياد — پاڙ. جوهر— تت. گُڻ— خاصيت. هرچيز بنائڻ جو مصالحو. موجوده

Gul Hayat Institute

مالدات– مول– هيولا– موجودات. اها شيءِ جا محسوس ٿي سگهي– جسم– وجود – پدارٿ– طاقت – شڪتي– لياقت – حيثيت – قابليت – صلاحيت. ڪنهن ڳالهه جي سمجهڻ جي قوت – مغز– دماغ– ٻڌي– فهم – حوصلو– هوشياري – ذهني طاقت– عقل– تميز. ماده.

• **مادي ج مادي:** صفت. اصلي – خلقتي– ذاتي– پراڪرت– سهج– طبعي– فطرتي– سُڀاويڪ– جسمان– ديهه ڌاري.

• **مادئيمُهرو ج مادئيمُهرا:** ذ . صفت. هٺيلو– هوڏ– متڪبر. پاڻ زورو– خودسر– پاڻ هُرتڙيو– نِنر– اٽوٺو– شِدتي– ڪَڏي– نِرجو– اهنڌ.

• **مادي ج ماديُون:** ث . (ف. ماده=مادي) نَرُ جو ضد– مؤنث– ماد . ماڻهو، جاندار، نباتات ۾ مؤنث. ڏهل جو سنهون آواز ڪڍيندڙ پاسو– نالي. (صفت). زنانه – زالاڻه.

• **ماديمُهون ج ماديمُهان:** ذ . صفت. ماديءَ منهون – زنانو– نامرد. ڊڄڻو– گيدي– بي همت.

– **ماديءَ ڪُتَ(ت):** صفت. ماديءَ جو ڪُتيل– زال جو هيسايل. ڊڄڻو– بزدل– گيدي.

– **ماديءَ ڪُڪڙ جو ٻانگ ڏيڻُ:** ضعيف ۽ بي پهچ ماڻهوءَ جو ڪنهن وڏي ڪم ڪرڻ جي هام هڻڻ.

– **ماديءَ کان نَرُ نـَ سڃاڻڻُ:** دنيا جو ڪو بہ تجربو نہ هئڻ– اڻ آزمودگار هئڻ.

– **ماديءَ منُهون ج ماديءَ منُهان:** ذ . صفت. زناني منهن وارو– بنا حشمت (منهن)– بي رعب. ڊڄڻو– گيدي – بزدل.

– **مادي وارُ ج مادي وار:** ذ . گَل جو مادي وارُ– ماده ڪَيسرُ– ٻِندي (پرمانند).

• **ماديو ج ماديا:** ذ . ڪُڪڙ جو هڪ قسم.

• **ماڏاٿو:** سانوڻيءَ جي موسم ۾ ٿيندڙ گاهه جو هڪ قسم. ڏٿ وارو گاهه– مانڏاٿو.

• **ماڏَ ج ماڏُون:** ث . ٻاجهريءَ کي ڳاهڻ کانپوءِ گڏيل اَنُ ۽ ٻُوهِي. (ت). (سومار– راءِ). ڪاري جي ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو– ٻوماڻ. ڍڪڻ لاءِ ڦنبتين مٿان تختو– ڦَتِي.

• **ماڏِريُو ج ماڏِريا(ت):** ڳچيءَ ۾ پائڻ جي ڳَهه جو هڪ قسم– تائيت– تعويذ.

• **ماڏُو:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ماڏو:** اسم خاص. ڪاڇي جي هڪ شهر جو نالو. تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جو شهر. صفت. پيٽُ لَٽ– مانين ٽوڙُ– هٻڇي– پيٽوڙي.

• **ماڏهوڙُ ج ماڏهوڙَ(ت):** ذ . صفت. چيو نہ ڪندڙ– بي چيو– بي فرمان.

• **مادَر:** ث . (ف. مادَر) ماءُ– اَمان – آئِي– ماتا– جَنتي– امڙ– جيجَل– مَيا– والده (انگ)مَدَر.

– **مادَرِزادُ ج مادَرِزادَ:** صفت. ماءُ جو ڄڻيل. اصل جو – اصلي– جنم جو پيدائشي.

– **مادَرِ وطَن:** ماترڀُومِي– جنم ڀُومِي– پنهنجو وطن.

– **مادرِي ج مادرِي:** صفت. ماءُ جو– مائڪو– ماماڻو– ناناڻو– ناناڻڪو.

– **مادرِي زَبان:** ث . ماءُ جي زبان– ماءُ پيءُ جي زبان– گهرَ جي زبان– ذاتي زبان– خانداني زبان– پنهنجي گهرو ٻولي.

• **مادَر پٽو ج مادر پٽا:** ذ . ڪپڙي جو هڪ قسم(بافتي جهڙو جهالاٽو ۽ ڪورو، ڌوئڻ کان پوءِ رنگ ۾ کلي).

• **مادرِي (ت):** گهوڙي جي پنڌ جو هڪ قسم– ڄائي ڄم واري ٽور.

• **ماده:** ذ . ( ع. ماده= ڌاتو)هرچيز جو اصل– مادو.

• **ماڏهين:** ( ڪ). ظرف. لاچار– زوري. ماڳهين– هرو ڀرو.

• **مارِٽِي:** اسم خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مارپيچَ:** اسم خاص. نادر شاهه جي هڪ تلوار جو نالو(جيڪا راڻيپور جي پيرن وٽ محفوظ آهي). (ن– ب).

• **مارڇا( ڪ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **مارَڇو ڪَرڻُ:** هُندِي مٽائڻ– هُندِي بدلائڻ.(پرمانند).

• **مارَڏَ:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مارَفو ج مارفا(ت):** ذ. واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار– سُونهَڻ– رواتو

• **مارَڪو ج مارَڪا(ل– ڪ – ڪ):** ذ . ( ع. معرڪو جو بگڙيل لفظ) منڊپ– چاوٽي. مجلس – رهاڻ– ڪچهري– اوراڪو( ڪ). ڳائڻ وڄائڻ جي مجلس. (انگ. Mark)نشان. جو ڳوٺين ۽ ڳنڍين تي سڃاڻپ لاءِ لڳائيندا آهن.

• **مارڪيٽَ ج مارڪيٽُون:** ث. (انگ). واپار جي جاءِ– بازار –منڊي.

• **مارڪُ ج مارڪَ(ت):** ذ . (سن. مارگ= وڏو رستو– ڏِگ – سڙَڪ– مارڳ. نشان– اُهڃاڻ– پتو– پارُ. (ل– وفا).(اسم خاص). ماڻهوءَ جو نالو. واهه جو نالو"مارڪ واهه".

• **مارا:** حرف ندا. عجب ڪائڻ وقت زبان مان نڪتل لفظ– هَڻا! – ٻَلّي!– اوهه! وچ!.

Gul Hayat Institute

ٺاهيل لوڙهو. (پرمانند).

• **مارُو ج مارُوَ:** ذ . هڪ راڳڻيءَ جو نالو- سريراڳ جي ٽين راڳڻي(جا نومبر ۽ ڊسمبر مهيني جي ڏينهن جي آخري وقت ۾ ڳائي ويندي آهي). (آصفيہ). (ذ . صفت). مال چارِيندڙ - مالدار- جهنگ جو رهاڪو- مسڪين- غريب- نادارُ. (ذ) (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

• **مارواڙُ:** اسم خاص. هندستان (ڀارت)جو هڪ علائقو.

• **ماروتُ:** اسم خاص. (ع). هڪ ملائڪ يا نيڪ ماڻهو جو نالو.

• **ماروتُ ج ماروتَ:** ذ. (سن. ماٿلَ) مامي جو پٽُ(ٿ ماروت ج ماروتُون).

• **مارُوڙُ ج مارُوڙَ (ل):** ذ. صفت. سُڃرو(وَهٽُ).

• **ماروسَٽَل:** اسم خاص. راجپوتانا ۽ سنڌ جي وچ وارو وڏين پٽن وارو واريَاسو.

• **ماروجَتُ:** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مارووالو:** اسم خاص. تعلقي اُباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مارُوواهُ:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مارُوئي:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۽ تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. مارئي

• **مارُئي:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ مشهور سيل سَتُر واري عورتُ. عمر ۽ مارئي جي قصي جي سورمي.

• **مارُئي جو ڀَعَرُ:** ذ. خوشبوءِ دار گاهه جو هڪ قسم.

• **ماري ج ماري:** ذ . صفت. (سن. ماري) مارِيندڙ- مارو. شڪار ڪَندڙ- شڪاري- صياد. ڳهاتَڪُ(اسم خاص). تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ماريئَڙُو ج ماريئَڙا:** ذ. صفت. ماري- شڪاري- شڪار ڪندڙ.

• **ماريو ج مارِيا:** ذ . صفت. مار کاڌل- ماري- هيسيل. زناني اصطلاح ۾ مردن لاءِ استعمال ڪيل. ڌڪار جو لفظ.

"جا مڙسي مُڙسن ۾ سا ماريي ۾ ناهه"(ڳنلشڪر).

• **مازان:** ٿ. ڏنڊ. زوري مڙهيل مصيبت.

• **ماڙ:** ٿ . (سن. مڙ= خوش ڪرڻ ۽ سينگارڻ) مدد- حمايت- واهر- سهائتا. دستگيري- رهنمائي- سُونهپ- همراهي. اوٽ- پنيرائي- آڌر- آڌار- ٽيڪ. مهرباني- احسان - وڙُ- ڀلائي - ڪريا.(سن. مَنڊ= منڊڻ) گهر جو مٿيون طبق- منزل- طبقو- ماڙي. (ب ماڙ. نہ ماڙ وغيره).

– **ماڙ تي مِينهَن وَسائِڻُ:** خدائي رحمت ٿيڻ- وڏي مهرباني ڪرڻ. ناممڪن ڳالهه ٿيڻ- اڻ ٿيڻي ڳالهه ٿيڻ.

– **ماڙ ڪَرَڻُ:** مدد ڪرڻ- سهائتا ڪرڻ- واهر ڪرڻ. مهرباني ڪرڻ- ڀلائي ڪرڻ- نيڪي ڪرڻ- احسان ڪرڻ- ڪرم ڪرڻ.

• **ماڙو ج ماڙا:** ذ . صفت. سنهو- پتلو- مَهينُ- سُوڪيَرُ- باريڪ- ڪاغذي- هَلڪو- ڏبرو- گهٽ اَپرو- پٽنگ- يڪتهو- ٻانڊيو- چينجهرو- لينجهہ جهڙو- لينجهڙو- هيڻُ- لاغرُ- ڊانگ- رڳارو- لِڙَ. پاڻيءَ جهڙو - چڊو- پترو- چِٻرو- چِتڙو. خراب- ٻُڇڙو- ٻرو- مَدو- ڏُشٽُ- بَدُ- خَبيثُ- شَرِيرُ- پاپي- پاپائتو- مَندو- پراڇتي. گهٽُ- ٿورو- ڪَسو. (ذ). مچرداني جي ٻڌڻ لاءِ ڪَهي.(ل). وڏو گهر- حويلي- بنگلو(ت).

• **ماڙها ج ماڙهائُون (ٿ):** ٿ . مالها- هار.

• **ماڙهو ج ماڙها (ٿ):** ذ . جهار هلڪڻ لاءِ وڻ تي ٺهيل پيهو- پيهي. (راء).

• **ماڙهُو ج ماڙهُو:** ذ. (سن. منش= ماڻهو)ماڻهو- آدمي.

– **ماڙهپائي ج ماڙهپائيُون:** ٿ. انسانيت- ماڻهپو- آدميت.

– **ماڙهپو ج ماڙهپا:** ماڻهو- انسانيت- ماڙهپائي- ماڻهپو.

– **ماڙهُو چيڙهُون:** ذ. ماڻهو چيٽون.

• **ماڙي ج ماڙيُون:** ٿ . (سن. مَنڊ= سينگارڻ) جاءِ - گهر- مڪان. گهر يا جاءِ جو مٿيون طبقو- جاءِ جي مٿان ٺهيل ٻي جاءِ - ماڙ.(اسم خاص). تعلقي خيرپور ميرس. تعلقي سکر. تعلقي روهڙي. تعلقي اُباوڙي. تعلقي ڪڪڙ ۽ تعلقي فيض گنج (خيرپور ميرس) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ماڙي وسايو:** ٿ . تعلقي گولاڙچي ۾ هڪ ماڳ.

• **ماڙي جان شاهُ:** اسم خاص. تعلقي روهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ماڙي جعفرخان:** اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ماڙيچي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊوالهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ماڙيچا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ماڙيچو ج ماڙيچا:** ذ . صفت. مارواڙ ملڪ جو رهاڪو- مارواڙي.

– **ماڙيچاڻي ج ماڙيچاڻيُون:** ٿ . صفت. مارواڙ ملڪ جي رهاڪو (عورت)- ماڙيچڻي- ماڙيچڻ- مارواڙڻ.

– **ماڙيچڻ ج ماڙيچڻُون:** ٿ. ماڙيچاڻي.

– **ماڙيچڻي ج ماڙيچڻيُون:** ٿ . ماڙيچاڻي- ماڙيچڻ.

• **مازادُ ج مازادَ:** ذ . (ف. مادرَ= ماءُ+زادن= ڄمڻ)ننڍو اُٺ- ڳوُرو- ڪَنواٽُ. جوان اُٺ. گهر ۾ ڄايَلُ ۽ نپائي وڏو ڪيل ڪنهن بہ جانور جو ٻچو. (پرمانند).

Gul Hayat Institute

گر). (اسم خاص). تعلقي روهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **مامرو مَنڊڻ:** وڙهڻ– تڪرار ڪرڻ– اٽڪڻ– جهيڙو ڪرڻ– فساد ڪرڻ– جهڳڙو ڪرڻ.

– **مامري پوڻ:** آزار ۾ پوڻ– مصيبت ۾ پوڻ– آفت ۾ ڦاسڻ.

• **مامڻ:** مصدر. (۾) ماپڻ– سمائڻ– هئڻ– جاءِ ملڻ– وٺي ملڻ. (ماميو– ماميندو– ماميل). (پرمانند).

• **مامڻ(ت):** مصدر. اشارو– مامر ڏيڻ. (ماميو– ماميندو– ماميل).

• **مامو ج ماما:** ذ. (سن. ماتُلَ= مامو) ماءُ– جو ڀاءُ.

– **مامالو ج مامالا:** ذ. صفت. مامي جو. مامي جي طرف جو. مامي جي آڪهه مان.

– **مامُون ج مامان:** ذ. مامو– ماءُ جو ڀاءُ.

– **مامِي ج مامِيُون:** ث. مامي جي زال– ماءُ جي ڀاڄائي.

• **مامُور:** ذ. صفت. (ع. مامُور=مقرر ڪيل) حڪم ڪيل– حڪم ڏنل– امر ڪيل– مقرر– نصب ڪيل. اجازت ڏنل– موڪل ڏنل– اختيار ڏنل. قسمت ۾– نصيب ۾– مقدر ۾. ذ. (ع. مَعمُول جو بگڙيل). رواج– دستور – پِر– وَٽيرو– سرشتو– ليڪو– هَلِي چَلِي– مرجاتا. ڪَرمُ– ڪَرمَ ڪارُ– ڪار– ڪارجُ– حاجَ– ڪاجُ– ڪَرمُ– ڏنڊو– ڪِرت.

– **مامُور ڪَرڻ:** مقرر ڪرڻ– مُتعين ڪرڻ– ڪو ڪم سپرد ڪرڻ– ڪنهن ڪم تي نوڪر رکڻ.

– **مامُوري ج مامُوري:** صفت. ٿيڻ جوڳو– ممڪن– هو وٺهارُ– عمل ۾ آيل– عمل ڪرڻ جهڙو. مخموري– مستي.

– **مامُوري:** ث. (سن. مَهاماري) وڏي بيماري– ڳري آفت– طاعُون. (ع. ماموريت– خدا جي طرفان امر ڪيل) وڏي بيماري– وڏو خطرو– آسماني آپدا. تپ جو هڪ قسم. (ل– غريب).

• **مامُون:** صفت. (ع. مامون= امن ڪيل) امن ڪيل– محفوظ– بي خوف. (اسم خاص). بغداد جي خليفي هارون رشيد جي پٽ جو نالو.

• **ماموءِ:** تنهنجو مامو. مامهين.

• **ماموئِي:** ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم– پکِل عضون جي ڳنڍڻ لاءِ ڪم آندل هڪ ٻوٽيءَ جي پاڙ (پکل عضون کي ڳنڍڻ لاءِ دوا) – (ٻن قسمن جي هڪ سلاجيت وانگر ٻهاڙن مان رسن وانگر نڪري. ٻي عنبر. ڪستوري ۽ قيصر وغيره مان ٺهي). مهمائي– موميائي. (اسم خاص). فقيرن جو هڪ فرقو. آڳاٽي وقت ۾ سنڌ جا ست ماموئي فقير.

– **ماموئِي ٿيڻ:** گرميءَ جي ڪري بلڪل گهٽو پگهرجڻ– موم ٿيڻ. پگهر ۾ شل ٿي وڃڻ.

• **ماميج ج ماميجُون (ث):** ث. (ف. مهميز) سزا سيڪت. اِشارو– مهميز– ٽوڪر– نوڪر– آڙي. جزا. عوض– بدلو– اُجورو (ڪ).

• **ماميچو:** ذ. گاهه وانگر چمنڊڙ ول جو هڪ قسم.

• **مامِيرو:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽيءَ جي پاڙ– مَهميرو.

• **مان (ت):** ضمير (ف. من). آءٌ – آئون– مون. حرف جر. (سن. مَدِيان> مَديَہ= وچ) وچان– وچ مان– منجهان.

– **مان تو:** مان اُتيو– مون چيو.

• **مان:** حرف ندا. (سن. من= سمجهڻ). شَل– خدا ڪري تہ – شالَ– شل– مَن– هوند– جيڪر. مون کي اُميد آهي تہ.

• **مانُ ج مانَ:** ذ. (سن. مَان> مَنَ= مڃڻ – عزت). عزت– آب – آبرو– جس – مُهت– شان– آدر. مروت – لحاظ– اقبال– مرتبو– عهدو– درجو. حشمت– دٻدٻو– رعب– فلڪ– ٺاٺ– تيج– عظمت– ادمبر. تسليمات– نياز– آداب – آدستڪار– آدرڀاءُ. گهمنڊ– ايمان – غرور – تڪبر– هٺ– آڪڙ– سيٺ. ناز– نخرو– انگل– آرو. غمزو– لاڏ– ڪوڏ– ماڻو.

– **مانائِتو ج مانائِتا:** ذ. صفت. مانوارو– آبروءَ وارو– معتبر– سگهڙ– شاندار– شانائتو– شان وارو– معزز– ادب وارو– ادبائتو– آبائتو. شريف (ظرف). ادب سان– باعزت – مان سان– شان سان– عزت ماب.

– **مان مِلڻ:** عزت ملڻ. ڪم پورو ٿيڻ– مراد پوري ٿيڻ.

– **مانوارو ج مانوارا:** ذ. صفت. عزت وارو– شانوارو– مانائتو.

• **مانا:** ذ. ڏڪا– ٽاپا.

– **مانا ڪائِي رَهڻ:** حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪرڻ. ڏکيا سکيا ڏينهن گذاري ڇڏڻ. ٻڍو ٿيڻ– پيريءَ ۾ اَچڻ. آخري عمر کي ويجهو اچڻ.

– **مانا ڪائِي مَٽي اچڻ:** مانا ڪائي رهڻ.

• **مانارو ج مانارا:** ذ. ڏينين يا ماڪيءَ جي مکين جو گهر– ڇتُ– ڇاتو.

• **مانٽِڪو ج مانٽِڪا(ت):** ذ. صفت. مڙس ماڻهو. هلنديءَ وارو– پجت وارو– پهچ وارو– پُڄنديءَ وارو.

• **مانجڻ:** مصدر. (پرا: مَنج(اي)= صفا ڪرڻ. سن: مَنُجي(تِي)= صفا ڪرڻ– ماجڻ– مانجهڻ– ملڻ– صفا ڪرڻ– صاف ڪرڻ. موئرو هٽڻ– مٽي سان صاف ڪرڻ–

Gul Hayat Institute

مهت سهت ڪرڻ– مهٽڻ. چلڪائڻ– اُجرائڻ– اڇو ڪرڻ– پالش ڪرڻ. (ٿانءَ کي) رهڙڻ– رڳڙڻ– رهٽڻ– ڪُرڙڻ.

• **مانجِٽِي ج مانجِٽِيُون (ت):** ث. جُوئر جي ماني پچائڻ مهل ڪم ايندڙ ٺڪر جي گول لَسي ڊڪٽي.

• **مانجهه:** ث هڪ راڳڻي جو نالو. اندر– ڳجهه– لڪ– راز. (ت). (وفا).

• **مانجهاڪو:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مانجهانڊِي ج مانجهانڊِيُون:** ث . وڻ جو هڪ قسم– سيوي– مانجهلي– منترو.

• **مانجهانڊِٽِي ج مانجهانڊِٽِيُون:** ث. مانجهانڊي.

• **مانجهانڊو ج مانجهاندا:** ذ. (سن. مَڌيه+آهڻ= منجهند) منجهند جي ماني– ٻپهرو. سفر جي وقت ۾ ٿورو ڊاهو– ساعت جو آرام– ويم ڪانپوءِ ڪنهن زال جو ٻپهرين دفعو پيڪي ۾ اچڻ.

– **مانجهانڊو ڪرڻ:** منجهند جي مانيءَ کانپوءِ ڪجهه وقت آرام ڪرڻ– ٻنپهرن جو ٿورو آرام ڪرڻ. ٿورو ڊاهو ڪرڻ– ساعت ڪن آرام ڪرڻ.

– **مانجهاندي جو ماڳ:** ٿوري وقت جو ٽڪاڻو– وقتي رهائش– ٿوري وقت جو ڊاهو.

• **مانجهاٽو ج مانجهاٽا:** ذ. مونجهارو– سستي– ڏک.

• **مانجهاٽِي (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **مانجهلِي:** ث. ٻولي جو هڪ قسم. (ڪ). سُڳٽي. (ل)– ٿوهر.

• **مانجهند:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **مانجهند:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مانجهڻ:** مصدر. مَلڻ– مهٽڻ– صفا ڪرڻ (اُجارڻ– چلڪائڻ– ڪرڙڻ– رڳڙڻ– صاف ڪرڻ– مانجڻ. (مانجهيو– مانجهيندو– مانجهيل).

• **مانجهو ج مانجها:** ذ. (سن. منجا) لغڙ جي ڏور کي هڻڻ لاءِ شيشي جو چورو ملايل سان ليئي– ڪُٽيل شيشي جو ملايل ليپ. ٻني ڪيڙڻ مهل پُل ڪان رهجي ويل زمين جي وٽ. (سن. مهش= مينهن). ڳائو يا ماهيو گوشت (صفت). مينهن جو– مينهن وارو. (اسم خاص). تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو

• **مانجهو:** مانجهند شهر ضلعو دادو.

• **مانجهولو ج مانجهولا:** ذ. رازڪي ڪم جي هڪ اوزار جو نالو.

• **مانجهو مَٽيو:** ث. سهٽي زال.

• **مانجهي ج مانجهي:** ذ . صفت. (پرا. مانجهيو. سن. منجهي (ايڪ) = همت وارو) ٻيڙيءَ جو ونجهه هلائيندڙ– ٻيڙي هلائيندڙ– ٻيڙائيتو– ناکئو– ملاح. جهاز هلائيندڙ– ڪپتان– همت وارو– همٿ وان– سُورمو– سورهيه– بهادر – پهلوان– غازي – دلير– بانڪو– جوڌو – قوي– ٻلوان ٻلي– ٻليارو– مهمير– طاقتمند– شُجاع. چالاڪ– هوشيار – حرفتي– سياڻو– ڏاهو– داناءُ– اٽڪلي – اٽڪل باز– ڪيتاري. (سن. مَڌيه =وچ) وچ ۾ رهندڙ– سردار – ڏرو– مهندار – اڳوان– اڳواڻ. جيهڙو ٺاريندڙ–ثالث. (اسم خاص). تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مانجهياٽِي:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **مانجهيرُو ج مانجهيرُو:** ذ. صفت. ٻئي جو ڳجهه ڄاڻيندڙ– ٻئي جي اندروني راز مان واقف– واقف راز– رازدار– پيڊي– واقف– سونهون– رهبر– هادي– پيشوا. (پرمانند).

• **مانجهيلو ج مانجهيلا:** ذ. وڏو ديگڙو– ميانو.

• **ماڄُونو:** صفت. مڄٺ جو رنگ، سنو ڳاڙهو رنگ. مَڄٺ جي رنگ سان رڱيل ڪپڙو.

• **مانجو ج مانجا (ت):** ذ. واڍڪي اوزار جو هڪ قسم– ڪاٺ تي ليڪن ڪڍڻ جي ڪم ايندڙ رندو.

• **ماند:** ظرف. مهند– مهندان– روبرو.

• **ماندا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ماندو ج ماندا:** ذ. (پرا. ماندو. سن. مانده. ف. مانده= بيهوش) بيهوش– بي سُرتيو– بي حال– بي حس– ٽريل (ماٺهو)– ڏنڊ پيل– مورڇا– وسائل– بي سڌ– آنڊ ماندڙ ۾ پيل. چُور– ورتل– ڪهيو– ٿڪل– هَڄيل– ڳهيل. آتو– ڪڪ– بر– عاجز– بيزار. قس– ڦان– ساٽو– خستو. موڳو. منتظر– آسائتو– آتو. (ث. ماندي ج ماندِيُون).

– **ماندائي ج ماندائيُون:** ث . بي هوشي– بي سُرتيائي. ماندگي– بيزاري– ٿڪ. بي آرامي– مونجهه– بي چيني– لوچ پوچ– انتظار. فڪر– اونو– خيال.

– **ماندڪائي ج ماندڪائيُون:** ث . ماندائي– ماندگائي– ماندگي. ٿڪ– چوڪڙو– ٿڪاوٽ. بيزاري– ورچ.

– **ماندگي ج ماندگيُون:** ث. ماندائي– ماندگائي– ماندڪائي. دل جي پريشاني– وياڪلتا– گهبراهٽ. ٿڪن– ٿڪاوٽ. بي چئني– بي آرامي– مونجهه– لوچ پوچ– بي مزائي. فڪر– ڳڻتي– اونو– خيال– اوسيئڙو– انتظار.

• **مانڊيو ج مانڊيا (ت):** ذ. مڏيئڙو– جهرٽو. ماناٽي.

Gul Hayat Institute

پورنماسي جو چنڊ.

– **ماهِ ڪنعان:** ذ . ڪنعان جو چنڊ– حضرت يوسف عليه السلام جو لقب.

– **ماهُ نڪي مَڃي ٿِيڻُ:** ڪنهن ڪم نہ اچڻ– ڪنهن ڪم جو نہ ٿيڻ– ڪو فائدو نہ رسائڻ.

– **ماهوارُ ج ماهِوارَ:** ذ . صفت. ظرف. ماسڪُ– ماهيانو– هر ماهَ– ماهواري– مهيني سِرُ– هَر مهيني– دَر ماهہ– ماهہ بماهہ– مهينان مهيني– فِي ماهہ– درماهانہ.

– **ماهواري ج ماهِواريون:** ث . صفت. مهيني جو– مهيني وارو– چنڊ جوَ– ماهوار.(ٿ). مهيني سر مهيني عورت کي ايندڙ رَت – ڪپڙا– حَيضُ– گندَيون. ڦُلَ.

– **ماهِي ج ماهِي:** ذ . صفت. ماهہ وارو– ماهہ جو. ماهہ جهڙو– سهڻو– حسين. محبوب– معشوق– دلبر– جاني– پريتم– جانب– مُحب– سڄڻ.(غريب اللغات).

– **ماهِيانو ج ماهِيانا:** ذ . هر مهيني مقرر ڪيل وظيفو– مهيني سر مليل پگهار– تنخواهہ.

• **ماهِرُ ج ماهِرَ:** ذ . صفت. ( ع. ماهر= قابل) ڪنهن ڪم جو تمام ڄاڻو– ڪامل فن– ڪاريگر– اُستاد– قابل. هُنري– هنرمند– حاذق– سُگهڙ– پَڙُ– واقفڪار– سَعِي– هوشيار– چالاڪ– گوهَرُ– چَرب دست– تيز فهم– زِيرڪ. سليقہ شعار. واصف– آگاهہ ڄاڻو– تجربيڪار– گوهر.

• **ماهِڙُ ج ماهِڙَ:** ذ . صفت. (سن. مهشي= مينهن) ماهيو ڪير وڪڻندڙ– ياڳيو– ڏوڏي.

• **ماهِلُ ج ماهِلَ:** ذ . صفت. ڳنڍيل – مليل– گڏيل– رليل– گاڏڙ ساڏڙ– گڏيل سڏيل– مُرڪب– گڏجي ويل– ملاوت ٿيل– مَئِل ٿيل.

• **ماهِنڊُ ج ماهِنڊَ:** ذ . اسم . مينهن جي بيماري جو هڪ قسم(ت). ڪانڙيو. (ت). ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو– ڳَنُ ڪي ٻڌڻ جو رسو. مشهوري– شهرت– هاڪ – ڏاڪو– ناماچار. چم ۽ سٽ جو ڳانو جيڪو سونهن لاءِ مال جي ڳچي ۾ ٻڌجي.

• **ماهو:** ذ . ڳاهہ – قتل – جنگ.

• **ماهو پوڻ(ت):** خون ٿيڻ– قتل عام ٿيڻ– ڪوس پوڻ– مصيبت پوڻ– موت پوڻ– ماهي مال ۾ بيماري پوڻ– ڪانڙيو پوڻ.

– **مري ماهو ٿيڻ:** قتلام ٿيڻ.

• **ماهُوتُ ج ماهُوتَ:** ذ . گرم ڪپڙي جو هڪ قسم. بَنَاتَ.

• **ماهُوتا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ماهوٽو ج ماهوٽا(ڪ):** ذ . وڏي جبل جي پاسي کان ڦُٽي نڪتل ننڍو جبل.

• **ماهوجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.(گلقند).

• **ماهوئِي ج ماهوئِيون (ڪ):** ث . ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.

• **ماهِي:** ث . (ف. ماهي= مڇي) مڇي– حُوت– مين– (سچل).

– **ماهِي پُشتُ ج ماهِي پُشتَ:** ذ . صفت. مڇيءَ جي پٺ جهڙي پُٺن وارو– ڪُبو– گُڪو– اُپيٽو.

– **ماهِي خورُ ج ماهِي خورَ:** ذ . صفت. مڇي کائيندڙ – مڇي کاياڪ. (ذ). پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم– ٻَگهہ– ٻگو– ٻگهُلو– وڏي سِلِي.

– **ماهِي فروشُ ج ماهِي فروشَ:** ذ . صفت. مڇي وڪڻندڙ– سانِي – مهاڻو.

– **ماهِي گِيرُ:** ذ . صفت. مڇي پڪڙيندڙ– مڇي ماريندڙ– گهاتو– مهاڻو– ماڇي.

• **ماهِيَتَ ج ماهِيَتُون:** ث . ( ع). حقيقت– ماهيت. اصلي مادو– حقيقي وجود– اصل. اصليت جي ڄاڻ– پروڙ– خبر– سُڌ– سماءُ – ڪُلَ– گُرَ– سَمڪ. وديا– گيان– علم. جوهر– مغز– تَتُ– سار – مول – مايو. حالت– ڪيفيت– صورت– روداد– دَشا. حال– حال جي حقيقت.

• **ماهِيچو ج ماهِيچا:** ذ . قالب– ڪارَبُ– سانچو. رٿ– تجويز. خاڪو– مسوَدو. (شرٿ). واڍڪي اوزار جو هڪ قسم. ڪاٺيءَ جي ڪنار تي ٻن ليڪن ڪڍڻ وارو رَندو.

• **ماهِيڙُ ج ماهِيڙَ:** ذ . صفت. (سن. مَهشي= مينهن) مينهن وارو– ياڳيو.

– **ماهيڙو ج ماهيڙا:** ذ . ماهيڙُ.

– **ماهيڙياڻي ج ماهيڙياڻيون:** ث . ڪير واري – ڪير وڪڻندڙ عورت– ڏوڌڻ– ڏوڌياڻي– گوالڻ– ڀَڇاڻي.

• **ماهِي لَغاري:** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ماهِين ج ماهِيُون:** ث . (سن. مُشَ= ناس ڪرڻ– ڪُهڻ). خونريز مقابلي(ماهي) ۾ ماريل مڙس مٿان هڪ خاص قسم جي ٿُلُ واري قبر(ڏيوري). ("گهاري لڳ ڀنيور جي ڀِڙي جي اُتران ٿي ماهيون آهن. "جن مان ٻہ ڪلمتي بلوچن جون ۽ هڪ جوکيي جي جيڪي جاکرن سان وڙهندي مارجي ويا). (ن–ب).

• **ماهِينڊُ ج ماهِينڊَ(ل):** ذ . چوپائي مال جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل گهٽين ڳنڊين وارو رنگين ڏاڳو– ڳانو. (مهيري).

Gul Hayat Institute

• **ماهِيو ج ماهِيا:** ذ . (سن. مَهِشِي= مينهن) ماهو مال-- مينهُون. (صفت). مينهن جو- ماهي مال جو.

— **ماهيلو ج ماهيلا:** ذ. صفت. ڪير مکڻ وڪڻندڙ- ماهِيڙ- ماهيڙو.

— **ماهِيو چمڙو:** ذ. مينهن جي کَلَ- ماريل مينهن جو چمڙو- ماهو چمڙو.

• **ماڳ:** ث . (سن. مارگ= ماڳ) ماڳُ- هنڌ- جاءِ - جڳهه- جُوءِ- منزل مقصود- بندر.

"ريءَ همراهي هاديءَ جي مُور نہ مري ماڳ" (سريراڳ-شاهه).

• **ماءُ:** ذ. (ع). پاڻي- جَلُ- آبُ- نِيرُ- جَرُ. رَسُ- عرقُ.

• **ماءُ اللحم:** ذ . گوشت جو عرق- گوشت جو چڪايل عرق. حڪيمن جي دوا.

• **ماءُ ج مائُون، مائُرُ:** ث . (پرا.مائُو آ. سن. ماتڪا> ماتر- ماتا> ما= ماءُ) اَمِي - اَمان- اَمڙ- ماتا- والده - مادر- جيجل- ڄڻيندڙ- جنني- آئِي. آيَل.

"ماءُ سا ماءُ، ٻيو سڀ دنيا جو واءُ" (چوٽي).

— **مائِٽو ج مائِٽا:** ذ . صفت. ماءُ جو - ماءُ وارو. پِيءُ ماءُ مان- ماٽيلو- ماٽيجو- ويڳو.

— **مائِٽو پِيئَٽو:** ذ . صفت. ساڳئي ماءُ پيءُ جو- سڳو- سڪو- سچو- پورو- نيڪ- حقيقي . مالڪن وارو- ڌڻين وارو.

— **ماءُ پيڙو ڪَرَڻُ(ڪ):** قبر ۾ پُورڻ- دفن ڪرڻ.

• **مائِٽُ ج مائِٽَ:** ذ . (سن. مِترُ= مائٽ) مِٽُ- عزيز- رشتيدار- خويشُ- سَڪو- سَڳيٽو- شريڪ- سِئالُ- سڳو- قريب- ويجهو. (ث). (مائِٽِياڻي ج مائِٽِياڻِيُون).

— **مائِٽاڻو ج مائِٽاڻا:** ذ . صفت. عزيزاڻو- عزازت جو - شريڪت جو - رشتيداريءَ جو. ماءُ پيءُ وٽان ورثي ۾ مليل(مال وغيره).

— **مائِٽِي ج مائِٽِيُون:** ث . مِٽاچاري- سڳائي- عزيزي- عزازت- مِٽِي- رشتيداري- قرابت- شريڪت- سَڪائِي- لاڳاپو- ناتو- ڳانڍاپو- سبنڌ- تعلق- نسبت- واسطو- سَڱُ- شادي.

— **مائِٽِياڻي ج مائِٽِياڻِيُون:** ث . عزيزياڻي- رشتيدار- سڳي- سَڪِي- مِٽَ- شريڪ.

— **مائِٽِي چَوائِڻُ:** ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي پاران سَڱَ بند جي ڳالهه ڪرڻ- وچ واري ماڻهوءَ جي هٿان شاديءَ جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ.

— **مائِٽِي چَوڻُ:** سَڱَ گهرڻ- رشتيداري ڳنڍڻ- مائِٽي ڪرڻ- سَڱَ چڪائڻ- ٻانهن گهرڻ- سڳاوتي ڪرڻ.

— **مائِٽِي ڪَرَڻُ:** سَڱُ ڪرڻ- رشتو ڳنڍڻ .

— **مائِٽِي ڪَندَڙ زالَ:** وچ واري - سڳاوت ڪرائيندڙ زال- ڏُوتِي.

• **مائِجَڻُ:** مصدر. ماپجڻ- ماپڻ- سمائڻ- سمائجڻ- وٽِي ملڻ- جاءِ ملڻ- جڳهه ملڻ. جاچڻ- چڪاس ڪرڻ- نظر مان ڪڍڻ. (مائيو- مائِيندو- مائِيل).

• **مائِچو ج مائِچا(ل):** ذ . وَاڍڪي اوزار جو هڪ قسم- ماهِيچو. ماهِيچي سان ڪڍيل ٻِٽي لِيڪَ.

• **مائُڙِي:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مائِڪَڻُ(ل):** ذ . صفت. رنگ اُٺ جو.

"مائڪڻ محبوب جا سينگاريا سونهن" (شيخ ابراهيم).

• **مائِلُ:** صفت. (ع). لاڙو ڪيل- جهڪيل- ليٽيل- نِميل. راغب- لاڙُو. چاهه وارو- شائق- خواهشمند. متوجهه. ملتفت. عاشق.

— **مائِل ٿِيَڻُ:** لاڙو ڪرڻ- جهُڪڻ- لڙڻ. راغب ٿيڻ- متوجهه ٿيڻ- رجوع ٿيڻ- رغبت ڪرڻ. فدا ٿيڻ- مفتون ٿيڻ- فريفتہ ٿيڻ.

— **مائِلُ ڪَرَڻُ:** رُجوع ڪرڻ- راغب ڪرڻ- متوجهه ڪرڻ- توجهه ڏيارڻ. پنهنجي طرف ڪرڻ- لاڙڻ- لاڙو ڏيارڻ.

• **مائِلو ج مائِلا:** ذ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم(نانگ جهڙي) -مائِيلو.

• **مائِڻُ:** مصدر. (مانئجڻ- ماپجڻ- سمائجڻ- پورو اچڻ- (مائيو- مائيندو- مائيل).

• **مائُو ج مائُو، ماوا:** ذ . مٺائيءَ جو هڪ قسم. ڪير کي ڪاڙهي گهاٽو ڪري اُن مان ٺاهيل مٺائي.(ف. مايہ)سار- تت- ست- جوهر- مايو- مغز- ماهيت- مال. پسارڪي وکر جو هڪ قسم. رنگ جو هڪ قسم- نيلو رنگ. ماپ- انداز- وزن- مقدار. (ت). تولهه- تلهائي- تلهاڻ(صفت). نيلو- نيرو- آسماني. ڪُئنرو- نرم- پٽڙو.

— **مائيدارُ ج مائيدارَ:** ذ . صفت. مائي جو- مائي وارو- مائوپيل. ڳَردار. سَٽروٽر- جسم وارو- پينو- مضبوط- نَهرو.

• **مائِي ج مايُون:** ث . (سن. ماتَر= ماءُ) ماءُ- امڙ- امان- ماتا- مادر- آئي. ڄڻائيندڙ عورت- نپائيندڙ عورت- دائي- آيا. ڪا بہ عورت. ڪنهن بہ عورت کي سڏ ڪرڻ لاءِ عزت وارو لفظ. بيماريءَ جو هڪ قسم- وڏي مائي- ماتا- ٿڌي- سيتلا- چيچڪ- وڏي ماتا.

— **مائِي ٻَاپُ:** ذ . ماءُ پيءُ - ماتا پتا- مادر پدر- والدين. پالڻهار- ان داتا. حاڪم.

— **مائيتو ج مائيتا:** ذ . صفت. ماءُ جي طرفان. ماءُ جو. هڪڙي پيٽ جو.

— **مائيتو پيئتو:** ذ .صفت. هڪڙي ئي ماءُ پيءُ جو- سڳو.

— **مائِيءَ جو مَنڊَل ڪڍڻ:** مائي جي بيماري وقت مٺيءَ جو چاڏو

Gul Hayat Institute

پاڻيءَ سان پري ڪڻ.

• **مائيءَ جو موٽ ڪائڻ:** مائيءَ جي بيماريءَ جو، هڻي وري شروع ٿيڻ.

– **مائي جي مهر ڪرڻ:** ماتا جي بيماري نڪرڻ.

– **مائي مَنائڻ:** مائي جي بيمار کي آرام ڏيڻ لاءِ ڳائڻ ۽ سڳڻ ساٽ ڪرڻ.

– **مائي نڪرڻ:** ماتا نڪرڻ– چيچڪ جي بيماريءَ ۾ وٺجڻ.

• **مائيپوتو ج مائيپوتا:** ذ . صفت. سون جو ڪم ڪندڙ– سونارو– سونارُ– سُنار.

• **مائي ڳاڙهي:** اسم خاص. ڪراچي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مايا ج مايا، مايائون:** ث . (سن). قدرتي طاقت– عجيب طاقت. خدائي طاقت. ايشور شڪتي. قدرت. ظهور قدرت– نيچر– فطرت– خلقت– ڪرشمو– ڪرامت. پاهرين شين جو ڪوڙو ڏيکاءُ(جو حقيقت ۾ ڪجهه نه آهي، پر رڳو وهم آهي)– نَڳيٽو روپ. جڙتو ٺاهه– ڪوڙو خيال– وهم– ڀرم. پاهريون نظارو– ڏيک– ويک – ڏيکاءُ. ٺڳي– دغا– دلبو– ڌُتار– مڪر– فريب– ڪپٽ– ڇَلُ. لوڀ– موهه– لالچ – لالچائيندڙ شيءِ – ناڻو– ڌن– دولت– مال– ملڪيت– زر– مايا– پئسو. وَجهه– وَسلو– تيڙ تاڙي– اسباب. قرب– پيار. زال. عورت. رونق. روشني. بهار. ڪيفيت. لطف.

– **مايا اڏائڻ:** اجايو خرچ ڪرڻ– پئسو ڦوڪڻ– ناڻو ڌُف ڪرڻ.

– **مايا جو مُريد ٿيڻ:** ڪنجوس ٿيڻ– بخيل ٿيڻ.

• **مائيت:** ث . (ع. ماهيت جو بگڙيل). ماهيت– حقيقت– اصليت– بناوت.

• **مايَر:** ذ . صفت. جوين کي پهتل– مايي وارو– متارو– ٿلهو– سٽيو.(ذ). ٻلي جو هڪ قسم– آنيارو پلو– مادي مڇي.(نر مڇيءَ کي آپڙو چئبو).

• **مايو ج مايا:** ذ . (ف. مَايَہ). اصلي مادو– اَصل– حقيقي وجود. سار– تت– ست– جوهر– مغز– مادو– پُهائي– ڪارڻ– بنياد. ذخيرو– موجودات– موڙي.

– **مايدارُ ج مايدار:** ذ . صفت. تت وارو– سار ڀريو– ڀريل– وزنائتو.

• **مايوسُ ج مايوسَ:** صفت (ع). نِراس– نااُميد– ويڳاڻو– بي آس– نراسو– بي ترقع– ناڪام– نامراد– دل شڪستو– بي اُميد.

– **مايوسُ ٿيڻ:** نااميد ٿيڻ– نراس ٿيڻ– بي آس ٿيڻ– اميد ٽٽڻ– ناڪام ٿيڻ– دل ٽٽڻ– دل شڪستو ٿيڻ.

– **مايوسُ ڪرڻ:** نااميد ڪرڻ– نراس ڪرڻ– بي آس ڪرڻ– ناڪام ڪرڻ– دل ٽوڙڻ.

– **مايُوسي ج مايُوسيُون:** نِراسائي– نااُميدي– دل شڪستي – محرومي– نامرادي– ناڪامي.

• **مايَہ:** ذ . (ف. مايہ= هُوند) هُوند– پُونجي– سرمايہ– جمع. راس المال. اصل. مادو. مقدار. قدرت. سامان. بنياد. زر– دولت. مايو.

• **مُباحُ ج مُباحَ:** صفت. (ع). مناسب– رَوا– جائز– واجب– حقي– حقائتو– حَلال– حَلال جو– رهندو– قانوني– شرعي– باقاعدي– درست– صحيح– برحق. پاڪُ– صاف(ظرف). بخش– مُعاف– ڇُوٽ.

– **مُباحُ ڪرڻ:** جائز ڪرڻ– روا رکڻ– حلال ڄاڻڻ– درست سمجهڻ. بخش ڪرڻ– معاف ڪرڻ– بخشي ڇڏڻ.

• **مُباحثو ج مُباحثا:** ذ . (ع). بحث – مُناظرو– تڪرار– سوال جواب– ردبدل– مقابلو– حُجت.

• **مُبادا:** ظرف. (ف). مَتان– نہ ڄاڻ– سَڄاڻ– مَڃڻ– جم– متان ئي – الاجي– شال ائين هجي– خدا رکي وٺي– خدانخواستہ– خدا نہ ڪري– اتفاقاً– ڏسو ڪٿي– ڪهڙي خبر– جيڪر– ممڪن– هُوند– ٿي سگهي ٿو.

• **مُبادلو ج مُبادلا:** ذ . (ع. مبادلہ) مَٽا سَٽا– بَدل سدل– واري ڦيري – تبادلہ .

• **مُبارَڪ ج مُبارَڪُون:** ث . (ع . مبارڪ= ڪِير) واڌائِي– ڪِيرَ– مبارڪي– مبارڪي. جَسُ– شاباسُ– شابَسَ. دُعا– آسيس– بندگي.(اسم خاص). تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **مُبارڪبادَ ج مُبارڪبادُون:** ث . ڪِيرَ– واڌائي– مبارڪ– مبارڪبادي.

– **مُبارڪبادي ج مُبارڪباديُون:** ث . ڪِيرَ – واڌائي– مبارڪ– مبارڪباد.

• **مُبارَڪُ ج مُبارَڪَ:** ذ . صفت. (ع . بارڪ=برڪت وارو) بابرڪت– خوش نصيب– خوش قسمت– ڀلارو– ڀاڳ وارو– سعيد– سَعدُ. پاڪ – مُقدس. سُٺو– چڱو– مُوافق– لائق– وڻندڙ– موچارو.

• **مُبارَ ڪپُور :** اسم خاص. تعلقي سکر. پني عاقل ۽ تعلقي ٺل ۾ ٽپي ۽ ديهه جو نالو.

• **مُبارڪ جاگير:** اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مُبارَڪُ واهُ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مُبارڪي ج مُبارَڪيُون:** ث . مغز جي هڪ بيماري– مغز جي سوج– سرسام– بي هوشي. (چري مبارڪي). خشڪي–

Gul Hayat Institute

— **مَتَ ڪَسِجَڻُ:** سمجهه وڃڻ— عقل چٽ ٿيڻ.

— **مَتَ مَاجَڻُ:** سمجهه وڃڻ.

— **مَتَ ڪَسَڻُ:** هوش وڃائڻ— حوصلو خطا ڪرڻ— عقل وڃائڻ— حواس گم ڪرڻ— بي خطا ڪرڻ.

— **مَتَ ڪسِجَڻُ:** اُلٽي مت اچڻ— اُبتي سمجهه ٿيڻ— ٻڌي مارجي وڃڻ.

• **مَتيِي ج مَتيِيُون(ت):** ث. سزا— مار— سيکت— تنبيهه— هدايت.

— **مَتيِيُون مَنجهڻُ:** حواس خطا ٿي وڃڻ— وائڙو ٿي وڃڻ— حيران ٿي وڃڻ. موڳو ٿيڻ— سست ٿيڻ.

• **مَتُ ج مَتَ:** ذ. (سن. مَتَم= رايو) مذهبي ٽولي— پنٿ— فرقو— ڪوفو. "مثلاً: ٻڌ مَت وغيره" ڌرم. ويساهه— پروسو. جبل جي پٺي— ماٿري— ماٿر(ڪ).

• **مَتُ ج مَتَ(ت):** ذ. صفت. ٿلهو— ڌونسو— مَٽڪو— ڏِڳُ. (وفا).

• **مُتابعَتَ:** ث. (ع). تابعداري— فرمانبرداري— اِطاعت.

• **مُتاثِرُ:** صفت. (ع). اثر هيٺ آيل— اثر پذير— اثر قبول ڪندڙ— اثرائتو— مؤثر. ڪارگر— ڪارآمد. دل تي اثر ڪندڙ— دل ۾ چُڀندڙ— رقت انگيز.

• **مَتارو ج مَتارا:** ذ. صفت. (سن. مَدَ= مستي) ٿلهو— متو— (بدن ۾) پريل— ڏنبو— ڏٿو مٿو— سٿر وٿر— چوٻڪو— ڏمتالُ— جبرو— جانئو— قوي— جنگ— سڌرُ— ٻِٽو— جٽو— زٽو— مٽڪو— ڏڳ— سپرُ— رَڏ. تندرست— چگو پلو— نمرو— جوپُ. جَرٻيءَ وارو(چوپايو مال)— چڪنو— سٿيو— سيرو— سوڪو— (ٻڪرُ). ذ. (ع. مُطهرة= سانداري) مسافريءَ تي پاڻ سان ڳڏ پاڻي کڻي وڃڻ لاءِ چمڙي جي ٿيلهي— ڪِلي— ننڍو ساندارو— پخال— مشڪ. (پرمانند). (ث. مَتاري ج مَتاريُون).

— **مَتارائي ج مَتارائيون:** ث. ٿولهه— ٿُلهاڻ— ٿُلهائي— چوٻُڪائي موٽائي— جاڏائي— ڌونسائي— جاننائي— سٿيائي— سٿيي— چڪنائي— جربي.

— **مَتارا مُچ ڪَرڻُ:** زبردستن کي مات ڪرڻ.

• **مَتاروساند:** اسم خاص. تعلقي مٺيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَتاء سِفُ:** صفت. (ع). افسوس ڪندڙ— ارمان ڪندڙ— ڏک ڪندڙ. غمگين— ڏکارو— ڏکويل. اُٽس— مايوس.

• **مَتاعُ ج مَتاعَ:** ذ. (ع). گهرجو سامان— اسباب— مڏي— وسلا— ٽِپڙَ. مالُ— ملڪيت— مالي— ماليات— ڌن— دولت— ناڻو— راس— ٽِت— اِملاڪ— پُونجي. سوداگريءَ جو مال اسباب— مال تجارت— واپار جو سامان. سودو سامان— چيزَ— شيءِ.

• **مَتان:** ظرف. نَہ— مَ. بلڪل نہ— اصل نہ. مُبادا— جمَ— نہ جاڻا— مَچُڻ— جيڪس— الاجي— شايد— جيڪر— مجاڻ.

• **مَتانَتَ:** ث. (ع). مضبوطي— پُختگي— سوگهائي. استواري— استقامت.

• **مَتائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **مَتاهُ ج مَتاهَ:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم— (ڏکهي پچ سان رنگن وارو) مَتاءُ.

• **مَتاءُ ج مَتاءَ:** ذ. متاهُ— ماتاهُ.

• **مُتبَدِّلُ:** صفت. (ع). تبديل ٿيندڙ — بدلجندڙ— مٽجندڙ— اُبتو ٿيندڙ— اونڌو ٿيندڙ— مقلوب. واري تي ڦرندڙ گهرندڙ— اُبتو سُبتو ٿيندڙ. بدلي ٿيندڙ— بدل سدل ٿيندڙ.

• **مُتبَرڪُ:** صفت. (ع). برڪت وارو— ڀلارو— سڀورو. مقدس— پوتر. پاڪ— صاف. نيڪ. قابل تعظيم— معزز— بزرگوار— بزرگ. فرشتہ خصلت— فرشتہ خود.

• **مُتبَسِمُ:** صفت. (ع). کلندڙ— مرڪندڙ— مُشڪندڙ.

• **مُتحِدُ:** صفت. (ع). اتحاد ڪيل— ٻَڌِي ڪيل— مليل— متفق— شامل— ڳڏ— ڳڏيل— ڳنڍيل— مخلوط— پيوستہ— هڪ ٿيل.

• **مُتحرڪُ:** صفت (ع. تَحرُڪ= هُو چُريو) حرڪت ڪندڙ— حرڪت پذير— هلندڙ— چُرندڙ— چرندڙ ڦرندڙ— جنبان— رَوان— جاري. رمندڙ— رڙهندڙ— ڦرندڙ گهرندڙ— ڦرٽو گهرٽو. لڏندڙ. ڏڪندڙ. ڪڇُو— ڪَچڻ جهڙو. علم نحو جي اصطلاح ۾ حرڪت وارو اکر— زير زبر يا پيش وارو اکر.

• **مُتحَمِلُ:** صفت. (ع). تحمل ڪندڙ— برداشت ڪندڙ— سَهِي ويندڙ— سهَن شيل— سهن هارُ— سهندڙ. صبر ڪندڙ. صبرائتو— صابر— ڪمندڙ— ڳنڀير— گمبير. مستقل مزاج.

• **مُتحَيرُ:** صفت. (ع) حيران— مُتعجب— حيرت زده— عجبائتو. حواس باختہ— هَڪو ٻَڪو— وائڙو.

• **مُترُ ج مُترَ:** ذ. تماشو. (ڳاجرا).

• **مِترُ ج مِترَ:** ذ. (سن. مِترَ=مِٽ)مائٽُ— مِٽُ— عزيز— خويش— رشتيدار— قريب— سنگتي— ساٿي— دوست— يارُ— سڄڻ. مخلص— خيرخواهه— خير انديش. ياور— مددگار.

• **مَترائڻ و(ل):** مصدر. ٺڳارڻ— لالچائڻ— دلبو ڏيڻ— ريٻڻ. (مَترائيو— مَترائيندو— مترائبل).

• **مُترَجِمُ:** ذ. (ع). ترجمو ڪندڙ— هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ بيان ڪندڙ— ترجما نويس— ترجمان.

Gul Hayat Institute

– **مَتو ميڙو چڙَهڻُ:** عزت سان هليو وڃڻ. ميلي جي ڦنڊ کان اڳ نڪري وڃڻ. تڪليف پيدا ٿيڻ کان اڳ ميلاڻ ڇڏي وڃڻ.

• **مُتُو:** اسم خاص. سومرن جي قبيلي جو نالو.

• **مُتُو ج مُتَا:** ذ. صفت. قد ۾ ڇوٽو پر بت ۾ ڀريل– ڏٺو مُتو– دمِي– گهُگهٽي– ڊينبو. بٽو– جٽو– زٽو. مُٽڪو– ڏگُ– ڇؤبُڪو– سَير– دنبو. (ذ). روشني لاءِ ڏنڊي جي ڇوٽيءَ تي ويڙهيل اڳڙين جو مڃو(جنهن کي تيل ۾ ٻوڙي ٻاري سگهجي). ڏِيانُ. ساز جو هڪ قسم. هڪڙي ننڍي بندوق.

• **مُتَواتِر:** صفت. (ع). هڪ ٻئي پٺيان– لڳاتار– سلسليوار– مسلسل– لاڳيتو– جاري – روان. (آصفيہ).

• **مُتوازي:** صفت. (ع). پاڻ ۾ برابر– هڪ جهڙا– هڪ پهلو– هم وزن. (ع. ا. ڊ).

• **مَتوال(ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **مَتوالو ج مَتِوالا:** ذ ک. صفت. (سن. مَتَ> مَدَ= مستي) مستيءَ وارو– مَست– چَريو– مستانو– اَنمَت– پاڳَلُ– کِيو– ديوانو– اَنانُ– مجنون– سودائي– خفقاني– دماغ ڦِريل– وائيسر ڦريل– جُنوني. مدهوش– مخمور– خماري– مؤجِي.

• **مُتوَجهہُ:** صفت. (ع). توجہ ڪندڙ– ڌيان ڏيندڙ– ساوڌانُ. راغِبُ– مائِلُ– رجوع– مخاطب. هڪ مَنو– يَڪ دليو.

• **مُتوَسِطُ:** صفت. (ع). وچ جو – وچ وارو– وچُون– درمياني– وچولو– وچولي درجي جو – وچٿرو– عامُ– مَاڌارڻ – رَواجي– اَهڙو جهڙو– معمولي– پورو پُنو– جهڙو تهڙو. (پرمانند).

• **مُتوَسِل:** صفت. وسيلو ڳوليندڙ– سهارو ڳوليندڙ.

• **مُتوَفِي:** صفت (ع). فوت ٿيل– مري ويَل– مُئل– فوتي– مرحوم.

• **مُتوَقِعَ:** صفت (ع). اُميد رکندڙ– توقع رَکندڙ– اُميدوار– آسرو رکندڙ.

• **مُتوَقِفُ:** صفت (ع). دير ڪندڙ– ديرينو– گهِلَ ڪندڙ– ڍِلو– تاخير ڪندڙ.

• **مُتوَڪِلُ:** صفت. (ع). خدا تي ڀروسو ڪندڙ– الله جي مرضيءَ تي هلندڙ– رَبُ جي رضا تي رضامند هوندڙ– تَوَڪلِي.

• **مُتوَلِدُ:** صف. (ع). پيدا ٿيندڙ– ڄمندڙ.

• **مُتوَلِي:** صفت. (ع). ڪم تي رهڻ وارو– مُهتمم– نگران ڪار– والي– سرپرست– نِگهبان– رکپال– رکوالو. خانگاهہ. مقام يا مسجد جو رکپال.

• **مِتُون ج مِتُون (ک):** ذ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (سنهڙن چلرن سان. چمڪندڙ. قد ڏيڍ انچ يا ٻہ انچ. رنگ اڇو).

• **مُتَهَمبو ج مُتهَبا:** ذ. ڪُوڙي تُهمت– ڪُوڙو الزام– بُهتان– ٺِڪر. (پرمانند).

• **مُتَهَرُج مُتَهَرَ:** ذ. (سن. مُدگر= ڏنڊو) مُهلڙو– مُهري– دستو– مُتهرو. سؤنٽو– ڏنڊو– ڏُڪو– گهوٻاٽو. ڀَنگ وغيره گهوٽڻ جو سونٽو– ڏنڊو.

• **مِتِي ج مِتِيُون:** ث. (سن. مِتِيڪا= مهينو) ٽيهن ڏينهن جو عرصو. مقرر ڪيل وقت– تاريخ– تِٿ– ڏِڻُ. مهيني جو ڏينهن– وارو. (آصفيہ. پرمانند). وياج– لاٽِ– وَرتو– وَٽو. (پرمانند).

• **مِتيرو ج مِتيرا:** ذ. ڇِيڙُ. (صفت). قد ۾ ننڍو– ڇوٽو– ڪوتاهہ قَد– مِنڌرو– ڇامڙو– بندرو– گـٽِ – مِنڙيو– گرانٺ مُنڙيو.

• **متيلو ج مِتِيلا:** ذ. درياءَ جي ٻيڙيءَ جو هڪ اوزار– ڪوهي کي جهلڻ جو اوزار. (ن–ب). چاڙهہ– ٻَلُ.

• **مَتِين:** صفت. (ع). مُحڪم– استوار– مضبوط– پُختو– ثابت قدم– برجستو– (اسم خاص). حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي صفاتي نالن مان هڪ.

• **مَٿَ:** ث. مٿان ورتل واڌارو. ڇونگي– محصول.

• **مَٿُ ج مَٿَ:** ذ. (سن. مَستَڪَ= مٿو). مٿو– سِرُ. مٿاهون پاڳو– سرو. مٿيون حصو– مٿاڇرو– سَپات– رُوءِ– تَرُ– سطح.

– **مَٿُتي:** ظرف. مٿئين پاسي– مٿانهين ڏي– مٿي.

– **مَٿَڇِرو ج مَٿَڇِرا:** ذ. مٿيون پاڳو– مٿيون حصو. مٿاڇرو– مٿيون– سطح– (ث. مٿڇري ج مٿڇريون).

– **مَٿَخَرَچُ ج مَٿَخَرَچَ:** ذ. وڌيڪ خرچ. ٻاهريون خرچ– بالائي خرچ– مٿيون خرچ– رواجي خرچ. اهو خرچ جو ضرورت جي خرچ ۾ داخل نہ هجي.

– **مَٿُمُنهون ج مَٿَمُنهان:** صفت. منهن يا وات مٿي ڪندڙ– مٿي وات وارو. خود پسند– ٽرڙو– پڏٽو. ايماني– هٺيلو. تمام مٿي– بلند– اوچو– مٿانهون.

• **مِٿُ ج مِٿَ(ل):** صفت. لڄائي نہ ڪندڙ– غريب– سانتيڪو– ٿانهريو.

• **مَٿاچِرو ج مَٿاچِرا:** ذ. (سن. مَستَڪَ= مٿو). (صفت. مٿڇرو– ٻاهريون– اُترِڌو– ٻاهران– مٿان مٿان– اُڦونگرو. مجازا– مجازي. بي پرواهي جو– بيگار جو – اِدرگِدر جو– لاغرضائي جو– بي خيالي جو– مٿينءَ دل سان– بي خيالو– بنا چاهہ جي. ٿورو– ذرو– ٿوري قدر– نالي ماتر.

– **مَٿاچِرائِي ج مَٿاچِرائِيُون:** ث. مٿين سطح تي– اُچاترائي– اُڦونگلائي.

Gul Hayat Institute

• **مَٽارَ ج مَٽارُون:** ث . (سن. مَستَڪَ= مٿو). مٿاهون پاسو- مٿاهين. مٿاڇرائي. ڪنارو- ڪپر(درياءَ جو). درياءَ جي ڪپ ڪان وٺي اونهي پاڻيءَ تائين. ڪپ جو حصو. هوا جي طرف وارو درياءَ جو پاسو- سٽائي واءُ وارو ڪپ. مٿي جو سور- درد سِر.(ڪ).

– **مَٽارَ پَوڻُ:** (ڪ). مٿي ۾ سور پوڻ. مٿي ۾ عادتي(پونڌڙ) سور جو پوڻ.

• **مَٽارُ ج مَٽارَ:** ذ . رسيءَ جو ٿهيل پيڙو.

• **مَٽاري ج مَٽاريُون(ت):** ث . (سن. مستڪ= مٿو) مٿيون حصو. پٽ جو مٿيون حصو- چوٽي. پِٽَ جو مُهڙ وارو حصو(جنهن تي سج اُڀرڻ سان اُس پوي). ٻن پِٽن جي گڏجڻ وارو هنڌ- ڳاٽ. رَئي يا چادر ڪرڻ جو مٿيون، مٿي وارو پاسو.

• **مَٽارُ ج مَٽارَ(ت):** ذ . مٿيون پاسو- مٿارَ. ٻنيءَ ۾ اڳيون مُهڙ وارو پاسو- دنگ وارو پاڳو- مُنڍو.

• **مَٽارو ج مَٽارا(ت):** ذ . مٿارُ(ت).

– **مٿارا هڻڻُ:** مُنڍن کي ٻيو دفعو هر ڏيڻ.

• **مَٽاڪَٽَ:** ث . (سن. مستڪ= مٿو+ ڪُٽَ ڪُٽڻُ) مٿي ڪٽڻ جي حالت- مٿا ڪُٽي- مٿاماري. جفا ڪشي- سخت محنت- درد سري- جدوجهد- جاڪوڙو- ڪوشش- ڪشالو- محنت پتوڙ- سرجوشي. تڪليف.

• **مَٽاڪُٽَ ڪرڻُ:** سخت ڪوشش ڪرڻ- سخت محنت ڪرڻ- جفا ڪشي ڪرڻ- ڪشالو ڪڍڻ.

– **مَٽاڪُٽِي:** ث . مٿاڪُٽ- مٿا مار.

• **مَٽاڪِرو ج مَٽاڪرا (ل):** ذ . صفت. مٿو هڻندڙ- مٿاڪٽ ڪندڙ- محنت.

• **مَٽامارَ:** ث . مٿاڪٽ.

– **مَٽاماري ڪرڻُ:** مٿاڪٽ ڪرڻ.

• **مَٽامو ج مَٽاما:** ذ . مٿو - سر - ڪوپري- کپراٽي- کپراٽي. گنجو مٿو.

• **مَٽان:** ظرف. مٿي کان - مٿ کان- سِري کان - چوٽيءَ کان - شروعات کان- شروع کان. (صفت) مٿي- وڌيڪ اُچو- مٿي جو.

– **مَٽان پَوڻُ:** اکين سان ڏسڻ- مشاهدو ڪرڻ. موقعي تي پهچڻ.

– **مَٽان ڪَڇِي وَڃَڻُ:** ٿَهه پَهه وڪامي وڃڻ.

– **مَٽان ويهَڻُ:** سنڀال ڪرڻ- چوڪيداري ڪرڻ- رکوالي ڪرڻ- پَهرو ڏيڻ- نگهباني ڪرڻ.

– **مَٽان ئِي مَٽان:** ظرف . مقرر ٿيل نرخ کان مٿي، چالو سرشتي کان ٻي طرح يا وڌيڪ. ڪنهن ٻئي کانسواءِ سڌو سنئون.

• **مَٽاندي(ت):** ث . مٿي وارو پاسو- سيراندي.

• **مَٽانگِرو ج مَٽانگِرا:** ذ . صفت. (سن. مَسنتَڪ = مٿو)وڏي مٿي وارو. بُلند- اوچو- هيبت وارو- هَيبتناڪ- ڀيانڪ- خوفناڪ- دهشتناڪ.

• **مَٽانهُون ج مَٽانهان:** ظوف. (سن. مَستڪ= مٿو) مٿي- اُوچو- بُلند- اُتاهُون- اُتم- اعليٰ- اڳرو- غالب. (ث . مٿانهِين ج مٿانهِيون).

• **مَٽانهِين ج مَٽانهِيُون:** ث . بُلندي- اُتاهين- اُچائي. چاڙهه. بُلندي.

• **مَٽاهَرُ ج مَٽاهَرَ:** ذ . اڻ کيڙيل زمين جو مُنڍو- مَٽارُ. مَٽار.

• **مَٽاهُون ج مَٽاهان:** ذ . صفت. مٿانهون.

– **مَٽاهِين ج مَٽاهِيُون:** ث . مٿانهين.

• **مَٽرُ ج مَٽرَ(ل):** ذ . صفت. (سن. مَستڪ) اڳواڻ- مهندار (مهيري).

• **مَٽَڪِي ج مَٽَڪِيُون:** ث . (سن. مَستڪ= مٿو) مٿانهين. واڌو رقم- وڌيڪ رقم- واڌي. اصل رقم تي ڪجهه وڌيڪ ڏنل رقم- محصول- چُونگي- سِرشماري. لاپو. مٿگي -لوڙ- طلب. (ت).

• **مَٽَڪِي ج مَٽَڪِيُون:** ث . مَٽَڪِي.

– **مَٽَڪِيءَ جو پَهَلُ:** صفت. ڪوبہ نہ - ڪير بہ نہ. لَلُو پَنجُو.

• **مَٽَلَجَ ج مَٽَلَجُون:** ث . حَياءُ- لَڄ- مُحابو- حجاب- شرم.

– **مَٽَلَجُ ج مَٽَلَجَ:** ذ . صفت. مَٽَلَجو. سرڪش- مغرور- هَٺيلو- ضدي- هوڏ . (وفا).

– **مَٽَلَجو ج مُٽَلَجا:** ذ . صفت. حجاب وارو- شرميلو- حياءُ وارو- لڄائتو- ڊِڱي- چالباز- مڪريلو- مڪري- چندي- نَقال- سانگ رچائيندڙ.

• **مَٽِلو ج مَٽِلا:** (ت) . ذ . صفت. مٿيون- مٿانهون- مٿاهون.

• **مِٽَنُ ج مِٽَنَ(ت):** ذ . صفت. سست- ڪاهل- ٽوٽي. غافل- ڳهيلو. (ل- وفا).

• **مِٽُنَ:** ذ . (اسم). آسمان جي ٻارهن برجن مان ٽئين برج جو نالو - جوزا.

• **مَٽڻُ:** مصدر. (سن. مَٿَنَ= ولوڙڻ) (ڪير) ولوڙڻ- جهُڳڻُ- جهڳورڻُ. مانڌاڻي هڻڻ. خيال ڪرڻ- ويچار ڪرڻ- سوچڻ- رٿڻ- پَهَڻُ- ويچارڻ- تورڻ تڪڻ- ڳڻڻ ڳوتڻ- ڳڻُ ڳوت ڪرڻ. ڄاڻڻ- سمجهڻ- پائڻ. (پرمانند). (مٿيو- مَٿيندو- مٿيلُ).

• **مٿو ج مٿا:** ذ . (پرا. مَٿيا. سن. مَستڪ= مٿو) بدن جو هڪ حصو– سِرُ – سِرِي– سِسِي– مُنڍي– ڪوپري. ڪوپري– ڪيپراٽي– ڪوپراٽي. مٿانهون پاڳو– مٿانهين. ڪنهن بہ شيءِ جو مٿيون حصو– چوٽي– مٿُ– چوٽُ– سرو. مُنڍُ– مُنڍو. منهن. سيراندي. اڳياڙي. (آڱرجي) چوٽي. (عضوي جو) مٿو– ڦل. چيڙو. پڇاڙي– انتُ– توڙ– چيهہ. (سن. مَدَهَ= جوش) عورتن کي ايندڙ ماهواري– حيض.

— **مٿاڪُٽ:** ث . محنت– ڪوشش– مٿامارُ– ڪشالو– جُهدُ– جفا– پورهيو– درد سِري– جَدوجهد– پتوڙ– ڳُهَ– جاکوڙ– جيلو– سعيو– سخت محنت. سرجوشي.

— **مٿاڪُٽ ڪرڻ:** محنت ڪرڻ– سخت ڪوشش ڪرڻ– جفاڪشي ڪرڻ– جاکوڙ ڪرڻ پتوڙ ڪرڻ.

— **مٿا ڪٽا ڏيڻ:** منهن ڏيڻ– تڪليف برداشت ڪرڻ– ڪوشش ڪرڻ– جدوجهد ڪرڻ– جفاڪشي ڪرڻ.

— **مٿا مٿا هڻڻ:** ڪوشش ڪرڻ– جدوجهد ڪرڻ– جفا ڪشي ڪرڻ– درد سري ڪرڻ– ڪشالو ڪرڻ.

— **مٿاميڙ ج مٿاميڙون:** ث . مٿن ٽڪرائڻ جي حالت– گهوٽ ۽ ڪنوار جا، شاديءَ جي هڪ رسم موجب پاڻ ۾ مٿا ٽڪرائڻ جي حالت– لائُون ڏيڻ.

— **مٿاميڙائڻ:** شاديءَ جي رات گهوٽ ۽ ڪنوار کي لائون ڏيارڻ – مٿا ميڙ ڪرائڻ.

— **مٿاميل ڪرائڻ(ت):** مٿا ميڙ ڪرائڻ.

— **مٿو ٻِڌڻ:** خوشامد ڪرڻ– پوئتان لڳڻ– پُٺ وٺڻ. هٿ پير لهڻ– ويم ڪرڻ.(ڪ).

— **مٿو پٽ سان لڳڻ:** پشيمان ٿيڻ– شرمسار ٿيڻ– شرمنده ٿيڻ– پڇتائڻ. سمجهہ اچڻ– سانگائڻ.

— **مٿو پٽ سان هڻڻ:** پاڻ کان ڏاڍي سان هٿ اٽڪائڻ. ناممڪن جي پويان ڪاهي پوڻ.

— **مٿو پٿر سان ٽڪرائڻ:** تمام گهڻو پريشان ٿيڻ– وائڙو ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ– مصيبت جي وقت هاءِ گهوڙا ڪرڻ.

— **مٿو پچڻ:** سخت سزا ڏيڻ– مارڪٽ ڪرڻ– ٺيڪ ڪرڻ– برابر ڪرڻ– درست ڪرڻ– صحيح ڪرڻ. تنبيهہ ڪرڻ– هدايت ڪرڻ. جٺ ڪرڻ.

— **مٿو ٽپائڻ:** ڪنهن کي بيزار ڪرڻ– ڪڪ ڪرڻ– تنگ ڪرڻ– لاچار ڪرڻ– مٿو کپائڻ. چڙ ڏيارڻ– ڪاوڙائڻ– ناراض ڪرڻ. پريشان ڪرڻ– تڪليف ڏيڻ.

— **مٿو ٽپڻ:** لاچار ٿي پوڻ– مجبور ٿي پوڻ. ڪنهن مجبوريءَ سبب پرائي ڪم ۾ پوڻ. ڪمر ڪشڻ.

— **مٿو ٽيڪڻ:** نياز ڪرڻ– سلام ڪرڻ– آداب ڪرڻ– سجدو ڪرڻ– بندگي ڪرڻ. نِمَرت ڪرڻ– هيٺاهين وٺڻ.

— **مٿو ٽٽ پوڻ(ڪ):** ڪري پوڻ– تباهہ ٿي وڃڻ– سخت حالت کي رسڻ. ڏيوالو ڪڍڻ.

— **مٿو ٽٽ سان لڳڻ:** سيڪت پائڻ– ڏک کائڻ. نامراد ٿيڻ– ناڪامياب ٿيڻ– شڪست کائڻ.

— **مٿو پٽڻ:** افسوس ڪرڻ– ماتم ڪرڻ– دانهون ڪرڻ– فرياد ڪرڻ– هاءِ گهوڙا ڪرڻ. ڏاڪڙا ڏسڻ– ڪشالا ڪڍڻ– جاکوڙا ڪرڻ– محنت ڪرڻ– درد سري ڪرڻ.

— **مٿو جبل سان هڻڻ:** ڏاڍي سان هٿ اٽڪائڻ– پاڻ کان زورآور سان مقابلو ڪرڻ– نہ پڄڻ جهڙو ڪم ڪرڻ.

— **مٿو چٽ ٿي وڃڻ:** قوت حافظ ناس ٿي وڃڻ– سمجهہ موڪلائي وڃڻ. بلڪل ناس ٿي وڃڻ– تباهہ ٿي وڃڻ.

— **مٿو چرخ ٿيڻ:** حيران ٿيڻ– حيرت ۾ پوڻ– اڃرج ۾ پئجي وڃڻ– وائڙو ٿيڻ– حيرت زده ٿيڻ.

— **مٿو چٽ سان هڻڻ(ڪ):** وت کان وڌيڪ زور ڏيکارڻ– پڄنديءَ کان ٻاهر ڪم ڪرڻ. پاڻ کي وڏو سمجهڻ– هٺ ۾ پرجي وڃڻ– مغرور ٿي وڃڻ.

— **مٿو چپر سان هڻڻ:** مٿو جبل سان هڻڻ.

— **مٿو ڏڏڻ:** ڪنڌ لڏڻ– ضعيفي سبب ڪنڌ ڏهڻ. پوڙهو ٿيڻ– پير مرد ٿيڻ– ضعيف العمر ٿيڻ.

— **مٿو ڏوڻڻ:** نفي ۾ جواب ڏيڻ– انڪار ڪرڻ– ناقبول ڪرڻ– نہ مڃڻ– نائڪار ڪرڻ.

— **مٿو ڌوئڻ:** وهنجڻ– غُسل ڪرڻ– سَنان ڪرڻ– تڙ ڪرڻ.

— **مٿو ڏارڻ:** مٿو چيرڻ– مٿو ڦاڙڻ . حد کان وڌيڪ محنت ڪرڻ– سخت جفا ڪشي ڪرڻ.

— **مٿو ڏاڙهي مُنائڻ:** ڏاڙهي، مٿو ۽ مُڇون ڪوڙائڻ. اُلو بڻجي وڃڻ– بيوقوف ٿيڻ– عقل مارجي وڃڻ– چريٽ ٿي وڃڻ.

— **مٿو ڏونگر سان هڻڻ:** مٿو جبل سان هڻڻ.

— **مٿو ڏيڻ:** مُنهن ڏيڻ– سامهون ٿيڻ. شروع ڪرڻ– هٿ ڳنڍڻ. بار سهڻ– تڪليف هموار ڪرڻ. مدد ڪرڻ– واهر ڪرڻ– سهائتا ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– **مَٿو ڍارَڻُ:** سِر جهُڪائڻ– ڪنڌ نمائڻ. نياز ڪرڻ– نِئڙت ڪرڻ– ادب سان پيش اچڻ.

– **مَٿو ڦِرَڻُ:** مٿي ۾ ڦيري ٿيڻ– چڪر اچڻ. ٻنواٽي اچڻ. ڪِڪو وڪو ٿيڻ– ويچُون ٿيڻ– فَهيُون مُنجهڻ. وائڙو ٿيڻ. ڦُوند ۾ ٻرجي وڃڻ– ٽانءِ ۾ ٻرجي وڃڻ– مغرور ٿي وڃڻ– مغز ۾ هوا ڀرجي وڃڻ. چريو ٿيڻ– پاڳل ٿيڻ– سودائي ٿيڻ– خفقان ٿيڻ– ٻُلجي وڃڻ– بدلجي وڃڻ– بتال ٿي وڃڻ.

– **مَٿو ڦوڙائڻُ:** هَڙ مُوڙي وڃائڻ– نقصان پرائڻ– ڇيهو پرائڻ.

– **مَٿو ڪَرَڻُ:** مُنهن ڪرڻ– ڪنهن پاسي هليو وڃڻ– ڀڄي وڃڻ.

– **مٿو ڪَڙهَڻ(٢ ڪ):** اونو ڪرڻ– فڪر ڪرڻ– انديشو ڪرڻ– اوسيڙو ڪرڻ– انتظار ڪرڻ. ڪنهن ڳالهه جي ويچار ۾ رهڻ.

– **مٿو ڪُوڙائِڻُ:** وارن کي ڪوڙائڻ– ٽوڙهو ٿيڻ. پاڻ کي ڦُرائڻ– ٺَڳائڻ. نقصان پرائڻ– ٽوٽو پرائڻ– هَرجو پرائڻ.

– **مٿو ڪُوڙڻُ:** پاڪي سان مٿي جا وار صاف ڪرڻ. ٺڳڻ– ڦُرڻ. دَلبو ڏيڻ– وساهه گهاتي ڪرڻ. ڪنهن کي نقصان وجهڻ.

– **مَٿو کائِڻُ:** اجائي بَڪ ڪرڻ– بڪوات ڪرڻ– بڪ بڪ ڪرڻ– يَخِي هڻڻ. ڪَڪَ ڪرڻ– بيزار ڪرڻ– تنگ ڪرڻ– ورچائڻ– خفي ڪرڻ.

– **مَٿو کَٿو ڏِيَڻُ:** نباهڻ– گذارڻ. جنب ۽ جوڳ ڏيڻ– حياتي گهارڻ.

– **مٿو کپائِڻُ:** مٿو کائڻ– اجائي مغز خوري ڪرڻ. ڪاپارو ڪرڻ– ڪاسارو ڪرڻ– ڪِتراڳ ڪرڻ– کپت ڪرڻ– هَڻ هٺان ڪرڻ.

– **مَٿو ڪَٽَڻُ:** ڪنڌ ڪٽڻ. منهن مٿي ڪرڻ. (بيماريءَ مان) سڪرُ ٿيڻ– چاڪ ٿيڻ– چاق ٿيڻ– تندرست ٿيڻ.

– **مَٿو ڪوڙَڻُ:** فوت ٿيڻ– مري وڃڻ.

– **مٿو ڪوهِڻ(٢ت):** ناڪام ڪوشش ڪرڻ– اجائي پتوڙ ڪرڻ– اجائي مغز خوري ڪرڻ. ڪاپارو ڪرڻ– مٿو کپائڻ.

– **مٿو گِريبانُ سان ڏِڪَڻُ:** ڦِڪو ٿيڻ– لڄي ٿيڻ– شرمندو ٿيڻ– نَدامت محسوس ڪرڻ– پنهنجو قصور محسوس ڪرڻ– پنهنجو ڏوهه باسڻ– گناهن جو اعتراف ڪرڻ.

– **مٿو گِريبانُ ۾ آڻڻُ:** لڄي ٿيڻ– شرمنده ٿيڻ– ڪنڌ هيٺ ڪرڻ– پشيمان ٿيڻ– پڇتائڻ– ندامت ظاهر ڪرڻ. معافي گهرڻ– ڏوهه بخشائڻ– قصور معاف ڪرائڻ.

– **مٿو گنجو ٿِيَڻ(٢ ڪ):** مٿي جا وار ڇڻي وڃڻ– ٽوڙهو ٿيڻ. سُڃو سڪٺو ٿيڻ– ٻينگيو ٿيڻ– ڪٽي ٻوڙُ– ڪنگال ٿي وڃڻ– ترِين ٻر ٻوڻ.

– **مٿو گُوندڻ(٢ت):** ٿَري زالن جو خاص نموني ۾ وار ڳُنڍڻ– مٿو ويڙهڻ.

– **مٿو لَٽَڻُ:** ضعيفي يا پيرسنيءَ سبب مٿو ڏُڏَڻُ. پير مرد ٿيڻ– ٻَڍو ٿيڻ.

– **مٿو لِڪائڻُ:** ڪنهن اجهي هيٺ رهڻ– ڪنڌ لڪائڻ– رهائش اختيار ڪرڻ. پناهه وٺڻ اجهو وٺڻ.

– **مَٿو لوڏَڻُ:** مٿو ڏُوڻڻ– هائوڪار ڪرڻ– اقرار ڪرڻ– قبول ڪرڻ– مڃڻ.

– **مَٿو مارَڻُ:** مٿو کپائڻ– اجائي ڪوشش ڪرڻ– مٿو هڻڻ. حد کان زياده محنت ڪرڻ– جفاڪشي ڪرڻ– سخت ڪوشش ڪرڻ– خيال ڪرڻ– سوچڻ– سِٽائون سِٽڻ– ويچار ڪرڻ. سمجهائڻ– نصيحت ڪرڻ. ذهن نشين ڪرائڻ. اجايو ڳالهائڻ– گهڻو ڳالهائڻ. بحث ڪرڻ.

– **مَٿو ماڙِيءَ سان لڳڻُ (ڪ):** ڦوند ۾ ٻرجي وڃڻ– ٽانءِ ۾ ٻرجي وڃڻ– تڪبر ڪرڻ. وڏو ماڻهو ٿي وڃڻ– ڪنهن وڏي درجي تي پهچڻ.

– **مَٿو مَنڊَڻُ:** رُڌل رهڻ– هر وقت ڪم ڪرڻ– سدائين مشغول رهڻ.

– **مٿو مُنهَن پِٽڻُ:** هاءِ گهوڙا ڪرڻ– ماتم ڪرڻ– پٽڪو ڪرڻ– رڙيون واڪا ڪرڻ– آهه و فغان ڪرڻ. ظلم ٿيڻ سبب دانهون ڪرڻ– گهوڙا گهوڙا ڪرڻ.

– **مَٿو موٽائي مُنهَن تي هڻڻ(٢ ڪ):** فقير يا سواليءَ جو ناراض ٿي مليل خيرات (خيرات ڪندڙ کي) موٽائي ڏيڻ. ناراض ٿيڻ– ڪاوڙجڻ.

– **مَٿو مورَڻُ لڳڻ(٢ ڪ):** ڪجهه رقم کٽي ڪرڻ– ٿورا پئسا گڏ ڪرڻ. پِٽَ سان مٿو لڳڻ– پشيمان ٿيڻ– شرمسار ٿيڻ.

– **مَٿو ميرو ٿِيڻُ:** مجامعت ڪرڻ يا ٽڙ وغيره پوڻ سبب بدن پليت ٿيڻ. وارن ۾ مٽي پئجي وڃڻ. وارن ۾ نه وهنجڻ سبب چيڙهه پوڻ. ”مٿو منهنجو سومرا، مَر ميروئي هوءِ.“

– **مَٿو نِمائِڻُ:** ڪنڌ نوائڻ– ڪنڌ هيٺ ڪرڻ. مٿو جهڪائڻ. اڳيان جهڪڻ. سجدو ڪرڻ. عبادت ڪرڻ– بندگي ڪرڻ– نماز پڙهڻ. پيش پوڻ– آڻ مڃڻ– هار قبول ڪرڻ.

– **مَٿو وڃائڻُ:** سِرُ وڃائڻ. گُم ڪرڻ– لڪائي ڇڏڻ– ڇپائي ڇڏڻ– لاپته ڪرڻ (ڪا شيءِ). مصيبت ۾ مبتلا ڪرڻ– تڪليف ۾ وجهڻ– آزار ۾ ڦاسائڻ.

– **مَٿو وَڃڻُ:** سِر وڃڻ. گم ٿيڻ– لاپته ٿيڻ– لِڪي وڃڻ. تڪليف ۾ ڦاسڻ– آزار ۾ پوڻ– مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ. مري وڃڻ– ختم ٿيڻ– دفع ٿي وڃڻ.

Gul Hayat Institute

• **مِنَلُ ج مِنَلَ:** ذ . صفت. (سن. مِشتَ = مِنو). مِنڻ- لَڏڻ- پَپڻ- منڊول- سڪيلڊو- بودلو- لاڏلو- ڇَچلو- طوق پُتلو- انگلي- ڪوڏنپنو- لالن- ساجن- پرين- پيارو- دلبر- جاني. (اسم خاص). بارڻ جي الهندي طرف هڪ جبل جو نالو.

• **مِنَڻُ ج مِنَڻَ:** ذ . صفت. مِنل- محبوب- پيارو- موهن - لالن- ڊِولڻ- لاڏلو- معشوق- ساجن- پرين- دل وارو. دوست- يار- سڄڻ- ساٿي - سنگتي - همراهه- رفيق - مِتر.

• **مَنو ج مَنا:** ذ . صفت. (سن. مَنترُ=خراب) خراب- بڇڙو- بُرو- مَدو- بَد. ڪوڙو- کوٽو- جوٺو. ڦِيٽ پيل(سون وغيره)- ملاوتي- گاڏڙ- ناخالص- ڪَسو- ڪُوڙو(سِڪو). (پرا. مَنئِي. سن. مِيث+ڪَ= ماٺو) ڍِرو- ڦِلهو. سست- ٽوٽي. ضعيف. ڪمزور - هيٺو- نِستو- پوُٺو- بي سگهو- بي سَتو- بي ڦُوتو- نِبل- زِچ- ٻَل هِيڻ- درٻل- بيزورو. ماٺو- گهَٽُ- ڪَسو- لاٿيرو. ڪُندُ- لَسو- مُڏو. ٿوريءَ ضرورت وارو- ٿور گهُرجو- ٿور ڪپو(واپار) ذ . (ف. ماست= کوٽو کير) ڏونرو. ڏوُنري ۽ مصالح مان ٺاهيل ڪاڏي جو هڪ قسم. ذ . صفت. اڻ وڻندڙ.

– **مَنائِي ج مَنائِيُون:** ث . خرابي. طاقت جي گهٽتائي- هيٺائي- ڪمزوري- ڪم همتي. بَدي- گناهه.

– **مَنو ٿِيَڻُ:** ڪَسو ٿيڻ- گهٽ ٿيڻ ڍِرو ٿيڻ- نقصان ٿيڻ- گهاٽو ٿيڻ.

– **مَنو گهُرَڻُ:** گهٽ گهرڻ- نہ ڀانئڻ- نفرت ڪرڻ- ڌڪارڻ. بدنيت رکڻ- بَدي رکڻ. بدخواهي رکڻ( ڪنهن جي لاءِ).

• **مِنو ج مِنا:** ذ . صفت. (پرا. مِينِي. سن. مِينڪ> مِشتَ = مِنو) مِناڻ وارو- مِناس وارو- ميِناج وارو- شيرين- لَبِيب- جَلِيب- کنڊ جهڙو- ماکيءَ جهڙو. لذيذ- مزيدار- سوادي. مِني زبان وارو. مِني ڳالهڻ وارو- سُريلو. ڪُومل- نرم- ڪُنئرو- مُلايم- نفيس. سست- ڪاهل. ڍِرو- ڌيمون - آهستہ. ڪُند ذِهن. آرسي- ٽوٽي- ٻُهيلو. پيارو- عزيز - دلَ وارو- مِنڻ- لَڏڻ- مِنل. (ظرف). ڪمزوري سان- نرٻلائي سان سستي سان- ڌيرج سان .(ث . مِنِي ج مِنِيُون). (اسم). درياءَ- ندي.

– **مِنو ٻولَڻُ:** مِنو ڳالهائڻ- وڻندڙ گفتگو ڪرڻ. محبت سان گفتگو ڪرڻ. ڪُومل ڳالهائڻ.

– **مِنو تيل:** ذ . تيل جو هڪ قسم- سَرهَن جو تيل.

– **مِنو چوڙُ ڏِيَڻُ:** جتناءُ ڪرڻ- گهٽو وقت هلڻ. هَنڊڻ.

– **مِنو ڪَري ٻوڳَڻُ:** صبر سان سهڻ- تحمل سان برداشت ڪرڻ (تڪليف وغيره)

– **مِنو ڳالهائِڻُ:** مِنو ٻولڻ- نرميءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ- مهربانيءَ ۽ شفقت سان گفتگو ڪرڻ

– **مِنو مُنهَن ڪَرائِڻُ:** مِنائي ڪارائڻ- ڪو شيرين طعام ڪارائڻ. شڪرانو ڏيڻ- رشوت ڏيڻ- وَڍي ڏيڻ- لَبُ ڏيڻ.

– **مِنيرڙو ج مِنيرڙا:** ذ . صفت. مِناڻ تي مَائل ٿورو مِنو- مِنيرو.

– **مِنيرو ج مِنيرا:** ذ . صفت. مِنيرو.

• **مِنُو ج مِنُو:** ذ . صفت. (سن. مِشتَ = مِنو ) مِنو ڳالهائيندڙ - مِنو ٻوليندڙ- شيرين گفتار. دل وارو- پيارو- وڻندڙ- محبوب - معشوق - جاني - دلبر. (ذ ). طوطو- چِتُون. (ل) پيار وارو.

• **مُنو ج مُنا:** ذ . صفت. مُسڻ يا مُنجهڻ . مصدر جو اسم مفعول- اڙيو- ڦاٿو- جهليو. گرفتار ٿيل- ورتل. ڪَڪُ- بيزار- خفي- آتو- ورتل. نقصان پهتل- ٽوٽي ۾ پيل. مصيبت ۾ پيل- مُنَلُ. گوندريو- گوندر پريل- غم ۾ ٻُڏل- غمگين- ڏُکارو- ڏکويل. (پرمانند). نِدورو- بدبخت- چَندو- نِياڳو- نامراد. (شرت). (ث . مُنِي ج مُنيون).

– **مُنو ڏِيَڻُ(ڪ):** نقصان وجهڻ. اگر تگر ناس ڪرڻ.

• **مِنواٽِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **مِنو ٽِرڙو:** اسم خاص. تعلقي ٺَل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **مِنو ڏَهو:** اسم خاص. تعلقي گَونيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **مِنو ديرو:** اسم خاص. تعلقي روهڙي ۽ تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **مِنولَنڊُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **مِنِي ۽ مِنِيُون:** ث . صفت. (پرا. مِنِيئا. سن. مِيثَ+ايڪا=چُمِي) مِناڻ تي مائل- شيرين. پياري - دل واري - دل گهري. (ث). چُمي- چَسِي- ٻوسو- سَڪَرَ- مِنِڙِي. پَلي زمين. (اسم خاص). تعلقي مِنِيءَ ۾ هڪ ديهہ ۽ شهر جو نالو. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

– **مِنِي ڇُري:** صفت. دوست نما دشمن- دوستيءَ جي لباس ۾ دشمني ڪَندڙ- ظاهر دوست ۽ باطن ۾ دشمن.

– **مِنِي زَبانَ:** صفت. شيرين سُخن- خوش بيان- خوش گرفتار.

– **مِنِي ڪاٺِي ج مِنِيون ڪاٺِيُون:** ث . دوا طور ڪم ايندڙ پساري وکر جو هڪ قسم- مُلِيٺي.

– **مُلِي:** ث . اڳئين مُري ۽ سُنب جي وچ وارو ڀاڱو(وهٽ جي ٽنگ جو).

Gul Hayat Institute

— مَليان: ث . ڪاوڙ — غصو— ناراضگي— چڙ. خار. ناپسندي— ناموافقت. آگرائي— بڇان— نفرت— ڪراهت— ڏڪار.

— مَليان پائڻ: ڪاوڙ لڳڻ— غصو لڳڻ— ناراضگي ٿيڻ— چڙ لڳڻ— بڇان اچڻ— ڪَراهت اچڻ— ڏڪار اچڻ— نفرت لڳڻ.

— مَليان لڳڻ: ڪاوڙ لڳڻ— غصو اچڻ— ڪروڌ اچڻ— چڙ لڳڻ— ناراضگي ٿيڻ. ڪَراهت لڳڻ— نفرت اچڻ— بڇان لڳڻ— ڏڪار اچڻ.

• مِلياڻي: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• مِليِ جي ڪاڻ: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• مُليو ج مُليا: ذ . (سن. مُشٽ=مُٺ) ڪنهن اوزار جو مُٺ ۾ جهلڻ وارو حصو— هٿيو— مُٺ— ڳَنُ— دَستو— قبضو. جنڊ جي مٿين پُڙ کي ڦيرائڻ لاءِ ڪاٺ جو ڪِلو. هَرَ جو هٿيو— هَرَ کي ڦيرائڻ لاءِ هرونئي يا ڪُڙهه ۾ لڳل ڪاٺ جي ڪِلي(جنهن کي هٿ ۾ جهلي هَرُ هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائي سگهجي)— ڳَنُ. هني جو هڪ حصو— پرٿو. (ت). ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو— سُکان کي جهلي ڦيرائڻ جو ڳَنُ— ويٺيو (سُکان جو يا ٻيڙيءَ جو). مُٺ ۾ اچڻ جيترو ڳوهيل اٽي جو ڳُنيو— (چيٽي، مِٽي وغيره جو) پنوڙو— مُنڊيو. چنگل— چُسرون— لَپَ— مُٺ (سنگن جي)منائيءَ جو هڪ قسم— لَڏون. گهوڙي جي سُنب ڪان مٿي وارو ڳنڍو(ماڻهوءَ جي مُري وانگر). ڳنڍ ٻڌڻ لاءِ ڇڏيل ڪپڙو (ڪفن جو).

• مِثالُ ج مِثالَ: ذ . (ع). نمونو— نَظير— درشٽانتَ— ارٿاءِ— اوڪاڻ— مُشابهت— اُپمان— هڪجهڙائي— تشبيهه— تَمثيل. برابري— پيٽ. رُوپ— صورت— مُورت— تصوير— شڪل. پهاڪو— ڪَهت— چَوتَ— حڪايت— ڪهاڻي — آکاڻي— ڪَهاوتَ— مثل— بيانُ— وارتا— چَوڻي. چٽائي— نرواري.

— مِثالُ ڏيڻ: نظير ڏيڻ— تمثيل ڏيڻ. مشابهت ظاهر ڪرڻ. پهاڪو ڏيڻ.

• مَثانو ج مَثانا: ذ . (ع. مَثانه) بَدن جو هڪ عضوو— بدن ۾ پيشاب گڏ ٿيڻ جي ڳوٿري— مُتانڪو— ٻُڪي.

• مُثبتُ : (ع). ثابت ڪيل— قائم ڪيل— قبول پيل. آڪاري— سَتاواچڪ— سَئيڪار— سُوچڪ.

— مُثبتُ نِشاني: ث. اَلجبرا جي اصطلاح ۾ واڌ (جوڙ+) جي نشاني.

• مِثقالُ ج مِثقالَ: ذ . (ع). عربستان جو هڪ سونو سِڪو. تور جو هڪ وَزن(مثقال طبي= ساڍا چار ماسا. ڪن وٽ ٽي رتيون ڇهه ماسا. مثقال صوفي= هڪ سؤ ويهه جَوَ يا چار ماسا. مثقال شرعي= ساڍا ٽي ماسا. مثقال مطلق= ٽي ماسا پوڻيون ٻه رتيون).

• مَثَلُ ج مَثَلَ: (ع) . چَوڻي— مثالُ. تمثيل.

• مِثلُ: صفت (ع). جهڙو— جيئن— وانگيان— وانگي— وانگر— مانند— طرح. جهڙس— اهڙوئي. موافق— برابر. شڪل. صورت ۽ سيني صفتن ۾ هڪ جهڙو— مشابهه— همشڪل— هم جنس— هم رنگ.

• مِثلُ: ذ . (ع). مشابهت— هڪجهڙائي— تمثيل— پيٽ— برابري. پهاڪو— چوڻي— ڪهاڻي— مثل مشهور— ضرب مثل— مثال. قوُل— وچن— انجام — واعدو.

— مَثلاً: ظرف . مثال لاءِ — مثال طور— فرضا. ساڪيات— جهڙو— وانگي — وانگر. يعني— گويا— جيئن تہ— اهڙيءَ طرح.

• مُثلث: صفت. (ع. ثلث=ٽي) ٽي، ٽن شين جو مجموعو. ٽڪنڊو.

— مُثلث آبي: ذ . آسمان جي ٻارهن برجن مان ٽن برجن جو يڪمشت نالو (يعني سرطان. عقرب ۽ حوت).

— مُثلث آتشي: ذ . ٽن آتشي برجن جو يڪمشت نالو( يعني حمل. قوس ۽ اسد).

— مُثلث بادي: ذ . ٽن بادي برجن جو يڪمشت نالو(يعني جوزا. ميزان ۽ دلو).

— مُثلث خاڪي: ذ . ٽن برجن جو يڪمشت نالو( يعني ثور. سَنبلهه ۽ جَدي).

• مُثمن: (ع). اٺڪنڊو— هشت پهلو.

• مَثني: صفت. (ع). ٻيڻو— ٻٽو— ٻہ گڏ. نقل— ٻہ فرد— اُتارو— پانئڻ .(پرمانند).

• مثنوي ج مثنويون: ث . (ع). شعرجو هڪ قسم( جنهن ۾ ٻن ٻن مصرعن جو قافيہ هڪ جهڙو هجي). جدا جدا قافين وارو شعر. جلال الدين روميءَ جي مشهور صوفياني ڪتاب جو نالو.

• مَپُ: ث. مَپ — ماپو— ماپ.

• مَپُ ج مَپَ: ذ . وجهه— وقت— وارُ— ول— اوسَر— سمجهه— ساڄي— پيچ— داءَ— ٻڪَ— ٽڻُ— موقعو— سَئو— سانگو — ڏٽُ. فرصت جو وقت — تجويز— اٽڪل— رستو— چارو— ميلو— طريقو— ڍنگ— نمونو.

"سو مگڻهارن مَپُ. جو نہ موتائي مگڻا."

سبب— ڪارڻ. جاءِ . طاقت. ماپ. آنت — خبر — سُڌ— چاڻ— سماءُ— ڪَلُ— گم— پروڙ.

"تکو سَنڌو سِير جو مَپُ نہ ملاحن." (شاهه).

Gul Hayat Institute

• **مَجا (لس):** ث. (ع. مجال جو مخفف). طاقت– مال.
"آئون جت جاڻان ٿي ڪينڪي، منهنجي ناهه مجا."
(شيخ صاحب ڏنو– بيلاين جا ٻول).

• **مُجار:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (سنڌ جو سيلاني).

• **مَجازُ ج مَجازَ:** ذ. (ع. جازَ= هو سنيال سان لنگهيو) لنگهڻ جي جاءِ– واٽ– رستو. جا شيءِ حقيقت نه هجي– حقيقت جو ضد. ظاهر. مغروري– گهمنڊ– شيخي– هٺ– دماغ– وڏڻ– هوءِ– وڏائي– اغماض– غرور– سيٽ. مرڪ– ناز– نخرو– ماڻو. علم نحو جي اصطلاح ۾، پنهنجي اصل معنيٰ بدران بي ڪا معنيٰ ظاهر ڪندڙ لفظ– استعارو.

– **مجازا:** ظرف. ظاهري طرح– پڌرو پٽ. ٻاهران– مٿان مٿان– اُتردو– اُڇاترو– مٿاڇرو– مٿينءَ دل سان.

– **مَجازَ جو ڇهبڪ لڳڻ:** عشق جي چپيٽ لڳڻ– ڪنهن جي محبت جي دام ۾ گرفتار ٿيڻ– نينهن جو نشو چڙهڻ– برهه جو بارمتي تي ڪٽڻ.

• **مَجازي:** صفت. غير حقيقي– غير اصلي– فرضي– مصنوعي– جعلي– نقلي– جُڙتو– ڪوڙو. تمثيلي– بناوتي. مٿاڇرو– اُڇاترو– مٿيرو– ٻاهريون– ظاهري.

– **مَجازي عشقُ:** صوفين جي مستي موجب حقيقي عشق جو ذاڪو "اَلمَجازُ قَنطرَۃُ الحَقيقَۃ" صوفين جو قول آهي (هن عشق ۾ صانع جي ڪنهن سهڻي شيءِ جو ڌيان ڪري انسان صانع جي ڳولا ڪري ٿو).

• **مِجازَ ج مِجازَ:** (ع). مزاج– خاصيت. رونق– تيزي.

– **مِجازِيائي ج مِجازِيائيون:** ث. صفت. مجازي محبت واري– ظاهري عشق واري– ڪچي.

• **مَجاسَتِي ج مَجاسَتِيون(ث):** ث. مَس ڪُبڙي.

• **مَجاڪَ ج مَجاڪَ:** ذ. (مازاد). ٻن ۽ ٽن ورهين جو ڏاچي جو ڦر.

• **مَجالَ:** ث(ع. جالَ=هو چوڌاري وجي ٿو) پُڄندي– وَسُ– دسترسي– ٻهچ– طاقت– قدرت– قابُو– مقدور. همت– جرئت– سگهه– سَمرٿي– ٻلُ– اختياري– وسعت لياقت– قابليت– حيثيت– پربينتا– جوڳائي. گهوڙي ڊوڙائڻ جو ميدان– جولانگاهه.

• **مُجامَعَتَ:** ث. (ع). گڏجاڻي– ميلاپ– وصل– مُباشرت– جماع– صحبتداري– همبستري– همخوابي.

• **مُجاوِرُ ج مُجاوِرَ:** ذ. صفت. (ع. جارَ= هو ويجهو ٿيو). ويجهو رهندڙ– پاڙيسري– همسايه. گڏ رهندڙ. راکو– رکپال– رکوالو– رکوالُ. نگهبان– سنڀال ڪندڙ– مسجد يا قُبي جو سنڀاليندڙ– درگاهه جو رکوالو. قبرستان جي سنڀال ڪندڙ– مُقامي.

– **مُجاوري ج مُجاوريون:** ث. مجاور جو ڌنڌو– مجاور جو عهدو.

• **مُجاهِدُ ج مُجاهِد:** ذ. صفت. (ع. جَهَدَ= هن ڪوشش ڪئي). ڪوشش ڪندڙ– جهد ڪندڙ– سعيو ڪندڙ. الله جي راهه ۾ حق لاءِ لڙائي ڪندڙ– جهاد ڪندڙ– غازي مرد.

• **مَجبورُ ج مَجبُور:** ذ. صفت. (ع). جَبَرُ ڪيل. لاچار– ناچار– تنگ– ڏبيل– بيوس. زوريءَ ڪرايل– زبردستيءَ جو– اڻ سهائيندو. مُنجهيل– گهٽيل. عاجز– پريشان– خسته حال.

– **مَجبوراً:** ظرف. جبراً– لاچاري سان– عاجزي ڪري– زوريءَ– زبردستيءَ– مجبوريءَ– لاچار.

– **مَجبُورُ ٿيڻ:** لاچار ٿيڻ– تنگ ٿيڻ– بيوس ٿيڻ– عاجز ٿيڻ– ٿڪجڻ– هلاڪ ٿيڻ– ورجڻ– خفي ٿيڻ– بيزار ٿيڻ– ڪَڪ ٿيڻ.

– **مَجبُور ڪَرڻ:** لاچار ڪرڻ– ناچار ڪرڻ– بيوس ڪرڻ– تنگ ڪرڻ– سَتائڻ– ڏٻائڻ– زبردستي ڪرڻ.

– **مَجبُوري ج مَجبُوريُون:** ث. لاچاري– بيوسي– زبردستي– زور– زور زبر– ڏاڍائي– ڏٻاءُ.

• **مُجتَبيٰ:** صفت. (ع). برگزيده– پَسنديده– چونڊيل.

• **مُجتَهِدُ:** صفت. (ع). ڪوشش ڪندڙ– جدوجهد ڪندڙ– ثواب جي واٽ پيدا ڪندڙ– صحيح ۽ سنو رستو پيدا ڪندڙ– اِمام– پيشوا– مذهبي رهبر– هادي.

• **مُجدِّدُ:** صفت. (ع). نئون پيدا ڪيل– نئين سِرُ پيدا ڪيل– ايجاد ڪيل.

• **مَجذُوبُ ج مَجذُوبَ:** صفت. (ع). جذب ڪيل– ڇڪيل– ڇڪايل. ياد الاهيءَ ۾ غرق. جذبو رکندڙ– ڪشش رکندڙ. مَست– بيهوش– بي خبر. پاڳل– چريو. (آصفيه).

• **مُجرا:** ث. (ع. فعل. اجري– يجري مان نڪتل). مُعاوضو. لاٽ– ڇوٽ– ڇڏت. مُجرائي– جمع (وَهيءَ ۾).

– **مُجرا ڏيڻ:** حساب ۾ جمع ڪرڻ– رهيل رقم جو حساب ڪتاب ڪرڻ.

– **مُجرائي ڏيڻ:** ث. رهيل رقم جو حساب ڪتاب. (آصفيه). ڇوٽ– آڳت– لاٽ. (پرمانند).

• **مُجَرَّبُ:** صفت. (ع). تجربو ڪيل– آزمايل– پرکيل– ڇڪاسيل– جاچيل– سوڌيل– ثابت ڪيل– سِڌ ڪيل–

Gul Hayat Institute

تصديق ڪيل- ڪشيل. مُؤثر- اثرائتو- اثر وارو- تاثير وارو- مُنديءَ تي تِڪَ (هڪ تِڪَ) - ڪارگر. فائده مند- مُفيد.

• **مُجَرَدَ:** صفت. (ع). هڪڙو- ڇڙهو- هيڪڙو- يڪو- هِڪو- هيڪو- مُفرد- يڪي سر- اَڪيلو- نويڪلو- جريدو- تنها. اڻ پرڻيل- ڪُنوارو- ڇڙهو ڇانڊ- وانڍُ- زال کان سواءِ مڙس.- آزاد- ڇِٽل - ڇڙواڳ .(ذ). علم نحو جي اصطلاح ۾ تحرير ۾ ٿيي ڪنهن اکر سان نہ ڳنڍجندڙ اکر "مثلاً: داور، رازق ، وغيره."

• **مُجرمُ ج مُجرمَ:** ذ . صفت. (ع). جرم ڪندڙ- ڏوهه ڪندڙ- گنهگار- قصوَر وارو- ڏوهاري- خطا وارو- خاطي- ملزم- ڏوهي- پاپي- عاصي- گناهي.

• **مُجرو ج مُجرا:** ذ . جاري- هلندڙ (ڪو وهنوار يا ڪو ڪم). وڏي ماڻهو جي آڏو هنر حرفت(راڳ، ناچ وغيره) جو تماشو. آداب- بندگي- ڪرنش- تسليمات- نياز- سلامي- نمسڪار. سلام. ديدار- زيارت- راڳ، ناچ يا ڪنهن حيرت انگيز ڪم تي ڪيل آفرين- شاباس. اميرن جي ملاقات. حساب ڪتاب جو وهنوار.

– **مُجرو پرڻ:** ڪنهن درگاهہ تي وڏي ماڻهو اڳيان ناچ جو مظاهرو ڪرڻ- سلامي ڪرڻ- زيارت ڪرڻ- آداب بجا آڻڻ- نياز ڪرڻ.

– **مُجرو ڏيڻ:** آفرين چوڻ- شاباس چوڻ. رهيل رقم حساب ۾ آڻڻ. رهيل حساب جو وهنوار ڏيڻ.

– **مُجرو ڪرڻ:** با ادب سلام ڪرڻ- ڪرنش ڪرڻ. گهوٽ يا ڪنهن امير جي اڳيان نچڻ يا ڪو بيو تماشو ڏيکارڻ. حساب ڪرڻ-حساب ۾ لڳائڻ.

• **مَجروح:** صفت.(ع). گهائل-زخمي -ڦٽيل-زخميل-وادوڙيل.

• **مُجَسِم:** ذ . صفت. (ع). جسم وارو- ساهہ وارو- ساهدار- جاندار- جانوارو- ديهہ ڌاري- جسماني- سرِيرڪُ- بدني. سُهڻو- حَسين- صورتوند- رُوپونتُ- روپوان. (اسم). روپ- پتلو- اوتار. (گاجرا).

• **مُجَلبِي (ت):** ذ . ڪتي جو هڪ قسم.

• **مُجَلَدُ:** صفت. (ع). جُلد وارو- جُلد سان- جُلد ٻڌل- پاڻو ٻڌل- جُلدائي.

– **مُجلدِي:** ذ . صفت. جُلد ٻڌندڙ- جُلدبند- جُلدساز.

• **مَجلِسُ ج مَجلِسُون:** ث . (ع . جَلَسَ - هو ويٺو) ويهڻ جي جاءِ - بيٺڪ . ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جو هنڌ- بزم - سڀا - انجمن- سوسائٽي- سماج- اجلاس- ڪؤنسل- ڪانفرنس- جلسو- منڊلي- جماعت. ڪچهري- محفل- ٽولي - سڳر- سات- مجموعو- ميڙ.

– **مَجلس جو مورُ:** ذ . صفت. ڪچهريءَ جو سردار. مجلس ۾ ويهڻ جهڙو- قابل- هوشيار- داناءُ- ڏاهو- سياڻو- عاقل.

– **مَجلسِ ڪرڻُ:** ميڙ ڪرڻ- جماعت ڪرڻ- رهاڻ ڪرڻ- ڪچهري ڪرڻ. ملاقات ڪرڻ. جلسو ڪرڻ- اجلاس ڪرڻ. دعوت ڪرڻ- مهماني ڪرڻ- ماني ڪرڻ- محفل ڪرڻ.

– **مَجلسَ مَچڻُ:** محفل گرم ٿيڻ- محفل ۾ رونق پيدا ٿيڻ- رهاڻ ۾ رس ٿيڻ.

– **مجلسِي ج مَجلسِي:** ذ . صفت. مجلس وارو- ملاقاتي- رهاڻي. ڪچهري جو ڪوڏيو.

• **مَجمعُ ج مَجمَعَ:** ذ . (ع). ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي حالت- اجتماع. هجوم - ميڙ- مجموعو. سڀا- منڊلي- مجلس- جماعت-انجمن-اجلاس.

• **مَجمُوعُ:** ذ . (ع). ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي حالت- ميڙ- ڪَٺُ- پيندُ- گوڙ- هشام- هُجوم- اجتماع- انبوهہ- مجمع.

– **مجموع القوانين:** ذ . قاعدن جو ميڙ. قاعدن جو ڪتاب- قانون نامو- سَنچَتُ- دستور العمل.

– **مَجمُوعو ج مَجمُوعا(ل):** ذ . ميڙ- هجوم- انبوهہ- هشام- اجتماع- مجلس.

– **مَجمُوعِي:** صفت. ميڙ ٿيل- گڏ ٿيل-مجمع ٿيل. سموري- پوري- جُملي- سڀ ڪُل -سڄي.

• **مَجمَلُ:** صفت. (ع). گڏ ڪيل- شامل ڪيل- ڪَٺو. (ذ). ڪنهن احوال جي جملي ڳالهائڻ ڪي گڏي ننڍو ڪيل بيان. سارُ- خلاصو- انتخاب - اختصار.

• **مَجنُون ج مَجنُون :** ذ . صفت (ع). چريو- ديوانو- پاڳل- جنوني- خبطي. (اسم خاص). عربستان جي مشهورعاشق "قيس عامري" جو لقب (جنهن کي ليليٰ جي عشق ۾ چريو سڏيو ويو).

• **مَجُوس ج مَجُوسَ:** ذ . صفت. (ف). باهہ جو پوڄاري- آتش پرست. چنڊ ۽ سج جي پوڄا ڪندڙ. زردشت جو پوئلڳ- مگي-مغي- گَبرُ.

– **مجوسِي ج مَجُوسِي:** ذ . صفت. آتش پرست- باهہ جو پوڄاري. زردشت جو پوئلڳ- مجوس- مغي مگي. چنڊ ۽ سج جو پوڄاري.

• **مَجُوني ج مجوني:** ذ . صفت. شوخ- مخمور- مست.

Gul Hayat Institute

• **مَڇِڏُ ج مَڇِڏَ**: ذ . صفت. نہ ڇِڏيندڙ– نہ ڇڏُو– مَڇِڏُو. پَڪو– مُحڪم– ثابت قدم– اٽل– اڻ ٽرُ.

– **مَڇِڏُو ج مَڇِڏُو**: ذ. صفت. مَڇِڏَ.

• **مَڇَرَ**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گمبٽ ۾ هڪ ديھہ جو نالو.

• **مَڇَرِ**: ث . (سن. مَتَسِيہ= مَڇِي) نَنڍي مڇي– سنهي مڇي– ڏُوءِ. ننڍي مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **مَڇَرُ ج مَڇَرَ**: ذ . (پرا. مَڇَڊِي. سن. مَڇ+ مَتسَرا> مَشَڪ =مُڇَرَ) مڇر جو هڪ قسم (جنهن جي چَڪ هڻڻ ڪري مليريا جو بخار بہ ٿئي).

– **مڇَرداڻِي ج مَڇَرداڻِيُون**: ث . مڇرن جي چَڪ کان بچاءُ لاءِ مٿان اَڏيل ڄاري– مُهاري.

– **مَڇَرُ لَڳَڻُ**: مڇرن جا چَڪ لڳڻ. وهٽن کي مڇرن جو ڏنگڻ ۽ بيمار ڪرڻ. (ن– ب)

– **مَڇِرِڻُ(ت– ل)**: مصدر. ڪاوڙڻ– ڪاوڙ ڪرڻ– چِڙڻ– چِڙڻ. سخت ڪاوڙجڻ– مڇرجڻ– ضد تي چڙهڻ. (مڇريو– مڇربو – مڇريل).

– **مَڇِرِجَڻُ**: مصدر. مڇرڻ.

• **مَڇِڙو ج مڇڙا**: ذ . (پرا. مَڇ. سن. مَتسيہ= مڇي) ننڍي مڇي– ڪُرڙي– مَڇِلي.(ث. مَڇِڙِي ج مَڇِڙِيُون).

• **مَڇِلِي**: ث . (سن. مَتَسِيہ= مَڇِي)– مِينَ. سنهي مڇي– مَڇِڙي. چمڪدوزي جي ڪم جو هڪ نمونو– زريءَ جي ڀرت جو هڪ قسم. ايرنگ جي هيٺان لڙڪَل پَتري. واچ جو چڪر– لِيوَر– بيرم .(ث. صفت). ناچُو– رَنڊِي– وئِشيہ – ڪسبياڻي.

• **مَڇَندَرُ ج مَڇَندَرَ**: ذ . صفت. بيوقوف– مُورک– اناڙي– ڇُسو– ڀَؤُندو– احمق– ڪُند. لُچ– حرڪتي– شرارتي. (ل).

• **مُڇندَرُ**: ذ . صفت. مُڇن وارو– مُڇِرُ. (وفا).

• **مَڇندَرناٿ**: اسم خاص. هڪ جوڳيءَ جو مشهور نالو. گورکناٿ جو گُرُو.

• **مَڇَڻِ**: ظرف. متان– جِمَ. مبادا.

"اَيا اِئين ڇُونِ ، مَڇَڻِ پاند پُسائين!" (شاھ).

• **مُڇَڻُ**: مصدر. وڻ جون وڌيل ٽاريُون وڍي صفا صاف ڪرڻ– ڇانگڻ(وڻ جون ٽاريون وغيره)– ٽُرڙ ڪرڻ. بُنڊَ کي ڪهاڙي وغيره سان ڇِلي سِڌو ڪرڻ– ڪاٺيءَ کي سڌائيءَ ۾ ڇِلڻ– ترڻ. مَڇو ڏيڻ– ٽُڪو ڏيڻ– وَڍ جو نشان ڏيڻ– ڪَپو هڻڻ.

وڍڻ– ڪپڻ. (مُڇيو– مُڇيندو– مُڇيل).

• **مُڇو ج مُڇا**: ذ . ڪنهن ڪاٺيءَ جو ردي ڪري، وڍي ڇڏيل ٽڪرو. وڻ ۾ ڏنل وڍ جو نشان– ڪَپو– ڪَپُ– ٽُڪو.

– **مُڇو ڏِيَڻُ**: ٽڪو ڏيڻ– وڍ جو نشان ڏيڻ– ڪَپو هڻڻ– ڪَپ ڪرڻ– مُڇڻ.

• **مَڇُورُ ج مَڇُورا**: ذ . ٻيڙيءَ جو هڪ قسم.– ننڍي ٻيڙي(جنهن ۾ فقط ٻہ ماڻهو ويهي سگهن)– ڊُونڊي.

• **مَڇُوٺو ج مَڇُوٺا** : ذ . (درياءَ جي ٻيڙيءَ جو هڪ قسم. ڪاري جي هُڙيو ۽ ڪونٽيو وانگر، پر ڪجھ وڏي ٻيڙي.

• **مَڇِي ج مَڇِيُون**: ث . (پرا. مَڇِيئا> متسِيئا. سن. مَتسيہ=مڇي) پاڻيءَ جو هڪ مشهور ساهوارو– ماهِي– مِين– حوتُ– جل تُوري– مَڇِلِي– مَڇِڙي.

– **مَڇِي بازارَ**: ث . مڇي وڪامڻ جو هنڌ– گوڙ گهمسان وارو هنڌ. ڏمچر– مانڌاڻو– گوڙ – گهمسان– شور– غوغاءُ.

– **مڇِي بازار لائِڻُ**: گوڙ گهمسان ڪرڻ– ڏمچر ڪرڻ– ڪچر ڪلو مچائڻ– مانڌاڻ مچائڻ.

– **مَڇِيءَ جو تيلُ**: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ مڇيءَ جو تيل.

– **مَڇِيءَ جي واتَ ۾**: جملو. مصيبت ۾– آزار ۾– تڪليف ۾.

– **مَڇِي مارُ ج مَڇِي مارَ**: ذ . پکيءَ جو هڪ قسم– مڇي ماريندڙ پکي– بحري عُقاب.

– **مَڇِي مارڻُ**: مڇي ڦاسائڻ( ڪُنڍيءَ سان).

– **مَڇِيءَ مان ڪَنڊا ڪَڍَڻُ**: باريڪ بيني ڪرڻ. عيب ڪڍڻ وڏ ڪڍڻ– گهٽتائيون ڳولڻ– اُوڻايون ڪڍڻ– چُڪون ڪڍڻَ– ويڪون ڪڍڻ– ڀؤڻايون ڪڍڻ.

– **مَڇِيءَ مانِي وارو هُئَڻُ**: ڀُونجي وارو هئڻ– سکيو سَتابو هجڻ– هُوندَ وارو هجڻ– آسودو هجڻ– خوشحال هجڻ.

• **مُڇِي ج مُڇِيُون**: ث . گهوڙي جو هڪ سنج– ڇَمُ جي وڍي ۽ سُٽَ جو ڏورو جو لغام ۾ ٻڌجي– مُهرو– سَرواڳ– ٽُڪتو ڏِڳي جو سينگار لاءِ منهن تي ٻڌل ڪاري رنگ جو ڏورو.(ل). چڪ هڻندڙ اُٺ جي مُنهن تي ٻڌل ڏاس جي ڳتيل ڄاري.

• **مَڇيرو ج مَڇيرا**: ذ . ڪاري جي ٻيڙيءَ جو هڪ پاسو. درياءَ جي ٻيڙيءَ جو هڪ حصو– چوٽُ– چوٽيو.

• **مَڇِيڪَنڊِڙو(ل)**: ذ . ٽوپيءَ جو هڪ قسم. (مهيري).

• **مَڇِيھَہ(ت)**: ذ . بيماريءَ جو هڪ قسم– پُٽن ۾ پوندڙ سُور– هاهو– هَهو.

Gul Hayat Institute

• **مُحابو ج مُحابا:** ذ . (ع . حَبَ=هن چڏيو). چڏڻ جي حالت– رعايت. مُروّت– لحاظ– پاسو– پاسخاطر– پاسخاطري– رياءُ – رياڪاري– طرفداري. واسطو– لڙهه– لاڙو. حياءُ– لَڄَ– حجَاب– مرجاتا– عزت– مانُ– آبروُ– جَسُ– تعظيم– اعانت– مدد.

• **مُحاسِبُ ج مُحاسِبَ:** ذ . (ع. حَسَبَ=هن ليکو ڪيو) حساب ڪندڙ– حِسابي– ليکاري. حساب ڄاڻندڙ. حساب تپاسيندڙ– حساب چڪاسيندڙ.

– **مُحاسَبو ج مُحاسَبا:** ذ . ليکو– حساب– وهنوار. حساب ڪتاب جو نبيرو– ليکي جي صفائي.

• **مُحاصَرَه:** ذ . (ع. حَصَرَ=هن وڪوڙيو) گهيرو– قِلعي بندي – ناڪابندي.

• **مُحافِظُ ج مُحافِظَ:** ذ . صفت. (ع. حفظ= هن سنڀال ڪئي) حفاظت ڪندڙ– سنڀال ڪندڙ– سنڀاليندڙ– چونڪيدار– چوڪيدار– راکو– جاڳو– واهِي– ڪارائو– نگهبان– رکوالو– رکپال– نگران– پاسبان– وَصِي– اَمِينُ– مُربِي– والي وارث– ڏَٿي ڌَوڻي.

– **مُحافِظِي:** ث . نگهباني– نظرداري– سنڀال– نگهداشت – چوڪيداري – رکپالي– حفاظت.

• **مَحافو ج مَحافا:** ذ . ڏولي– لوڏي– پالڪي– چوڏول– ڪَجائو (خاص زالن لاءِ).

– **محالُ ج مَحالُ:** ذ . صفت. ناممڪن– اڻ ٿيڻي– اڻ ٿيٽو– اساڌِيہ – اسَمَيو– ناشُدني– بي امڪان. دشوار– دقت طلب– مشڪل– ڪَٺِڻ– ڪَٺِن– سخت– ڏکيو– اهنجو. تعلقي کان ننڍو روينيو سرڪل.

– **مُحالُون مَقالُون سٹڻ(ت):** مهڻا طعنا سٹڻ– ڏک ڏوراپا ٻڌڻ– گِلا ٻڌڻ– شڪايت سٹڻ.

– **مَحالِي:** صفت. نا ممڪن– محال.

• **مَحالڪاري ج مَحالڪاري:** ذ . روينيو آفيس جنهن جي هٿ ۾ مَحال هجي.(گاجرا). مختيارڪار– تعلقي جو عملدار.

• **مُحاورو ج مُحاورا:** ذ . (ع. حَوَرَ=هن ورائي چيو) گفتگوءِ– ٻول چالَ– ڳالهه ٻولهَ– سوال جواب. علم نَحو موجب اهو جملو، جنهن جي لفظي معني هڪڙي هجي ته ڪنايةَ معنيٰ ٻي هجي. مثلاً: "آڪيون ٻورڻ، بي شرم ٿيڻ، مرڻ" وغيره. اصطلاح– ورجيس. استعمال– اَپياس– ساڌنا– مشق – آزمودو– تجربو.

• **مُحِبُ ج مُحِبَ:** ذ . صفت. (ع. مُحِبُ >حُبَ= هن پيار ڪيو) حُب وارو– پيارو– پريتم. دوست– سنگتي– يار– سڄڻ. لالَنُ– ساڄن– پرين– محبوب– ڍولڻ– دلبر– دل وارو– جانب– جاني –سُپرين– مِٺو– مَنُ– عاشق– سينڌو– يارُ.

• **مَحَبتَ ج مَحَبتُون:** ث . (ع. حُبَ= هن پيار ڪيو) پيارُ– پاءُ – پريت– حُبُ– پريم– دل – سَنيهُ– قربُ– شوق – لنئون–نينهن– عشق – پريتڙو– اُلفت– چاهُ– چاهتَ– موهه– لگن– رغبت. سنگت– دوستي– ياري– ياراني– مترتا– اخلاص– همدردي. سڄڻپائي– آسا ٻنڌ– آشنائي.

• **مَحَبتَ جو مَچُ مَچڻُ:** تمام گهڻي محبت پيدا ٿيڻ– محبت پيدا ٿيڻ– محبت جو جذبو حَدَ کان زياده وڌي وڃڻ– محبت ۾ لڇڻ ڦٿڪڻ– محبت ۾ بي تاب ۽ بيقرار رهڻ.

– **مَحَبتَ جي پلس رَکڻُ:** محبت جي لائق هئڻ– وفادار هئڻ– محبت ڪري ڄاڻڻ– ناتو نڀائي سگهڻ– لائق هئڻ– توڙُ نڀائڻ. (هدايت الانشاص ١٨).

– **مَحَبتَ رَکڻُ:** دوستي رکڻ– سنگت رکڻ– ياراني ڳنڍڻ. پيار ڪرڻ– چاهڻ– عشق ڪرڻ.

– **مَحَبتَ ڪَرڻُ:** پيار ڪرڻ– عشق ڪرڻ– اُلفت رکڻ– چاهڻ.

– **مَحَبتِي ج مَحَبتِي:** ذ . صفت. دوستاڻو– اخلاص مند– دوست – قربدار– ملڻو– ميلاپي– ميلاڻو– ملنسار– صُحبتي– آشنا مزاج– رلڻو ملڻو– صحبت پسند– قرب وَند– قربائتو. عاشق – ساڄن– لالن– سُپرين– پريتم– پيارو– مُحب– محبوب– دل وارو– جاني.

• **مَحبُوبُ ج مَحبُوبَ:** ذ . (ع. حَبَ=هن پيار ڪيو) پيار ڪندڙ– پيار وارو– لالَن– ساڄنُ– پرين– ڍولڻ– مُحب– دلبر– پريتم– جانب– جاني – پيارو– عاشق– سُپرين– معشوق– دلدار– دل پسند. سينڌو– يارُ– چڱهُ.

– **مَحبُوبِي:** ث . هر دل عزيزي– ڪِل مُڪائي– سَباجهائِي– اخلاص– همدردي– غمگساري– صحبت– آشنا مزاجي. سُونهن– نزاڪت– دلبري– جمال ڪمال– سهڻائي– سُونهپ.

• **مَحبتَ ديرو:** اسم خاص. تعلقي ڪنڌياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَحبتَ ديرو جاگيرَ:** اسم خاص. تعلقي ڪنڌياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَحبتَ فَقيرُ جاگيرَ:** اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مُحبُ شاهُ(ت):** ذ . ڪجيءَ جو هڪ قسم.

• **مُحبُ واهُ:** اسم خاص. تعلقي قَنل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **مُحتاجُ ج مُحتاجَ:** ذ . صفت. (ع. حَاجَ=هن گهر ڪئي) حاجتمند– ضرورتمند– گهرجائو– احتياجمند– ڪاٽيائتو. خواهشمند– آرزو مند– متمني– خواهان. تنگ حال– غريب– مسڪين– دريوزي– نِڌر– تِهي دست– نِرڌن– ڪنُتل– ٻُڪيو– ڏُکيو– ڪنگال– تنگدست. اپاهو– اناٿو– بي حال– اڏين– بي وس– بي پهچ. فقير– پينو– بيڪاري– منگتو– گداگر– پينڻائت.

– **مُحتاجُ ٿيڻُ:** حاجتمند ٿيڻ– مفلس ٿيڻ– ڪنگال ٿيڻ– تنگدست ٿيڻ– اپاهج ٿيڻ.

– **مُحتاجِي ج مُحتاجِيُون:** ث . لاچاري– لاچارگي– گهرج– ضرورت– اٽسَرندي– حاجت– مجبوري– احتياجي– لوڙَ– لوڙهه– مانگ. اڻ هوند– تنگي– سَڪَ– گهٽتائي– غريبي– ڪنگالپڻ– ڪنگالپڻو– ڪُنتلائي– مُفلسي– تنگدستي– اِفلاس– بي نَوائي– مسڪيني. پرواهه– ڪاڻ.

• **مُحتاطُ:** صفت. (ع. احتاط= هن احتياط ڪيو) احتياط ڪندڙ –سنيال رکندڙ– خبرداري ڪندڙ– خبردار– سُجاڳ– هوشيار.

• **مُحتَرَمُ ج مُحتَرَمَ :** صفت. (ع. حَرَمَ =هن عزت ڪئي) حرمت وارو– عزت وارو– مانَ وارو– معزز– شانائتو– بزرگ.

• **مُحتَسِبُ ج مُحتَسِبَ:** ذ . صفت. (ع). حساب وٺندڙ– حِسابي. نڪتہ چين. خلاف شرع– ڳالهين جي ممانعت ڪندڙ– حاڪم. مُفتي– قاضي– نِياءُ ڪار.

• **مَحجُوبُ:** صفت. (ع. حَجَبَ= هن پردو ڪيو) حجاب وارو– حجابي . لِڪل– پوشيده. شرم وارو– لَڄارو– مُنهان چڙو– سنڪوچي– شرميلو. ڊڄڻو– ٺهڻو– تاهڙُ– ڇرڪڻو.

• **مُحَدِّثُ:** ذ . صفت. (ع. حَدَثَ) حديث بيان ڪندڙ– حديث گو. حديث شريف جو ڄاڻو.

• **مَحدُودُ:** صفت. (ع. حد= دنگ ڪيو) حَدَ ڪيل– حدبندي ڪيل– دنگ ڪيل– آخر ڪيل– پڇاڙي ٿيل. مَحصُور– مُقيد. ڳاڻ ڳڻيو– ٿورو. واجبي– پُورو پُنو– پُورو.

• **مَحذُوفُ:** صفت. (ع حَذَفَ= هن حذف ڪيو) ڪيرايل. ڇانگيل. ڪڍيل– ڪڍي ڇڏيل– جدا ڪيل– ڌار ڪيل– علحده ڪيل– الڳ ڪيل. علم نحو جي اصطلاح ۾ گهٽايل ۽ ننڍا ڪيل جملا يا لفظ. جي عبارت ۾ آڇجن ئي نتا يا ظاهر ئي ڪين آهن. تہ بہ انهن جي لڪل معنيٰ معلوم ٿي سگهي ٿي. جهڙوڪ ڪتاب جي مُنڍ ۾ "بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم" جي بدران ۷۸۶.

• **مِحرابُ ج مِحرابَ:** ذ . (ع). هٿيار جو هڪ قسم– ڪَمان– ڏنش– ونگَ – ڪَمان (دروازي جي) مسجد جي الهندي طرف کان ٺهيل ونگدار جارو(جنهن ۾ پيش امام بيهي نماز پڙهائي). گول دروازو. گهڻي نماز پڙهڻ سبب پيشانيءَ تي ٿيل ڪارو داغ.

– **مِحرابِي ج مِحرابِيُون:** ث . ونگ – ڪمان. گولائي. تلوار جو هڪ قسم– خمدار تلوار. مسجد– مَسيت– مِحرابگاهه.

– **مِحرابُ گاهُ:** ذ . مسجد– مَسيت.

– **مِحرابپور:** اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري، ڏوڪري، جيڪب آباد ۽ نَـلَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مِحراب واهه:** اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مُحَرِّرُ ج مُحَرِّرَ:** ذ . صفت. (ع). لِکندڙ– لِکڻوارو– تحرير ڪندڙ– ليکاري– ليکڪ– منشي– خوشخط– خوشنويس.

– **مُحَرِّرِي ج مُحَرِّرِيُون:** ث . لِکائي– مُنشگيري– ڪلارڪي.

• **مُحرِفُ :** صفت. (ع). رستي کان ڦيرايل– ڏنگو– ڦڏو. ابتو. پنهنجي جاءِ تان هٽيل. بگڙيل– ڦِٽل.

• **مُحرِڪُ:** صفت. (ع. حَرَڪ ). حرڪت ڏيندڙ– جنبش ڏيندڙ –لوڏيندڙ– ڌوڏيندڙ.

• **مَحرَمُ:** ذ . صفت. (ع. حَرَم= هو نااميد ٿيو). منع ڪيل– حرام ڪيل– حرام ٺهرايل– ويجهو عزيز– اهو ماڻهو جنهن سان نڪاح ڪرڻ جائز نہ هجي(پيءُ، ڀاءُ، چاچو، مامو، نانو ڏاڏو وغيره). واقف– واقفڪار– سهي– گهرو– گهائل مائل– ڄاڻ سڃاڻ– روشناس– آشنا. واقف – اسرار– رازدار– همراز– دمساز– همدم– واقف حال– حال پائي– رازدان– پيدي. خاوند– مڙس– ڀتار– شوهر– پتي. مڙس جو ڀاءُ– ڀاءُ حرمت ڪيل– تعظيم ڪيل– عزت ڪيل (اسم خاص). هجري سال جي هڪ مهيني جو نالو(جنهن ۾ جهالت واري زماني ۾ جنگ ڪرڻ حرام هئي– عاشورن جو مهينو(هن مهيني ۾ واقعو ڪربلا ٿيو).

– **مَحرَمُ ٿيڻُ:** واقف ٿيڻ– واقف حال ٿيڻ. پيدي ٿيڻ– رازدار ٿيڻ– حال پائي ٿيڻ.

– **مَحرَمِ رازُ:** ذ . صفت. راز کان واقف– واقف الحال– رازدار– پيدي– همراز – دلي دوست – جگري دوست – ڳوڙهو يار.

• **مَحرُومُ:** صفت. (ع. حَرَمَ =هو نااميد ٿيو). منع ڪيل– روڪيل– جهليل. حرام ڪيل. نراس – نااُميد– مايوس– خستو– شڪستو– ناڪام– نامراد– بي نصيب– بدبخت– اَياڳي– ڪمبخت– ندورو– ڪَرم هيڻ– اَدورو– ڪمنصيب.

– **مَحرُومُ رَکڻُ:** روڪڻ– رنڊڻ. ناڪامياب رکڻ– نامراد رکڻ– بدنصيب رکڻ– مايوس ڪرڻ– نااُميد ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

ٿيڻ– مگن ٿيڻ– رَتل رهڻ– رُڌل رهڻ.

– **مَحو ٿِي وَڃَڻُ:** زائل ٿي وڃڻ– اڏامي وڃڻ– گـُم ٿي وڃڻ– غائب ٿي وڃڻ. عاشق ٿيڻ– مست ٿي وڃڻ– چَريو ٿي وڃڻ– فريفته ٿي وڃڻ. غلطان ٿي وڃڻ– مگن ٿي وڃڻ.

– **مَحوَ ڪَري ڇڏَڻُ:** مِٽائي ڇڏڻ– زائل ڪري ڇڏڻ– گـُم ڪري ڇڏڻ. مُتحير ڪري ڇڏڻ– بُت بنائي ڇڏڻ. موهي ڇڏڻ– عاشق بنائي ڇڏڻ– فريفته ڪري ڇڏڻ.

– **مَحويتَ ج مَحويتُون:** ث . گـُم شدگي– بي خبري– بي سُرتائي– اغراق. شيفتگي– فريضتگي.

• **مِحوَرُ ج مِحوَرَ:** ذ . (ع. حَوَرَ= هن ڦيرايو) زمين هيءَ ڪنهن به آسماني جسم جي وچ واري هڪ خيالي ليڪ(جنهن تي ڌرتي يا ڪو به آسماني جسم ڦري)– مَدارُ. گاڏي جي وچين لوهه واري ڪامر– لوهه جي ڌُري(جنهن سان ڦيٿا ڦرن)– سَرائي– ڌُري– ڌرو.

– **مَحوَري ج مَحوَري:** صفت. مَحور وارو– گول ڦرندڙ– چڪر وارو.

• **مُحيطُ:** صفتَ (ع) . گهيريندڙ– گهيرو ڪندڙ. قبضو ڪندڙ– قبضي ۾ آڻيندڙ– وڪوڙي ويندڙ– وڪوڙيندڙ. گنجائش وارو– سمائيندڙ. گهيريل– وڪوڙيل. وسيع– پکڙيل. ڪشادو– ويڪرو.

• **مَخادِمُ:** ذ . صفت. (ع. خدم = خدمت ڪندڙ). ڪم ڪار هلائيندڙ(خاص ماڻهو)– جملي ڪم ڪندڙن جا اڳواڻ– ڪارڪن. ديوان– ڪمدار– ڪارائو. خدمتگذار– ٻيلي– ٻانها– نوڪر. ڪاتيدار– اِجاريدار– جو خدمتگار ڪان ٻني آباد ڪرائي، ان کي حصو ڏيندڙ. ڪَرَمي– هاري– ڪاشتڪار– ڀَنيرُ– ونديرُ.

• **مَخادمِي:** ث . وُزارتَ– ديوانگيري– ڪمداري. خادمي– نوڪري– بزگيري– ٻانهپ– خدمتگذاري. مخادم جو ڪم– ڪاتيداري– اِجاريداري– مخادم جا حق حقوق. ڪَرَميت– هارپ– ڪاشتگاري– کيتي.

• **مَخاديمُ:** صفت. (ع). بُزرگ– ڀَلارا– سڳورا– سَعيد– نيڪ – شريف.

• **مُخاطِبُ:** ذ . (ع. خطَبَ= هن سامهون ڳالهايو)روبرو ڳالهه ڪندڙ– خطاب ڪندڙ– ڳالهائيندڙ– گفتگو ڪندڙ– هم ڪلام– سروٽو– آلاٽو. تقرير ڪندڙ– وياکياڻي. ڏورايو ڏيندڙ– ڪاوڙجندڙ.

– **مُخاطِبُ ٿيڻُ:** روبرو ڳالهائڻ– سامهون چوڻ. خطاب ڪرڻ– خاص آدميءَ طرف ڌيان ڏيئي ڳالهائڻ– چوڻ– آکڻ– وياکياڻ ڪرڻ– ليڪچر ڪرڻ.

• **مُخالِفُ ج مُخالِفَ:** ذ . صفت. (ع. خَلَفَ).برخلاف– خلاف ٿيندڙ– اُبتڙ ويندڙ– آڏو ايندڙ – دشمن– مدعي. اُبتو– پنيرو– اُبتڙ. اٽائو– آڏو– سامهون(واءُ).

– **مُخالَفَتَ ج مُخالَفَتُون:** ث . برخلافي– اختلاف– ضِدُ– مقابلو– سامهٽائي. اُبتائي– ناموافقت. عداوت– دشمني – خصومت.

– **مُخالَفَتَ ڪَرَڻُ:** اختلاف ڪرڻ– برخلافي ڪرڻ– برخلاف وڃڻ– اُبتڙ وڃڻ. مقابلو ڪرڻ. آڏو ٿيڻ– سامهون ٿيڻ– دشمني ڪرڻ– ڪشيدگي ڪرڻ. اعتراض ڪرڻ.

• **مُخبِرُ:** ذ . صفت. (ع. خبر) خبر ڏيندڙ – خابرو– قاصد – پيغامي. نِياپو ڏيندڙ. جاسُوس– جُوٽت– چُغلُ– جُوٽيتُ– چاري– سُونجهو– جاچُوس. دَلال– وچ وارو.

– **مُخبِري ج مُخبِريُون:** جاسوسي.

• **مُخبو ج مُخبا:** ذ . (ع. مخباءُ) ڪنهن شيءِ (طعام) جي رکڻ جو ٿانءُ. ڍڪَ وارو ٿانءُ– ڍاڪُون. ننڍو ڍاڪُون. ڍبلو.

• **مُختارُ ج مُختارَ:** ذ . صفت. (ع. مختار) چونڊيل– پسند ڪيل– اختيار وارو– آزاد– خودمختيار.

• **مُختَصَرُ:** صفت. (ع. خَصَرَ=هن گهٽايو يا ٿورو ڪيو) اختصار ڪيل– گهٽايل– گهٽ– ٿورو. ٿورا ڪرو– خلاصو– مُجمل. ننڍو– ڪوتاهه. رواجي– هلڪو– واجبي– پورو پٽو– وچولو– درميان– وچٿرو. (ظرف). ٿوري ۾– جهٽ پٽ.

– **مُختَصَرُ نويسِي:** ث . ڪوتاهه قلمي– چوٽَ اکري – ٿور اکري– شارٽَ هئنڊ.

• **مُختَلِفُ:** صفت. (ع. خَلَفَ = ناموافق) اختلاف ڪندڙ– اڻ ميلُ– ناموافق– هڪ جهڙو نه – غير جنس– بي جوڙ. جُدا– بيو– ڌار– ٻيءَ طرح جو– نيارو– علحدو. پانت پانت جو– قسمين قسمين– نموني نموني– طرحين طرحين.

• **مُختيارُ ج مُختيارَ:** صفت. (ع. مختار) چونڊيل– چانديل– پسند ڪيل. اختيار ڪيل اختياريءَ وارو– بااختيار– ڪُل مختيار– خود مختيار– آزاد. پنهنجيءَ وارو– هَند وارو– رضا جو راڻو– چڙتي پلاند– پاڻ پرو– رُوءِ سوءِ– پنهنجي سر– پاڻ مُهاڙو– شُتربي مَهارُ– مُطلق. مالڪ– ڌڻي– وارث– ايجنٽ– گماشتو– دلال. بِنا پرواني وڪيل– وڪيل. ڪارڪن. ناظر– خانسامان– پنداري– مودي. متولي.

Gul Hayat Institute

– **مُختيارِڪارُ ج مُختيارڪارَ:** ذ . صفت. ڪم جي سنڀال ڪندڙ– مهتمم– ڪارپرداز. تعلقي جو ڪم سنڀاليندڙ روينيو کاتي جو عملدار.

– **مختيارڪاري ج مُختيارڪاريُون:** ث. ڪم جي سنڀال–سربراهي –اهتمام. تعلقي جي سنڀال. تحصيلداري. تعلق جي آفيس.

– **مختيار نامو ج مُختيار ناما:** ذ . لکيل اختيارنامو– لکيل دستاويز– مختياريءَ جي سَنَد– وڪالت نامو.

– **مُختياري ج مُختياريُون:** ث . عام اجازت– موڪل– اختياري– اجازت– خودمختياري– سُوتنترتا– آزادي. بي محتاجي. حاڪمي– مَجاز– حڪومت– دکو– اختياري– پرماڻ– هلندي– پُهچ. سَنَد.

• **مَخدُومُ ج مَخدُومَ:** ذ . (ع). خدمت ڪيل– جنهن جي خدمت ڪجي. بزرگ. عزت وارو– مان وارو– مُعزز– سائين – آقا– آغا– آگو– سوامي –مُربي. مذهبي رهبر– پيشوا– هادي– امام.

• **مَخدُوم پُور:** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَخدُوم صاحبُ:** اسم خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مخدوم جي ڪُني:** ث . اسم خاص. لاڙ ۾ هڪ درگاهه جي ميلي جو نالو.

• **مَخرَج:** ذ . (ع . خَرَج= هو نڪتو. وهيو). نڪرڻ جي جڳهه– نيڪال– لنگهه. بنياد– اصل– پاڙَ– ماده رُوٽ– اکر ڏاتو. علم نحو جي اصطلاح ۾ وات مان "الف. ب" جي اکرن نڪرڻ جي جاءِ. اُچار. وَٽ سٽ– وَرُوڪڙ. هيٺ مٿانهين. ناز نخرو.

• **مَخرُوطُ:** صفت. (ع. خَرَطَ=ڇليو). پتائي گجر جي شڪل جهڙي ڪا شيءِ(جنهن جو مَٿ ٿلهو ۽ هيٺ پڇڙي سنهڙي ٿيندي وڃي)– گاوُدُم– سُوچي– ڏاند پُڇ. ڏول.

– **مخروطي ج مَخروطِي:** ذ . صفت. پتائي گجر جي ڏول جهڙي (ڪا به شيءِ)– گاوُدُم– ڏاند پڇو– گاڻ پڇو– ڏُول شڪل.

• **مَخزَن:** (ع.خزَن). خزاني جي جڳهه. گڏ ڪرڻ جي جڳهه– گودام. گنج. ذخيرو. (آصفيه). گنجينہ مضمون– رسالو. ڪوش– لُغت.

• **مَخصُوص:** ذ . صفت. خَص=خاص ڪيو ويو). خاص ڪيل– خاص– نجو– خالص. چونڊيل– ڏُٽيل– ڏوجيل– جدا– علحدو.

• **مُخفَفُ:** صفت. (ع . خَفَ= هو هلڪو هو). هلڪو ڪيل– گهٽ ڪيل– اختيار ڪيل– ٿورو ڪيل– ڇانٽيل– ڇانگيل.

• **مخفي:** صفت. (ع. خَفَي) ڳجهو– پوشيدو– لڪل– خفيه– اولاتو– نامعلوم– (اسم خاص). شهزادي زيب النساءِ جو تخلص.

• **مَخل:** ذ . (ع) . انديشو– اونو– اَلڪو– فڪر. ڊپ.

• **مخاب:** ذ . پسارڪي وکرجو هڪ قسم– دوا طور ڪم ايندڙ هڪ وڻ جو ٻج. (ف– ج).

• **مُخلِصُ:** ذ . صفت. (ع. خَلَصَ). خالص(دوست وغيره). سَچو– سچار– سَرلو– صادق – راستباز– کرو. صاف دل – بي ڪُپت– نِسڪَپٽ– بي ريا. همدرد– حال وندبيندڙ– ڏک ونڊائي– غمخوار– غمگسار. ڇنل– آزاد. مُجرد– ڪنوارو– ڇڙهو– وانڊو.

– **مُخلصي ج مُخلصيُون:** ث . سچائي– اخلاص. همدردي– غمگساري– وفاداري– غمخواري– ڇڙهائي– اڪيلائي– وانڊائي. موڪ– ڇوٽڪارو– رهائي.

• **مَخلُوطُ:** صفت. (ع. خَلَطَ). مليل– گڏيل– گاڏڙ– آميخته– گڏ وچڙ.

• **مَخلُوق:** صفت (ع. خَلَق= هن پيدا ڪيو) پيدا ڪيل– پيدا ٿيل– ناهيل– جوڙيل– اُپايل– خلقيل– رچايل . پراڻي– جيو– ساهه وارو– حيوان– جانور. (ث). خلق– دنيا – سنسار– ڪائنات.

– **مَخلُوقاتُ:** ث . اپايل شيون– سرشٽي– رَچنا– خلقت– جوڙ– دنيا– جهان– سنسار. پيدا ڪيل جڳ.

• **مُخمَسُ:** صفت. (ع. خَمَسَ= پنج). پنجن ڪُنڊن وارو– پنج ڪُنڊو. (ذ ). شعر جو هڪ قسم– پنهنجن مصرعن جو نظم. (آصفيه).

• **مَخمَلُ ج مَخمَلَ، مَخملُون:** ذ . ث . (ع. خمل ). ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم– نهايت نرم ۽ ريشمي ڪپڙو– بَخمل.

• **مَخمُورُ ج مَخمُورَ:** ذ . صفت. (ع. خمر). شراب پيتل– پيتل– خمار چڙهيل– نشي ۾ چور– خماريل– مدهوش– نشئي– ڪيئو– اَلوٽ– مگڻ– مست– متوالو.

• **مُخنث ج مُخنث:** ذ . صفت . (ع. خَنث= ڪَڏڙو ٿيو) ڪدڙو– هيجڙو– خُنثي– ڪَسِي. مڙسيءَ کان سواءِ. بي ٻهج– بي زورو– بي وس– بي طاقت.

• **مَخولُ ج مَخولَ:** ذ . ڪِلَ– مسخري– ٺٺول– مذاق– چرچو– چيڙ خواني– چرچو ڀوڳ– خوشطبعي. فخر– مرڪ– ناز. مغروري– گهمنڊ– شيخي– هٺ– دماغ– وڏائي– هوءِ– دَم– اغماض– غرور.

– **مَخول بازي:** ث . مسخري– ٺوڪ زني– ٺوڪ بازي– ٺٺولي– چرچو ڀوڳ– طعني بازي– مذاق.

Gul Hayat Institute

– **مَخولُ ڪَرڻُ:** کِل مسخري ڪرڻ– ٺٺول ڪرڻ– مذاق ڪرڻ–چرچو گهبو ڪرڻ– ٽوڪبازي ڪرڻ.

– **مَخولِي:** ذ . صفت. چرچائي گهبائي– مذاقي– ٽوڪباز– مسخري ڪندڙ– مغرور– هٺيلو– آيماني– مَجازي– آڪڙيل– دماغي– هَٺي–فخروندڙ–فاخرو–هٺيلو–تڪبري. عاليشان– ٺٺ وارو–آڊمبر وارو–دٻدٻي وارو–شان وارو–طومان وارو.

– **مَخولِي ج مَخولِيُون:** ث . مخول– مخول بازي.

• **مَخِي:** اسم خاص. تعلقي ڪَڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَخيرُ:** صفت. (ع) خيرات ڪندڙ– فياض – داتا– ڏاتار– سخي– نهايت نيڪ.

• **مَدُ ج مَدَ، مَدُون:** ذ . ث . ڪَشش– ڇِڪَ – تاڻَ. ڊيگهه – ڊگهائي– لمبائي. علم نحو موجب ڪنهن بہ اُچار کي ڇڪ ڏيندڙ– نشاني – اکر جي اواز کي ڊگهو ڪندڙ علامت "آ" نشاني– علامت.

– **مَد شَد سان:** ظرف . گهڻي ٺاٺ باٺ سان– صفائيءَ سان– چٽائيءَ سان– ظاهريءَ طرح– پڌرائيءَ سان– کُلم کُلا– ظاهري نموني ۾.

– **مَد نظرَ:** ظرف . ڏسڻ جي حد تائين– حد نظر تائين– پيش نظرَ– مَدنگاهہ. (ذ). اها شيءِ جا نظر جي سامهون هجي. قصد – ارادو– مقصد– مراد.

– **مدنگاهہ:** ظرف. مد نظر.

– **مَدُ ج مَدَ:** صفت. (سن. مَديہ= شراب) پيئڻ لاءِ نشيدار عرق– شراب– باده– دارُو– مَئي– صُهبا– مَديہ سارُ.

"وَٽ وَٽ وڃيءَ ۾، مَٽ مَٽ مَدُ پيو". (شاهہ).

(مَدُ=مَستِي) نشو– مَستي– خُمار– متوالاپڻ– سرشاري– مدهوشي– مدمتي– مخموري– ڪيفہ چريائي– پاڳلپڻو– جُنون– سوداءُ موهہ– عشق – محبت– پيار– قُرب– چاهہ– لاڙو– چاهَت. آنند– خوشي– لُطف– مزو– موج. مغروري– گهمنڊ–شيخي–هَٺ–دماغ–وَڏائِ–هوءِ–دَمُ–اغماض– غرورُ– بانورُ– آڪڙ– هَٺ– اهنڪار– وڏائي– تڪبر– ٺَٺ– ناز. (صفت). پيتَل– خُماريل– مست– متوالو– مدهوش. خوش–سرهو–راضي–نهال–پرسن. ماکي. (گاجرا).

– **مَدُمَستُ ج مَدَمَستَ:** ذ. صفت. نشئي– خُماريل– مَٺَ چڙهيل– نشي ۾ پُرُ– پيتل– ڪيئو.

– **مدمغزُ:** ذ . صفت. مغروريءَ سان پريل– هٺيلو– هوڏي– ضدي. مٺي ڦريل.

• **مَدَ ج مَدُون:** ث . مُندَ– موسم– رُتَ.

• **مُدا:** ث . (ع. مُدة= مُدو) وقت– سمو– عرصو. ٺيڪ وقت. مُدو. (ع. مدعي. مدعا) دعويٰ جا دليل– مخالفانہ دليل. بحث.

– **مُداڪَرڻُ:** ٺيڪ وقت ٿيڻ. پورو ٿيڻ– ختم ٿيڻ.

"محشر ڪيو مُدا، اڄ اڄوڪي ڏينهڙي". (خان زئي).

– **مُداوَڻُ:** آڏا جواب ڪرڻ. مخالفانہ بحث ڪرڻ.

• **مَداحُ:** صفت. (ع. مَدَحَ= هن ساراهہ ڪئي) مدح ڪندڙ– تعريف ڪندڙ– ثناخوان– صفت ڳائيندڙ. ڀَٽُ. ڪَٽڪُ. (آصفيہ).

• **مَداحَ ج مداحُون:** ث . (ع. مَدَحَ=هن ساراهہ ڪئي). تعريف – ساراهہ– واکاڻ– ثنا– صفت– مدح. شعر جو هڪ قسم– تعريفي بيت.

• **مَداحُون پڌائڻ:** خوشامد ڪرڻ. هيٺيون مٿيون ڳالهيون پڌائي خوش ڪرڻ.

• **مُداخلَتَ ج مُداخلتُون:** ث . (ع. دخل) دخل– درڪُ– دست اندازي– وچ ۾ اٽڪاءُ– مزاحمت. قبضو. تصرف. قابو. تحت.

– **مُداخلَت ڪَرڻُ:** دخل ڏيڻ– وچ ۾ ٽپي پوڻ– دست اندازي ڪرڻ– اٽڪاءُ ڪرڻ.

• **مَدارُ ج مَدارَ:** ذ . (ع. دَور) گردش جي جاءِ – ڪنهن آسماني جسم جي دوُري ڪرڻ جي جاءِ – ڦيري جو چڪر– دائرو– گول – چڪرو– حلقو. ڪنهن گرهہ جو سج جي چوڌاري ڦرڻ جو رستو. ڦيرو– گهيرو. بنياد – پيڙهہ– مُول. آڌو – ٽيڪ– پروسو– سهارو– تعلق– واسطو– ذمو– ذميواري– جوابداري. مقصد– ارادو. (اسم خاص). هڪڙي مسلمان فقير جو نالو( جو مدارين يعني بازيگرن جو مرشد هو) مدار شاهہ.

– **مَدارُ المَهام:** ذ . صفت. اُهو ماڻهو جنهن تي سلطنت جو دارومدار هجي– وزيراعظم – پرڌان منتري. حاڪم – ناظر. سلطنت جو رڪن– اڳواڻ. فوج جو حاڪم سالار– سپهہ سالار.

– **مَدارُالنهار:** ذ . سج جي اوج وارو وقت– مُنڍيان ڦاڪ(اها ڊگهائي ڦاڪ، جا ڪنهن بہ خاص هنڌ مان لنگهي، جنهن جي مٿان جڏهن سج ايندو آهي تہ پوري منجهند ٿيندي آهي).– گگول(آسماني گول) جي اها ڦاڪ، جنهن وٽ ڪنهن هنڌ جي مٿان سج جو يا ڪو تارو پوري اُتانهينءَ تي پهچي ٿو. ڏينهن جو وچ – منجهند– ٻپهر– ٻپهري– نصف النهار.

• **مَدارت ج مَدارتُون:** ث . (ع. مُدارت جو بگڙيل)خاطر تواضع–

Gul Hayat Institute

آڌر ڀاءُ. پرچھلو– سھارو– ٽيڪ. آٿت– ڏڍُ– تسليٰ – دلداري. مدت– مَدد– واھرُ– سھائتا– مددگاري.

– **مَدارَتَ ڏيڻُ:** تسليٰ ڏيڻ– دلداري ڏيڻ– آٿت ڏيڻ. مدد ڏيڻ– واھر ڪرڻ.

• **مَدارَتَ ج مَدارَتُون:** ث. مَدارت.

• **مَداري ج مَداري:** ذ. صفت (پرا. مَدارَ + اِي . سن. مُدار + اين +ڪَ= بازيگر). بازي وجھندڙ– نَٽ– بازيگر– کيل تماشي وارو. هٿ جي چالاڪي وارو کيل ڏيکاريندڙ– هٿ نات ڪندڙ– ڪيڏباز– اٽڪلي. پولڙو يا رڇ نچائيندڙ. (ذ). فقيرن جو هڪ قسم. (اسم خاص). هڪ جبل جو نالو.

• **مُدافَعَت:** ث. (ع). دفع ڪرڻ جي حالت. روڪُ– جهَل– پَل– اٽڪ– رنڊڪ– وِگهَنُ– منع. شڪست– هار.

• **مُدامُ:** ظرف. (ع. دوام = هميشه) هميشه– باروهي– نِتُ– سدائين– سدا– دائمُ– دائما– روز– لڳاتار– بنا ناغي جي– مُدامي. پُراڻو– قديم– ڪُهنو– پُنو– آڳاٽو– اڳيون– پَراچين– پراتن– اڳوڻو.

– **مُدامِي:** ظرف. هميشه جو– باروهي– نِتُ– سدائين جو– روز مرھ جو. قديمي– آڳاٽو– پراڻو– ڪُهنو– پراچين– جهونو.

• **مُداوَمَت:** ث. (ع). هميشگي.

• **مُدبِرُ ج مُدَبِرَ:** ذ. صفت (ع. دَبَرَ) تدبير ڪندڙ. صلاح ڏيندڙ– صلاحڪار– مُشير– پَهِي. انتظام رکندڙ– ڪار پرداز – ڪم هلائيندڙ– سربراھ– وزير– ديوان. داناءُ– عقلمند– سياڻو– دانشمند. سوچيندڙ– فيلسوف.

• **مَدَت ج مَدَتُون:** ث. (ع. مَـدَدَ جو بگڙيل). مدد – واھر– سھائتا– حمايت. همراھ– پنيرائي– مدارت– پرچھلو.

"مَدت تي، ميھار! يارا ساھڙ! سائِر سيرِ م." (شاھ).

• **مُدتَ ج مُدتُون:** ث. (ع). مُدو– عرصو– معياد– سمون– وقت– تائير. تاڻو– مهل– دير. جُڳ– زمانو.

– **مُدتَ جو:** قديم– آڳاٽو– پراڻو.

– **مُدت خارِجُ:** ذ. صفت. وقت گذري ويل– مدي خارج– مدي پوري– رواج مان نڪري ويل.

• **مدح ج مَدحُون:** ث. (ع). ساراھ– واکاڻ– تعريف– حَمد– ثنا– صفت– مَداح. آفرين– واھ واھ– اُستت.

– **مَدحَتَ ج مَدحَتُون(ت):** ث. مدح– ساراھ.

– **مَدحِيَہ:** صفت. مدح جو– مدح وارو. ساراھ ڏيکاريندڙ. واکاڻيندڙ.

• **مَدحُو ج مَدحا:** ذ. گھوڙي جي بيماريءَ جو قسم– اڳين ٽنگن جي مٿان ڦٽ (مهيري).

• **مَدَدَ ج مَدَدُون:** ث. (ع). حِمايت– اِمداد– واھر– همراهي– تائيد– دستگيري– معاونت– تعاون. آڌار– سھارو– ٽيڪ– ڏڍُ.

– **مَدَدَ جو هٿَ ڊگھيرڻ:** مدد ڪرڻ– سھائتا ڪرڻ– واھر ڪرڻ.

– **مَدَدَ ڏيڻُ:** سھارو ڏيڻ– سھائتا ڪرڻ– دستگيري ڪرڻ– حمايت ڪرڻ.

– **مَدَدَ ڪَرڻُ:** سھارو ڏيڻ– سھائتا ڪرڻ– حمايت ڪرڻ.

– **مَددگارُ ج مَددگارَ:** ذ. صفت. مدد ڪندڙ– حمايتي– حامي– معاوَن– ساٿي– واھر– سھائڪ.

– **مَددگاري ج مَددگاريُون:** ث. مدد– واھر– سھائتا– حمايت.

– **مَدَدَ گهُرَڻُ:** ڪمڪَ طلب ڪرڻ– سھارو گھرڻ– امداد گھرڻ.

– **مَددُو ج مَددُو:** ذ. صفت. مدد ڪندڙ.

– **مَددي ج مَددي:** ذ. صفت. مدد ڏيندڙ– همراھ. گناھ جهڙي ڪم ۾ همراهي ڪندڙ. (گاجرا).

• **مَدَد ڪوسو:** اسم خا. تعلقي نَئل ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **مَدُو:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم– دوائن جي ڪم ايندڙ هڪ قسم جي گاھ جا سکل پن. (ف– ج).

• **مُدرُ ج مُدرَ:** ذ. صفت. اَمرُ– مَٺر– اَٽل– ڪاھوڙو– پُختو– پَڪو. نِبر– ضدي– هوڏي– اَهنڊ– هٺيلو.

• **مُدرا:** ذ. (سن. مُدرا). مُندي. جوڳين جي ڪنن ۾ پائڻ جا ٽلھا والا.

• **مَدرا:** ذ. (سن. مَديہ). شراب– مئي– مَدُ– مَدُ.

• **مَدراسي:** ذ. زناني ڪپڙي جي سُٽڻ جو هڪ قسم.

• **مُدرِس:** صفت. (ع. دَرَس =هن پڙهيو). سبق ڏيندڙ– پڙهائيندڙ – مُعلم– اُستاد– سکيا ڏيندڙ– ماستر– پنڊت– آچاريہ.

• **مَدرسو ج مَدرسا:** ذ. (ع. مَدرسَہ> دَرس= هن پڙهيو). پڙهڻ جي جڳھ (لفظي معنيٰ ۾ ضد آهي= مڪتب= لکڻ جي جاءِ) – وديا آليہ– تعليم گاھ– درسگاھ– پاٺشالا– دبستان– مڪتب– خَتاب– ڪتاب– اسڪول.

– **مَدرسائُو ج مَدرسائا:** ذ. صفت. مدرسي جو– مدرسي وارو. (گاجرا).

• **مُدري ج مُدريُون:** ث. (سن. مُدرا= منڊي). ڪن جي ڪيوٽي. مُنڊي. (گاجرا).

• **مُدعا ج مُدعائُون:** ث. (دعَيٰ= هُن گھر ڪئي) گھر –

Gul Hayat Institute

طلب. مراد— مقصد— غرض— منشا— مطلب— تمنا— مَنورت— منورتِي— اِرادو— خواهش— مرض— اِڇا— ڪامنا— آرزو. گهرج— غرض. پروجن— ارٿ— مطلب.

"ماڻهيءَ من مُدعَا، پيو سپ ڦتو ڪر ڪارڪم ".(قاسم).

— **مُدعَا علَيہِ** : ذ . صفت. اُهو ماڻهو جنهن تي دعويٰ ڪجي— جوابدار— گنهگار— ڏوهاري— جوابده— ڏوهي— تهمتي.

— **مُدعِي ج مُدعِي**: ذ . صفت. دعويٰ ڪندڙ— دعويدار— فريادي— دانهين— چيڪو— داد خواه— مستغيث. وروڌي— دشمن— ويري— مخالف— رقيب— حريف. (ث . مُدعِيہ).

• **مَدفَن**: ذ . ( ع. دَفَنَ=هن پوريو).دفن ڪرڻ جي جاءِ — مُقام — قبرستان.

• **مَدفُون**: صفت. دفن ڪيل— گم ڪيل — پوريل— لڪايل— لڪل— ڳجهو— مخفي— پوشيده.

• **مُدڪِي ج مُدڪِيُون (ڪ)**: ث . مڇيءَ جو هڪ قسم( پني ڪاري، پيٽ اڇو ڊيگهه سوا فوٽ تائين). (ن— ب).

• **مُدگَرُ ج مُدگَرَ**: ذ . (سن. مُدگَرُ> مُدگَ) ڪسرت ڪرڻ لاءِ ڪاٺ مان ٺاهيل ڏنڊڙن جو هڪ قسم— مُگدر— مُگر— مُگرو— مُگري.

• **مَدَل**: ظرف . پَڪيءَ — مُور— هَڏ— اصل— بنهه— هرگز.

• **مُدَلَّل**: صفت. ( ع). دليل ڏنل— دليل سان ثابت ڪيل . معقول— ٺيڪ— درست— قرين قياس— بَجا— صحيح— برابر. (آصفيہ).

• **مُدَمغ ج مُدَمغ**: صفت. دماغ وارو— داناءِ. عاليشان— ٺَٺَ وارو— اڊمبر وارو— دٻدٻي وارو— تجمل وارو— مان شان وارو.

• **مدَنُ ج مدَنَ**: ذ . (سن. منچ) جاءِ جي ڇڄهري ڪي جهلي بيهندڙ ڪاٺي(جنهن جو هڪ ڇيڙو پٽ واري داسي سان هجي ۽ ٻيو پاسو مٿي ڇڄهري ڪي جهلي) . انگاس جي چونڪ ڪي جهلڻ لاءِ ڦرهين مان هڪ ڦرهي. ڪنهن شيءِ ڪي (جهڙوڪ بتي يا ڏکي وغيره ڪي) ٽنگڻ جي ڪاٺي. سهڻو مَد پريل— مخبوب— معشوق.

• **مدَنِي**: صفت. ( ع. مَدينَہ=شهر) مديني شهر جو رهاڪو— مديني شهر جو وينل . (اسم خاص). حضور رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو لقب.

• **مَدو ج مَدا**: ذ . صفت. (سن. مَندَ= مدو) خراب بڇڙو— بُرو— ڪنو— لڳو— مَدو— بَدُ. مَداين سان پريل— مَٺَ گهرو— ڏجڻ— ويري— دشمن— بدخواه. (ث . مَدي ج مَديُون).

— **مَدائِي ج مَدائِيُون** : ث . بڇڙائي— بُرائي— ڪِنائي— خرابي — منداڻي —لڱائي— بدي. عيب. ڏوهه. گهٽتائي— ڪچائي.

— **مَدايُون ميٽَڻُ**: ڏوهه گناهه معاف ڪرڻ.

• **مَدُو ج مَدُو**: ذ . چوپائي جانور جي بدن جو هڪ حصو— گهوڙي، گڏهه ۽ خچرجي اڳئين چونڪ ڪان ٿورو پٺتي وارو مٿي نڪتل حصو(گردن). (اٺ جي) ڪنڌ ۽ ٿوهي جي وچ وارو مٿيون پاسو. گهوڙي ڪي زين جي گَسڻ ڪان ٿيل ڦرڙي. (گاجرا).

• **مُدو ج مُدا**: ذ . ( ع . مُدة= وقت) عرصو— مدت— ميعاد— وقت. مهل— ٽاڻو— ويرم. مهلت— فرصت— وٿِي— ڇيٽي— وڇيٽي. انجام وارو وقت— ڪَڻ. ( ع. مُدعا= گهُرَ) گهُر— طلب. مراد— مقصد— مطلب— مدعا. تقاضا. بحث— تڪرار— مناظِرو— خرخو— حجت— هوڏ— ضِدُ— گهپي. جهيڙو— جهڳڙو— ٽَنٽو— رڳڙو— فساد. دشمني— ويرُ— بُغض— عداوت— وروڌ.

— **مُداوڙڻ**: آڏا جواب ڏيڻ— بحث ڪرڻ.

— **مُدو پرڻُ**: ميعاد پورو ٿيڻ— وقت پرجي اچڻ— انجام وارو وقت پورو ٿي اچڻ.

— **مُدو ٻَڌِڻُ**: عرصو وجهڻ— ميعاد رکڻ— وڇي وجهڻ— وٿِي ڏيڻ— وڇيٽي وجهڻ— انجام وجهڻ— حجت ڪرڻ— هوڏ ٻڌڻ— بحث مباحثو ڪرڻ. ويرُ وجهڻ— دشمني رکڻ— ضديت رکڻ— ضد ڪرڻ— بغض رکڻ— ٻيائي رکڻ. جهڳڙو ڪرڻ— جهيڙو ڪرڻ— رڳڙو ڪرڻ— ٽنٽو ڪرڻ— فساد ڪرڻ.

— **مُدي پُٺي**: ظرف. مُدي پوري ٿيڻ تي— مقرر وقت گذرڻ تي.

• **مَدوائِي**: اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **مُدَوَرُ ج مُدَوَرَ**: ذ . صفت. ( ع. دَوَر) . محرابي— محرابدار— ڪماني— ونگ وارو— ڏِنگو— ور وارو— گول— گولائون— چڪرائون.

• **مَدُوئا**: ذ . ث . اڇيون ماڪوڙيون. ڪَٽ. اڏوهي.

• **مَدهوشُ ج مَدهوشَ**: صفت. ( ع. دَهشُ=هو گهمراهه ٿيو) گمراهه— حيران — پريشان— سرگردان— وائڙو. بيهوش— بي سُڌ. بدمَست— مخمور— خمار ۾ پُر— مَگن— متوالو.

— **مَدهوشِي ج مَدهوشِيُون**: ث . بيهوشي— مستي— متوالائي— مخموري— خمار— نشو.

• **مَدَنُو**: ذ . (سن. مَنيا= ڳچي). گهوڙي جو هڪ قسم جو سَنجُ. (شايد مَدُو). گهوڙي جي گردن . زين جي گسڻ ڪري گهوڙي جي گردن تي زخم.

• **مَدِي ج مَدِيُون**: ث . (سن. مَندَ= مَدو). بُرائي— بُڇڙائي—

Gul Hayat Institute

• **مَرامَتَ ج مَرامَتُون:** ث . ( ع . مَرَمَّة> رم = مرمت ڪرڻ) ڀڳل ٽٽل شيءِ کي جوڙڻ— ڳنڍ ٽوپ— داغ دوزي— سَنوار— دُرستي— ٺيڪائي. ڀڳل جاءِ وغيره کي لِنب چنب ڪرڻ جي حالت— مرمت.

– **مَرامَتَ ڪَرَڻُ:** ڳنڍ ٽوپ ڪرڻ— داغ دوزي ڪرڻ— مرمت ڪرڻ.

• **مَرالِيُ:** اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو(رستماڻين جي شاخ).

• **مَراهِيُون:** زيور— جواهر.

• **مَرائِڻُ:** مصدر. (سن. مرد=گَهڻ =هٽائڻ) هٽائڻ. بدفعلي ڪرائڻ— ڳُٽُي مارائڻ.

• **مُرائِي ج مُرائِيُون:** ث . سارين جي ٻيجي جا ٻئي ٽيلا— مَرهِي— مُوڙهي.(ل). (سِڪي ۾ ٻيل) مَٽُ— ڪوٽ— ڦيٽ— ملاوتي ڌاتو— ڪَسُ— جوڙو— غَيِر.

• **مُرَبعُ:** ذ . ( ع. مُربَع= چوڪُندو) چوڪُندو(جنهن جا چارئي پاسا هڪ جيترا هجن)— چورس— هَمِ چورس. چؤڪُنڊيارو— چؤپاسو— چؤڪُنڊ— چؤڪُندو. گوني ڪُنڊ چؤڪندو.

• **مُربو ج مُربا:** ذ . ( ع مُربَه=چاش) ميوي ۽ ڪنڊ جي چاش مان تيار ڪيل مِنو آچار. مِٺِي چٽڻي.

• **مَربُوطُ:** صفت. (ع. ربط =ٺهڪيو) قاعدي موجب ٻڌل— گرامر— موجب رکيل . (گاجرا). بندوبست ڪيل— ٺاهي رکيل— ٺيڪ ڪيل— سنواريل— سُڌاريل.

• **مُربي ج مُربِي:** ذ . صفت. (ع. رَب= پالِيندڙ) پالِيندڙ— نپائيندڙ— پرورش ڪندڙ. تربيت ڪندڙ— سرپرست. سَهائتا ڪندڙ— پُٺ ڀَرُو— انگراهي— پُشت پناهه— دستگير— حامي — مددگار. بُزرگ.

• **مُرَتبُ:** صفت. (ع. رَتَبَ =درجي وار رکيو) ترتيب ۾ رکيل— درست ڪيل— ترتيب ڏنل— سَنواريل— ٺهيل— ڍنگ سان لڳايل— قريني سان ٺاهيل. باقاعده. درست— تيار. تاليف ڪيل— گڏ ڪيل (ڪنهن ڪتاب ۾ ڪي مضمون وغيره).

– **مُرَتَبُ ڪَرَڻُ:** تيار ڪرڻ— درست ڪرڻ . ترتيب ڏيڻ— تاليف ڪرڻ— بنائڻ— سَنوارڻ— اصلاح ڪرڻ— تصنيف ڪرڻ.

• **مَرتِبانُ ج مَرتِبانَ:** ذ . (ف). ٿانءُ جو هڪ قسم— ڪنهن ڌاتُو(جهڙوڪ. ٽامي، پتل، چانديءَ وغيره) جو چنسالي ٿيل. جَگَ(Jug) — ڪاشيءَ جو جگ— ڪُولو. شيشي جي برني.(ل).

• **مَرتَبو ج مَرتَبا:** ذ . ( ع . مَرقَبَه> رتَبَ= درجي وارو ٿيو)رُتبو— منصب— عُهدو— درجو. اؤج— بُلندي— اقبال. شان— مان— عزت— وڏائي— آبَ— تعظيم. دفعو— وارو— ڀِرڪو— ڀيرو— گهُمرو— وار— دفعو— لَڳو— ڀِرڪ— وارو.

• **مَرتِبو:** ذ . (سن. مِرتبُو> مَر(ي)= مرڻ) موت جي وقت جا رواج— ختما.

• **مُرتَدُ ج مُرتَدَ:** ذ . (سن. مِرتد: ذ . صفت. ( ع). ڪافر. دين کان ڦريل. اسلام جو مُنڪر— مُنحرف. مُلحد— بي دين— اڌرمي. مَلعون. مَردود— مَلِيچُ.

– **مُرتَدُ ٿِيَڻُ:** دين کان ڦرڻ— مُلحد ٿيڻ— ڪافر ٿيڻ.

• **مُرتَضيٰ:** ذ . صفت. ( ع). پسند ڪيل— پسنديده— چونڊيل— ڏٺيلُ — مقبول . برگزيده. (اسم خاص). حضرت علي ڪرم الله وجه جن جو لقب.

• **مَرَتُ ج مَرَتَ(ت):** ذ . انديشو— اونو— فِڪر— ڳڻتي— اوسيڙو— انتظار. حَيا— شرم— مَرمُ— لَڄ— لِيهه.

• **مَرتُ ج مَرتَ(ت):** ذ . گاهه جو هڪ قسم— ڏُٽ جو هڪ قسم.

• **مَرتو:** ذ . مرتبو— وڏو عهدو— پدوي. حشمت— دبدبو— فلڪ— روب —رعب— تابد ڪنهن شيءِ کي ڀِجي سنهو ڪيل—چورو— ڀور.

• **مَرثِيو ج مرثِيا:** ذ . ( ع. مَرثِيَه>رثيٰ= هن رنو ۽ پٽيو). مئل ماڻهوءَ بابت روئي ڪيل بيان(جنهن جي ٻڌڻ سان رحم اچي)— مَيت جي صِفت. پار— اوسارو— ماتم— سِياپو— روڄ— رودن— گرِيه— زاري— پِٽڪو. نظم جو هڪ قسم. واقعي ڪربلا بابت درد ناڪ نظم.

– **مَرثِيو پڙهَڻُ:** مرثيه خواني ڪرڻ— ماتم ڪرڻ— رئڻ پِٽڻ.

– **مَرثِيَه خوان:** ذ . صفت. مرثيا پڙهندڙ— پار ڪيندڙ— اوسارا ڪندڙ.

• **مَرجات:** ث . (سن. مَريادا= حَدَشرم). مَرجاتا— مَرجاد— مَرجادا— حياءُ— لڄ— مُحابو— عار— سَنڪوچ— حجاب— شرميلتا— ليهه— مَرم— شرم. نِدامت— شرمندگي— شرمساري— پشيماني— ننگ.

"مرجات مارِيندي ان کي جو اصل انسان هوءِ." (چام خان).

ورتاءُ— دستور— رواج— وتيرو— ريت— رسم— راهه ريت— رسومات. ڪنهن ٻئي جي دوستن لاءِ عزت. احساس (ٻين لاءِ) — لحاظ — مروت. نيڪي —چڱائي. مان— عزت— شان— مرتبو.

– **مَرجاتا:** ث . مرجات.

– **مَرجاتا کي مار هَڻَڻُ:** چڱائيءَ جو قدر نہ هڻڻ.

– **مَرجَاتَ وارو:** ذ . صفت. حياءُ وارو— لڄائتو— نِهٺو— راهه ريت وارو— رسم تي پورو— هلي چلي وارو— مرجاتي— نيات سان پورو. لحاظي— مروتي.

Gul Hayat Institute

– **مَرجاتِي ج مَرجاتِي:** ذ . صفت. حيادار– مرجات وارو.

• **مَرجاد:** ث . مرجات– مرجاتا– مرجادا.

• **مَرجادا:** ث . مرجات– مرجاتا– مَرجاد.

– **مَرجَان ج مَرجَانَ:** ذ . (ع). پٿر جو هڪ قسم (ڳاڙهاڻ تي مائل)– حجرالبحر– ڳَٽُوني. سمنڊ مان نڪتل ڳاڙهي مٽيءَ جهڙي سخت شيءِ (جا ڪن جيتن جو سڪل کوپو هوندي آهي).

• **مِرچُ ج مِرچَ، مِرچُون:** ذ . ث. مصالحي جو هڪ قسم– مصالحي طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽي جو ڦل– مِري (ساوا مرچ، ڳاڙها مرچ، ڪارا مرچ).

– **مِرچائِي ج مِرچائِي:** ذ . صفت. مرچن وارو– سُسالو– ڪَوُڙو– تِکو– ڪَڙو. مصالحي دار.

– **مِرچِڙِي ج مِرچِڙِيُون:** ث. ننڍو مرچ.

– **مِرچَ لَڳَڻَ:** مرچن کائڻ سان ڪوڙاڻ جو اثر ٿيڻ– ڪڙائڻ– ٻوسرڻ– چينڻ– سڙڻ– جلڻ– ڪُونجائجڻ– ٻوسرات ڪرڻ– تيز لڳڻ– مٺيان لڳڻ– ڪاوڙ لڳڻ– دل ۾ ڪرڻ– ناراض ٿيڻ– ڪاوڙجڻ– غصو لڳڻ– خار لڳڻ. ٻوسَر ٿيڻ– ٻوسرائڻ . بغض لڳڻ– حَسد وٺڻ– ضد ڪرڻ– تيسو ڪرڻ.

– **مِرچَ مَصالِحُ ڪَڪَڻُ:** ڪاڌي کي سَوادي ڪرڻ– طعام کي لذيذ ڪرڻ– سلوڻو ڪرڻ. ڪوڙ سچ ملائي ڳالهه ۾ وڌاءُ ڪرڻ– اُناءُ ڪرڻ– وڌائي ڳالهه ڪرڻ– اِينگهه ڪرڻ– ڏيگهه ڪرڻ– اُپٽار ڪرڻ.

– **مِرچِي ج مِرچِي:** ذ . صفت. مرچن وارو– مرچائي– مرچن ٻيل.

• **مِرچِڙو ج مِرچِڙا(ت):** ذ . صفت. ٺڳ– دغاباز– فريبي– دولابي– ڪُپتيو– ٺڳي خور– دغا خور.

• **مِرچِڙِي ج مِرچِڙِيُون:** ث . هٿ جي وچين ۽ ڏِسٽي آڱر سان گڏي هنيل هلڪو ڌڪ– چَپيٽ– ٺونڪر.

• **مُرچَنگُ ج مُرچَنگَ:** ذ . وات سان وڄائڻ جو چَنگ.

• **مُرچو ج مُرچا:** ذ . صفت. ڪَٽُ– زنگُ– موريائڻ– زنگار– ڪَسُ. اُتاهه– جوش– سرگرمي– سِڪَ– شوق – چاهه– چاتي. خواهش – اِڇا– منشا– ڪامنا– دل– رُچي– چاهه.

• **مَرچُوٽُ ج مَرچُوٽَ:** ذ . صفت شُومُ– ڪَنجُوس– چِچِي مار– مُوذي– ڪِرپڻ– ڪُدرچ– مَکي چُوس– چمچوس– بخيل– موسو– ڏوسو– چمچوس– سوسائٽو– مرچوس– مرچوهه (ت).

– **مَرچُوٽائو ج مَرچُوٽائا:** ذ . صفت. شوميائو– ڪنجوساٽو.

– **مَرچُوٽائِي ج مَرچُوٽائِيُون:** ث . شومائي– ڪَنجُوسائي– بَخيلائي –چَمچُوسي– سوسُ– ڪسيپائي– تِيرُ ٽڪلو.

• **مَرچُوسُ ج مَرچُوسَ(ت):** ذ . صفت. مرچُوٽُ.

• **مَرچُوهُ ج مَرچُوهَ(ت):** ذ . صفت. مرچوٽ– مرچوس.

• **مِرِچُ ج مِرِچَ(ل):** ذ . صفت. جهيڙاڪ– ڪاوڙيل– غُصي وارو– ناراض– چيڙاڪ.

• **مُرحَ:** ث . (ع). خوشبوءِ دار دوا جو هڪ قسم. (گاجرا).

• **مَرحَبا ج مَرحَبائُون:** ث . (ع. رَحَبَ) شاباس– آفرين– جَسُ– تحسين. ڀليڪار– جِيڪار– آدَرُ– آدرياءُ– آدرسڪار– سواگت. خاطري– خدمت– خاطرداري– سَنمانُ– ٽَهلَ– چاڪري– تواضع. (حرف ندا) آفرين!– جَسُ! واهه واهه !– شاباس! چا چٺجي! – سبحان الله! . ڀلي ڪري آيا– جيءُ ڪري آيا– خوش آمديد.

– **مَرحَبا ڪَرَڻُ:** آدرياءُ ڪرڻ. نِج چوَڻ – خوش آمديد ڪرڻ– ڀَليڪار چوَڻ. واهه واهه ڪرڻ– شاباش چوڻ– آفرين ڏيڻ– جَسُ ڏيڻ.

• **مَرحَلو ج مَرحَلا:** ذ . (ع. مَرحله> رَحَلَ = روانو ٿيو) منزل جي جاءِ – ڪُوچ جي جاءِ – ڏاٻو– نِڪاٽو– منزل– منزل گاهه. سفر– مسافري. ڪُوچ– روانگي. هڪ ڏينهن جو سفر. درجو– مرتبو– عهدو– پدوي. (آصفيہ).

– **مَرحَلو طَي ڪَرَڻُ:** منزل پوري ڪرڻ– مسافري ختم ڪرڻ ڏاٻو ڪرڻ– منزل گاهه ڪرڻ. معاملو ختم ڪرڻ– ڪم پورو ڪرڻ (آصفيہ).

• **مَرحَمَت:** ث . (ع . رَحَم) رَحَم– قياس– دَيا– ٻاجهه. مهرباني– ڪِرپا– ڀلائي. نوازش– عنايت. احسان– ٿورو– لائق. اِيڇپو– وڙُ (آصفيہ).

– **مَرحَمَت ڪَرَڻُ:** عطا فرمائڻ– عنايت ڪرڻ– بخشڻ– ڏيڻ.

• **مَرحُومُ ج مَرحُومَ:** ذ . صفت (ع. رحم) رحمت ٿيل– رحمت ڪيل– ٻاجهه ڪيل– بخشيل– مغفور– رحم ڪيل– رحمتي– نَوازيل. مري ويل– فوتي– گذريل– مُئل– وفات ٿيل– وفاتي. جَنتي– سرڳباشي– سرڳواسي.

• **مَردُ ج مَردَ:** ذ . (ف. نَرُ. ماڻهو)– نرينو– مذڪر– نروڻو. ماديءَ جو ضد. ماڻهو– آدمي– آدم ذات– انسان– بَشَرُ– آدم زاد– پرش– شخص– مَنشُ– مانس. گهر وارو– مڙس– خاوند– شوهر– پَتار– وَرُ. ڪو ٻـ (ڏاريو) ماڻهو– مڙسالو. (ذ . صفت). پهلوان– شجاع– بهادر– سورهيہ– وِيرُ.

• **مَردامَردِي ج مَردامَردِيُون:** ث .همتَ . ڏاڍائي. مڙسان مڙسي.

– **مَردانِگِي ج مَردانِگِيُون:** ث . مڙسي– مردي– مرداني–

Gul Hayat Institute

جوانمردي. بهادري– دليري– سورهيائي– شُجاعت– جُريَت– ساهسُ–سَتيا– فلڪ– سگهه– قُوت– اُسترڳي– شهزوري.

– **مَردانو ج مَردانا:** ذ . صفت. مرد جو– مرد وارو. مڙسيءَ جو– مڙسيءَ وارو. همت ڀريو– ڇاتيءَ وارو– جُريت وارو– بهادر– بانڪو– دلير. مضبوط– جاڏو– سگهو– سَبرُ– قرارو– توانو– سَناڻو– نِرويو– جوپُ– نِمرو– ڀڙ – جوڙ . (ث . مَرداني ج مَردانيُون).

– **مَرداڻو ج مَرداڻا:** ذ . صفت . مَردانو. مردن جهو– مردن وارو.

– **مَرداني زالَ ج مَردانيُون زالُون:** ث . دلير عورت– همت واري زال– اَڙدا بيگڻي.

– **مَردُ ماڻهُو:** ذ . صفت. مڙس ماڻهو– نَرُ– نَروتو.

– **مَردِ مَيدانُ:** ذ . صفت . ميدان جو مرد– لڙائيءَ جي ميدان ۾ مقابلو ڪندڙ– جنگي جوڌو: جوان مرد– دلاور– دلير– بهادر.

– **مَردِي:** ث . مڙسي– مردانگي– مردانيت– همت– بهادري– سورهيائي– دليري– سورمائي. انسانيت – ماڻهپو– شرافت. قُوت باهه جي طاقت– مڙسي– شهوت . ماده توليد– ڏات.

– **مُردارُ ج مُردارَ:** ذ . صفت. (ف. مُردار= پنهنجي موت مُئل) پنهنجي موت مُئل– مُئو– مُردهه. مري ويل – (ڪو حلال) جانور (جنهن کي تڪبير نه پئي هجي). مري ويل جانور– ڏونڊُ. ناپاڪ– پليت – ناجائز– نِجس– غير شرعي– حَرامَ.

– **مردار خورُ ج مردار خورَ:** ذ . صفت. مردار کائيندڙ– حرام خور.

– **مُردارُ مارُ:** ذ . صفت. مُردار خور.

● **مُرداري:** ث . پنهنجي موت مئل جانور جي کَل (جنهن جو چمڙو سنو نٿو ٿئي). (صفت). پَليت – ناپاڪ– حَرام– نِجس.

● **مُرداسنگهُ:** ذ . دوائن جي ڪم ايندڙ پسارڪي وکر جو هڪ قسم– مُڙداسنگ.

● **مَردِ رَوان:** ذ . پَلويڙو– اولو– ڀيڙ ڀَنو– ڪمرڪوٽ – پُشت– پَناهه– پُشتي– پُستي– جهلُو.

● **مَردُم:** ذ . (ف). عام ماڻهو– مرد – آدمي– منش– انسان. مهذب ماڻهو. (مرد مڪ جو مخفف) اک جي ماڻڪي– پُتلي.

– **مَردُم آزارُ:** ذ . صفت. ماڻهن کي آزاريندڙ. ستائيندڙ– چيچلائيندڙ– پيڙيندڙ. ظالم – قهار– ستم گر– ستمي.

– **مَردُم آزاري:** ث . عوام تي ظلم– غريبان مار– انڌ– انڌير – ظلم.

– **مَردُم ڪُشي:** ث . خون – هچا– هتيا– وڍاهه– قتل– گهات – ڪوس.

– **مَردُمي:** ث . مردي.

● **مردنگُ:** ذ . ساز جو هڪ قسم– پکواز– مِردنگ.

● **مُردو ج مُردا:** ذ . (ف . مُرده= مُئل) مئل ماڻهو– لاشُ– لاشو– مُڙدو– مڙهه– مَئتُ– مَيتُ– لوٿ. مُردار گوشت– حرام گوشت.

– **مُردَن جو مالُ:** ذ . مري ويلن جي ملڪيت– مُفت جو مال– سستو سؤدو.

● **مَردُودُ ج مَردُود:** ذ . صفت. (ع. رَد= هن منسوخ ڪيو) رَدُ ڪيل. نيڪالي ڏنل– ڪڍي ڇڏيل– خارج. الڳ ڪيل– ٻاهر رکيل. نامنظور ڪيل– رَدُ ڏنل. رَدي – ناقبول– موٽايل– واپس ڪيل. لوڏيل– ڌڪاريل. بي عزت– ذليل.

● **مَردُوڪُ ج مَردُوڪ(ت):** ذ . صفت. ڪنجُوس– شُوم – پَڪو– مَرچُوٽ– مرچُوسُ– بَخيل. سخت طبع– ڪنور. ظالم– قهار– ستمگر. لُچ– بدمعاش. رولو– لوفر.

● **مَردوئي:** اسم خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو.

● **مِردَنگُ ج مِردَنگَ، مِردَنگُون:** ذ . ث . (سن. مردنگ= پکواز) ساز جو هڪ قسم– دُهل جو هڪ ننڍو قسم– ڍولڪ – پکوازُ– پکوازُ.

● **مُرزو ج مُرزا(ڪ):** ذ . خيال– ويچار– اونو– ڳڻتي– اُڌڪو– اُلڪو– انديشو– فڪر. ڊپ– خوف– ڀؤ.

"فلاڻي کي مُرزوئي ڪونهي".

– **مُرزو موڙَڻُ:** اُڌڪو ڪرڻ– اُلڪو ڪرڻ– اونو ڪرڻ– انديشو ڪرڻ– فڪر ڪرڻ– اوسيڙو ڪرڻ. "سو محمد ميهي سانهه جيئن، جو مُرزو نه موڙي".

● **مِرزا ج مِرزا:** ذ . صفت . (ف. مِير= سردار+زا=زاده جو مخفف=پٽ) امير زادو– سردار زادو– شهزادو– صاحبزادو– ڪنورُ– راجڪمار– ڪُمار. (ذ). مغلن جو هڪ لقب.

● **مرزان پُور:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين. تعلقي بدين ۽ تعلقي اُباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **مرزاپُور جاگير:** اسم خاص. تعلقي وارهه ۽ تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **مرزا واهُ:** اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **مرزائي:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **مِرزو ج مِرزا(ل):** ذ . ڳَهه جو هڪ قسم.

Gul Hayat Institute

قسم– مِرگ– هرڻ– آهو– روجهہ– هَراڪ– چِڪلرو–
چيڪارو(ل–ت). (آصفيہ). ڪَرنگ. جيت جو هڪ قسم(وڏي
تڏ يا مڪڙ جيڏو رنگ سائو اڪثر پاڻيءَ جي ڪنارن تي
رهي، زهري). سرطان– برطان– چراڙو. چڙراٽو. (ن– ب).

– **مِرگهہ ترشنا:** ث. رڻ ۾ گرميءَ ۾ تپش سبب ڪوڙو پاڻيءَ جو ڏيکاءُ– رڃ– سَراب– ڪورڪي نئن– مارو ٿل– مرگ ترشن.

– **مِرگهہ ڇالا ج مِرگهہ ڇالائون:** ث. هَرڻ جي کَل– مِرگ ڇالا.

– **مِرگهہ ناڀ ج مِرگهہ ناڀ:** ذ. هرڻ جو دن. مُشڪ جي ڳوٿري.

– **مِرگهہ نيڻي:** ث. صفت. هرڻ جي اکين (جهڙي) واري– آهو چشم– مِرگهہ لوچيني. حَسين– سهڻي– خوبصورت.

• **مَرگهٽ ج مِرگهٽ:** ذ. (سن). مري ويل (هندوءَ ڪي) ساڙڻ جي جاءِ– مسان– شمشان.

• **مِرگهہ شر:** ذ. هڪ برج جو نالو. تيڙو.

• **مِرگهي ج مِرگهيون:** ث. (سن. مِرگي= مِرگهي). بيماريءَ جو هڪ قسم( جنهن ۾ ماڻهو بيهوش ٿي ويندو آهي ۽ هٿ پير ڏنگا ڦڏا ٿي ويندا اٿس ۽ منهن مان گجي اچي ويندي اٿس). مرگهي– مرگي– صرع.

– **مِرگهي اچڻ:** بيهوشيءَ جو غلبو ٿيڻ. جُنون اُچڻ– جوش اچڻ.

– **مِرگهيل ج مِرگهيل:** ذ. صفت. مرگيل– مرگهيءَ وارو. بيمار– اگهو– مريض– روڳي– ناچڳو– لڳو– سُڪالو– جيءَ جڏو. آرسي– سست– آرسائتو.

• **مُرلي ج مُرليون:** ث. (سن. مُرَل> مُرلي= مُرلي). وات سان وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم–(جيئن بانسري– بين– بانسلي– ونجلي– الغوزه– بَنسري). ٿنبي، ڪدوءَ ۽ ڪنگور مان ٺاهيل ساز.(سن. مرد= شيوا ڪرڻ). ديوداسي– خاص ڪري ڪند دبا جي پوڄارڻ– ويشيا جو هڪ قسم. (گاجرا).

– **مُرليڌر:** ذ. مرلي وڄائيندڙ (خاص طور ڪرشن جو نالو).

– **مُرلي وڄائڻ:** ڪنهن کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ–ڇٽ ٻڌڻ– ريبڻ.

– **مُرليون وڄائڻ:** ڪنهن کي ڏڍيون منيون ڳالهيون ٻڌائي ريجهائڻ– خوش ڪرڻ.

• **مرليٽ(ل):** ث. هڪ ڦر تان هٿائي ٻئي ڦر تي ميڙيل چوپائي (مينهن، ڍڳي وغيره).

• **مَرمُ ج مَرمَ:** ذ. (سن. مَرم> مرمن= ڳجهي معنيٰ) ڳجهہ– راز– پيد– رهسيہ. لڪل– اوگڻ– شرم– لَڄ– لِيهہ– حياءُ– حجاب– مُحابو– سنڪوچ – شرمندگي– عارُ– ڦڪائي– شرميلتا– ساجهہ. ندامت– پشيماني– افسوس– پڇتاءُ.

– **مَرمَ ۾ مَري وڃڻ:** لَڄَ ۾ سُسي وڃڻ– ڏاڍو شرمسار ٿيڻ– حياءُ ۾ ٻڏي وڃڻ– پنهنجي ڪيل ڪم تي گهڻو پڇتائڻ– ندامت ۾ پرجي وڃڻ.

– **مرمي ج مرمي:** ذ. صفت. حياءُ وارو– شرم وارو– حجاب وارو– سَنڪوچي– لڄارو– شرميلو– شرمسار.

• **مَرمَتَ ج مَرمَتون:** ث. (ع). درستي– سُڌارو– اصلاح– ٽٽل ڦٽل شيءِ جي سنوار– ترميم– ڳنڍ ٽوپ– داغدوزي. گوشمالي– جُوتاڪاري– موچڙا ماري.

– **مَرمَتَ طَلَبُ:** ذ. صفت. پڳل– پڳل ٽٽل– مرمت لائق– داغدوزي لائق.

– **مَرمَتَ ڪرائڻ:** درست ڪرائڻ– ڳنڍ ٽوپو ڪرائڻ– درستي ڪرائڻ– نقص دور ڪرائڻ.

– **مَرمَتَ ڪرڻ:** سَنوارڻ– سُڌارڻ– اصلاح ڪرڻ– درست ڪرڻ– نقص دور ڪرڻ. خُوب مارڻ– گوشمالي ڪرڻ– سزا ڏيڻ– موچڙا ڪُٽ ڪرڻ.

• **مَرمَرُ:** ذ. (ف. مَرمَر= چمڪڻ. يوناني: مَرمَرُ= پٿر جو هڪ قسم) پٿر جو هڪ قسم– سفيد ۽ قيمتي پٿر– جيپور ۽ جبل پور جي علائقن جي جبلن مان نڪرندڙ ملائم قيمتي پٿر– سنگ مرمر.

• **مُرمُرا:** ذ. (سن. مُرمُرڪ) بيسڻ سان ٺهيل ڇهري شيءِ (سيوين وانگر) مُرمُلا. واريءَ ۾ سوڪ پڳل آيون– پڳل چانور. سگر.

• **مَرمَڻ:** مصدر. ٻَڪڻ– ٽؤنڪڻ– جهَڪڻ– جڪڻ– جهڪ ڪرڻ– ٻڪ ٻَڪ ڪرڻ– ٻڪواز ڪرڻ– ٻڪوات ڪرڻ– اجايو ڳالهائڻ. وڦلڻ اجائي دانهن ڪرڻ چرڙات ڪرڻ– چين چين ڪرڻ. ڏند ٽڙڪو ڪرڻ ٽڪ ٽڪ ڪرڻ سستيءَ سان ڳالهائڻ– هري هري ڳالهائڻ– مڻ مڻ ڪرڻ– پڻ پڻ ڪرڻ– پٽڪات ڪرڻ– چپن ۾ ڳالهائڻ پنهنجي ساراهہ ڪرڻ. (مرميو– مرميندو– مرميل).

• **مَرڻ:** مصدر. (پرا. مَرئي. سن. مرن. مَرڻَ= مَرڻُ) وفات ڪرڻ– رحلت ڪرڻ– رضا ڪرڻ– چالاٽو ڪرڻ– هلاڪ ٿيڻ– لاڏاڻو ڪرڻ– مري وڃڻ– فوت ٿيڻ– پران تياڳڻ– جان ڏيڻ– ساهہ ڇڏڻ– دم نڪرڻ– دم ڏيڻ– گذاري وڃڻ– انتقال ڪرڻ– پساهہ ڇڏڻ– تمام گهڻو چاهڻ– بيحد پيار ڪرڻ– ڏاڍو شوق رکڻ– گهڻو گهرڻ. عاشق ٿيڻ– فريفتہ ٿيڻ– شيدا

Gul Hayat Institute

— **مَروڙ ج مَروڙون:** ث. وٽ — ور — پيچ— موڙ— ڦير— ڦيرو— مروٽ— مَروٽو(پيٽ ۾)— ڳڙٻڙ(آنڊن جي) وٽ سٽ— (پيٽ ۾ )گهمرو— مروڙو. پيچش— آنٽي(ل)— سوري.

— **مَروڙو ج مَروڙا:** ذ . وٽ— ور پيچ— مروٽو— وڪڙ— وراڪو. آڪيڙو— سَهٽ— مروٽ. موڙ— موڙو— گهمرو— ڦيرو— ولو. مروڙ— ڦٽڪو— ترڪ— لوچ (آنڊن ۾). ڪنجاوٽ— پيڙ— چِڪ— چِڪ تاڻ— پتوڙ— پهوڙ.

• **مروڙو ج مَروڙا:** ذ. وٽ. ورُ— پيڙ(هٿ جي)—زور— مهٽو— مروٽ.

— **مَروڙا ڏيارڻ:** زور ڏيارڻ— پيڙون ڏيارڻ— مروتا ڏيارڻ.

• **مَروڙي ج مَروڙيون:** ث . (سن مَل= مَرُ). ميل— مَرُ— مَرَ. آگرين تان لاٿل آنو. وڪڙ— وٽ— پيچ. ڳَنڍ— لِينجهه— پِڙي. اِسڪرو— ورُ.

• **مَروڳ:** حرف جواب. (مَر+روڳ= بيماري نه هجڻي). ڪنهن جي مسلسل سڏن کان تنگ ٿي ڪاوڙ وچان جواب ۾ چوڻ— مهور.

• **مَرولَ:** ث . هيڙيءَ جو جهنڊو(جوڪُوهي ۾ هڏجي).

• **مِرون ج مِرون:** ذ . (سن. مِرگَ= جانور) جانور . جهنگلي جانور— حيوان— دَرندو. سوئر— خَنزيرُ.

— **مِرونپڻ:** مِرونءَ جهڙي خاصيت— حيواني— حيوانپ— وحشت — ڪَنورائي.

— **مِرونپڻو ج مِرونپڻا:** ذ. جهنگلي جانور جهڙي طبيعت— وحشت— درندائي— وحشيپڻو— جهنگلپڻو— حيوانپ— ڪنورائي.

— **مِرونشائو ج مِرونشائا:** ذ . صفت. مرون ءَ جو — ڪنهن به جهنگلي جانور جو— سوئر جو— حيواني. خنزير جو.

— **مِرونشپو ج مِرونشپا:** ذ. حيوانيت— وحشت — ڪنورائي.

— **مِرونشڪو ج مِرونشڪا:** ذ . صفت. مرون ءَ جو — وحشي — جهنگلي— خونخوار— ڪَنور.

• **مَرُوو ج مَروا(ل— ٿ— ڪ ج):** ذ . (سن. مَرُوَڪ=نازبو). خوشبودار ٻوٽي جو هڪ قسم— نازبو— ڦُلُ ٻَٽي.

• **مَروَه:** ذ . (ع). مڪي مُعظم جي هڪ ٽڪريءَ جو نالو ("صفا" ۽ "مَروَه").

• **مَروِي:** خوشبوءِ دار گاهه جو هڪ قسم.

• **مَرهٽو ج مَرهٽا:** ذ . مرهٽا قوم جو هڪ ماڻهو. (ذ . صفت). مهاراشٽر جو رهاڪو.

— **مَرهٽي:** ث. صفت. مرهٽن جي— مرهٽن واري— مرهٽن جي ٻولي.

• **مَرهڪِي:** اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو— مور هڏي.

• **مَرهَمُ ج مَرهَمَ:** ذ . ( ع). ڦَٽ تي لڳائڻ جي گهاٽي ۽ سٺيي دوا— مَلَم— طِبو. دوا— دارُون— علاج.

— **مَرهَم پِرَڻُ:** مَلَم لڳائڻ.

— **مَرهَمُ پَٽِي ج مَرهَمُ پَٽِيُون:** ث . ڦٽ جو علاج— زخم جو علاج— زخم جي دوا— ملم پٽي.

— **مَرهَم پَٽِي ڪَرڻُ:** زخم جو علاج معالجو ڪرڻ— زخم جي دوا درمل ڪرڻ.

• **مَرَهَڻُ:** (رحمڻ مان مٽيل) رحم ڪرڻ(الله جو گنهگارتي) مصدر. (ع. رحم جو الٽو لفظ مرهَ— معافي ڏيڻ— معاف ڪرڻ— بخشڻ— ڪِميا ڪرڻ— ڇڏڻ— اَبهَڻُ. رحمت ڪرڻ— مغفرت ڪرڻ. عنايت ڪرڻ— احسان ڪرڻ— وڙ ڪرڻ.

"موليٰ مرهين مون ڏٿي، سائين سهاڄها".

(مَرهيو— مَرهيندو— مَرهيل).

— **مَرهَ:** ث. بخشش— معافي— مغفرت— رحمت— ٻاجهه. مهر— وڙ.

— **مَرهيات ج مَرهيات:** ذ . صفت. بخشيل— معاف ڪيل. مرحوم — مري ويل.

— **مَرهياتو ج مَرهياتا(ٿ):** ذ. صفت. مرهيات.

• **مَرهو ج مَرها:** ذ . دوا طور ڪم ايندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم. مَروئو. ٻن پِٽَنَ جي وچ وارو سڌو ميدان— مرهو. (ٽ).

• **مَرهُون :** صفت. (ع. رَهَن) . گروي — گروي رکيل— وياج ۾ رکيل— گِهَي رکيل.

— **مَرهُون منت :** صفت. مَمنون— احسان مند— شڪر گذار— مشڪور. (آصفيہ).

• **مَرهِي ج مَرهِيُون :** ث . رونبي ڪرڻ لاءِ سارين جي ٻيجي جو هڪ تيلو(ل). ڏند جي ٻاڙ وارو گوشت— مَهاري. (ل). مينهن جي ويامڻ وقت(ڏيبري ڪيڻ کان اڳ) رت پت جا تاندورا— مَريا(ل). ٻڪريءَ جي ڏاس مان نهيل خرزين— مَرِئي.(ل—ڪ).

• **مَرهِياڙي ج مَرهِياڙي:** ذ. صفت. بناوتي ۽ سستن زيورن جي ناهڻ ۽ وڪڻڻ وارو— سُرهيو— ڦيريءَ وارو— مَجاري.(ذ) ڦيريءَ واري جا وکر وٿون.

• **مَرَئِي ج مَرَئِيُون (ڪ):** ث . مَرهي.

• **مَرِي :** ث . بيماريءَ جو هڪ قسم— وچڙندڙ مرض جو هڪ قسم— وبائي مرض— اَڏند مرض— مهاري. بيماري— مرض— روڳ. آفت— مصيبت. پُور— ويچار— ڳِڻتي (ل). ٻڪريءَ جي

رنگ جو هڪ قسم (ڪ). (اسم خاص). بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (جنهن جا ٽي پاڙا: گزني، لهراڻي ۽ ٻجاراڻي). داستان جي هڪ عورت جو نالو (جنهن مُگّتر نالي پنهنجي بهادر مرد کي ماريو). تعلقي ڪنڊڪوٽ ۽ تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• مِرِي ج مِرِيُون: ث . (پرا. مِرِيَ. سن مِرچ= مِرچ) مِرچ. ڪاري مرچ جو داڻو.

• مُرِي ج مُرِيُون : ث . جبل يا ٽڪريءَ جي مڙيل چوٽي يا سنهي چوٽي يا چيڙو– چُڪ (ڪ). مٺي جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان، موراڪي جهڙي، قد ۾ اڍائي انچ).

• مَريا (ت): ث . چوپائي جي پيٽ مان وير وقت نڪتل گند پِت– مَرا– مَئي. (ڪ).

• مَرِيڻُ: مصدر. (سن. مَرڻَ) . پيڙڻ– نپوڙڻ– مروڙڻ. (مَريٽيو– مَريٽيندو– مَريٽيل).

• مريٽو ج مريٽا: بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• مِريخُ: ذ . (ع). هڪ گرهه جو نالو (جنهن جو رنگ ڳاڙهو هوندو آهي، هي سيارو ڌرتيءَ جي رستي کان ٻاهرئين طرف آهي. سندس قطر ڌرتيءَ جي قطر جي اڌ کان ٿورو وڌيڪ. سج جي چوڌاري ٦٨٧ ڏينهن ۾ ڦيرو ٿو ڪري. هن جو ڏينهن ٢۴ ڪلاڪن ، ساڍا ٣٧ منٽن جو ٿئي) ٿو.

• مُريدُ ج مُريدَ: صفت. (ع). اِرادتمند. پيروي ڪندڙ– پيرو– پوئلڳ – عقيدت مند– مُعتقد. مُطيع– فرمانبردار. مرشد جو تابعدار– خادم– خدمتگار.

– مُريداڻو ج مُريداڻا (ت): ذ . صفت. مريدن جو. (ذ ). مريدن کان مليل ڏنُ وغيره– نذرانو.

– مُريدُ ڪَرَڻُ: پوئلڳ ڪرڻ. چيلو بنائڻ– شِش ڪرڻ– ٻالڪو بنائڻ. تابع ڪرڻ– فرمانبردار ڪرڻ.

– مُريدِي ج مُريدِيُون: ث . پوئلڳي. شاگردي. اطاعت– فرمانبرداري.

• مَريدُ ديرو: اَسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• مَريدُ سيٽارُ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• مَريدُ لاکيرُ: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• مَريڙو ج مَريڙا: ذ . (سن. مارشَهه) ڀاڄيءَ طور ڪم ايندڙ ڏٿ جو هَڪ قسمَ (جو اڪثر خريفَ جي پوکن ۾ لَلر ۽ لَوٽڪ سان گڏ ٻاڻ مرادو اُپري ۽ لَلر ۽ لَوٽڪ کان زياده ڪاڏي ۾ لذيذ ٿئي). "ليي لوٽڪ ڪين، مري ٿو مريڙي کي" (چوٽي). مليرڙو.

• مَرِيضُ ج مَرِيض : ذ . صفت. (ع. مرض). بيمار– اگهو– ناچڱو– لڱو– ناچاڪ– ناچاق– بي مزي– روڳي– سُڪالو– عَليل– جَڏو– مرضيل.

• مَريڪَتِ: ث. مروَت– لحاظ – پاسخاطري– رياءُ– پاسو– طرفداري . "شريڪت ۾ مريڪت چا جي". (پهاڪو).

• مَريَمَ: ث . صفت. (ع). پارسا– پاڪدامن– باعصمت. (آصفيہ). (اسم خاص) حضرت عيسيٰ عليه السلام جي ماءُ.

• مَريَمَ گُلُ: ذ . گل جو هڪ قسم– هڪ خوشبوءِ دار گُل (جو عورت کي ويَم وقت سولائيءَ سان ٻار پيدا ٿيڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ ڦندڻ لاءِ رکبَو آهي.

• مَرِينو: ذ . اوني ڪپڙي جو هڪ قسم (ڪابل جي ويجهو مرينا شَهر جي دُنبن جي ان مان ٺهيل ڪپڙو).

• مَريو (ک): ذ . ٻيڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ رسو. سِڙهُ جي زور جهلڻ لاءِ واڌ ۽ ويڙهه کي ٻڌل واجهه.

• مِريو ج مِريا: ذ . جيت جو هڪ قسم– ننڍڙو ڪارو پوپٽ (جو جيڪڏهن ننڍڙي ٻار تي وهي ته ٻار کي چِرڪ يا ڏڪٽي ٿي پوي). ٻار رُئارٽي.

– مِرِيي جو ڏَنبُ: ذ . ٻار کي چِرڪ جي بيماري لاهڻ لاءِ پوپٽ جي ٻنهي پَرن جي وچ واري ڊِڍر جو ڏنل ڏنب.

"ذريعا سپ زحاج ٿئا سيو ڏي ڏيا،
ماءُ نياڳو ڏيهه ۾ مريو مبارڪا" .(گرهوڙي).

• مُريو ج مُريا: ذ . پيرءِ ٽَنگ جي گَڏجڻ وارو هنڌ– پيڏي– ڳريو.

• مِرِيئو ج مِرِيئا (ت): ذ . آرسيءَ جو پرتوو – پاڇولو– اولڙو. گيهه پرڻ لاءِ لوهه جو ٺهيل ننڍو ماپو– مُبري – ڪَرندي. جيت جو قسم (وڇونءَ جهڙو).

• مَڙُ ج مَڙَ: ذ . مڙس– خاوند– پتار– گاهه جو هڪ قسم. (ڪ).

• مِڙ: صفت. سيئي مڙئي.

– مِڙِئي: صفت. سيئي– سڀ جملي.

– مِڙيئي: صفت. سڀ – سيئي گڏ– مڙئي.

• مَڙدُ: ذ . مرد– مڙس.

– مَڙدانو ج مَڙدانا: صفت. مردانو.

– مَڙدانو ج مَڙدانا: ذ . صفت. مڙدانو.

• مڙداسِنگهہُ: ذ . دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪي وکر جو قسم.

• مِڙدو ج مِڙدا: ذ . صفت . (ف. مُرده) مُئل– مَردو. (ذ ). مَيتُ– مَڙهه– لاشُ– لاشو.

• مڙسُ ج مڙسَ: ذ . (سن. پُرش=مُڙس. ماڻَوهه= جوان

Gul Hayat Institute

هڪ قبيلو((ست پاڙا: ١. بلوچاڻي ٢. گَلاڻي ٣. جورڪاڻي ۴. ڪورڪاڻي ۵. خرد ٦. سدواڻي ۽ ٧. سمبلاڻي).

• **مَزاڪَ ج مَزاڪُون:** ث . (ع. مضحڪ=چرچو) چرچو— ڪِلَ— مسخري— مذاق— مزاحُ— گهَبو— رَوُنشو— تماشو— ڪِلَ خوشي. ٺَٺولي— ٺَٺري— نقط چيني— ٺَٺول.

"متان ڪا مُنڌ ڪري مونڻ جي مزاڪ" (شاهہ— آبري).

حرڪت— چِترائي— لَچائي— ڪؤنسقّنائي— ڪيچل.

• **مَزُدورُ ج مَزُدورَ:** ذ . صفت (ف . مَزد= پورهيو+وَر= وارو) مزوريءَ تي ڪم ڪندڙ— مزور— پورهيت. بار ڪڻندڙ— بارگير— قلي.

— **مَزُدوري ج مَزُدوريُون:** ث . مزوري— پورهيو— ڌنڌو— ڪم — ڪِرتَ— محنتَ— مَشقّت. روزگار— مزوريءَ جو بدلو— اُجرت— اُجورو— لَوازمو.

— **مَزُدوري ڪَرَڻُ:** مزوري ڪرڻ— محنت ڪرڻ— پورهيو ڪرڻ— ڌنڌو ڪَرڻ.

• **مَزَل لوڊ(ڪ):** ث. بندوق جو هڪ قسم— منهن کان پرڻ واري بندوق.

• **مَزلِي(لس):** ذ . گاهہ جو هڪ قسم.

• **مِزمانُ ج مِزمانَ:** ذ. صفت (ف. مهمان جو بگڙيل) مهمانُ— دعوتي.

— **مِزمانِي ج مِزمانيُون:** ث . مهماني. دعوت. ڪانو— ڪاڌو— جُڃَ— جهڳِل. مهمان نوازي. خدمت— خاطري— چاڪري— ٽهل.

— **مِزماني ڏيَڻُ:** مهماني ڏيڻ— دعوت ڏيڻ— ڪانو ڏيڻ— ڪاڌو ڏيڻ— مهمان نوازي ڪرڻ.

• **مَزو ج مَزا:** ذ . (ف. مَزه=لَذت) شيءِ جي چکڻ سان معلوم ڪيل ڪيفيت— سَوادُ— ذائقو— لَذت— ساءُ— لاءُ— لُطف— رَسُ— چَشڪو— چَسُ— چَهر— حظُ— ذوق. خوشي— سرهائي. موج. جوڀن— شباب— جواني. عيش— عشرت. يوڳ— تماشو. سڳنڌ— حِسَ — ڏَپُ— لاءُ ساءُ— ڏيک— نماءُ— لقاءُ— ڏيکاءُ— آڊمبر— ڀيڪو— ٺاٺُ— ٺاهہ ٺوهہ. جوڀن— جواني— شباب— اَوُج -عُروج. حالت— ڪيفيت— گَت.

— **مَزا ڪَرَڻُ:** عيش ڪرڻ—لذتون وٺڻ. خوشيون ڪرڻ—تماشا ڪرڻ.

— **مَزا ڪَرائِڻُ:** موج وٺائڻ. چرچا ڪرڻ.

— **مَزا ماڻَڻُ:** عيش ڪرڻ— مزا ڪرڻ.

— **مَزو اَچَڻُ:** لذت اچڻ— سواد اچڻ— لطف حاصل ٿيڻ— ذائقو اچڻ— چَشڪو اچڻ— چاٽي اچڻ— چَسُ اچڻ. خوشي حاصل ٿيڻ— راحت ملڻ— موج اچڻ.

— **مَزو چَکَڻُ:** ذائقو وٺڻ— مزو وٺڻ— لطف وٺڻ— سواد وٺڻ— چَشڪو وٺڻ— لذت وٺڻ . سزا کائڻ— ڪيئي جو ڦَلُ ڀوڳڻ — تڪليف برداشت ڪرڻ— مصيبت ڀوڳڻ.

— **مَزو ڇڏي وَڃَڻُ:** ذائقي کان نڪري وڃڻ— بي سواد ٿي وڃڻ— لذت ڇڏي ڏيڻ— لاءُ ساءُ نڪري وڃڻ— خراب ٿي وڃڻ.

— **مَزو ڏِسَڻُ:** تماشو ڏسڻ— يوڳُ ڏسڻ— مزو چکڻ .

— **مَزو ڏِيَڻُ:** لذيذ لڳڻ— سوادي لڳڻ.

— **مَزو ڪَرائِڻُ:** چرچو ڪرائڻ— يوڳ ڪرائڻ— مسخري ڪرائڻ— چيڙائڻ — تماشو ڪرائڻ. وندر ڪرائڻ.

— **مَزو ڪَرَڻُ:** تماشو ڪرڻ— تماشو ڏيکارڻ— لطف ڏيکارڻ— ڪيل ڏيکارڻ. عيش ڪرڻ— موج ڪرڻ.

— **مَزو نڪري وَڃَڻُ:** مزو ڇڏي وڃڻ.

— **مَزو نَہ هُجَڻُ:** بي سواد هجڻ— خراب هجڻ— بدمزي هجڻ— بي ذائقي هجڻ.

— **مَزو وَٺَڻُ:** لذت وٺڻ —لطف وٺڻ. عيش ڪرڻ.

— **مَزي جَهڙو:** صفت. تماشي جهڙو—ڪِلَ جهڙو— ڪِلائيندڙ— وندرائيندڙ عجب جهڙو— حيرت جهڙو— عجيبَ— انوکو. وڻندڙ— دلچسپ— مزيدار— دلپسند— سُهائيندڙ.

— **مَزيدارُ ج مَزيدارَ:** ذ . صفت. مزي وارو— لُطف وارو— لذت وارو— لذيذ— باذائقہ پُر لطف— سَوادي— ذائقيدار— مزي جهڙو— چَشڪي وارو— رَس وارو— وڻندڙ— دلچسپ— عجب جهڙو— حيرت جهڙو— عجيب— انوکو.

— **مَزيداري ج مَزيداريُون:** لذت— لطف— ذوق. رونق— انوکائي.

— **مَزي ۾ اَچَڻُ:** موجَ ڪرڻ—لطف اندوز ٿيڻ—مزا ڪرڻ—رنئشو ڪرڻ.

— **مَزي ۾ ٻَنگ وجهَڻُ:** لطف ۾ خلل وجهڻ— محفل ۾ رنڊڪ وجهڻ— عيش ۾ اٽڪاءُ وجهڻ. طبيعت کي ناگواري لڳڻ.

• **مَزُورُ ج مَزُورَ:** ذ. صفت. (ف. مزدور=پورهيت) مزدوري ڪندڙ— مزدور— پورهيت— ڪَمي— جفا ڪش— اورڇُ. (ث . مَزُورِ, مَزُورڻِ ج مَزُورڻيُون).

— **مَزُوري ج مَزُوريُون:** ث . ڪم ڪار— پورهيو — پورهيو ڪارهيو — مَزدوري. حَمالي— بار برداري. مزور جو اُجورو— مُواجبو— روزينو— ڀاڙو— ڪِرايو—لوازمو. پتوڙ— محنت — ڪشالو—جاکوڙ.

— **مَزُورياڻِي ج مَزُورياڻِيُون:** ث . پورهيو ڪندڙ زال.

• **مَزِيدُ:** صفت. ( عَ. زيد= زياده ڪيو ويو) زياده— وڌيڪ— گهڻو— جهجهو— بِسيار— سرس.

• **مُزينَ:** صفت ( ع. زَيَنَ) زينت ڏنل. آراستہ—سينگاريل—ٺَٺُ ٺايل.

• **مِزگان:** ذ. (ف). پنبٽي– چِنيِرُ– پِنجرَ.

• **مَسَ:** ث. لَڄَ– شرم.

• **مَسَ:** ظرف. مشڪل سان– لاچار– اجا. فقط. ورلي– ٿورو.

• **مَسان:** ظرف. مُشڪلات سان– ورلي– ڪڏهيَن ڪڏهين.

– **مَس مَسَ:** ظرف. مشڪل سان– تمام لاچار سان.

– **مَسين مَسين:** مشڪلات سان– ڏکيائيءَ سان– ورلي– ڪڏهن ڪڏهن.

• **مَسُ ج مَسُون:** ث. (پرا. مَس. سن. مَسِي) . اکرن لکڻ جي پاڻيٺ– سياهي– روشنائي. مس رکڻ جي شيشي– مَسڪُبري– ڪُپي– دوات.

– **مَسُ چٽُ ج مَسُ چٽَ(ت):** ذ. صفت. ڪنجوس – مکي چوس– بخيل.

– **مَس چَٽو ج مَس چَٽا:** ذ. مس کي چهندڙ ڪاغذ.

– **مسُ چَٽو ٽِيَڻُ:** ڪنجوس ٿيڻ.

• **مِس:** صفت. ( سن. مَشرَ=ڳَڏيل) ڳَڏيل– مليل– حَل. ڳڏ وچڙ. جمع ڪَنو– ڳڏ. (ذ). ڳڏ وچڙ ڌاتو(جنهن کي ڪيميا سان ٿيرائي سون يا چاندي ڪرڻو ٿئي).

– **مِس ٿِيَڻُ:** ڪَنو ٿيڻ– ڳڏ ٿيڻ– ميڙ ٿيڻ– جمع ٿيڻ. ڳڏجڻ– پرسان لنگهڻ ڪري پاڻ ۾ ڳَهجڻ– ڳَسَڻُ– لڳڻ.

• **مِس:** ذ. (ف) . ڌاتوءَ جو هڪ قسم– ٽامو. مَني ڌاتو. (ڳاجرا). بهانو– عذر– مِهُ. (ت).

– **مِس ڪَرَڻُ(ت):** ڍونگ ڪرڻ– مِڪرُ ڪرڻ– مَڪَرُ ڪرڻ– بهانو ڪرڻ.

• **مَسا:** ذ. ( ع). شام جو وقت– شام– سَنجها– سانجهه– سانجهي.

• **مَسافَت:** ث. ( ع). منزلن جو فاصلو– مسافري– سَفَرُ.

• **مُسافِرُ ج مُسافِرَ:** ذ. صفت. (ع. مسافر= سفر ڪندڙ) مسافري ڪندڙ– سفر ڪندڙ– واٽهڙو– راهي– ويندل – راهه گير. سَياحُ– ياتري– سٿلاٿي– پانڌيڙو– رَمتُو– گهُمندڙ.

– **مُسافِرائو ج مُسافِرائا:** ذ. صفت. مسافر جو– سفر ڪندڙ جو. (ڳاجرا).

– **مُسافِرُ خانو ج مُسافِرُ خانا:** ذ. مسافرن جي رهڻ جي جاءِ – سراءِ – منزل گاهه– آستانو– ٽڪاڻو. اوطاق. اوتارو– دائرو. مهمان سراءِ. ڌرمسال.

– **مُسافِري ج مُسافِرِيُون:** ث. سفر– سَياحي. کهه– اُجهاڳو– اُجهاڳ. سيلُ– سَنُرُ. ڪُوچ– روانگي– اُسهه.

– **مُسَاڪُ:** ذ. ( ع. مِسواڪ= مُسَاڪُ) ڏندن کي صاف ڪرڻ ۽ چپن کي لائڻ لاءِ اکڙوٽ جو ڇوڏو.

• **مَسَالو:** ذ. مصالحه– مصالحو– ڏاٽا مرچُ.

• **مَسامُ ج مَسامَ:** ذ. مَسامَ=وارَ جي پاڙ). چمڙيءَ ۾ ننڍو سلونگڙو(جنهن جي وسيلي پگهر ٻاهر نڪري)– وار جي پاڙ وارو ٽُنگ– لُونءَ.

• **مَساڻُ ج مَساڻ:** ذ. (سن. شَمشانَ = جنگ جو ميدان، جتي ماڻهون مرن). هندن جي مُڙدن جلائڻ جي جاءِ – شمشان ڀومي– مِرگهٽ– مڙدا گهاٽ– مَسڻ. مساڻن جي رک– سُڃ– ڀينگ– ڏٽڙيل جاءِ. فساد– جهگڙو.

– **مَساڻي ج مَساڻِي:** مساڻ وارو– مساڻ جي رکپالي ڪندڙ– مڙدا ساڙيندڙ– شمشاني. ضدي ماڻهو. (ڳاجرا).

• **مَساڻيا(ت):** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **مُساوات:** ث. ( ع. سويٰ). برابري– همسري– هڪ جيڏائي – سُمتا– سُمانتا– سَريڪائي. مشابهت– هم سري– هڪجهڙائي. (آلجبرا ۾ حسابي ڪم جو هڪ اصول جنهن ۾ ٻن طرفن رقمون برابر ڪري ملهه ڪيجي).

• **مُساوي:** صفت. ( ع) . برابر– هڪ جيترو– يڪسان– هڪ جيڏوَ– سَريڪو– هم وزن– تل– سمان. هڪ جهڙو.

• **مُسائِڻُ:** مصدر. (سن. مَش= ڏکوئڻ). ڦِٽائڻ– ڊاهڻ– بگاڙڻ. ٿلف ڪرڻ– ناس ڪرڻ– ڪُٽائڻ– اُجاڙ ڪرڻ– چَٽ ڪرڻ– نابود ڪرڻ – ويران ڪرڻ. سخت تڪليف ڏيڻ. مارڻ(ل). مجرم ڪرڻ– ڏهاري ڪرڻ (ت). (مُسائِيو– مُسائيندو– مُسائيل).

• **مَستُ ج مَستَ:** ذ صفت. (ف. مست= چِريو). پِيتل– ڪِئو. نشئي– خماريل– الوٽ– مڳ – مگهن. چريو– متوالو– مجنون– ديوانو– سرمست– پاڳل. بيوقوف–بي عقل– بي سمجهه– چريٽ. مجذوب. بي پرواهه– مغرور– اڻ ڪاٽيو. البيلو– رونشائي– لهري– چنچل. هُڙتُڙيو– خفتي– سودائي– پورالو– ريچڪي– خفقانِي.

– **مَستانِي ج مَستانِيُون:** ث. چريائي– مستي– نشو.

– **مَستانِڪو ج مَستانِڪا:** ذ. صفت. مست جو – چريي جو– پاڳل جو. شرابيءَ جو.

• **مَستانُو ج مَستانا:** ذ. صفت. (ف. مستانه) مَستُ– چريو– پاڳل– ديوانو متوالو. نَشئي– نشو پيتل– خُماريل– مڳُ– الُوٽُ. چريٽ– اُنمَت– چرياٽو– بيوقوف– بي عقل. عاشق–

– **مَسندَ نَشينُ:** ذ . صفت. گاديءَ تي ويهندڙ– گادي نَشين.

• **مَسندَ:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **مَسندُ ج مَسندَ(ڪ):** ذ . ڇُهَندڙِي– چمرڪو.(جمع ۾)بَدن تي فرحت لاءِ گهُمايل هٿڙا– ٽڏڙا– سرڪارَ.

– **مَسندُ ڏيڻُ:** ٽڏڙا ڪڍڻ. مٽي جي وارن مان جونئن ڪيڻ لاءِ هٿڙا گهمائڻ.

• **مسڻ(ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **مَسڻَ ج مَسڻ:** ذ . (سن. شمَشانَ = جنگ جو ميدان. جتي ماڻهو مرن) هندن جي مُردن جلائڻ جي جاءِ. ظرف . مچڻ. متان.

"ڏسي پوري پنگ، مسڻ هٽين ڦڪ ڦلهيار مان"

(ساڪري جو شاعر موريو موسي پوٽو)

• **مسڻ جاگيرَ:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مِسڻُ:** مصدر. (سن. مُش= ڏڪوئڻ). بدبخت ٿيڻ . ڪمبختي ۾ پَوڻُ– شامت اَچڻ– آپاڳَ لڳڻ– بُرائِيُ چڙهڻ. تباهي ٿيڻ– ڪُنڻُ– اُجاڙ ٿيڻ– مُسجڻُ. تڪليف ۾ اچڻ. برباد ٿيڻ. ويسر ۾ اچڻ– پُلجڻ. ڏڪوئجڻ. (مُسيو(مُنو)– مُسندو– مُسيل(مُنل).

• **مِسو ج مِسا:** ذ . (سن. مِشرَ=گَڏيَلُ) گهڻن قسمن جي گڏيل اَن جو اَٽو– ٻن ڇئن جنسن جي اناجَ جي اَٽي کي مِلائي اَن مان پچايل ماني– روٽلو– ڦڪي ماني– بي سوادي روٽي. تيلي ٻج وارو فصل(ت). ڪمُ نہ اچڻ جهڙو– بيڪارُ– نِڪارُ(ٿ).

– **مسو ٽسو:** صفت. آلُوٽو سلُوٽُو.

• **مَسوارُ ج مَسوارُون:** ث . (جڳهہ جو) پاڙو– ڪِرايو.

– **مَسوارِي ج مَسوارِي:** ذ . صفت. پاڙي تي ويٺلُ– ڪِرايي دارُ.

• **مسواڪُ ج مِسواڪَ:** ذ . (ع. استاڪ = هن مکيو). ڏندڻُ. مُساڳُ.

• **مَسُوحَب:** اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَسوَدو ج مَسوَدا:** صفت. (ع. مُسوده>سَودَ=هن ڪارو ڪيو)ڪارو. ڪاري مس سان لکيل– تحرير ڪيل. پهرئين دفعي سَرسَري طور لکيل تحرير(جا اجا صاف نہ ڪئي ويئي هجي)– پَهرين ڪاپِي– رَف ڪاپِي. ڪَچو خاڪو.

• **مَسوديرو:** اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۽ تعلقي جوهي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَسُورِ:** ث . (سن. مَسرَا). دال جو هڪ قِسم– مُهري.

• **مَسوَولو:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَسوئَانيا(ت):** اسمُ خاص. مينگهوارڻ جي هڪ ذات جو نالو.

• **مُسهِل:** صفت. ع. قبضي ٽوڙ– قبض ڪُشا– جُلابُ.

• **مَسهُو ج مَسهُو:** صفت. نہ سهندڙ– حاسدُ.

• **مَسئِلو ج مَسئِلا:** ذ . (ع. مَسئله). پڇڻ لائق ڳالهہ– منجهيل سوال. مشڪل ڳالهہ.

• **مِسي ج مِسيُون:** ث . (پرا. مِسيِيا. سن. مِيس+ايڪا=مِسي. ف مِس=ٽامو). ڏندن کي مضبوط ڪرڻ جو ڪارِي ۽ پُوري رنگ جو چُورو– عورت جي سورهن سينگارن مان هڪ سينگار.

"موهيو مِسي ۽ پان، مٿس مرجان لڳي"(مفتون همايون).

ڪارڙي ٽترجي مادي(ت) – ڪبهڙي(ل).(ن–ب).

• **مَسِيت ج مَسِيتُون:** ث . (ع. مَسجِدَ جو بگڙيل) مسجد. عامي اُچار وارو نالو. هڪ آسماني نکٽ جيڪو وڇون جي پويان بيهي.

• **مَسيتڙِي(ل):** ث . فراسين جي چِٽن جو هڪ قِسم.

• **مَسِيحُ:** ذ . صفت . (ع. مسح). دوست. (اسم خاص). حضرت عيسيٰ عليه اسلام جو لَقبُ. يَسُوع. مَسِيحُ.

– **مَسِيحِي ج مسِيحِي:** ذ . صفت. يسوع مسِيحُ جو پوئِلڳَ – ڪِرستانُ.

• **مِسي داتِي:** اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **مَسِيو:** ذ . گدهہ جو هڪ قِسم– ميٽانئين رنگ جو گدَهُ.

• **مَسيو ٽسو:** صفت. الُوٽو سلُوٽو– ڇَهرو.

• **مشابَتَون:** ث . مشابهتون ڏيئي ساراهہ ڪرڻ. وڏن سان ڀيٽي ساراهڻ.

• **مُشابَتُون ڏيڻ:** مڱڻهار فقيرن جون . پنهنجن جون ساراهون ڪرڻ.

• **مُشابِهہ:** ظرف. (ع. شَبهَ=وانگر) وانگر– وانگيان– طرح– جيئن– جهڙس– مثل.

– **مُشابَهتَ ج مُشابَهتَون:** ث. هڪجهڙائي– مطابقت–موافقت– شَبيهہ– تَشبيهہ. برابري. ڀيٽ. لاڳاپو. ٻانو– ويس. شڪل– رُوپ.

• **مَشارِي:** صفت. مشهور– ناليرو– ناميارو– هاڪارو.

• **مَشاطَ:** ث . (ع– ڦٽي ڏيندڙ) عورت کي سينگار وغيره ڪرائيندڙ عورت– حَجامڻُ.(آصفيہ).

• **مُشاعِرو ج مُشاعِرا:** ذ . (ع. مُشاعره> شِعر=هن موتي پُوتا) شاعرن جو اجتماع . بيت بازي.

• **مَشالُ ج مَشالَ:** ذ . (ع. مُشعل جو بگڙيل) ڪَرڳي– ڏِياٽي – مُشعل.

– **مَشالچِي ج مَشالچِي:** صفت. مشعل ڪٽندڙ– مُشعلچي.

• **مَشامُ:** ذ . (ع). وارَ جي پاڙ وارو سنهڙو سوراخ(جنهن مان پگهر نڪري) – مَسامَ.

Gul Hayat Institute

• **مُشاهَدو ج مُشاهَدا:** ذ . ( ع. مُشاهده> شَهَدَ=هن ڏٺو)نظارو– ڏيک– منظر– ڏيکارو– نماءُ ديد– ديدار– درشن. جاچا– ڏسٽي– معائنو. تماشو. لقاءُ . نورِ الاهيءَ جو نظارو. قدرت جو تماشو. عيني تجربو– عيني ثبوت– اکين ڏٺو دليل– چشم ديده ثبوت.

– **مُشاهَدوماڻڻ:** ديدار ڪرڻ– لقاءُ ڏسڻ.

• **مُشاهَرو:** ذ . (ع. شَهَر ) مهيني سِر مقرر ڪيل رقم– تنخواهه– پگهار– وظيفو.

• **مَشائخ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **مَشائِخُ ج مَشائخ:** ذ . صفت. (ع. شيخُ جو جمع. پر واحد ۾ ڪم ايندڙ) بزرگ . درويش . وَلِي. معزز.

• **مَشائخ لوڌا:** اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَشائخ هوٽي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مُشت :** ث . (ف. مُشت. سن. مُشت ). مُٺ. مُڪَ– ٺونشو.

– **مُشت زَنُ ج مُشت زَنَ:** ذ . صفت. (ف). ٺوَنشو هڻندڙ– مُڪ هڻندڙ. مُٺ هڻندڙ– هَٿَ رَسُ ڪندڙ.

– **مُشت زَني ج مُشت زَنيون:** ث. مُٺ هڻڻ جي حالت– هَٿَ رَس.

• **مُشتاقُ ج مُشتاق:** ذ. صفت. ( ع. شوق) اشتياق رکندڙ– شائق– چاهيندڙ– آرزومند– طالب– خواهشمند– گهورو– خواهان. سڪايل– اُڪنديو. موهيلُ– وَسُ ڪيل– مَنُ لَٽِايل– عاشق– موهت– اکن چکن. مُستدعي– مُنتظر– انتظار ڪندڙ.

• **مُشتبَهُ:** صفت. ( ع. شبه) شڪ وارو– شڪيل– شڪي.

• **مُشترَڪ:** صفت. (ع. شرَڪَ) شريڪ ڪيل– ڳنڍيل– ملايل– گڏيل. ڀائيوار– حصيدار.

• **مُشترِي:** صفت. ع. شرِيٰ)خريدار. وڪڻندڙ.(ذ). هڪ گرهه جو نالو.(هي سيارو سيني گرهن ۾ وڏو. ڌرتيءَ جي قطر کان يار هوٽو قطر ۾. قطبن وٽ چپٽرو ۽ وچ ٿلهو. سندس سال ڌرتيءَ جي سال کان ٻارهوٽو). (گاجرا). وسپت.

• **مُشتَقُ:** ذ . ( ع. شَق= چيِريلُ) ڪنهن لفظ مان چيري نڪتل لفظ(جو انهيءَ لفظ جي مصدر يا اصل لفظ مان هجي)– بنيادي لفظ– اشتقاق ڌاتو. ساڌتُ– اصل بُنياد– مادو.

– **مُشتَقُ اصلي:** ذ . اصل لفظ ۾ ڪجهه ڦير گهير ڪرڻ سان تيار ٿيل لفظ.(علم نَحو).

– **مُشتَقُ اِضافي:** ذ . اصل مصدر. جي اڳيان يا پنيان ڪنهن نشاني ملائڻ سان تيار ٿيل لفظ.(علم نَحو).

• **مُشتَمِل:** صفت. ( ع. شَمَل= شامل ٿيو) شامل ٿيندڙ– گڏ ٿيندڙ– گڏ ٿيل– شامل ٿيل.

• **مُشتَهَر:** صفت. ( ع. شَهَرَ) اشتهار ڏنل. مشهور ڪيل– پڌرو ڪيل.

• **مُشتَنَڊو ج مُشتَنَڊا:** ذ . صفت. سَگهو– سگهارو– ڪَراڙو– سَبَرُ– زورائتو– زور ڀريو– قرارو– تَوانو– مضبوط– جاڙو– جبرو– ٻت ۾ ڀريل– جانٺو– سَنَرَ وَنَرَ متارو.

• **مَشرُ ج مَشرَ:** ذ. صفت. مشهُورُ– ناميارو– ناليوارو– هاڪارو.

• **مَشرق:** ذ . ( ع. شَرَق) ڏينهن واري روشني نڪرڻ وارو پاسو– اُڀرندو– اوڀَرُ– پُورَبُ. مغرب جو ضد.

– **مَشرِقِي:** ذ. صفت. اُڀرندي جو– اوڀرجو– پوربي. (مغربي جو ضد).

• **مُشرِڪ:** صفت. ( ع. شِرڪ= شِرڪُ ڪندڙ). خُدا سان ڪنهن کي شريڪ ڪندڙ– شِرڪ ڪندڙ. بُتُ پرستَ.

• **مَشرُو:** ذ . گَڏيل سِٽِي ۽ ڪَپَهه.

• **مَشروطُ:** صفت. ( ع. شرط) شَرط ڪيل– شَرطِي: علم نحو جي اصطلاح ۾ ڪنهن شرط ڪيل جملي جي نتيجي وارو جملو– جزا.

• **مَشروع:** ذ . ريشمي ڪپڙي جو هڪ قِسمُ– گڏيل سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **مُشري:** اسم خاص. نجوم ۾ هڪ گرهه جو نالو.

• **مَشعَلُ ج مَشعَلَ، مشعلون:** ذ . ث . ( ع. شَعَلَ) مُشالَ– مُشعالُ– ڪَڙڪِي– ڏياٽُ– ڏياٽي– مَٽو.

– **مَشعلچِي:** ذ . صفت. مَشعَل کڻندڙ– مَٽي وارو– ڏيات کڻندڙ.

• **مَشغُولُ ج مَشغُولَ:** ذ . صفت. ( ع). شُغل ۾ لڳل– ڪم ۾ لڳل– رُڌلُ– مَصرُوفُ– آڀاريَلُ.

– **مَشغُولِي ج مَشغُوليُون :** ث . مصروفيت– وِڳندي. ڪرت– حاجَ– ڪَمُ– ڌنڌو– ڪارُ.

• **مُشفِقُ:** صفت. ( ع. شفق= مهربان) شفقت ڪندڙ– مهربان– شَفيِقُ. نوازش ڪندڙ– احسان ڪندڙ– ٻاجهه ڪندڙ. ترسُ کائيندڙ– رحمدل– ڏيالُو– ٻاجهارو– دَردمَند– غمگسار. رَفيِقُ– دوستُ پيارو.

• **مَشقَ ج مَشقون:** ث . ( ع). روزانو ڪنهن ڪم کي وري وري ڪرڻ جي حالت– استعمال– اَڀياسُ– مُحاوِرو– ساڌنا. عادَت– هيرَ– نيَمُ– ورتاءُ عَمَلُ. لِکڻُ جو ڪَمُ (شاگرد کي)– نَقلُ– پيروي اُتارو.

– **مَشقُ پَچائِڻ:** اڀياس ڪرڻ– شاگرد جو صورتخطي کي پَڪو ڪرڻ. ڪنهن ڪم يا ڪرت کي وري وري ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– **مَشِير نامو ج مَشِيرَ ناما(ت):** ذ . صلاحڪار– جَماعت جو تَحريري فيصلو. معتبر ماڻهن جو فيصلو– شاهدن طور بيان.

– **مَشِيرِي ج مَشِيرِيُون:** ث . ميمبري. وزيري.

• **مِشِي مِشِي(ڪ):** ث . خوشامَدَ –چاپلوَسِي.

– **مشِيون مشِيُون ڪَرَڻُ(ڪ):** خوشامد ڪرڻ– چاپلُوسِي ڪرڻ.

• **مَشِينَ ج مَشِينُون:** ث . (انگ . مِشنِ =ڪل) ڪَلَ– پُرزو هَٿَ جو ناهيل اوزارُ( آصفيہ).

• **مُصاحِبُ ج مُصاحِبَ:** ذ . صفت. (ع. صُحَبَ = سنگتي) سنگتي– ساٿِي– دوست– يارُ– سَڄَڻُ– مِبرُ– گهَٽگهُرو– اِخلاص مَندُ– هَمدردُ– غَمگسارُ–آسا ٻَنڌُ– رفِيقُ– مُحبتِي. چاوڙِي نائِبُ.

– **مُصاحِبَت:** ث . سَنگتَ– دوستِي– ياري– سَڄڻپائِي. صُحبتَ. اِخلاصَ– همدَردِي– سڄڻپائِيَ– گهَٽگهرائِي– هَمدردي. رفاقَت (ع.ا.د).

• **مُصافَحَہ:** ذ . (ع. صَفحَ = هَٿُ ملاءِ). ملاقات وقت هَٿَ ملائڻ جي حالت– هَٿُ مِلاءِ– خوش خوش– خوش خير عافيت– دست بوسِي ڪرڻ.

– **مُصافَحو ڪَرَڻُ:** هٿ سان هٿ ملائڻ– خوش خوش ڪرڻ– خير عافيت ڪرڻ– دست بوسي ڪرڻ.

• **مَصالِحَ:** ذ . (ع). مصالو– مسالو– ڪاڌي ڪي مزيدار ڪرڻ وارو وکر(مرچ. لوڻ وغيره)– ويڳَرُ. شئي شِڪل– سامگري– ڪنهن ٻہ مرڪب ڪي ناهڻ لاءِ ڪَچو سامان – جاءِ ٺهرائڻ جو سامان– سُرسات. پَسار– جَڙِي ٻوٽِي. خوبيون – پلايون.

– **مَصالِحدارُ ج مَصالِحدارَ:** ذ . صفت. مَصالِحُ وارو– ويڳرُ دارُ– چهرو– سلُوڻو.

– **مَصالِحدانِي ج مَصالِحدانِيُون:** ث . مَصالِح رکڻ جي پيتِي.

– **مَصالِح ڏِيَڻُ(ت):** چمڙي ڪي پاڻيءَ چُوني ۾ ڪاري ڪار ۾ وجهِي رکَڻُ.

– **مَصالِح گَڏَڻُ(ت):** جُوئر جو پَٽُ. آلو اَڪُ ۾ پاڻِي گَڏَڻُ.

• **مَصلَحَت** ث . (ع. صُلح). صُلح– ميلُ– ميلاپَ– ناهُ– صُحبتَ. (آصفيہ).

• **مُصحَفُ:** ذ . (ع. صَحَفُ). قرآن ڪريم– فُرقان حَميد– مُسلمانن جو خُدا ڪان لَٿَلُ پاڪ ڪتاب– ڪلام الله– چُمڻ جي لائق ڪتاب. محبوب جو مُنهُن.(شاعري).

• **مِصداقُ:** ذ . (ع) صِدِقُ يا سچائيءَ جو هٿيار. صداقت جو ثبوتُ– سچائِي جي ثابتِي– گواهي– شاهدي– ثبوتہ (آصفيہ). (صفت). تصديق ڪيل– خاطري ڪيل. مَوافِقُ– برابر.

• **مَصدَرُ ج مَصدرَ مَصدَرُونَ:** ذ . ث . (ع). نڪرڻ جي جاءِ – صادر ٿيڻ جي جاءِ – جاءِ. صدُور. مُولُ– مُنڍُ– بُنيادُ– اَصلُ– مُنهُن– ڏُر– مُهڳُ – ڦِري اچڻ جي جاءِ– موٽي اچڻ جي جڳهہ. اشتقاق– ڌاتو( ڪنهن لفظ جو). فعل جي اها سادي صورت جا ڪنهن ڪم يا حالت جي معنيٰ ڏيکاري– اسم مصدر– نمت ارٿ.(علم نحو).

– **مصدر تَرڪيبِي:** ذ . ث . علم نحو جي اصطلاح ۾ اهو مصدر جنهن جي معنيٰ مصدر ۾ نہ نڪري– حاصل بالمصدر. مثلاً: "ڪرٽِي، پِرٽِي، چَوَٽِي وغيره".(علم نحو ٦٥).

– **مَصدر جَعلِي:** ذ . ث . اُهو مصدر جو ڪنهن ٻِي ٻوليءَ جي لفظ پٺيان"ڻ" وجهڻ سان ٺهي. مثلاً : " طلبڻ= ڪشڻُ وغيره"(علم نحو ٦٥)

– **مَصدر حَقِيقِي:** ذ . ث . فعل جو هڪ قسم مثلاً: "ڪرڻ ، چوڻ وغيره".(علم نحو ٦٥).

– **مصدر وضعي:** ذ.ث.مصدر.حقيقي.(علم نحو ٦٥ )

• **مُصَدَق :** ذ . صفت. (ع. صَدَق) صِدق جو– سچو– حقيقي– حَقِي. شاهد – گواهہ. (ع. ا.د).

• **مِصرُ:** ذ . (ع). شهر– بلدہ– ننگَرُ. هڪ شهر جو نالو(جنهن کي مِصرُ پٽ نوج آباد ڪيو هو). آفريڪا کنڊ جو هڪ مشهور مُلڪ. (آصفيہ). زالن جي متي جي وارن تي ٻڌل نندو ٽکندو ڪپڙي ٽڪر– ڪَسابو. ڪيس آبو. (ڪ).

– **مِصري ج مِصري :** ذ . صفت. مصر جو– مصر وارو. مصر جو وينلَ– مصرجو رهاڪو. (ث) مصر مُلڪ جي ٻولي.

• **مُصِرُ:** صفت. (ع. صَرُ=اصرار ڪندڙ). امداد ڪندڙ– وري وري چوندڙ– (ڪنهن ڪم ڪرڻ لاءِ) زور پريندڙ).

• **مِصرجِي واہ:** اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهہ جو نالو. (لسٽ).

• **مِصرَعَ ج مِصرعُون:** ث . (ع). لغوي معنيٰ ۾ دروازي جو طاق. اصطلاحي معنيٰ ۾ شعر جو اڌ حصو. مثلاً:

"ويو اخلاص عالم مان عجب هي دؤر آيو آهہ.

ڏجي هر ڪو تو ظالم ڪان عجب هي دؤر آيو آهہ".

متئين شعر ۾ ٻہ مصرعون آهن. جن مان پهرين سٽ کي مصرع اولٰي ۽ ٻيءَ کي مصرع ثاني چئبو آهي)– اڌ شعر. ڪافيءَ جو هڪ ٽڪرو.

• **مَصرُوفُ:** ذ . صفت. (ع. صَرَف= مشغول) مشغول– رُڌل– لڳل– جُنبيل ڦاٿل(ڪم ۾). صرف ڪيل– خرچ ڪيل. ڦريل– واپس آيل– موٽي آيل. (آصفيہ).

• **مِصري ج مِصريُون:** ث . مناڻ جو هڪ قسم– کنڊ جي چاش مان ٺهيل بلورن مثل مناڻ. (ع). تمام تکي تلوار. شراب جو هڪ قسم– تمام تيز شراب. بيڙيءَ جو هڪ عضوو– رود(ڪپيءَ) جي وچ واري ڪلي يا سرائي.(اسم خاص). تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ ذات جو نالو. (ت).

• **مِصري پُور:** اسم خاص. تعلقي ٺٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لست).

• **مِصري شَاهُ:** اسم خاص. تعلقي ننگرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.(لست).

• **مُصطَفيٰ:** صفت (ع. صفوَ=چونديل) ڀُهتل– برگزيدو. پاڪ مُجتبيٰ. چونديل – ڏُٺيل– پسند ڪيل– مقبول– منظور نظر. (اسم خاص). حضرت رسول مقبول احمد مُجتبيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جو لقب.

• **مُصطَڪي:** ث . پسارڪي وکر جو هڪ قسم(هيدي رنگ تي ڪنهن وڻ جو ڪوٽر).

– **مُصطَڪي رُومي:** ث . پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

• **مُصَفّا:** صفت. (ع. صفوَ=پاڪ). صاف– صاف ڪيل– صفا– نِرمل– اُوجل. پاڪ(آصفيہ).

• **مُصلِح:** صفت. (ع. صلح). اصلاح ڪندڙ– دُرستي ڪندڙ– سڌاريندڙ– سڌارڪ(ع.ا.د).

• **مَصلَحَتَ ج مَصلَحَتُون:** ث . (ع. صَلَح). نيڪ صلاح– نيڪ مشوره– مناسب تجويز. صلاح– مَت– مشورت– ڳَٽِت. اُپاءُ– وجهه– تجويز– ٻلو– اَٽڪل– ٽَل. حڪمت عملي– نيتي– تدبير– جترائي– سياڻپ– ڏاهپ. خوبي– چڱائي– ڀلائي– نيڪي– عمدگي. (آصفيہ).

– **مَصلَحتا:** ظرف . نيڪ صلاح سان. دلي پادلي– چاٽي واٽي– پاڻمرادو– پنهنجي خيال سان.

– **مَصلَحتَانُ ج مَصلَحتَانَ:** ذ . صفت. صلاح ڏيندڙ– صلاحڪار– نصيحت ڏيندڙ. صلاح مصلحت ڪندڙ. تجويز ڪڍي ڏيندڙ– اَٽڪل سٽڪل ٻڌائيندڙ.

• **مُصلَو ج مُصلا:** ذ . (ع . صَلي)نماز پڙهڻ جي جاءِ– عبادت گاهه– مسجد. نماز پڙهڻ جي لاءِ ننڍو تڏو يا غاليچو– نماز پڙهڻ وارو ڪپڙو– جاءِ نماز.

• **مُصَمَّمِ:** صفت. (ع). پڪو– پُختو– مستقيم– اُستوار– محڪم– اٽل– اڻ ٽر. (آصفيہ).

– **مُصَمَّمِ ارادو:** پڪو ارادو– عزم بالجزم– پُختو قصد– مُحڪم ارادو– مضبوط خيال– اٽلُ فيصلو– پُختو ويچار(آصفيہ).

• **مُصَنِفُ:** ذ . ع . صَنَفَ=هن ٺاهيو) تصنيف ڪندڙ– ڪتاب ٺاهيندڙ.

– **مُصَنِفِي:** ث . تَصنيف– تصنيف جي نوعيت.

– **مُصَنِفِي جوحَقُ:** ذ . حق تصنيف.

• **مَصنُوعِي ج مَصنُوعِي:** ذ . صفت. (ع. صنع) هٿراڊو– بڻايل– ٺاهيل. بناوٽي– جعلي– جُڙتو– نقلي– تقليدي.

• **مُصَوِرُ ج مُصَوِرَ:** ذ . صفت. (ع). تصويرون ٺاهيندڙ– چترڪار. ڪمانگر– نقاش. رنگ ڏيندڙ– رنگ ساز. (آصفيہ).

– **مُصَوِري ج مُصَوِريُون:** ث . چترڪلا– تصوير ڪشي– چترڪاري. ڪمانگري– نقاشي. چنسالي– نقش– چِٽ. رنگسازي.

• **مُصِيبَتَ ج مُصِيبَتُون:** ث . (ع. صوب) ڏکيائي– دشواري– تڪليف– اهنج– زحمت– ڪَشٽ. درد– ڏُک– رنج– اندوهه. ايذاءُ– اهنج– پيڙا– سُورُ– آزار. آپدا– آفت– بَلا. شامت– غضب– ويڌن. نحوست– ڪمبختي– نياڳ– بُرائي– بدبختي. صدمو– حادثو.

– **مُصِيبَتَ زَدَهَ:** صفت. مصيبت جو ماريل– ڏکن جو ستايل– آفت زده. غمزده. ڪمبخت– نياڳو– بدبخت.

• **مُضارعُ:** ذ . (ع). ٽيڻ جهڙو– ٽيٽو– ممڪن – سمياوي. الاجي– جيڪَسُ– جيڪر– شايد. ڳجهو– لڪل. امڪانيَ– گماني– شَڪي. علم نحوموجب هڪ زمان جو نالو.

• **مُضاعَفُ:** ذ . صفت. (ع). ٻيٽو– ٻنو. (اسم). اهو لفظ جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ساڳي قسم جو ٻيو لفظ اچي.(گاجرا).

• **مُضافُ:** ذ . (ع). ٻئي سان تعلق رکندڙ اسم.

• **مُضافُ اِلَيهِ:** اهو جنهن سان ٻيو اسم لڳايو وڃي. اسم . مثلاً: ”ڪاٺ جو گهوڙو“. ”گهوڙو“ مضاف آهي. ”جو“ حرف اضافت ۽ ”ڪاٺ“ مُضاف اِليه آهي.

• **مُضامِينُ:** ذ . (ع). مضمون جو جمع– مضمون– بيان.

• **مَضبُوطُ:** صفت. (ع. ضَبط) ضبط ڪيل– قبضي ڪيل. پڪو – پختو– ڏاڍو– سخت. قابو– سوگهو. مستحڪم– محڪم– اَٽل– اَچل– برقرار. نهرو– گهاٽو. پڙيل(ٻُت ۾)–

Gul Hayat Institute

مائيدار– ڳوڙهو– وزنائتو– سنگين. ڏنو مٽو– دونسو– مُٽڪو– ڏڳُ– ڀَٽو. جاڏو– سگهو– سترو– قُوتي– قرارو– جانئو– جُنگ. سورهيه– سورمو– بهادر– شهزور.

– **مَضبُوطُ رهڻُ:** قَوي دل رهڻ– قائم رهڻ– ثابت قدم رهڻ– اٽل رهڻ– برقرار رهڻ.

– **مَضبُوطُ ڪَرڻُ:** جمائڻ– پڪو ڪرڻ– آماده ڪرڻ– پختو ڪرڻ.

– **مَضبُوطي ج مَضبُوطِيُون:** ث . پڪائي– اَڇلتا– پُختائي– ڌيرج– ثابت قدمي– جتاءُ– پائداري– هَندَ– ٽڪاءُ– تائيد– پُشتي– پُختگي. زور– بَلُ– طاقت– سگهَ– سگهَتَ– شڪتي– تجُ– سَتُ– توفيق– سامرٿي. نِهرائي– ڳوڙهائي– گهاٽائي– گهاٽاڻ– گهاٽ.

• **مُضحِڪُ:** ذ . صفت. (ع. ضَحڪ) مسخرو– کِلائيندڙ– چرچائي– يوڳائي.

• **مُضِرُ:** صفت. (ع). ضَرَرَ=ضَرَرُ پهچائڻ وارو) ضرر پهچائڻ وارو– نقصان ڏيندڙ– نقصانڪار– غير مفيد علاج.
"مُضرتا مون کي ڪيا حڪيمن هزار" (شاهه).
زهريلو– زهردار– فاسد– ڇيهي جهڙو.

– **مُضِرتُ:** ث . ضَررُ– زيانُ– هاڃو– ڇيهو– هَرجُ– چوٽَ– نقصان– ٽوٽُ– ٽوٽو. ايذاءُ– آزار.

• **مِضرابُ ج مِضرابَ:** (ع . مِضراب= لوهي ڇلو). لوهي ڇلو. آڱري ۾ پائي سِتار وڄائڻ جو لوهي ڇلو. ضَربَ (ل).

• **مُضطَرُ:** صفت. (ع). ضرر پهتل– نقصان پهتل. تڪليف ۾ پيل. بيقرارُ– بي آرامُ– بي چينُ– بيتابُ– مُضطربُ– وياڪُل– پريشان– ماندو. بي وس– ويچارو– لاچارُ. (آصفيه).

– **مُضطَرِب:** صفت. بي چينُ– بي آرامُ– بي قرار– مُضطَر.

• **مُضمَحِلُ:** صفت. (ع). مَحو ٿيندڙ– ڪَمر ٿيندڙ– مگهن. ناچيز– نحيف– ناتوان– ڪمزور – ٽَڪَل– ڏُبرو– لاغر– اَيرو. سُستُ– ڍِلو– ڪاهِلُ. اُداس– غمگين– دلگير– مغموم– فِڪرمند. (آصفيه).

• **مُضمَرُ:** صفت. (ع. ضَمَر). پوشيده– ڍڪيل– ڇپايل– لڪايل– مخفي. دل ۾ رکيل– راز ۾ رکيل– ڳجهو– لِڪل. (آصفيه).

• **مَضمَضو ج مَضمَضا:** ذ . ڪُرڙي.

• **مَضمُونُ ج مَضمُونَ:** ذ . (ع. ضَمَنَ) مطلب– بيان– عبارت. مقالو. تقرير– ويا ڪياڻ– ليڪچرُ. ليکُ– آرٽيڪل– انشا– ايڊيٽوريل. ڳالهَه– معنيٰ– مُدعا– ڳالهه– سُخنُ.

– **مَضمُون نِگارُ ج مَضمُون نِگارَ:** ذ . صفت. مضمون نويس– مضمون لکندڙ– مقالو لکندڙ– بيان لکندڙ– مهتمم– سَمپادڪُ– اخبار نويس– ايڊيٽر. ليکڪ– ليکاري.

– **مَضمُون نِگاري ج مَضمُون نِگاريُون:** ث . مضمون نويسي. مقصد واري تحرير.

– **مَضمُون نَويسُ ج مَضمُونُ نَويسَ:** ذ . صفت. مضمون لکندڙ– مضمون تيار ڪندڙ– سمپادڪ– ايڊيٽر. (گاجرا).

– **مَضمُون نَويسي ج مَضمُون نَويسيون:** ث . لکندڙ جو ڪم– لکندڙ جو ڏنڌو– لکڻ جو هنر. (گاجرا).

• **مُطابِقُ:** صفت. (ع. طَبَق) . مُوافِقُ– برابر. يَڪسانُ. هر رنگ– هر صورت. مانند– وانگر– جِيان– طرح– جي برابر– مُشابهه– جهڙسُ– اُن جهڙو– ساڳيو– نِس پِس. (آصفيه).

– **مُطابَقت:** ث. مُوافقت– برابري– يَڪساني– مُشابهتَ– اُن جهڙائي.

• **مُطالَبو ج مُطالَبا:** ذ . ع. مطالبه< طَلَبَ= هن گهر ڪئي). طَلَبَ– گهُر– دعويٰ– نالش– مانگ– طلَبي– تقاضا. حق جي ڳولها– حق جي گهُر. قرض. واجب الطلب ربيا. (آصفيه).

– **مُطالَبو ڪَرڻُ:** گهُرڻ – گهُر ڪرڻ– طلبڻ– طلب ڪرڻ– دعويٰ ڪرڻ– تقاضا ڪرڻ– مانگ ڪرڻ– دعويدار ٿيڻ.

• **مُطالَعُ:** ذ . (ع. طَلع). ڪتاب بِينِي– پڙهڻ– پڙهائي– اَڀياسُ– پڙهٽي– تحصيل. ڪنهن شيءِ جي واقفيت لاءِ جانچ– غور – توجه– ڌيان– خيال– ويچار– خوض– تامل. واقفيت– ڄاڻ– سُڌ– خبر– سماءُ– پَرُوڙ.

– **مُطالَعُ ڪَرڻُ:** اڀياس ڪرڻ– پڙهڻ– ياد ڪرڻ– پاٺُ ڪرڻ– واچڻُ– ڪتاب ڏسڻ– اڳتي سبق سکڻُ. غور ڪرڻ– ڌيان سان ڏسڻ– توجه ڪرڻ– خوض ڪرڻ– واقفيت رکڻ– ڄاڻ رکڻ– سُڌ هجڻ– پَرُوڙ رکڻ.

– **مُطالَعو ج مُطالَعا:** مُطالَع. پڙهائي ۽ سوچ.

– **مُطالَعو ڪَرڻُ:** مُطالَعُ ڪرڻ– پڙهڻ ۽ پرجهڻ.

• **مَطبَ ج مَطبَ:** ذ . (ع). حڪيمن جي ويهڻ جي جاءِ – ويج گهر. حڪمت خانو– شفاخانو– شفا گهر– صحت گهر.

• **مَطبَخُ:** ذ . (ع) رڌپچاءَ جي جاءِ – بورچيخانو.

• **مَطبَعُ:** ذ . (ع)ذ . (ع. طَبَعَ=هن ڇپيو) ڇاپڻ جي جاءِ – ڇاپخانو– پريس.

• **مَطبُوعُ:** صفت. طبع ٿيل– ڇاپيَل– ڇپيل– پرنٽ ٿيل. پسند ڪيل– دلپسند– مرغوب.

Gul Hayat Institute

• **مُطرِبُ ج مُطرِبَ:** ذ. صفت. (ع. طَرَبَ=هو نچيو). ڳائيندڙ– ڳويو– ڪلاونت– ميراثي – قوال– راڳيندڙ– خوش ڪندڙ.

• **مَطلَبُ ج مَطلَبَہ** ذ. (ع). مُراد– غرض– نيتَ– ارادو– خواهش– مُدعاءُ– مَنشا– دلي خواهش– چاهت. ضرورت– گهرج– ڪَپ– لوڙ–طلب. معنيٰ – مطلب– مقصد– آرٿ– سمجهاڻي– شرح.

• **مَطلَبي ج مَطلَبِي:** ذ. صفت. مطلب وارو– مطلب جو– خود غرض– مطلب جو يار– پاڻ پَرو– آپ سُوارٿي. خواهشمند– آروزمند – ارادتمند– مَنشائي.

• **مُطَلِب:** اسم خاص. (ع). حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڏاڏي جو نالو– عبدالمُطَلِبُ.

• **مَطلَع:** ذ. (ع. طَلَعَ= هُو اڀريو). ستاري جي اڀرڻ جي جڳهه. قصيده جو پهريون بيت. غزل جو ٻن مصرعن ۾ قافيو. (ع.ا.د).

• **مُطلَع:** صفت(ع). اطلاع ڏنل– خبر ڏنل– واقف– محرم.

• **مُطلَقُ ج مُطلَقَ:** ذ. صفت. (ع. مُطلَق). ڇُٽل (قيد مان)– آزاد– سؤتنتر– سؤاڌين– بيپرواهه– بيڪاٽيو– لاغرض– ڪل مختيار– خودمختيار. نجو– پورو– ڪامِل– سَچو– سارو– سربستو.

– **مُطلَقا:** ظرف. اَصل– بلڪل– سراسر– مڙيوئي– نِپٽ– قطعي– اصلاً– سڄوئي– سموروئي– سَڀ– سربستوئي.

• **مَطلُوبُ:** صفت. (ع. طَلَبَ). طلب ڪيل– طلبيل– گهرڪيل– گهُربل. سڏيل– ڪوٺيل. خواهش مطابق – دلپسند –محبوب– معشوق.

• **مُطمَئِنُ:** صفت. (ع). اطمينان رکندڙ– بيفڪر– بي اونو– مائيٽو– سانتيڪو.

• **مُطَهَرُ:** صفت. (ع. طَهَرَ) . پاڪ ڪيل– پاڪ– صاف– معصوم بي گناهه– بي ڏوهو.

• **مُطِيعُ ج مُطِيعُ:** صفت. (ع. طوع). اِطاعت ڪندڙ– فرمانبردار– تابعدار– حڪم هيٺ– تابع– ماتحت– تَليدو– تابيني– تاٻي– تحت ۾– جوڳو– وسيڪو– خادم– ٻانهو– چٽيوان– پوئلڳ– مريد– پالڪو.

– **مُطِيعُ ڪَرَڻُ:** تابعدار بنائڻ– زير ڪرڻ– زير فرمان ڪرڻ– هيٺ ڪرڻ– ماتحت بنائڻ– قابوءَ ۾ آڻڻ. سَر ڪرڻ– فتح ڪرڻ– تابع ڪرڻ– فرمانبردار ڪرڻ– مغلوب ڪرڻ– جوڳو ڪرڻ. مريد ڪرڻ– چيلو بنائڻ– پالڪو ڪرڻ.

• **مُظَفَرُ:** صفت. (ع. ظَفَرَ). فتحمند– فتحياب– ظفرياب– ڪامياب– جيتيل– ڪٽيل– ڪامران– غالب.

• **مَظلُومُ ج مَظلُومَ:** ذ. صفت. (ع. ظُلمُ). ظلم ٿيل– ستايل– ستم زده– آزاريل. ڏکي– ڏُکي– ڏکيو– ڏک وارو.

• **مَظهَرُ:** صفت. (ع. ظَهَرَ= ظاهر ٿيڻ جي جاءِ) . (ذ) ظاهر ٿيڻ جي جاءِ– تماشگاهه– ڪيل ڏيکارڻ جي جاءِ– اسٽيج– آکاڙو.

• **مَعَ:** ظرف. (ع). ساڻ– سان– سِين– سَپارو– سميت– سوڌو– گڏ– شامل– جُٽ– سَنگ.

• **مَعا:** ظرف. (ع). فوراً– اُن وقت– سگهو– جلدي– جهٽ پٽ– يڪدم. اوچتو– ناگهان.

• **مَعَاذُ:** ذ. (ع. عوذ). پناهه– اَجهو– بچاءُ.

• **مَعَاذَالله:** ذ. الله جي پناهه– خدا جو اَجهو (ع.ا.د).

• **مَعارِفُ** ذ. (ع. عَرَفَ= هُن سڃاتو). معرفت جو جمع.

• **مَعَاشُ:** ث. (ع. عَيش) زندگي جي بقاءَ جي شيءِ– زندگيءَ جا وسيلا– ڪاڌي پيتي جو سامان– ڪاڌو– غذا– خوراڪ. پيدائش جا ذريعا– رزق– روزي– گذران– گذارو.

• **مُعاشِرَتُ:** ث. (ع. عَشَرَ) خوشيءَ جي زندگي– عيش واري حياتي. رهڻي ڪهڻي– اُٿي ويٺي.

• **مُعافُ ج مُعافَ:** صفت. (ع. مُعاف> عفو) عَفو ڪيل– بخش ڪيل– معافي ڏنل– مَرهيل. بي ڏوهو ٺهرايل– بَري– ڇڏيل– ڇُٽل– اَجو– آزاد. درگذر ڪيل. رخصت ڏنل– مامور ٿيل.

"سو موٽي ڪيئن پانهُون، جو محفوظان معاف ٿيو" (شاهه).

– **مُعافُ ڪَرَڻُ:** عَفو ڪرڻ– بخشڻ– معافي ڏيڻ– مَرهڻُ. ڪميا ڪرڻ– رحم ڪرڻ– ٻاجهه ڪرڻ– دَيا ڪرڻ. بي ڏوهي ٺهرائڻ– آزاد ڪرڻ– رهائي ڏيڻ– موڪل ڏيڻ– رخصت ڏيڻ– درگذر ڪرڻ. سزا وغيره کان هٿ جهلڻ. مهرباني ڪرڻ– رعايت ڪرڻ– احسان ڪرڻ– وَڙُ ڪرڻ.

– **مُعافي ج مُعافِيُون:** ث. بخشش– اُسراڻ. ڪميا. رهائي– خلاصي– آزادي– ڇوٽڪارو– تخفيف– رعايت– ڇڏت– ڇُوٽ (سرڪاري ڍل وغيره ۾). (صفت). جو ڍل ڀرڻ کان ڇٽل هجي.

– **مُعافيدارُ ج مُعافيدارَ:** ذ. صفت. معافي ڏنل– بخش ڪيل– آزادي ڏنل. جاگيردار.

• **مُعالِجُ:** صفت. (ع. عِلَجَ) علاج ڪندڙ– طبيب– وِيد– ويڄ.

• **مَعامِلو ج مَعامِلا:** ذ. (ع. معامله>عَمَلَ= ڪم ڪيو) ڪم – ڪار– ڪاج– عَمَلُ– حاجَ. ڌنڌو– ڪاروبار– ڪم ڪار– ڏاڙي– تجارت– واپار. خريد فروخت– ڏي وٺ– وهنوار. بحث–

Gul Hayat Institute

تڪرار— ڦڏو— خرخسو— حُجت— جهڳڙو— جهيڙو— رڳڙو— ٽنٽو— دَنگو— فساد. ريڙهه پيڙهه— گهِپي— ڪِروڌ— ڪِلڪِل— ڪِرڪِر. دعويٰ— فرياد— مقدمو— مقدمي بازي. سبب— ڪارڻ— باعث— وَجهه. ڳالهه— قِصو— واقعو— اصل حال.

— **مَعامِلاٽِي ج مَعامِلاٽِي:** صفت . تڪراري— حُجتي— بَحثي— جهَڳڙائي— جهَڳڙالُو— ڦَڏئِي— دنگائي— رڳڙائي.

• **مُعاوِنُ ج مُعاوِنَ:** صفت. (ع. عَوَنَ) مددڏيندڙ—مددگارَ— پُٺيرَو— واهِروُ—َساٿِي— حمايتي— ساٿي.

— **مُعاوِنَت:** ث . مدد— حمايت— سَهائتا— ساٿ— واهِرَ— هَمراهي — پٺيرائي.

— **مُعاوِنَت ڪَرَڻُ:** مدد ڏيڻ— حمايت ڪرڻ— واهِر ڪرڻ— همراهي ڪرڻ. تائيد ڪرڻ— پرجهلو ڪرڻ— ساٿ ڏيڻ— سهارو ڏيڻ.

• **مُعاهِدو ج مُعاهِدا:** ذ . (ع. مُعاهِدَه<عَهَدَ) عَهَدُ— اقرار— انجام— قولُ— قَرار— وچن— ٻول— وعدو— سُنهَن— سُخَنُ— قسم— عهدنامو— ناهه— صُلح.

• **مُعايَنو ج مُعاينا:** ذ . (ع. معاينه> عَينَ اک) پنهنجي اکين سان ڏسڻ جي حالت— مشاهدو— چڪاس— جانچ— پڙتال.

— **معايَنو ڪَرَڻُ:** جانچڻ— جانچ ڪرڻ— چڪاس ڪرڻ— امتحان ڪرڻ— آزمائڻ— پرکڻ— آزمائش ڪرڻ.

• **مَعبُودُ ج مَعبُودَ:** ذ . (ع. عَبدَ) عبادت ڪيل— عبادت لائق— بندگيءَ جوڳو— خُدا— الله تعاليٰ— ڌڻي تعاليٰ.

• **مُعتادُ ج مُعتادَ:** ذ . صفت(ع). هِرِيَلُ— هيراڪُ— عادتي— عِلتي. اڪثر ڏسندڙ— اڪثر ٻُڌندڙ— معمولي— هميشه واري — رواجي— دائمي.

• **مُعتَبَرُ ج مُعتَبَرَ:** ذ . صفت. (ع. عَبَرَ) اعتبار وارو— اعتبار ڪيل— ڀروسي وارو— ڪار پت وارو— ويساهه وارو— ويساهو— اِيمانِي. آبرو وارو— مانائتو— شانائتو— مان وارو— شان وارو— اشراف— سَڪرُ— موچارو— چڱو خاصو.

— **مُعتَبَرائِي ج مُعتَبَرائِيُون:** ث . معتبري— ساک— ويساهه — اعتبار — ڪاريت— ڀَروسو. عزت— آبرو— مانُ شانُ— مانارَتُ. اشرافت— سَڪرائِي— موچارائي— چڱ مڙسي— ڀَل مانسائي.

— **مُعتبري ج مُعتَبَريُون:** ث . ڏسو معتبرائي.

• **مُعتدِلُ:** صفت (ع . عَدَلَ). اعتدال وارو— مُتوسط— وچٿرو— وچولو— درمِيانو. ڀورو ڀنو— مُڏير— موچارو— ڏيمون. آلپ— مانيٺو— غريب سياءُ— نرم سياءُ— حليم— ڪُنئرو— سليم— ڪومل.

• **مُعتَرِض:** (ع. عَرَض). اعتراض ڪندڙ. (ع. ا. د).

• **مُعترِفُ:** صفت. مڃيندڙ. اعتراف ڪندڙ— اقرار ڪندڙ— قبول ڪندڙ— هائوڪار ڪندڙ— اقراري.

• **مُعتَقِدُ ج مُعتَقِدَ:** ذ . صفت. (ع. عَقَدَ). اعتقاد رکندڙ— ڀروسو رکندڙ— ويساهه رکندڙ— يقين رکندڙ. پيروي ڪندڙ— مريد— چيلو— ٻالڪو— شرڌالو— ٻوڌيو— مڃيندڙ— ٻوئلڳ— شِش— گَنڌيات— نؤڪر— خادم — تابعدار— ٻانهو— غلام.

• **مُعتَمَدُ:** ذ . صفت. (ع. عَمَدَ) اعتماد ڪيل— اعتماد وارو— ڀروسي وارو.

— **مُعجِزو ج مُعجِزا:** ذ . (ع. مُعجِزهُ= عَجَزَ) . عاجز ڪندڙ ڪم. خلاف عادت ڳالهه— قدرتي قاعدي کان ٻيءَ طرح ٿيل ڪم. اسرار— پِرتو— اچنبو— چمتڪار— عجائب الخلقت.

• **مَعجُونُ ج مَعجُون ، مَعجُونَـون:** ذ . ث . (ع. عَجَنَ =گهوٽيل). گهوٽيل دوائن جو مُرڪب— گهوٽيل ۽ پيٺل دوائن جو راٻٽو. خميرو.

• **مَعدَنُ:** ذ . ث . (ع). کاڻ(سون، چاندي وغيره جي).

— **مَعدَنِي ج مَعدنِي:** صفت. کاڻ جو— کاڻ وارو. کاڻ مان نڪتل. کاڻ جي ذات وارو.

— **مَعدَنيِات:** ث . کوٽيل شيون— کاڻ مان نڪتل شيون. (آصفيه).

— **مَعدَنِي پيدائش:** ث . کاڻ جي پيدائش (جهڙوڪ: سون، چاندي، ٽامو، پٽر، ڌاتو وغيره).

• **مَعدَن والو:** اسم خاص. تعلقي ٻاوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

• **مِعدو ج مِعدا:** ذ . (ع. مَعدَه=مَعدَ). پيٽ ۾ کاڌي رهڻ ۽ هضم ٿيڻ جي جڳهه— اوجهري— گَجي. شِڪم— پيٽ— ڍِڍُ.

• **مَعدُومَ:** صفت. (ع. عَدَمَ = هن وڃايو). عدم ڪيل— گم. فنا ڪيل— مِٽايل— نيِست— نابود.

• **مَعدُوناٽِي:** اسم خاص. تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو. (لسٽ).

• **مَعذَرَتَ ج مَعذَرتُون:** ث . (ع. عَذرَ) عذر— حيلو— بهانو— آڙ. (آصفيه). معافي— ڪِميا— بخشش.

• **مَعذُورُ ج مَعذُورَ:** ذ . صفت. (ع. عُذرُ= هن بهانو ڪيو). عذر وارو— حيلي وارو— بهاني وارو— مجبور— لاچار— بيوس— بي پهچ. نڪمو— بي ڪمو— بيڪار— ناڪام— ناڪار— ري ڪمو— ناڪار گَر— ناڪارو— نِڪار. معافي ڏنل— معافي ڪيل— بخش ڪيل— ڪِميا ڪيل. انڌو— نابين —نابينا— سورداس.

Gul Hayat Institute

– **مَغزاتَ ج مَغزاتُون:** ث . نچوڙ– مَغزُ– جوهر– تَتُ– مايو– سارُ– مُولُ– تتُ. مختلف ميوَن ۽ ڦرن جو ٻج.

– **مَغزَجورَتَ ڏيَڻُ(ت):** سخت محنت ڪرڻ–جفا ڪشي ڪرڻ.

– **مَغزُ خُوري:** ذ . مغز خوري– مٿي ماري– مغز ماري– مٿي هڻُ– خفو– ڪنراڳ.

– **مَغزَخورُ ج مَغزَخورَ:** ذ. صفت. مغزماري ڪندڙ–خفو ڪندڙ–ڪنراڳي.

– **مَغزَخوري ڪَرَڻُ:** دماغي ڪم ڪرڻ– خفو ڪرڻ–ڪنراڳ ڪرڻ.

– **مَغزَ ڦِريو ج مَغزَڦِريا(ت):** ذ . صفت. سؤدائي– خفقاني– جُنوني. مَٽير– سورهيَ.

– **مَغزَکائڻُ:** ٻَڪ ٻَڪ ڪرڻ– هَل ڪرڻ ٻڪيڙو ڪرڻ. دماغ پريشان ڪرڻ– ڪَهپي ڪرڻ– خفو ڪرڻ– ورچائڻ–هلاڪ ڪرڻ– بيزار ڪرڻ– ڏڪ ڪرڻ.

– **مَغزَ ۾ واءُ هُئَڻُ:** هَٺ هَڻُ– مغروري هئڻ– تڪبر هئڻ.

• **مَغزِي ج مَغزِيُون:** ث . ڪَنو– ڪَپُ– وَٽ– آندي– ماشي– ڪنارَ– پرت جو هڪ قسم.

– **مَغزِي ڏيَڻُ:** چمڙي کي سنهي وٽ ڏيڻ.

• **مَغفِرت ج مَغفِرتُون:** ث . (ع. غَفَرَ) بخشش– معافي– عفو. نجات–رهائي–ڇوٽڪارو–ٻاجهه–ديا–رحم–ڪرم. وڙ– ٿورو.

• **مَغفُورُ:** ذ . صفت. (ع. غَفَرَ= بخشيل– معاف ڪيل– معافي ڏنل– رها ڪيل– ڇڏيل.

• **مُغَلُ:** اسم خاص. هڪ قوم جو نالو.

• **مُغلِيِينُ:** اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو. جاتي جي شهر جو نالو(جتي ٻه ولي مغل ۽ پيِن) .

• **مُغل ٽڪُ:** اسم خاص. پرت جو هڪ قسم.

• **مُغل حَفيظُ:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَغلُوبُ ج مَغلُوبَ:** ذ . صفت. (ع. غَلَبَ= هن غلبو ڪيو) غلبو ڪيل– زيرُ– مفتوح– هارايل– جيتيل– فتح ڪيل. عاجز– غلبه ڪيل–هيسيل.

• **مَغمُومُ:** صفت. (ع. غم) غمگين– دلگير– ملول– رنجيده– حزين– محزون– آزرده– دردمند– غمزده– ڏکارو– ڏکويل– اُداس– پريشان– اَفسرده– گوندريل.

• **مُغنِي:** صفت. (ع). راڳائي. ڳَوَيو– ڪلاوَنت– ڳائڻو.

• **مُغيري(ت):** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **مَفَاصِلُ:** ذ . (ع. جمع آهي مفصل جو)هٿن. پيرن وغيره عضون جا جوڙ يا ڳنڍ– سَنڌ.

• **مَفَاصِل جو سُورُ:** سَنڌن جو سور– جوڙن جو درد.

• **مُفَاصَلو ج مُفَاصَلا:** ذ . (ع. مُفاصَلَه) ڏوري– پَنڌ– ڇيٽي– وڇوٽي– ويڇو– وٿي. گنجائش– جاءِ. ناغو– فرق– وقفو.

• **مُفَارَقَت:** ث . (ع. فرق= جُدائي) جدائي– فرق– وڇوڙو– علحدگي– علحدائي– فراق.

• **مُفت:** صفت. (ع). بنا قيمت– بنا پئسي. بنا عيوض– ناحق. بي فائدو– اجايو– بي سُوُد. خالي پيلي– بنا قصور– بي سبب– هَرو ڀَرو– نِسقُل– اُهين ئي – بنا ڏوهه.

– **مُفت مَغزهڻُ:** فضول ڳالهائڻ– اجايو مغزماري ڪرڻ– اجائي ٻَڪ ٻَڪ ڪرڻ– هنيلي ماٺهوءَ کي نصيحت ڪرڻ.

– **مُفت ۾ :** ظرف. بنا قيمت– مفت– بنا اُجرت– اُهين ئي– ناحق– بنا سبب جي– بي سبب– بنا ڪارڻ. (آصفيه).

• **مَفتُوحُ:** صفت. (ع. فتَحَ= هن کوليو) فتح ڪيل– جيتيل– ڪٽيل– زير ڪيل– مَغلوب– هاريل. کوليل– کُشادو ڪيل– ويڪرو ڪيل– اُهو اکر جنهن تي زبر ڏنل هجي– زبر وارو اکر.

• **مَفتُونُ:** ذ . (ع. فتَنَ) موهيل– شيفته– عاشق– شيدا– شيدائي– فِدا– اُڪن ڇڪن– موهت. قربان– نثار.

• **مُفتِي ج مُفتِيِ:** ذ "صفت" (ع. فتو) فتوا ڏيندڙ– شرعي حاڪم. قانون مُحمدي جو حاڪم– فِقيه جو صاحب. شارع– قاعدو جوڙيندڙ– قانونساز.

• **مُفرِحُ:** ذ . صفت. (ع. فَرَحَ) فرحت ڏيندڙ– فرحت بخش– فرحتي– طبيعت کي فرحت بخشيندڙ– طراوتي– قرار ڏيندڙ– آرامده– آسائشي– قَراري.

• **مُفرَدُ ج مُفرَدَ:** ذ . صفت . (ع. فرد) اڪيلو– ڇڙهو– نِرو– غَير مُرڪب– هڪڙو– هيڪڙو– يَڪو– يگانو– هيڪو– هيڪلو– مُجرد.

– **مُفرَدُ اَنگُ:** ذ . علم رياضي جي اصطلاح ۾ اهو انگ جو ٻاڱن ۾ ورهائجي نہ سگهي يا جنهن جا جزا نہ ٿي سگهن، جهڙوڪ: "٣، ٥، ٧، ١١، ١٣، ١٧، ١٩، ٢٣، ٢٩، ٣٧ وغيره".

• **مُفسِدُ:** ذ . صفت. (ع. فَسَدَ) فساد ڪندڙ– فسادي– جهيڙائي– فتنہ انگيز– سرڪش– خرابي وجهندڙ– باغي– بغاوت ڪندڙ– وڙنڪو– ياقي– خلَلي– نقصانڪار– حرڪتي– لُچو– اَئنٽرو– زبان خور.

• **مُفَسِر:** صفت. (ع). تفسير ڪندڙ– معنيٰ بيان ڪندڙ– شارحُ. مترجم. تعبير ڪندڙ.

Gul Hayat Institute

هڪ ديهه جو نالو.

- **مَڪانُ ٽَڪُ:** اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مَڪانُ ٽِڪو باڻ:** اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مَڪان ٿَماچ:** اسم خاص تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مَڪانُ رَنِي ڪوٽ:** اسم خاص. تعلقي محال ڪوهستان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مَڪائِڻ:** ث . صفت. مڪائي جهڙي. مڪائڻ ٻير(اها ٻير جنهن جا ٻير وڏا).
- **مَڪائِي ج مَڪائِيُون:**(سن. مَرڪَڪِه) اَن جو هڪ قسم– مڪئي.
- **مَڪائِي ٻيرُ ج مَڪائِي ٻيرَ:** ذ. ٻيرن جو هڪ قسم( هي ٻير پيوند ذريعي پيدا ڪيا ويندا آهن. پيوند ۾ خوشبوءِدار شيون وجهي خاص خاصيتون پيدا ڪيون وينديون آهن).
- **مُڪَائِڻُ:** مصدر. (سن. مُچ= موڪلڻ) گهرائڻ– سڏائڻ– ڪوٺائڻ. فيصلو قطعي ڪرڻ– حساب ڪتاب صاف ڪرڻ– ختم ڪرڻ– بس ڪرڻ– پورو ڪرڻ– خاتمو ڪرڻ– نبيائڻ(ت). (مڪائيو– مڪائيندو– مڪائيل).
- **مُڪتِ:** ث . (سن. مُنچ= ڇڏڻ) آزادي– ڇوٽڪارو– نجات– رهائي– مڪتي.
- **مُڪتُ ج مُڪَتَ:** ذ . صفت. آزاد– آجو– خلاص – ڇڏيل– رها ڪيل– نجات ڏنل– ڇوٽڪارو ڏنل.

– **مُڪتي:** ث . آزادي– ڇوٽڪارو– آزادگي– رهائي– خلاصي– نجات– آجائي– موڪ. ڪمال خوشي.

- **مَڪتَبُ ج مَڪتَبَ:** ذ . ( ع. ڪتب) لکڻ جي جاءِ. لکڻ پڙهڻ جي جڳهه– ابتدائي اسڪول– ڪتاب – ڪُتاب.
- **مُڪتو ج مُڪتَا:** ذ . صفت.( ع . مُقطع جو بگڙيل) مَڻُو– جهجهو– جام– وافر– ٻَهُون– ريلُ ڇيلُ– ڏنديِن ڏيرُ– سَيَهُو– گهڻو– ڳپل– چالُ– سَرسُ– گائبو– سَبِيلُ– بيشمار– بي انداز– هيڪاندو. آجو– ڇُٽَلُ– آزاد– رها.(ت) – جميعت. ڪليل– ڪشادو– ويڪرو– موڪرو. (ت)َ. ٻنڌنن کان آزاد– اهو اکر جنهن تي ڪا به زبر زير نه هجي. (جيئن سنڌ ۾ (واڻڪا اکر) جن جي آچار تي ڪا به نشاني نه هجي، پر ان کي زبر ڏنل سمجهيو وڃي ٿو عربي سنڌيءَ ۾ ڇئبو ڪ زبر= ڪَ واڻڪن اکرن ۾ ڇئبو ڪَڪو مُڪتو= ڪَ). (گاجرا).
- **مَڪتُوبُ:** ذ . صفت.( ع. ڪَتَبَ) لکيل– تحرير ڪيل.
- **مَڪتُوبي:** صفت. علم نحو جي اصطلاح ۾ اُهي اکر جن جا پهريان ۽ پويان اکر هڪجهڙا هجن(جي اُبتا– سُبتا هڪجهڙا هجن "جهڙوڪ: ميم، نون، واو وغيره).
- **مُڪَٽُ ج مُڪَٽَ:** ذ . (سن). مُگهٽُ – موڙُ– ڇٽُ– مُنُڪُ – تاجُ.
- **مَڪَٽُ:** ذ . جوڙ جنسيار. تماشو.

– **مَڪَٽُ مَچائِڻُ(ت):** رنگ لائي ڇڏڻ– تماشو ڪرڻ.

– **مَڪَٽُ مَچِڻُ (ت):** تماشو ٿيڻ– مزو ٿيڻ. آباد هجڻ– سرسبز هجڻ– شاداب هجڻ.(حامي).

- **مُڪَلُرُ:** ذ . صفت ( ع). گدلو– گندو– ڪِنو– ميرو– غِليظ– مٽيءَ وارو– خراب.
- **مَڪَرَ:** ث. سامونڊي جانور جو هڪ قسم.(ٽنگون سِسي ۽ مٿو هرڻ جهڙو بدن ۾ پونڊ مڇي جهڙو). علم نجوم موجب آسمان جي ٻارهن راسن مان ڏهين راس جو نالو– جَدي.

– **مَڪَرَ گهيرو:** ذ . خط جدي– جدي گهيرو.

- **مَڪَرُ ج مَڪَرَ:** ذ . ( ع) فريب– دغا– ٺڳي– دولاب– مِنهُن– ڊونگ– ڪوڙو ڏيکاءُ– ڪيڏ– ڇلُ– هيلو بهانو– مِڪرِ– گيگُ– تيتَال.

– **مَڪَرِي ج مَڪَرِي:** ذ . صفت. ٺڳ –ليبيسي– ترِيناڪ– ڊبئر– تيتَالي– گيگرَ– دغاباز– دولابي– ريبي– مڪريلو– مِڪريلو.

– **مَڪريلي:** صفت. ٺڳباز– چورٽو– ٺڳيءَ جو– هرتالو– لَچڙوَ– مڪريلو– مڪريلي– ٺڳڻو– حرفتي– پر پَنچي– اَٽڪلي– حريف– چالاڪ– ڏوپائي– رهڙو– ڏوڪيباز– دولابي– ڦندي– ڦندباز– ڇندباز.

- **مُڪَرُ ج مُڪَرَ:** ذ . مڇيءَ جو هڪ قسم– شاڪر– شَهڪرُ (ت) (صفت) اِنڪاري– نابري وارينڌڙ– ناڪار ڪندڙ– اَليندڙ.
- **مڪرانُ:** اسم خاص. بلوچستان صوبي جي هڪ ضلعي جو نالو.

– **مَڪرانِي:** صفت. مڪران ملڪ جو رهاڪو. (ذ). اُٺ جو هڪ قسم (قد جو ڊگهو، بدن ۾ گهاٽو، وار گهنڊيدار) هڪ ذات.

- **مَڪَراهِ:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مُڪررُ:** صفت. ( ع. ڪَر). بار بار ڪيل– وري وري– هر بار– ورائي. ٻئي گهمري ٻوليءَ کي رنگين بنائڻ جو هڪڙو نمونو(جنهن ۾ ساڳيو لفظ جدا جدا معنائن سان لاڳيتو ڪم آڻڻ. مثلاً: هزار هزار، هزار بلبليون. نگار نگار، سهڻو معشوق).

Gul Hayat Institute

• **مُڪَرمُ:** ذ . صفت (ع. ڪَرَمُ) ڪرم ڪندڙ– ٻاجھ ڪندڙ. بخشش ڪندڙ.

• **مُڪرڻ:** مصدر آلڙ– انڪار ڪرڻ– نہ مڃڻ– ناڪار ڪرڻ–قبول نہ ڪرڻ– ڦري وڃڻ– ناڪاري ٿيڻ(مڪريو– مُڪرندو– مڪريل).

– **مُڪرجي وڃڻُ:** الِي وڃڻ– انڪار ڪري ڇڏڻ– نابري وارڻ– ڪوڙ ڳالهائڻ.

• **مَڪرُوهُ:** ذ. صفت. (ع. ڪَرِهَ= ڪراهت جهڙو) ڪَراهت جهڙو– ٻُڇان جهڙو– نفرت جهڙو– سَوگ جهڙو– گَندو– خراب– بڇڙو– ڏڪار جهڙو. ناپسند– اڻ وڻندڙ. ناجائز– ناروا– مُردار.

• **مَڪري ج مَڪرِيُون:** ث . اسم ( ع . مخر= پاڻي چيرڻ) ٻيڙي– ڪشتي– ڍنڍي– جَل تَرني– ناءُ.

• **مَڪڙُ ج مَڪڙَ:** ذ . (سن. مَرڪَٽَ= مڪڙَ)اَڏامندڙ جيت جو هڪ قسم. (صفت). گهڻ ڪائُو– ڪائي ڪنائيندڙ.

• **مَڪڙو ج مَڪڙا:** ذ . هُرلي يا گهاٽي جي مٿئين ڪاٺيءَ ۾ اٽڪايل هڪ ننڍو ڪاٺيءَ ٽُڪرُ(ڪانجڙ ۾ پيل سَلَ مان نڪتل ڪاٺي، جنهن ۾ پُرجل جو مٿيون ڇيڙو پيل رهي) (مَلهَ يا ڪُشتيءَ ۾) ڄاڻو– انگڙو– انگڙي. درياهي ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو. ٻيڙو– وڏي ٻيڙي. گهوڙي جو هڪ قسم(پُورو، سونهري رنگ جو گهوڙو(سمند) جنهن جون نَريُون، مُشڪون، پُڇ ۽ ڪرنگهو ڪارا هجن).

• **مَڪڙي ج مَڪڙِيُون:** ث . جيت جو هڪ قسم– تِڏَ– تِڏو– پِيبَد. ننڍو مڪڙ آڏاڻي يا چرخي جو هَٿيو– مُنيو. جنڊ جي مٿئين پُڙجي وچ ۾ سَل ٽيل ڪاٺي.

• **مُڪڙي ج مُڪڙِيُون:** ث . پيڙَ– مَنَ– چاپَ– مَناڙَ– زور.

– **مُڪڙِيُون هڻڻُ:** پيڙون ڏيڻ– زور ڏيڻ– مَنڻُ– چاپڻُ– مَناڙڻُ.

• **مَڪَلَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو(اڪثر حيدرآباد سنڌ ۾) (سينسز– 1931ع).

• **مَڪلاڻي:** اسم خاص. تعلقي وارهہ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **مَڪلي:** اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهہ جو نالو. ٺٽي شهر لڳ هڪ ٽڪري جو نالو.

• **مُڪمل:** صفت. (ع. ڪَمَلَ) ڪامل ڪيل– پُورو ڪيل. پُورو– تمام– ڪامِلُ. سمپُورڻ. ڪُلُ– ثابت.

• **مُڪنُدُ:** صفت. نجات ڏيندڙ– ڇوٽڪارو ڏيندڙ– مُڪتي ڏيندڙ. (ذ). قيمتي پٿر. (اسم خاص) وشنو جو هڪ نالو. هندن جو هڪ ديوتا.

"سي سامِي سدا سَرها، مُڪندجن جي من ۾"(دلپت).

• **مَڪنو ج مَڪنا:** ذ. صفت (سن. مگنُ= غرق) مست– چريو– متوالو– پاڳل. بي پرواهہ چتو– هُڙڪيو.

– **مڪنو هاٿي:** ذ . چريو هاٿي– مست هاٿي. (صفت). پهلوان– سورهيہ– طاقتور.

• **مَڪو:** اسم خاص. ( ع. مَڪَہ) عرب ملڪ جو هڪ مشهور شهر– حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جي ڄمڻ جو شهر مڪه مڪرمه .

– **مَڪو پيتڻُ:** زيارت لاءِ مڪي ڏانهن وڃڻ. نجات حاصل ڪرڻ جا وسيلا ڪر آڻڻ. ڪنهن مشڪلات حل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري ڏسڻ.

– **مَڪو مچڻُ:** ٿوري محنت سان گهڻو نفعو ٿيڻ– سَرسِي ٿيڻ– وارو ورڻ– ڀاڳ لڳڻ– چاڙهو ٿيڻ– فائدو ٿيڻ.

"مُڙس اٿيو تہ مڪو متو پريو ستل هوندس سَڪو"(جام خان).

• **مَڪو ج مَڪَو:** ذ. آڏاڻي جي يا نارجي بنهي پاسن واري چُهنبدار نوڪ توپي واري بندوق جو توپي چاڙهڻ وارو پاسو. (ت).

• **مُڪو:** مُنجڻُ مصدر مان اسم مفعول– موڪليل.

• **مَڪوٽا(ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **مَڪول(ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **مَڪولڻُ(ل):** مصدر. مَلڻ– مهٽڻ– لائڻ– لڳائڻ– پَرڻ (هٿ وغيره).

"رات مَڪوليا مُشڪ سين، ميئي پنهنجا مود"(خليفو نبي بخش).

(مڪوليو– مڪوليندو– مڪوليل).

• **مڪ ج مڪيُون:** ث . (پرا. مَڪِي . سن. مَڪِيڪا> مڪشڪا= مَڪَ. ف. مگس= مک) اَڏامندڙ مکين جو ميڙ. بندوق جي ناليءَ تي لڳل هڪ ڪلي. بندوق جو ماشو. نظر(بندوق جي).

– **مڪ ترڪڻُ:** سُنائي هڻڻ– صفائي هڻڻ– پوشيدائي هجڻ.

• **مڪَ ج مڪَ:** ث. (سن>مرڪشڻ– مرڪش =مَلڻ– مَڪڻ) گيهہ تيل وغيره(مانيءَ يا هٿن کي) مَلڻ جي حالت– تاج پهرائڻ يا شاديءَ وقت پيشانيءَ تي سٽپ لڳائڻ جي حالت– مَل– مَهتَ. گهہَ(ڪ). کو بہ سٽپ. جو (پاڻي سان چڪڙ ڪري) چرخين (گاڏين جي) سراين يا ڪلف جي سهولت سان لاهڻ لاءِ لڳائيجي.

– **مڪَ چڪَ:** ذ . مهت سهت . بدن جي پوچار– اگهہ مهت– تارپوش. هار سينگار– زيب زينت.

Gul Hayat Institute

• **مَڪڙِي:** ث. گاهه جو هڪ قسم (تمام سني زمين تي ۽ مينهن جي پاڻي تي ٿئي، ڏاتوري جيڏو، منجهس سنهڙا ڳاڙهي ڪاري رنگ جا داڻا ٿين). ڏٿ جو هڪ قسم. مڇيءَ جو هڪ قسم (ٿول ريئي کان ٿوري وڏي، چوڏاري ڪنڊا).

• **مڪو ج مڪا(ٿ):** ذ. ڪائيءَ جو مٿو.

• **مڪو ج مڪا:** ذ. جيت جو هڪ قسم – وڏي مک (جنهن جي ويهڻ سان ڦٽ ۾ ڪيڙا لڳن).

• **مڪوراڙ:** ث. مکين جي گهڻائي – مکين جو ميڙ – مکين جي جنجهه – مکين جا پيڻيا.

– **مَڪُوراڙو ج مڪوراڙا:** ذ. وڏي مک جو هڪ قسم.

• **مَڪي ج مَڪيُون:** ث. (سن. مَڪشڪَا= مک) مک مگس. (اسم خاص) تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ مشهور ڍنڍ جو نالو.

– **مکيُون مَارڻ:** بيڪار وقت وڃائڻ – نکمو رهڻ – نِڪارُ ٿي ويهڻ – ڪو بہ ڪم ڪار نہ هجڻ – خالي پيلي وقت ضايع ڪرڻ.

• **مکيُون(ٿ):** ث. پرت جو هڪ قسم.

• **مُکي ج مُکِي:** ذ. صفت. (سن. مُک= وات، منهن، پرا. مُکَر= مکيہ) مکيہ ماڻهو – وڏو – مُک – پَريو مڙس – چوڌاري – سَرپَنچُ.

• **مُکِيائي ج مُکيائيُون:** ث. صفت. زالن ۾ مکيہ زال – زالن جي اڳواڻ. مکيءَ جي زال.

• **مُکِيارُ ج مُکيارَ:** ذ. صفت. (سن مُک= منهن، وات). ڳالهائڻ جو حق رکندڙ – هاڪاري يا ناڪاري جواب جو مختيار. اختيار وارو – خود مختيار – وسارو – رضا راڻو – مرضيءَ وارو.

– **مُکِيَاري ج مُکيَاريُ:** ث. ڪا بہ شيءِ وٺڻ مهل وٺندڙ ۽ ڏيندڙ وچ ۾ شيءِ چڪتو ڪري وٺڻ يا موٽائي ڏيڻ جو اقرار نامو. وٺڻ يا موٽائي ڏيڻ واري شرطي شيءِ.

• **مکيارڻو ج مکيارڻا(ٿ):** ذ. مکٺهارو – مکٺيارو.

• **مکيچُوسُ ج مکيچُوسَ:** ذ. صفت. چمچوس – موذي – شُوم – ڪَرِيڻُ – ڪنجوس – بخيل – ڪَدرچ – پڪو – مَٺ پيڙ – پَڪَشتُ.

• **مَکيو چَکيو:** ذ. صفت. نَئو – نئين وانگر سينگار ڪيل – ٺهڪٺو ڦهڪٺو – تار پُوشيدو – چنبڙ ڦوڪيو – سِنائيتو – پوشيدو – صفائي وارو.

• **مُکِيہَ ج مُکيہَ:** ذ. صفت. (سن. مُکُ= مُنهن، مُکيہ) مُک مُکِي. سڀ کان مٿي – اُتم. خاص. نرالو.

• **مگ ج مگون:** ث. (انگ). پشم مان ٺهيل نرم رضائي يا گاديلو.

• **مگ ج مگ(ٿ):** ذ. صفت. موڳو – ڪُند ذهن.

• **مُگٽُ ج مُگٽَ:** ذ. (سن. مُڪٽَ= موڙ) مُگهٽ. چَٽ – تاج – ڪَلنگي – مُڪٽ – مُٽڪ.

• **مگَٽ ج مگٽَ:** ذ. صفت. مُورک – اَياڻو – بيوقوف – گهيلو – بي عقل.

• **مگدَرُ ج مگدَرَ:** ذ. (سن. مُدگَرَ= مُگريو) جسماني ورزش ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جو ٺهيل ڏنڊو – مڳڊرو – مُگريو – وَنوڙُ.

• **مگَرَ:** حرف جملو. پَرَ. فقط – رُڳو – رُڳٿو.

• **مگَر (ٿ):** ث. (ع. مغروري جي مخفف مغر جو بگڙيل) مغروري – غرور وڏائي – ٺانءِ.

• **مگَرائي(ٿ):** ث. صفت. ٽَڪرائتي – جابلو – پَهٽياري – پٿرائين – پهاڙي – ڪڪريلو(زمين).

• **مگَرمانُ ج مگَرمانَ:** ذ. ساز جو هڪ قسم – شيدين جي وڃائڻ جو دَف جو هڪ قسم – مُغرمان.

• **مگَرو ج مگَرا:** ذ. ڪليل زمين جو مٿيرو ٽڪر(ٿ). (ذ. صفت). مغرور – هَٺيلو – مؤوارو. پهلوان – بهادر – جوڌو – سُورهيہ. (ٿ). ننڍڙن پٿرين وارو پٽ – پٽن ٽڪرين وچان گس.

• **مگِرو ج مگرا:** ذ. گل جو هڪ قسم (موتيءَ جي گل کان ڪجهه وڏو خوشبوءِ موتيءَ سان مشابهہ. ٻوٽو موتيءَ جي ٻوٽي جهڙو گلن جو رنگ اڇو ڪجهه پيلاڻ تي مائل). ڪَٿين جي مُحاوري ۾ ڪپڙن کُٽڻ جو مگرو.

• **مگري ج مگريُون (ٿ):** ث. ڪاٺ جي مُترڪي – مُگري. مُوريءَ جي ڦري.

• **مگريا(ٿ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **مگَسُ ج مگَسَ:** ذ. صفت. قلقليو(گهوڙو). کُٽ جي ڪاٺڻ ڪري، خاڪي بدن گهوڙن تي ٿيل چٽا(گاجرا).

• **مگسي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **مگنُ ج مگنَ:** ذ. صفت. (سن. مگنَ= غرقُ) مگهن – مَست – غلطان – غرق – ٿبيءَ ۾ ٻڏل – مؤ ۾ پريل – ريڌل – پريِيَل – خوش – پَرسن – نهال – مسرور – سَرهو – رَاضي. مشغول – رُذل – (ڪم ۾)ڦاٿل.

• **مگي(ٿ):** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **مگيا(ٿ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

• **مُلحظو ج مُلحظا:** ذ . ( ع . مُلاحِظَه) پاسو – تارو. ڏپُ– ڀؤ– خوف – ڏرُ– دابُ– انديشو– اُڏڪو– ڏيا– دهشت– رَعبُ– خيال– ويچار– ملاحظو.

• **مُلحَق:** صفت. ( ع. لَحَق) لڳل– مليل– لاڳُو. ڳنڍيل– گڏيل. مُتصل– نزديڪ– ويجهو– اوري– اوريرو. پرسان.

• **مُلغورو ج مُلغورا:** ذ. گهوڙي جي تَلَ جي هيٺان وڇايل ڪپڙو.

• **مَلِڏِسي:** اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَلَذِذ:** صفت. ( ع). لذت وارو– لَذيذ– مزيدار– خوش ذائقه– مزي وارو– وڻندڙ– ذائقيدار.

• **مُلزِم ج مُلزِمَ:** ذ . صفت. (ع. لَزَم) جنهن تي الزام لڳايو وڃي– الزام لڳايل– ڏوهه ڏنل– گنهگار– قصور وار– مجرم– خطا وار– ڏوهي.

• **مَلزُومُ ج مَلزُوم:** ذ . صفت. ( ع. لَزم) لازم ڪيل– جدا نه ٿيندڙ– سدائين گڏ.( آصفيه).

• **ملس:** ث . اُٺ جا وار.

• **مَلعُونُ ج ملعُون:** ذ . صفت. ( ع. لَعَن) لعنت ڪيل– لعنتي– لَعينُ– هَڃارو– ڦٽڪار پيل. نفرت ڪيل– ٻري ڪيل– مردود– ڌڪاريلُ. سَراپي– پاراتو ڏنل. رجيم– شيطان– ڊيوسُ. اِبليس– خَناس– عزازيل. بُڇڙو– خراب– بَدَ– ڪَڌو.

• **مَلفُوظُ ج مَلفُوظاتُ:** ذ . ( ع). بزرگن جو ڪلام. اوليائن جي ڳالهين جو لکيل ڪتاب– اوليائن جو ڪلام– مقالات اولياءَ.

• **مَلفُوفُ:** ذ . صفت. ( ع لف= ويڙهڻ) ويڙهيل– ليٽيل– بند ڪيل– ڍڪيل– پُوريل.

• **ملڪُ:** اسم خاص . هڪ قبيلي جو نالو.

• **مَلَڪُ ج مَلَڪُ:** ذ . ( ع). ملائڪ– فرشتو– هاتفُ.

• **مَلَڪُ المَوتُ:** ذ . موت جو فرشتو– عزرائيل.

• **مَلِڪُ ج مَلِڪُ:** ذ . صفت. ( ع). بادشاهه– شاهه– شهريار. فرمانروا– والي. حاڪم.

• **مَلِڪَه:** ث . بادشاهه جي زال– راڻي.

• **مِلڪ ج مِلڪُون:** ث . ( ع). ملڪيت. زمينداري. جاگيرداري. جائداد. مال– اسباب. ڌن– دولت. حق. ملڪيت.

"مِلڪ ماروءَ جي آهيان. زور نه ٿيان جوءِ"(شاهه).

• **مُلڪُ ج مُلڪُ:** ذ . ( ع) . ديسُ– ڏيسُ– ڏيهه. وطن– ساڻيهه. ولايت– ڪِشورُ– دِيارُ– اَقليم. رياست– راڄ– سلطنت– بادشاهت– عِلائقو– عملداري– ملڪيت– سرڪار– حڪمراني. صُوبو– پرڳڻو– شهر– نگر– نگري.

– **مُلڪان مُلڪُ:** ظرف. ديسان ديس. هر هنڌ. جتي ڪٿي. سڄي دنيا ۾.

– **مُلڪُ تپائڻ:** ظلم ڪرڻ– انڌير ڪرڻ– باهه ٻاري ڏيڻ– ڏاڍايون ڏيکارڻ.

– **مُلڪُ ماڻڻ:** پنهنجي وطن وري اچڻ. وطن ۾ اچي رهڻ. بادشاهي ڪرڻ– راڄ ڪرڻ– حڪومت ماڻڻ.

– **مُلڪُ مثال:** ظرف. عام مثال– پڌري پَٽُ– ظاهر ظُهور– ڪُليو ڪُلايو.

• **مُلڪِي ج مُلڪِي:** ذ . صفت. ملڪ وارو– ملڪ جو– ڏيهي– وطني– ساڻيهي– ديسي– قومي– سياسي– سرڪاري– راڄ نَتڪ– راڄوٽو.

• **مَلڪان:** اسم خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَلڪاڻي:** اسم خاص. هڪ بلوچ قبيلي جو نالو. هنڌن جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي دادوءَ تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَلڪو ج مَلڪا:** ذ . صفت. ( ع. مَلڪه) ڪنهن شيءِ جي حاصل ڪرڻ جي قوت– انسان ۾ علم يا هُنر حاصل ڪرڻ جي قوت. مَهارت– ڪمال. لياقت. قابليت. اُستادي– هوشياري. عقل– زڪاوت– فَهم– اِدراڪ– ٻُڌِي– سمجهه. هُنر. تجربو. (اسم خاص). تعلقي ميرپور ساڪري ۽ تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مُلڪو:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽ ڏيجي(خيرپور ميرس ۾) هڪ ديهه جو نالو.

• **مُلڪو واهڻ:** گنبت تعلقي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **مَلڪُوتُ:** ذ.( ع). بادشاهت– بادشاهي– حڪمراني. حڪومت– سلطاني– تاجداري. ارواح– عالم معني– عالم الغيب. فرشتن جي عبادت جو مقام. فرشتا– ملائڪ– مَلَڪ.

• **مِلڪِي:** اسم خاص. تعلقي گوني ءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مِلڪِيَتَ ج مِلڪِيَتُون:** ث . مِلڪ. زمينداري. جائداد. ڌَن– دولت– مالي– ماليات– ناڻو. مال– اسباب– اثالو. مالڪي– مُتصرفي– قبضيداري. وارثي– ورثو. اَڌڪار– حق.

• **مِلڪِيَت سَرڪارُ:** اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَلِڪذار:** اسم خاص. تعلقي ڪنڌڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو. مرد جو نالو. (مشهور مجاهد ملڪذار جکراڻي).

Gul Hayat Institute

• **مَلِڪورَ (ٿ):** ذ . سارين(اناج) جو هڪ قسم (سڳداسي سنهڙا ۽ خوشبوءِ دار چانور).

• **مَلِڪُورو ج مَلِڪُورا(ل):** ذ . صفت. هلڪي طبيعت وارو— هلڪڙو— ٽَرڙو— ٽُوٽ.

• **مَلَمُ ج مَلَمَ:** ذ . (ف. مَرهَمُ = مَلَمُ) ڦَٽن وغيره تي مَکڻ جي دوا— مَرهمُ— طِبو— ليپُ— پلستر.

— **مُلَمَع :** ذ . صفت. (ع. لَمَعَ = هو چمڪي ٿو) چمڪايل— روشن— اُجاگر. سونو پاڻي چاڙهيل— طلاچاڙهيل. ڀهڪندڙ.

— **مُلَمَعو ج مُلَمَعا:** ذ . سونو پاڻي— گلٽُ — دوڳ — طِلا— روغن. ٻاهريون ڏيک— چَرب زباني— ظاهري ڏيکاءُ— بناوَٽُ— ڏيک ويک— ظاهري. ٺَٽُ.

— **مُلَمَعي ج مُلَمَعِي:** ذ . سونو پاڻي چڙهيل— دوڳيلُ— طِلا چڙهيل. ظاهري ڏيکاءُ وارو— ڀپڪيدار— ٺَٽ وارو.

— **مُلَمَعي تي هَلَڻُ:** ظاهري ڏيک ڪرڻ— ٺَٽُ ڪرڻ.

• **مَلَمَلُ ج مَلمَلُون:** ٿ . (سن. مَلَمَل) سنهي ڪپڙي جو هڪ قسم— شَبنما— شَبنَم.

• **مَلَنگَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. مرد جونالو.

• **مَلَنگُ ج مَلَنگَ:** ذ . صفت. (ف). (سن. مَهولنگ) ڏکهو ۽ ٻُت ۾ پريل(ماڻهو). بيخود— بيهوش— آپي کان ٻاهر. مَرد مُجرد— سچو اُگهاڙو— نانگو— ننگو. الله لوڪ— فقير— طالب. قلندر شهباز جو فقير. گودڙي پوش.

— **مَلَنگِي:** ٿ . فقيري— درويشي— قلندري.

• **مَلَنگهُ ج مَلَنگهَ:** ذ . ڍانديي پکي جو هڪ قسم (ڪناري تي رهي، مڇي کائي، ڪنگ جي قسم مان).

• **مَلَڻُ:** مصدر. (سن. مر(ي) ج= مهٽڻ. ف. ماليدن= مهٽڻ) مَهٽڻ— گهَڻُ— رڳڙڻ— رهڙڻ. مالش ڪرڻ— ليپ ڪرڻ— مهٽي صاف ڪرڻ— ماڃڻ— مانجڻ— صاف ڪرڻ— صفا ڪرڻ— اڇو ڪرڻ— ڏجائڻ— چلڪائڻ— چمڪائڻ— اُجارڻ— سينگارڻ. ڪُرند هڻڻ(ل). ڪُرڙڻ— ڪُرڇڻ— رڳڙڻ— رڳڙوڪڍڻ— گِيهٽڻ— گسڪائڻ. لَسو ڪرڻ(گهوڙي ڪي) مالش ڪرڻ. ڪم ۾ لڳڻ— شروع ٿيڻ. ڳوهڻ(اٽو). پيڙون ڏيڻ— زور ڏيڻ. پرڻ. (مَليو— مَليندو— مَليل).

• **مَلِڻِي ج مَلِڻِيُون:** ٿ . مَلڻ جو ڪم— ماڃڻ جو ڪم.

• **مِلَڻُ:** مصدر. (سن. مِيلنَ> مِلَنَ> مِلَ= ڳڏجڻ) ڳڏجڻ— مِٽڻُ— پِرڻُ. ڳڏ ٿيڻ— پيڙو ٿيڻ. سنمک ٿيڻ— روبرو ٿيڻ— مقابل ٿيڻ. ڳڏجاڻي ٿيڻ— مُکا ميلو ٿيڻ— ملاقات ٿيڻ. ڳڏجڻ. مِسجڻ— رلِڻ ملڻ. ملي وڃڻ— ميل ڪرڻ— ميل ٿيڻ— ملي اچڻ— ٺهڪڻ. ٺهڪڻ— پچڻ— ميل کائڻ— جوڙ کائڻ— ملي هڪ ٿيڻ— اتفاق ڪرڻ— ٻڌي ڪرڻ— ايڪو ڪرڻ. متحد ٿيڻ. واصل ٿيڻ(رقم وغيره). مُيسر ٿيڻ. فائدو ٿيڻ. مطابق ٿيڻ— موافق ٿيڻ. جيس ٿيڻ— شريڪ ٿيڻ— شامل ٿيڻ. هم صلاح ٿيڻ. هم بستر ٿيڻ— ميلاپ ٿيڻ— جماع ڪرڻ. آميخته ٿيڻ— آميز ٿيڻ— مخلوط ٿيڻ. مرڪب ٿيڻ. هڪ جان ٿيڻ. بغلگير ٿيڻ— گلي لڳڻ. حاصل ٿيڻ— هٿ اچڻ— پرٻَڻ — پلئه پوڻ. دستياب ٿيڻ. هٿ وَسُ ٿيڻ— هٿيڪو ٿيڻ. پهچڻ— رسڻ— سهڙڻ. پُوري پوڻ— پُڄڻ— مُقابلو ڪرڻ— برَوبري ڪرڻ— برَميچڻ. جهٽڻ. چنبڙڻ. ڳنڍجڻ— لڳڻ— مائٽي ڪرڻ— سڱاوتي ڪرڻ. ڳري وڃڻ(پاڻيءَ ۾ لوڻ، کنڊ وغيره) تحليل ٿيڻ— حَل ٿيڻ.(مِليو— مِلندو— مِليل).

— **مِلڻائِي ج مِلڻائِيُون:** ٿ . ميلُ— ملنسازي— ميلاپ— ڳانڍاپو. جوڙ. موافقت.

— **مِلڻو ج مِلڻا:** ذ. صفت. ميلاپي— ميلاڻو— ملنسار— صحبتي— صحبت پسند— آشنا مزاج— دوستانو— اِخلاص مند. رلڻو مِلڻو. خَليق— ڪِلمُک— خوش جيئڙو— خوش مزاجَ— مَن مؤجي. سانتيڪو— ڪُومل— حَلِيم— مُلائم— نرم سُياءُ. مُيَسر— ملڻ جهڙو— وڻڻو— دستياب.

• **مُلڻُ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **مَلِڻاس:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مُلڻو ج مُلڻا:** ذ . پرت جو هڪ قسم.

• **مَلو ج مَلا:** ذ . (سن. مَلَ = مَرُ) بيماريءَ جو هڪ قسم— جسم تي نڪتل ڦٽَ ڦرڙيون— مَلهو— ڳوڙهاڙو.

— **مَلوچلو:** ذ . مَلو— ڦٽ ڦرڙيون.

— **مَلونِڪرڻُ:** ڦرڙيو نڪرڻ.

• **مُلو ج مُلا:** ذ. (ع. مُلا) عالم. بزرگ. مڪتب جو پڙهائيندڙ اُستاد. آخوند— مولوي— مُلا— مُلان. (ٿ. مُلڻ. مُلياڻي ج مُلياڻيون).

— **مُلپائِي:** ٿ . مُلي جو ڪم— مُلپي— مُلپو.

— **مُلَپي:** ذ . ملپائي.

— **مُلڪو ج مُلَڪا:** ذ . صفت. مُلي جو— مُلي وارو.

• **مَلَواهُ:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَلُوچا(ت):** اسم خاص.هڪ ذات جو نالو.

• **مَلوُچلوُ:** صفت. صاف— سُٺو— اڇو— اُجتو— اڇو اُجرو—

Gul Hayat Institute

سُنو– سَپهتو– صفا– اُوجل. جهلڪندڙ– جهرڪندڙ– جهلڪٽو– روشن– چمڪٽو– چمڪندڙ– جهرڪٽو.

• **مَلُوخاڻي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **مَلُورُ ج مَلُورَ:** ذ. صفت. (ع . مَلُول جو بگڙيل) مَلُولُ– مايُوس– دلگير– غمگين– اُداس– ڏکويل– ڏکارو– ڏک پريو– دردي– غمناڪ. ماندو– ساٿو– حيران– پريشان– سرگردان.

• **مَلُوڪُ ج مَلُوڪَ:** ذ . صفت. سندر– سهڻو– ناهوڪو– حسين– خوبصورت – رُوپوَنت– رُوپوان– موچارو– شڪيل– صورتوَند– سوپياوان – جميل– موهيندڙ.

– **مَلُوڪاڻ:** ث . صفت. سُهڻي– خوبصورت– حَسين– موهيندڙ– جَميل. (اسم خاص) عورت جو هڪ نالو. ملوڪن کي. ”مروئان موت، ملوڪاڻ شڪار“.

– **مَلُوڪائِي ج مَلُوڪائِيُون:** ث . سونهن – سوبيا – زينت– سُهڻائي– سُندرتا– مَلُوڪي– حُسن. سُنائي. نزاڪت. ملوڪت– باريڪ بيني– نُڪته داني– نازڪ دماغي.

– **مَلُوڪتَ ج مَلُوڪتَ:** ث. ملوڪائي– مَلُوڪي.

– **مَلُوڪڙو ج مَلُوڪڙا:** ذ. صفت. ننڍڙو مَلُوڪ– ننڍڙو سهڻو(پار). ملوڪڙو.

– **مَلُوڪي ج مَلُوڪيُون:** ث . مَلُوڪائي– مَلُوڪت.

• **مُلُوڪ :** (ع. مَلِڪُ جو جمع) بادشاهه– راجا– سلطان. امير– سردار.

• **مَلُوڪپُور جاگير:** اسم خاص. تعلقي گُوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَلُوڪ سِنگ :** اسم خاص. تعلقي ڏگهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَلُوڪ والِي:** اسم خاص. تعلقي گهوٽڪي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَلُوڪ واهِ:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَلُوڪُ هاليپوٽو:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَلُولُ ج مَلُولَ:** ذ . صفت. (ع. مَلَل) غمگين – ڏُجهارو– گُونڌريو– ڏک پريو ڏکارو– ڏکويل– اندوه گِينُ. اُداس– دلگير– اُپاٽڪو.

• **مَلُولائي ج مَلُولائيُون:** ث. غمگيني– ڏک– ڏجهو– گُونڌرُ– اندوهه– ارمان. مايوسي– دلگيري– اُداسائي– اُپاٽڪائي.

• **مَلُو مُوسِڙو ج مَلامُوسِڙا:** ذ . (ف. مويجُ) پکيءَ جو هڪ قسم– مَلاڦُوسڙو– مَوُسيئڙو.

• **مَلُونُ ج مَلاَنُ(ڪ):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم(چلرن سان. رنگ ڳاڙهيرو. سڄي ٻُت تي سائي رنگ جا ٽِڪا. (دوٽر جهڙو) منهن سنهون. پٺ ويڪري. فوٽ کان ڏيڍ فوٽ تائين ڊيگهه).

• **مَلُوَن:** ذ. صفت. (ع. لَوَن) رنگ ڏنل– رنگارنگي– رنگبرنگي– رنگين.(ع. ا. د).

• **مَلُوئِي:** اسم خاص. تعلقي ٺٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَلَهه ج مَلَهون :** ث . اسم . (سن. مَلَ) سنڌ جي پهلواني ۽ انگ بازي واري راند– سنڌي ڪُشتي.

– **مَلهه مارڻُ:** ملهه ۾ سوڀارو ٿيڻ– ٿاري ڪٽڻ– سوڀارو يا ڪامياب ٿيڻ– سرس ٿيڻ.

– **مَلهِي ج مَلهِي:** ذ . صفت. ملهه ورهندڙ– همٿ وارو بهادر– پهلوان.

• **مَلُهُ ج مَلُهَ:** ذ . صفت. (سن. مَلَ) ملهه وڙهندڙ– ملهه جو ڄاڻو– پهلوان– جوڌو– بانڪو– طاقتور(ذ).

• **مَلُهُ:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَلُهه ج مُلُهَ:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم– لاٽو پکي–مولهو پکي.

• **مُلهه ج مُلهَ :** ذ . (پرا. مُول. سن. مُوليه= مُلهه) قيمت– اگهه بَها– دام– نرخ– لاڳت– گَرتُ. (ظرف). قيمت سان– اگهه سان– مُلهه سان– مُلهه تي. (اسم خاص). ڪراچي واري پاڳي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **مُلهائتو ج مُلهائتا:** ذ . صفت. ملهه وارو– قيمتي– اَملهه– بي بها. واجبي قيمت وارو. مُلهه ورتل– خريد ڪيل– ڳِنل.

– **مُلهه چُڪائڻُ:** قيمت پچڻ– بَها پچڻ– ناٽو پچڻ– اگهه ڪرڻ.

– **مُلهُ چڙائڻُ:** ڇُٽ ڪرڻ – بي عزتو ڪرڻ.

– **مُلهُ ڪرڻُ:** قيمت ٻڌائڻ– بها ٻڌائڻ– اگهه ڪرڻ.

– **مُلهُ ڳِنهڻُ:** خريد ڪرڻ– وَٺڻ. ٺورو ڪرڻ– وڙ ڪرڻ.

– **مُلهُ ڳِنهي جهيڙو ڪَرڻُ:** ڄاڻي واڻي وڙهڻ– رُوَ ڪري وڙهڻ– خواه مخواه وڙهڻ.

– **مُلهُ ڳِنهي موچڙا کائڻُ:** ڄاڻي واڻي مار کائڻ– رُوَ ڪري ڪُٽجڻ– زور ڪري پادر کائڻ.

• **مَلهار(ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **مَلَهار:** ث . مَلارَ.

• **مَلهارُ:** ذ . هڪ راڳ جو نالو. ميگهه راڳ جي چوٿين راڳڻي جو نالو(جا سانوڻ ۾ بدي ۾ ڳائجي)برسات جي موسم ۾ ڳايل هڪ گيت.

Gul Hayat Institute

• **مُلَيِنُ**: ذ. صفت. (ع. نَيِن) نرم ڪندڙ– حَليم ڪندڙ– پٽڙو ڪندڙ. دوا قبض ڪُشا– جُلابُ.

• **مَمرَ ج مَمرُون**: ث. جانور جو هڪ قسم– ننڍڙو. ڪارو رڇُ– ٻانبي– ڏائڻ– پُوتڻي. اندر ڪندي عورت.

• **مَمات**: ث. (ع). مرڻ– موت– وفات.

• **مَماتي ج مَماتيُون**: ث. ممات. موت آيل.

• **مَمالڪُ**: ذ. (ع). ملڪ جو جمع– مُلڪَ.

• **مُمانَعَت**: ث. (ع. منَع) منَع– روڪ– رَنڊڪ– بندش– اَٽڪ– جهَل– پَل– بَندي.

• **مَمَتَ ج مَمَتَ**: ذ. مَمتا. آر.

• **مَمتا ج مَمتائُون**: ث. (سن). چاهُ– چاهت. پيارُ– پريت– پاوُ– محبت– سَنيهُ– ماءُ جو اولاد واسطي قرب– مامتا– لاڙو. اُداس– گهرج. آپو– پاٽپٽو– آپو آپٽي– خُودي– خودپسندي. غرُور– تڪبر– اَهنڪار.

• **مُمتازُ**: ذ. صفت. (ع). امتياز ڪيل– جدا ڪيل. چونڊيل– ڏُٽيلُ– دار ڪيل. عزت ڏنل. شريف– ذي شان– قدر وارو– نامُورُ– مشهور– اعليٰ– افضل– بَرتَرُ– برگُزيده– عالي مرتبي– سرفراز– اُتم.

• **مُمتَحِنُ**: ذ. صفت(ع). امتحان وٺندڙ– جانچ ڪندڙ– پرکيندڙ– آزمائيندڙ– پريکشڪ.

• **مَمدُوحُ**: صفت. (ع. مَدَحَ) تعريف ڪيل– ساراهه ڪيل– ساراهيل– واکاڻيل.

• **مَموَ(ت)**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **مَمڙا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **مَمڙو ج ممڙا**: ذ جانور جو هڪ قسم– مَمر جو مذڪر.(صف) ڇهَنندڙ– چنبڙندڙ. (ث. مَمڙي ج مَمڙيُون).

• **مُمسِڪُ**: ذ. صفت (ع). نڪرڻ کان روڪيندڙ. خرچ نه ڪندڙ– ڪَنجُوس– شُوم. تنگدل– بَخيل– اِمساڪ ڪندڙ– بنڌيج ڪندڙ (ذات کي) نڪرڻ کان روڪيندڙ– جتاءُ ڪندڙ (مباشرت ۾).

• **مُمڪِنُ**: صفت. (ع). ٿي سگهندڙ– ٿيڻ جي لائق– شُدني– ٿيڻي– ٿيڻو– سميو– هَوڻهار– هڻڻ جهڙو– قابل امڪان– امڪاني صورت. سهل– سَولي– سؤکو– آسان– سهنجو.

• **مُمڪنا**: ظرف ممڪن کان– امڪان کان– شايد– جيڪر– الاجي.

• **مَملِڪَتَ**: ث. (ع. مُلڪ= بادشاهت) بادشاهت– سلطنت– حُڪومت– راڄ.

• **مَمنُوعُ**: صفت. (ع. منَع) منع ڪيل– روڪيل– بندش پيل– رُڪاوٽ پيل– جهليل. خلاف قانون– ناجائز– ناروا– غير مباح.

• **مَمنُونُ**: ذ. صفت. (ع. مَن) احسان ڪيل– نوازيل– ٿورو ڪيل– نعمت ڏنل– بخشش ڏنل. احسان مند. شُڪر گذار– ٿورائتو– مشڪور.

• **مَمَڻُ ج مَمَڻ**: ذ. جهيڙو– جهڳڙو– تڪرار– معاملو– ٽنٽو– فساد– ڦڏو– رڳڙو– ڪِروڌ– گهٻي.

– **مَمَڻُ مَچڻُ**: جهيڙو جاڳڻ– جهيڙو ڪڙو ٿيڻ– تڪرار ٿيڻ– معاملو ٿيڻ– ٽنٽو مچڻ– فساد برپا ٿيڻ– ڦڏو جاڳڻ– رڳڙو مچڻ– ڪِروڌ ٿيڻ– گهٻي ٿيڻ– وروڌ ٿيڻ.

• **مِمِٽو ج مِمِٽا**: ذ. صفت. بُردبارَ– گنڀير. مانيٺو– مِنڊٺو. اندرڪارو– اندر ڪُنڊو.– مظلوم– سَتايل– ڏُکي.(ت).

– **مِمِٽِ سَپُ هُئَڻُ**: ڏسڻ جو مانيٺو. پر اندر جو پليت هجڻ.

• **مَمولو ج مَمولا**: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم– بلبل– سرءُ جي جهرڪي– ڪَنياٺي– گهَٽڻي(پکي). روهيءَ ۾ شين پيهڻ لاءِ پٿر جو مُهرلو.

• **مَمُونُ جوٽيجو**: اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَميرو ج مَميرا**: ذ. (ف. مامِيران= مَهمِيرو) جهنگلي ٻوٽيءَ جو هڪ قسم– اکين جي دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪي وکر جو هڪ قسم– مهميرو.

• **مَنَ**: ظرف. شال– هُوند– مانَ– جيڪر– خدا ڪري تہ– شايد – جيڪس.

• **مَنُ ج مَنُون**: ث. (سن. مَنتَ= ولوڙڻ) کير ولوڙڻ جي ماٽيءَ جو ڪاٺُ جو ٽنگ سان گول ڏِڪُ(جنهن ۾ مَنڌي ڦري).

• **مَنُ ج مَنَ**: ذ. (پرا. مَني= دل. سن. مَنَس= دل ۾ مَنَ= ويچار ڪرڻ) ماڻهوءَ جي اها سگهه جنهن سان ويچار ڪري– فڪر يا خيال پيدا ڪرڻ واري قوت. دل– هردو– چِتُ– قلب– چيتو. اندر– ضمير– جيءُ – آتما– رُوحُ– لاڙو– جهڪاءُ– رغبت– چاهُ. خيال– ويچار– غور– خوض. ڌيان. خواهش– مرضي. نيت– ارادو. (صفت). پيارو– پريتم– پيارلُ.(ت).

– **مَنُ ڀانئڻو** : صفت. دل کي وڻندڙ– دل پَسند– وڻندڙ– سُمائيندڙ– مَنُ گهُريو. روح ريجهائيندڙ– سيبائيندڙ– محبوب.

– **مَنُ ڀانئَڻي مُرادُ مانڻُ**: دل گهُريا مطلب حاصل ڪرڻ.

– **مَنُ پڄڻُ**: همدردي ٿيڻ– رحم اچڻ– قياس اچڻ.

Gul Hayat Institute

– **مَنجهہُ ڦرڻُ:** دل ۾ وسڻ– دل ۾ رهڻ– اندر جي ڳالهہ اندر ۾ رهڻ– راز رازئي رهڻ.
"ڏيل ڄنهن جو ڏنجهہ، سو ماري ٿو منجهہ ڦري" (ڪارايل).

– **مَنجهہُ ڪَڍَڻُ:** دل جو راز معلوم ڪرڻ– ڳجهہُ ڄاڻڻ– اندر جو انتُ لهڻ– ڀيد معلوم ڪرڻ.

– **مَنجهہُ ڳِنُّو:** صفت. ٻئي جو راز وٺندڙ– ٻئي جو راز معلوم ڪندڙ– ڀيد وٺندڙ– انتُ لهندڙ.

– **مَنجهہُ لَهَڻُ:** دل جي ڳالهہ معلوم ڪرڻ– دل جو راز هٿ ڪرڻ– انتُ وٺڻ– ڀيد ڪڍڻ– منجهہ ڪڍڻ.

• **مَنجهہَ (ڪ):** ٿ. مُونجهہ. اُٻٽ– اُٻس– رُڳهہ. ڏُنڌ– غُبار – لُڙاٽ.

• **مَنجهار (ڪ):** ٿ. ٻيڙيءَ جي پرماڻ واري پاسي مٿاڙ سان لڳو لڳ سڙهہ وٽ اندر سٻيل واجهہ. (ن–ب).

• **مَنجهاندڙو ج مَنجهاندڙا:** ذ. وڻ جو هڪ قسم– مجهاندڙي.

• **مَنجهاندٿو ج مَنجهاندٿا:** ذ. مَنجهاندڙو.

• **مَنجهائِڻُ:** مصدر. گَڏوچڙ ڪرڻ– جهِٽ مڪڻ ڪرڻ– مُنجهائڻ– وَرُ وِڪڙ ڏيڻ– ڀيچدار بنائڻ. ڏاڍي جو منهن ۽ ٻچاڙي گَر ڪرڻ. ڦاسائڻ– اٽڪائڻ– وات تان لاهڻ– غلط رستو ڏيکارڻ– اُبتو گَسُ وٺائڻ– گمراهہ ڪرڻ– ڀُلائڻ. حيران ڪرائڻ– بيهوش ڪرڻ. صحيح حقيقت نہ ٻڌائڻ. (مُنجهائو– مَنجهائيندو– مُنجهيل).

• **مَنجهلو ج مَنجهلا (ٽ):** ذ. گوڏ جو ڪپڙو– پوتڙو– گوڏلاڪ – لاڪوٽو– منجهہ. (ٽ).

• **مَنجهند ج مَنجهَندون:** ٿ. (سن. مَڌيہ= وچ+ اهَنَ= ڏينهن) ڏينهن جو وچ– اڌ ڏينهن– ٻن پهرن جو وقت– ٻِپَهر– ٻِپَهري– مانجهاندو– ڏَرتِپي– ٻن پهرن جي ماني.

• **مَنجهَڻُ:** مصدر. (سن. مُہ= بيهوش ٿيڻ) بيهوش ٿيڻ– صحيح رستو نہ لهڻ– ڀُلجي وڃڻ– ڀُلجڻ– اوجهڙ وڃڻ– رستي ڪاڻ ٿڙڻ. حقيقت نہ پروڙڻ– برابر جواب نہ ڏيڻ– منجهي پوڻ– گمراهہ ٿي وڃڻ– گمراهي ۾ وڃڻ. حيران ٿيڻ– مُندي ۽ ٻچاڙي گَر ٿيڻ(سٽ جي). (منهنجيو– منجهندو– مجهيل).

• **مَنجهِٽِي ٿَلُ ج مَنجهِٽِي ٿَلَ:** ذ. اسم. ڳَج جي پَرت جو هڪ قسم– وچيون ٿلُ.

• **مَنجهو ج مَنجها(ٽ):** ذ. ڄٽيءَ ۾ پير جي پاسي ڏانهن پيل وچوارو چمڙو.

• **مَنجهُولو ج مَنجهُولا:** ذ. رازڪي اوزار جو هڪ قسم– درزن پرڻ جي ڪم ايندڙ ننڍڙو چونارو.

• **مَنجهي ج مَنجهيُون:** ٿ (سن. مهشَہ= مينهن) مينهن– مَنجهہ.

• **مَنجِٽ:** ٿ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم– مَجِٽَ.

• **مَنجِرُ:** ذ. ڪنڊي جي وڻ جو ٻُور ۽ گلڙا– مجهر.

• **مَنجِرُ(ڪ):** صفت. ٿورَ چڙو مال– ڏَچر.

• **مَنجِي ج مَنجِيُون(ٽ):** ٿ. چوڀائي مال جي سڃاڻپ جو هڪ خاص نشان.

• **مَنچَرُ:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ مشهور ڍنڍ جو نالو.

• **مَنچُرُ:** (سن. مَنَهہَ شِلهہَ= ڳاڙهو سنکيو). پسارڪي وکر جو هڪ قسم– ڳاڙهو سنکيو. زهر جو هڪ قسم.

• **مَنچري(ٽ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. اصل ۾ منچرجا مهاڻا.

• **مُنحرفُ:** صفت. (ع). ڦريل– خم ڪاڏل– ورييل– ٽيڙو– ڏِنگو– ٽيڙو– سرڪش– باغي– بغاوت ڪندڙ– غدار. انڪار ڪندڙ– ناڪاري– اِنڪاري.

• **مُنحَصر:** صفت.(ع). مدار رکندڙ– آڌار رکندڙ. ٻئي جي آڌار.

• **مَنحُوسُ ج مَنحُوسَ:** ذ. صفت. (ع. نَحَس). ڪمبخت– نڀاڳو– بدبخت– ندورو– چندو– نحس– نامراد– ڪمبخت– بدنصيب. نفرت انگيز. ڪاهي ٽڪو. برو– بڇڙو– بد– خراب.

• **مَندائي ج مَندائيُون:** ٿ. هلڪائي. گهٽتائي. مندائي– خرابي– بڇڙائي. بَدي. منگهرائي– بدنيتي– دشمني– وير.

– **مَندُخواهُ ج مَندُ خواهَ:** ذ. صفت. بُرائي چاهيندڙ– ٻئي لاءِ مدائي گهرندڙ. مَٽ گهرو– بدنيت دشمن– ويري.

– **مندُخواهي ج مَندُخواهيُون:** ٿ. منگهرائي– بدنيتي– دشمني– وير. مدائي.

– **مَندَ مَندَ:** ظرف. آهستگي سان– ڌيمائي سان– نرمائي سان– هوريان– آهستي.

– **مَندو ج مَندا:** ذ. صفت. خراب– مَدو– بَدُ– مندُ– سُست. ڍرو. جهڪو– گهٽ– هلڪو. (ٿ. مَندي ج مَنديون).

– **مَندو گهرڻ:** مَدو گهرڻ– بدي چاهڻ. بدخواهہ ٿيڻ.

– **مَندو منگڻ:** مدو گهرڻ.

• **مَندُ:** ذ. (سن. مَدَ= شراب) شراب– دارون– مَذ– مَنَدَ– مَدَ.

• **مَندَ ج مَندُون:** ٿ. موسم– رُت– مُد. وقت– زمانو– سمون.

– **مَندائتو ج مَندائتا:** ذ. صفت. سُوسم وارو– موسم جو– رُتائتو– موسمي– مَدائتو– وقتائتو– وقت وارو– پوري وقت جو– مهلائتو.

Gul Hayat Institute

— مُنڌ جُون ٻَڌائڻُ: تُزُ جواب ڏيڻ. سخت لفظ ڳالهائڻ. آڏا جواب ڏيڻ.
— مُنڌ ڪرڻُ: ڪجهه بہ حاصل نہ ٿيڻ. ڇهه ماهي ۾ ڪي بہ نہ ڪمائڻ.
• مُندارُ ج مُندارَ: ذ . صفت. مُنهن دار. دلال. ڪنجوس.
• مَنداراڻي: اسم خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• مَندرُ ج مَندرَ: ذ . (سن). بندگيءَ جي جاءِ— هندو ڌرم وارن جي پوڄا پاٺ جي جاءِ— ٺاڪر دُئارو— ٺڪاڻو— مڙهي. بُتن جو گهر— بُتخانو. جسم— بدن— ديهي. ٻن لڳو لڳ سوڙهين پٽن جي وچ واري اوچي ۽ مٿانهين زمين.(ٿ).
• مَندرَ(ل): ٿ . اڇي رنگ واري ڳُٽُون— ڳُٽُون جو هڪ نالو.
"سِکر سائِي اٿم ساري، مندر ۽ مور موچاري،
طلب تيلي سندي تاري، بگي پُوري پتاري جي" (ملاح).
• مُندرَ(ٽ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو— موندر.
• مَندرَ ج مَندرَ: ذ . ڪاٺ جو واپاري— لڪڙي فروش— مودر. ڪير وارو—ڏوڙي.
• مَندرا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. مندرا.
• مُندرا: ٿ . (سن. مُدرا= مُندي) والي. ڪُنڍل— مُدرا. فقيرن ۽ جوڳين جي ڪَنن ۾ پائڻ جا وڏا گول والا. نشان. ناچ ۾ آڱرين ڪنهن خاص نموني هلائڻ جي حالت. هٺ يوگ ۾ بدن جا ڪي خاص استان. وام مارگين جي ڌرم ۾ پوريون يا ڪچوريون وغيره ڪاڏي جون گول شيون.(ڳاجرا).
• مُندراتِ(ٿ): ٿ. ڪُهاڙي يا ڪوڏر ۾ ڳَنُ وجهڻ وارو ٽنگ — ٻاهو.
• مُندرائي ج مُندرائِيُون(ل): ٿ . ڪنهن وڻ يا ٻوٽي جو(زمين ۾ هنيل) قلم.
• مُندراسِي(ٽ): ذ . ٻَرت پَرڻ جي سٽ جو هڪ قسم.
• مُندراڻِي: اسم خاص. بُگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• مُندراڻِي پُورُ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• مُندرج: صفت. ( ع. دَرجَ) درج ڪيل. داخل ڪيل— لکيل— چاڙهيل (حساب ۾).
• مُندرڻ(ٽ): مصدر. جادوءَ رستي مُندڻ.
• مُندرو ج مُندرا: ذ. (سن. مُدرا= مندي). مُندرو— وڏو ڇلو. مُندرا— مُندراَ.
• مُندري ج مُندرِيُون: ٿ . ونڊيل رڪ جي ٿالهي— ٽنگ ڪيل رڪ جي ٿالهي.
• مُندري ج مُندريُون(ٽ): ٿ . سونارن جي هڪ اوزار جو نالو. روات جهڙو ٺاهيل چانديءَ جي تندن ڇڪڻ لاءِ ٺنگن وارو هڪ اوزار. مُندري.
• مَندلُ ج مَندلَ: ذ . وڄائڻ جو ساز— مندل.
• مندي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• منڌياري: اسم خاص. لس ٻيلي ضلعي ۾ هڪ نئين جو نالو.
• مَنڌ: ٿ . (سن. مَنڌ= مناڄ) ميناڄ— مٺي ڳهاٽي رس— ماکي— مناس— شيريني. سواد— لذت.
• منڌ ج منڌ: ذ . ٿ. (سن. مَدَ= شراب. مَڌَ= ماکي) شراب— مڌ. ماکي—شهد.
• مَنڌ ج مَنڌُون: ٿ . (سن. مُگڌا)ننڍي نوجوان زال واسطي عزت ڀريو لفظ. سهڻي نوجوان زال. زال— ناري— عورت.
• منڌاٽو(ٿ): اسم خاص. گاهہ جو هڪ قسم— مانڌاٽو.
• منڌاواءِ: اسم خاص. تعلقي مِٺيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• مَنڌرا(ڪ): ٿ . بگي ڳُٽُون جو هڪ نالو.
• مَنڌرُ ج مَنڌرَ(ٽ): ذ . چنڊ— چندرما— ماهتاب.
• مَنڌرو ج مَنڌرا: ذ . صفت. ڇوٽي قد وارو— بِندرو— ڇوٽو— دودڙو(اسم خاص) منڌراقبيلي جو فرد.
— مَنڌرائي ج منڌرائِيُون: ٿ . ڇوٽو قد—جامڙائي— بِندرائي.
• منڌرو ج مِنڌرا (ٽ): ذ . صفت. ڍرڙو— ڍرو— سست— ڪاهل— ٽوٻي—آرسي.
• مَنڌري: اسم خاص ڪاڇي جي جبلن ۾ هڪ ڍوريءَ جو نالو. ڏاڙهيالي جوئر.
• مَنڌلُ ج مَنڌلَ: ذ . صفت. (منجهڻ مصدر مان) منجهيل— پريشان ٿيل— وائڙو— حيران.
• مَنڌو ج منڌا(ڪ): ذ . ڪپڙي جو هڪ قسم.
• مِنڌو ج مِنڌا: ذ . صفت. ڍرو— ڍلو— سست.
• مِنڌو ڪلهوڙو: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• مَنڌِٽو ج مَنڌِٽا: ذ . (سن. مَٽ= ولوڙڻ). ڪيرولوڙڻ لاءِ ڪاٺ جو هڪ اوزار— منڌي— جهرٽو. ڪورين جي ٽاڃيءَ ڪيڻ جو اوزار. نشان جو هڪ قسم—ضرب جو نشان. گاهہ جو هڪ قسم. منڌِيَڙو.
• مَنڌِي ج مَنڌِيُون: ٿ . (سن. مَٿ= ولوڙڻ). منڌٽو— وڏو جهرٽو— مانڌاٽي.

Gul Hayat Institute

– **مَنڊيا:** ث. وڏي مَنڊي– بيهي ولوڙڻ واري مانڌاڻي– وڏو منڌئڙو.

– **مَنڊِيءِ ساٽُ ڪرڻُ(ل):** شاديءَ ۾ لائن بعد گهوٽ ۽ ڪنوار جي مٿي تي منڊي ڇُهي ڳائڻ سان ساٽ جي هڪ رسم ادا ڪرڻ.

• **مَنڊيئڙو ج منڊِيئَڙا:** ذ . منڊي– مانڌاڻي– منڌئڙو.

• **منڊيڙو ج مَنڊِيڙا:** ذ . منڊيئڙو.

• **مَنڊَ:** ث. (سن. مَنڊ= سينگارڻ). اوساريءَ جو هڪ قسم) جنهن ۾ ڪاٺيون ڪڙيون ڪري انهن جي وچ ۾ سرون پرينديا آهن. ماڙيءَ جي ديوار ٻه ائين ٺاهيندا آهن. منڊ جي ٿولهه اٽڪل ساڍا ٽي انچ ٿئي ۽ تيغي ۾ ٻه ٿولهه ٻه انچ ٿئي، سِر اُڀي رکجڻ ۾ اچي) اڏاوت. ٺاهپ– ابتدا– شروعات. منڊاڻ(سن. مَنڊَ= پڇڻ) ٽنگ پڳل هئڻ جي حالت– منڊائي.

"انڊ ونجي، منڊ ونجي، پر ننڊ ونجي."(چوٽي).

(د). پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم. پرت جو هڪ قسم.( ڪ).

– **مَنڊَپَ:** ث . اڏاوت– اڏپ. ٿوري وقت لاءِ ٺاهيل ڪچي جاءِ– مَنڊپُ.

– **مَنڊو:** (سن . مَنڊَ= پڇڻُ) هڪ ٽنگ پڳل هئڻ سبب هڪ پير کان لوڏو ڪائي هلڻ جي حالت– منڊائي– منڊڪاڻ. منڊي هجڻ جو عارضو.(صفت). مَنڊڪ– لنگڙائي.

"انڊ هجي منڊ هجي، پر ننڊ هجي"(چوٽي).

• **مَنڊر ج مَنڊر:** ذ . (سن. مَنترهه) جادو– منتر– سحر– ڪامڻ– افسون– ٽوٽو– طلسم– ڇايا– ٽوٽو ڦيٽو– ٽوڪو– جهاڙ– ڇار– ڦاهي– پکين ڦاسائڻ جو ڄارُ. سٽاءُ– مانڊاڻ– ٽڪسات. اٽڪل بازي(.مَنڊَ= پڇڻُ) هڪ ٽنگ پڳل هئڻ سبب هڪ پير کان لوڏو ڪائي هلڻ جي حالت– منڊائي– منڊڪاڻ– منڊي هجڻ جو عارضو.(صفت) منڊڪ– لنگڙائي.

– **مَنڊرُ مَنڊڻُ:** جادو ڪرڻ. اٽڪل ڪرڻ. ٽڪسات ڪرڻ. ڄار پکيڙڻ.

• **منڊر ڪرڻ:** جادو ڪرڻ– ڪارو جادو ڪرڻ.

• **مُنڊُ ج مُنڊَ(ڪ):** ذ . ڪُهاڙيءَ جي ڳَن وجهڻ وارو حصو– پاهو.

• **مُنڊا(منڊرا):** ذ . (سن. مُدرا= مُنڊي) ڪاٺ جا والا يا ڇَلا (جي جوڳي فقير ٻانهن يا ڪَنن ۾ پائين) –مُندرا.

• **مَنڊاڻُ ج مَنڊاڻَ:** ذ . (سن. مَنڊَ= سينگارڻ) سينگار– اڏپ– اڏاوت. شروعات. مَنڊَ.

– **مَنڊاڻو ج مَنڊاڻا:** ذ . مَنڊاڻ– مانڊاڻو.

• **مَنڊا هالا:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَنڊائڻُ:** مصدر. (سن. منڊ= پڇڻُ) هڪ ٽنگ سان ٿورو لوڏو ڪائي هَلڻ– مَنڊڪائڻ.(مَنڊائيو– مَنڊائيندو– مَنڊائيل).

• **مَنڊَپُ ج مَنڊَپَ:** ذ. (سن. مَنڊپهه> مَنڊَ=سينگارڻ) اڏپ– اڏاوت. ٺاهپ. ماڻهن جي ويهڻ لاءِ ٿوري وقت لاءِ ٺاهيل ڪچي جاءِ. سينگاريل جاءِ(جنهن ۾ جهنڊيون وغيره لڳل هجن). پنڊال– شاميانو– تنبو– خيمو. ويڏي پڙهڻ لاءِ(سينگاريل) ٺهيل جاءِ(ٿ).

• **مَنڊَڪ:** ث . (سن. منڊَ= پڇڻ )منڊائي.منڊو ٿي هلڻ جي حالت.

– **مَنڊَڪَ مَنڊڪَ:** ث . منڊائيءَ ۾ هلڻ جي حالت– ٽپڪ ٽپڪ.

– **مَنڊڪَ مَنڊي:** ث . ٻارن جي راند جو هڪ قسم– هڪ پير تي هلي، ڪنهن مقرر دائري اندر راند رهندڙ مان ڪنهن ٻه هڪ کي ڪاپائڻ جي راند.

• **مَنڊَلُ ج مَنڊل:** ذ. (سن). سج يا چنڊ جي گول ٽِڪي. ڪو ٻه آسماني جسم– گرهه. سج يا چنڊ جي چوڌاري گول– مالو– دائرو– پڙُ. ڪنهن ٻه آسماني جسم جي چڪر هڻڻ جو رستو. گهيرو– گول– چڪر. گولائيءَ ۾ تارن جو ميڙ. – آسمان. گول گهر. ماڙي. ميڙ– جماعت– ٽولي. مجلس– محفل– ڪچهري– سَرمنڊل جو ساز– دَهل جو هڪ قسم– آگرين سان وڄائڻ وارو دُهل. واڄٽ– واڄو. مزو– تماشو– رهيو– وندر– پوڳ– کيل– ناٽڪ– ڏيکُ ويکُ– بناوت– ٻاهريون نمونو– رنگ رُوپ.

• **مَنڊلي ج مَنڊلِيُون:** ث . (پرا. منڊلِڪا= مجلس) مجلس– سَڀا– جماعت– ٽولي– ڪچهري– ميڙ– جَٿو– مجموعو– ساٿُ– وڳَرُ. راڳيندڙن يا ساڌو فقيرن جي ٽولي.

• **مَنڊڻُ:** مصدر. (سن. مَنڊن> مَنڊَ= سينگارڻ) ٺاهڻ– جوڙڻ– اڏڻ– تيار ڪرڻ. بنائڻ– ترتيب ڏيڻ. سٽڻ(صلاح). پکيڙڻ(ڄار). بيهارڻ– ڪڙو ڪرڻ. سينگارڻ(سن. مَنترهه) جادو ڪرڻ– منتر هڻڻ. قبضي ۾ ڪرڻ– وس ڪرڻ– جوڳو ڪرڻ. سنڀالڻ– هلائڻ– ڌيان ۾ رکڻ.(مَنڊيو– مَنڊيندو– منڊيل).

– **مَنڊيَلُ ج مَنڊيَلَ:** ذ . صفت. اڏيَل– ٺاهيل– جوڙيل– تيار ڪيل– ترتيب ڏنل– بنايل– سِٽيل. سنيگاريل– سهڻو ڪيل– خوبصورت ڪيل. پکڙيل.

• **مُنڊڻُ:** مصدر. (پرا: مُد(اِي). سن . مُنڊي(ني)= بند ڪرڻ) بند ڪرڻ– پورڻ– بندڻ. سُڪ ڪرڻ– سوگهو ڪرڻ. تالو ڏيڻ. ڏِڪڻ– روڪجڻ. قيد ڪرڻ– بند ۾ وجهڻ(سن. مَنترهه). جادو هڻڻ– منتر هڻڻ– ٽوٽو ڦيٽو رکڻ– جهاڙ وجهڻ– ڪامڻ ڪرڻ. منتر پڙهي ڪنهن کر ۾ حرڪت وجهڻ. آڪا هٽي ڪنهن کر

Gul Hayat Institute

نياءُ كندڙ– عادل– جج–ماجسٽريٽ– قاضي– مفتي– نياءُ كار– امين– ٽياكر– حَكَم– ثالث– سرپنچ. راءِ ڏيندڙ– وچ وارو.

– **مُنصِفَانَه:** صفت. انصاف روءِ– واجبي– حقي– جائز.

– **منصِفُ مِزاجُ:** ذ. صفت. انصاف پسند– لياكاري– عادل– حق گو.

– **مُنصِفِي:** ث. انصاف– نِياءُ– نِياءُ كاري. ٽِياكَري– ثالثي– امِينَپ. سچائي– رهندائي– ٽِياكُرائي– امانت– نِبيرو– فيصلو.

• **منصُوبُ:** صفت. (ع. نَصَبَ= هن کپايو) اُڀو كيل– کوڙيل– بيهاريل– کڙو كيل– قائم كيل.

• **مَنصوبو ج مَنصُوبا:** ذ. (ع. مَنصُوبَه> نَصَبَ= هن کڙو كيو) برپا كيل شيءِ– بيهاريل شيءِ. كنهن كم كي بيهارڻ يا پوري كرڻ جي تدبير– حكمت – دانائي. پَچَ گهڙَ. سوچ– ويچار. جُڳت– اُپاءُ. قصد– ارادو– منشا– خواهش. رٿ– ٺاهه– تجويز– سٽا. صلاح. سازش– فتنو– ڏُقيڙ– بغاوت– ڦَڏو.

– **مَنصُوبو كَرَڻُ:** ارادو كرڻ– سِٽ سِٽڻ. تدبير كرڻ. كنهن جي خلاف كجهه رٿ رٿڻ. سازش كرڻ– فتنو كرڻ– ڦڏو جاڳائڻ.

• **مَنصُور:** صفت. (عَ. نصرَ= هن مدد كئي) ياري ڏنل– مدد ڏنل– همراهي كيل– سهائتا ڏنل. (آصفيه). نصرت ڏنل– مُظفر– فيروزمند– فتح مند– فتحياب– سوڀارو. (اسم خاص). هك مشهور صوفي درويش حُسين بن منصور. جنهن اناالحق جو نعرو هنيو.)

• **مُنضِجُ:** ذ. دوا طور كم ايندڙ پساركي وكر جو هك قسم. كاڙهو– جوشاندو.

• **مَنطِقُ ج مَنطِقُ:** ذ. (ع. نَطقَ= هُن ڳالهايو) ڳالهائڻ. نَطقُ– گويائي. ڳالهه– گفتگو– سُخن– گفتار– ڳالهه ٻولهه– بات چيت– ٻول چال. تلفظ. لَهجو. فصاحت. خوش كلامي– خوش بياني. هك علم جو نالو– صحيح دليل آڻڻ جو علم– علم منطق– تَرک شاستر– نيلي وديا قاعدي جو بحث.

– **مَنطَقِي:** ذ. صفت. منطق جو– منطق وارو.

• **مَنطَقو ج مَنطَقا:** ذ. (ع. منطقه> نطق= پٽو) علم جاگرافي موجب ڌرتيءَ كي پنجن طبعي پٽن مان هر هك پٽو– كمربند– پٽو.

– **مَنطَقَتَ البُروجِ:** ذ. برجن جو گهيرو. راسَچكر– رَوبو.

• **مَنظَرُ ج مَنظَر:** ذ. (ع. نَظرَ). جاءِ نظر– اَک– چَشم. نظر. نگاهه– ديد. اک جو كوپو. چهرو– رخ– صورت– شكل. نظرگاهه– سيرگاهه– جلوه گاهه. تماشگاهه. نِظارو– ڏيک– ڏيكاءُ– لقاءُ. مطمح نظر– حد نگاهه– حدنظر– اَنتهاءِ نظر.

• **مَنظُورُ:** صفت. (ع. نـظرُ). نظر كيل– ڏٺل. پسند كيل. قبول كيل– مڃيل– تسليم كيل. اقرار كيل. اجازت ڏنل. بحال كيل. بجا آندل.

– **مَنظُورُ ٿيَڻُ:** بحال ٿيڻ– قبُول ٿيڻ.

– **مَنظُورُ كَرَڻُ:** قبول كرڻ– بحال كرڻ. تسليم كرڻ. مڃڻ. اجازت ڏيڻ.

– **مَنظُورِ نَظرُ:** صفت. پسنديده نظر. اكين كي وڻندڙ. مقبول– پسند– قبول– پيارو. معشوق.

– **مَنظُوري ج مَنظُوريُون:** ث . پسندي– بحالي. اِقرار– قبوليت– اجابت– رَضا– رضامندي– مرضي. موكل– اجازت. آگيا– پروانگي– اختيار.

• **مَنظُومُ:** صفت. (ع. نَظمَ). نظم كيل– پوتل. ڳنڍيل. شعر ۾ آندل– علم عروض جي بحر يا وزن ۾ آندل.

• **مَنَع ج مَنعُون:** ث . (ع). روک– پَل– جهل– اٽک– وگهن– ٻَنگ– ٻِڳَ– ٻِجكڙي– رنڊک– اڙكو– اٽكاءُ– ڇَيڊک. ممانعت. انكار.

– **مَنَع كَرَڻُ:** روكڻ– جهلڻ– پلڻ– ممانيت كرڻ– انكار كرڻ.

• **مَنَع نامو ج مَنَع ناما:** روک جو اطلاع– جهَل نامو.

• **مُنعقِدُ:** صفت. (ع. عـقدَ) ٻَڌندڙ (فاعل). ڳنڍيندڙ– ملائيندڙ – جوڙ كندڙ.

• **مُنعَقَدُ:** مقرر كيل (مفعول) رٿيل. (مجلس، ميٽنگ).

• **مُنَعَم آباد جاگيرَ:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هک ديهه جو نالو.

• **مَنفعتُ:** ث . (ع. نَفَع) فائدو– نفعو.

• **مَنفِي:** صفت. (ع). كٽ كيل– گهٽ كيل– كاٽو.

• **منفِي نشاني:** ث. اَلجبرا جي اصطلاح ۾ كاٽُو جي نشاني.

• **مَن قَلِيا(ت):** ڏَٽُ جو هک قسم.

• **مُنقَش :** صفت. (ع. نَقش) نقش و نگار كيل– چِٽ كڍيل – چِٽيل.

• **مُنقطَعُ:** صفت. (ع. قَطَع) قطع كيل– جدا كيل– وڍيل.

• **مَنقـُول :** ذ . (ع. نَقلُ). صفت. نقل كيل– اُتاريل.

• **مَنكائِي:** اسم خاص. گورچاڻي بلوچن جو هک قبيلو.

• **مُنكَرُ:** صفت. (ع. انكَرَ) انكار كيل. جنهن كي ڏسي سيكو انكار كري. مكروهه– خراب– ناشائستو– قبيح– كوٽو– معيوب.

• **مُنكِرُ ج مُنكِرَ:** ذ . صفت. انكار كندڙ– ناكار كندڙ– نابري واريندڙ– نـه مڃيندڙ– انكاري– رد كندڙ– ناكاري.

- **مَنکي:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
- **مَنکيِ لَڏُو:** اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺورو ۾ هڪ ديهہ جو نالو. مڱيلڏو (ماٺهوءَ جو نالو).
- **مَنکِهہ ج مَنکهِيُون(ل):** ث . مکڻ گڏ ڪري رکڻ لاءِ ٺکر جي وڏي دَکي.
- **مَنکهُ ج مَنکهہَ:** ذ . جاءِ جي مٿان هوا جي اچڻ لاءِ ڇت ۾ لنگهہ– بادگير. پاڻي جي پکيءَ جو هڪ قسم (پيٽ اڇو پٺي ميرانجهڙي، مٿانئس ڇِٽ) –چَڪڙو. وڙ– احساس– لائِق.
- **مَنکِهُ ج مَنکِهہَ:** ذ. تورو– وڙ– احسان– مڱهہ.

– **مَنکهُ ڪَرَڻُ:** تورو ڪرڻ– وڙڪرڻ– احسان ڪرڻ.

- **مُنکَهہ(ل):** ذ . چانورن جو هڪ قسم.
- **مُنکهائِي:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **منکهَٽُ ج منکهَٽَ:** ذ . (پرا. مَنکَتيا. سن. مُٽَڪَ= ڇَٽُ). موڙ– مُٽڪ. گهوٽ ڪي مٿي تي ٻَڌَل سهري جو هڪ قسم تاج– ڇَٽ. ٻانهن جي زيور جو هڪ قسم– منگلي– چوڙو– ٻانهوٽو(ل) – دستي– ڪنگڻ– ڪنگڻ. ڪرائي يا مُريئي ۾ پائڻ جو هڪ زيور– پازيب. ڪُرائي– مُريو– ڳُريو.
- **مُنکُهٽُ ج مُنکُهٽَ(ت):** ذ . صفت. موڳو– مُنجهيَلُ– ويڳاڻو– وساٽَلُ– ڍِلو.
- **منکَهڄ:** ت. مڇيءَ جو هڪ قسم.
- **مَنکِهرُ:** ذ . (سن. مَارُگ شِوهَ). نالو هڪ مهيني جو– ناهري.
- **مَنکهَنُ ج مَنکهَنَ:** ذ . صفت. (سن. مَنگنَ= محو). سرشار– ٻڏل– غرق– غلطان. خوشيءَ ۾ پريل– مست– بيخود.
- **مَنکهَن واري:** اسم خاص. تعلقي ڪنگري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **مُنکهَڻَ(ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **مُنکهڻُ ج مُنکِهڻَ:** ذ. (سن. ميگهہ= بادل+ورڻ= رنگ). نيري يا ڪاري رنگ جو ڪوٽ. وڏو ڪوٽ– چوغو. لباس– پوشاڪ جيت جو هڪ قسم (جو ڪَٽن ۾ رهي ۽ سمهڻ واري جو رت چوسي).

– **مُنکهڻُ وارو ڏنگُ هڻڻُ:** چُپ چپات ۾ نقصان رسائڻ.

- **مَنکهو ج مَنکهَا:** ذ . ٻسانگي ڪاٺي– ٻيلهنگُ (جو واڙ جي در تي هڻجي). مُني– توٽي. ٺڪر جي ٿانءَ جو هڪ قسم– ڪير يا ڏڌ جو وڏو ڪنگرُ(ت).

– **مَنکِهي ج مَنکهِيُون:** ث . مَنکهہ– لوٽي– دَڪِي– لاٽَ (ل) ڪنگر–لوٽو.

- **مُنکَهو ج مُنکها:** ذ . ٻوٽي جو هڪ قسم. ڏٽ جو هڪ قسم.
- **مَنکِهي:** اسم خاص. تعلقي ڪنڌڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **مُنکِهي ج مُنکِهيُون(ت):** ث . چاندي تپائڻ لاءِ لوهہ جو چورس ٺڪر.
- **مَنکِهيرَ ج مَنکِهيرِيُون:** ث . جهنگلي ڇٽو. ڏُٽ جو هڪ قسم– منکهيري.

– **مَنکهيري ج منکهيرِيُون:** ث . مَکهير.

- **مُنگُ جَ مُنگَ:** ذ . اَن جو هڪ قسم– مڱ.
- **مُنگرِي ج منگريُون(ل):** ث. ڏگري– ڏونگري– ڏُڪي– سؤٽي.
- **منگريا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڳڙهي ياسين، تعلقي روهڙي ۽ تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **مَنگڻُ:** مصدر. مَگڻ (منگيو– منگندو– منگيل).

– **مَنگ ج مَنگُون:** ث . گُهرَ– طلب– سوال. مڱڻي تيل چوڪري– مڱيندي.

– **منگايَلُ ج منگايَلَ:** ذ . صفت. مڱڻو ڪرايل. گهرايل– طلب ڪيل– سوال ڪيل.

- **منگٹُهارُ ج منگٹهارَ:** ذ . صفت. گهرندڙ– طلب ڪندڙ– سوال ڪندڙ– پينو– فقير– گداگر– بکياري.
- **مَنگندَڙُ ج مَنگندَڙَ:** ذ . صفت. گهرندڙ– طلب ڪندڙ– سوال ڪندڙ– فقير– بکياري– پينار– گدا– گداگر.
- **مَنگٹَهارَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **مَنُ مودي:** ذ . پسارڪي وَکَر جو هڪ قسم (پن سُڪل مينديءَ جهڙا، ٻج ڀاري رنگ تي، گول داڻا).
- **مَن موريو:** ذ . دوائن جي ڪم ايندڙ پسارڪي وکر جو هڪ قسم.
- **مَن موسَڙو(ت):** اسم خاص. پکيءَ جو هڪ قسم. ملاموسڙو.
- **مَن موهتو:** ذ . پسارڪي وکر جو هڪ قسم.
- **مَنن:** ث . خُودي– آپو– پاڻپو.
- **مَنَڻ ج مَنَڻُون:** ث . (سن. مر(ي) ج= صاف ڪرڻ) ڪپڙن ڪي ڌوئڻ لاءِ مصالحي ۾ وجهي مهٽڻ واري حالت– مَناڙ. انهيءَ حالت وارن ڪپڙن جو ڍِڳُ.
- **مَنَڻُ:** مصدر. (سن. مَر(ي) ج= صاف ڪرڻ) مَلَڻُ– مانجڻ. صاف ڪرڻ. گيسيءَ ۽ ڪار ۾ مَلڻ (ڪپڙا) – ڌوئڻ کان اڳ ۾ ڪپڙن ڪي مصالح ۾ وجهي مهٽڻ– مَناڙڻ– مَناڙ ڪرڻ. مهٽ سهٽ ڪرڻ– مهٽڻ (سن مر(ي) د= نِپوڙڻ) نِپُوڙڻ. زور ڏيڻ– پيڙون ڏيڻ. (سن. مَن= مڃڻ) مڃڻ– قبول ڪرڻ. وڏو ڪري سمجهڻ– عزت ڪرڻ. يقين ڪرڻ– پروسو

Gul Hayat Institute

— **منهائِڻُ:** مصدر. بهانو ڪرڻ— ميلو ڪرڻ— ڍونگ ڪرڻ— گيگ ڪرڻ— مڪر ڪرڻ.

• **مُنهَن ج مُنهَن:** ذ. اسم(سن. مُک= مُنهن. پرا. مُنهُن= مُهاندو). مُک— مهاندو— چهرو— شڪل— صورت— مُهڙ— روءِ. وات— دهن. مول— مُنڍ— بنياد— شروعات— ابتدا— پهريائين. سوراخ— ڳِڙڪي— ٽنگ— لنگهه— در— دروازو— داخلا. ڪنهن واهه يا کور ۽ ڪڙي جي نڪرڻ وارو هنڌ— مَنبع. پاڻيءَ جي پيچ. قلم جو نِب. ڪِلڪ جي چهنب. رُخ— طرف— پاسو.

— **منهانچڙو ج مُنهانچِڙا:** ذ. صفت. ڊچندڙ ٻار— ڊيڄو ٻار.

— **مُنهانڪڙو ج مُنهانڪِڙا:** ذ. صفت. روبرو— آمهون سامهون— مقابل.

— **مُنهان پَوڻُ:** ناپسند— نہ وڻڻ— نہ گهرڻ. ڪراهت اچڻ— نفرت اچڻ— آڏو اوچتو سامهون اچڻ.

— **مُنهاندُ ج مُنهاندَ:** ذ. ڳوڻ جو منهن— ٻوريءَ جو منهن.

— **مُنهاندو ج مُنهاندا:** مُنهن— شَبيهہ— شَڪل— شَباهت. آرڪان — وصف.

— **مُنهان مَنهَن:** ظرف. منهن تائين(پريل) — چوٽيءَ تائين— ڪَنان تار. روبرو— آمهون سامهون— اڳيان— مُقابل— مَهندان.

— **مُنهَن اَچو ٿيڻُ:** خراب منهن ٿيڻ— ڪو بيجا ڪم ڪرڻ.

— **منهن اَچو ڪَرَڻُ:** ڪو بيجا ڪم ڪرڻ.

— **مُنهَن اچو هُئڻُ:** پاڻ ڪي نالائق ثابت ڪرڻ.

— **مُنهَن اُگهاڙِي ج مُنهن اُگهاڙِيُون:** ث. پرٽيل عورت. بي حيا— بي شرم (عورت).

— **مُنهَن اُونداهِي ج مُنهَن اُونداهِيُون:** ث. رات جي شروعات وارو وقت— سانجهي— نماشام.

— **مُنهَن اولائي ڪَرَڻُ(ت):** سبب ٺاهڻ— بهانو ڪرڻ— عذر ڪرڻ.

— **مُنهَن بُڇڙو ج مُنهَن بُڇِڙا:** ذ. صفت. خراب منهن وارو— منهن منهن تي چڙهيل— سوڄ منهون— ڪاوڙيل.

— **مُنهن بُڇڙو ڪَرَڻُ:** خراب منهن ڪرڻ. ڪوڙو منهن ڪرڻ. منهن کي موڙو ڏيڻ ناراضگي ۽ ڪراهت جي اظهار لاءِ منهن چِبو ڪرڻ. نفرت ڏيکارڻ.

— **مُنهَن بَڪو ڪَرَڻُ:** خراب ڪم ڪرڻ— ڏڪار جهڙو ڪم ڪرڻ— اڇو منهن ڪرڻ.

— **مُنهَن بَڪو هُئڻُ:** پاڻ کي نالائق ثابت ڪرڻ— ڪين جهڙو ڪم ڪرڻ.

— **مُنهَنُ بَندُ ڪَرَڻُ:** وات بند ڪرڻ— خاموش ڪرائڻ— مات ڪرائڻ— اعتراض ڪرڻ نہ ڏيڻ. نڪتہ چيني کان روڪڻ— عيب جوئي کان مات ڪرائڻ.

— **مُنهَن ٻَرَڻُ:** منهن چمڪڻ (عبادت ڪري) — منهن مان نور ٻَکڻ.

— **مُنهَن ٻِتَ سان لَڳڻُ:** لڄي ٿيڻ— شرمندو ٿيڻ— شرمسار ٿيڻ— پشيمان ٿيڻ— پڇتاءُ ڪرڻ.

— **مُنهَن ٻَڇڻُ:** نہ وڻڻ— منهان پوڻ.

— **مُنهَن ٻَر:** ظرف. اونڌي مُنهن— اُونڌو.

— **مُنهَن ٻَرُ ڪرڻُ:** اونڌي منهن ڪرڻ— اونڌو ڍهڻ. سخت چوٽ لڳڻ. ڌوڪو کائڻ— خوار خراب ٿيڻ— ذليل ٿيڻ.

— **مُنهنُ پلي طرف ڪَرَڻُ:** ڪعبة الله شريف ڏانهن منهن ڪرڻ. حج لاءِ روانو ٿيڻ— ڪعبت الله ڏانهن سفر ڪرڻ.

— **مُنهَن پلي ولايَت ڪَرَڻُ:** منهن پلي طرف ڪرڻ.

— **مُنهَن پوڳَ:** ذ. مڻائيءَ جو هڪ قسم.

— **مُنهَن پيلو ٿِيَڻُ:** لڄي ٿيڻ— شرمندو ٿيڻ. پشيمان ٿيڻ.

— **مُنهَن تَپِي وَڃَڻُ:** چڙ ۾ منهن ڳاڙهو ٿيڻ. ڪاوڙجڻ.

— **مُنهَن تَڪَڻُ:** منهن طرف نظر ڪرڻ— صورت ڏسڻ— شڪل ڏسڻ— منهن ڏسڻ. منهن طرف گهور سان نهارڻ. ڪنهن شيءِ لاءِ واجهائڻ. جهاتيون پائڻ.

— **مُنهَن تي:** ظرف. سامهون— روبرو— بالمقابل— آمهون سامهون.

— **مَنهَن تي تَراريُونُ مارَڻُ(ڪ):** عيب جوئي ڪرڻ— ڏوهہ گناهہ کولي پڌرا ڪرڻ. دل تراشڻ— آزارڻ— ڏکوئڻ.

— **مُنهَن تي تلڪ ڏِيَڻُ(ڪ):** منهن تي ليڪا ڪڍڻ. عام اڳيان عيب جوئي ڪرڻ. راز فاش ڪرڻ.

— **مُنهن تي تَوُ گهُمائِڻُ:** ڪارو منهن ڪرڻ. ڏوهہ گناهہ ظاهر ڪرڻ. عيب کولي پڌائڻ. راز فاش ڪرڻ.

— **مُنهَن تي تَڪڙون هَڻَڻُ(ڪ):** روبرو طعنا مهڻا ڏيڻ— اورانيا ڏيڻ. سچ چئي ڏيڻ.

— **مُنهنُ تي تامِڙي گهُمائِڻُ(ڪ):** ڳالهين ۾ مياري يا حرفي ڪرڻ— ڪاٽيارو ڪرڻ.

— **مُنهَن تي تاندا ٻارَڻُ(ڪ):** ٻارڻ ٻاري ڏيڻ— ستائڻ. ظلم ڪرڻ— ظلم مچائڻ.

— **مُنهَن تي ٺوڪي ڏِيڻُ(ڪ):** روڪ ٺوڪ چئي ڏيڻ— روبرو سچ چئي ڏيڻ— منهن تي ٺهڪائي ڏيڻ.

— **مُنهَن تي پَلٽوپائِڻُ(ڪ):** روئڻ— روڄ ڪرڻ— پار ڪڍڻ— اوسارڻ. اوڇنگارون ڏيڻ.

Gul Hayat Institute

– **مُنهَن رکِٽِي ج مُنهَن رَکِٽِيون:** ث . نندي ٻار جي مُنهن مٿان وڌل ڪپڙي جي ڇتي– مُنهن رَکِي– دمدار.

– **مُنهَن رَکِي ج مُنهَن رَکِيُون:** ث . مُنهن رکِٽي.

– **مُنهنڙو ج مُنهَنڙا:** ذ . ننڍو منهن. پيارو يا منڙو منهن.

– **مُنهَن زورُ ج مُنهَن زورَ:** ذ . صفت. جنهن کي ضابطي ۾ رکي نہ سگهي. اَجهَلُ– بي لغام– بي مُهارُ. بي چيو– بي فرمان. سرڪش– فسادي–بغاوتي. شوخ(گهوڙو)– ڇڙواڳ–آزاد– اڍنگو. وات ڦاٽوڙو– بَڪ بَڪيو– ٻَڪوادي.

– **مُنهَن سُڄائِڻُ:** ناراض ٿيڻ– ڪاوڙجڻ– ٿوڪجڻ– مِٿون سُڄائڻ.

– **مُنهن سُوڄو ج مُنهَن سُوڄا:**ذ. صفت. ناراض– شُوڪيل– ٿُوڪيل– ڪاوڙيل– سِيٽيل.

– **مُنهَن شُوڪَڻُ:** منهن سُڄائڻ.

– **مُنهن ڦَٽ:** ذ . صفت. ڦاٽل منهن وارو–صاف گو. ڳالهائڻ جو رُکو.

– **مُنهَن ڦِڪو ٿِيَڻُ:** منهن هيڊو ٿيڻ– منهن زرد ٿيڻ– منهن جو پنو لهي وڃڻ– مُونجهو ٿيڻ– مايُوس ٿيڻ– غمگين ٿيڻ– اُداس ٿيڻ– حيران پريشان ٿيڻ. پشيمان ٿيڻ– شرمسار ٿيڻ– شرمنده ٿيڻ.

– **مُنهَن ڦُلَ:** ث . ڦٽي– اُلٽي– اوڪ– ڪيَ– اوڇارو.

– **مُنهَن ڦيرڻُ:** منهن ٻئي پاسي ڪرڻ. منهن موڙڻ– بي رُخي اختيار ڪرڻ. ناراضپو ڏيکارڻ– ناراضگي ڏيکارڻ.

– **مُنهَن ڪارائِي ڪَرَڻُ:** بُرو ڪم ڪرڻ– بُڇڙو ڪم ڪرڻ. ناجائز ڪم ڪرڻ.

– **مُنهَن ڪارو ج مُنهَن ڪارا:** ذ . صفت. سياه رُو. بدافعال– بدڪردار. بدنام– رُسوا– خوار– خراب– ذليل.

– **مُنهَن ڪارو ڪَرَڻُ:** منهن کي ڪاراڻ لڳائڻ– منهن کي سياهي لڳائڻ. زنا ڪرڻ– بدفعلي ڪرڻ. ناجائز ڪم ڪرڻ. بڇڙائي ڪرڻ.

– **مُنهنڪاڻَ:** ث . پرچاڻي– غم خُواري– عذر خواهي.

– **مُنهَنڪاڻ ڏِيَڻُ:** پرچاڻي ڏيڻ– غم خواري ڪرڻ.

– **مُنهَنڪاڻ لاهِڻُ:** پرچاڻي ڪرڻ– غم خواري ڪرڻ– عذرخواهي ڪرڻ. ميار لاهڻ.

– **مُنهَن ڪَيڻُ:** منهن ٻاهر ڪيڻ– ظاهر ٿيڻ– نروار ٿيڻ– ڏيکاري ڏيڻ– پڌرو ٿيڻ– نمودار ٿيڻ.

– **مُنهَن ڪَرڻُ:** رُخ ڪرڻ– اوڏانهن هليو وڃڻ. روانو ٿيڻ(بنا پڇا ڳاڇا جي). ڀڄي وڃڻ.

– **مُنهَن ڪُونشَرو ج مُنهن ڪُونشَرا:** ذ . صفت. نرم منهن وارو. شرميلو. لحاظي. حضور شرم. ڳالهائڻ ۾ نرمي ڏيکاريندڙ.

لِلي ڇِپي ڪندڙ. ٻئي جي چوڻ تي لڳندڙ– پرمتڙيو.

– **مُنهن ڪارَ:** ث . منهن ڇنڊ– منهن خال– منهن ڪال.

– **مُنهن ڪالَ:** ث . قيءَ– اُلٽي.

– **مُنهن ڪان وٺڻ(ت):** سخت ڳالهائڻ. لَڄي ڪرڻ– شرمندو ڪرڻ.

– **مُنهن ڳَاڙهو ٿِيَڻُ:** ڪاوڙ سبب منهن سرخ ٿيڻ. ڪاوڙجڻ.

– **مُنهَن گهُنجائِڻُ:** منهن ۾ گهنڊ وجهڻ. ناراض ٿيڻ– ڪَراهت ڪرڻ– نفرت ڪرڻ.

– **مُنهن لِڪائِڻُ:** منهن نہ ڏيکارڻ– پردو ڪرڻ. حجاب ڪرڻ. نٽائڻ. ڪَسائڻ.

– **مُنهَن لَڳَڻُ:** منهن پوڻ– پردو نہ ڪرڻ. حجاب نہ ڪرڻ– شرم نہ ڪرڻ.

– **مُنهَن لڳَٽِي:** ث . ڏيٺ ويٺ– ملاقات– سڃاڻپ– پَڇاڻ– واقفيت. رستو. لحاظ.

– **مُنهَن لَهَڻُ:** منهن جو پنو لهڻ. منهن جو رنگ گهٽ ٿيڻ– رونق لهڻ. ڦِڪو ٿيڻ– شرمسار ٿيڻ– لڄي ٿيڻ. پشيمان ٿيڻ .

– **مُنهَن مَاري ڪَرَڻُ:** بڪواس ڪرڻ. مهاڏو اٽڪائڻ– جهيڙو ڪرڻ– جهَڳڙو ڪرڻ. ٽَنٽو مچائڻ– رَد ڦَد ڏيڻ– حجت ڪرڻ.

– **مُنهَن مان جوتُ ظاهر ٿِيَڻُ:** منهن مان نور وسڻ– منهن چِمڪڻ.

– **مُنهَن مان رَتُ ٽِمَڻُ:** منهن ۾ رت جي گهڻائي هجڻ. حد درجي جي ڪاوڙ چڙهڻ.

– **مُنهَن مَان سَهِي ڪَرَڻُ:** چهري ڏسڻ سان دل جو حال ڄاڻڻ– قيافو سڃاڻڻ– طبيعت منجهان واقف ٿيڻ.

– **مُنهَن مَان مِٺو ٻولَڻُ:** زبان مان سٺا الفاظ ڪڍڻ. خوش اخلاقيءَ سان ڳالهائڻ. پيار وارو ڳالهائڻ.

– **مُنهَن مان مَٽِيا ٻَڪَڻُ:** منهن مان نيڪي ٻڪڻ– منهن مان بزرگيءَ ۽ ڀلائي ڏسجڻ ۾ اچڻ.

– **مُنهَن مَان نورُ ٻَڪَڻُ:** منهن مان مٽيا ٻڪڻ.

– **مُنهَن مَٽَائِڻُ:** منهن ڦيرائڻ. رخ بدلائڻ. پيرو پَچڻ– اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏيڻ– اچ وڃ بند ڪرڻ– ناراض ٿيڻ– ڪاوڙجڻ– غصو ڪرڻ.

– **مُنهَن مِٺو ج مُنهَن مِٺا(ڪ):** ذ. صفت. سهڻو– خوبصورت– سندر– حسين.

– **مُنهَن مِٺو ڪَرائِڻُ:** ڪا بہ مِٺي شيءِ ڪارائڻ– مٺائي ڪارائڻ.

– **مُنهَن مٿو پِٽَڻُ:** رڙيون ڪرڻ– دانهون ڪرڻ. آهہ و زاري ڪرڻ. روئڻ– رڙڻ . واويلا مچائڻ. فرياد ڪرڻ.

– **مُنهَن مَٽي ڪَرَڻُ:** عزت وارو ڪرڻ– عزت وڌائڻ– مانائتو ڪرڻ.

• **مَوتُ ج مَوتَ:** ذ . (ع). وفات— مرگ— فوتُ— انتقال— مرتيو— مرڻو— رضا— قضا— رحلت. ڪالُ— اجَلُ— اَزلُ— ڪتي. شامت. مصيبت. فنا.

— **مَوت اَچَڻُ:** وفات ڪرڻ. ڪالُ اچڻ— اَزَلُ اچڻ— قضائي اچڻ. مصيبت اچڻ.

— **مَوت جو گهنڊُ گَسَڻُ:** موت جو پڙلاءُ ڪنن تي پوڻ. موت اچڻ جا پسڻ پوڻ.

— **موتُ کي سَڏُ ڪرڻُ:** ڪتيءَ کي سڏڻ. عزرائيل کي سڏڻ. خوفناڪ ڪم ڪرڻ. سرُ وجڻ جهڙا ڪم ڪرڻ.

— **مَوتِمارُ ج مَوتِمارَ:** ذ . صفت. ماريندڙ. قاتل— گهاتِي— ڪاري— مارُو— خُونِي.

• **موٽڙ(ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **موتيئَڙو:** ذ . بيماريءَ جو هڪ قسم. ماتا جو هڪ قسم(جنهن ۾ داڻا موتيءَ جي داڻي جيڏا نڪرن).

• **موتِي ج موتِي:** ذ . (دراوڙي مُڪتَ.پرا. موتي. سن. موتي پڪ> مئوڪتڪَ> مُڪتا=موتي). سامونڊي سپ مان نڪتل قيمتي داڻو— ٻيڙو— مرواريد— لُؤلؤ— گوهر— دُر. مٽيو— هيرو— جواهر— رتَنُ. چمڪندڙ رتن. مٽڪو. شيشي وغيره مان ٺهيل (مصنوعي) موتي.

• **موتِيائُون:** صفت. موتين وارو. موتين سان جُڙيل.

— **موتِيءَ جو داڻو هئَڻُ:** نهايت سهڻو هئڻ— حَسين هئڻ.

— **موتِي ونڊڻُ:** موتين کي هار ناهڻ جي لاءِ ٽنگ ڪرڻ.

— **موتِيئَڙو ج موتِيئَڙا:** اسم تصغير. ننڍو موتي.

• **موتِيا:** ذ . چانورن جو هڪ قسم— موتيئا.

• **موتِيابَندُ ج موتِيابَند:** ذ . اکين جي بيماريءَ جو هڪ قسم— اک جي ماڻڪيءَ کي (ڪنهن شيءِ آڏو اچڻ سبب) پردو اچي وڃڻ جي حالت(جنهن ۾ نظر نہ پوندي آهي)— موتيا پاڻي.

• **موتيو ج موتِيا:** ذ . گُل جو هڪ قسم.

"موتيو اُتي مارِ جتي پاڻي هجي تار"(گلشڪر).

بيماريءَ جو هڪ قسم— اکين مان هر وقت پاڻي وَهڻ جي بيماري. لُڙڪ وهڻ.

— **موتِيو پاڻِي:** ذ . موتِيا بَندُ.

• **موتِي چوُر جو لڏون:** ذ . مٺائيءَ جو هڪ قسم. سنهي بُوندي مان ٺهيل لڏون.

• **موتِي چوُڙ لَغامُ:** ذ . گهوڙي جي واڇن ۾ وجهڻ جو لوهي دهانو— ڏانو (جنهن تي لوهي داڻا داڻا ٿين).

• **موتِيئا:** ذ . چانورن جو هڪ قسم— موتِيا.

• **موٽ:** ٿ . ٻوٽيءَ جو هڪ قسم( جنهن جي پاڙ دوا طور ڪم اچي) ڪَل(گاهه) جي پاڙ— موٿُ— موٿلو.( ڪ).

— **موٿالو ج موٿالا( ڪ):** ذ . موٿُ ٻوٽو.

• **موٿاجُ ج موٿاجَ:** ذ . صفت. ( ع. مُحتَاجُ= گهُرجائو) گهرجائو— ضرورتمند— محتاج. هيڻو— ڪمزور— نبل. نماڻو— غريب— نڌر.

• **موٿارو ج موٿارا(ل):** ذ . پوائتو خواب— اوٿارو.(ن . ب).

• **موٿَرُ:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج(خيرپور ميرس) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مُواٿِري:** اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **موٺو ج موٺا:** ذ . صفت. اَلِسي— آرسي— ٺوٺي— ڪاهل— سست— ڪانتُ— ڳمَ. اهو ماڻهو جو هڪ هنڌ پيو هجي— ڏِہن بي سمجهه.

• **موٺا:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.(هندو لهاڻن جو هڪ پاڙو).

• **موٺانگو:** ذ . (سن. مُوتَرمَ = سُٽ). بدن ۾ مُٽ گڏ ٿيڻ جو هنڌ— مثانو.

• **موٽَرُ ج موٽَر:** ذ . (انگ. سواريءَ جي لاءِ استعمال ٿيندڙ مِشن تي هلندڙ هڪ ننڍو محفو.

— **موٽَرُ ڊرائيوَرُ:** ذ . صفت. موٽر هلائيندڙ— شوفر.

• **موٽرُسائيڪَل ج موٽَر سائِيڪلُون:** ٿ . مِشن تي هلندڙ سائيڪل— ڦَنڦني موٽر.

• **مُوٽِري ج مُوٽِرِيُون:** ٿ. هَڙ— هڙڙِي— پَروٽي— پَروٽڙي— موٽڙي.

• **موٽڙي ج مَوٽڙِيُون:** ٿ . موٽري.

• **موٽڪڙو(ٿ):** ذ . صفت. وڏي ۽ ٿلهي داڻي وارو(اَناج).

• **موٽَڻُ:** مصدر. موٽ اچڻ— موٽي وڃڻ— موٽ ڪائڻ— وَرڻ— واپس اچڻ. پويان پير ڪرڻ— پُٺتي هٽڻ. هَٽڻ— پُٺ ڏيڻ— اصلوڪي حالت ۾ اچڻ. لهڻ(بدن ۾)— گهٽجڻ پڏارجڻ— روانو ٿيڻ— اُسهڻ— موڪلائڻ.(موٽيو— موٽندو— موٽيل).

• **موٽ ج موٽُون:** ٿ . پوئتي ورڻ جي حالت— پويان پير— واپسي. پُٺ— پُٺتي— لاڙو— روانگي— اُسهه. موٽڻ جو خرچ. ڍل يا محصول واپس ڪرڻ جي حالت. ترِورن جو ڪنهن جسم سان لڳي اٿل کائڻ جي حالت— ڪرِڻن جي موڙ.

— **موٽَائِڻُ:** مصدر. موٽائي ڏيڻ— واپس ڪرڻ— موٽي ڏيڻ— ادا ڪرڻ— واپس ڏيڻ— ورائڻ. پوئتي ورائڻ. رَد ڪرڻ— نامنظور

Gul Hayat Institute

- **موڏڪُ ج موڏڪَ:** ذ . صفت. (پرا. موڏيو. سن. موڏ+ڪ= ٿوري سمجهه وارو) ٿوريءَ سمجهه وارو— اياڻو— بيوقوف— اڄاڻ— نادان— موڏن— موڳشٽ.
- **موڏنُ ج موڏنَ:** ذ . صفت. موڳو— بيوقوف— ڪم عقل. بي همت— لانجهو.
- **موڏو ج موڏو:** ذ . صفت. (پرا. مُدڏَ. سن . مُگڏَ) سادو ماڻهو— بيوقوف— ٻالو ٻولو— ٻورڙو— مُڏُ— مُڏو.
- **موڏا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **موڏريو ج موڏِريا(ٿ):** ذ . ٿنيو ساندارو— سانداري.
- **موڏو ج موڏا:** ذ . صفت. (سن. مُنڊَ= ڪوڙائڻ) مٿي ڪُوڙيل— ٿوڙهو. گـَنجو. وارن ڪوڙيل. مٿي خالي. بنا سِڱن(جانور)— ري سِڱو.(ذ). اَٺُ— شُتر. (اسم خاص). تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مُوڏو ج مُوڏا:** صفت. (سن. سيدَيَ= چربي) چربيءَ وارو— ٿلهو — سٿيو.
- **مُوڏي جاڳير:** اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مُوڍُ ج مُوڍَ:** ذ . صفت. (سن. مُوڍه) مورک— بيوقوف— ڃَسو. موڳشَٽُ— ڏڏ— ٺٺُ— مُڏُ.
- **مؤذنُ:** ذ . صفت. ( ع. اذنُ) اذان ڏيڻ وارو— ٻانگو.
- **مُوذِي ج مُوذِي:** ذ . صفت. ( ع. اَذي= ايذاءُ ڏيڻ وارو— ايذائيندڙ— ڏکوئيندڙ. رنجائيندڙ. ظالم— جابر. شُوم— ڪَنجُوس— مَرڇُوٽ— بخيل— ڇِڇِي مار— چمچوس.(اسم خاص). تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مور ج مُورُون:** ث . (پرا. مورَن= نئين اوڀرُ. سن. مُڪولَنَ> مُڪَلَ= نئين اوڀڙ. سن. مولَ= مُڪري)نئين اوڀڙ— نئين ڦوٽ— ڦوٽاڙو— ڦوٽهڙو. ٻُورُ— انگورُ— گؤنچُ. تازا ڦٽل وڻ. قلم ڪرڻ ڪانپوءِ وڏيل وڻ. لَيُون. مني پاٽيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم.(اسم خاص). تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مورِ:** ث . ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو— ڪُوهي جو ڇيڙو. جهاز جي ڪُهي جي ڇهنب.
- **مورُ ج مورَ:** ذ . (پرا. مورو. سن. مَيورَ= مورُ) پکيءَ جو هڪ قسم— طائوس— ڪارايل— مَجورُ— مُرلا.(ٿ. ڍيل ج ڍيلون). واڳون— واگهو(ڪ). "منگهي جا تہ مور پلا" نَٽ جو هڪ جزو.(ن— ب) چوٽي— مُڪَٽُ— تاج— ڪَلنگي— ڪُلاهُ— موڙ.(اسم خاص). منگر مڇيءَ جو هڪ قسم. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- — **مورچَلُ ج مورچَلَ:** ذ . مورجي کنڀن مان ٺهيل وجٹو— چؤنرُ.
- — **مورِني ج مورنِيُون:** ث . مورجي مادي— مورڻي— ڍيل.
- — **مورڻِي ج مورڻِيُون:** ث . مورني.
- — **مورُ هَنجَڻُ:** سَهڻو هنجڻ— خوبصورت هنجڻ.
- **مُور:** ث . (ف). ماڪوڙي— ڪئلي— ڪِيڙي.
- **مُورَ:** اسم خاص. اُهي مسلمان جن اسپين تي راڄ ڪيو هو( مٿن اهو نالو مُوراڪو جي رستي اسپين وڃڻ ڪري پيو هو).
- **مُورِ:** ظرف. (سن. مُول= اصل) اصل— هرگز— مُورهين— مُوراهين— پَنڍيءَ— تمام— بلڪل— بِنهه— هڏ— ڪڏهين بہ— ماڳهين.
  "مُور نہ وسري تنهنجي چڱائي".
- — **مُوران(ڪ):** ظرف. مُور.
- — **مورهِين:** ظرف. مُور— مُوران— مُوراهين.
- **مُورَ ج مُورَ:** ذ . (سن. مُول— مُورُ) پاڙُ— جَڙ— اصل— بيخُ— بُنياد— بِناءُ. اصل سرمايو. (اُهي اَصل رُپيا جن سان سوداگري ڪئي وڃي)— اصل رقم— مُوڙي— وياج ڪان سواءِ رقم. موجُودات— ذخيرو— سامان— مال. ڏاٿو— ماده— اشتقاق. پِٽ جي پاڙ(ٿ). اصطلاح(حرف انڪاري) اصل نہ — بلڪل ئي نہ— ڪڏهن بہ نہ.
- — **موراٿو ج مُوراٿا:** ذ . صفت. مور جو— مور وارو.
- **مورڙي(ٿ):** ذ . ٻوٽي جو هڪ قسم.
- **موراسو:** اسم خاص. ڪَڇ ملڪ ۾ هڪ شهر جو نالو.(لطيفي سَير). تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **موراڪو ج موراڪا:** ذ . مني پاٽيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم.(چلر ننڍا، چلرن جو رنگ ڳاڙهو. اڇي يا سُرمائي ڪارن چلرن سان. ست پرَ، ڪرڙي ڪان سنهي منهن سان).
- — **موراڪِي موراڪيُون:** ث . موراڪو جو مونث.
- **موراڳِي ج موراڳيُون:** ث . مکيہ سِڙهہ(جهاز جو). (گاجرا).
- **مورانجهر:** اسم خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مُوراهِي:** ث. (ف. مُور= ڪئلي) وؤنڻ جي پاڙ کي لڳندڙ هڪ مرض(اڪثر ٻهرئين پاڻي ڏيڻ بعد جڏهين وؤنڻ وڏيرڙا ٿيندا، اُن وقت پاڙ ۾ زمين اندر پراڻي ڇيڻن يا ڪائين سبب اڏوهي لڳندي آهي، جنهن ڪري وؤنڻ ڪومائجي سُڪي ويندا آهن).
- **مورائِڻ(ڪ):** مصدر. پوکائڻ— پوکڻ. ٻوٽو لڳائڻ.(مورائيو— مورائيندو— مورائيل).

تارو– ڪنارو. لٽل بها– گهٽيل اگهه– سستائي– موڙي.

– **موڙاڻ:** ث . موڙائي.

– **موڙائِتو ج موڙائتا:** ذ . صفت. موڙ وارو. ڏِنگو– مُڙيَل– وَريَل– ميچرُ– ٽيڙو– ڦِڏو. بيجاءِ – اجايو– بي فائدو. اُبتو– اُلٽو– اُونڌو. موڙي وارو– موڙي مچڪي وارو.

– **موڙائڻ:** مصدر. موڙڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ. ڏِنگو ڪرائڻ. سستو ڪرائڻ.(موڙائيو– موڙائيندو– موڙائيل).

– **موڙائِي ج موڙائِيُون:** ث . قيمت ۾ گهٽتائي– سستائي.

• **موڙو ج موڙا:** ذ . وَرُ– پيچُ– موڙ– موڙَ– ڏِنگ ُ.(منهن کي ڏنل) موڙو مُچڪو– ميچُ– اشارو. حجاب– شرم– حَيا– پاسو– ٽارو– ڪنارو– موشو.(ذ. صفت). اگهه لٽل– سستو– سهانگو.

– **موڙو ڏيڻ:** منهن کي چبو ڪري نفرت جو اظهار ڪرڻ– مچڪو ڏيڻ. ڳالهه نه وٽڻ. انڪار ڪرڻ .

– **موڙو مُچڪو ج موڙا مُچڪا:** ذ . موڙو.

– **موڙو هڻڻ:** واپار جي اصطلاح ۾ اگهه گهٽ ٿيڻ. وَيا يا ماتا وغيره جو ڇِجَڻُ.

– **موڙِيُون موٽُون ڏيَڻ(ت):** ملهه جو اصطلاح ملاڪڙي ۾ ملهن جو هڪ ٻئي کي ڪيرائڻ لاءِ جانٺا هڻڻ ۽ ڦيرائڻ گهمائڻ.

• **موڙو ج موڙا:** ذ . منهن کي ڏنل ورُ– موڙو مُچڪو. انگهه– گَونجُ– انگُور– گُوشو– سَلو. درياءَ جي پاڻيءَ جي ڇڏي ويل زمين تي چاول هڪ قسم جو ٻوٽو. جانورن جي بيماريءَ جو هڪ قسم. "مال ۾ موڙو".

• **مُوڙو ج مُوڙا:** ذ . شاديءَ تي ڪنوار کي ڏنل سوغات. بد– ڳِنڙي– پَري– هَڙَ– موڙي– پَروٽي. ڪانن جي ٺهيل ڪُرسي– مُوڙهو– ڊِڳِيءَ جو ننڍڙو اوهُ.(ل).

– **مُوڙو پائڻ:** لاڳ ڏيڻ. شاديءَ ڪانپوءِ گهوٽ جي عزيزن جو ڪنوار کي ڪجهه مٺائي وغيره يا روڪڙ سوڪڙي طور ڏيڻ.

– **مُوڙو جهلڻ:** موڙو وٺڻ.

– **مُوڙو ڏيَڻ:** مُوڙو پائڻ.

– **موڙِي جِي ڳوٺِري(ل):** ث . گهوٽ جي پٽڪي ۾ ٻڌل سوپاريون وغيره پيل هڪ پرتُ پريل ننڍڙي ڳوٿري.

• **مُوڙهُ ج مُوڙهَ:** ذ . (سن. مُودَ= مُوڙهه) مُنجهُ– ڳنڍو. سَنڌُ– بندُ. ڳَنڍَ– ڳوپُ. مُنجهيل سُٽُ. عضوي جي سَنڌُ تي ٽيل سوڄ . پيٽ ۾ ٽيل بادي گولو– بادي سُورُ. درياهه جو اُهو ياڱو جنهن مان پاڻيءَ جو نيڪال نه هجي. (ت). چوپائي مال جي بيماريءَ جو هڪ قسم–(وهٽ جي آنڊي جو وڪڙ ۽ روڪ)مُوڙو.

– **مُوڙهُ سُوڙهُ:** صفت. ڊُوندڙو– اونڌي ڪنڌ. ڪَروندڙو. سُسيل– ڪِڪووڪو.

– **مُوڙهو سُوڙهو ج مُوڙِها سُوڙِها:** ذ . صفت. مُوڙهُ سُوڙهه .

• **مُوڙهلُ ج مُوڙِهَلَ:** ذ . صفت. مُنجهيل– مُنڌل– اُلجهيل ڪِڪو وڪو– وائڙو– ششدر– گهبرايل. مُورک– بي سمجهه– موڳو. وسُوڙل. گمراهه– پَليل– ٽِڙڪيل.

• **مُوڙهو جَبَلُ:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **موڙهِيو ج موڙهِيا(ت):** ذ . پٽڪو– مولهيو.(ل). ڳاڙهي حلواڻ جو پٽڪو.

• **موڙِي ج موڙِيُون:** ث . صفت. (سن. مُڌ ُ= هيٺ لهڻ) گهٽ– لاٽ واري. موڳي– مائي– ٽَڏي– ڍِلي– مَندي(بازار).

• **مُوڙِي ج مُوڙِيُون:** ث . (سن. مُولَ = اصل) ڪنهن واپار وغيره ۾ سيڙايل اصل رقم. اصل رقم– مُورُ. سيڙپ– پونجي– ملڪيت. راس– پدارت.(سن. مُولِڪا= مُوڙي) ننڍي هَڙَ– ننڍي ڳنڙي– پروٽڙي. ٻچڪو– ٻِدڙي.(سن. مُشٽ= مُٺ) ڪانين جو گَڏو. ڪانن مُٺ. پنجويهن ٻيڙين جو بندل– جهُوڙي. ڪکن مان ٺهيل سينهُوري(جا مٽي تي رکي مٽانئس دلو يا ڪو ٻه بار ڪڍجي) ويهڻ لاءِ ڪانن مان ٺهيل ننڍڙي ڪُرسي– پِيڙهو.

– **مُوڙِي ٻَڌَڻُ:** گڏو ٻڌڻ. پروٽڙي ٻڌڻ.

– **مُوڙِي ٿِيَڻُ:** نفعو ٿيڻ– فائدو حاصل ٿيڻ. هميشه لاءِ ڦرڻ کائڻ جي اُميد رهڻ.

– **مُوڙِي پَٽَڻُ:** ٻڌي ڇڏڻ– جدا ٿيڻ.

– **مُوڙِي ڪَڇَ ۾ هُئَڻُ:** هل هلان ۾ هجڻ. هلندو وتڻ.

"ساران سنيور کي، ڪڇ ۾ موڙي،
ڪڇ لَڏي، ساران ڪَڏي"(ن–ب).

• **موزاتِي (ڪ):** ث . مڪران جي کجور جو هڪ قسم.

• **موزَبرُ:** ذ . (ف. موزَه= پير+پر= کنڀ) ڪبوتر جو هڪ قسم– اُهو ڪبوتر جنهن جي پير تي کنڀ هجن.

• **موزندگاڻِي:** اسم خاص. مري بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **موزو ج موزا:** ذ . (ف. موزه) چمڙي جو جوراب. جُتي– پيراز. ڪپڙي جو جوراب.

– **موزي بَندُ ج موزي بَندَ:** ذ . جورابن ٻڌڻ جو پٽو.

• **مَوزُونُ:** ذ . صفت. (ع. وَزَنَ) وَزَنُ ڪيل– توريل. ٺهڪندڙ– ٺهندڙ – لائق– جڳائيندڙ– مُناسب– واجب– زيبا–

Gul Hayat Institute

سُهائيندڙ— نيڪُ — دُرست.

• **مُوسا:** اسم خاص. ٿَرَ ۾ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **مُوسا واهُ:** اسم خاص. تعلقي ٺٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **مُوسات:** ذ . پُوسات.

• **مُوسٽُ ج مُوسٽَ:** ذ . (سن. مِش= بهانو) بهانو— عُذر— پوزش— گيگُ تالُ. هارسينگار— لاڏ ڪوڏ— نازنخرو— انگل آرو. سستي.

• **موسڙو ج مُوسڙا:** ذ . پکيءَ جو هڪ قسم.

• **موسَلَ:** ث . (سن). مُهرلو— مُهري.

• **مُوسَلُو ج مُوسَلاٰل:** ذ . (پرا. مُوسَلَ. سن. مُوسَلَ = مُهرو) انُ چَڙڻ جو ڪاٺ جو وڏو مُهرلو— مُهري— ڏَنڊو— ڏڪرو.

• **موسِلي:** ث . (سن. مُسلي) دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻُوٽيءَ جي پاڙ(قوت باهہ ۽ ضعف دماغ لاءِ مفيد).

• **مَوسَمَ ج مُوسَمُون:** ث . ( ع). مند— رُت— فصل— ٽڙ. ويل— وقت— مهل— ايام— زمانو— سمو. موقعو. گج جي پرت جو هڪ قسم( ڪ).

— **مَوسَمِ بهار:** ث . رت بسنت— بهار جي مند— گلن جي ڪلڻ جي مند. ربيع. ڦڳڻ. مارچ. جواني— جوڀن.

— **مَوسمِ خزان:** ذ . پن ڇڻڻ جي موسم— خريف — ضعيفي— پيري— ٻڍاپڻ. زوال وارو وقت.

— **مَوسَمِي ج مَوسَمِي:** صفت. موسم جو. موسم وارو— منداڻو— ويلاڻو— وقتائتو. ٿوري وقت لاءِ. ميوي جو قسم.

• **مُوسن:** ذ . ( ع. مُحسِن). 'محسن' جو سنڌي اُچار.

"ڇتي موسن شاهہ جي پروتايا تون".

پوڙها— پير مرد— ٻُڍا. (ديوان سانگي)

• **موسو ج موسا:** ذ . حياءُ— لَڄ— حجاب— ليهہ— مرم. شرم. ڪِتر— غيرت. حيف— بدنامي— شرم جي ڳالهہ. سبب. بهانو— عذر— مِنهہ.( ڪ).

"جهوري جهڻ جي، موسو مڪڻ جو."(چوڻي).

منصوبو— ويرُ— سازش— نزاع— دشمني. مهڻو— طعنو— ٽنڪو— ويڻ— ڏوراپو.

— **موسو ڪَرَڻُ(ڪ):** بهانو ڪرڻ—عذر ڏيڻ.

— **موسو مارڻُ(ٿ):** مهڻو ڏيڻ— طعنو ڏيڻ— ويڻ ڏيڻ.

• **مُوسو ديرو:** اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **مَوسُوم:** ث . ( ع). موسم.

• **مَوسُومِي:** صفت. موسمي. ميوو.

• **مُوسيٰ:** اسم خاص. هڪ نبيءَ جو نالو.(جو بني اسرائيل يعني يهودين ۾ پيدا ٿيو. جنهن تي توريت نازل ٿيو. ڪيس ڪليم الله جو لقب مليل آهي. سندس هٿ هميشه چمڪندڙ هو ۽ سندس لٺ مشهور آهي. هو يهودين جو پيغمبر قاعدو ٻڌائيندڙ ۽ اڳواڻ هو. طور جبل تي خدا جو ديدار ڪيائين).

• **موسِياڻي:** اسم خاص. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو.

• **مَوسِي پوٽا(ٿ):** اسم خاص. قبيلي جو نالو.

• **موسِي ڦري:** اسم خاص. هڪ لَڪ جو نالو.

• **مُوسيقِي:** ذ . ( ع). ڳائڻ جو علم— ڳاين وديا . سنگيت— ڳائڻ.

• **مُوسِيقار ج مُوسِيقَارَ:** ذ . صفت. سُر تار وارو— ڳائڻو— ڳوئيو— ڪَلونت— مُطرب. ڳائڻ وڄائڻ ڄاڻندڙ .

• **مُوسِي مَڇِي:** ث . مڇي جو هڪ قسم— مَنگر— منگرو. انساني مانس کائيندڙ هڪ وڏي مڇي.

• **مُوشُ:** ذ . (اُٺن ۾) ڦڦڙن جي بيماري.

• **مُوشُ ج مُوش:** ذ . (ف . مُوش: سن. موشڪ= ڪئو). ڪوئو— چوهو—ڪئو.

• **مُوشِڪافِي ج مُوشِڪافِيُون:** ث . (ف). وار تان کَل لاهڻ— باريڪ بيني.

• **موشو ج موشا:** ذ . (سن. مُش= لڪائڻ. ڍڪڻ). پاسو— ٽارو— ڪنارو— گوشو. علحدگي— جدائي. شرم— حياءُ— لَڄ. پردو— لڪ— پرهيز.

— **موشو ڪَرَڻُ:** پرهيز ڪرڻ— پري رهڻ— گوشو ڪرڻ— ٽارو ڪرڻ. لحاظ ڪرڻ. شرم ڪرڻ—حيا ڪرڻ— لَڄ ڪرڻ.

• **مُوصِلِي :** ث . دوا طور ڪم ايندڙ پهاڙي ٻوٽيءَ جو هڪ قسم(جنهن جي پاڙ ڪتب اچي). مُوسِلي.

• **مَوصُوف:** صفت .( ع. وَصَفَ) وصف ڪيل— ساراهہ ڪيل— ساراهيل— واکاڻيل— ممدوح. بيان ڪيل— مذڪور.(ذ) علم نحو جي اصطلاح ۾ اُهو لفظ جنهن جي صفت ڏيکارڻ ۾ اچي.

• **مَوصُول:** ذ . صفت.( ع. وَصَلَ) وصل ڪيل— مليل— ملايل— ڳنڍيل— لاڳاپيل. جڙيل— ٻڌل. (ذ) گرامر موجب ضمير. (جنهن جا ٻہ قسم : (١) ضمير موصول. (٢) ضمير جواب موصول).

• **مَوضُوع:** ذ . ( ع). وضع ڪيل. رکيل— ڪيل. بيان ڪيل.(ذ). مضمون جو مقصد. عنوان. علم نحو جي اصطلاح ۾ بامعنيٰ

Gul Hayat Institute

- **مُوهو ج مُوها(ڪ):** ذ . وڻ جو هڪ قسم.
- **موهِيڙو ج موهِيڙا:** ذ . جوانيءَ جي وقت منهن تي نڪتل چمڪندڙ داڻو(ڦرڙيءَ وانگر).
- **مُوءِ ج مُوءِ:** ذ . (ف. مُو= وار) وارَ. چوٽا— جَٽائون. اونداهَ— ڪاراڻ (ڪ).
- **موئِرا(ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **موئِرو ج موئِرا(ت):** ذ . گُل جو هڪ قسم. (جنهن مان شراب ٺاهين)ٻُوٽي يا وڻ جي ٽارين کي مروڙي، ٽانوَ صاف ڪرڻ لاءِ ٺاهيل مُوئُو. ٻُهَ سان ڀريل جانور جي کَلَ. (ت). ٻُتُ— بوتو.
- **موئِڻُ:** مصدر. (سن. مَردَنَ= مهٽڻ) ٻنهي هٿن سان مَسرڻ. مهٽڻ. مِلائڻ. لوئِڻُ(ڪپڙو) نِپُوڙڻ— مَروڙڻ. موڙڻ. وَٽَڻُ— ويڙهڻ. ورائڻ. (پرا. مَيَڻُ. سن. مِد= سٽيو ڪَرڻ) ڪنهن شيءِ کي سٽيو ڪرڻ، ملائڻ. گيهه سان اٽو ڳوهڻ.
- **موءِ:** ذ . مايا جو زور. جوانيءَ جو نشو. زور— ڏئو— خمار— مستي.
- **مُوئُو ج موئا:** ذ . سَرَن جو ڇُڳو— مُوڙو. (ت). ڪکن يا اڳڙين مان ٺاهيل مُوئُرو. (ل— ت). مَشعل— مَشال. وڻ جو هڪ قسم. (ڪ).
- **مُوئِي:** ث . مڇيءَ جو هڪ قسم.
- **مُوئِيدان:** اسم خاص. ڪراچي کان اتر هڪ ديهه جو نالو.
- **موئِيداڻ:** اسم خاص. مُول کان اُڀرندي طرف هڪ جبل جو نالو.
- **موئِيرو ج موئِيرا(ت):** ذ . اُٺَ جي پَلاڻ جي گادين ۾ نرم ٽيڻ لاءِ وڌل ڪانهن جي سَرن جا ٻَند.
- **موئِيلو ج موئِيلا(ت):** ذ . ترِن ۽ مُگَن جي فصل کي نقصان رسائيندڙ جيت جو هڪ قسم.
- **مويا:** ذ . ( ع. ماءِ ) پاڻي— آب. (ن— ب). (اسم خاص). تعلقي گَوني‌ءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مويشِي:** ذ . (ف). چؤپايو مال(مال مويشي). چوپائي مال جي وڪري تي ورتل سرڪاري محصول.
- **مَه:** ذ . (ف. مَاهُ جو مخفف). چَنڊ— قمر— ماهتاب— چَنڊر.
- **مَهُ (ڪ):** ذ . (سن. مَه= ماکي) ماکيءَ جي مک— شَهد مَکي.
- **مِه :** ذ . صفت. (ف). وڏو. بزرگ.
- **مِهُ ج مِهَ(ل):** ذ . (سن. مش= بهانو ڪرڻ). بهانو— مِنهُن— عذر. چارو— علاج.
- **مَها:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مَها :** صفت. ظرف. (سن). وڏو شاهي— اُتم— عالي— بُلند— اُچو. ڏاڍو— سخت. زور وارو— قوي— ڳرو. مضبوط— تمام گهڻو— بي انت— اپار. زياده(طرف). ڏاڍو— نهايت— تمام— بلڪل— زور— نِپُور.(ذ). مرڪبات اڳيان ڪم ايندڙ لفظ ("مُهاپُرش، مَهاتما، مهاتير").

— **مَها ڀارتُ:** ث . ڀارت جي وڏي عظيم جنگ(جا پاندون ۽ ڪورون جي وچ ۾ لڳي) جي احوال وارو ڪتاب.

— **مَهاتما ج مَهاتِما: مَهاتمائون:** ذ . صفت. مَها اُتما— پاڪ روح وارو ماڻهو. وڏو پهتل ماڻهو— خدا ترس— ولي— سَنت. نيڪ چلن— ڳڻوان. پاڪ.

— **مَهاپاپِي ج مَهاپاپِي:** ذ . صفت. وڏو گنهگار.

— **مَهاپُرش:** ذ . صفت. وڏو ماڻهو. مَهاتما. وڏو سَنت.

— **مَهاجَنُ ج مَهاجَنَ:** ذ . صفت. مشهور ماڻهو. پَريو مڙس— پَٽيل— مُکي— ٻڌي جو واپاري. واپاري— سوداگر. شاهوڪار— شراف— صراف. نيات— سماج پنگت. راج —راج —مهاجڻ .

— **مَهاديو:** ذ . صفت. چمڪندڙ چهري وارو. (اسم خاص). (هندن ۾)شو مهراج جو ٻيو نالو.

— **مَهاراجا ج مَهاراجا:** ذ . صفت وڏو راجا— شهنشاه—سلطان— قيصر.

— **مَهاراڻو ج مَهاراڻا:** ذ . صفت. مهاراجا.

— **مهاراڻِي ج مَهاراڻِيُون:** ث . صفت. وڏي راڻي— بادشاه بيگم— قيصره— ملڪه.

— **مَها ساگرُ ج مَهاساگرَ:** ذ . وڏو سمنڊ— بَحر.

— **مَهاشِيه :** ذ . صفت. (هندن جي اصطلاح ۾) سٺو ماڻهو— آبرو وارو— مُعزز— مانوارو— مانائتو. جناب— مسٽر.

— **مَهامِرِي:** ث . وڏو مرض— وڏي بيماري. گهڻو موت آڻيندڙ ڪا بہ بيماري. پليگ.

- **مَهَا ڀارَتُ:** ذ . (سن). هندن جو وڏو ڌرمي ڪتاب(جنهن ۾ آرين جي ٻن ڌرين ڪورون ۽ پاندون جي لڙائي جو تفصيلي احوال .
- **مَهاتَمَ :** اسم خاص. (سنڌ جي مسلمانن جي) هڪ ذات جو نالو.
- **مُهاجِرُ ج مُهاجِرَ:** ذ . (صفت. ( ع. هَجَرَ). هجرت ڪندڙ— لڏيندڙ. هڪ هنڌان لڏي ٻئي هنڌ ويندڙ— پنهنجو اصلوڪو ملڪ ڇڏي، ٻئي ملڪ ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪندڙ. مسافر. حضرت محمد صلعم جن سان گڏ مڪه شريف کان مديني مُنور ڏي هجرت ڪندڙ.

— **مُهاجرَت:** ث . وڇوڙو— لاڏاڻو. علحدگي— جدائي. وطن ڇڏي هليو وڃڻ جي حالت— هجرت.

- **مُهاڇِڙُ:** ذ . صفت. (سن. مُکُ= وات)ساڳيءَ ماءُ جو ڀھريون

Gul Hayat Institute

مَري ويل ٻارُ جمڻ کانپوءِ، ٻيو ڄاول(ٻار)نازڪ ۽ ڏِڄڻو(ٻار). مُهاڄِڙو– روئڻو– آبديده– روئڻهارڪو.

– **مُهاڄِڙوُ ج مُهاڄِڙا:** ذ . صفت. مُهاڄِڙ.

• **مَهاندي ج مَهانديُون(ل):** ث . وڪري لاءِ ڪُتل وڏو جانور (ڍڳو– ڀاڏو وغيره).

– **مَهاندي ڪَرَڻُ:** وڏو جانور ڪُهي وڪڻڻ.

• **مُهاڏو ج مُهاڏا:** ذ . (سن. مُکَ= وات. ع. محاد). مُهڙُ– اڳُ– مُهاڳُ – مُهاڙُ– اڳياڙي. جنگ وغيره ۾ اڳيان ٿيڻ يا اُن جي منهن ۾ اچڻ جي حالت. فوج جو اڳيون پاسو.

– **مُهاڏو اٽڪائڻُ:** منهن ڏيڻ. بحث ڪرڻ– ضِد ٻڌڻ– هَٺُ ڪرڻ. رڳڙو ڪرڻ. جنگ جوٽڻ– جهيڙو ڪرڻ– سامهون ٿيڻ. ڪنهن بہ ڳالهہ نہ ڪرڻ لاءِ سمجهائڻ. حجت ڪرڻ.

– **مُهاڏو ڏِيَڻُ:** مُهاڏو اٽڪائڻ.

– **مُهاڏو ڪَرَ ڻُ:** سامهون ٿيڻ– دوبدو ٿيڻ– مُنهَن ڏيڻ– مُهاڏو اٽڪائڻ. مقابلو ڪرڻ– چٽا ڀيٽي ڪرڻ– ويڙهہ ڪائڻ. اوچتي ملاقات ڪرڻ. پاڻ ڏي مخاطب ڪرڻ.

• **مُهاڏِي ج مُهاڏيُون٢(ت):** ث . شڪار ڪرڻ مهل اُها ڪاني جنهن تي بندوق رکي هڻجي.

• **مَهارَ ج مَهارُون:** ث . (ف). اُٺ جي ناڪيلي– لاٽي. ناڪيليءَ ۾ ٻڌل رسو(جنهن سان اُٺ کي هلائجي). ڏندن جي مٿان وارو گوشت– ڏندن جي پاڙ وارو گوشت – مَرهي.

• **مَهارَ موڙَڻُ:** سواريءَ واري جانور جي واڳ ورائڻ. موٽڻ– موٽي اچڻ.

"تو لئي گهڙيون ڏکيون گهاريان،
موڙي آءُ محبت مهارون."(ٻيدل).

• **مِهارُ ج مِهار:** ذ . صفت. مينهون چارينڌڙ– ميهار– ميهر.

• **مَهار:** ث . (پرا. مَڄ: سن. مَاديَہ> مَدَ= ميلاپ جي خواهش ڪرڻ) جانورن (چوپائي جو) پاڻ ۾ ميلاپ ڪرڻ جي خواهش– ڇاٽو– وهر– ٻوڪ

• **مَهارَتُ:** ث . ( ع . مَهَرَ). اُستادي– هوشياري– قابليت.

• **مُهارجَڻُ:** مصدر. (پرا. مَڄ: سن. مَاديَہ> مَدَ= ميلاپ جي خواهش ڪرڻ). ماديءَ جو نَرُ سان ملڻ واسطي تيار ٿيڻ. (گهوڙيءَ جو) ڇاٽو ڪرڻ– (ڳانءِ جو) وهُرجڻ– (ٻڪريءَ جو) ٻوڪجڻ(مُهاريو– مهاريندو– مهاريل).

• **مُهارڙو:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **مَهارو ج مَهارا:** ذ . ( ع. مِهَادَ). پردو– پوش. کٽ جو پردو. ڍڪيل کَٽ– مهاري. ڇپرکٽ. پلنگ. سيج. هندورو.(اسم خاص). تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

– **مهاري ج مهاريُون:** ث . مَهارو. مڇرداني.

• **مُهارو ج مُهارا:** ذ . (سن. مُک= منهن). گهوٽ ۽ ڪنوار جي ڦيريون ٻَني راتيون گڏ گذارڻ جو هنڌ. شاديءَ بعد گهوٽ ۽ ڪنوارجي گڏ سمهڻ جي جاءِ.

• **مُهاري ج مُهاريُون:** ث . مهارو.

• **مَهاڙَ ج مَهاڙُون:** ث . جڳهہ جي مسواڙ– ڀاڙو– ڪرايو– سامان جو ڀاڙو.

• **مُهاڙُ ج مُهاڙَ: مُهاڙُون:** ذ .ث . (سن مُکَ= وات). منهن– مُک مهاندو– مُهڙ– اڳيون حصو– مهاڳ– مهاڳو– اڳر– اڳياڙي. اڳڊ. مُهاڙي. (اسم خاص). نئي بارڻ جي اُترئين طرف هڪ جبل جو نالو(ڪ).

• **مُهاڙو ج مُهاڙا:** ذ . مُهاڙ– مُهڙ. ڏاتي جو منهن. (ظرف). منهن آڏو– اڳتو– نگاهہ ۾– نظر ۾– سامهون. لاباري. گَڏ وغيره(زمين جي ڪر) ۾ هڪ مهاڙ يا رخ کان ڪر کي اڳتي وڌائڻ. (ذ ) . جانورن جي وات ۽ پيرن جي هڪ بيماري جو نالو. (ت). (اسم خاص). تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **مُهاڙِي ج مُهاڙِيُون:** ث . مُهاڙ– مُهڙ– مُهاڙو. ڪنهن بہ جاءِ جو منهن يا مهاڳ. شڪار ڪرڻ ۾ جانورن کي بند ڪرڻ لاءِ چوڌاري لوڙهو– جهنگلو– ڀَنهير– لڪڙ ڪوٽ– لَڪڙائين آڙ. ٻهرئين طرفن کان در جو مٿيون ڀاڱو. (ذ . صفت). گراهڪ– ڏيتي ليتي وارو.(ل). (اسم خاص). تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **مُهاڪَ ج مُهاڪُون (ٽ):** ث . سانداري ٻڌڻ جو ڏورو.

• **مُهاڪڙو ج مُهاڪِڙا:** ذ . (سن. مُکَ= وات). ڄاڻ سڃاڻ– واقفيت– سهڃو– ڏيٺ. خبرچار. (ث . مُهاڪڙي ج مُهاڪِڙيون).

• **مُهاڳُ ج مهاڳَ:** ذ . (سن . مُکَ = وات). ڪنهن بہ جاءِ جو اڳيون پاسو مهاڳ– جاءِ جي اڳيان خالي پيل ميدان– پڌر– اڳر– اڳياڙي– مهاڙ– مهاڙي. ڪنهن ڪتاب جي شروع ۾ تعارف– مُنڍ واري معلومات.

– **مُهاڳو ج مُهاڳا:** ذ . مالڪي واري زمين سان لاڳو– سامهون پيل زمين.

• **مُهامَري:** ث . بيماريءَ جو هڪ قسم– ڪالرا. پليگ. مهان. صفت. (سن). مها.

• **مُهانڄِرو ج مُهانڄِرا:** ذ . صفت. مهاڄڙو.

Gul Hayat Institute

- **مَهَت سَهتَ ڪَرَڻُ:** مَل شَل ڪرڻ. صفائي ڪرڻ. چَنڊ ڦوڪ ڪرڻ. سينگار ڪرڻ. ٺاهه ٺوهه ڪرڻ.
- **مَهتو ج مَهتا:** ذ. گهڪو. رهتو. چِپ. دباءُ– سختي. تڪليف. مَهَت.
- **مَهَتِيَلُ ج مَهتِيَلَ:** ذ . صفت. مَليل– صاف ڪيل– صفا ڪيل. مَروڙيل– نِپوڙيل– چِپياتيل– چِپوٽيل.
- **مَهپارو:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مَهجَرُ ج مَهجَرَ:** ذ . ڪنهن ڳالهه جو بيان. مباحثو– تڪرار– بحث– ردقَد. مَهجر.
- **مَهجُورُ ج مَهجُورَ:** ذ . صفت. ( ع. هَجَر). درد وارو– دردي– جدائي جو صدمو رسيل.
- **مَهَد ج مَهَدَ:** ذ . ( ع). ٻار جو پينگهو– جهولو.
- **مَهنَدو ج مَهَندا:** ذ . صفت. (پرا. مُههُ= مُکُ +اندو= وارو). اڳواڻ– سردار– مهندار– مَهندو.
- **مَهدي :** ذ . صفت. ( ع). هدايت ڪندڙ– هادي. رهنما. (اسم خاص). نالو ٻارهين امام جو.
- **مُهذبَ:** ذ . صفت.( ع). عيبن کان پاڪ– بي عيب. خوش اخلاق– نيڪ خصلت– فضيلت وارو– باادب.
- **مَهديو:** اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مَهرَ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
- **مهر ج مَهرَون:** ث . ڏندن جي پاڙ وارو گوشت– مرهي. مَهار(وات جي)– واڳ.
- **مَهَرِ:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ تعلقي گهوڙا ٻاريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مَهرُ ج مهرَ:** ذ . زال کي مڙس جي طرفان نڪاح جي عيوض ڏيڻ لاءِ مقرر رقم. ڪابينو.
- **مِهرُ:** ذ . سج .
- **مِهر و مَاهُ:** ذ . سج ۽ چنڊ.
- **مِهرَ:** ذ . ث . (ف). مهرباني– رحم – ڪهل – قِياس– ٻاجهه– مرحمت– بخشش– مغفرت. احسان– ٿورو– وڙ. قرب– محبت– پيارُ. ڏاچي– پيارُ. ڏاچي يا گهوڙيءَ جي نَرسان ملڻ جي خواهش.
- **مِهران :** ظرف مهر مان– پيار سان– ٻاجهه سان– محبت يا قرب منجهان.
- **مهربانُ:** ذ . صفت. مِهر وارو. ٻاجهه وارو.
- **مهرَباني:** ث . مَهر.
- **مِهرَ ڪَرَڻُ:** ٻاجهه ڪرڻ– ديا ڪرڻ– ٻلائي ڪرڻ.
- **مِهري ج مِهري:** ذ . صفت. مهر وارو– ٻلو– مهربان. رحمي– ٻاجهارو– دَيالو. رحمدل– وڙائتو– رحيم. همدرد– غمخوار. (ن.ب).
- **مُهَرَ ج مُهَرَوُن:** ث . (ف. مُهر) ڇاپ– ٺَپو– مُنڊ– سيل– ڇاپو. مُهر جي ٽڪ واري مُنڊي. سون جو سِڪو– گِني– اشرفي.
- **مُهَرڪَنُ ج مُهَرَڪَن :** ذ . صفت. مُهرون ٺاهيندڙ– ڇاپون اُڪاريندڙ– ٺَپا ٺاهيندڙ.
- **مُهَرَ هَڻَ ۾ ڪَرَڻُ:** فتويٰ جو مالڪ بنجڻ– مفتي ٿيڻ. شرعي مسئلن تي فتويٰ ڏيڻ.
- **مُهَر هَڻَڻُ:** مُنڊڻ– ٺَپڻ– ٺپو هڻڻ– ڇاپ هڻڻ– ڇاپو هڻڻ– سِيل ڪرڻ– بند ڪرڻ. وڏو احسان ڪرڻ– وڙ ڪرڻ– ٿورو ڪرڻ– ٻلائي ڪرڻ.
- **مَهَراجُ ج مَهَراجَ:** ذ . صفت. (سن). مهاراج. ٻانڀڻ لاءِ عزت ڀريو خطاب. ٻانڀڻ– برهمڻ.
- **مِهراڙو:** اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مِهراڻُ :** ذ . (ف. مِهه = وڏو+ راڻ(سنڌي) = وهڪرو). ندي– درياءُ. (اسم خاص). سنڌو نديءَ جو قديم نالو. (اصطلاح) بحر– ساگر.
- **مُهراڻو:** اسم خاص. ناري(جي پاڻي) واري آباد ۽ ٿر جي پٽن جي وچ واري ايراضي.
- **مَهَراڻِي(ت):** اسم خاص ٿر ۽ سنڌ جي دنگ وارو حصو.
- **مِهرِبانُ ج مِهرِبانَ:** ذ . صفت. (ف). مِهر ڪندڙ– مِهر وارو– ٻَلو. ٻلائي ڪندڙ. رحم دل– ٻاجهارو– يار– سَڄڻ– گهٽگهرو– خيرخواهه– همدرد– غمخوار– هڏ ڏوکي.
- **مِهرِباني ج مِهربانِيُون:** ث . مِهر– وڙ– اِحسان– ٿورو. نوازش– عِنايت – ٻاجهه– رَحم– ڪَرم – سڄڻائي– سَڄڻاپڻ– اخلاص مندي– اخلاص– همدردي– غمخواري– گهڻ ٻلائي– خيرخواهي– دوستي– ياري. پاسخاطري– لحاظ– رعايت– مَروت– پاسو– خاطر.
- **مِهرِجَڻُ:** مصدر. نَرسان ملڻ جي خواهش ٿيڻ_ ڏاچي يا گهوڙيءَ جي).
- **مَهَرَعلي:** اسم خاص. تعلقي ٺل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **مهِرو ج مهرا:** ذ . پردي واري کٽ– مهارو. (اسم خاص). مرد ماڻهو جو نالو.
- **مُهَرو ج مُهَرا:** ذ . (پرا. مُهِليو= مُهِرو. سن. مُکَ+ل+ڪ = مُهِرو). مُنهن وارو مُک. ڪنهن بہ شيءِ جو اڳيون حصو. مُهڙ– مهاڏو. سطح– مٿاچرو– مٿاڙي. اڳواڻ– مهندار. پيش لشڪر– اڳواڻ لشڪر– هادي– رهبر– پيشوا– رئيس– شطرنج راند ۾ هڪ ساري. ڊگهي يا اُٺ جي منهن تي چڙهيل مُڇيءَ جي نموني ڳانو– سرواڳ– نڪتو. پاڻيءَ جي هرلي جي ايپي ڪاٺي جنهن ۾

• **مُهيبُ**: ذ. صفت (ع. هَيب) ڊيڄاريندڙ– خوفناڪ– ڀيانڪ – ڀوائتو.

• **مَهيجو وَلِ (ڪ)**: ث. ٻوٽي ۽ ول جو هڪ قسم.

• **مَهيرُ**: اسم خاص. ڳڏاپ ڪان اڳتي هڪ جبل جو نالو. (ڳڏاپ ڪا اتر اوڀر) هڪ ديهه جو نالو.

• **مَهيري**: اسم خاص. ڪلمتي قبيلي جي شاخ بلوچن جو نالو جيڪي مهير جبل تي مدامي طور ويهڻ سان مهيري سڏايا ويا.

• **مـهيسَرُ**: ذ. شِوُ مهراج جو صفاتي نالو. ڀيرُئَن– ڀيرم (جنهن جي گـَيتوال پوڄا ڪن ۽ شراب جو ديوتا سمجهن. مَهيشَرُ.

– **مَهيسِري**: ذ. صفت. مَهس جو پوڄاري– شِوُ مهراج جو پوئلڳ. فقيرن جو هڪ قسم. مَهيشري.

• **مَهيسِي، مئيسي**: ذ. صفت. شراب جو ڏٽي. پير مغان.

• **مَهيسَرَ**: اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو (اصلي عرب نسل جو قبيلو 'بَنو مَيسره').

• **مَهيشُ**: ذ. صفت. (سن). مَهيسُ.

• **مَهيشِي**: ذ. صفت. مهيسي.

• **مَهيشِوي (ٽ)**: اسم خاص. ترِ ۾ هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **مهيلِي ج مهيليُون**: ث. (سن. مَهِلا= زال) زال– نار– مِهري. سهڻي عورت– خوبصورت زال– حَسين زال. (ل). ڪُنوار. (ٽ).

• **مُهِير ج مُهِيمُون**: ث. (ع. مُهَمُ > هَمَ) وڏي فوجي چڙهائي– جنگ– وڏي سخت آزمايش.

– **مُهير تي موڪلَڻ**: وڏي سخت تڪليف واري ڪم تي موڪلڻ– وڏي جنگ تي موڪلڻ.

– **مُهيرَ ڪي مَٿو ڏيَڻُ**: وڏي ۽ تڪليف واري ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ. تڪليف سهڻ– سختيون سهڻ.

• **مَهِينُ**: ذ. (صفت.(ف) سنهو– باريڪ. نرم– ڪُنئرو– لطيف– نازڪ– سنگين– نَفِيس– ڪُومل– سُوڪِيمُ– پتلو– مُلائم. سُوڊو– سُهڻو– رُوڙو– سُنو– عُمدو. انوکو– انوکڙو– عجيب.

• **مَهينو ج مَهِينا**: ذ. (ف. مَه نو= مَهينه. سن. مَاس= ماهه) سال جو ٻارهون حِصو. (چنڊ وَاري قمري مهيني ۾ ڏينهن ٽيهه (مغربي سال جا مهينا: جنوري، فيبروري، مارچ، اپريل، مئي، جون، جولاءِ، آگسٽ، سيپٽمبر، آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر. اسلامي سال جا مهينا: محرم، صفر، ربيع الاول، ربيع الثاني، جمادي الاول، جماد الثاني، رجب، شعبان، رمضان، شوال، ذوالقعد ۽ ذوالحج. سنڌي قمري سال جا مهينا: چيٽ، وياڪ، جيٺ، آکاڙ، ساوڻ، بدو، اسو، ڪتي، ناهري پوهه، مانگهه ۽ ڦڳڻ). ماهيانو– پگهار. ماهيانو حَيض– ڪپڙا– گنديون– خون– ماهواري.

– **مَهِيناري**: ث. حيض– ڪپڙا– ماهواري.

– **مَهِينيدَارُ ج مَهِينيدارَ**: ذ. صفت. مهيني وارو– مهيني وارا– مهيني تي بيٺل نوڪر– پگهاردار.

– **مَهِيني سِر مَهِينِي**: ذ. ظرف. ماهوار– هر ماهه– هر مهيني– ماهڪ–ماهيانو.

– **مَهِيني واري**: ث. ماهواري–مهياري–حيض– ڪپڙا–گنديون –رنگه

• **مَهِيڻ (ل)**: ذ. ولوڙو. گهر جو انتظام.

• **مَهِيو ج مَهِيا (ٽ)**: ذ. سواريءَ جو اُٺ– مهيري اُٺ.

• **مهيُون**: اسم خاص. تعلقي قمبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَهِيئات (ٽ)**: ڏؤنرو.

• **مُٺا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ("مٺا چورا")

• **مَٿِٽَ**: ث. ڳاڙهي رنگ جي وڪر جو هڪ قسم– مَڃٽ.

• **مَٿِپُ ج مَٿِپُون**: ث (سن. ما= مَٿِڻُ). ماپ– ماڻ– پئمانو– ڪَچ– ماپو– پَرپ– تورَ.

• **مَٿَڏَرس**: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **مَٿِجَڻُ**: مصدر. (سن. مَدَ= مستي) مٿي ۾ اچڻ– مستي ۾ اچڻ– نشي ۾ اچڻ. وڏائي ۾ پرجڻ (سن. ما= مَٿِڻُ). ماپجڻ– ماپ ٿيڻ (مٿيو– مٿيندو– مٿيل).

• **مَٿِلُ**: ذ. مَرُ. مٽي. ميلُ.

• **مُٿَلُ ج مُٿَلَ**: ذ. صفت. (سن. مَر= مرڻ). مري ويل– مُئو– مردو. بي جان.

– **مُٿَل مُردي ڪي ڪوٽَڻُ**: ڍڪيل عيب ظاهر ڪرڻ.

• **مَٿِڻُ**: **مصدر**. (سن. ما= مٿڻ). ماپ ڪرڻ– تورڻ– ماپڻ. ڪڇڻ. آزمائڻ (ڪَچ سان). ڪَٿڻ. سمائجڻ– ماپجڻ.

"مائين ڪين مياڻ ۾ ٻه ٽي تراريون."

(مٿيو– مٿيندو– مٿيل).

• **مَٿُو ج مَٿُو**: صفت. (ع. موجود) جهجهو– جام– وافر– گهڻو. ٻهون– جال.

• **مُٿو ج مُٿا**: ذ. صفت. (سن مَر= مرڻ) مري ويل– مردو– مئل– فوتي. چندو– ڪميڻو (ذ). سڪل گاهه جو مڇو (باهه ڏيڻ لاءِ) – ڪکن وغيره جو ٻُنجو. ٽانون ملڻ جو گاهه جو موڙو– مُئي– ڪُوچي. (ث. مُئِي ج مُئِيُون)

– **مٿو ماريو**: ڪاوڙ جو خطاب (زنانو اصطلاح).

Gul Hayat Institute

ڪُرَسِي– روسامو– ڦِڪَت. تڪرار– عداوت– ويرُ– دشمني– خُصومت– علحدگي– ڪشيدگي– شڪررنجي.

- **نااميدُ ج نااميدَ**: ذ . صفت. اميد نہ پوري ٿيڻ واري حالت وارو– مايوس– نِراس– بي آسَ– ناڪام– بي اُميد– محروم– خَستو– شِڪَستو.

- **نااميدُ ٿيڻُ**: مايوس ٿيڻ– نِراس ٿيڻ– ناڪام ٿيڻ. دل ٽُٽڻ– آس ٽُٽڻ.

- **نااميدُ ڪَرَڻُ**: مايوس ڪرڻ– بي آس ڪرڻ– نِراس ڪرڻ– ناڪام ڪرڻ. دل ٽوڙڻ– آس ٽوڙڻ.

- **نااميدِي ج نااميديُون**: ث . مايوسي– نِراسائي– ناڪامي– دل شڪستي.

- **نااِنصافُ ج نااِنصافَ**: ذ . صفت. جنهن سان انصاف نہ هجي– بي انصاف– انصاف ڪان سواءِ– عدل ڪانسواءِ– نامنصف– حق ناشناس.

- **نااِنصافي**: ث . انصاف نہ هئڻ واري حالت– ڪَنيائي– بي انصافي– بيدادي– ظلم– انڌير– انياءَ– اڌرم– هَٺ ڌرم.

- **نااِنصافيُ ڪَرَڻُ**: بي انصافي ڪرڻ– ڪُنيائي ڪرڻ– انصاف نہ ڪرڻ– حق تي نہ هلڻ– ناحق ڪرڻ– ظلم ڪرڻ.

- **نااَهلُ ج نااَهل**: ذ . صفت. ڪا بہ اهليت نہ رکندڙ– ناشائستہ– نالائق – ناهنَجار– ناقابل– ناموزون. بي تهذيب– بدتميز– اڍنگو– ڪلچِٽو– گَنوار– ٽِٽنگ– ڪُڏو– ڪم ذات– اوڇو– نيچ– ڪميٽو– ڪرتن ڪِنو– ڪُماٺو– اگهو– سُگالو– بيمار.

- **نابالغُ ج نابالِغَ**: ذ . صفت. بلوغت جي عمر کي نہ پهتل– ارڙهن ورهين کان گهٽ عمر وارو– ڪمسن– نہَ جُوان– صغير. ٻار– ٻالڪ– نوعمر– نادان– ناسمجهہ– اڻ ساmايل.

- **نابالِغِي**: ث . نابالغ واري حالت– نوعمري – ڪم سَني– ٻالاپڻ– ننڍپڻ– الڙپائي.

- **نابِرُ ج نابِرَ**: ذ . صفت. حڪم نہ مڃيندڙ– انڪار ڪندڙ– نابري ڪندڙ– نافرمان– مقابلو ڪندڙ– سامهون ٿيندڙ– ويري– وروڌي– برخلاف.

- **نابِري**: ث . نہ مڃڻ يا چيو نہ ڪرڻ واري حالت– ناڪار– انڪار. مقابلو– برخلافي– مخالفت– وروڌ– وگهن. جواب– عَدول.

- **نَابِري وارَڻُ**: انڪار ڪرڻ– ناڪار ڪَرڻ. نہ مڃڻ.

- **نابَڪارُ ج نابَڪار**: ذ . صفت.(ف). نالائق– نڪمو.

- **نابُوتُ**: ذ . نابود– فنا.

- **نابُودُ**: ذ . صفت. (ف) نہ رهڻ واري حالت وارو– چٽ ٿيل– ناس ٿيل– ويران– برباد– نيست– معدوم– اَياو– سنشٽ– چَٽ– فنا. ختم– گم.(ذ). نيستي.

- **نَابُودُ ٿِيَڻُ**: چَٽ ٿي وڃڻ– برباد ٿيڻ– ناس ٿيڻ– نيست و نابود ٿي وڃڻ– پائمال ٿيڻ– معدوم ٿيڻ.

- **نابُودُ ڪَرَڻُ**: نيست ڪرڻ– معدوم ڪرڻ– چَٽ ڪرڻ– مٽائڻ– فَنا ڪرڻ– اُجيڙڻ.

- **نابودِي ج نابُودِيُون**: ث . بربادي– تباهي– عدم– پائمالي– فنائي– نيستي– ستياناس. خرابي– گهات. نياز. نماڻائي.

- **نابينُ ج نَابِينَ**: ذ . صفت. ڏسي نہ سگهندڙ– اکين کان معذور– سورداس– نابينا– انڌو– اکين کان سجو– معدوم البصر. ڪور.

- **نَابِينا**: ذ . صفت. نابين– انڌو.

- **نات**: ظرف. (ذ) نہ تہ– ٻي حالت ۾.

- **ناتازو ج ناتَازا**: ذ . صفت. تازي توانائي نہ هئڻ واري حالت– بيمار– اگهو– ناچاق– ناچگو– لَگو– عليل– ناخوش.

- **ناتَجربيڪارُ ج نَاتَجربيڪارَ**: ذ . صفت. تجربو نہ رکندڙ– بنا تجربي– نااَزمودگار– ناواقف– اڻڄاڻ– نوآميز. ڪچو– اناڙي.

- **ناتَراشُ ج ناتَراشَ**: ذ . صفت. اڍنگو– ڪمينو– بي ادب– ناهموار. سفل.

- **ناتَوانُ ج ناتَوانَ**: ذ . صفت. (ن). توانائي ڪانسواءِ– بي طاقت– اگهو– هيڻو– اڻ سگهو– ٻَل هيڻ– ناطاقت– ڪمزور– اَٻَل– نِٻل– ضعيف– لاغر– نحيف. عاجِز– مضمحل.

- **ناتَوانَائِي ج ناتَوانائِيُون**: ث . ث . ناتواني– بي طاقتي– ڪمزوري – ضعيفائي.

- **ناتَوانِي ج ناتَوانِيُون**: ث. توانائي يا طاقت نہ هجڻ واري حالت– بي طاقتي– ڪمزوري– نَحافت– ضعيف– ضعيفائي– هيڻائي– ناتوانائي.

- **ناتي**: ظرف( ڪ). نہ تہ– ٻي حالت– جيڪر.

- **نانِي ج نانِي**: ذ . (سن. نَپتر. نَپتا). ڌيءَ جو مڙس.

- **ناپاڪُ ج ناپاڪي ذ**. صفت.(ف) پاڪائي نہ رکندڙ– پَليت– پَليد – نجس– آلودو– واجب الغسل– گندو– ڪِنو– خراب– غليظ.

- **ناپاڪائِي ج ناپاڪائِيُون**: ث. پاڪ نہ هئڻ واري حالت– پليتائي– اَپوترتائي– پليتي– پليدي– نجاست– آلودگي. گندگي– ڪدورت– آلائش.

- **ناپاڪَائِي لاهِڻُ**: انزال ٿيڻ ڪانپوءِ وهنجڻ – تَڙ لاهڻ– صحبت بعد غسل ڪرڻ– حيض ۽ نفاس جو غسل ڪرڻ– غسل جنابت

Gul Hayat Institute

ڪرڻ– پاڪائي ڪرڻ– پاڪ ٿيڻ– پليدي لاهڻ– پوتر ٿيڻ.

– **ناپاڪُ ٿِيڻُ :** پليت ٿيڻ– نجس ٿيڻ– پليد ٿيڻ– واجب الغسل ٿيڻ.

– **ناپاڪُ ڪَرڻُ:** پليت ڪرڻ– پليد ڪرڻ– نجس ڪرڻ– گندو ڪرڻ– خراب ڪرڻ– واجب الغسل.

– **ناپائيدارُ ج ناپائيدارَ:** ذ . صفت. پائيدار نہ هجڻ وارو– گهٽو وقت جٽاءُ نہ ڪندڙ– گهٽو وقت نہ هلندڙ نہ جهليندڙ– غير مستحڪم فنا ٿيندڙ– فاني– فنا– ڪِرس – بي بقا– نقس برآب– ڪمزور– بي ثبات.

– **ناپائيداري:** ث . پائيدار نہ هئڻ واري حالت– بي بقائي– بي استقلالي– بي استحڪامي– بي ثباتي– ڪمزوري.

– **ناپَديدُ ج ناپديدَ:** ذ . صفت. ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ.

– **نَاپَسَندُ ج نَاپَسَندَ:** ذ . صفت. (ف). پسند نہ آيل– اڻ سهائيندڙ– نہ وڻندڙ– ناقبول– ناگوار– نامرغوب– نہ قبوليل– نظرانداز ڪيل– رد ڪيل.

– **نَاپسَندُ ڪَرڻُ:** پسند نہ ڪرڻ– نہ قبولڻ– نامنظور ڪرڻ.

– **نَاپسندي ج نَاپَسَنديُون:** ث . پسند نہ اچڻ واري حالت– نامنظوري – نہ وڻڻ واري حالت. ڪاوڙ– ڏمر– رنج– رنجيدگي – ناراضپو– رنجش.

– **نَاپَيدُ ج نَاپيدَ:** ذ . صفت. (ف). پيدا نہ ٿيندڙ– مشڪل هٿ ايندڙ– ناميسر– اڻ لڀ– دُرلڀ– ڪمياب– عنقا– ورلو. چونديل– ڏٺيل– چيدو– برگزيدو. اَپر– بي مثال– لاثاني– اڻ جيس. نيست– معدوم– فنا.

– **نَاپيدُ ٿِيڻُ:** ناميسر ٿيڻ. ڏڪار پوڻ– گهٽتائي ٿيڻ– اڻ لڀ ٿيڻ. اُجڙڻ– معدوم ٿيڻ– تباهہ ۽ برباد ٿيڻ– نابود ٿيڻ– دنيا مان غارت ٿي وڃڻ– گم ٿيڻ.

– **نَاپيدُ ڪرڻ:** فنا ڪرڻ– مٽائڻ– معدوم ڪرڻ– نابود ڪرڻ– نيست ڪرڻ– برباد ڪرڻ– تباهہ ڪرڻ– ضايع ڪرڻ– الوپ ڪرڻ– گم ڪرڻ.

– **ناجائزُ ج ناجائزَ:** ذ . صفت. ناروا– نادرست– غير مباح– نامناسب– بيجا– اَجوڳُ– خلاف شرع– قانون جي منع وارو– ناشائستو– بي وڙو.

– **ناجوڙُ ج ناجوڙَ:** ذ. جوڙ نہ هئڻ وارو– نمٽ– ناثاني. ناموافق.

– **ناجوڙي:** ث. ناموافقي.

– **ناچارُ ج ناچارَ:** ذ. بنا چاري– لاعلاج– لابُدَ. عاجز– محتاج.

– **ناچاقُ ج ناچاقَ:** ذ . صفت. ناخوش– ناتندرست– بدمزي– مريض– بيمار– اگهو– عليل– مُڪالو– لَڳو. ضعيف– ڏبرو– لاغر– هيٺو. ماندو– آتو– بيزار.

– **ناچَاقي:** ث . چاق يا تندرست نہ هجڻ واري حالت– ناچاڪي– ناچاڪائي– اگهائي– بيماري– سُڪالائي. بدسلوڪي– اڻ ٺاهہ– اڻ پَوند– اٽبٽت– ناسازي– روسامو– ڦڪت– ڪُرَسي– تڪرار. غلط فهمي.

– **ناچَڱُو ج ناچڱا:** ذ . صفت. ناچاق– ناخوش– بي مزي– روڳي – بيمار– عليل– اڻ ڪِيل.

– **ناچڱائي:** ث . چاق نہ هجڻ واري حالت– ناچاقي– روڳ– بيماري– ناچاڪائي.

– **ناچِيزُ ج ناچِيزَ:** ذ . صفت. جو ڪجهہ بہ نہ هجي– معمولي– بي حقيقت– هيچ– تڇ– نالائق– نڪمو– ڳڻ هيڻ– نڪار– ذليل– وٺواند– ٻُهر– ناخَلف– نامراد– بي وقوف– نيچ– اوچو– ڪين جهڙو– ڪَسيرڪ– خوار.

– **ناحفاظُ ج ناحِفاظ:** ذ . صفت. بي شرم– بي حيا– فاسق– بي احتياط.

– **ناحَقُ ج ناحَقَ:** ذ . صفت. بي گناهہ– بي ڏوهي. ناجائز – فضول – اجايو– بيجا. (ذ). ظلم– انڌير– انڌڌنڌ– بيدادي– دوڌ– بغداد– فرعوني.(ظرف). بي انصافيءَ سان اَنرٿ سان– بي سبب– ناحق– هرويرو– اجايو– بنا ڪارڻ– خوامخواهہ.

– **ناحَقُ ڪَرڻُ:** حق جي خلاف ڪرڻ– ناانصافي ڪرڻ. بيجا هلت ڪرڻ– نامناسب ڪم ڪرڻ– ناواجب حرڪت وغيره ڪرڻ.

– **ناحَقُ نازل(ت):** هرويرو– خواه مخواهہ– اوچتو– اچانڪ.

– **ناحَقي ج ناحَقِي:** ذ . بي انصافي– بي جاءِ– اَنيائي– ناجائز– ڪُنيائي. ظلم.

– **ناخَلَفُ ج ناخَلَفَ:** ذ . صفت. فرمان نہ مڃيندڙ– ڪُپاترِ– نالائق– نافرمانبردار– بي چيو– نافرمان. ڪَپُوت.

– **ناخُوشُ ج ناخُوشَ:** ذ . صفت. خوش نہ هجڻ وارو– راضي نہ رهندڙ– ناراض– رنج– ڪَڪ – تنگ– نفرت ڪندڙ– متنفر– بيزار. ڏمريل– ڪاوڙيل– بي مزي– ناچاڪ– عليل– بيمار– ناچاق– مريض.

– **ناخُوشي ج ناخُوشيُون:** ث. بدبختي– ڏرم – ڏُڪهہ ناراضپو– نفرت.

– **ناخَيرُ ج ناخَيرَ:** ذ . صفت. خير نہ گهرندڙ. اجايو ٻوليندڙ– ڪُوچَنُ ٻوليندڙ. (اسم). ناچڱائي– نياڳ – ڪتلائي.

Gul Hayat Institute

– **ناخيري ج ناخيري:** ذ. صفت. خير نہ ڪندڙ– تڪليف رسائيندڙ. آشَپُ. ٻوليندڙ.

– **نادارُ ج نادارَ:** ذ . صفت(ف). سُڃو– ڪنگل– مسڪين– پينگيو– مفلس– ڪنگال– ڏيوالي. محتاج– مجبور– عاجز.

– **ناداري ج ناداريُون:** ث. ڪجھ بہ نہ هجڻ واري حالت– سڃائي – ڏيواليپڻو– ڏيواليپڻي. غريبي– مسڪيني– مفلسي– محتاجي – مجبوري.

– **ناداشتُ ج ناداشتَ:** ذ . صفت. (ف). نادار– ڪنگل– ڪنگال– سُڃو– مسڪين– غريب. محتاج. ناواقف.

– **ناداشتِي:** ث . مفلسي– غريبي– ناداري. ناواقفيت. بي شرمي.

– **نادانُ ج نادانَ:** ذ. صفت. (ف). نہ ڄاڻيندڙ– اڻ ڄاڻ– اڻ پڙهيل– ناسمجھ– اڻ سمجھ– نافهم– بي وقوف– بي عقل. احمق– ڀُهيلو– آڏايو– اٻوجھ– مورک– جاهل. ننڍي عمر وارو– صغير– ڪم سن– ننڍو ٻچو.

– **ناداني ج نادانِيُون:** ث . نہ ڄاڻڻ واري حالت– ناسمجهي– حماقت –نافهمي– بي عقلي– بي وقوفي– جهالت– مورڪائي– چريائي.

– **نادانستہ:** ذ . صفت. نہ ڄاڻندڙ– اڻ ڄاڻ– ناواقف.

– **نادرُ ج نادرَ:** ذ . صفت. (ف). نہ ڏٺل نہ ٻڌل– عجيب– حيرت انگريز– انوکو– اپرميو– غيرواقف– اڳ نہ ڏٺل. ڌاريو– بيگانو– نئون– اڻ سيڃاتو.

– **نادُرستُ ج نادُرستَ:** ذ . صفت. (ف) اڻ صحيح– غلط– ناجائز– بي جاءِ– نامناسب. ايتارتُ– ڏڌِ– آڪاريہ– پُلاٽتو.

– **ناديُدہَ:** ذ . صفت. (ف). نہ ڏٺل– اڻ ڏٺل. نئون. عجيب– نادر.

– **ناراضُ ج ناراضَ:** ذ . صفت. (ف). راضي نہ رهندڙ– ناخوش. نفرت ڪندڙ– بيزار– ڪَڪُ. رنج– ڪاوڙيل– ڏمريل.

– **ناراضِپو ج ناراضپا:** ذ . ناراض رهڻ واري حالت– آرهائي– ناراضگي– رنجيدگي– رنج– ڏمر– غصو– ڪاوڙ.

– **ناراضِي ج ناراضي:** ذ . صفت. ناراض– رنج– ناخوش– بي دليو– ارهو– انمانو.

– **نارُوا:** ذ . صفت. (ف)روا يا مناسب نہ هجڻ وارو– ناجائز– غير شرع– نامناسب– ناواجب– بي جاءِ– اجايو.

– **نازورُ ج نازورَ:** ذ . صفت. بي زور– ڪمزور– بي پهچ– معذور.

– **ناسازُ ج ناسازَ:** ذ . صفت. (ف). نہ ٺهندڙ– مخالف– ناموافق– نامهربان– برخلاف– ناسازگار– برعڪس– ناراست– ناراس. بي پريتيو– اپريہ– اڻ سيڌو. بيمار– بي مزي– عليل. دشمن.

– **ناسازِي ج ناسازِيُون:** ث . نہ ٺهڻ واري حالت– اٽبٽت– اڻ ٺاهہ– ڪرُسِي– رسامو– بدسلوڪي– تڪرار– ڦِڪت. دشمني.

– **ناستُ ج ناستُون:** ث . نہ هئڻ واري حالت– اڻ هوند– سُڃائي. جيئن تہ: "ناست ڪان آست چڱي" عَدم– آپاوَ– ناستيہ –نيستي.

– **ناسُفتو ج ناسُفتا:** ذ . صفت. بنا سوراخ– اڻ ٽنگو– بي ڏورو– اڻ ونڌيل(موتي وغيره). جيئن تہ: "دُرِ ناسُفتہ وغيره".

– **ناسَمجھُ ج ناسَمجھَ:** ذ . صفت. نہ سمجھندڙ– بي سمجھ – نادان –بي وقوف– ڪُندذهن. احمق– مورک. گھٽ عمر وارو– ننڍو.

– **ناسَمجهي ج ناسَمجهيُون:** ث . نہ سمجهڻ واري حالت– ناداني– نافهمي– بيوقوفي. موركاپن.

– **ناسُودي ج ناسُودي:** ذ . صفت. بي شرم– بي حَيا.

– **ناشادُ ج ناشادَ:** ذَ . صفت. (ف). ناخوش– رنجيدو– غمزده– سُوگوار– دلگير– ناراض– نارضامند. مصيبت زده– انت هيٺ آيل. ڪمبخت– بدنصيب– بدبخت– بدقسمت. نامراد.

– **ناشائِستو ج ناشائِستا:** ذ . صفت. اڻ سهائيندو– اجوڳ– بي جاءِ– اجايو– ناجائز– نامناسب– اڀهتو. نالائق– بي ڍنگو– اڍنگو– ڪُڍنگو– بي ڪِرو– بي ڏِيو– بي لَلو– وللو– بدفضيلت– بي ادب– بي وڙو.

– **ناشائستگِي:** ث . (ف). نالائقي– بي وڙائي.

– **ناشُدنِي:** ذ . (ف). نہ ٿيڻ جوڳو– ناممڪن– اڻ ٿيڻو– اسَميوَ– اساڌِيہ– محال.

– **ناشَناخَتُ ج ناشَناخَتَ:** ذ . صفت. اڻ سڃاتل– نہ ڏٺل– اڻ واقف– اجنبي– غير.

– **ناشناسُ ج ناشَناسَ:** ذ . صفت. اڻ واقف– اڻ سڃاتل– اجنبي.

– **نافَرجامُ ج نافَرجامَ:** ذ . (ف). صفت. نالائق– اڻ سڌريل.

– **نافرمانُ ج نافَرمانَ:** ذ . (ف). صفت حڪم نہ مڃيندڙ– بي فرمان– حڪم عدولي ڪندڙ– منحرف– بي چيو– نِجَسُ– هوڏي– بي ادب– عاق– سرڪش. (اسم) پست جي گل جو هڪ قسم.

– **نافَرمانِي ج نافرمانِيُون:** ث . حڪم نہ مڃڻ واري حالت– حڪم عدولي– نافرمانبرداري– عُدول حڪمي– انحرافي. سرڪشي.

– **نافَرمانِي ڪرڻ:** حڪم عدولي ڪرڻ– انحرافي ڪرڻ– سرڪشي ڪرڻ.

– **نافهمُ ج نافهمَ:** ذ . صفت. نادان– نہ ڄاڻندڙ– بي سمجھ– ڪم فهم– ڪُند ذهن. بي عقل.

– **ناڪارڻ:** مصدر. انڪار ڪرڻ– نہ ڪرڻ– نہ مڃڻ - ناڪرڻ– نابري

وارڻ- نہ قبولڻ- نہ وٺڻ- نہ ڏيڻ- اَلڻ- نَمانَما ڪرڻ. موٽائڻ. (هندي) نہ پرڻ-خامي نہ ڪرڻ. (ناڪاريو-ناڪاريندو-ناڪاريل).

— **ناڪارَ ج ناڪارُون:** ث . (ف). نہ ڪرڻ وارو لفظ- ناڪاري جواب - انڪار- نِڪار- ناتار- نابري- عُدول- (ڪم ڪان) جواب. اعتراض- ترڪ.

— **ناڪارُ ج ناڪارَ:** ذ . صفت. نِڪمو- نِڪارو- ناڪارو- نِڪار- بيڪارو- ناڪام. اجايو- فضول- اَڪيارٿو- ورٿو- رائيگان. ٺُوٺُو- ڪِين ٿيو- تيڄُ.

— **ناڪارو ج ناڪارا:** ذ . (هندي وغيره پرڻ کان يا قبول ڪرڻ کان) انڪار- نَهڪر- نهڪارو- انڪار- نابري.(ذ. صفت). بيڪارو- نِڪمو- نِڪار. اجايو- واهيات.

— **ناڪاره:** ذ . صفت. (ف). بيڪار- اجايو- نڪمو.

— **ناڪاري ج ناڪاري:** ذ . صفت. ناڪار ڪندڙ- نہ ڪندڙ- انڪارَ ڪندڙ- انڪَاري- نهڪار ڪندڙ.

— **ناڪاريو ج ناڪاريا:** ذ . صفت. انڪاريا ناڪار ڪندڙ- انڪاري -ناڪاري- نافي- مُنفي- سالبہ انڪار ٿيل(ڳالهہ وغيره).

— **ناڪَرَ ج ناڪَرُون:** ث . ناڪار- انڪار- جواب- نَهڪر- نافرماني- عدول.

— **ناڪَرَڻُ:** نہ ڪرڻ- انڪار ڪرڻ- ناڪار ڪرڻ- جواب ڏيڻ- نابري وارڻ.

— **ناڪاشتو ج ناڪاشتا:** ذ . غير آباد زمين تي محصول.

— **ناڪامُ ج ناڪامَ:** ذ. صفت. (ف). نِڪمو- ناڪامو- بيڪار- ناڪار- نِڪار - نڪارو- ناڪارو- بيڪارو- اجايو. ناڪامياب- نااُميد- نامراد- مايوس- شڪست کاڌل- محروم- نراس. ناچار- لاچار- مجبور- ناگزير- لاعلاج.

— **ناڪامِي ج ناڪاميُون:** (ف) ث . ناڪام ٿيڻ واري حالت- ناڪاميابي- نامرادي- نااُميدي- نِراسائي- مايوسي- محرومي- بدنصيبي.

— **ناڪسُ ج ناڪَسَ:** ذ . صفت. (ف). اڻ پورو.

— **ناڪَسِي ج ناڪَسِيُون:** ث . شخصيت وڃائڻ واري حالت- انفرادي هستي ناس ڪرڻ واري حالت.

— **ناڪلاسُ ج ناڪلاسَ:** ذ . اڻ سروي ٿيل زمين.

— **ناگزيرُ ج ناگزيرَ:** ذ . صفت. (ف). ناچار- لاعلاج- مجبور. ضرُور- لازم- واجب.

— **ناڳَٺي:** ث. صفت بي ڳَٺي- بي وڙو- بي وڙي- نڳٺو- نِڳَٺي.

— **ناگوارُ ج ناگوارَ:** ذ . صف. (ف). معدي ۾ هضم نہ ٿيندڙ کاڌو- خلاف طبع- بدهضم. مڪروه- برده. نا وڻندڙ- بدمزه- بدذائقہ- خراب- ناپسند. ناخوش.

— **ناگهان:** ظرف. (ف). اوچتو- اچانڪ- يڪايڪ.

— **نالائقُ ج نالائقَ:** ذ. صفت. بي لائق- ناقابل- ناخلف- ناشائستہ- غير مهذب- گڻ هيڻ- ناڪار- نڪمو- وٺواند- اَپاتر. اَجوڳ. نامراد- ڪسيرڪ- ڪمينو. بي هنر. اڻ صحيح - اشڌ- غلط.

— **نالائقِي ج نالائقِيُون:** ث . لائق نہ هجڻ واري حالت- ناشائستگي- بي وڙائي- بي واجبي- ناشناسي.

— **نامُبارڪُ ج نامُبارڪَ:** ذ . صفت. اها شيءِ جا مبارڪ نہ هجي. منحوس. نيبهہ نہ ٿيندڙ.

— **نامَحدُودُ:** ذ . صفت. بي حد- بي انتها- لامحدود.

— **نامَحرمُ ج نامحرمَ:** ذ. ناواقف- ناآشنا- اڻڄاڻ- غير- اجنبي - اڻ واقف- پرهَندو- ڏاريون- پرديسي- وديسي- پرگهارو- آريندو- وارو- اوپرو- ست ڏاريون- اوڦتو- غَيَرُ. اهو شخص جنهن کان عورت کي پردو واجب هجي- جنهن سان نڪاح ٿي سگهي.

— **نامُرادُ ج نامرادَ:** ذ . صفت. (ف). مراد نہ پاتل- بي مراد- ناڪام- بي آرزو- محروم. بي نصيب- بدبخت- بدنصيب- نياڳو- ندورو- ڪرم هيڻ- نَحس- چندو- ٺگرو- ڪانڌين موڙهو- مُنو- ڪرو- خر- نِسنڌڪ بُرو- بدڪار- ڪمينو.

— **نامُرادِي ج نامُراديُون:** ث . بدنصيبي- ناڪاميابي- محرومي. ڪا بہ مراد يا غرض دل ۾ نہ رکڻ واري حالت.

— **نامُرادِي چڪائڻ:** بدبختي دور ڪرڻ- نحوست کان نجات ڏيارڻ- نصيب وارڻ- وڏي اوج ۽ اقبال تي رسائڻ.

— **نامَردُ ج نامَرد:** ذ . صفت. عورت تي قادر نہ ٿيندڙ. بنا مڙسي (مڙسيءَ ۾) ڪمزور- ضعيف. ڏڄڻو- بزدل- بي حوصلي- ڪانئرو- ڪُماٺهو. گانڊو- نامرد- گيدي.

— **نامَردُ ٿيڻُ:** بزدل ٿيڻ- ڏڄڻو ٿيڻ.

— **نامَردُ ڪَرڻُ:** خصي ڪرڻ.

— **نامَردِي ج نامَرديُون:** ث .(ف) طاقت نہ هجڻ واري حالت- ڪمزوري- ضعيفائي. بزدلي- ڏپ.

— **نامَرّدُ ج نامرّد:** ذ . صفت. نامرد.

— **نامَرّداٽو ج نامرّداٽا:** ذ . نامرداٽو- خوفزده- ڏڄڻو- ڏڄندڙ- ڪانئر- ڪماٺهو- اَپرش- گانڊواٽو.

— **نامَرّدي ج نامرّديُون:** ث . نامردي. ڪانئرائي- گيديپڻو- بي

Gul Hayat Institute

جگري– ڪُچراٽي.

– **نامَعدُودُ ج نامعدُودَ:** ذ . صفت . بي شمار– ڳاڻيٽي کان ٻاهر – لاعتداد– بي انداز.

– **نامَعقُولُ ج نامَعقُولَ:** ذ صفت. بعيد العقل– عقل کان ٻاهر– واهيات– ڪِل جهڙو– بيهودو– اڻ وڻندڙ– عَبث. جڙُ– بي سمجهه– بي عقل– نالائق– نااهل. نامناسب– ناواجب– غير واجب– بيجا.

– **نامَعلُوم ج نامَعلُومَ:** ذ . صفت. معلوم نہ ٿيل– بنا ڄاڻ– اڻ ڄاڻ– ناواقف– غير موقوف– اڻ واقف– اڻ سڃاڻو– اڻ ڄاتل– گمنام– غير مشهور.

– **نامُمڪِن:** ذ . صفت. نہ ٿيڻ جوڳو– نامناسب– غير واجب– بيجا– نامعقول– ناموزون– نازيبا– بيهوده.

– **نامَنظُورُ ج نامَنظُورَ:** ذ . صفت. منظور نہ ڪيل– پسند نہ ڪيل– ناپسند– انڪار ڪيل– نامعقول– نہ قبوليل.

– **نامَنظُورُ ڪَرَڻُ:** منظور نہ ڪيل– نہ قبولڻ– نہ مڃڻ– انڪار ڪرڻ.

– **نامُوافِقُ ج نامُوافِقَ:** ذ . صفت. اڻ ٺهندڙ– ناسازگار– ناگوار– خلاف– بي جوڙ– اڻ ميل– اسميو.

– **نامُوافِقُ هُجَڻُ:** راس نہ هجڻ– برابر نہ هئڻ– خلاف راءِ هجڻ.

– **نانهہ:** ث . ڪجهہ بہ نہ هئڻ واري حالت– نيستيَ– نفي– عدم (حرف انڪاري) نہ. نهڪار– ناڪار– انڪار.

"سموري سرڪار نيئي رکهج نانهہ ۾."

– **نانهہ ٿِيَڻُ:** نابود ٿيڻ– ختم ٿيڻ.

– **ناواقِفُ ج ناواقِفَ:** ذ . صفت. اڻ ڄاڻ– اڻ واقف– نامحرم– اڻ سونهون.

– **ناهہ:** نيستي (حرف انڪاري) نہ. نہ آهي، جو مخفف.

– **ناهَنجارُ ج ناهَنجارَ:** ذ . صفت. بدذات– ڪمذات.

– **ناهي:** نہ آهي.

– **نايابُ ج نايابَ:** ذ . (ف. نہ يافتن). نہ لڀندڙ– هٿ نہ ايندڙ– اڻ لڀ– دُرلڀ– ڪمياب– ناپيد– عنقا. نادر– انوکو.

– **نايابِي ج نايابِيُون:** ث . نہ لڀڻ واري حالت– ڪاميابي. اَڻاٺي– اڻاٺ– قلت– ڪمي– ڪاڻ– ڏڪر.

• **نابہ:** ث . خاص شراب.

• **ناپ ج ناپُون:** ث. (سن. تپس> تَپ= ايذاءُ رسائڻ). آسمان– آڪاس. صبح جو– آسمان جو – شفق. مينهن جون بوندون، سج. تنبڻ پکيءَ وغيره جا چنبا. ننهن – نهندون– ڇهنبون. نيزو– ڏار– تير– ڪانُ – ڀالو. لانپ – شاخ– ڦاڪ. گوڊ– تَند– پاڙ– پِيڙه. نوڪ– شيخ.

• **ناپُ ج ناپَ:** ذ . وچ وارو حصو– وچ– مرڪز– منجهہ– دُن– ناف. ڦيٿي يا چڪر جو وچون حصو– ناهين.

• **ناتاري ج ناتاريُون:** ث . جهاز يا ٻيڙيءَ کي هڪ هنڌ بيهارڻ لاءِ هڪَ ڳرو (تورَ اٽڪل ٧_٨ مڻ) لوهہ جي چنبن سان اوزار– لنگر– ٻلي– لوهي ڳرو– چنبو– ٻيڙي بيهارڻ جو هڪ اوزار.

• **ناتالُ ج ناتالَ:** ذ . (انگ. نيٽل= ڄمڻ جو) ڪرستانن موجب نبي عيسيٰ جي ڄمڻ جو ڏينهن (٢٥_ ڊسمبر).

• **ناتالو ج ناتالا:** ذ . بهانو– ناتو– ناتانو– نالو.

• **ناتَرِ :** ث . اسم خاص. مومل جي خاص ٻانهيءَ جو نالو. ٻانهي– داسي– گولي– نوڪرياڻي– ڪنيزڪ. تازي تواني.

• **ناٽُو ج ناٽا:** ذ . امل ڳارڻ جي ڳوٿري. ڪپڙي جي پيالي جا مٿي ٽنگي ڇڏجي، جنهن مان آفيم جو ڳارو ڦُڙو ڦڙو ٿي ڳري. موالين جي مجلس. ٺَڪرن جي مجلس.

• **ناتو ج ناتا:** ذ (ع. ناطہ). رشتو قرابت– خويشي– رشتيداري– مٽاچاري – عزازت– مائٽي– سنبنڌ– تعلق– پائيبندي– واسطو– لاڳاپو– ڳانڍاپو– نسبت– دوستي– واقفيت. عشق. اُلفت– پريت.

– **ناتو رَکَڻُ:** سنبنڌ رکڻ– تعلق رکڻ. واقفيت رکڻ– دوستي رکڻ. پريت رکڻ.

• **ناٿُ ج ناٿَ:** ذ . (سن. ناٿ) بچائيندڙ– پناهہ ڏيندڙ– رکپال. مالڪ– خاوند– ڌڻي. مرشد– گُرو– سُوامي– جوڳين جو لقب. (صفت) اڪابر– پڙُ. تجربہ ڪار. ناٿ پنٿي هندو فقيرن جو فرقو– هٺ يوگي گُرو (مڇندرناٿ، گورک ناٿ وغيره).

• **ناٿ :** (اسم خاص) . تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ناٽُ ج ناٽَ:** ذ. (سن. ناٽَ= ناچُ، کيل) انڪل– حرفت– انڪل بازي– هٿ ناٽ– چالاڪي– چشم بندي– بازيگري. لٽڪو چٽڪو– ناچُ– چاڳلائي– ٽينگ ٽپو. نخرو– مڪر– اکين جا اشارا– تالُ– ناٽُ– نازُ– ماٺو– انگل– لاڏ– ڪوڏ– غمزو– وَرُ– پيچُ– وڪڙ– اُٿل پٿل. نٽاءُ– انڪار– گساءُ. تاب– تاءُ.

– **ناٽِرُ ج ناٽِرَ:** ذ . صفت. ناٽ ڪندڙ– نخرا ڪندڙ– نخريل– ناز ڪندڙ– انگلي– ماٺائي– تال ڪندڙ– تالِرُ. (ث. ناٽِر ج ناٽريُون: ).

– **ناٽَ نُوٽَ ڪَرَڻُ:** مڪر ڪرڻ– بهانا ڪرڻ. نٽائڻ– گسائڻ. انڪار ڪرڻ.

• **ناٽارڻُ:** مصدر. (سن. نَٽُ= نگيءَ سان نقصان پهچائڻ) ناٽار

Gul Hayat Institute

ڪرڻ– نتائڻ– گسائڻ– گوهي ڪرڻ– گوسڙائڻ– گوتنات ڪرڻ– ڪسڪي وڃڻ– تارڻ– ڪنڌ ڪڍائڻ– پسرو ٿيڻ– ناتمائڻ– تلڪائڻ. (ناتاريو– ناتارائيندو– ناتاريل).

– **ناتار ج ناتارون:** ث . گوتنات– گسڪساءُ– نتاءُ – گوهي– تار– آناڪاني– نتڪار.

– **ناتائو ج ناتائو:** ذ . صفت. ناتار ڪندڙ– نتائيندڙ– گوسڙو– گسائيندڙ– گوهي ڪندڙ– ٻسڙ ۾ پير هٽندڙ– گوسڙائو– گوتنات ڪندڙ.

• **ناٽڪ ج ناٽڪَ:** ذ (سن. نَٽَ = نچڻ) نَٽ جو تماشو– نٽ جو ڪم– نماءُ– نمائش– ڏيکاءُ– ناچ– راڳ رنگ– نقل– رُوپ ڪيل– ڊرامو– تماشو– لِيلا. جادو ڪرڻ واري حالت– ڪامڻ– سِحرُ– موهُ. ڪوڙا ناٽ نخرا. جلسو.(ذ.صفت). نچٽو– ناچو– ڦيريدار.

– **ناٽڪ چيٽڪ:** ذ. ناٽڪ – تماشو– کيل. جادو. ٺڳي.

– **ناٽڪ گهر:** ذ. کيل يا تماشي ٿيڻ واري جاءِ– ناٽڪ ٿيڻ وارو هنڌ– کيل گهر– ناچ گهر.

– **ناٽڪي ج ناٽڪي:** ذ . صفت. ناٽڪ جو– ناٽڪ سان تعلق رکندڙ. ناٽڪ ڪندڙ– کيل ڪندڙ. عجيب انسان. چرچائي– مسخرو. چالاڪ. تماشائي. بي جتاءُ.

• **ناٽڪو ج ناٽڪا:** ذ . ( ع. ناطق)نبض– ناڙ– نَس("ناٽڪو بند ٿيو ته مڙس مئو").

• **ناٽي ج ناٽي:** ذ . (پرا. نات. سن. نَپتر> نپتا= ڏهٽو). ڏيءَ جو گهوٽ– ڏيءَ جو گهر وارو– دامادُ– جاٽو. اُٺ جي نڪ ۾ مهار ٻڌڻ لاءِ وڌل ننڍي ڪاٺي– ناڪيلي– لاٽي.

• **ناپٽ ج ناپٽَ:** ذ. نئون کوٽيل واهه. اهو واهه. جنهن جي سال بسال کاٽي ڪجي– سخت زمين. سالن کان غير آباد پيل زمين.

• **ناپر:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ناپو ج ناپا:** ذ . (ف. نرجلڪ) سارين جي پوک ۾ ٿيندڙ ول جي ڦر مان پيدا ٿيندڙ ان جو هڪ قسم. هڪ پسارڪو وکر. ڪوٽيءَ جو ٻج.(ل). ماپو– ماڻ.

• **ناجي ج ناجي:** ذ . صفت. ( ع). نجات يا ڇوٽڪارو حاصل ڪيل– نجات مليل– گناهه معاف ڪيل– مغفور.

• **ناجهو ج ناجها:** ذ . صفت. ڏسي نه سگهندڙ– اکين کان معذور– نابين– انڌو– نابينا.

• **ناچ ج ناچَ:** ذ . (سن. نَرتيه> نرت= نچڻ) نچڻ– نچڪو– رقص– ڇير ٻڌي پوري قدم ۽ تال تي هلڻ ۽ ڦرڻ جو فن. جهمر– ڦيرو– نَچ – کيل– تماشو.

– **ناچ ڪرائڻ:** نچڻ جو تماشو ڪرائڻ– نچائڻ– سزا ڏيڻ.

– **ناچ ڪرڻ:** نچڻ– نچ ڪرڻ.

– **ناچڪو:** ناچ.

– **ناچڻي ج ناچڻيون:** ث . نچندڙ عورت– فن طور ناچ ڪندڙ عورت– عام نچڻي– رنڊي– طوائف.

– **ناچو ج ناچو:** ذ . صفت.ناچ ڪندڙ– نچندڙ– رقاص.

• **ناخدا:** ذ . صفت. (ف. نارخدا. نار= جهاز+خدا= ڌڻي، ماستر) ٻيڙي هلائيندڙ– ملاح.

• **نادُ ج ناد:** (سن. نادَ > نَد= آواز ڪرڻ) آواز– صَدا– صَوت– سُر– الحان– نِدا– گونج– نَوا– آڪاسي آواز– وڄائڻ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ساز– مينهن جو سڱ– سمنڊ جي سِپ – ٺري يا ڦرنائي جو ڪم ايندڙ ساز– سَنڪُ. پاڻي رکڻ لاءِ ٺڪر وغيره جو وڏو برتن– ناند – نادي. ڪُن جي ڏيڊي. (سن. نات) وڏو ماٺو. ڏنگو ماٺو. (ث. نادي ج ناديون).

• **نادر:** ذ . قوي– طاقتور– زوري مڃائيندڙ. سختي ڪندڙ "نادر بہ نادر آ. پر قادر بہ قادر آ"

– **نادري حڪم:** ذ . پڪو حڪم– قطعي حڪم. اڻ ٽر حڪم.

– **نادري حُڪم ڪَڍَڻ:** سخت حڪم جاري ڪرڻ– لڪپڙهہ ۾ دبُ ڪيڻ يا پيڙڻ.

– **نادري عهدُ:** ذ. پڪو اقرار– قول– وعدو– انجام.

• **نادرَه:** ث . عجيب. تحفو.

• **نادري ج نادريون:** ث . ڇپر مثل– ننڍڙو طنبو(Tent).

• **نادي ج ناديون:** ث. پاڻي رکڻ لاءِ هڪ قسم جو وڏو برتن– ٿامي يا پٽل جي وڏي گهاگهر– شراب رکڻ لاءِ هڪ وڏو ٿانءُ– نادُ– ناند. برف جو پڪو بلاڪ(ٻ منُ تور). (سن. ند= آواز ڪرڻ) حصيدارن ۾ نيلام– سودو– واپار(ذ. (صفت). ناد وڄائيندڙ.

– **نادي ڪَرَڻ:** ڪا شيءِ حصيدارن ۾ نيلام ڪرڻ– ڪنهن شيءِ تي واڪ ڏيئي، ان کي نيڪال ڪرڻ. آخرين ڏي وٺ ڪري پائيواري ڇڏائڻ.

– **نادي لڳڻ:** سودو لڳڻ– واپار لڳڻ.

• **نادمُ ج نادمَ:** ذ . صفت. (ف). پڇتائيندڙ– شرمسار– شرمندو.

• **ناڏ ج ناڏون:** ث . گاهه يا وڻ جون پاڙون.

• **ناڏي ڏنا:** وڃت جو هڪ تار– نادر ڏنا.

• **ناڙ ج ناڙون:** ث . روڄ راڙو– ڪَڍَ ڪُون– دانهون. گوڙ– هُل–

Gul Hayat Institute

ڪڍڻ– ايرڻ ڪان اڳ سج، يا چنڊ جو روشني پيدا ڪرڻ.
(ناسيو– ناسيندو– ناسيل).

– **ناسِجڻُ:** مصدر. چنڊ جو ٿورو ٿورو ٿي مٿي اڀري اچڻ– چنڊ جو اڀرڻ ڪان اڳ سهائو ڏيکارڻ. اڀرڻ– ڪني ڪڍڻ– ظاهر ٿيڻ– روشن ٿيڻ– ٻاهر نڪرڻ.

"ناسيندي نهارَ ڀهرين ڪچ پرينءَ ڏي."(شاهه).

• **ناسُوتُ:** ذ. (ع). جسمن جي دنيا– عالم اجسام. دنيا– هي جهان. تصوف جي ٽين منزل (جَبروت، ملڪوت، ناسوت، لاهوت).

• **ناسُودو ج ناسُودا:** ذ. صفت. بدنام– سنئون سڌو– نہ ٿيڻ جهڙو– نڪ ٻڏل– نِرلڄو(ث. ناسودي ج ناسوديُون). نرجو– بي اثر.

– **ناسُودِي ج ناسُوديُون:** ذ. صفت. بي حيا– بي شرم– نِرلڄو.

• **ناسُورُ ج ناسُورَ:** ذ. نہ ڇٽندڙ ڦٽ يا زخم– هميشه ريشو وهائيندڙ ڦٽ– اڻ ڇٽندڙ– نواسير– ور– ڀڳندڙ– چڳندڙ– چڪندڙ ڦٽ– گَهرو گهاءُ– چَهڪ– زخَم.

– **ناسُور ٿي ٻِيهَڻ:** ڦٽ جو اصل نہ ڇٽڻ. ڦٽ جاڳڻ. عشق جو گَهرو اثر ٿيڻ– محبت پيدا ٿيڻ.

– **ناسُورُ وِجهَڻُ:** وڏو ڦٽ وجهڻ– گهٽو زخم يا گهاءُ ڪرڻ.

– **ناسُور هُجڻُ:** نہ ڇٽائيندڙ گهاءُ هجڻ. ڏاڍو شوق هجڻ.

– **ناسُورِي ج ناسُورِي:** ذ. صفت. ناسور وارو– سخت گهايل.

• **ناسُون(ج):** ث. سَج اڀرڻ وقت آسمان تي خاڪي ليڪا.

• **ناسِي(ج):** ث. سياري ۾ اتر اولهہ ڪان لڳندڙ هوا.

• **ناسِيٽُو ج ناسيٽُو(ٿ):** ذ. صفت. وڃايل مال جي ڳولا ڪندڙ– ڳولائو– کهورو.

• **ناشِتو ج ناشِتا:** ذ. صُبح جي ماني– نيرن– نيراني– نهاري– صُبوحڙي– سيراڻ (ڪڇ). چاهہ پاڻي.

• **ناشِرُ ج ناشِرَ:** ذ. صفت.() شوم نہ هجڻ جي حالت وارو– سخي. معصوم ٻار– ننڍو ٻار. ڇاپيندڙ ۽ اشاعت ڪندڙ.

• **ناصِحُ ج ناصِحَ:** ذ. صفت. (ع) نصيحت ڪندڙ– نصيحت ڏيندڙ– صلاحڪار– اُپديشڪ– پندگو. واعظ.

• **ناصِرُ ج ناصِرَ:** ذ. صفت. (ع). نصرت ڪندڙ– مدد ڪندڙ– مددگار.(اسم خاص). تعلقي مٺيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ناصِرائِي:** اسم خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ناطِقُ ج ناطِقَ:** ذ. صفت. (ع). ڳالهائيندڙ– صاحب عقل– سُبنڌ– سمجهہ ڀريو– ڪليات ۽ جزئيات سمجهندڙ. نهرايل– قطعي– چٽو. صاف– شافي– ڪٽو– پَڪو– تاڪيدي– آخرين. تڪرار.

• **ناظِرُ ج ناظِرَ:** ذ. صفت. (ع) ڏسندڙ– نظر ڪندڙ– نگهبان– نظرداري ڪندڙ– سنڀاليندڙ– جاچ رکندڙ– محافظ. داروغو– جاسوس– سربراهہ ڪار– ديواني ڪورٽ ۾ سڀ ڪان وڏو بٽلف. ضلع جي ڪورٽ جو هڪ آفيسر– مکيہ عملدار– هيڊ محرر. (ذ. اسم). خواجہ سراءِ. کدڙو– کوجو– نِپوسڪ– مخنث.

– **ناظِرو ج ناظِرو:** ذ. صفت. نظر هٽندڙ.

– **ناظِرِينُ ج ناظِرِينَ:** ذ. نظر ڪندڙ– ڏسندڙ. محَفل ۾ ويٺل ماڻهو.

– **ناظِـرت ج ناظِراتُون:** ث. ناظر يا هيڊ محرر جي آفيس يا دفتر– ناظري آفيس.

– **ناظِرِي ج ناظِرِيُون:** ث. ناظر جو ڪم. ناظر جو عهدو.

• **ناظِـمُ ج ناظِمَ:** ذ. صفت. نظم ٺاهيندڙ يا لکندڙ– شعر چوندڙ– شاعر– ڪوي. انتظام يا نظام رکندڙ– منتظم– ڪارڪن. پردي وارو– انتظار ڪندڙ. پوئيندڙ.

• **ناعِمُ ج ناعِمَ:** ذ. صفت. نِعم وارو– ناز و نعمت ۾ پليل– نرم– نازڪ.

• **ناغو ج ناغا:** ذ. ڦوٽ– ڀَنگ– خال– خالي جاءِ – سَنڌو– روڪ– رنڊڪ– سَنَ– ڀَڃ– ڀڃ ٽوڙ– ڇڄڻ يا مروٽڻ واري حالت. غير حاضري– خالي– تعطيل– موڪل– ڇٽي.

– **ناغو وِجهَڻُ:** ترڪ ڪرڻ– ڇڏي ڏيڻ– خالي ڇڏڻ– ترڪو هڻڻ.

• **نافُ ج نافَ:** ذ. وچُ– نابُ– سُنڌي– ڌُنُ– ناڙو. مشڪ جو ٻيڙو.

• **نافَتَ ج نافَتُون:** ث. نہ هٿ اچڻ واري حالت– اڻ هوند– نِيافتَ– اڻ لڀائي– ڪَمِي– گهٽتائي. قحط– ڏڪَرُ. ظَلم– پرلاءُ.

• **نافِذُ ج نافِذ:** ذ. صفت. (ع). چَيل– مڃيل– نِڪتلُ (ڳالهہ). جاري ٿيل (قانون)– عمل ڪيل– نازل ٿيل– نبريل(فيصلہ)– پاسُ ڪيل (ڪو حڪم). اثر ٿيڻ واري حالت.

• **نافِعُ ج نافِعَ:** ذ. صفت. (ع). نفعو ڏيندڙ– نفعي وارو– فائديوارو– فائديمند– مُفيدُ– فائده مند– سُودمند– ڦلدائڪُ– وٽائدارُ– واڌاري وارو– گُنجائشِي– لاهائِتو. سجايو– سڪيارٿو. گڻ ڪندڙ– گڻاڪاري.

• **نافو ج نافا:** ذ. مشڪ يا ڪستوري جو ڳنڍو. هرڻ جو ڌُن.

• **ناڦَ ج ناڦُون (ڪ):** ث. ڌُنُ– نافُ.

• **ناڦ پوڻُ:** هڪ قسم جي بيماري ٿيڻ– ڇِڪي پوڻ.

• **ناڦَبَوليِ(ت):** ث. يڪ سالي تي مليل زمين– خاص موڪل زمين.

• **ناقِصُ ج ناقِصَ:** ذ. صفت. (ع). اڻ پورو– نامڪمل– گهٽ– اڌورو– ڪسو– اوڻو– ڪسيءَ وارو– گهٽتائي وارو– زائل–

Gul Hayat Institute

ناڪُونئُون– ناؤڪو.

– **ناڪئُو ج ناڪُوئا:** ذ. (سن. ناوَڪ . ف. خُدا) ٻيڙي هلائيندڙ– ٻيڙيءَ وارو– ٻيڙياتو– خلاصي. ملاح– ناڪو– ناڪنئُون– مهاڻو– جهاز ران.

• **ناگاهَ:** ظرف (ف) اوچتو– اتفاقاً– اچانڪ– يڪا يڪ– اپاڪي.

• **ناگر:** اسم. هڪ ول جو قسم (جهنگلي گاهه جو نالو. (ت).

• **ناگرُو ج ناگرُوءَ:** ذ. ننگر جو رهاڪو– شهري ماڻهو.

• **ناگرموٿا:** ذ. خوشبوءِ دار ٻوٽي جو هڪ قسم (گُل خوشبوءِ دار، پاڙ ڏِگهي ۽ سواد ۾ تکي ۽ ڪوڙي، طبيعت خشڪ ۽ گرم).

• **ناگرموٺ:** ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

• **ناگرنٽ ج ناگرنٽَ:** ذ. صفت. چالاڪ.

• **ناگري ج ناگري:** ذ. صفت. لنگر هلائيندڙ– ننگر هلائيندڙ– ماني ورهائيندڙ. هڪ لکت جو قسم– هڪ قسم جي صورتخطي.

• **ناگلي:** ذ. هڪ سادي اناج جو قسم. نانگلي.

• **ناگناهه:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ناگ والُ ج ناگ والَ:** ذ. ريشم جي تاڃي تاڻي وارو.

• **ناگهه:** ظرف. (ف نگاهه). اوچتو– اچانڪ– اتفاقا– اپهڪ– ناگاهَ.

• **ناگيل، ناگيل ڦوسيل:** ث. راند جو هڪ قسم (پٽ يا سرن جا اڌ هڪ ٻئي مٿان رکي، ان کي ڪينهوڙي سان ڪيرائڻ)– سيڙهه– ڪينهوڙي راند.

– **ناگيل ڦُوسيل ڪرڻ:** جيئن آيو تيئن ڦتو ڪرڻ– تيڙي پکيڙي ڇڏڻ (ڪابه شيءِ).

• **ناگيلُ ج ناگيلَ:** ذ. پرت ۾ پربل هڪ قسم جو گل. ڏول (چلم جي توپيءَ جو ڍڪُ). نانگ جي ڏنگ لاءِ هڪ قسم جي دوا– ترياق.

• **ناگيل وَلِ (ث):** ث. ول جو هڪ قسم.

• **ناڳي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه ۾.)

• **ناڳيلي:** ث سنهي ان جو هڪ قسم.

• **نال :** ذ . سڏُ – آواز– واڪو. (اسم خاص). جهلاوان (بلوچستان) ۾ هڪ علائقو.

• **نال:** حرف جر (سرائيڪي) سان– ساڻ– سميت– سوڌو– شامل– گڏ.

"آهي ارمان عجيبن جو مون کي نال نه نيائون" (شاهه).

• **نالُ ج نالَ:** ذ. (سن. نالَ = نلي (بازدارن جو لفظ. (باز پکي) جي ٽنگ. هڪ قسم جي نلي يا نري– بندوق جو پورو حصو جنهن مان ڪانُ نڪري– بندوق جي نلي باهه ڦوڪڻ لاءِ ڪٽ يا پٽل جي ٺهيل نلي. واهه– نهر. (ع. نعل) لوهه جو گول ٽڪرو، جو گهوڙي جي سُنبن هيٺان لڳي. نعلُ. ٽنپ جي مٿان جهل لاءِ رکيل ڪاٺي. جُوا راند ۾ هر داءِ مان ٽڪريءَ جي مالڪ کي ڏنل اُجورو– معاوضو– جُوا جو عيوض. پُگنو.

– **نالبيچو ج نالبيچا:** ذ. نڙو– مڏيان. جهلو (ڏنگين ليکن وانگر ڪاٺ ۾ لوهه وغيره جو).

– **نالانُ ج نالانَ:** ذ. صفت. (ف). روئندڙ– فرياد ڪندڙ. رُنل.

• **نالَتَ ج نالَتُون:** ث. (لعنت جو بگڙيل اُچار). لعنت– ڄٽ– ٿُڪ ٻُجو– پاراتو– پِٽَ– سراپُ.

– **نالَتي ج نالَتي:** ذ صفت. لعنت وارو– لعنتي– نامراد. نفرت جوڳو.

• **نالداڻي ج نالداڻيُون (ل):** ث. اَٽ ڪاٺي کي مضبوط ٻهارڻ لاءِ ٻڌڻ لاءِ نوڙيون.

• **نالش ج نالِشُون:** ث. (ف. ناليدن= دانهن ڪرڻ). فرياد– دانهن. مقدمو.

• **نالڪي ج نالڪيُون:** ث. اُٺ تي سواريءَ لاءِ ناهيل سيج– پالڪي.

• **نالو ج نالا:** ذ. (سن. نامَن. ف. نامُ= نالو). ڪنهن به شيءِ جو نانءُ– اسم. ناموس– هاڪ– ساراهه– نيڪي– مشهوري– جسُ– ڏاڪو– هڪل– ناماچار– شهرت.

– **نالو بَدُ ڪرڻ:** نانءُ ناموس وڃائڻ– ٽڪو لڳائڻ– عيب لڳائڻ– خوار ڪرڻ– رُسوا ڪرڻ– بدنام ڪرڻ – ڪنهن جو نالو خرابي سان مشهور ڪرڻ– بدناموس ڪرڻ.

– **نالو ٻڌائڻُ:** نالو ظاهر ڪرڻ– نالو وٺڻ. واقفيت ڪرڻ.

– **نالو ٻوڙڻُ:** خوار ڪرڻ– بدنام ڪرڻ– نيڪي وڃائڻ.

– **نالو ٿيڻ:** ناموس ٿيڻ– شهرت ٿيڻ– نيڪنامي ٿيڻ– واهه واهه ٿيڻ.

– **نالو ٽنگجڻ:** ڪنڌي يا ڪٽ ۾ نالو ڦاسڻ– قرضي ٿيڻ. ڪيس يا معاملي ۾ ڦاسجڻ.

– **نالو خراب ڪرڻ:** نالو بد ڪرڻ– بدنام ڪرڻ– رُسوا ڪرڻ– خوار ڪرڻ.

– **نالو ڪڍائڻ:** قرآن شريف يا ڪنهن مقدس ڪتاب ذريعي ڄاول ٻار جو نالو تجويز ڪرائڻ– مشهوري ڪرائڻ– ناموس ڪڍائڻ– هاڪ ڪڍائڻ– نيڪي ڪڍائڻ– بدنام ڪرائڻ.

– **نالو ڪڍڻ:** مشهور ٿيڻ– نامي گرامي ٿيڻ– نامي ٿيڻ– ناليرو ٿيڻ– نام ڪٺو ٿيڻ– نالي وارو ٿيڻ– ناميارو ٿيڻ.

– **نالو ڪرڻ:** نالي ڪڍائڻ خاطر ڪو نيڪ ڪم ڪرڻ. نالي ماتر ڪو ڪم ڪرڻ. ٻئي طرف منسوب ڪرڻ– ٻئي تي

Gul Hayat Institute

چڙڻ– پاڻ لڪائي ٻئي جو نالو ظاهر ڪرڻ.

– **نالو ڳائڻ:** شاديءَ ۾ گهوٽ مٿان گهور گهوريندڙ جو نالو وٺي ڳيت ڳائڻ. جيئن تہ :

"احمد ڏيئي ويوڙي سو من پانيان ڙي."

مشهور ڪرڻ– ساراهہ.

– **نالو نڪرڻ:** نيڪي يا بديءَ ۾ مشهور ٿيڻ. بدنام ٿيڻ– رسوا ٿيڻ.

– **نالو وٺڻ:** ڪنهن جي نالي سان ڳالهہ بيان ڪرڻ– نالو ڳنهڻ– ڪنهن سان چراند ڪرڻ– حرڪت ڪرڻ.

– **نالو وڃڻ يا نانءُ سڃاڻو هئڻ:** مشهور هئڻ– هاڪارو ٿيڻ.

– **نالي يا نالي ۾:** حرف جر(جي) نالي– (جي) واسطي–(جي)– نام تي–(جي)–صدقي– تي –حساب ۾.

– **نالي پائي:** ذ . صفت. ساڳئي نالي وارو– همنام.

– **نالي جو:** نالي ماتر– نالي خاطر– فرضي – معمولي.

– **نالي جو هئڻ:** ڪم ڪرڻ جيتري لياقت نہ هئڻ.

– **نالي چڙهيو ج نالي چڙهيا:** ذ. صفت. نالي وارو– ناليرو– ناميارو– نامي– نانءُ چڙهيو– ناميو– نامي گرامي– مشهور– نام ڪنيو– شهرت پڌرو– هاڪارو– چنگ چڙهيل– ڏائيل.(اسم خاص). مرد ماڻهوءَ جو نالو.

– **نالي چڱو ج نالي چڱا:** ذ . صفت. چڱي نالي وارو– هاڪارو– مشهور.(اسم خاص). مرد ماڻهوءَ جو نالو.

– **ناليرو ج ناليرا:** ذ . صفت. نالي وارو– هاڪارو– ناميارو– نامي– ناميو– مشهور.

– **ناليسي ج ناليسيون(ث):** ث بدنامي– بدناموس– خواري. ذلت.

– **نالي کي پاڻي ڏيڻ:** نالي کي عزت يا شرف ڏيڻ– نالو قائم رکڻ– مئل ماڻهوءَ جي نقش قدم تي هلڻ– وڏن جي عزت ۽ ناموس برقرار رکڻ.

– **نالي ماتر:** ظرف. اُڇاترو – نالي کي– نالي خاطر– تمام ٿورو– تمام گهٽ.

– **نالي ملو:** اسم خاص. قرآن شريف– ڪَلامُ الله. مرد ماڻهوءَ جو نالو.

• **نالہ:** ذ . (ف). سوزدل جو بلند آواز– فرياد. ڪَسي– نالي.

• **نالي ج نالِيون:** ث (پرا: ناليا: سن نالِيڪا= ناڙي) نري– سوراخيل شيءِ – ناڙي پوک لاءِ ڪم آندل ڪاٺ جي نَلي– ناڙي. تنگدار شيءِ– نڙابندي– نڙو. بندوق جي نالي– پاڻيءَ جي ڪَسي– اَڏ– واهي– موري– ننڍو واهہ. نبض– رڳ– نَس– ناڙ– شهتير جي پاسن

کي لڳل ڏاري ڪاني– ڪامَ کي لڳل وچ ۾ ڪانيءَ جو ٽڪر.

• **نامُ ج نامَ:** ذ . (ف). نالو(اڪثر خدا جو)– ڪنهن بہ ساهہ واري جو نالو– نانءُ– اسم– نالو. لقب– خطاب– سرنامو– اَلَ– ناموسَ– ساراهَ– هاڪَ– نيڪي– شهرت– جَسُ– ڏاڪو– هَڪَل– ناماچار. پَرم– ساکَ– آبرو– عزت. وڏو يا مکيہ– وڏيرو. (ذ. صف). ناُاميد– مايوس– بي آسرو.

– **ناماچارُ ج ناماچارَ:** ذ . ناماچاري– ناموس– نالو– نام– جَسُ– ڏاڪو– هاڪَ– هڪَلَ– شهرت– مشهوري– هَل– اُفواهہ. پَرم– ساک– آبرو.

– **ناماچاري:** ث . ناماچارُ– نالو– نام– ناموسَ.

– **نام بَردارُ ج نام بَردارَ:** ذ . صفت. نالي وارو– ناليرو– ناميارو– نامور– مشهور.

– **نامَ جوڳي ج نامَ جوڳيون:** ث. هنديءَ جو هڪ قسم(اها هندي جا ڪنهن خاص آدميءَ کي پرٺي آهي). (ضد "شاهہ واپاري جوڳي" يعني اها هندي جا ڪنهن مشهور واپاري ڏي پري سگهجي).

– **نامُ چتُ ڪرڻ:** خدا کي ياد ڪرڻ– مرڻ– رضا ڪرڻ– چالاڻو ڪرڻ–(دنيا مان) لاڏاڻو ڪرڻ– رحلت ڪرڻ.

– **نام خدا:** ذ . خدا جي نالي خدا جي واسطي– خدا جو قسم.

– **نامدارُ ج نامدار:** ذ. صفت. (ن). نام وارو– ناليرو– نامي– ناميو– نامي گرامي– نالي چڙهيو– مشهور– نامورُ. عزت وارو.

• **نامَدارُ بَندوق :** ث . قديم بندوق جو هڪ قسم(جنهن کي نليءَ ۾ نَوَ ڦيرا هجن. هيءَ پهريائين ميرن جي صاحبيءَ ۾ حاجي مير خان ناهي هئي، جنهن کي ١٢ ورهين جي عمر ۾ ايران جي طرف ڪم سکڻ لاءِ موڪليو هوائون. جون ٿا تہ ان جهڙي سٺي بندوق ڪنهن کا نہ ناهي).

• **نامداري ج نامداريون:** ث . نالي هئڻ واري حالت– نالو– نام – هاڪَ– ناماچارَ– ناموس– ناماچاري– مشهوري– ساراهَ.

• **نامزَدُ:** ذ . صفت. مشهور. مقرر– ٺاڦيل.

• **نامَ شرون (ت):** ذ. صفت. بي حَيا– بي شرم– نرلجو. بدچال.

• **نامَ ڪَلو ج نامَ ڪَلا:** ذ صفت نالي وارو– نامور– ناليرو– ناميارو– نام ڪنيو– نالي چڙهيو– ناميو– نامي– نامدارُ– نامي گرامي– مَعروف– مشهور–هاڪارو– پرسدَ– چنگ چڙهيل– نانوَ چڙهيو– شهرپڌرو– ڏائيل– ضرب المثل(ث نامَ ڪني ج نام ڪنيون).

• **نام نياڻي ج نامَ نياڻيون:** ث . طعني يا عتاب طور ڪم ايندڙ لفظ. وڏو ماڻهو– امير– وڏيرو.

Gul Hayat Institute

مصيبت ۾ هٿ وجهڻ. اوجتو ڦاسي وڃڻ.

- **نانگ ۽ مور(ڪ):** نانگ ۽ مور جي دشمني جهڙي دشمني– سخت عداوت.

- **نانگڻ ج نانگڻيون:** ٿ. نانگ جي مادي.

- **نانگي ج نانگيِ(ڪ):** ذ . صفت. نانگ جي ڏنگ تي دم ڪندڙ– ڪکيل ماڻهوءَ تي جهاڙ رکندڙ– پاڙهيتو– جوڳي.

• **نانگا:** اسم خاص. فقيرن جي هڪ ذات جو نالو.

• **نانگراجَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. نگراج– لنگراج.

• **نانگرموٺ:** ٿ . نانگرموٺ.

• **نانگرموٺَ:** ٿ . دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽي جو قسم. هڪ قسم جي پاڙ.

• **نانگرولَ ج نانگرِ وليون(ٿ):** ٿ. ول جو هڪ قسم. نانگيلي.

• **نانگ ڪيسر:** پسارڪي وکر جو هڪ قسم– هيڊي رنگ تي خوشبوءِ دار، دل ۽ دماغ کي طاقت ڏيندڙ هڪ گل جو قسم.

• **نانگلو ج نانگلا:** ذ. زيور جو هڪ قسم– ٻانهن ۾ پائڻ جو هڪ زيور.

• **نانگلي ج نانگليون:** ٿ. (ف. مندوهه) ٻوٽي جو هڪ قسم(جوئر وانگي اچي ڳاڙهي رنگ تي داڻا جهلي، جن جي ڪير ۾ رڌل ماني وائي باديءَ لاءِ مفيد آهي)– ان جو هڪ قسم. مروهه.

• **نانگنڍ:** اسم خاص. ضلعي ڪراچي ۾ هڪ ديهه جو نالو. پرت جو هڪ قسم.

• **نانگڻ ج نانگڻون:** ٿ لغڙ جو هڪ قسم. نانگ جي مادي. (اسم خاص) ڪراچيءَ ڪان اُتر– اوير تي هڪ جهنگ جو ٽڪر(جتي نانگ گهڻا ٿين)جو نالو– تعلقي نل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **نانگو ج نانگا:** ذ . صفت. (پرا.نانگو. سن. نگن يا ناگڪ= ننگو) بنا ڪپڙي جي– بنا پردي– اگهاڙو– عريان– ننگو– برهنه– لانگوٽيو– پينگيو– سُڃو– ڪنگال– مفلس– غريب. بي اولاد. نياڳو– بدبخت– بي غيرت– بي حيا.

"نڪتو نسنگ مان نروار ٿي نانگو"(شاهه).

هندو فقيرن جو هڪ ٽولو– اگهاڙو فقير– جوڳي– آديسي– سنياسي– دنيا ڪان ڌار– الله لوڪ.

"جي ننگ ڇڏي نانگا ٿيا، تن نانگن ڪهڙو ننگ"(سامي).

– **نانگو ٿي ويهڻ:** ننگو ٿي ويهڻ– بي شرم ٿي ويهڻ– لاهي پاهي ويهڻ.

– **نانگو ٿي نچڻ:** اکيون پوري بي شرم ٿي جيڪي اچي سو چئي ڏيڻ– ڪري گذارڻ.

– **نانگو ٿيڻ:** وڏ نندائي ڪان نڪرڻ– بي حيا ٿيڻ– انسانيت ۽ شرافت جي حدَ لنگهي وڃڻ.

– **نانگو نپٽو ج نانگا نپٽا:** ذ. صفت. اولاد ڪانسواءِ– بي اولاد.

• **نانگواه:** اسم خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **نانگورو:** اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **نانگو شاهه جاگير:** اسم خاص. تعلقي ڳوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **نانگيل:** ٿ. ول جو هڪ قسم. پلي مينهن جو هڪ قسم. "مينهن ته نانگيل پلي"(چوڻي). (ٿ . صفت). نانگ وانگر وَر وَر ڏيئي هلندڙ– نازسان هلندڙ. جيئن ته.

"عقل اندازي، اعليٰ اڳري، نينهن پري نانگيل"(ڪبير شاهه).

• **نانگيل ڦوسيل(ٿ):** ٿ. راند جو هڪ قسم– سيڙهه ڪينهوڙي راند.

– **نانگيل ڦوسيل ڪرڻ:** (ڪو ڪم) جيئن آيو تيئن ڪرڻ.

• **نانو ج نانا:** ذ . (پرا. نانيو. سن . چان+راڪ). ماءُ جو پيءُ– ماءُ جو چاچو.(ٿ. ناني ج نانيون).

– **ناناڻا(ج) ناناڻا:** ذ . ماءُ جا مائٽ– ناني جي آکهه.

– **ناناڻڪو ج ناناڻڪا:** ذ . صفت. ناني جو– ماءُ جي مائٽن جو– ناناڻو– ناناڻي طرف جو.

– **ناناڻو ج ناناڻا:** ذ. صفت. ناني جي گهر جو– ماءُ جي مائٽن جو.

– **ناناڻي ڏوري لنگهڻ:** بي حيا ٿي ويهڻ– حيا شرم ڇڏي ڏيڻ.

– **ناناڻي رڳ ڇڪڻ:** بنيادي ڇڪ ٿيڻ– تخم جو اثر ٿيڻ.

– **ناني ج نانيون:** ٿ. ماءُ جي ماءُ– ناني جي زال– پيءُ جي سس– ماءُ جي ماسي. پاڻي وجهڻ لاءِ وڏي منهن سان ٺڪر جو هڪ برتن– نانڊ.

– **ناني ڏوهٽو ٿيڻ:** پنهنجو پاڻ ۾ ورهائي کائڻ. "ناني رڌڻ واري، ڏهٽا کائڻ وارا"(چوڻي).

– **ناني ڪورو(ٿ):** شاديءَ ڪانپوءِ گهوٽيتن طرفان ڪنوار جي جهوليءَ ۾ وڌل ڪارڪون، ناريل ۽ هڪ رپيو(اهو ناناڻن جو حق ٿئي).

– **نانيءَ واريون نَو جهرون هجڻ(ٿ):** گهڻيون ڳڻتيون هجڻ– گهڻو فڪر هجڻ.

– **نانيءَ ويڙهو ناهڻ:** رڳو پنهنجي عزيزن کي فائدو پهچائڻ.

– **نانيءَ ويڙهو ڪرڻ:** ڪنهن مقصد لاءِ ڪنهن جي خلاف يڪمشت ٿي سِٽون سِٽڻ.

• **نانوائي:** ذ . نان پچائيندڙ. ٻوڙ ماني ناهيندڙ. وڪڻندڙ.

• **نانوئي:** ذ . گاهه جو هڪ قسم(جنهن جو ان يا ٻجَ ڏڪئي وقت ماڻهو کائين).

Gul Hayat Institute

• **نايَرُ ج نايَرَ:** ذ. سڪل ڦَل جو هڪ قسم— ناريل.

• **نِبَ ج نِبَ، نِبُون:** ث. ذ. لوهي قلم جو سِرو(لکڻ لاءِ). اسٽيل جو قط.

• **نَبابُ ج نَبابَ:** ذ. نوابُ. حاڪم.

• **نَبابِي:** ث. نوابي. سنهي سِلڪ جي ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **نِبات ج نِباتُون:** ث. (ع. نبت). ڪنڊ مان ٺهيل هڪ ٽول— مٺائيءَ جو هڪ قسم.

• **نَبات:** ث. سبزي— نباتات— ساوڪ— وڻ ٽڻ.

– **نَباتات(ج) نباتات:** ث. زمين مان فطري اوڀڙ— وٽن، ٻوٽن، ٻوٽن ۽ گاهن ولين جي اوڀڙ— زرعي فصل— سبزي— ڀاڄي— ساوڪ.

– **نَباتي ج نَباتِي:** ذ. صفت. نبات جو— نبات وارا— اوڀڙ سان تعلق رکندڙ.

– **نَباتي عِلمُ:** علم نِباتات— نباتات جو علم. زميني اوڀڙ جو علم.

• **نِبارُ ج نِبارَ:** ذ. صفت. خالص— نِج — صاف— اصلي— چَند(سون وغيره). کَرو— ٽِڪو— سچو— چوکو— ٽنگسالي— بنا ملاوت— نسورو— اصل.

"پلئان پلئو نہ رهي، نرتون نيهہ نبار."(شاهہ).

• **نَباضُ ج نَباضَ:** ذ. صفت. نبض سڃاڻندڙ— نبض شناس— حڪيم— طبيب.

– **نباهِڻُ:** مصدر. نباهہ ڪرڻ— بسر ڪرڻ— گذارڻ— لنگهائڻ— گهارڻ— ڪاٽڻ— ساٽڻ—(وقت) پاس ڪرڻ. راس ڪرڻ— پورو ڪرڻ— توڙ ڪرڻ. پارڻ(انجام)— پڄاڙي ڪرڻ— پڄاڙيءَ تائين سات ڏيڻ. پُڄائڻ— وفا ڪرڻ— سچو رهڻ. بجا آڻڻ— ادا ڪرڻ.

– **نِباهُ ج نِباهَ:** ذ. گذران— رهڻي— رهائي— پيٽ قوت— تنوڻ. سرانجامي — نبيرو— نڃيڙو. نباهڻ واري حالت— ڀاڻ ۾ ٺهي هلڻ واري حالت— ميل ملاپ.

– **نِباهُو ج نِباهُو:** ذ. صفت. نباهيندڙ— مضبوط— پڪو— اَچل— آسترُ— اَٽل— نيئي— نيبه— نيبهي— قائم— جَٽائو— دائمي— نبائيندڙ.

• **نِبِتَرُ ج نِبِتَرَ:** ذ. صفت. صفا ڇَٽ— بيڪار— وِيَل— ڪمزور— ڪاهل— ضعيف— هيٺو.

– **نِبتر ڪرڻ:** هيٺو ڪرڻ.

"تاچگائي نبتر ڪيو، آدم جي عضون."

• **نِبرَڻُ:** مصدر. ختم ٿيڻ— پورو ٿيڻ— فيصل ٿيڻ— مڪمل ٿيڻ— پڄاڻي ٿيڻ— آخر ٿيڻ— انت ٿيڻ— انتها ٿيڻ— توڙ رسڻ— ڇيڙو ڪرڻ— نتيجو نڪرڻ— جدا ٿيڻ.(نِبريو— نبرندو— نبريل).

• **نِبرِيَلُ:** ذ. صفت. ختم ٿيل— فيصل ٿيل— مڪمل ٿيل. خراب ڦِٽل— ويل— ڇَٽ ٿيل— نياڳو— ڪمبخت.

• **نَبضَ ج نَبِضُون:** ث. نَسَ— رَڳ — ناڙ— تنت— تند— ناڙي. ڌڙڪو— لهر.

– **نَبضَ ڏِسَڻُ:** ناڙ ڏسڻ— ناڙي جو ڌڙڪو محسوس ڪرڻ— جاچڻ— تپاسڻ— چڪاسڻ— خبر وٺڻ— بيماري سهي ڪرڻ.

– **نَبضَ سَهِي ڪَرَڻُ:** ڪنهن جي سياءَ مان پورو واقف ٿيڻ— ڪنهن جي رَڳ سڃاڻڻ— ڪنهن جي پوتي کڃڻ.

• **نَبُوتَ ج نَبُوتُون(ع. نَبا= خبر):** ث. خدا جي حڪمن پهچائڻ واري ذميواري— پغمبري— رسالت.

• **نِبُولِي ج نِبُولِيُون:** ث. ڳچيءَ ۾ پائڻ جي زيور جو هڪ قسم.

• **نِبَهڻُ:** مصدر. (سن). پورو ٿي اچڻ— جٽاءُ ڪرڻ— توڙ ڪرڻ. گذارڻ— رهڻ— ترسڻ— ٽڪڻ. پڄڻ— پهچڻ. ڪاٽڻ— گهارڻ— گذارڻ— گذر ڪرڻ— حيات هئڻ— جيئرو هئڻ. نبرڻ.

• **نَبِي ج نَبِي:** ذ. خبر پهچائيندڙ— رسول— قاصد اِلاهي— پيغمبر— رهبر— رستو ڏيکاريندڙ— اڳڪٿي ڪندڙ— خدا جي طرفان انسان کي نصيحت ڪندڙ— خدا جو دين آڻيندڙ انسان.

– **نَبِي مُرسَلُ:** ذ. اهو نبي يا پيغمبر جنهن تي ڪتاب لٿو هجي— صاحب ڪتاب نبي؛ جيئن "حضرت دائود ع. عضرت موسيٰ ع. حضرت عيسيٰ ع. حضرت محمّد صلي عليه وآله وسلم".

• **نَبِي بَخش:** اسم خاص. تعلقي شاهہ بندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو. مرد ماڻهوءَ جو نالو.

• **نِبيرَڻُ:** مصدر. (سن. نورت= ڇٽڻ) پورو ڪرڻ— قصو چڏائڻ— معاملو ختم ڪرڻ— فيصل ڪرڻ— نڃيڙڻ— اُڪلائڻ— پڄائڻ— توڙ ڪرڻ— (حساب) لاهڻ— چُڪائڻ— جدا ڪرڻ. (نبيريو— نِبيريندو— نِبيريل).

– **نِبيرَ ج نِبيرُون:** ث. نِبيرو— نِڃيرو— اُڪلاءُ— چُڪَت— صفائي— سرانجامي— پورائي.

– **نِبيرائِڻُ:** مصدر. فيصلو ڪرائڻ— اُڪلائڻ.

– **نِبيرائُو ج نِبيرائُو:** ذ صفت نبيرو ڪندڙ— امين— ٺِياڪُر— ثالث.

– **نِبير نِڃيرَ:** ث. نبير— فيصلو— نِبيرو— نڃيرو— چُڪت— خاتمو.

– **نِبيرو ج نِبيرا:** ذ. اُڪلاءُ— فيصلو— نڃيرو— چُڪت— صفائي— نهراءُ. نتيجو— مقصد. عدل— انصاف— اگهہ جو فيصلو.

– **نَبِي سَرَ:** اسم خاص. عمرڪوٽ ۽ ڏيپلي تعلقن ۾ هڪ ديهہ ۽ شهر جو نالو.

Gul Hayat Institute

- **نَبي سَرِڦَر:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **نها:** اسم خاص. ٿر ۾ رهندڙ مسلمانن، ٺڪرن ۽ راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.
- **نِهالُو ج نِهالُو:** ذ . صفت. بي طاقت— نِستو— ڪم هيڻ— ڪمزور— هيڻو— ڏُبرو— اپرو.
- **نِبَرُ ج نِبَرَ:** ذ. صفت. (سن. نِ = نہ+ بل= بَلُ) بي طاقت— بي زور— بي سگهو— ڪم طاقت— نِبَلُ— نِبَلُو— ضعيف— ڪمزور— هيڻو— نِستو— پؤڻو— بي سَتو— بي قوتو— اپرو— لاغَرُ— هڏهيڻو— اَگهو— بيمار.

— **نِبَرائِي ج نِبَرائِيُون:** ث. بي طاقتي— ڪمزوري— ضعيفائي— غريبي.

— **نِبَرو ج نِبَرا:** ذ. صفت. نِبلو— نِبَلُ— بي طاقت— ڪمزور— ضعيف.

- **نِبَلُ ج نِبل:** ذ. صفت. (پرا. نبلو. سن. نِہ+ بَلَ= بَلُ) بي طاقت— ڪمزور— ڪم همت— هيڻو— بي پهچ— بي توفيق— بيمار.

— **نِبَلائِي ج نِبَلائِيُون:** ث . ڪمزوري— بي طاقتي— ضعيفائي— هيڻائي— نستائي— لانجهه.

— **نِبَلو ج نِبَلا:** ذ. صفت. نِبَلُ— بي طاقت— ڪمزور— هيڻو— ضعيف.

- **نَڀُ ج نَڀَ:** ذ . (سن. نَڀَس ) آسمان— آڪاسُ— اُڀُ. (د. صفت). صاف— اوجل— چربيءَ مان ڪڍيل گيهه.(ڪ).
- **نِبُ ج نِبَ:** ذ. لکڻ واري قلم جو لوهي قط— نِبُ. ٽاٽيل وَهُ.
- **نياڳُ ج نِياڳَ:** ذ. (سن. نِر= ڀاڳيہ) ڀاڳ نہ هئڻ واري حالت نِدورائي— ڪمبختي— بدنصيبي— شامَت— ماجران.
- **نِياڳائِي ج نِياڳائِيُون:** ث . نياڳ— اڀاڳ— ڪمبختي— بدقسمتي— ندورائي. ڦيٽ— خرابي— ڦِتندي.

— **نِياڳو ج نياڳا:** ذ. صفت. بدبخت— بي ساعتو— ڪم نصيب— بدنصيب— ڪم بخت— ادورو— نِدورو— چَندو(ث. نياڳي ج نياڳيون).

- **نِبائِڻُ:** مصدر. (پرا. نِباهہ. سن. نِواهتَ(ني)> نِرواهہ= پورائي. گذارو) نباهڻ— گهارڻ— گذارڻ— لنگهائڻ— توڙ ڪرڻ— انت ڪرڻ— پڄاڙي ڪرڻ— پورو ڪرڻ. سچائي ڏيکارڻ— وفاداري ڪرڻ— انجام پارڻ— بجاءِ آڻڻ.(نِبائيو— نِبائيندو— نِبائيل).
- **نِپايو:** ج. صفت. جنهن جو پاءُ نہ هجي— بنا پاءُ(پٽ پاراتي جو لفظ).

— **نِپائِي:** ث. اها عورت جنهن کي پاءُ نہ هجي— پائرن مُٺل (پِٽَ جو لفظ).

— **نِپائِي نِپڪِي:** ث. پاءُ ۽ پٽ کانسواءِ پِٽ جو خطاب(زالاڻي ٻولي).

- **نِبو ج نِبو:** ذ . ٻُوٽي جو هڪ قسم(هن جا پن وهنجڻ ۽ ڪپڙا وغيره ڌوئڻ جي ڪم اچن)— نِنِبُو.
- **نِبُورُ:** ظرف. تمام— صفا— بلڪل— نهايت— ڏاڍو— نپٽ (چريو)— آنان(اُگهاڙو). (ذ. صفت). سچو پچو— پڪو(ٺڳ)— ساڳوٽو— اُهوئي— ساڳيو— سُڌِ پُڌ— عين اُهو.
- **نَت ج نَتُون:** ث. (ع. نَطَعَ). اُٺ جي سنج جو هڪ قسم— چمڙي يا ڦاڙهي جي کل مان ٺهيل پوش، خوبصورتي لاءِ اُٺ جي گشي مٿان ٻڌل چادَرُ— فراشَ— پاڪڙي جي مٿان چم وارو پردو.
- **نتُ:** ظرف .(پرا: نتو. سن. نِتي> نِتيُہ= نِتُ). هلندڙ— گَڏيل— ڳنڍيل— مسلسل— لاڳيتو— هڪ ٻئي پٺيان— سدائين— هميشه— سَدا— مدام— دائم— دائما— هروقت.

"نت نهاري ڏيهہ ڏي، ڳوڙها پيم ڳڙي."

— **نِت پِرت:** ظرف. نِتُ— سَدا— هميشه— هَر هميشه— هَرهَرَ— وري وري— روز روز.

— **نِتُ نِتُ:** هميشه— سدائين— وري وري— سَدا— روز روز.

— **نَتُ نئُون:** تازه بَتازو— نَوبَنو. هر روز— مهيني سِر مهيني.

— **نِتارَ ج نِتارُون(ٽ):** ث . ڪاپارَ مٿان سِج اچڻ واري حالت— وڏي سج ٽيڻ واري حالت— گهڻو وقت گذري وڃڻ واري حالت.

- **نِتارَڻُ:** مصدر. ڏُتارڻ— اُتارڻ. آترائڻ.(نِتاريو— نِتاريندو— نِتاريلُ).
- **نِتَرِ ج نَتَرُون(ل):** ث. گهڻ گهٽائي. ٿورائي— سُڄَ.
- **نِتَرِڻُ:** مَصدرُ. صاف ٿيڻ— اُجرو ٿيڻ— آترڻ. آترجڻ(نِتريو— نِتريندو— نِتريلُ).
- **نَتِيجو ج نَتِيجا:** ذ . حاصلات— ماحصل— انجام— انتها— خاتمو— انت. مطلب— ثمر— ڦَلُ.
- **نتيرڻ:** مصدر. (پاڻي) آترائڻ— نِتارَڻُ.(نتيريو— نتيريندو— نتيريَلُ).
- **نَٿَ ج نَٿُون:** ث. (پرا: نٿا> نٿيا. سن نٿا> نرتا> نستہ= نَڪَ) عورت جي نَڪَ ۾ پائڻ جو زيور— بَئنسَر— ڍڳي جي نڪ ۾ پيل نوڙي. بيل گاڏي جي ڦيٿي جي ٻاهران، سرائيءَ مان ڦيٿي کي ٻاهر نڪرڻ کان روڪيندڙ ڪِلي— چَپَرَ— چاٻي. هرنهن ۽ ڪُڙهہ کي سوگهي جهلڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ چَپَرَ— چِچڙي— گَنبي ڪتڻ وقت تندي جي وَرَ ڏيڻ لاءِ سنهي ڪاٺي ترار جي ڪرڙي جي چوٽيءَ ۾ چانديءَ جو ننڍڙو طوق يا ڦَل. ٻاندي يا ڍينگي ۾ ڦرهين کي جهلڻ لاءِ ونگ.

— **نَٿَرُ:** ذ . صفت. نڪ ٽوپيل— نٿ سان. نَٿُو.

— **نَٿُو:** ذ . صفت. نڪ ٽوپيل— نَٿِرُ. مرد ماڻهوءَ جو نالو.

— **نَٿَ وجهڻُ:** ڍڳي جي نَڪَ ۾ نوڙي وجهڻ.

- **نَٿَرُ:** اسم خاص. تعلقي قمبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

نپائي وڏو ڪرڻ– چاڙهڻ– متي ڪرڻ تاتڻ– پالڻ پوسڻ– نوازڻ– حمايت ڪرڻ– زور ونائڻ سارَ لَهڻ– سهارو ڏيڻ– انگ پيٽ ڏيڻ– خدمت ڪرڻ. (نِپائيو– نِپائيندو– نِپائيل).

• **نِپائڻهارُ ج نپائڻهارَ:** ذ . صفت. نپائيندڙ– پالڻهارُ– پرورش ڪندڙ– سانديندڙ– پاليندڙ– نوازيندڙ– خدمت ڪندڙ– سنڀاليندڙ.(اسم خاص). خدا جو هڪ صفاتي نالو.

– **نِپايَلُ ج نِپايلَ:** ذ . صفت. نپائي وڏو ڪيل– سانديل– پاليل پوسيَل– ڏاريَل.

• **نِپِتَرُ ج نِپِتَرَ(ت):** ذ . صفت. ڇَٽُ– برباد– تباهه – ويران– نابود. خراب– ڪِنو. ڏٻرو– لانجهو– ضعيف– ڪمزور.

• **نپِتَڻُ(ل):** ڍيندڻ (ردي مڃڙين) مان ڪڍيل آنڊا ۽ گندُ.

• **نِپَٽ:** ظرف. (پرا. ڻپَٽ. سن. نِشپٽ> نِپَٽ= ڪرڻ، هيٺ ڪرڻ) صفا– بلڪل– تمام– نِرو– سراسر– بِنهي– اصل– پَٽيءَ. انان(ڇريو). بِنَهن– مُورُ– هرگز– مِڙ موڙي– اصل ئي– تروتَرُ.

"تيو نهوڙي چوڪ، چشمن نوڪَ، نيڻن جي نِپَٽ" (مخفي)

– **نِپَٽ نانگو:** ذ . صفت. صفا اگهاڙو.

– **نِپَٽ اَنڌو:** ذ . صفا انڌو– بلڪل انڌو.

• **نِپٽو ج نِپٽا:** ذ . صفت. (پرا نپوتيو. سن. نپوترڪ= اڻ پُٽيتو) بي اولاد– بنا اولاد– بنا پُٽ– لاوَلدُ– نِپاڳو– ڇنڊو– نحس– بدبخت– منحوس– مُئو.(ث . نِپٽي ج نِپٽِيُون).

• **نِپجَڻُ:** مصدر. پلجڻ– سانديجڻ– نپائجڻ– سنڀالجڻ.

– **نِپنُو ج نِپنا:** ذ . صفت. پَليو– وڏو ٿيو– پيدا ٿيو.

• **نِپَنِي(ڪ):** ث . پوڪ جو هڪ قسم.

• **نِپُوتُ ج نِپُوتَ(ل):** ذ . صفت. نافرمان– بي چيو– ڪپوٽ.

• **نِپُوڙڻُ:** مصدر. (سن. نپيڊ= پيڙڻ). نچوڙڻ– زور ڏيڻ– پيڙو ڏيڻ– پيڙڻ– چپڻ– چيپاڻ– چٽڻ– نپوڙي ڪڍڻ– ڇٽڻ.(نپوڙيو– نپوڙيندو– نِپوڙيل).

– **نِپوسَنگُ ج نِپُوسَنگَ(ڪ):** ذ . نامرد– ڪڏڙو– مکي چوس– بخيل– ڪنجوس.(ل).

• **نِپَهري(ڪ):** ث . (نہ + پهر= ماڻهو). سنسان هنڌ– جنهن هنڌ ڪا وَسندي نہ هجي.

"هي واهه جي نِپَهري جُوءِ آهي." (جملو).

• **نپيڙڻ:** مصدر. (سن. نپيڊ= پيڙڻ). نپوڙڻ– زور ڏيڻ– زور ڏيئي پاڻي ڪڍڻ.(نپيڙيو– نپيڙيندو– نپيڙيَلُ).

• **نِجُ ج نِجَ:** ذ . صفت. بنا ملاوت– خالص– صاف– نجو– نبار– شُڌ – صَفا– نيٺ– نرمل– پوتر– اصيل– چِند– سچو– کَرو– ٽنگسالي– اڻ ميل– اڻ مليل– اصلي– خاص– نيارو– ذاتي– صافي(نفعو)خود– پاڻ.

– **نِجُ ٻجُ:** ذ. صفت. نِج – نِبار– خاص– صاف. ساڳيو– هوبهو. نس پس.

– **نِجابَتُ ج نِجابَتُون:** ث. شرافت– اصليت– بزرگواري– بزرگي.

• **نِجات:** ث . نج جنس.(ذ . صفت) بنا ملاوت– نِج– نِجو– نبارُ– خالص– نيٺ.

• **نَجات(ع):** ث . ڇوٽڪارو– خلاصي– بخشش– معافي.

• **نجاسَتُ ج نِجاسَتُون:** ث . پليدي– ناپاڪائي– پليتي– آلائش– غليظائي– گندگي– ڪدورت– مَلُ– غلاظت.

• **نِجاهُ:** (امر) وِئي وڃجانءِ– نِجاءِ– نجانءِ.

• **نَجدُ:** ذ . (ع). مٿاهين زمين. (اسم خاص). عرب جي هڪ مشهور شهر جو نالو.

• **نِجرَڻُ:** مصدر. ڳرڻ– ڏٻرو ٿيڻ– ڪمزور ٿيڻ. نِجهرڻ.

• **نَجَسُ ج نَجَسَ:** ذ . صفت. ميرو– گدلو– ڪِنو– خراب– گندو– ناپاڪ– پليت– پليد– بدبخت– نامراد– ندورو– نڱرو– مُئو– ڪَر– ڇنڊو.

• **نَجف ج نَجف:** ذ . اها جاءِ جتي پاڻي چڙهي نہ سگهي.(اسم خاص). عرب جي هڪ مشهور شهر جو نالو(جتي حضرت علي ڪرم الله وجهه جن جي مزار شريف آهي).

• **نَجَمُ ج نَجمَ:** ذ . ستارو– تارو.

• **نِجَڻُ:** مصدر. (هاڻي متروڪ) ڪٽي وڃڻ.

• **نِجو ج نِجا:** ذ . صفت. نِج– صاف– خالص– جدا– ڌار– الڳ– خلاصو– بي ضرر. پنهنجو– خود بخود.

• **نِجائِي ج نِجائِيُون:** ث . خالصيت– تنتپائي.

• **نُجُومُ ج نُجُومَ:** ذ . نُجم جو جمع– تارا– سِتارا. تارن جو علم– علم نُجوم– علم هيئت.

• **نُجُومِي ج نُجُومِي:** ذ . صفت. علم نُجوم جو ڄاڻو– تارن جي اثر جو حساب لڳائيندڙ– جوتشي– سِڌانتي.

• **نِجويو ج نِجويا:** ذ . صفت. بنان زال جي– بنان جوءِ– بي جويو– بي گهرو. ڪنوارو– ڇڙهو. رنڊ– ڇڙوڇاند– نِروڳو– تندرست– چڱو ڀلو.

• **نَجِيبُ ج نَجِيبُ:** ذ . صفت. چڱي نسل وارو– خانداني– اصيل– بنيادي– شريف– بزرگ– برگذيده– اشراف.

Gul Hayat Institute

انگهن کان سواءِ— بنا ڳنڍ جي (ڪائي). لسو— صاف.

– **نِراسا ج نِراسائُون:** ث . نااميدي— مايوسي— لاچاري.

– **نراسائي ج نِراسائِيُون:** ث. نااميدي— مايوسي— اُداسائي— نِراسا.

– **نِربَلُ ج نِربَلَ:** ذ . صفت. بي طاقت— ڪمزور— ڏُربل— هيڻو— ضعيف— بي زور— نستو.

– **نِر ڀَؤُ ج نِرڀؤ:** ذ . صفت. ڀؤ نہ ڪندڙ— بي ڊپو— نڊر— نہ ڊڄندڙ— نڊرُ— بي ڀؤ— بي پرواھ— بالم— ڏندم— دلير— همٿ ڀريو— بهادر— پهلوان— بانڪو.

– **نِربِھَئي:** ذ . صفت. ڏسو نرڀؤ.

– **نِرجيءُ ج نرجيءَ:** ذ . صفت. جيءَ يا جان ڪان سواءِ بيجان— اچيتن— نِرجيو— بي جيءُ— بي جوتيو— جڙ.

– **نِرجِيو ج نرجِيا:** ذ . صفت. (نر+جيڻ) جنهن کي تڪليف جو احساس نہ ٿئي ۽ وري وري ساڳيو ڪم ڪري. بي خوف. اَورچ (ث . نرجي ج نرجيون).

– **نِرڏَڪُ ج نِرڏَڪَ:** ذ . جنهن تي ڏک جو اثر نہ ٿئي— بي ڊپو— بي ڀؤ— نريئي— نِڏڪُ.

– **نِرڌَنُ ج نِرڌَنَ:** ذ صفت. ڌن ڪان سواءِ— غريب— مسڪين— ڪنگال.

– **نِرگُڻُ ج نِرگُڻَ:** ذ. صفت. نالائق— نڪمو— گڻ هيڻ— وڻواند— نڪار— ناخلف— نامراد.

– **نِرلَڄُ ج نِرلَڄَ:** ذ. صفت. لڄ ڪان سواءِ— بي لڄو— بي حيا— بي شرم.

– **نرلَڄو ج نرلَڄا:** ذ . صفت. لڄ ڪان سواءِ— بغير خطا— بي حيا— بي شرم— بي لڄو— بي نڪو— بي ديدو— نرڄو— بي غيرت.

– **نِروارُ ج نروارَ:** ذ. صفت. (سن. نِر= بنا+وار=پردو). بنا پردي— ڪليل— ظاهر ظهور— پڌرو— ڪليو— ڪلايو. صاف— چٽو— صفا. ڌار— جدا.

– **نِروارُ ڪَرَڻ:** ظاهر ڪرڻ— ڏسڻ— ڏيکارڻ— ڪولي ٻڌائڻ— پڌرو ڪرڻ.

• **نِرُ ج نِرَ:** ذ. ٻنيءَ جي ٻنن يا ٻندن وغيره کي ٿيل ٽنگ— ٻنيءَ مان پاڻيءَ وهڻ جو ٽنگ— گارڇو— رُونڻ.

• **نَرُ ج نَرَ:** ذ . نار جي پاڙَ هيٺان سنهي ڪسي. ڪناري لڳ. سمنڊ جي تري واري ڪاڏِي.

• **نِراڄڙي ج نِراڄڙِيُون:** ث . اک جي مٿان بيٺل پِرن(وارن) جي گولائي واري جاءِ— پروُنٽو.

• **نراڙُ ج نِراڙَ:** ذ. (سن. نِلاٽ. پرا. نڊال) اکين ۽ مٿي جي وارن جي وچ ۾ منهن وارو مٿانهون حصو— پيشاني— نِرڙُ— نِراڙي.

تالِھ— تارڪ. (ڪ).

• **نِراڙو ج نِراڙا(ڪ):** ذ . پنهنجي منهن— اڪيلو— روءَ سوءَ— علحده— جُدا— نِرالو. (ث . نِراڙي ج نراڙِيُون).

• **نِراڙائِي ج نراڙائِيُون:** ث . اڪيلائي— علحدگي— گوڙ گهمسان ڪان الڳ جڳهہ— سنساني.

– **نرالو ج نِرالا:** ذ صفت. (پرا. نِرالِي. سن نِرالي) الڳ— جُدا— اڪيلو— هيڪلو. ٻئي نموني جو— عجيب— ڌاريون— عجب جهڙو— نيارو— انوکو— عجيب و غريب— نئون— خاص— نجو— ذاتي— نادَرُ— غير رواجي— نہ ڏٺل نہ ٻڌل— ناشنيدو. سڪٽو— اڪيلو (ث. نرالي ج نراليُون).

– **نِرالائِي ج نِرالائِيُون:** ث . خصوصيت— وشيشتا— نِرالپڻ.

– **نرالِي حالَت:** نرالي ڳالهہ— انوکي ڪيفيت.

– **نرالِي طبيعت:** ث . خاص مزاج— انوکي چال— فطرت.

• **نرانو ج نرانا:** ذ . صفت. بنا ناشتي ڪيل. نيرانو.

• **نراھُ ج نراھَ:** ذ . صفت. بي راھ— نااُميد— نِرھ— مايُوس— نراسُ— محروم— خستو— شڪستو— اُداسُ. رَدُ. (ت).

• **نِرائِي ج نِرائِيُون:** ث . نِلائي— پاڪائي.

• **نِرت ِ ج نِرتُون:** ث. (سن. نيتر يا نِرتي) نظر. ديد— نِهار— اک جي روشني— ڏيٺ. ڌيانُ— ويچار— خيال— سمجهہ— فهم— ٻوجهہ— هوش— حوصلو.

– **نرتائِتو ج نِرتائتا:** ذ. صفت. نرت جو يا نرت وارو— سُڄاڻُ— سمجهو— تيز فهم— زيرڪ— چَتر— سُٺوپرو— متمان— هوشيار— عاقل— عقلمند.

– **نرتڻُ:** مصدر. نهارڻ— جاچڻ— چتائڻ. (نِرتيو— نِرتيندو— نِرتيل).

– **نِرتَون:** ظرف. نرت سان— نرت ڪان. نظر. ڌيان سان— ويچار سان.
"پليان پَليو نہ رهي، نِرتَون نيهُ نِبار" (شاھ).

– **نِرتَئُون:** ظرف. نِرت ڪان— نظر ڪان— نظر جي ڪري. ڌيان سان— صدق سان.

– **نِرتو(ڪ):** ظرف. نظر کي سامهون— سنئون— سِڌو— ڏو. (ج. نِرتا). تيز نظر واري اُٺ جو هڪ قسم. (ڪ).

• **نرجو ج نِرجا:** ذ . صفت. نِرڄو— بي حيا— بي شرم— بي لڄو— بي نَڪو— بي ديدو— ڏٺيون پاٽيون ويل. نِنر— بي چيو— نافرمان— هٺيلو— ضِدي— نؤدُ— نبريَلُ. سخت— ڏاڍو. اڻ ٽڪ— اَورچُ. منحوس. (ث . نرجِي ج نِرجِيون).

• **نِرجو ج نَرِجا:** ذ . صفت. بي شرم— بي حيا— بي لڄو— نِرجو— بي غيرت— بي ديدو— بي نڪو. ڪَڪُ نہ ٿيندڙ— اَورِچ.

Gul Hayat Institute

– **نَرمائِي ج نَرمائِيُون:** ث. ڏسو نرمائش– نرمي.

– **نرمُ پاڻي:** هلڪو پاڻي– صاف پاڻي.

– **نرمُ دلُ ج نَرمُ دلَ:** ذ. صفت. نرم دل وارو– رحمدل– موم دل– قياس وند.

– **نَرمُ ڪَرڻُ:** ملايم ڪرڻ– ڪنئرو ڪرڻ. نارڻ– ڍرو ڪرڻ دل وٺڻ.

– **نَرمِي ج نَرمِيُون:** ث. فرمائش– نرمائي– ڪوملتا– جهيڻائي– ملايمي – ڪنئرائي– ڍرائي– ڪوملائي– ڍيمائي– ڪونئرائي. خلق– شيريني– ڦلهڙائي. شفقت– مهرباني– رحمدلي. آهستگي. سهولت– آساني– سولائي. بردباري– تحمل. نامردي.

• **نِرمَلُ ج نِرمَلَ:** ذ. صفت. اڻ ميرو– بنا ڪدورت– پاڪ– پوتر– صاف– نِج– ڪومل– شفاف– چمڪندڙ– ڏچا وارو– اوجل– منو– اڇو– اجرو– اڇتو– نجو– خاص– نبار– خالص– اصل– نيٺ– چِند– ڪرو– سچو– بيداغ– نيڪ دل– صاف دل.

– **نِرمَلائِي ج نِرملائِيُون:** ث. صفائي– اُجلائي– پاڪائي– سنائي– اُڇتائي– سُوچتا– پوشيدائي.

• **نَرمو ج نَرمو:** ذ ڪپهه جو هڪ قسم– نرم يا سنهي ڪتيل ڪپهه.

– **نَرما:** ث. آمريڪا جي ڪپهه سان مشابهت رکندڙ نرم ۽ ڊگهي تندن واري ڪپهه جو هڪ قسم.

• **نَرن ج نَرنُون:** ث. گهوٽ جي پيڻ– نڙان– نِران َ– نِٽانَ.

• **نَرنا ج نَرنا:** ذ. نَرُ– مرد– مُذڪر– مڙس– مڙس ماڻهو. هڪ عزت جو لقب.(ث. ناري نانءُ ج ناري نانئَن).

– **نَرنانءُ ج نَرنانءَ:** ذ. مرد– مڙس– مذڪر.

• **نِرناهُ ج نِرناهَ (ڪ):** ذ. صفت. ظرف. پڌرو– ڪليو– ظاهر ظِهور– عَيان.

• **نِرنجَنُ ج نِرنجَنَ:** ذ. صفت. بي عيب– بي عيبو– لڳت يا موهه کان آزاد. خدا جو طالب(ظرف). بنا جذبي– بنا حرص وهواس.

• **نَرُندَ ج نَرُندَون (ل):** ث. پئونڪ– گير.

"ڪري مَرُ ڪُتو پيو نيئرِ ۾ نَرُندَ".

• **نَرُندو ج نَرُندا:** ذ. صفت. بي حيا– بي شرم– نِرلَج.

• **نِرنَڻُ (ڪ):** مصدر. نِرنءَ ڪرڻ– ڪولڻ– ظاهر ڪرڻ– پڌرو ڪرڻ. (نِرنيو– نِرنندو– نِرنيَلُ).

– **نِرَنءِ (ڪ):** ث. صفت. پڌرو– ڪُليل– عَيان– صاف– ظاهر– چٽو.

– **نِرَنءِ ڪَرَڻُ:** صاف ڪرڻ– ظاهر ڪرڻ– فيصلو يا نبيرو ڪري ڇڏڻ.

– **نِرنِي:** کولي نروار ڪري– ظاهر ڪري.

• **نِرنو ج نِرنا:** ذ. صفت. صبح جي ماني کائڻ کان سواءِ– کائڻ بنا– نيراني– بنا ناشتي ڪيل– نيرانو.

– **نِرنِي:** صفت. بنا ڪاڌي پيتي– نيراني– نيراڻي– لَنگهڻ.

• **نِرَنِي ج نِرنِيُون:** ث. صبح جي ماني– ناشتو– نيرن– نيراني– ڇاندو پاڻي.

• **نَرو ج نَرا:** بدن جي عضوي جو هڪ قسم– نِهائينءَ جي پر وارو بدن جو آندو. سٽر جو هڏي سان ويلڻ. ڇڏن جي وچ وارو حصو. مثاني جي نلي– مردانو پيلو– آنورو– خَصيه– خَصيو. (ڪ) چاڪ.(ث). جانور جو اڳيون ٽنگون ڪٽي ٻيهڻ واري حالت– ڳاٽُ. آتشبازيءَ جو هڪ قسم. نيسارو– نارو– نليو. ڪپرو– ڇِت جي سِرَ. ٻوٽي جو هڪ قسم– ڪوتمير– جهنگ ڪتوري(اسم خاص). تعلقي ميرپورماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **نَرا پرڃَڻُ:** شهوت پيدا ٿيڻ– انگيز ٿيڻ.

– **نَرا ڇَبَ ڪَرڻ:** هيسائڻ– دٻائڻ– تڙي ڪيڻ.

– **نرا ڇَبَڻُ:** هيسائڻ– ڊيڄارڻ– وَس ڪرڻ.

– **نَرا ڏيڻُ:** متي ٿيڻ– مغرور ٿيڻ– هَٺَ ڪرڻ. جهيڙو ڪرڻ– تڪرار ڪرڻ.

– **نرا ڦاٽَڻُ:** شهوت جو زور وٺڻ.

– **نرا ڪَڍَڻُ:** اڳيون ٽنگون متي ڪٽي سامهون ٿيڻ– پوين ٽنگن تي ٻيهڻ.

– **نَرا لَهڻ:** پيلا لهي پوڻ– آنورا سڄي پوڻ– ٽٽ ٿيڻ. هرنيا ٿيڻ.

– **نَرو ڏيڻ:** منهن سامهون ٿيڻ– وڙهڻ لاءِ آماده ٿيڻ– تڪرار ڪرڻ. غرور ڪرڻ. ڪنڌ متي ڪڻڻ– اُبو ڳاٽ ڏيڻ. ضد ڪري ٻيهڻ. دٻائڻ– هيسائڻ.

– **نَرولهِي پَوڻُ:** پيلو لهي پوڻ– آنورو لهي پوڻ. هرنيا ٿيڻ.

• **نِرو ج نِرا:** ذ. صفت. ڇڙو– اڪيلو– تنها– محض– جدا– ڌار – علحده– الڳ– واڪو– واسرو– خالص– نجو– نج– نبار– اصل. فقط– رڳو. نسورو. پورو. چڱو ڀلو.

• **نروارُ ج نِروارَ:** ذ. ظاهر. ڪليو– پڌرو– عَيان.

– **نِروارُ ٿيڻُ:** ظاهر ٿيڻ– پڌرو ٿيڻ– عيان ٿيڻ.

– **نِروارُ ڪرڻ:** ظاهر ڪرڻ پڌرو ڪرڻ– عيان ڪرڻ.

• **نِرواهِ(ت):** پورائي.

• **نِروڙَڻُ:** مصدر. نپوڙڻ– نچوئڻ– نچوڙڻ– پيڙو ڏيڻ– زور ڏيئي ڇپڻ– ڇيپائڻ– ڇِتڻ– ڪشڻ–نچوڙي ڪيڻ– مهٽو ڏيڻ– مروڙڻ– موڙڻ– ولوڙڻ– جهڪڻ– جهڳوڙڻ(نِروڙيو– نِروڙيندو– نروڙيل).

ڏاندي– ننديو نڙ(وڄائڻ جو). (ڪ) ڪاني جي نلي(جنهن سان ڪينئان وغيره ڪيجن).

• **نڙاوَل:** ث . ڍِنڍن ۾ سِرَ جي پاٽيءَ تي ٿيندڙ– وَل جو هڪ قسم– ناڙاوَل.

• **نڙ ہَٽ:** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **نڙوَلُ ج نڙوَلَ(ل):** ذ. صفت. لَمبو– تمام ڊگهو.

• **نڙ گهٽُ ج نڙ گهٽَ:** ذ . نڙيءَ ۾ ڪڇين چلراين هڏين جي اسپرنگ وانگرنلي– نڙگهوٽو– نڙگهوٽ.

– **نڙگهوٽ ج نڙگهوٽ:** ذ. نڙگهٽُ– نڙگهوٽو– گلو.

– **نڙگهوٽو ج نڙگهوٽا:** ذ. نڙگهوٽ– نڙي.

• **نڙو ج نڙا:** ذ . ڪورين جي اوزار جو هڪ قسم– سُٽ ويڙهڻ لاءِ ڪاٺ جي پوري نلي– نڙندي– نٽاندي– ڳوٽو– پَهِي– سُٽ سان پيريل ريلُ. گهٽن دستن ٿيڻ واري حالت. ٻج چٽڻ لاءِ ڪاٺ جي پوري نَلي– ناڙي. رستي وغيره مان پاڻي اُڪارڻ لاءِ لوهه جي پوري نلي– پائيپ– نَل. مڇي مارڻ جي رڇَ جو هڪ قسم. پيريل ۽ بند ٿيل ڳوٽين مان آن ڪڍي تپاسڻ لاءِ لوهي اوزار جو هڪ قسم–حقي يا چلم جو نَڙَ. وڄائڻ جو ساز– نَڙُ. نڙاندي.

– **نڙا پِرڻ:** نڙن تي ڌاڳا ويڙهڻ– نڙانديءَ تي اٽڻ جي تَڪ رستي سُٽُ ويڙهڻ.

– **نڙا رِڌڻ:** نڙن تي آهر چاڙهڻ لاءِ ديڳڙيءَ ۾ پاڻي، اتوءِ نڙا وجهڻ.

– **نڙا سُڪڻ:** نقصان پوڻ. ٽڪجي پوڻ. دير تي وڃڻ.

– **نڙو پِرڻ:** پوري ڪانيءَ يا نڙاندي تي سٽ ويڙهڻ.

– **نڙو چاڙهڻ:** هڪ نڙي ختم ٿيڻ تي ٻيو نڙو ان جي جاءِ تي نار ۾ وجهڻ.

• **نڙائي ج نڙائي:** ذ. صفت. نڙن وارو– نڙو وڪڻندڙ. نڙ وڄائيندڙ.

• **نڙو تَر:** ث . (سن. نَوَ) نوَ(٩) واڌو(+) نوَ(٩) نون تي نَوَ.

• **نڙوٽو ج نڙوٽا(ڪ):** ذ . نڙگهٽ– گلو– نڙي.

• **نڙوڃڙو ج نڙا ڃڙا(ڪ):** ذ . پاڻيءَ جهڙو پتڙو دست.

• **نڙي ج نڙيون:** ث . (سن . نَڊ). ڪورين جو هڪ اوزار– نڙاندي– نٽاندي پکي جو هڪ قسم– ماناهہ پکي(ل).

• **نڙي ج نڙيون:** ث . (سن. ناڊ= نار) بدن جو هڪ عضوو– پاڻي، کاڌو وغيره وات مان پيٽ ڏي نيندڙ نلي– نڙگهٽ– نڙگهوٽو– گلو– ڳِچي– هوا جي نلي– شاهہ نلي– هِڪي– ڳُرڻ– ڪاڌي جي نلي– گهٽَ– ڳاٽ– ڪنٺ.

– **نڙيءَ تي لَت اچڻ:** لاچار ٿيڻ– مجبور ٿيڻ– بيوس ٿيڻ– عاجز ٿيڻ.

– **نڙيءَ تي نشتهن ڏيڻ:** مسڪينن مار ڪرڻ– هرويرو ظلم ڪرڻ– تنگ ڪرڻ.

– **نڙي پوڻ:** گهٽي ڳالهائڻ ڪري آواز گهگهو ٿيڻ– آواز ٽڪجي يا دٻجي وڃڻ.

– **نڙي ڪپڻ:** ڏاڍيان ڳالهائڻ– زور سان ڳالهائڻ. ڪُهڻ– ذبح ڪرڻ.

– **نڙي ڪَرڻ:** گهٽو ڳالهائڻ.(جانور وغيره ڪي). حلال ڪرڻ– ڪهڻ– سير وجهڻ.

– **نڙيءَ ليسُ ج نڙيءَ ليسَ:** ذ . نڙي يا ڇاتي وغيره ڪي لڳل ٿَڌ– زڪام– ليس– سردي.

– **نڙيءَ مان پاڻي ٻڪڻ:** تمام سهڻو هئڻ– نزاڪت وارو هئڻ– تمام نازڪ– ڳوري ۽ حسين ماڻهو لاءِ تشبيهه.

– **نڙيءَ ۾ ماکي هئڻ:** آواز سنو هئڻ– سريلو هئڻ.

• **نزار:** ذ . صفت. لاغر– سنهڙو. مفلس.

• **نزارتَ ج نزارتون:** ث. هيڻائي. نهنائي.

• **نزاعُ ج نزاع:** ذ . (ع). جهڳڙو– تڪرار– ردبدل. وير– تنازعو– دشمني– عداوت– خصومت– قضيو– ٽنٽو– فساد– رڳڙو– حجت– هوڏ– چتاپيتي– بحث– عڪسو– مناظرو– ڪشماڪش– اختلاف. آرزومندي– اُميد– آسرو.

• **نزاڪَت ج نزاڪتون:** ث. نازڪپائي– خوبي– نازوانداز– نازڪ مزاجي– سونهن سوٻيا– حسن– ڏيک ويک– خوبصورتي– سينگار– زينت– زيبُ– سهڻائي– سندرتا– لطافت– نازڪپڻ– ناهہ نوهہ– ملوڪت– نفاست– نفيسائي– ملوڪائي.

– **نزاڪتدارُ ج نزاڪتدار:** ذ . صفت. نزاڪت وارو– عمدو– حسين– سندر– نِڪو– هُوڪارو– موچارو– سهڻو– سوٻيا وان– صورتوند– سدرشن. خوبصورت– ناهوڪو.

• **نَزد:** ظرف. (ف) نزديڪ جو مخفف.

• **نزديڪ:** ظرف. (ف) ويجهو ويجهڙو– وٽ– پرسان– اوڏڙو– اوري– اورتي– اوڏي– اوڏو– قريب– جي محلي ۾– جي پاڙي ۾.

– **نزديڪي:** ث . ويجهڙائي– قريبي– اوڏڙائي– ويجهائي.

• **نَزع:** ذ . (ع) دم ٽوڙڻ– فوت ٿيڻ.

• **نَزلو ج نَزلا:** ذ. (ع) بيماريءَ جو هڪ قسم– تاڙنءَ مان نَڪ رستي پاڻي ڪرڻ واري حالت– ريزش– سردي– زڪام– ٿَڌ– ليس.

– **نَزلو ڪرڻ:** نزلي جي پاڻيءَ جو سيني تي ڪرڻ– نزول ٿيڻ– ريزش لهڻ. نقصان پهچڻ. بار پوڻ– تڪليف پهچڻ– آفت اچڻ– شامت اچڻ– غضب نازل ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

سڏائيندڙ عيسائي— ڪرستان— نصراني— مسيحي.

• **نَصبُ ج نَصبَ:** ذ .(ع) پوڄا لاءِ قائم ڪيل شيءِ— بُت— بوتو. برقراري.

— **نَصبُ العَينَ:** مدنظر— منظور خاطر. دستور— مقاصد.

• **نَصُحُو(ت):** ذ . صفت. سچيءَ دل سان توبه ڪندڙ— نصوح.

• **نَصرُالله:** اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **نَصراني ج نَصرانِي:** ذ . صفت. عيسائي مذهب جا پوئلڳ— عيسائي— نصارو— ڪرستاني.

• **نُصرتَ ج نُصرتُون:** ث .(ع) مدد— ياري— ڪمڪ— حمايت— پنيرائي— سوڀ— ڪٽ— فتح— جيت— جُٽ— ظفر— جُٽڪار.

• **نصرپُور:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊوالهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ شهر جو نالو.

• **نَصفُ ج نَصفَ:** ذ . صفت .(ع). اڌ— نيمُ.

— **نَصفَ قُطرُ:** ذ . (جاميٽري ۾) گول ڪي ٻن برابر حصن ۾ ورهائيندڙ ليڪ جو اڌ— نيم قطر.

• **نَصُوحو ج نَصُوحا:** ذ . صفت. سچيءَ دل سان توبه ڪندڙ. (اسم خاص). بال آخر سچي توبه ڪندڙ انسان جو نالو. هڪ وهمي نالو("توبة النصوح" جي حوالي سان گمان ڪيل).

— **نصُوحي واري توبَهه ڪرڻ:** هميشه لاءِ سچي توبهه ڪرڻ.

• **نَصِيبُ ج نَصِيبَ:** ذ . (ع) ڀاڱ— قسمت— مُقدر— لکيو— بخت— حصو— تقدير— ڪرم— طالع. ممڪن— حاصل— مُيسر. مقرر— مشيت.

— **نَصِيبُ ٿيڻ:** ڀاڱ ٿيڻ— ڀاڱ ورڻ— نصيب ڪُلڻ.

— **نصيب جاڳڻ:** ستل بخت جو بيدار ٿيڻ— قسمت ڪُلڻ— اقبال وڌڻ.

— **نَصِيبُ سَنوان هئڻ:** سڀاڳو هئڻ— بخت وارو هئڻ— قسمت زور هئڻ.

— **نَصِيبُ ڦُٽڻ:** بدبخت ٿيڻ— برباد ٿيڻ.

— **نَصِيبُ ڦُٽو ج نَصِيب ڦُٽا:** ذ . صفت. بدبخت— نڀاڳو.

— **نَصِيبُ ڪُلڻ:** قسمت ڦرڻ— طالع جاڳڻ— بختاور ٿيڻ. ڀاڳوان ٿيڻ. اقبال بلند ٿيڻ— مان شان وڌڻ.

— **نَصِيبن ۾ اچڻ:** قسمت جي حصي يا ورهاڱي ۾ اچڻ— ڀاڱ موجب ملڻ.

• **نَصِيحَت ج نَصِيحتُون:** (ع) مَت— نيڪ— مَشورو— پند— اُپديش— صلاح— سمجهاڻي— سبق— هدايت. سنتا— سيکت— گوشمالي— سَزا— تنبيهه— تاتپرج— مُدعا— فهمائش. عبرت— عجب— سُڌ— سماچار— خبر.

— **نَصِيحَتَ آموزُ ج نَصِيحَتَ آموزَ:** ذ . صفت. نصيحت وارو — نصيحت ڏيندڙ— سبق آموز— نصيحت آميز— چتائيندڙ — فهمائشي. عبرتناڪ. فائديمند.

• **نَصِيرُ ج نَصِيرَ:** ذ . صفت. مددگار— يار— ساٿي. (اسم خاص) مرد ماڻهوءَ جو نالو.

• **نصيرآباد:** اسم خاص. تعلقي سکر ۽ وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **نَصِيرُ چانڊيو:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **نَصِير واهُ:** اسم خاص. تعلقي حيدراباد ۾ مير نصير خان جو کٽايل تاريخي واهه (جنهن جو نالو هاڻي نصير برانچ).

• **نُطفو ج نُطفا:** ذ . (ع) صَفا پاڻي. مرد جو پاڻي— مَني— منيءَ جو ڦڙو— مرديءَ جو ٻج— ويريه. روشن— شفاف— تطفه. مُت— پيشاب.

• **نُطقُ:** ذ. (ع). ڳالهائڻ جي طاقت— تقرير— ڪلام.

• **نظارو ج نظارا:** ڏسڻ واري حالت— نگاهه— نظربازي— ديداربازي — ڏيک— منظر— لقاءُ— ڏيکاءُ. سونهن— سوڀيا— حسن.

— **نظاري نِروار:** چٽو پڌرو— ظاهر ظهور— ميدان تي.

• **نِظام ج نِظامَ:** (ع) موتين جي تَند— ڌاڳي ۾ پوتل جواهرات. پاڙ— بنياد— اصل— سلسلو— ترتيب. انتظام— بندوبست— آراستگي— ناهُ— ٻرپنڌ— سَنو— جوڙجڪ— سجاوت.

— **نِظامُ شَمسِي:** سروج منڊل— سج، چنڊ ۽ تارن جو نظام— ستارن ۽ گرهن جي چرپر جو علم.

• **نظام آباد:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **نظاماڻي:** اسم خاص. بلوچن جي قبيلي جو نالو. تعلقي خيرپور ميرس ۽ تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **نَظرُ ج نظرَ، نَظرُون:** ث . (س. نَج) اکين جي روشني— ڏسڻ جي طاقت— نُورُ— نگاهه— نرت— ڏسٽي— بصارت— جوت— ديدُ— درشٽُ. ڏيک— ڏيکاءُ— نظارو— لقاءُ— تماشو. ديدار. درشن— ملاحظ— نظرباز— چشم بد. جهلڪو— چمڪو. غور سان ڏسڻ واري حالت— نهارَ— ڌيان— خيال— ويچار— قياس— سمجهه. رايو— راءِ. سرسري نظر— سنپال. اک— چشم.

— **نَظَرُ اچڻُ:** ڏيکائي ڏيڻ— ڏسڻ ۾ اچڻ— معلوم ٿيڻ. حاضر ٿيڻ— پيدا ٿيڻ. ملڻ— حاصل ٿيڻ.

— **نَظَرُ اچي وڃڻ:** ڏسڻ ۾ اچڻ— ديد ۾ اچڻ— اک تي چڙهڻ— ڏسجڻ.

— **نَظراندازڪرڻ:** نظر نه ڪرڻ— نظر تان لاهي ڇڏڻ— ڇڏي ڏيڻ.

Gul Hayat Institute

کي) نال هٹندڙ— سلوتري—لوهار.

– **نَعلُ بندي:** ث . (گهوڙن کي) نعلَن هڻڻ جو ڌنڌو.

• **نعَمَ:** ذ. صفت. نيڪُ—اُتم— سٺو.

– **نعمُ البَدَلُ:** نيڪ عيوض— بهتر بدلو.

• **نَعمانُ:** اسم خاص. عرب جي هڪ بادشاھ جو نالو— نَعمان بن مَنذر. امام ابو حنيفہ جو نالو.

• **نَعمَتَ ج نَعمتون:** ث . دسترس – مالُ— دولت— ثروت – پونجي— موڙي— ملڪيت— پدارٿ— هَڙَ— هُوندُ— بخشش— ڏات— عطا. رَحمت— برڪت— مهرباني— رحم. مَليدو— ڳڻُ— ٿورو— لاڀ – فائدو جمِيعَت— آسودگي— وَنهِيائي— آسائش— آرام — سُک— آسيس— دُعا. روزي— روزگار. ناز— لاڏ.

• **نعُوذُ:** ذ . (ع) اسين پناھ گهرون ٿا.

– **نَعُوذُ بِاالله :** اسين خدا کان پناھ گهرون ٿا.

• **نَعِيمُ ج نعِيمَ:** ذ . بهشت— جنت. نعمت— رحمت. نيڪي— ثنا. مال— ملڪيت. نازُ— لاڏ.

• **نَغارو ج نغارا:** ذ . (ع. نَقاره) واڄي يا وڏي ڍُهل جو هڪ قسم— وَڄندڙ دِمُ— پيڙ— طَبل—نوبَتَ.

• **نغدي ج نغدي (ل):** ذ . فراسِيءَ جي چِٽن جو هڪ قسم.

• **نغمُو ج نغما:** ذ . راڳ – ڳيتُ— ترانُو. مٺو آوازُ— سُريلو آوازُ. سُرود— راڳ.

– **نَغمي دارُ ج نَغمي دارَ:** ذ . صفت. سُرَ واري— مٺي— وڻندڙ.

– **نغمي سَرائي ج نَغمي سَرائيُون:** ث. تعريف— ثنا— ڳائڻ واري حالت.

• **نَغنُ ج نَغنَ:** ذ . (بل) ڪٽڪ جي مانيءَ جو هلڪو ڦلڪو— ڍِڳڙُ— ڍِڳڙُ. نان.

• **نَفادُ ج نَفادَ:** ذ . گذري وڃڻ يعني تير جي نشاني کي ٽوڙي پار وڃڻ واري حالت. فرمان. خَطُ.

• **نِفاسُ ج نِفاسَ:** ذ . تازي ڄَمَل (وير ڪيل). عورت جي عضوي مخصوص مان چاليهن ڏينهن تائين وهندڙ ڪنگهو پاڻي.

• **نَفاسَتَ ج نَفاستُون:** ث . لطافَت – نفِيسائي— صفائي— پاڪيزگي – خوبي— پسَنديدگي. حَسدُ— ساڙو— بخِيلِي.

• **نِفاق ج نِفاقَ:** ذ . اٽبٽت— اڻ ٺاھ— بدسلوڪي— اڻ پوَند— تڪرار— ڪُرسِي— روسامو— ڦِڪت— ونجوڳ— ڪِينو— ڪُپتَ— ڏُوئي— دغا— بُغضُ— عَداوت— دشمني— بگاڙ.

– **نِفاق پوَڻُ:** ڦُوٽ پوڻ— بگاڙ پوڻ— دشمني ٿيڻ.

– **نِفاقُ وجهڻُ:** ڦوٽ وجهڻ— بگيڙو وجهڻ— دشمني پيدا ڪرڻ.

• **نِفتُ ج نِفتَ:** ذ . زمين مان نڪرندڙ ڪاري روغن جو هڪ قسم نفطُ. پٽرول.

• **نف جو تيلُ:** ذ. تيل جو هڪ قسم— نفطُ— حُمَرُ.

• **نَفَرُ ج نَفرَ:** ذ . ٽن کان ڏهن تائين ماڻهن جو گروهُ. نوڪر— دربان— بورچي— ٻانهو— گولو— چاڪر— ملازم— قلي— مزدورُ— هڪ ماڻهو. (ث.نفرياڻي ج نفرياڻيون).

– **نَفري ج نَفريُون:** ث. نوڪري— غلامي— ٻانَهپ. ملازمن جو گروه.

• **نَفرتَ ج نفرتُون:** ث . بيزاري— ڪراهَتَ— حقارت— بُڇان— ڌڪار— لعنت— ان رس— ڪِرپ— سُوڳ— ڳِلائي— ناپسنديدگي. (ضد. رغبت).

– **نفرت ڪرڻ:** ڪراهت ڪرڻ— حِقارت ڪرڻ— حِقارت جي نگاھ سان ڏسڻ.

• **نَفسُ ج نَفسَ:** ذ. ث . جان— روح— آتما— دم— ساه— پساھ— پراڻ— نَنفس ذات— هستِي— وُجُود— عِز. حقيقت— اصليت— اصل. جوهر— ستُ— مغز— لُب لُبابُ. (عورت وغيره جو) جسم— سرير— جُثُو— تن— بت— بدن. خود— آتم— پاڻ. حيواني خواهشون— نفسانيت— جِسماني خواهشات— وسيُون.

– **نفس اماره:** ذ . انسان کي حيواني خواهشن ڏانهن راغب ڪندڙ نفس— بُرن ڪمن ڏي لاڙو ڪندڙ انساني خواهش— انسان جي شيطاني صفت.

– **نفسِ لوامه:** انسان کي برن ڪمن تي ملامت ڪندڙ.

– **نفس مطمئنه:** مطمئن هجڻ واري ڪيفيت .

– **نفسانفسِي:** ث . پنهنجو— پنهنجي سِر جو— پنهنجي جند جو خيال— ذاتي مفادءِ مطلب.

– **نَفسانَفسِي لڳڻُ:** هر ڪنهن کي پنهنجي سِر جو خيال ٿيڻ.

– **نفَساني ج نَفسانِي:** ذ . صفت. نفس جو— نفس وارو— جسماني— دُنيوي.

– **نَفسانِيَت ج نَفسانِيتُون:** ث . خود غرضي— آپو— پاڻ پڻو— مان— آءٌ ، نفس پروري— نَفس پرستي— هوا هَوس— ضد هَٺُ— غرور— گهُمَنڊُ— مغروري— ڪاوڙ— ڏمر— غصو.

– **نَفسَ پِتو نہ هُئَڻُ:** بي غيرت بنجڻ— بي شرم يا بي حيا ٿيڻ.

– **نَفسُ پرَستُ ج نَفسُ پرَستَ:** ذ . صفت. نَفسُ پرور— خود غرض— خود پرست.

– **نَفسُ پرَستي ج نَفسَ پرَستيُون:** ذ. خود غرضي—خود پرستي.

– **نَفسُ پرورُ ج نَفسَ پرورَ:** ذ. صفت. نفس پرستُ.

— **نَفس جو:** ذ. پنهنجو— خود جو— ذاتي— وَجُود جو.

— **نَفس جي مار پوڻ (ت):** ڪيتو لوڙڻ— ڪيل ڏوهن جي سزا ڀوڳڻ.

— **نَفس کُش:** ذ. صفت. پنهنجون نفساني خواهشون ماريندڙ. زاهِد— پرهيزگار.

— **نَفس کُشي:** ث. نفساني خواهش روڪڻ واري حالت. زهد— تقويٰ— پرهيزگاري.

— **نَفس مارڻ:** خواهش کي روڪڻ— مَنُ مارڻ— طبيعت مارڻ— پارسا ۽ پاڪدامن رهڻ. تقويٰ ۽ زهد اختيار ڪرڻ.

— **نَفسي ج نَفسِي:** ذ. صفت. نفس جو— ساهه جو— پنهنجو— خود جو— ذاتي.

— **نَفسِي نَفسِي:** ث. پنهنجي پنهنجي نفس جي. پنهنجي پنهنجي ذات جي. پنهنجي پنهنجي حال جي گرفتاري. ٻئي جي خبرگيري کان سواءِ پنهنجي نفعي ۽ بچاءَ واري ڪيفيت.

• **نفطُ ج نَفطَ:** ذ. هڪ سياه روغن ۽ باروت. پٽرول.

• **نَفعو ج نفعا:** ذ. فائدو— لاڀ— اُپت— اپراسو— پراپت— ڪٽيو— وٽاءُ— سود— وياج— منافعو— منفعت. حاصل— حاصِلات— ڦَل— نتيجو.

— **نفعائتو ج نفعائتا:** ذ. صفت. نفعي وارو— فائديمند— سودمند— فائدي وارو.

— **نَفعو ڪرڻ:** فائدو ڪرڻ— نفعو ڪمائڻ— ڪٽيو ڪمائڻ.

— **نَفعو کڻڻ:** فائدو حاصل ڪرڻ— لاڀ حاصل ڪرڻ.

— **نَفعو نقصان:** ذ. فائدو ٽوٽو— هارجيت. برائي ڀلائي— نيڪي بَدي.

• **نَفقه ج نَفقات:** ذ. زندگيءَ جون گهرجون. خرچ. اخراجات.

• **نَفلُ ج نَفلَ:** ذ. فرض کان سواءِ ٻي وڌيڪ عبادت— وڌيڪ عطيہ.

• **نَفِي:** ظرف. انڪار— ناڪار— نَهين— ساب— نَہ— اَياءُ— عَدم— نيستي— ناستِيہ. اخراج— دوري. لا اللهُ چوڻ. (ذ. صفت). ناڪار ڪندڙ— انڪاري.

— **نَفِي ڪرڻ:** نابود ڪرڻ— ناس ڪرڻ— انڪار ڪرڻ— ناڪار ڪرڻ.

• **نَفيرُ ج نَفيرَ:** ذ. وڏي آواز وارو واڄو— سُرهه جانور جو سڱ جيڪو ڦوڪ سان وڄائجي— فقيرن جو توتارو.

• **نَفيسُ ج نَفيسَ:** ذ. صفت. نرم— لطيف— ملايم— نازڪ— آتم— نادر— عمدو— چوکو— چونڊ— چيدو— وڻندڙ— انوکو. قيمتي— بيش بها. پاڪيزو— صاف— پاڪ— نرمل— سُترو.

• **نَفيلُ ج نَفيلُون:** ث. فقيرن جي وڄائڻ جو سِڱ— توتارو— نفيري— نادوه (ذ. صف). تمام ڊگهو لنبو.

• **نِڦُ ج نِڦُون:** گهٽي پنڌ ڪرڻ يا سوڙهي جتي پائڻ ڪري پير ۾ ٽيل گاٺ— ڦلٽو— لَڦ— ڦوڦيندو— نڪ.

• **نَڦَرُ ج نَڦَرَ:** ذ. صفت. نفر— نوڪر— غلام.

— **نَڦَرَڪَا (ل):** مصدر. ڇانهين يا گڏري جون ڏندن سان ڪلون لاهڻ يا ڇلڻ. (نَڦَريو— نڦريندو— نَڦَريَل).

• **نَڦرو ج نَڦرا:** ذ. صفت. ڦَر کان سواءِ— بي ڦر— نِڦلو— اجايو— آڪيارٿو— بي سود— مفت— ناحق— خالي پيلي— بي فائدو— اَجائ. ڪوڙو— عبث— بنا اولاد لَنُب.

• **نِڦَلُ ج نِڦَلَ:** ذ. صفت. بنا ڦُل— نڦر— ڦُل کان سواءِ— اجايو— بي سود— فضول— نِهڦل.

— **نڦلو ج نِڦلا:** ذ. صفت. نڦل— اجايو— فضول— رائيگان.

• **نَڦوسڪُ ج نڦوسڪَ:** ذ. صفت. نپنسڪ— ڪڏڙو— مخنث— نامرد— خنثي— بي جنس.

• **نِقابُ ج نِقابَ:** ذ. منهن تي رکيل پردو— روءِ بند— برقعو— چهري پوش— منهن ڍڪ— گهونگهٽ— مُرڪو— پَٽل.

• **نِقابو ج نِقابا:** ذ. مسلمان عورتن جو نماز وقت مُنهن جي چوگرد ڦيري ٻڌل ڪپڙي جو طريقو— ڍَڪ— نقاب— پردو— برقعو.

— **نقابو ڪڻ:** نماز وقت عورتن جو ڪپڙو مٿي کان ٻڌڻ— نقاب ڪرڻ.

• **نَقادُ ج نَقادَ:** ذ. صفت. صحيح ۽ غلط پرکيندڙ— سَچ ڪوڙ الڳ ڪندڙ— تنقيد ڪندڙ. نڪتچيني ڪندڙ— سِڪي کي پرکيندڙ— چقمق.

• **نَقارو ج نَقارا:** ذ. وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم— نغارو.

• **نَقارچي ج نَقارچي:** ذ. صفت. نغارو وڄائيندڙ.

• **نَقارو وڄائي وڃڻ:** شهرت حاصل ڪري وڃڻ— دنيا ۾ نالو ڪيدي وڃڻ (وفات ڪرڻ)— نهايت عيش جي زندگي بسر ڪري مرڻ.

• **نَقاشُ ج نَقاشَ:** ذ. صفت. نقش ڪيندڙ— چٽ ناهيندڙ— رنگ ساز— نقش و نگار بنائيندڙ— گلڪاري ناهيندڙ— نقشه نويس— تصوير ناهيندڙ— مصور— ڪمانگر— پينٽر— چترڪار— سنگتراش— چِٽيندڙ.

• **نَقاشي ج نَقاشيُون:** ث. نقش ڪڍڻ واري حالت— چِٽڻ يا گُلڪاري ڪڍڻ جو هنر— تصويرن ڪڍڻ جو ڏانءُ— نقشه نويسي— مصوري— ڪمانگري— چترڪلا— چِٽسالي.

• **نَقالُ ج نَقالَ:** ذ. صفت. نقل ڪندڙ— ويس ڌاري— ايڪٽر— نَٽ— ڀَنڊ— مسخرو. بهروپي لانڊارو— ٽرڙو.

— **نَقالي ج نَقاليُون:** ث. نقل ڪرڻ واري حالت— نقل و حرڪت— نٽ— نخرو.

Gul Hayat Institute

- **نَقاهَتَ ج نَقاهَتُون:** ث . ڪمزوري– ضعيف– ناتوانائي– ناطاقتي– دُربلتا.
- **نقبُ ج نَقبَ:** ذ . سوراخ يا تنگ ڪرڻ واري حالت. سُرنگ ڪرڻ واري حالت.
- **نَقدُ ج نقدَ:** ذ . روڪڙ– روڪڙا پئسا– وحه– نقدي– ناڻو– مال– ملڪيت. حاضر وقت– حال– هاڻي. (ضد. نسيه= اوڌر).
- **نَقدي ج نَقديُون:** ث . روڪڙ– روڪڙا پئسا.
- **نَقَرَ:** اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديھ جو نالو.
- **نُقَرُ ج نُقَرَ:** ذ . دهل جو هڪ قسم.
- **نُقرجَ:** ذ . هڪ ذات جو نالو.
- **نُقَرَجِي:** اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديھ جو نالو.
- **نُقَرَجِي جاگير:** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديھ جو نالو.
- **نَقَرو ج نَقَرا:** ذ . ( ع. ناقور) ٺري– توتاري– ڪرناءِ.
- **نُقَرو ج نُقَرا:** ذ . اڇي رنگ جو گهوڙو– چاندي جي رنگ جهڙو گهوڙو(جنهن جون ماٺيڪون شيرين ۽ گرميءَ ۾ نظر گهٽ ٿئي)– سفيد (ث . نقري– گهوڙي).
- **نُقَرہ:** ذ . ڳريل چاندي.
- **نُقرئي ج نُقرئيُون:** ث . چانديءَ مان ٺهيل شئي.
- **نَقشُ ج نَقشَ:** ذ . چِٽُ– چِيٽ– گلڪاري– چٽسالي. اُڪَر– قلم ڪاري. ڇاپو– نشان– ٺپو– ڇاپُ– ڇُرَ– پورُ– مُهرَ. شبيھ– مورتي– تصوير.
- **نَقشبَندُ ج نَقشبَندَ:** ذ . صفت. نقش ڪندڙ. صورت جوڙيندڙ. خالق ۽ صانع.
- **نَقشُ ڀَرڻُ:** مانُ وڃائڻ– عزت وڃائڻ.
- **نَقشُ ٿيڻ:** (دل تي) ڄمِي وڃڻ– چنبڙي وڃڻ– اُڪري بيهڻ– کُپي بيهڻ– چڱيءَ طرح ياد ٿي وڃڻ.
- **نَقشُ ڪرڻ:** ڇاپڻ. ول ٻوٽا ناهڻ.
- **نَقش وارو هئڻ:** مانائتو هئڻ– باعزت هئڻ.
- **نَقشو ج نَقشا:** ذ . ( ع. نَقش) صورت حال– چارٽ– خاڪو. ڪنهن شيءِ جو نمونو– بيهڪ– روپ– شڪل– تصوير– شبيھ– مورت، چترام– فوٽو– عَڪس. حاضريءَ جو ڪتاب– رجسٽر– داخلا جو ڪتاب.
- **نُقصُ ج نُقصَ:** ذ . ڪَمي– ڪوتاهي– گهٽتائي– اوڻائي– ڪوٽ– اڻپورائي– اَوڌرپائي. ويڪَ– سُقم– ٻِيءَ– وَڏِ– خامي– آلَ– عيب. اوڳڻ– داغَ– ڪلنڪ– ٽِڪو. بُرائي.
- **نُقصانُ ج نُقصانَ:** ذ . ڪمي– ڪوتاهي– گهٽتائي– سوس– ضرر– ٽوٽو– زيان– حَرج– ڇيهو– اَپوڇي– تاوَڻِ– چَٽِي– گاسَ– گهاٽو. ضايع– خلل– فِتور– تباهي– بربادي، ڏک– تڪليف– چوٽَ– قباحت.
- **نُقصان ڪرڻ:** ڪم بگاڙڻ– ٽوٽو ڏيڻ. تڪليف ڏيڻ. اوڳڻ ڪرڻ.
- **نُقطو ج نُقطا:** ذ . ٽبڪو– ٻڙي– جملي بند ڪرڻ جو نشان– پورو دم، ڏُٻو– شوشہ. اِشارو. خيال– ويچار.
- **نقطو ٿي بيهڻ:** خيال ٿي بيهڻ– ويچارو ٿي بيهڻ.
- **نَقلُ ج نَقلَ:** ذ . اُتارو– مَشق. اَهل– ويچارو– لاٽ– نخرو– تال– تصو– ڪهاڻي– افسانو– فسانو. هڪ مذهبي ڪتاب – روايت. شراب وغيره ڪان پوءِ کاڌل ميوي يا مٺائي جو هڪ قسم.
- **نَقلاٺِي ج نَقلاٺِيُون:** ث . نقل ڪرڻ جي في يا اُجورو– اُتاري جو عيوضو.
- **نَقلُ ڪرڻ:** ڪاپي ڪرڻ– اُتارو ڪرڻ– مشق ڪرڻ. اَهل ڪرڻ– نٽ يا ناٽ ڪرڻ– نخرو ڪرڻ– تال ڪرڻ.
- **نَقلُ نَويسُ ج نَقلُ نَويسَ:** ذ . نقل ڪندڙ اُتارو ڪندڙ– نقال– عدالت جي فيصلن جا نقَل ڪندڙ– منشي– ڪلارڪ– مُحرَرُ.
- **نَقلُ نَويسِي:** نقل ڪرڻ واري حالت– اُتارو– نقل.
- **نَقلُ هڻڻ:** دَبَ ڪيڻ– ڇنب ڪيڻ– ڳالهائڻ– ڏمڪي چاڙهڻ. گهوڙي جو مستي ڪرڻ، ٽوڪ هڻڻ– چٽر ڪرڻ.
- **نَقلِي ج نَقلِي:** ذ . صفت. ڪوڙو– هٿراڌو– جڙتو– ڪوٽو– جعلي– مصنوعي. روايتي (ضد.اصلي). نقل ڪندڙ– اُتارو ڪندڙ– آهليرُ– مسخرو– تالِر– نَقال. افسانہ لکندڙ.
- **نَقُلُ ج نَقُلَ:** ذ . مٺائيءَ جو هڪ قسم(پِستن، بادامين وغيره سڪل ميوات کي چاش ۾ ٻوڙي ٺاهيل).
- **نُقُوشَ:** ذ . نقش جو جمع. چٽ– گل. نقشا.
- **نَقِيبُ ج نَقِيبَ:** ذ . صفت. ماڻهن جي اصل نسل کان واقفڪارُ. بزرگ. سردارُ– اڳواڻ. راجدوتُ– پشراءِ– مُنادُ.
- **نَڪُ ج نَڪَ:** ذ . (پرا. نَڪا. ف. انف. سن. نڪر> ناسِڪَا> نس= ناس) بدن ۾ ساھ کڻڻ جو هڪ عضوو– بدن جي پنجن حواسن مان هڪ حواسُ– ناسِڪو– ٻِينِي– اَنفُ– ناس. شرم – پِتو– حَيا– لَڄ– مَرمُ– مَرجاتا.(ذ . صفت). سيني ۾ سهٽو.
- **نڪان ساھ کڻڻ:** تمام ڪمزور هئڻ– ضعيف هئڻ. غريب هئڻ.
- **نَڪُ ٻوڙڻُ:** حيا شرم ڇڏڻ– بي حيا ٿيڻ– نِرلجو ٿيڻ. ڳِلا کڻڻ.
- **نڪ تان مر لاهڻ:** ڪنهن جي ميار لاهڻ.
- **نَڪَ تائين پيٽُ ڀرَڻُ:** گهڻو کائڻ– پيٽ ڏلهڻ– پيٽ ڀرڻ.

Gul Hayat Institute

• **نَنڻَن:** ذ. (سن. ندي) نديءَ جي وهڻ سان گڏ ٿيل مِٽي– ريٽ.
• **نَنڻِن:** ث. (سن. ندي) مينهن وسڻ بعد جابلو وهڪرو(جو نديءَ وانگر وهي).
• **نَنڻُون:** بذ. صفت. نائون.
• **نَنِي ج نَنِيُون:** ث. ننڍي ٻارجي ٽني– ٽلي– پيلي.
• **نِٽَانَ ج نِٽَانون:** ث. هڪ ٻئي سان سڱ ڪرڻ واري مائٽي ۾ هڪ 'ٽان' ٻي 'سيڻ'. گهوٽ جي ڀيڻ.
• **نِٽَنِ ج نِٽَنُون:** ث. مڙس جي ڀيڻ– نِٽَانَ.
• **نِٽِندَ ج نِٽِندُون (ت):** ث. مڙس جي ڀيڻ– نِٽان.
• **نَوُ:** ذ. صفت. (ف. نو) نئون– تازو– ڪورو– صاف.
– **نَوُآباد ج نَوُآبادَ:** ذ. صفت. نئون آباد ڪيل(ڳهر، شهر)– تازو آباد ٿيل. تعلقي سنجهوري ۾ ديهه ۽ شهرجو نالو.
– **نَوُ آموزُ ج نَوُ آموزَ:** ذ. صفت.(ف) نئين طرح سکندڙ– نولُ– نولو– سيکڙاٽُ– الڙُ– ڪچو– نا آزمودگار.
– **نَوُآميزَ ج نَوُآميزَ:** ذ. صفت. نئون. سِکيلُ– مُبتدي.
– **نَوينوُ ج نَوُ بنا:** ذ. صفت. (ف). تازه به تازه– ترت جو– هاڻي جو– نئن– تازو. تازو توانو– خوش آبُ– بلڪل خوش– سرسبز– تندرست– باجميعت– خوش– نيڪُ– سدا آبادُ.
– **نَوبهارُ:** (ف) صفت. خوش.
– **نوجوان ج نوجوانَ:** ذ. جوانيءَ جي ڦوهه ۾ چوکر. نئين عمر وارو– نَوُخيز– لاسريات.
– **نَوجَواني ج نَوجوانيُون:** ث. حياتيءَ جو شروعاتي جوين– جوانيءَ جي ڦوهه. شباب– بلوغت– عالم شبابُ– لطفي زندگيءَ جو مُنڍُ– جوانيءَ جي ڦوهه.
– **نَوخيزُ ج نوخيزَ:** ذ. صفت.(ف). نئون اُٿيل– نئون اُسريل– نوجوان.
– **نَوُروزُ:** ذ. (ف). نئون ڏينهن– سال جو پهريون ڏينهن– خوشيءَ جو وڏو ڏينهن.
– **نَوُمُريدُ ج نَومريدَ:** ذ. صفت. تازو يا نئون (ٿيل)– مريد– نوئي.
– **نَو مُسلمُ:** ذ. صفت. تازو مسلمان ٿيل– نئون مسلمان.
– **نَو نهالُ:** ذ. صفت. نوجوان. تازو نڪتل وڻ.
– **نَو ورني ج نَو ورنيون:** ذ. صفت. نئين ور واري– نئين پرڻيل– تازي شادي ڪيل– نئين ڪنوار.
– **نَو هولڙو ج نَو هولڙا(ت):** ذ. صفت. نئون– پهريون– مُنڍ وارو– شروعاتي.
• **نَوَ:** صفت. هڪ عدد– ڳاڻيٽي جو هڪ انگ(٩). هڪ گهٽ ڏهه– هڪ ۽ اٺ.
– **نَوَ اِنچو ڪاربُ:** ذ. نو انچ ڊيگهه. ساڍا چار انچ ويڪر ۽ ٽي انچ ٿولهه وارو سرن ٺاهڻ جو ڪاربُ يا سانچو. (ان مان ٺهيل سرون ريلوي ڪاتي جي مورين ۽ پليٽ فارم جي فرش ۾ لڳن).
– **نَوَتڻُ:** ث. راند جو هڪ قسم– جيڪا ٻه ڄڻا ويٺي کيڏن– نون(٩) سارين واري راند. نَوَ ڪٽي– قطار.
– **نَو رتن:** ذ. نَو(نو) جواهر– نون قسمن جا جواهر يا هيرا: جيئن ته (١– هيرو ٢– پنو ٣– نيلمُ ٤– لهسٽيون ٥– لعل ٦– گوهر ٧– مرجان ٨– زمرد ٩– فيروزو). نوَ عقلمند– (نون) عقلمندن جي مجلس: جيئن ته "اڪبر بادشاهه جا نَوَ رتن". (١– ابو الفضل ٢– فيضي ٣– ڪوڪلتاش ٤– حڪيم همام ٥– حڪيم ابوالفتي ٦– ويرمل ٧– توڏرمل ٨– بهرام خان ٩– راجا مانسنگ).
– **نَوَ ڪُندِن:** ذ. نَوَنُ ڪندن واري شڪل.
– **نَوَ ڳرهي:** ث. نئون ڳرهي. ننڍن ڳهرن جي پوڄا. هندن ۾ شادي کان اڳ نون ڳرهن جي پوڄا ڪرڻ.
– **نَوَ لکو ج نَو لکا:** ذ. نَون (٩) لکن جي قيمت وارو: جيئن ته "نَولکو هار".
– **نوَ نديون ٿيڻ:** گهڻو فائدو ٿيڻ– گهڻو نفعو ٿيڻ.
– **نَوَ نديون ڪري ڏيڻ(ت):** گهڻو مال ملڪيت ڏيڻ– ڏئي ڇڏڻ.
– **نَوا:** ث. (ف). مطلق آواز. سامان– اسبابُ. فوج. پوئو. نذرانو– پيشڪش– موافقت– خوراڪ. غذا. ٻَڌي– سمجهه– عقل– سُڌ– فهم– مَت– شعور.
• **نَوابُ ج نَوابَ:** ذ. (ع. نائب جو جمع). قائم مقام– نائب– نائب السلطان. صوبيدار– صوبو– حاڪم– سردار. عامل– ناظم– فرمان روا. امير– رئيس. عزت جو لقب (اسم خاص). مرد ماڻهوءَ جو نالو.
– **نَوابي ج نَوابيُون:** ث. نظامت– بادشاهي– حڪمراني– فرمانروائي – حڪومت– رياست– اميري– دولت مندي. فضول خرچي – بدنظمي. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم. (ذ. صفت). نوابن جي نوابن واري.
– **نَوابي ٺٺُ ج نَوابي ٺٺَ:** ذ. اميرائو ٺٺُ– رئيساڻو سازو سامان. طمطراق.
• **نَوابُ دوستُ عَلي:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **نَوابُ ڪَلهوڙو:** اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

– **نوديرُ ج نوديرَ:** ذ . نود جو هڪ قسم– نَمند جو هڪ قسم. اُن جو وڇاڻو.

– **نوُدي:** ذ . نودائي.

● **نودائي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **نوَ دوارُ:** ذ . نوَ دروازا. انسان جي جسم جا نوَ دروازا (ٻه اکيون. ٻه ڪن. ٻه ناسون. هڪ وات. هڪ پيشاب رستو. هڪ پائخاني جو رستو).

● **نودنه نالا:** ذ . نوانوي صفاتي نالا (الله تعاليٰ جا).

● **نوڏ:** سسي لٽل.

● **نوڏو ج نوڏا (ڪ):** ذ . سِسي لٽل ڏڙُ. نيزو.

● **نورُ ج نورَ:** ذ . (سن. نَڪل. ف " راسو) جهنگلي جانور جو هڪ قسم –ڪُتي جي شڪل جهڙو هڪ ننڍو پشمدارُ جانورُ. تمام پوڙهو.

– **نورُ مُنهُون:** نور جي منهن جهڙو. بي حيا– بي شرم– نِرلجو.

● **نُورُ ج نُورَ:** ذ . (ع). روشنائي– سوجهرو– شعاع– پرڪاش– تيج – تجلو– ڪرانتي– مٽيا– چمڪَ– تابُ– درخشاني– چانداڻ. اُجارو – سُونهَن. جلوو. چندُ. اکين جي روشني– جوت– ديد– نظر– نِگاهه– ڏسٽي. اک – اکيون. (اسم خاص) قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو.

– **نُوراني ج نُوراني:** ذ . صفت. اهو جنهن ۾ نور هجي– نور وارو. نور مان پاس ٿيل. تِڪو– اوجل– نوري– چمڪٽو– چمڪندڙ – تابان. جهرڪندڙ – مُنورُ– روشن– رويدارُ. روحاني – آسماني– ملڪوتي– نهايت– سُريشت – اُتمُ. معزز – پوڄُ– بزرگ– مانائتو– قربائتو. مُقدسُ– پاڪ– پوتر– صاف. نُورُ وارو يا واري.

– **نُورالبَصر:** ذ . نورچشم.

– **نُورچِشمُ ج نُورچِشمَ:** ذ . اک جي روشنائي– اک جو نورُ– اک جي جوت– پٽ – فرزند– پيارو اولاد.

– **نُورسين:** ظرف. نورسان– اکين سان– چشمن سان. وڏي خوشيءَ سان.

– **نُورمَحلُ ج نورُ مَحلَ:** ذ . صفا ۽ اوجل– روشنائيءَ جو گهَرُ.

– **نُورُ نِچوئڻُ:** اکين کي ايذاءُ ڏيئي ڪنن پورهيو ڪرڻ. رات ڏينهن ڪري ڪم ڪرڻ– سخت پورهيو ڪرڻ– گهڻو ڪم ڪرڻ. محنت ڪرڻ– گهڻي جفاڪَشي ڪرڻ– مٿا ڪُٽ ڪرڻ.

– **نُورُ وسڻُ:** روشني ظاهر ٿيڻ– سوجهرو ٿيڻ– جهلڪو ٿيڻ.

– **نُوري ج نوري:** ذ . صفت. نور مان پيدا ٿيل. نُور وارو– نور جو– روشنُ– اوجَلُ– آبدار چهرو.

– **نُوراني:** نور وارو– نوري.

● **نُورا:** نورو (گهڻ) جو جمع.

● **نوراتو ج نوراتا:** ذ . (سن. نَوَ+راتري= رات). نَوَ.

– **نوراترو:** ذ . نوراتو.

– **نوراتو ويهڻُ:** ڪو سوال ڪٽي ڪنهن اولياءَ تي (۹) نَوَ راتيون جاڳڻ.

● **نوراپو ج نوراپا:** ذ . صفت. ٻچ ڪ ڪلان. يعني ڦرجيڪو وڏيرڙو ٿيل. ريدار جي اصطلاح ۾ ماءُ جو ڪير ڏائيندڙ ننڍو گهيٽو– گٻو (ڪ).

"پائرن ڏنيون پُنيون ننڍن نوراپن" (سر مارئي– شاهه).

● **نُوراجا پُراڻا:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **نُوراجا نَوان:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **نُورَ پُور:** اسم خاص. روهڙي، شهدادڪوٽ، نوشهري، ڏوڪري، رتوديرو ۽ ڪوٽڙي تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **نُورپُور پَڪو:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **نُورپُور ڪچو:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **نُورجا:** اسم خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **نُورجَهان:** اسم خاص. شهنشاهه جهانگير جي زال جو نالو.

● **نُورداني:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

● **نُورشاهه:** اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **نُورڪيٽي:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **نُورگهَ اَنڙ:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **نُور محمد:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **نُور محمد شَجراهُ:** اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **نوَرنگ:** اسم خاص. مرد ماڻهو جو نالو.

● **نوَرنگ ج نوَرنگَ:** ذ . صفت. نَون (۹) رنگن وارو. نئين رنگ وارو. سهڻي رنگ وارو. نئون.

● **نَورنگ پوٽا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

● **نُورڙ (ت):** مصدر. پانءَ جي بيماريءَ لاءِ چار جي ڪائين جي رڪ گرم پاٽيءَ ۾ وجهي اُن کي وهنجارڻ.

● **نورو ج نورا:** ذ . اڳڙيءَ جو ٻَٽون يا هَڙ (چيلهه ۾ ٻڌڻ لاءِ) – اڳڙيءَ جي ڳوٿري– پيسن جي هَڙ– پيسن رکڻ لاءِ ڪپڙي جي بانسي– ڳوٿرو. هَمياڻي. پاهُ– مُوبِرُ– وارن ڪسائڻو. ناخوش.

– **نورو ڪَرڻُ (ت):** آهستي هارڻ– گهڻو هارڻ.

● **نِورو ج نِورا:** ذ . صفت. واندو– بيڪار– خالي– بنا ڪم– بيڪارو. (ث. نِوري ج نِوريُون).

– **نِورائي ج نِورائيُون:** ث . واندڪائي - وارڪائي - فرصت– فرحو– واندائيَ.

Gul Hayat Institute

نَـوشتو— دستاويزُ— لِـکيت— نوشتُ.
- نوَشت خِواند: لکڻ پڙهڻ— لکپڙه— لِـکاوت.
- نـَوِشتو: ذ . لَکيو. خط.
• نوشـکي: اسم خاص. بلوچستان ۾ هڪ شهرءِ ضلعي جو نالو.
• نوشَـهہُ: ذ . (ف) تازو پرٽيل مڙس— گهوٽ— وَنو.
• نوشَهرو: اسم خاص. جوهي ۽ نوشهري تعلقن ۾ هڪ ديهہ جو نالو. شڪارپور ۾ هڪ دَرَ جو نالو.
• نوشَهرو اَبڙو: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• نوشهروفيروز: ذ . اسم خاص. سنڌ جي هڪ ضلعي ۽ شهرجو نالو.
• نَوشيروان: اسم خاص. ايران جي هڪ مشهور عادل بادشاهہ جو نالو.
• نوعُ ج نوعَ يا انواعَ: ذ . (ع)جنس— نمونو ڀانتِ— قِسم— جاتي— ذات— وضع— طرح. طور— طريقو— ڍؤلُ— پِرڪارُ— ريت— ڍِنگ— چال— هلت چلت— شڪل— صورت— هيبت.
– نوعِي ج نوعِي: ذ . صفت. خاص— وشيش وان— مخصوص— آساڌاراڻ— اڳَـسُ(دوا) — اڻ گـَس— ذات جو— قِـسم جو.
• نَوُڪَ ج نـوُڪـُون: ث . (ف) اَٽي— چُهنب— چَـتَ— چوٽِـيَ. ڏَڪُ — اِيذاءِ . ڪـُنڍي(ل). نيشُ— ڏنگُ. پاسُ. ڇيڙڇاڙ— شرارت— شوخي. وڏي اڏ مان ڦٽندڙ ننڍي اڏَ(ت). قلم جي زبان— قـَطُ. ڪنارو. راس.
– نوڪِدارُ ج نوڪِدارَ: ذ . صفت. نوڪ وارو— چهنبدارُ— چهنبيارو.
• نوڪُ ج نوڪَ: ذ . ٻيڙي— ڪِشتِي.
• نوڪاڻِي : اسم خاص. بلوچن جي هڪ ڪان وڏيڪ قبيلن جو نالو.
• نوڪَرُ ج نوڪَرَ: ذ . (ف)نوڪري ڪندڙ— ملازم— چاڪر— خدمتگار — شيوَڪَ— خادم— خدمتگذار— نِفَرُ— ٽهليو— ٻيلي— داسُ— ٻندو.
– نوڪَراڻو ج نوڪَراڻا: ذ . صفت. نوڪرجو—نوڪرڪو—نوڪروارو.
– نَوڪَرَ چاڪَرُ: ذ . صفت. خدمتگار. نفر.
– نَوڪَرُ سَرڪارِي: ذ . سرڪارجي نوڪري ڪندڙ.
– نَوڪَرشاهِي: ذ . راڄ جو اهو قسم (جنهن ۾ رعيت جا نوڪر پاڻ کي مالڪ سمجهن).
– نَوڪَريو ج نَوڪَريا: ذ . نوڪري ڪرڻ واري حالت— نوڪري— نفري— ملازمت— خدمت — ٽهل—چاڪِري— ٻيلپو.
– نوڪرِي ج نوڪرِيُون: ث. خدمت —ٽهل—خدمتگاري— ملازمت— شيوا —چاڪِري—ڪم — ڪار— ڌنڌوڌاڙي. شغل. پگهار— تنخواهہ —نفرياٽي— گولي— ٻانهي— ملازم— پورهيت— خادم.
– نوڪِري ڏيڻ: ملازمت ڪرڻ. ملازمت جو فرض ادا ڪرڻ.
– نوڪِريءَ سان لڳڻ: ڌنڌي ڌاڙيءَ سان لڳڻ.
– نوڪِري ڪرڻ: ملازمت ڪرڻ. مقرر پگهار تي روزگار ڪرڻ.
– نوڪرِيون ڪرڻ: ڌنڌو ڪرڻ.
– نوڪِرياڻِي ج نوڪِرياڻِيُون: ث . خدمت ڪندڙ زال يا ڇوڪري
• نَوُڪَزين ج نَوُڪَزِيُون: ث . (ف. نَوُخيز) ننڍي جوان ۽ مضبوط گهوڙي— ٻيهاڻ گهوڙي.
• نوڪا(ڪ): ظِرف. ڌار— جدا— الڳ— پري.
• نَوُڪائڻ(ت): مصدر. نہ ڇاوُڻَ.
• نَوَڪِڙي ج نَوَڪِڙيون: ث . نـَوَنَ ڪِڙين يا سارين سان رهڻ واري راند— نـَوَٽڙي— نـَوَٽِـي.
• نَوَڪـٽِـي ج نَوَڪـٽِيون: ث . راند جو هڪ قسم. ٽري پرت جو هڪ قسم.
• نوڪِرهي: هندن جي شاديءَ جي هڪ رسم.
• نَـولَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• نَولِ(ت): ڍِڳِيءَ ڪي سڏ ڪرڻ جو آواز.
• نَوَلُ ج نَوَلَ: ذ . صفت. (پرا: نَوَلو؛سن. نَوَ+لَ: ف. نَوُ= نئون). نئون— تازو— جوان. عجيب— سهڻو— پنهنجو مٽ پاڻ. اڻ هيُرو — اڻ هرِيَلُ— ناآزمودگار— اڻ واقف— بي خبرو. بي آزمودگار. جنهن کي سکيا ڏنل نہ هجي. نئون سکيل ماڻهو. سيکڙاٽ— نويلُ— آلڙُ—نو آموزُ— ناآزمودگار. ڍِڄٽو— ٺهڻو— ٽاهڙ—ڇرڪٽو. ڪَچو.
• نولو ج نولا: ذ . صفت. نـَولُ. ٻئي ڳوٺ جو— غـَيرُ— ڌاريون— اوپرو— پرائو.
– نولِي ج نولِيُون: ث . نئين شيءِ— اڻ آزمودگار(جنهن جو اجا اُنسَ نہ ٿيو هجي).
– نَولِي هُجَڻُ: ڌاري يا اجنبِي هجڻ.
• نـَوَلُ ج نـَولَ: ذ . واپارين جي اصطلاح موجب ريلوي جو ڀاڙو— ڪِرايو. ٻيڙيءَ جو ڀاڙو— پَـتَـڻُ— مسواڙ— اگهہ. (انگ. رُولُ Rule) قاعدو— قانون(ڪ). نورُ— هڪ جانور(ل).
• نول ڪول: ذ . ميوي جو هڪ قسم.
• نولکو: اسم خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• نـَولو ج نـَولا: ذ . تاسَ جو هڪ پتو— نـٌولو— نون (٩) داڻن وارو پتو. (ذ . صفت)دلو— لچو— بدمعاش.
• نـُولو ج نـُولا: ذ . ذبح ڪرڻ وارو— اوزار. چاقو وغيره جو مٺڪو يا ميخَ. عورتن جي وارن ۾ هڻڻ جو بـَڪـَلُ يا ڪـلِـي.

Gul Hayat Institute

"آخر مون کي درگاهہ مان غيبي نِيان مِليو."(جملو).

• نِياڻ: اسم خاص. تعلقي کپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• نِياڻُ ج نِياڻَ: ذ . (سن. نِيانَ) . تلاءُ– ڪَڏ– پاڻيءَ جي جاءِ– ڍورو– ماڻهن، جانورن وغيره جي پاڻي پيئڻ لاءِ حوض– چشمو– تَڙ– ڪَسي– واهہ– تانگهي پاڻيءَ جي نندي ترائي.

"وسيو ميگهہ مهر جو پريا نينهن نياڻ"

ڍبو.(صفت). اونهون– هيٺ.

– نِياڻ ڪَنياڻ ٽيڻ: چڱا برا ٽيڻ– آسودا بکيا ٽيڻ– نيڪ بدڪار ٽيڻ.

• نِياٽو ج نِياٽا: ذ . پنهنجي ذات نيات مان پرڻيل ماڻهو. ڌيءَ جو مڙس– نائي– نِٺاٽو.

• نِياٽِي ج نِياٽِيون: ث . برادر جي ڪنواري ڇوڪري– ڪنيا– ڪجا– نينگر– ڇُهر– ڌيءَ– نٺاٽي.

• نِياٽِي اُڪلائِڻ: نياٽيءَ جي شادي ڪرڻ– ڌيءَ پرڻائڻ.

• نِياءُ ج نِياءَ: ذ . (سن. نِيايَ) انصاف– عدل– حق جو فيصلو– دريافت– آچار– تورو– عقل– روءِ– انصاف– نِٺاءُ. ويچار. تڪرار. سچائي. علم منطق. خاصيت– گَڻ– رستو.

– نِياءُ اچَڻُ: ولي وٽان ورندي ملڻ– فيصلو ملڻ.

– نِياءُ ڪارُ ج نِياءُ ڪارَ: ذ . صفت. فيصلو ڪندڙ.

– نِياءُ ڪَرَڻُ: انصاف ڪرڻ– فيصلو ڪرڻ– جهڳڙو ٽارڻ.

– نِيائِي ج نِيائِي : ذ . صفت. انصاف ڪندڙ– عادل – سچار. اُنصاف روءِ– حَقي– واجبي.

• نيباهُ ج نيباهَ: ذ . (سن. نِرواهہ= پورائي) پورائي. ڪاميابي. وعده وفائي. قائمي. دائمي. نيائڻ واري حالت– نياءُ– نباهُ– توڙ– پڄاڻي.

– نيباهو ج نيباها: ذ . پائداري– قائمي– جٽاءُ– اِستادگي– قرار– ڏيرج– هَنڌُ– ٽڪاءُ. گذران.

– نيباهُو ج نيباهُو: ذ . صفت. نيائيندڙ– پورو ڪندڙ– جهالُو– هَنڌُو– هنڌائو– ٽڪائو. گل جو هڪ قسم.

– نيباهِي: ذ . نيبهہ– نيپئي– جٽائو– قائم– پڪو– سچو– ثابت قدم– اچَل. گهڻي وقت تائين هلندڙ. هميشه جو.

• نيبَرُ ج نيبَرَ: ذ . پير ۾ پائڻ جي زيور جو هڪ قسم.

• نيبَهُ: ذ . جٽاءُ– هميشگي– توڙ تائين هلڻ واري حالت– قائم– مُباهُ– رَوا– جائز– ڇيهہ– وفا– بقا. (صفت). گهڻي وقت تائين هلندڙ. جٽاءُ ڪندڙ. هميشه جو.

• نيبُوڙِي ج نيبُوڙِيون: ث . ٿر ۾ ٿيندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم.

• نيبَلو: اسم خاص. تعلقي ڇاڇري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• نيبُوجهَرُ ج نِيبُوجهَرَ: ذ . نِم جو ٻُور(ث).

• نيپائِڻُ: مصدر. پُورائي سان هلڻ. پورو ڪرڻ. نِپائڻ– پا ڪرڻ – توڙ نِپائڻ– پڄاڙي ڪرڻ. پار پهچائڻ.(نيپائيو- نيپائيندو– نيپائيل).

• نيپُو ٻُوٽو: ذ . ٻوٽي جو هڪ قسم.

• نِيتَ ج نِيتُون: ث . (سن). چال چلت– هلت– آچرن– لڇڻ- لَلُ– ڪِرُ– عادت– افعال– ڇيهڙ– اُٿڻ ويهڻ– نشست برخواست– ادب اندازو– ريت– رسم– راهہ ريت– پرويز– پر– پَ – هلي چلي– دستور– رواج. مرجاتا– وَتيرو. مارو– اوٿر– ڳاهہ نيت شاستر– علم اخلاق– راڄ ڍنگ– انتظام ملڪ. راڄنيتي- نيتي– تدبير– مصلحت– رمز. قسمت– ڀاڳ– لکيو– تقدير– مقدر– نصيب– ڀاوي. جهڳڙي جو آچار. نياءُ. نبيرو.

– نِيتائِتو ج نِيتائِتا: ذ . صفت. رواجي قاعدي موجب. نيت سان– پوري طرح– سانگ صرفي سان– پيدا آهر خرچ– حسب معمول– رواجي– هيرَ موجب– استعمالي– انساني قياس موجب. نيت وارو– فضيلت وارو.

– نِيت ٻَهِت(ڪ): ث . دستور– رواج.

– نِيت ڪرڻ: قناعت ڪرڻ– سانگ صرفو ڪرڻ.

– نِيتِي: ث . ريت رسم. نيت. طريقو. رستو. آچار.

• نِيَتَ ج نِيَتُون: ث . ارادو– منشا– نِئت– منو رٿ– مراد– خواهش– آرزو– تمنا– مرضي– اِڇا– خوشي– انڇا– رضا– عزم– قصد– مطلب– مقصد– غرض.(سن. نِيتي). نصيب– ڀاڳ. ڪرمن جو ڦل.

– نِيَتَ بدلجڻ: ارادو ڦرڻ.

– نِيَتَ لوڙڻ: ڪيل ارادن جي سزا ڀوڳڻ. ڪمن جو ڦل ڀوڳڻ.(خاص ڪري). خراب ارادن جو نتيجو ڏسڻ.

– نِيَتَ ۾ خَلَلُ هُئڻ: دل ۾ بي ايماني ٿيڻ. بي ايمان ٿيڻ.

• نِيُتَ: صفت. هڪ عدد– ڳڻڻ جو هڪ انگ– ڏهہ لکَ (١٠٠٠٠٠٠).

• نيتاري: اسم خاص. ٿر ۾ هڪ ڀٽ جو نالو.

• نيتَر (ٿ): ث . (سن). اک– چشم– نيڻ– نئڻ.

• نِيتَڻُ: مصدر. نيت ڪرڻ– ارادو ڪرڻ(نِيَتيو– نِيَتِيندو– نِيَتِيَلُ).

• نيٽُ ج نيٽَ: ذ . (انگ. نيٽ= ڄاري). رسو– نوڙ– وڏي–

Gul Hayat Institute

**نيسائِڻ** : مصدر. گهٽ ڪرڻ. اندران ئي اندران گم ڪرڻ. (ڦرڙي) نيسائجڻ.

**نيست**: صفت. ظرف. (ف). نابود— معدوم— فنا. خالي— اجايو— سڪٽو. رَد— باطل.

**نيست نابود ڪرڻ**: بلڪل ناس ڪرڻ— تباهه ڪرڻ— برباد ڪرڻ— ويران ڪرڻ— معدوم ڪرڻ— چٽ ڪرڻ— فنا ڪرڻ— اُجاڙڻ— پاڙان اُکوڙڻ.

**نِيستِي** : ث . ناس— عدم، وجود، غريبي— غربت. ڪٽي وڃڻ واري حالت. آلس— سُستي— ڪاهلي— ٽوٽپڻ. گهٽي ننڊ.

**نيسَرِ ج نيسَرُون**: ث . هُرلي يا نار ۾ لڳل ڪاٺ جي ڪَسي(جنهن ۾ لوٽن جو پاڻي ڪري ۽ وهِي اڏ ۾ پوي)— پاڻيءَ جي نيڪال جو نارو— لوهه يا ڪاٺ جي نالي— پاڙڇو— نيسارو. پوک جي نسرڻ واري حالت. سنگن جي نيسر.

**نيسوڪَڻ (ٽ)**: ث . باجهريءَ جي رَبُ ڏيئي ليسي ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ وکر.

**نِيشُ ج نِيشَ**: ذ . (ف. نيش). چرڻ جي چهنب. سوئو. نوڪ— اٽي(وڇونءَ وغيره جو) ڏنگ. ڏَند(خاص ڪري چهنب وارو جو ڏاريندڙ جانورن ۾ ٿئي). اٺ وغيره جو جوانيءَ وارو وڏو ۽ تکو ڏند— ڏنگ— ڏاڙهه. مِرونءَ جا اڳيان وڏا ڏند. نوڪ— اَٽي. جوانيءَ ۾ آيل اُٺ— نئون مڙيل اُٺ(جنهن جا سڀ ڏند نڪري آيا هجن)— وڏيءَ عمر وارو. اٺن ورهن جي ڄمار جو اُٺ. (جانور)— پوڙهو— جهونو.(ذ . صفت). پهلوان— ڏاڍو— زوروارو. مٿيون— بالا— اعليٰ. چالاڪ— هوشيار. مضبوط.

- **نيشاٽُ ج نيشاٽَ**: ذ . صفت. ٻُڍو— پوڙهو— جهونو— جهور— ڪراڙو. (نيشاٽ ج نيشاٽون).

- **نيشجڻُ**: مصدر. (اُٺ وغيره کي) سِيني ڏندن جو نڪرڻ— جوان ٿيڻ.

- **نيش زَنَي**: ث . نيشڻ يا نيش هڻڻ واري حالت— ڏنگ هڻڻ واري حالت— ڏاڙهڻ واري حالت.

- **نيشُ زَنِي ڪرڻُ**: ڏنگ هڻڻ— چڪ هڻڻ— ڏند وجهڻ— ڏنگڻ— ڪائڻ— ڪاٽڻ— ڏاڙهڻ.

- **نيش واههُ ج نيش واههَ**: ذ . نديءَ مان نڪتل وڏو واهه— ڦاٽ.

- **نيشُ هَڻَڻُ**: ڏنگ هڻڻ. مهڻا ڏيڻ— طعنا هڻڻ . غيرت ڏيارڻ.

- **نيشِي**: ذ . صفت: ڇهن ورهين جو اُٺ— وڏو اُٺ.

- **نيشِي ٻَنجَڻُ**: زور ۾ اچڻ— طاقت ڏيکارڻ.

**نِيشُ**: ث. (سن نِئشِنڪَ = پڪو مضبوط). پڪائي— مضبوطي. (صفت). پڪو— مضبوط . سنو. اُچو. (سن نشا). ڏاڍو ڪارو.

• **نِيشانُ ج نِيشانَ**: ذ . (ف. نِشان) . آثار— علامت— چنه— نشاني— هدف— آچار— چنب— ڪکر. پتو— سراغ. نقش— ٺپو— ڇاپو— چٽو— داغ— ڪلنڪ.نام و نشان— يادگار. جهنڊو— بانبٽِي— بانبٽو— عَلَم— نيزو— بيرق. ائڊرِيس— سرنامو— پاريتو— ٺڪاڻو— مقام.

— **نِيشانبَرُج نِيشانبَرَ**: ذ . صفت. نشان وارو— نشان چٽيندڙ.

— **نيشانِي ج نِيشانِيُون**: ث . نشاني— چِنه— ڪکر— داغ— چٽو— نشان— علامت— مام— آريڪڻ— لڇڻ. پار— پتو— آرڪان— آثار— اهڃاڻ— اُهڃ— النڪار.

• **نيشڪَرُج نيشڪَرَ**: ذ . ڪَمند— ڳِنو— ڪماند.

• **نِيفو ج نِيفا (ڪ— ت)**: ذ . سٿڻ ۾ اڳٽ وجهڻ واري جاءِ — اُبڊاٽو— اُبتاٽو— نينهنگُ.

• **نيڪُ ج نيڪَ**: ذ . صفت. (ف). نيڪ اعمالن وارو— ڀلو— سُٺو— خُوب— سلڇڻو— موچارو— چڱو— عمدو— سعد— سعادتمند— سعيد— مسعود. سخي— پرهيزگار— عابد— ديندار— پاڪ دامن. ٽرمشٽ. خير خواهه. رحم دل— خدا ترس— ڏَياوان. شريف— مهذب— سٺي چال وارو. ڪن لفظن جي مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ اڳيون لفظ "نيڪ بخت, نيڪ نام وغيره".

— **نيڪ بَختُ ج نيڪُ بَختَ**: ذ . صفت. خوش نصيب— سڀاڳو — بختاور— وَڏَ ڀاڳي— لاڪيڻو— ڀاڳن ڀريو— خوش قسمت— ڀاڳوان — نصيب دار— اقبال مند. پارسا سيرت— پرهيزگار. سِيلوان — سعادت مند— سعيد. چئيوان— فرمانبردار— آگياوان— سراوندو.

— **نيڪُ بَختِي**: ث . خوش قسمتي— سڀاڳائي. خوشحالي.

— **نيڪُ روشَنُ ج نيڪُ روشَن** :ذ. صفت. چڱيءَ طرح معلوم—چِٽيءَ طرح ڄاتل— هاڪارو— مشهور— ناميارو— نامڪٽيو— پڌرو.

— **نيڪُ فالُ ج نيڪُ فالَ**: ذ . صفت. سُٺو سُڳڻ— چڱو سوڻ.

— **نيڪُ قَدَمُ ج نيڪُ قَدَمَ**: ذ . سهڻو قدم— مبارڪ قدم— چڱي چال.(ذ . صفت). چڱي چال چلگت وارو.

— **نيڪُ مَردُ ج نيڪُ مَردَ**: ذ . صفت. ڀَلو ماڻهو— عابد— پرهيز گار— پارسا— نيڪ.

— **نيڪُ نامُ ج نيڪُ نامَ**: ذ . صفت. چڱي نالي وارو— ناليرو— مشهور . ناموس وارو.

— **نيڪُ نامِي**: ث . چڱو نالو— ناموس— ناماچار— نالو— جَسُ. عزت. آبرو.

Gul Hayat Institute

شٽ ٻڌڻ– خيالي ٻٽاڪون هڻڻ– ڪوڙي وڏائي ڏيکارڻ– بي بنياد ڳالهيون ڪرڻ. هَرويَرو دل کي خوش ڪرڻ. اجايا پَهه پچائڻ.

– **وات جو ڇوٽ ٿيڻ:** بي حيا ٿيڻ– اجايو ڳالهائڻ.

– **وات جو ڪَتيو ڪائِڻ:** چالاڪي ڪرڻ– حرفت بازي ڪرڻ– اٽڪلون ڪرڻ.

– **وات ڇٻاڙڻ:** خار کائڻ– چڙ لڳڻ.

– **وات ڇتو ٿيڻ:** سَڏ ٿيڻ.

– **وات ڇوڙڻ:** پرهيز نہ ڪرڻ– بيماريءَ وقت اجائي شيءِ کائڻ. بَڪ شَڪ ڪرڻ– بَدشَد ڳالهائڻ– بي ڍنگو هلڻ.

– **وات خَرچ ٿيڻ:** مفت ۾ ڪم نڪري اچڻ– ڪو ڪم بنا نقصان جي ٿيڻ. سفارش ڪرڻ– ٻئي جي پاران ڪجهہ اُتي چوڻ.

– **وات ڏيڻ:** ڳالهائڻ– بڪ شڪ ڪرڻ– جهيڙو ڪرڻ– تڪرار ڪرڻ– گارگند ڪرڻ– ڪنهن سان هرويرو لڙ ڪرڻ.

– **وات ڏارو:** گهڻو ڳالهائيندڙ– زبان دراز– بَڪ ڪندڙ– گهڻو گوڙ ڪندڙ– لُڙ مچائيندڙ– گهڻ ڳالهير– اجائي بڪواتي. بي عزتو ڳالهائيندڙ.

– **وات ڏاري:** بڪوات ڪندڙ عورت– گهڻو ڳالهائيندڙ عورت– وَيڙهاڪ عورت– جهڳڙالو عورت– ڇِنال عورت.

– **واتِرُ ج واترَ:** ذ . وات ڪندڙ– گهڻو ڳالهائيندڙ– بڪ بڪ ڪندڙ– بدشد ڳالهائيندڙ– گار گند ڪندڙ– ٻٽاڪون هڻندڙ– تيز ڳالهائيندڙ– تڪو ڳالهائيندڙ.

– **واتِراڏو ج واتراڏا** ذ . وات ڪندڙ– گهڻو ڳالهائيندڙ بَڪ ڪندڙ– بدشد ڳالهائيندڙ. اُهو جو ڪنهن کي بي عزتو ڳالهائي. بڪواتي– وات ڏارو– بيهودو. جڙتو ڳالهير– بناوتي قصا ڪندڙ– نسورو ڪوڙ ناهيندڙ– بهتان ٻڌندڙ.

– **وات رس:** تُڪ– پِڪَ– وات جو پاڻي– اُها پنڙي شيءِ جا وات ۾ ڇباڙيل ڪاڌي سان گڏجي وڃي. مِٺو ڳالهائڻ– نرم نموني ڳالهائڻ– فهميدو ڳالهاءِ– ٻئي کي وڻندڙ ڳالهاءِ.

– **وات رکڻ:** کائڻ پيئڻ ۾ پرهيز ڪرڻ. ڪِري ڪرڻ– اجايو سجايو نہ ڳالهائڻ – بنا ضرورت گفتگو نہ ڪرڻ. خبرداري ڪرڻ(ڳالهائڻ ۾).

– **واترو ج واترِا:** ذ . صفت. وات راڏو.

– **واتَڙِيو ج واتَڙِيا:** ذ . گهڻو ڳالهائيندڙ– بَڪبَڪيو– لٻاڙي– ڊاڙي– ٻَٽاڪي. واهيات– گِٽرِيل.

– **وات زِبانِي:** مُنهان مُنهن– روبرو. هڪدم چئي ڏيڻ– بنا لحاظ جي چوڻ.

– **وات سان وارا ڪرڻ:** رڙيون ڪرڻ– واڪا ڪرڻ– سڏ ڪرڻ– فرياد ڪرڻ– تمام گهڻو ڳالهائڻ.

– **وات سِبڻ:** صبر ۾ رهڻ– مات ۾ رهڻ– سانت ۾ رهڻ– ڪجهہ نہ ڳالهائڻ– حرف بہ نہ ڳالهائڻ.

– **وات سَٽيو ڪرڻ:** رشوت ڏيڻ– لالچ ڏيڻ– ڪنهن شيءِ جي آڇ ڪرڻ.

– **وات ڦاٽڻ:** عجب ۾ پوڻ– حيران ٿيڻ– پريشان ٿيڻ– حيرت ۾ پوڻ.

– **وات ڦاٽو:** ذ . بڪبڪيو– گهڻو ڳالهائيندڙ– سڀ ڪجهہ چئي ڏيندڙ. ٻٽاڪي– ڊاڙي– لٻاڙي.

– **وات ڦاٽو ٿيڻ:** بڪ ڪرڻ– يخ هڻڻ.

– **وات ڦاٽوڙو:** ذ . گهڻو ڳالهائيندڙ– بَڪواتي– بَڪ ڪندڙ– ڊاڙي– ٻٽاڪي– وات ڦاٽو.

– **وات ڦاڙڻ:** اُباسي ڏيڻ لاءِ وات کولڻ. حيرت ۾ پوڻ– عجب ۾ پوڻ– وائڙو ٿيڻ– موڳو ٿيڻ. دانهن ڪرڻ– رڙ ڪرڻ– وڏي سِر ڳالهائڻ– واڪا ڪرڻ. رشوت وٺڻ. مرضي رکڻ. چاهڻ.

– **وات ڦاڙي وهڻ:** رشوتي هجڻ– لالچ ۾ منهن وجهڻ– لالچ وٺڻ لاءِ تيار رَهڻ.

– **وات ڦاڙي هلڻ:** اڻنگي ريت هلڻ– موڳو ٿي هلڻ– وائڙو ٿي هلڻ– حيرت ۾ هلڻ.

– **وات ڦِڪو ٿيڻ:** سڏ ٿيڻ– چشڪو چاهڻ.

– **وات ڪارو:** ذ . صفت. اُهو ماڻهو جنهن جي پِٽ يا پاراتو اثر ڪري.

– **وات ڪارو هڻڻ:** ناظرو هڻڻ– منگهرو هڻڻ– ٻي جي ڀلائي نہ گهرندڙ– بدخواه هڻڻ– خير خواهي نہ ڪرڻ.

– **وات ڪَڍڻ:** ڏاڍو ڳالهائڻ. بدشد ڳالهائڻ.

– **وات ڪرڻ:** بڪ بڪ ڪرڻ– گهڻو ڳالهائڻ– بدشد ڳالهائڻ– گارگند ڪرڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ. جهيڙو ڪرڻ– ڦڏو ڪرڻ– فساد ڪرڻ– تڪرار ڪرڻ. دانهن ڪرڻ.

– **وات ڪري گهمڻ:** گاريون ڏئي وري ڦري وڃڻ.

– **وات ڪَمائِڻ(٢ ڪ):** گاريون گند ڏيڻ– واهيات ڳالهائڻ– اجائي بڪ شڪ ڪرڻ.

– **وات ڪِنو:** گندو ڳالهائيندڙ– خراب ڳالهائيندڙ– گارگند ڪندڙ.

– **وات ڪِنو ڪرڻ:** گاريون ڏيڻ– بدشد ڳالهائڻ– بُرا الفاظ ڪڍڻ.

– **وات ڪوسو ڪرڻ:** چلم ڇڪڻ. چُمي ڏيڻ.

– **وات ڪِنديڙڻ:** لڄي ٿيڻ– ڪِڪ ٿيڻ– بيزار ٿيڻ.

— **واٽـوڙيَن(ل):** واٽهڙن— رستي وارن.

— **واٽـون:** ظرف. واٽئون — واٽ کان— رستي کان.

— **واٽـون واسَڻُ:** واٽون ڏسڻ— انتظار ڪرڻ.

— **واٽـون وَٺَڻُ:** لنگهڻ جي جاين تي ويهڻ— رستي تي ويهي انتظار ڪرڻ— اچڻ لاءِ آتو ٿيڻ— ملاقات لاءِ منتظر رهڻ.

— **واٽـون وَهائي چِڪَڻُ:** ڪنهن کي مسلسل تڪليفون ڏيڻ— نقصان ڏيڻ— اهنج پهچائڻ— اِيذاءُ ڏيڻ. دربدر ڪرڻ— ظلم ڪارڻ— ستم ڪرڻ.

— **واٽ وَهـو ج واٽ وَهـو:** ذ. رستي ويندڙ— راهه گذر— مسافر— پرديسي— اجنبي.

— **واٽ ويندي:** رستي لنگهندي— راهه ويندي. اوچتو— بي خبر— مجاڻَ— اڻ ڄاڻ. خواهه مخواهه. بي گناهه— بنا سبب. بنا خاص تڪليف وٺڻ جي.

— **واٽـهَڙُ ج واٽـهَڙَ:** ذ. صفت. واٽ وارو— مسافر— سئلاني— پانڌيڙو— راهي— واٽهڙو— واٽ واهُو.

• **واٽَرُ ج واٽَرَ:** ذ. (انگ). ننڍي ڪسي— واٽر ڪورس.

• **واٽَرُ ڪورَسُ ج واٽَرَ ڪورسَ:** ذ. ڪسي— ننڍڙو واهه.

• **واٽِڪ (ڪڇ):** ذ. پرت جو هڪ قسم.

• **واٽڪو ج واٽڪا (ڪڇ):** ذ. وٽو— ڪٽورو.

• **واٽَڻُ:** مصدر. (سن. وَنٽ> وَنٽ= ورهائڻ) حصا ڪرڻ— ونڊڻ— تقسيم ڪرڻ. ڪَپَڻ— وڪرائڻ— ورهاست ڪرڻ.(واٽيو— واٽيندو— واٽيل).

— **واٽو ج واٽا:** ذ. واٽو. حصو ڀاڱو— ڀتي— بخرو— وَنڊي— وانٽ— ٽڪَ— ٽڪو— ڦاند— ڇاند— ڦانڊٽي— ورڇ— تقسيم— ونڊ— ڦوڙ.

— **واٽِيندَڙُ ج واٽِيندَڙَ:** ذ. ورهائيندڙ— واٽڻ— ونڊڻ— ورهائڻ.

• **واٽـو ج واٽـو:** ذ. ڀتي(ڀِيسَڪوٽ) راند ۾ لاڳيتو ستن هٿن کٽڻ جو وارو.

— **واٽـو اَچَڻُ يا لَڳَڻُ:** جيڪا ڌُر ڀِيس ڪري، تنهن جو لاڳيتا ست هٿ کٽي وڃڻ— ٻئي جي هار ٿيڻ.

— **واٽـو ٻارَن ڏيَڻُ:** لاڳيتا نہ رڳو ست هٿ کٽي وڃڻ، پر تاس راند ۾ تيرهن ئي هٿ کٽڻ.(اصطلاح) سخت تڪليف پهچائڻ.

— **واٽو ٻاوَن هَٿَڻُ:** ساندهه سڀ هٿ کٽڻ. ٻاونجاهه (ٻاون پتا).

— **واٽـو ڏِيَڻُ:** تاس راند ۾ اول ئي ساندهه ست هٿ کٽي وڃڻ. ڦِري وڃڻ— تڪليف ڏيڻ.

— **واٽـوڪوٽُ ج واٽـوڪوٽَ:** ذ. ڀَتن راند ۾ جنهن پارٽيءَ حڪم يا تُرپُ ڪيو هجي، تنهن جا يڪا يا لاڳيتو ست هٿ کٽي وڃڻ.

• **واٽـوانُ ج واٽـوانَ:** ذ. صفت. وريل (سگ). (پرمانند).

• **واٽـوهَڙُ ج واٽـوهَڙَ:** ذ. ڀَترن ڀڃڻ لاءِ ڪاٺ جو ٺهيل اوزار. جو هاري ڪتب آڻين— وٽوڙ— وٽوهڙ.

• **واٽِي ج واٽِيُون:** ث. ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ ڪپڙا گڏ ٺاهي سٽي رکڻ واري حالت.

• **واٽِيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **واٺَڻُ:** مصدر. آگر سان ڏيکارڻ. ڏَسڻ. جهنڊي ڏيکارڻ.

• **واٺـو ج واٺـو:** ذ. صفت. مِروڻ کي وٺندڙ— جهليندڙ (ڪتو)

• **واٺو ج واٺا:** ذ. صفت. وٺندڙ— ڪنهن جي پاران ڳالهائيندڙ.

• **واثِق:** (ع. وثق) مَضبوط— طاقتور— مضبوطي سان جهليندڙ.

— **واثِق باللهِ:** الله سان مضبوط ۾ پيڙو (بغداد جي عباسي خليفي جو نالو (واثق بالله).

• **واپارُ ج واپارَ:** ذ. (سن. وياپار) وڻج— سوداگري— سودو— تجارت— ڌنڌو— ڪم— پيشو— ڪِرت— ڪار— دوڪانداري. وهسوار— لڙهه وچڙ. مال. دوستي.

— **واپارڪو:** ذ. صفت. واپارجو— ڌنڌي جو— سوداگريءَ جو— سودي جو— تجارت جو— شاهوڪاري.

— **واپاري ج واپاري:** ذ. صفت. وڻجارو— سوداگر— تاجر— وکر ۽ جنسن جي ڌنڌي وارو. دڪاندار. واپاري دستور. رسم.

• **واپِرائِڻُ:** مصدر. ڪم ۾ آڻڻ. استعمال ۾ آڻڻ(ڪابہ شيءِ). ڪائڻ. (ڪپڙا) هَنڊائڻ— پهرڻ. خرچ ڪرڻ.(واپارايو— واپرائيندو— واپريل).

— **واپَرجَڻُ:** مصدر. واپِرڻ— ڪاڄي ختم ٿيڻ.

— **واپرايَلُ ج واپِرايَلَ:** ذ. ڪم آندل— ڪتب آيل— پراڻو— جهَونو— ڪُهنو.

• **واپَس:** ظرف. (ف). پنيان— پوءِ— پوئتي— ورائي. موٽي— وري.

— **واپس اچَڻُ:** موٽي اچِڻ— وري اچڻ— ڦيرو ڪري اچڻ.

— **واپس ٿِيَڻُ:** موٽي اچڻ— موٽڻ— وري اچڻ— ڦري اچڻ.

— **واپَس ڪَرڻُ:** موٽائڻ— ڦيرڻ— سترو ڪرڻ— موٽائي ڏيڻ— وري حاجت ۾ موڪلڻ— ورائي ڏيڻ— ورائڻ— موٽائي موڪلڻ.

— **واپس مِلَڻُ:** وري ملڻ— موٽي ملڻ.

— **واپَس وِٺَڻُ:** موٽائي وٺڻ— ورائي وٺڻ— ڦري پوڻ.

— **واپَسِي ج واپَسِيُون:** ث. موٽ— ڦير— واپسي(ٽڪيٽ). موٽندڙ (ٽپال). مهلت(محصول جي).

Gul Hayat Institute

• **واڏَ ج واڏُون(ث)**: ث . (سن. واد> وَد= ڳالهائڻ). هوڏ– ضِد– بحث– تڪرار– جهيڙو– حجت– واد.

– **واڏَ ڪرڻ(ث)**: ذ . ضد ڪرڻ– هوڏ ڪرڻ– بحث ڪرڻ– حجت ڪرڻ– تڪرار ڪرڻ.

– **واڏِي ج واڏِي**: ذ . صفت. ضدي– هوڏي– بحثي– حجتي.

• **واڏاڻ**: ث واڏڻَ.

• **واڏاٽو ج واڏاٽا**: ث . واڏاٽو– شاديءَ جون مبارڪون– خوشخبريون – ڪيرون.

• **واڏَر(ث)**: ذ . بادل– ڪڪر– گهٽا.

• **واڏَرو ج واڏَرا(ث)**: ذ. جهڙالو– آگم. ميرانجهڙي پوري رنگ جا پيرون.

• **واڏَڪ ج واڏَڪَ**: ذ . (سن. بَدَدَ= ٻڌڻ) دروازي جو ڏَڪ. قطر– وتر. طاقائين دروازي کي مضبوطي لاءِ پُٺئين پاسي کان ڪاٺ جون لڳل پٽيون– جهل– اَرٽ– ٽيڪ.

• **واڏَڻ ج واڏَڻُون**: ث . (سن. آڏ=هيٺ + وي= واٽڻ). کٽ جي پيرانديءَ واري مڙهيل نوڙي، جا کٽ جي واٽيل واڻ کي ڇڪي بيهي– کٽ جو واڻ ڇڪي ۽ سيٽائي بيهاريندڙ نوڙي– رسو. واجهه– واڍ– تانگهه– پانٽتي.

• **واڍِ ج واڍُون**: ث . سن. وَرڌرُ= وڍي. وَرڌ= وڍڻ). چمڙي جو رسو– نيٽو– وڏو ڏگهو رسو– واجهه– نوڙ– تانگهه– واڏڻ. کوهه مان پاڻيءَ ڪڍڻ جو رسو– ورت. گهيو– رسو سَلي ۾ وجهي ٻيڙيءَ جي آڏ ۽ سِڙهه نه جهمڻ واسطي ٻڌڻ. ڪاٺين جي وڍ– چير. اهو رسو جنهن سان کوهه مان پاڻي ڪڍجي يا گاڏيءَ جي ڏِڳن ڇڪڻ لاءِ ڪم آڻجي.

– **واڍائي**: ڪاٺين جي وڍائي ۽ چيرائي.

• **واڍا**: اسم خاص. واڍڪيءَ جي پيشي وارو.

• **واڍامو ج واڍاما**: ذ . رنبي وغيره جي ڇيڙي جي چوڌاري ويڙهيل چم جو ڇلو. ماٽامو.

– **واڍڻ جا اوزار**: ذ . واڍامو.

• **واڍُ ج واڍَ**: ذ . بصر جو هڪ قسم. سڪل بَصر جي ٻاڙ. ٿوڙهو(وڻ)– ٽرڙ(وڻ). بصر جي وڍيل ڳنڊ. ظالم– وڍيندڙ– وڍيل.

• **واڍڻُ**: مصدر. پاڙڻ– ڏگهي رسي سان ٻڌڻ.(واڍيو– واڍيندو – واڍيل).

• **واڍو ج واڍا**: ذ . (سن. وَرد= وَڍڻُ)ڪاٺ کي وڍڻ جو ڪم ڪندڙ– وڍيندڙ. ڪاريگر– سُوٽهڙ– ڏکڻ. درودگر– نجار.

– **واڍِ پائِي**: ث . واڍي جو ڪم. واڍي جو اُجورو.

– **واڍڪو ج واڍڪا**: ذ . صفت. واڍن جو ڪم. واڍي جو– ڏکٽڪو.

– **واڍوڙَڻُ**: مصدر. (سن. وَرڌ= وڍڻ). تکي اوزار سان ڦٽڻ. گهائڻ– وڍ ڪرڻ. ڏارڻ– ڦاڙڻ– چيرڻ. زخمڻ– چاڪ ڪرڻ– ڦَج ڪرڻ. داغ ڪرڻ. (واڍوڙيو– واڍوڙيندو– واڍوڙيل).

– **واڍوڙ ج واڍوڙَ**: ث. ڦٽيل– گهايل–زخمي–ڦاڙيل– وڍيل–واڍوڙيل.

– **واڍوڙِجڻُ**: ڦٽجڻ– زخمجڻ– گهائجڻ– ڦاڙجڻ– وڍجڻ.

– **واڍوڙو ج واڍوڙا**: ذ . گهاءُ– زخم– ڦَٽ. زخميل– گهايل– وڍيل.

– **واڍوڙِيا**: ذ . (جمع) وڍيا– زخميا– ڦاڙيا– چاڪ ٿِيا.

– **واڍوڙِيا**: ذ . اي وڍيل!– اي ڦٽيل!– اي زخميل!– اي واڍوڙيل!

– **واڍوڙِيَلُ ج واڍوڙِيَلَ**: ذ . زخمي– گهايل– ڦٽيل– وڍيل. وڍيو.

• **واڍولو ج واڍولا**: ذ . واٽيل کَٽ جي پيرانديءَ واري پاسي واڏڻ واري نوڙيءَ جو مُنيو. جنهن ۾ واڏڻ وجهجي– واڻ جو ويڙهو. زيور جو هڪ قسم– عورت جي ڪرائيءَ جو ڳَهه”واڍولا وَڏَ وجهن ڪَرائِيءَ ڪنوار“(زيور نامو ميان فضل الله پاٽائي) گدامڙيءَ جي وڻ جو ڪَچو پلڙو.(ل).

• **واڍولِيا ج واڍولِيا**: ٻانهن جي ڪرائيءَ ۾ منگلي جي جاءِ تي پائڻ جو زيور. (چاندي وغيره جو ٽئي. منگليءَ جو گول حلقو لسو ٽئي، هن جي گول حلقي ۾ وَرَ وَڪَڙ ٿين).

• **واڍيو ج واڍِيا**: اسم خاص. ذات جو هڪ قسم.

• **وارَ ج وارُون**: ث . (سن. وارَه= ڦيرو) وارو– گهمرو– ڦيرو. ور– ويل– وقت– ٽائو– مهل– دير– وارو– پيرو. پل– ساعت– فرصت– مهلت– دِر– غفلت– سستي. واندڪائي– وارڪائي. اُلَر– حملو– ڪاهه– وار. گهور– قرباني يا ميتا جي آچ. ميتا ميڄڻ واري حالت. ٻئي جي جاءِ حاصل ڪرڻ واري حالت. گهمرو– ڪنهن جي ساراهه جو گيت– ڪيرتن (خاص ڪري سکن ۾) صدقو– گهور. (صفت). ڪن فارسي لفظن جي پڇاڙي (جا معنيٰ ڏيکاري ٿي)– جهڙو– لائق. طرز– دستور. اکر نسبت: جيئن ”اميدوار.سزا وار وغيره“.

• **وارڪائِي ج وارڪائِيُون(ل)**: ث . فرصت– واندڪائي. آجائي– چوٽي.

• **وارُ ج وارَ**: ذ . (سن. بال) مٿي يا بدن جا وار– زلف– لوم– ڪيس . چِٽا. رڇ جي بدن جا وار (ساڙي رک ڪري، زيتون جي تيل ۾ ملائي مرحم ٺاهين.(ف– ج). اُلَرَ– ڪاهَ. پيرو– گهمرو– ڏينهن– ٽٿَ– چنڊ جو ڏينهن– تاريخ. هفتي جو ڪو به ڏينهن(جيئن: منگل وار– وسپت وار).

– **وارَ اَچا ڪَيا اٿس**: گهڻو زمانو ڏٺو اٿس– وڏيءَ عمر جو آهي. آزمودگار– تجربيڪار. عقلمند– ڏاهو– سياڻو.

Gul Hayat Institute

— وارُ ٻڌڻُ: شادي ڪرڻ لاءِ ڪو ڏينهن مقرر ڪرڻ. حملي لاءِ تجويز رٿڻ. فرصت جو وقت مقرر ڪرڻ.

— وارَ ناهڻُ: وارن کي سينگارڻ— وارن کي پنهنجي مرضيءَ موجب ڦٽي ڏيئي بيهارڻ. زُلف بيهارڻ— چِٽا ناهڻ— وار ڳُنڊڻ.

— وارَ پٽڻُ: نچڪٽي سان وار چوندڻ— چِٽا ڪوهڻ— بغل ڪوهڻ.

— وارَ جو نالو نہ ڳِنهڻُ: ڪجهه بہ نہ چوڻ— خاموش رهڻ— معاف ڪري ڇڏڻ.

— وارَ وٺڻُ: وار ڪوڙڻ— پاڪيءَ سان مٿو صفا ڪرائڻ.

— وارجو ج وارجا(ڪ): ذ . وارن وارو برش— گهوڙي جي پڇ جي وارن مان ٺهيل برش، جنهن سان فرش صاف ڪجي.

— وارَ وجائڻُ: نياڻيءَ جو سگ ڏيڻ— مائٽي ڳنڍڻ— نياڻيءَ جي شاديَ ڪرڻ— سڱابندي ڪرڻ. قربان وڃڻ— ٻلهار ٿيڻ— نياز نڇاور ڪرڻ— عزت آجيان ڪرڻ— خدمت چاڪري ڪرڻ— مرحبا ڪرڻ— ڪمي پيشي باقي نہ ڇڏڻ.

— وارَ ونگو نہ ٿيڻُ: ذرو بہ نقصان نہ ٿيڻ— ذرو بہ جوکو نہ رسڻ— صدمو نہ اچڻ— تڪليف نہ اچڻ— رنج نہ ٿيڻ.

— وارَ جو ونگو نہ هئڻُ: ذرو تفاوت بہ نہ هئڻ— ڪجهه ڦير ڦار نہ هئڻ— ذرو بہ گهٽ وڌ نہ ٿيڻ.

— وارَ چَروُ ج وارَ چَرا: ذ . وارن ڪرڻ واري حالت— گنجاپڻ— وارن کي ڪائيندڙ وارجو نالو— چَرندوار.

— وارَ سَمجهائڻُ: وارن کي ذوئي ڦٽي ڏيڻ— تيل مکي ڦٽي ڏيڻ.

— وارَ سَنوارڻُ: وارن کي ڦٽي ڏيڻ— وار سڌا سنوان ڪرڻ— موڙهل وارن کي سنئون ڪرڻ.

— وارَن ۾ ور وجهڻُ: چوٽي ڪرڻ— وار ناهڻ— وار سنوارڻ— وار ويڙهڻ— وار ٻڌڻ.

• وارُ ج وارَ: ذ. حَملو. الر— ڪاهہ.

• وارَ ڪرڻ: حملو ڪرڻ— اُلر ڪرڻ— ڪاهہ ڪرڻ— جُلهہ ڪرڻ. گهمرو ڪرڻ— پيرو ڪرڻ— دفعو ڪرڻ.

• وارَ تَلِيُون : بدن اندر تمام سنهيون وار جهڙيون نسون— رڳون— تَنتون.

• وارَپي وارڻ: پاڳين جو وارو ڪرڻ. (ن— ب).

• وار وار: ث . بار بار— گهڙي گهڙي— ساعت بہ ساعت— هر هر— پلَ پلَ. وري وري.

"صدقو توتان آءٌ وار وار."(بيڪس).

— وار وار ڦيرا ڪَرڻُ: جڏهن تڏهن اچڻ— گهڙي گهڙي اچڻ— هر هر اچڻ.

• وارُوارڻ : تاريخ مقرر ڪرڻ— ڏينهن مقرر ڪرڻ— فيصلو رکڻ. انجام ڏيڻ— قبول ڏيڻ— وعدو ڏيڻ—تت ڏيڻ. مقرر ڏينهن تي ڪم نہ ڪرڻ— وارو ٽارڻ.

• وارُوجهڻُ: پنهنجو حق اڳ ۾ ڏيکارڻ— پنهنجي اڳرائي ڏيکارڻ. ٻيهرين حق هجڻ جي دعويٰ ڪرڻ.

• وارياٽي ج وارياٽيُون: ث . نذر ڪندڙ— ٻيا رکندڙ.

• وارَاڪو ج وارَاڪا: ذ . (سن. ورت= ڦرڻ). ڦيرو— ورُ— وٽ— وڪڙ —پيچ— محبت جو پيچ— محبت جو ڳانڍاپو. مائٽري جو ننگ.

"ويئين ناهہ واراڪو سُٽئين ڪونهي سڱ." (آبري — شاهہ).

• وارائي: اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ڏينهن جو نالو.

• وارائڻُ: مصدر. (سن. وايَہ= واءُ). سڪائڻ— وائڪائڻ— هوا ڏيڻ— هوا ۾ رکڻ— واءُ ڪرڻ. ڇنڊڻ. وائرائڻ. وارڻ جو ڪم هٿي ڪان ڪرائڻ. رقم ڏيئي ان جي ٻهج بنديءَ ۾ لڪائڻ. (واريو— وارينڊو— واريل).

• وارائي: اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• وارتا ج وارتائون: ث . (سن). آکاڻي— ڪهاڻي— قصو— افسانو— ڳالهہ— بيان. خبر.

— وارتائون وجهڻ(ڪ): ث . وڏا قصا يا ڪهاڻيون ٺڏائڻ— پچڪڙيون وجهڻ— رنڊڪون وجهڻ.

• وارثُ ج وارثَ: ذ . (ع. ورث= وارث ٿيڻ). ورثو وٺڻ وارو— ميراث وٺڻ وارو— ترڪو وٺندڙ— حقدار— مستحق— فوتي جي ملڪيت مان حصو وٺندڙ. مالڪ. خانوند— ڌڻي— ميان. سنڀاليندڙ— نگهبان— سرپرست. وصي— ڪانڌ. عزيز— لاڳاپو رکندڙ— اولاد— ابا ڏاڏا— مائٽ.

"نہ وارث نہ ولهو نہ سگ نہ سياڪو."(مومل راڻو— شاهہ).

— وارث نامو ج وارث ناما: ذ . وارثن بابت وصيت نامو. وصيعت.

— وارثي ج وارثيُون: ث . ورثي جو حق. موروثي حق— مائٽاڻو حق —مائٽاڻي ملڪيت ۾ حصيداري— ملڪيت جو حصو— ڀاڱو.

• وارث ڏنو ماڇي: اسم خاص. تعلقي رتيديري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• وارِدُ ج وارِدَ: ذ. (ع). اچڻ وارو— پهچڻ وارو— لهڻ وارو— ايندڙ— قاصد.

• وارِدُ ٿيڻُ: پهچڻ— حاضر ٿيڻ— اچي وڃڻ.

• وارِدات ج وارداتون: ث . (ع)اها حالت جا ڪنهن ماڻهوءَ سان ٿي گذري هجي . حالت . تازيون پيدا ٿيل حالتون. واقعو— حادثو— ماجرا. اتفاق— ڏوهہ— گناهہ— هنگامو.

Gul Hayat Institute

– **واردات جي جاءِ:** ڏوھ جي جاءِ – گناھ ٿيڻ واري زمين– سر زمَين(جنھن جاءِ تي گناھ ٿئي).

• **وارڙيُو ج وارڙِيا:** ذ . واري تي ايندڙ– وارو جَھلائيندڙ– وارو ونَندڙ– واريَ پٺيان واري وارو– لاڳيتو – مسلسل– وار ڪٽندڙ ملھ– ملھ ۾ واري جو انگ ڄاڻيندڙ– تڪا وارا ڪٽندڙ.

• **وارڪِي ج وارڪِيُون:** ث . پتل يا چانديءَ جو ڪَنَ ۾ وجھڻ لاءِ گول ڇلو.(اَسم خاص). تعلقي جاتيءَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **وارڪا ڪَرَڻُ(ڪ):** باس باسڻ– ميڄتا ميڄڻ– سُکان باسڻ – پَڙَ باسڻ– نڇاور ڪرڻ– مٿي مٿان گھوري اڇلڻ.

– **وارڪا وارڻ(ڪ):** باس باسڻ– ميڄتا ميڄڻ– سُکان باسڻ– پَڙَ باسڻ.

• **وارڪائي:** ث . واندڪائي– فرصت.

• **وارلو ج وارلا(ڪ):** ذ . زيور جو ھڪ قسم– ھَسُ– ھسي.

• **وارَلاھڪِيَ:** ڳچيءَ جي پھرين ھڏي– ھنجي.

• **وارَنٽُ ج وارَنٽَ:** ذ . (انگ) ڪنھن ماڻھوءَ جي گرفتاريءَ جو ڪاغذ– وارنٽ.

• **وارَنڊُ ج وارَنڊَ:** ذ . (انگ= وارنٽ) گرفتاريءَ جو حڪم نامو.

• **وارَنھِن(ٿ):** ذ . ڍگھو رسو– نوڙ– واجھ. اٺ جي پڇ جي پاسي وارا وار.

• **وارَڏُ ج وارَڏَ:** ذ . (سن. وھس) ھاٿي.

• **وارَڻُ:** مصدر. (سن. وادَ= ڍڪڻ ۽ مٽائڻ) (رقم) وارڻ– بند ڪرڻ– چڪتو ڪرڻ– رد ڪرڻ– ليڪ پائڻ– ليڪا پائڻ– روڪڻ– پَلڻ– جھلڻ– ھٽائڻ– انڪار ڪرڻ– ورائڻ– وري ڪٽي وجھڻ– لھڻ. منع ڪرڻ– ٽارڻ– ڪيي ڇڏڻ. بار رکڻ– نوارڻ. (ميڄتا ۾) ڪا شيءِ مٿي تان گھوري ڏيڻ. قربان ڪرڻ– صدقي ڪرڻ– ٻلھار ڪرڻ. ميڄتا ڏيڻ (باس باسڻ سان) لڳائڻ– ارپڻ ڪرڻ– والارڻ. گھرجي پرسان پيل زمين ھٿ ڪري پنھنجون حدون وڌائڻ. فدا ڪرڻ. پنھنجي عزت وڌائڻ– ورائڻ– واپس موٽائڻ. قبول ڪرڻ– ڏينھن مقرر ٿيل)– ملھائڻ. ارادو ڪرڻ– تيار ٿيڻ. (سن. وري = چونڊڻ) پسند ڪرڻ. چونڊڻ. پنھنجو ڪرڻ. نشان ڪرڻ. وسارڻ– اُٿلائڻ. ڪنھن ڳالھ مڃائڻ لاءِ پڪو ٿيڻ. پنھنجي ڳالھ تي ھوڏ ٻڌڻ– ضد ڪرڻ. (واريو– وارينڊو– واريل).

• **وارَڻُ ٻارَڻُ:** ڪارائڻ پيارڻ.

• **وارِٽِي:** ث . (ڪنھن جي) ھوڏ.

• **وارَيِ ڇڏِ:** ورائي ڇڏ– ھٽائي ڇڏ– دل تان لاھي ڇڏ. پاڙي ڇڏ.

– **واري وِجھَڻ(ڪ):** ذ . پرھيز ڪرڻ.

– **واريو ج واريا:** موٽايو– ھٽايو– ڦيرايو. ماڻھوءَ جو نالو.

– **وارَيين:** وارئين– شال موٽائي آڻين.

"وَارِيين سي والي، ھِنيڙو جنين ھٿ ڪيو" (سھڻي– شاھ).

• **وارو ج وارا:** ذ . (سن. وار) وقت ٽاڻو– ويلو– فرجو– پرڪو– ويرم. بخت– قسمت– نصيب– ڀاڳ. موسيقي جو اصطلاح. وات سان ڳائڻ بند ٿيڻ ۽ رڳو سازن جو وڄڻ. تپ جو ھڪ قسم( جو ھڪ ڏينھن ڇڏي ٻئي ڏينھن ايندو آھي). عرصو – زمانو– وير– صاحبي– ايام ڪاري– سمو– ايام.

"واري ولو راءِ جي سڻ تون حقيقت ھيءَ".

ملھ جو ھڪ داءُ. وجھ – موقعو. گھمرو– دفعو– پيرو.( ڪوس پرجي ڦرھوڙيءَ تي اچي تہ ڇٻبو وارو. سوئر جي اچڻ وڃڻ جو ڦيرو) (حرف اضافت) جو – ھن وارو. اسان وارو) واھر– مدد– واھر لاءِ دانھن (وارو ڙي وارو!).

– **وارو ج وارو:** ورائيندڙ. واھرو.

"دوا آھين دل جي، وارو واقف ڪار". ( آبري– شاھ).

– **وارا ڄمارا:** ڪڏھين کھڙو وقت ڪڏھين کھڙو وقت– ويل.( گذريل عمر ۾) لاھا چاڙھا– گرميون سرديون– ڏک سک– اھنج سھنج.

– **وارا ڦيرا:** وجھ– موقعا– مھلت.

– **وارا ڪَرَڻُ:** حملا ڪرڻ– اُلرون ڪرڻ– مَلھُون ڪرڻ– وري وري اچي سرتي ڪڙڪڻ– ھردم ڏک ڏيڻ– ھر وقت مصيبت ۾ مبتلا ڪرڻ. آفت اُٿارڻ.

– **وار ڪِئُو وِيَنِ:** شل واري واري تي ويامن( ۽ نہ سڀ ھڪ موسم ۾) تہ ميھاَروٽ ڪير موجود رھي!)(سھڻي– شاھ).

"ڪاريون ڪَڪيون، ڪنديون وارا ڪيو ويَن".

– **وارا ڳَڻَڻُ:** سوئرجي اچڻ وڃڻ جا ڦيرا ڳڻڻ.

– **وارا وَڄائِڻُ:** حڪومت ڪرڻ– بادشاھي ڪرڻ– موجون ماڻڻ– مزا وٺڻ.

– **وارائِتو ج وارائِتا:** واري وارو– واري تي– پوري وقت تي– ٺيڪ دفعي. نؤبتي(تپ) – واري جو (تپ). واري ۾ يا ساھيءَ ۾ ڇڏيل زمين(جنھن کي ھڪ سال يا وڌيڪ عرصو ڇڏيو پوءِ آباد ڪجي). مقرر وقت جو– مقرر پيري جو. گھمرن يا ڦيرن سان. ھڪ ڏينھن ڇڏي ٻئي ڏينھن تي ايندڙ (تپ).

– **وارو اچَڻُ:** وجھ لڳڻ– موقعو اچڻ. ڪجھ ھٿ لڳڻ – فائدو حاصل ٿيڻ– لاڀ پوڻ– نفعو ٿيڻ.

• **واڙلُ ج واڙلَ**: ذ . بيماريءَ جو قسم. هوا سان پريل ڳوڙهو جو ڳچيءَ ۽ بدن جي مٿئين حصي تي ٿئي ۽ سور نہ ڪري.

• **واڙڪو ج واڙڪا**: ذ . زيور جو هڪ قسم — ڪڙولو — هَسُ.

• **واڙڻُ**: مصدر. مال کي واڙي ۾ بند ڪرڻ — گڏڻ — گڏ ڪرڻ — ڪٺي ڪرڻ — ميڙڻ — وٽورڻ.(واريو — واڙيندو — واڙيل).

• **واڙو ج واڙا**: ذ . (سن. واٽ= واڙو. ف . باره= ديوار. شهر پناه). وٿاڻ — جاءِ — لوڙهو — ڏڪ. ڪاري جي ٻيڙيءَ جي حصي جو هڪ قسم، پاٺيءَ واري طرف. پاسن ڪان جانار ڪان هيٺ وچ وارا 5— 6 باسا (ڪ— ل). (اسم خاص). پرت جو هڪ قسم (قسم:طوطائون. گلهايون — ٽِڪُن ۽ منڊ جو واڙو).

— **واڙي واڙي(ڪ)**: ٻڪرين کي وٿاڻ ۾ وجهڻ لاءِ ٻڪرار جي توار.

• **واڙِي ج واڙِيون**:ث . پاڃين وغيره جي پوک — گدرن ۽ چانهين واري پوکيل ٿوري پلي زمين — باغ — اولاد — اَنس — ٻچو — ٻُٺاڏ — اَڊ — ڪِير — جَٽي — جڻ — سنتان.

• **واڙِي**: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **واڙِيارو**: اسم خاص. ڊوري جو هڪ قسم.

• **واڙيري (ڪ)**: وڏي ڦر واري ٻير.

• **واڙيءَ ڦُلَ**: ولين جا گل — خوشبوءِ دار ۽ رنگين — جڏهن ٽڙن تہ سُهڻا لڳن.

"وهُسن واڙي ڦل جڏهن محبت مچ لاءِ".(يمن ڪلياڻ — شاهہ)

• **واڙيلَ(ڪ)**: اسم خاص. ٻير جي وڻ جو هڪ قسم، صوفي ٻير جو وڻ. ٻنيءَ واري ٻير.

• **واڙُ ج واڙَ**: ذ. ڪليل — ظاهر.

— **واڙَتي ورائڻُ**: سنڌي رستي تي ورائڻ — ڏنگي کي سڌو ڪرڻ.

• **واسارو ج واسارا**: ذ . ڌوپ — واس ڪرڻ جو ٽانوُ.

• **واسُ**: ذ . (ف. باش، سن. وَش= رهڻ يا وسڻ). رهڻ جي جاءِ — مقام — ويهڪ — بيٺڪ — خلوت جي رهائش — ايڪانتي — بيٺڪ.

— **واسِي**: ذ . صفت. رهاڪو — رهندڙ — بيٺڪي.

• **واسامو ج واساما**: ذ . (سن. باسَنگُ> وَس= رهڻ). آرام — راحت — ساهي — ڊاھو — قرارُ — سُک — وسرام — آسائش — سانت — ٽانهر — سامت — ڌيرج. جمعيت. فرحت — ڳڻتي — فڪر — ارمان — افسوس — گهنگهور — مونجهارو — اُڏمو. ڳڻ.

— **واساما ڳائِڻُ**: ڳڻتيون ڪرڻ — خيال پچائڻ — دليل ڊوڙائڻ — پهہ پچائڻ . ڪنهن جي واٽ نهارڻ — ڪنهن جي اوني يا اوسيڙي ۾ ويهڻ.

• **واسانگو ج واسانگا**: ذ . وقت — وجهہ وارو — موقعو — ويل — مهل — وير — عرصو.

— **واسانگا ڳائِڻُ**: شڪ ۾ ويهڻ — اوني ۾ ويهڻ — اوسيڙو ڪڍڻ — انتظار ڪرڻ — منتظر ٿيڻ.

— **واسِتِينَ ج واسِتِينُون**: ث . واستني — اونداهي رنگ ڪِلڪ يا سِر، جنهن مان قلم ٺهن.

• **واستيني**: واستين — ڪانهہ — سر.

• **واسِرائِڻُ**: مصدر. انتظار ۾ ترسڻ — اوسڙڻ — اون ڪرڻ — بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ — اوسيڙو ڪرڻ. لاپ پهچائڻ ڪنهن تي ايچپو رکي ڪجهہ ڪَٽائڻ. لاپ هٽ ڪرڻ — ڪنهن مان وٽڻ ڪٽڻ. (واسرايو — واسرائيندو — واسرايل).

— **واسِرو ج واسِرا**: ذ . آس پاس جو ڦهلاءُ(بُوءِ يا مرض وانگي) غلبو — زور — رواج — ڦهلاءُ. امڪان — پکڙيل — انديشو. ڪليل — ظاهر — وائڪو. هوادار — هوا وارو. ڪليل هوا وارو هنڌ — ٽڏڪار. هوا. بُونءِ واسرو — پواسرو.

— **واسِرِي ج واسِرِيُون**: ث.چيلهہ سان ٻڌل پيسن جي ڳوٿري — واسني.

• **واسطو ج واسِطا**: ذ . (ع) وسط= وچوارو).سبب — ڪارڻ — باعث — وجه. مراد — نيت — منورٿ — آرٿ — مطلب — مقصد — غرض — هاردوئي — ڏنڌو — ڪم — ڪرت. درمياني — وچوارو — پورو پنو. لاڳاپو — نسبت — تعلق.

— **واسِطي**: (حرف جر) جي لاءِ — جي ڪري — سبب ڪري. براءِ — خاطر — ڪارڻ.

— **واسطي خُدا جِي**: خدا ڪارڻ — واٽ خدا جي — الله جي لاءِ.

— **واسِطيدارُ ج واسِطيدارَ**: ذ . لاڳاپو رکندڙ — واسطو رکندڙ — تعلق رکندڙ. مطلبي — غرضائو — اُلڪائتو.

• **واسِع**: (ع. وسع). خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو. پکيڙيندڙ — وسيع — وڏو — ڪشادو.

• **واسِڪارڻ**: مصدر. دانهن ڪندڙ — رڙ ڪرڻ. ڪوڪ ڪرڻ — رڙڻ — ٻاڪارڻ.

• **واسِڪارَ ج واسِڪارُون (ڪ)**: ث . ٻڪريءَ جو آواز — ٻيڪاٽ.

• **واسِڪاري ج واسِڪاريُون (ت)**: ث . ڪورين جي اوزار جو هڪ قسم، ٻہ سنهيون ڪاٺيون جي ريچ جي پٺيان بيهن ۽ تانيءَ وارن ڌاڳن کي مُنجهڻ کان بچائن ۽ تندن کي نمبروار رکن.

• **واسِڪوٽُ ج واسِڪوٽَ**: ذ . (انگ) ويسٽ ڪوٽ — ننڍو ڪوٽ — چيلهہ تائين بيهندڙ ڪوٽ.

Gul Hayat Institute

- **واٽيچا:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **واٽيو ج واٽيا:** ذ . (سن. وڻج= واپاري). واپاري هندو– هندو دڪاندار. مهتو– هندو. دڪاندار– واپاري– سوداگر– هندو تاجر.(ث. واٽياڻي ج واٽياڻيون).

– **واٽيو وَڪال:** ذ . ( ع. بقال= بينہ) ڪِرار– هندو– بنيو– مهتو.

– **واٽياڻي ج واٽياڻيون:** ث . هندو عورت– هندواڻي– واڃاڻي.

- **واوٽ ج واوٽ:** ذ . خبر رکندڙ– سڏ لهندڙ– سماچار رکندڙ– خبرگيري– سماچاري.
- **واوَڙُ(ڪ):** مصدر. خرچڻ– وڃائڻ– وائڙ(واوريو– واوريندو – واوريل).
- **واورجي وڃَڻُ:** هوا لڳڻ– واءُ لڳڻ. خالي ٿيڻ. صاف ٿيڻ. ڇَج ڏيڻ . وائکو ٿيڻ.
- **واوڙاھَ:** اسم خاص. پسارڪي وکرجو هڪ قسم.
- **واوَڙنگُ ج واوڙنگَ:** ذ . پسارڪي وکر جو هڪ قسم. هڪ ٻوٽو جنهن جا ٻير دوا طور ڪم اچن. ڪارين مرچن وانگي داڻا ٿين. رنگ ڪارو. ذائقو ڪوڙو تيز. جلاب ۾ ڪم اچن.
- **واوڙيندُ:** واوڙنگ هڪ قسم.
- **واوڙينگُ:** واوڙنگ .
- **واوِڪَرج واوِڪَر(ڪ):** ذ . هارايل– ڪريل– هيٺ پيل– اجايو– فضول– بي قاعدي.
- **واونا جي واوَنائُون :** ث . بدي مهيني جي وڏي ٻارس– بدي مهيني ۾ ١٢ تاريخ تي رکيل روزو.
- **واوندو ج واوندا:** ذ . اونهاري جي موسم جي شروعات– وارو– ولو– واھوندو.
- **واوَٽِي ج واوِٽيُون (ٽ):** ث . پوڪ– کيت– ٻني.
- **واوو ج واوا (ڪ):** ذ . مٺائي ٺاهيندڙ حلوائي.
- **واويلا ج واويلا :** ذ . ( ع). هاءِ – افسوس– گهوڙا. دانهون– رڙيون– فرياد– آهون– ورلاپ– رودن – روڄ راڙو– غم– افسوس– هاءِ هاءِ – گهوڙا گهوڙا.

– **واويلا ڪَرڻُ:** آهون دانهون ڪرڻ– ورلاپ ڪرڻ– افسوس ڪرڻ– هاءِ هاءِ ڪرڻ– گهوڙا گهوڙا ڪرڻ. روڄ راڙو ڪرڻ– رودن ڪرڻ.

– **واويلا مَچائِڻُ:** شور ڪرڻ– رڙيون ڪرڻ– غلغلو ڪرڻ– غوغاءُ ڪرڻ– دانهون ڪرڻ– گوڙ ڪرڻ– هاءِ هاءِ ڪرڻ– گهوڙا گهوڙا ڪرڻ –جلدي ڪرڻ– تڪڙ ڪرڻ– تيزي ڪرڻ– ڏم مچائڻ.

- **واويلِڙي (ٽ):** اسم خاص. ول جو هڪ قسم.
- **واھُ ج واھَ:** ذ . پلارو– اڇو– چوکو– اُتم– اُتَر– فائق– نهايت– عمدو– سهڻو. جس– آفرين– واکاڻ– ساراھ– تحسين– ناموس– خوبہ مدد. واٽہ واھ واھ –شاباس– آفرين. واھ جي، خاصي روءِ رڳي.
- **واھ٢(ف):** ندا. واکاڻ ۽ آفرين جو لفظ– شاباس.

– **واھ واھ:** آفرين– شاباس– جس. افسوس.

– **واھ واھ ٿيڻ:** ساراھ ٿيڻ– هاڪ ٿيڻ– ناموس ٿيڻ– واکاڻ ٿيڻ– گهڻي هاڪ– شاباس ٿيڻ– تحسين ٿيڻ.

– **واھ واھ پَئجي وڃڻُ:** گهڻي ساراھ– گهڻي ناموس ٿيڻ– گهڻي واکاڻ– گهڻي هاڪ. شاباس ٿيڻ. انعام ملڻ– شرط کٽڻ.

– **واھ واھ ڪَرڻُ:** آفرين چوڻ– جس چوڻ– شاباس چوڻ. خوش ٿيڻ– راضي ٿيڻ– پسند اچڻ– دل کي وڻڻ.

- **واھَ ج واھُون:** ث . پاسو– طرف– سگهُ– سير– اوٽ– بچاءُ– سام– اجهو– آسرو– آڌار– پرچهلو–آڙَ– پناھ– پنارو– حمايت– مدد– وسيلو. وجهہ– موقعو– ڏَت– سانگو– سَٿو– تَڻ– سمجهہ. وَل– وار– اوسر. اُپاءُ– رستا بچاءُ.

– **واھَ پَئَڻُ:** مددڪرڻ– وجهہ ڏيڻ– آڌار ڏيڻ– پرچهلو ٿيڻ– بچاءُ ڪرڻ– پناھ ڏيڻ– حمايت ڪرڻ– موقعو ڏيڻ– ڏت ڏيڻ– تڻ ڏيڻ–. حيلا وسيلا بند ڪرڻ– نقصان پهچائڻ– ضرر پهچائڻ– بنياد کڏي ڇڏڻ– تباھ ڪري ڇڏڻ.

– **واھَنِ ڪٽو:** رستا بند ٿيل– حيلا وسيلا بند ٿيل– نياڳو– اياڳو– بدقسمت. لاچار– محتاج– ضعيف– رولو– اوباش– ڇڙواڳ. لاوارث.

– **واھَنِ ڪٽِي:** نياڳي– چنڊي– بدبخت– اياڳڻ– نامراد– ڪم بخت. بي ثمري– بي پهچ– بي وارث.

– **واھَ وٺَڻُ:** پاسو وٺڻ– طرف وٺڻ– پرچهلو ٿيڻ– مددگار ٿيڻ– آڌار ٿيڻ– آڙ ٿيڻ.

– **واھُون ڏيَڻُ:** جهوتون ڏيڻ– هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ– جهاتيون وجهڻ. ڪوششون ڪرڻ– حيلا وسيلا جانچڻ– رٿون رٿڻ. جاچ جونچ ڪرڻ– پڇا ڳاڇا ڪرڻ. خيال ڪرڻ– ٻيرا ڏيڻ– گهمرا ڏيڻ. تجويزون ڪرڻ– ڪوششون ڪرڻ– مٿا مونا هڻڻ– پهہ پچائڻ.

– **واھُون وڃائِڻُ:** رستا بند ڪرڻ– گهٽ گهيڙ بند ڪرڻ– پنڌ پيچرا ڇڏائڻ– نقصان پهچائڻ– ضرر پهچائڻ. امداد نہ ڏيڻ– مددگار نہ ٿيڻ. نابود ڪرڻ– تباھ ڪرڻ– فنا ڪرڻ– چٽ ڪرڻ– حيلا وسيلا رد ڪرائڻ.

Gul Hayat Institute

• **واهہِ ج واهيُون (ڪ):** ث . واڻ– واڻهن واهيون(قلندر جون، سيوهڻ اسٽيشن جي پرسان ڪن خاص ڪڏڻ جو نالو).

• **واهہُ ج واهَہ:** ذ . (سن. وهہ). واهڙ– نهر– هٽراڌو ڪوٽايل شاخ (پاڻيءَ جي).

• **واهہ پَٽَڻُ:** وڏي ڪم ۾ نه اٽڪڻ– ڪنهن ڏکئي ڪم کان نه ڊڄڻ. بهادر ٿي بيهڻ– همت ڪرڻ– گيڏي نه ٿيڻ.

• **واهڙُ ج واهڙَ:** ذ . واهہ– ڪسي– ڪڙيو– شاخ– نهر. درياهہ مان نڪتل ڦاٽ ننڍو وهڪرو– ڦاٽ جو پاڻي، جو پاڻيءَ جي چاڙهہ وقت نهايت تکو هلندو آهي.

– **واهڙَ وهائڻُ:** واهڙ وهائي ڇڏڻ. (اصطلاح)غريبن جي مدد ڪرڻ– سخا ڪرڻ– ڪنگالن جي امداد ڪرڻ– وڙ ڪرڻ– ڪم کي سهڻي ۾ سهڻو ڪري ڇڏڻ.

– **واهو ج واها:** ذ . ننڍو واهہ– ڪڙيو– ڪسي– نهر– شاخ– واهڙ– ڪئنال– واٽر ڪورس– هٽراڌو– ڪوٽيل شاخ.

– **واهہ وهَڻُ:** واهہ ۾ پاڻي پرجي اچڻ– واهہ چڙهڻ. (براج کان اڳ جُون ۾ درياهہ ۾ پاڻي جو چاڙهہ ٿيڻ ۽ درياهہ ڪناري لڳ واهن ۾ پاڻيءَ جو وهڻ).

• **واهاروُ ج واهاروُ:** ذ . واهر ڪندڙ– مدد ڪندڙ– مددگار– حامي – همراهہ.

"وارئا واهارو، هاٿون سپ هيٺان ٿيا."(ماروئي– شاهہ)

• **واهِبُ:** ذ . صفت (ع . وهب= هن بخشيو)گهڻي بخشش ڏيندڙ– عطا ڪندڙ– روزي پهچائيندڙ– رزاق. مالڪ– والي – ڌڻي الله– خدا.

• **واهہ باقرو:** اسم خاص. تعلقي ميرپورماٿيلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **واهِتُ ج واهتُو(ت):** ث . سنڀال ڪندڙ– راکو– نگهبان– ڪارائو– واهي– مددڪندڙ– رکپالي ڪندڙ.

• **واهتِي ج واهتِي (ت):** ث . سنڀاليندڙ– راکو– نگهبان– ڪارائو– واهي– مددڪندڙ.

• **واهِتِي ج واهِتيُون (ڪ):** ث . بيل گاڏي وهائيندڙ– گاڏي هلائڻ وارو. گاڏير.

• **واهِپُ:** ث . (سن. وَهہ= وٺي هلڻ، سنڀالڻ). واهپو– واهپي– واهپي ڪرڻ– جاچ ڪرڻ– سنڀال ڪرڻ– نگهباني ڪرڻ واري حالت– رکپالي. نظرداري– چوڪسي– پهرو– حالت– رکپالي. نظرداري– چوڪسي– پهرو– سجاڳي– چوڪيداري. ڪاپو– رواج– استعمال – وهنوار– ڏيتي ليتي– لهہ وچڙ.

– **واهَپو:** ذ . پهريداري– سنڀال.

– **واهَپي:** ث . واهَپ.

• **واهپو:** ذ . هڪ ٻئي سان هلت چلت– هڪ ٻئي وٽ اچ وڃ جو قاعدو– راهہ رسم. ڏيتي ليتي– استعمال. ڪاپو.

• **واهرَ ج واهرُون:** ث . (سن. وَهہ= ڪوشش ڪرڻ) مدد– سهائتا– حمايت. همراهي– ڪمڪ– سموٽ. سنڀال– همراهي.

– **واهرَ ٿيڻُ:** مدد ڪرڻ– پٺ پرائڻ– همت افزائي ڪرڻ– ٻانهن ٻيلي ٿي بيهڻ– همراهي ڪرائڻ. حمايت ڪرڻ.

– **واهرَ پائي:** ث . مددگاري– آڌار– پرجهلائي– حفاظت– رکپالي. چوڪيداري– چوڪسي– نگهباني.

– **واهرَ پَلَڻُ:** چورن جو، پويان ايندڙ پاڳين کي مقابلو ڪري پوئتي موٽائڻ– واهر کي ناڪام ڪرڻ.

– **واهرَ ڪَرَڻُ:** مدد ڪرڻ– اوکي ويل مدد ڪرڻ– همراهي ڪرڻ. راهہ ڏيکارڻ– رستو سمجهائڻ– تجويز ٻڌائڻ– رٿَ ٻڌائڻ. مشڪل ڪم مان ٻئي کي پار پهچائڻ.

– **واهرَ وَسيلو:** حامي– مددگار– اَجهو– آڌار– پشت پناهہ– آسرو– سهارو. معاون– مدد ڪندڙ– ٽيڪو ڏيندڙ.

– **واهرو ج واهرو:** ذ . مددي– همراهہ– ساٿي– رڪيڪ– سرپرست هئڻ.

– **واهرُو بَنجَڻُ:** مددگار ٿيڻ– ساٿي ٿيڻ– همراهہ ٿيڻ– راکو ٿيڻ– سرپرست.

– **واهڙُ:** ذ . (سن. وهہ= وهڻ) واهڻ. ڊورو. نديءَ جي اُها شاخ جا نديءَ مان نڪري وري اچي ان ۾ شامل ٿئي.

• **واهہ گاهي:** اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **واهہ گُرو:** (سن. وهہ= وٺي هلڻ+ گرو) سکن ۾ گُروءَ کي ياد ڪرڻ جو نمونو. گُرو کي خطاب– گروءَ جو قسم.

• **واهِلُ ج واهِلَ(ث):** ذ . اک جي مٿئين پردي(ڇپر) اندران ڳوڙهو پيدا ٿيل.

• **واهَلو ج واهَلا(ث):** ذ . ٻينارو– لاڏلو– انگلي– نازپليو– سڪيلڌو.

• **واهَلو ج واهَلا:** ذ . واڍڪي اوزار جو هڪ قسم.

• **واهہ مستري:** اسم خاص. تعلقي ٺٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **واهِمَہ:** (ع. وهم ) وهم يا شڪ جي قوت– گمان– سنسو.

– **واهِمي:** صفت. وهم وارو– ڳڻتي خور. شڪ ڪندڙ.

• **واهہ نَبي بَخش:** اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **واهُندو ج واهُندا (ڪ):** ذ . سياري جي خاتمي وقت ڏکڻ وارو

Gul Hayat Institute

بعد مرد جي اَگهڙ کي پِتر وغيره سان سُڪائڻ واري حالت. ڌوئڻ واري حالت— وَٽ چيٺڻ. وَر— وڪڙ— مروڙ— مروٽ— وراڪو— آڪيڙو. پيٽ جي سور جو وٽ— آنٽي— پيچ. وزن— چِپ— تور. ڳاٽي جو وٽ، ور— رسي— يا نوڙيءَ جو وٽ— وروٽ ڪرڻ.

— **وٽ تي رَسو پَچڻ:** هڪ طرفي ڳالهه ڏيڪارڻ— ڪنهن جي مرضيءَ موجب، مرعوب ٿي پاسداري ڪرڻ.

— **وٽ تي وَڃائِي ڏيڻ:** جواب ڏيڻ . يڪدم نه ڏيڻ— ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ.

— **وٽ تي هَلَڻُ:** مرضيءَ موجب هلت هلڻ.

— **وٽ چاڙهَڻُ:** ڳاهه وقت ٻاهر ٿيل سنگ ڏاندن جي پيرن هيٺان ڏيڻ.

— **وٽ چِيلَڻُ:** پيشاب ڪرڻ کان پوءِ مرداني عضوي کي پِتر سان سڪائڻ.

— **وٽ ڏيَڻُ:** ڳالهه کي ڦيري ڦاسائڻ جي ڪرڻ— ڳالهه کي ڦيرائڻ— اصليت کي ڦيرائڻ يا لڪائي ڪوڙ ڳالهائڻ. پوڳڙي جو ڇٽن کي اُٽلائڻ پُٽلائڻ.

— **وٽ رَکَڻُ:** ڳجهه رکڻ— لڪ رکڻ— مخفي رکڻ. وير رکڻ. تيسو رکڻ— بغض رکڻ— ڪينو رکڻ— ڪُپت رکڻ.

— **وٽ سارَڻُ: وٽ ڪرڻ**— وٽ پچائڻ. مسلمانن جو پيشاب ڪرڻ کان پوءِ باقي رهيل ڦڙن کي پتر سان آلت جي منهن تان سڪائڻ.

— **وٽ ڪَرَڻُ:** پتر سان پيشاب ڪيل عضوي تان ڦڙا سڪائڻ.

— **وٽ ڪَتِيو ڪائِڻُ:** تور يا ماپ جي ٺوڳي ڪرڻ. ڪوڙا تورا رکڻ. "اَگهه ڪتيو ڪائجي، وَٽ ڪتيو نه ڪائجي."

— **وٽ نه وِجهَڻُ:** سٺو هلڻ— چڱو هلڻ— بهتر روش وٺڻ. ٻئي سان ڪپت نه ڪرڻ— بغض نه رکڻ.

— **وٽ وٽاءُ:** ذ . نفعو— فائدو.

— **وٽ وجهَڻُ:** حساب ڪرڻ— مهرباني نه ڪرڻ. رنڊڪ وجهڻ— روڪ وجهڻ— اَٽڪ وجهڻ— ڏنڊو وجهڻ.

• **وِٽارَڻُ:** مصدر. (سن. وشٽا. پرا. وٽان). ڪنهن جانور جو ڪاڌي ۾ وات وجهي ناپاڪ ڪرَڻ. ڦٽائڻ— وات وجهي خراب ڪرڻ— ڪاڌي جي شيءِ ۾ ڪنهن جانور جو منهن پوڻ— طعام جوٺو ڪرڻ— پليت، پرشٽ، ميرو ڪرڻ— اوپارڻ (وٽاريو— وٽاريندو— وٽاريل).

— **وٽار ج وٽارُون:** ث . اوبر ڪرڻ— جوٺو ڪرڻ— پليت ڪرڻ— خَراب ڪَرڻ— ميرو ڪرڻ. ڦٽائڻ.

— **وٽاريَلُ ج وٽاريَلَ:** ذ . اوپاريل— اوپارو— لٻيل— ڪائي بڇايل— هٿ وَجهَي خرابَ ڪَيل— ڦٽايل— وڇايل— اوبر ڪيل — جوٺو ڪيل.

— **وِٽاري وِجهَڻُ:** خراب ڪري وجهڻ— لٻي وجهڻ— اوبر ڪري وجهڻ— ڦٽائي وجهڻ— هٿ وجهي خراب ڪريَ ڇڏڻ— لٻڻ.

• **وِٽارَ ج وِٽارُون:** ث . جوٺ— اوبر— پليت— خراب— پرشٽ— ميرو ڪيلَ.

• **وٽاڻُ ج وٽاڻ (ڪ):** ث . جوٺ— اوبر— پليت— خراب.

• **وٽاڻُ ج وٽاڻَ (ڪ):** ث . سنباڻ— ڪٽاڻ. ٻاجيءَ جو هڪ قسم. ٻنيءَ جي ڪيڙن پچڻ لاءِ ڪاٽ جو متر ڪو— وٽَهڙُ.

• **وٽاءُ ج وٽاءُ:** ذ . (سن. وٽ= حصو وٺڻ). نفعو— فائدو— لاپ— سوباسو— پراپت— ڪٽيو— اُپت.

— **وٽاءُ ڪَرڻُ:** نفعو ڪرڻ— لاپ ڏيارڻ— سوباسو ڏيارڻ— فائدو ڏيارڻ— ڪٽيو ڏيارڻ— اُپت ڏيارڻ.

— **وٽاءُ وارو:** ذ . فائدي وارو— فائديمند— سودمند— پراپت وارو— اُپت وارو— ڪٽئي وارو— لاپ وارو— سوباسي وارو.

• **وٽائِڻُ:** مصدر. (سن. وَرتُ= وٺڻ) وٺڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ— (ڏاڳو دعا جو) پڙهائڻ— وٽ ڏيارڻ— موڙائڻ— (نوڙي پچائڻ. لنگهائڻ— گذارڻ— حاصل ڪرائڻ— بدلائڻ. ڦيرائڻ. هلائڻ— وڃڻ. وٺڻ— پرسان لنگهڻ— وڪوڙڻ— مروٽڻ. ڦري اچڻ. مٽائڻ— نم ڏيڻ وقت جيڪي ڪپڙا استري نه ٿيٺا هوندا تن کي تهه ٻڌڻ (وٽائيو— وٽائيندو— وٽائيل).

• **وِٽَپُ ج وِٽَپَ:** ذ . فائدي ۾ ڳالهاءِ— پاسخاطري— رياءُ— پاس پک پات— طرفداري— حمايت— مدد— واهر.

— **وَٽِپا ج وَٽِپا:** ذ . پاسو— طرف— پر— رياءُ— پاسخاطر. مدد— حمايت— واهر.

— **وَٽِپُ ڪَرَڻُ:** پاسو وٺڻ— طرف ڪٽڻ— طرفداري ڪرڻ— حمايت ڪرڻ— مدد ڪرڻ— واهر ڪرڻ.

— **وَٽِپِي ج وَٽِپِي:** ذ . صفت. پک پاتي— ٻه اکيو— ريائي— پاس ڪندڙ. قدري— ڪجهه قدر— ٿورو— اڻ پورو.

• **وَٽِجَڻُ:** مصدر. وَٽ —اچڻ. وڪوڙجڻ— ورائڻ— وڪوڙڻ— موڙڻ— مروٽڻ— پچڻ— وراڪو ڏيڻ— پيچ ڏيڻ— وَرُ ڏيڻ— آڪيڙو ڏيڻ— مُڙڻ. (نوڙي) پچڻ. حاصل ٿيڻ.

• **وِٽِرَڻُ:** مصدر. ڪير جو خراب ٿيڻ— ڦِٽَڻ.

— **وِٽِرِجَڻُ:** مصدر. (ڪاڌو) اوبارو ٿيڻ— آئٽو ٿيڻ— ڇُتو ٿيڻ— آٺو ٿيڻ— پليت ٿيڻ— آلودو ٿيڻ. آلو ٿيڻ— نمناڪ ٿيڻ— بدبُوءِ ڪرڻ— خراب ٿيڻ— ميلو ٿيڻ. (هندوءَ جو) ذات نيات وڃائڻ.

— **وِٽِرو ج وِٽِرا:** ذ . وٽارو— جوٺو— اوبارو (ڪ) اُهي ٿانو يا برتن جي ڪائڻ کان پوءِ بنان ڌوئڻ يا آڇلائڻ جي رکي ڇڏجن.

• **وجَبُ:** ذ . ( ع). آڱوٺي جي چوٽيءَ کان وٺي هٿ جي چيچ جي چوٽيءَ تائين پکڙيل هٿ جي ماپ– گِرانٺ– چاڙکي– ٻالو– ٻاچو– ګٽاٽ– گوکون.

• **وَجدُ ج وَجدَ:** ذ . ( ع. وجد= سرچايو). غمگين ٿيڻ. عاشق ٿيڻ– ذوق شوق واري حالت(اڪثر صوفين جي ڪلام ٻڌڻ ۾ ٿئي) حال. جذبو– حالت– بيخودي– سرمستي– جوش. ويراڳ– ترنگ– لَهر. موج. مذهبي جذبو– مذهبي جوش.

– **وَجدَ ۾ اچڻُ:** حال ۾ اچڻ– بيخودي ۾ اچڻ– مستيءَ ۾ اچڻ– جوش ۾ اچڻ– جذبي ۾ اچڻ.

• **وِجدانُ:** وَجد. ڪنهن وڃايل شيءِ جو لڀڻ– ڄاڻڻ– ڄاڻ پوڻ– دريافت ڪرڻ. اندر جو ڄاڻ– نفسياتي پرک.

• **وَجرُ ج وَجرَ(ٿ):** ذ. ناس– تماڪ– نشيدار شيءِ.

• **وجِل:** ذ . صفت. ( ع). ڊڄندڙ– ڊيڄائو– هراسيل.

• **وِجَلُ ج وِجلُون (لس):** ٿ. ونجهلَ– سِڪ– حُب– يادگيري– تات– اُڻ تُڻ– ڳِڻتي– فڪر– اُداس. تانگهه– تاڻ– تنوار.

• **وُجُوب:** واجب الوجوب– الله پاڪ. لازميت.

• **وُجودُ ج وُجودَ:** ذ . ( ع). بدن – تن– بُت– جُثو– سرير– پِڃر– جِثو– شخص– پُرش– آدمي. راڄ– جماعت. هستي– زندگي– موجودگي. زور– طاقت– سگهه– وس– دسترسي. وت– توفيق– وسعت– قوت. هستي. ظاهري جسم.

– **وُجودُ جو وَرقُ ڏُئڻُ:** پنهنجي هستيءَ جو خيال ميساري ڇڏڻ–دنيا جون خواهشون وساري ڇڏڻ– نفس ماري ڇڏڻ.

– **وُجودُ وٺڻُ:** ظاهر ٿيڻ– پڌرو ٿيڻ– نڪري نروار ٿيڻ– منظر عام تي اچڻ.

– **وُجودُ وڃائڻُ:** پنهنجي هستي وڃائڻ– نيستي ۾ اچڻ– من مارڻ– نفساني خواهشون فنا ڪرڻ.

• **وُجُوهات ج وُجُوهات:** ذ . ( ع. وَجهُ جو جمع). سبب پيدائش. اُپت– پيدا ڪرڻ– اُپائڻ– سِرجڻ– ڏيڻ– حاضر ڪرڻ پيدائش– پرايت– واصلات ڪمائي– آمد.

• **وَجهُ ج وجهَ:** ذ . ( ع). مقرر ٿيل روزي. پگهار. عيوضو– بدلو– (فلاڻي جي) نوڪريءَ(۾) پگهار– تنخواهه– مجرائي– مزوري– پورهيو– روز– پينشن– وظيفو. سبب– ڪارڻ. شڪل– مُنهن– آڪار– ڊَوَل– صورت– روپ. روش– مهاندو– چهرو– آرڪڻ– ريت– ڍار– هلت– پَر– دستور– زيب. وتيرو– طرح– پار– ڍب– طرز– پت– ڍنگ– راهه– نمونو– روش. رقم موڙي– پئسا– (جيڪي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ موڪلي سگهجن).

– **وجهُ شه يا وجهُ تشبيهي:** ٻن لفظن جي پاڻ ۾ مشابهت يا هڪجهڙائي وقت، جا معنيٰ، مشابهت جو سبب ڏيکاري، جيئن تہ ”پهلوان مان پهلواني ۽ چمڪندڙ مان چمڪاٽ“.

• **وجهو(ٿ):** رقم– روڪڙ– پئسا– ڌن– مال– ملڪيت– موڙي– سمرٿي– پدارٿ.

– **وجهو هُئڻُ(ٿ):** پنهنجي موڙي وارو هئڻ– ڌن وارو هئڻ– مال وارو هئڻ–رقم وارو– هوند وارو– سمرٿيءَ وارو– پدارٿ وارو.

• **وجِيهُ ج وجِيها:** ذ . ( ع). مرد روشناس. خوبصورت– سهڻو– حسين. صاحب جاهه– عزت وارو– مان وارو– شان وارو. دولتمند– ڌنوان– مال وارو– ملڪيت وارو– پئسن وارو. خوشنمائشي.

• **وَڄ ج وَڄ:** ذ . سوئرجا ڏند– مرونءَ جا ٻاهر نڪتل ڏند. شاديءَ ۾ ورهائڻ لاءِ سوپارين جون ٽڙون. ڏاڪ. سوپاريون ۽ ڦوٽن جي سوڪڙي. پڇٽيءَ جي تند ۽ ان جي پڪيءَ جهڙي پوئين حصي جي وڄ ۾ ٽيڪ جي لاءِ ڦاٿل چمر جو ٽڪر جو تند کي سري کان جدا ڪرڻ لاءِ ٻڌجي، جيئن تند جي آواز ۾ رنڊڪ نہ پوي.

– **وڄرُ ج وڄرَ:** ذ . وڏن ڏندن وارو(سوئر).

– **وَڄ ڪَرڻُ(ڪ):** ٻه ڪرڻ– چڙهه ڪرڻ– پيٽ پرڻ.

– **وَڄُ وڃائڻُ:** ڏند ڪرڪائڻ– ڌمڪيون ڏيڻ– حشمت ڏيکارڻ– ضابطي هيٺ آڻڻ– قبضي ۾ رکڻ. رسائڻ– نالو ڪڍائڻ– مشهوري ڪرائڻ–سوپ ڪرڻ– فتح ڪرڻ– ڪاميابي ڪرڻ.

• **وڄُ ج وڄُون:** ٿ . (اب. وڄ . سن. ودين>وديتَ. پرا. ٻجلئا) ڪنوڻ –َ تجلو– آسماني چمڪاٽ– ٻجليَ– وڄليَ– برق– بجر– دامني.

– **وڄڙي ج وڄڙيُون:** ٿ . وڄ جو اسم تصغير– ٿورڙي وڄ – ٿوري ڪنوڻ– ٿورو چمڪاٽ– ٿورو تجلو.

– **وڄ ڪُٽيِ:** ٿ . برق– بجلي. ڪهربائي.

– **وڄلي ج وڄلِيُون:** ٿ . بجلي– وڄُ– ڪِنوڻ– برق– تجلو.

– **وڄوان ج وڄوان:** ذ . برقي– بجليءَ جو.

– **وڄورو ج وڄورا(ڪ):** ذ . وڄڙي کان ٿوري وڌيڪ وڄ– ڪنوڻ– آسمان ۾ پَري کان ٿوري ٿوري وڄ جو نظر اچڻ.

• **وِجا ج وِجائُون:** ٿ . (سن. وديا= علم) وديا– علم سَمجهه– ڄاڻ – عقل– پروڙ– هوش– فهم– ذهن. هنر– ڪاريگري. دانائي– قابليت– علميت– ڄاڻپ. هنرمندي– حرفت. ( ڪ) علاج– ٻَڪي.

Gul Hayat Institute

• **وِڇو ج وِڇا:** ذ . ٽيڪ – آڌار– آڌ– آسرو– جهَل. ڪارو سڳو جو لانڍين جي وچَ ۾ ٻڌجي. (ڪ).
• **وڇُورَڻُ:** مصدر. (سن. وَچ= ڳالهائڻ). وڇور ڏيڻ– تفصيل ڏيڻ– تفصيلوار نروار ڪرڻ. (وڇوريو– وڇوريندو– وڇوريل).
• **وِڇُورُ ج وِڇُورَ:** ذ . تفصيل– پرچون– سلسليوار– سمجهاڻي. ڪن ٻه اسمن جو تفصيل.
– **وِڇُورُ وِجهَڻُ:** مصدر. ليکو ڪرڻ– حساب ڪرڻ– تفصيل وجهڻ– سلسلو ڏيڻ.
• **وڇُوڙِي ج وڇُوڙِيُون:** ث . ڪکائين گهر جي وچ ۾ جهاڻ ۽ ٽوُنرن سان ٻڌل ڏاڳو– لانڍيءَ جي وچين ڪانيءَ ۾ ٻڌل ڏاڳو– ڏاس جو ٺهيل ڏاڳو– نوڙي. وڇو.
• **وِڇولو ج وِڇولا:** ذ . وچون– درَمياني– وچٿرو. ذ . سنڌ مُلڪ جو وچون ڀاڱو.
• **وِڇَولو:** اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **وِڇُون ج وِڇانَ:** ذ. وچوارو– پورو پنو– درمياني– وچٿرو.
• **وِڇُون ڏهَرُ(ٿ):** ذ . تعلقي ڇاڇري ۾ ڏهريا پِٽَنُ جي وچواري آباد ميدان جو نالو.
• **وِڇُوٿو ج وِڇُوٿا:** ذ . وچ ۾ هلندڙ– ٻن جي وچ ۾ پوندڙ. دلال– ٽياڪر. ثالث – امين– مشير.
• **وِڇُويو ج وِڇُويا(ل):** ذ . وچ ۾ پوندڙ– ٻن رٺلن کي پرچائيندڙ.
• **وِڇِين ج وِڇِيُون:** ث . ٻن پهرن ۽ سانجهيءَ جي وچوارو وقت– ٽيپهري نماز جو وقت– سج غروب ٿيڻ کان اڳ وارو وقت. مَلهَ ۾ ٽنگن جي وچان هنيل انگڙو. ڇيچ کان ٽيون نمبر آڱرجو نالو.
– **وِڇِين هَڻَڻُ:** مُلهه ۾ ڪُپت ڪرڻ– ٺڳي وجهڻ– ڪپت ڪرڻ– فريب ڪرڻ– دغا ڪرڻ– گهِپي ڪرڻ– ڪوٽ ڪرڻ.
– **وِڇِين آڱرِ:** ث . هٿ ۾ وچواري ڊگهي آڱر. اوباش– ڪالينگهو– ٻچاپڙو– وچڪٽيو– گلاخور– ڇيٽا پور. لچو– لفنگو.
– **وِڇِين آڱر ٻڻجَڻُ:** ڪنهن وٽ مقبول ٿيڻ– معتبر ٻڻجڻ– اوباش ٿي پوڻ– منافق ٿي پوڻ. وچڪٽيو ٻڻجڻ– ڇيٽا پور ٻڻجڻ.
– **وِڇِينءَ جو وقتُ:** ٽيپهري جو وقت–نماز جو وقت.
– **وِڇِين ڪاتَ:** ٽيڙهي ڪَتَرَ– آڏي وڍ– اُريبي وڍ.
• **وَڇ ج وڇُون:** ث . مينهن جو ننڍو مادي ڦر– ننڍي مينهن – پاڏِي– ٿهاڻ.
• **وَڇارُ ج وَڇارَ:** ذ . وڇُن وارو ۽ انهن جو چاريندڙ. وَڇون ڏاريندڙ– وڇن وارو– ميهار.

"تـار ترندس، لـُڙ لنگهنديس،
ويـنديس وٽ وڇارَ ساهَڙ سائر سِير ۾."
(سهڻي شاهه).

• **وَڇاتُ ج وَڇاتَ:** ذ . (سن. ويوَسايہ= واپار) ٻهراڙيءَ جو واپار. سوداگر– واپاري– وڻجارو. ڀلاوٽو– مُنيب. ڀلن جو ٻڌو خريدار. مزمان. ٻهراڙيءَ جو رهاڪو. ڳوڻاٽو– ڇَٽُ.
• **وڇاتِپَڻُو ج وڇاتِپَڻا:** ذ . صفت. دلالي– ٻچاپڙائي.
– **وڇاتِڪو ج وڇاتِڪا:** ذ . صفت. واپارڪو– وڻجارڪو– سوداگراڻو– تجارتي– واپار بابت– واپارڪو.
– **وڇاتِي ج وڇاتِي:** ذ . سودو واپار– تجارت– وڻج– وڇاتي– سوداگري. ڌنڌو– پيشو– ڪِرتُ.
• **وِڇَتُ ج وِڇَتَ(ل– ڪ):** ذ . صفت. چار آڱر ماپ– ڇاڙڪي. ويڇائتو– ٿورو پري– پريرو.
• **وِڇاٽو ج وِڇاٽا (ڪ):** ذ . سُڌريل– زمين جو ٽُڪر. سنواريل زمين جو ٽُڪر– ڪَرِڙ نڪتل زمين جو ٽُڪر.
• **وَڇارُ ورڻُ:** تمام طاقت هئڻ. جسم تي گوشت هئڻ. ٿلهو– متارو– سگهو– طاقتور.
• **وڇاڻُ ج وڇاڻَ(ٿ):** ذ . هنڌ– بسترو– ٽپڙ– گلم– غاليچو. گيس. پٿراڻي.
• **وڇاڻو ج وڇاڻا:** ذ . بسترو– هنڌ.
• **وَڇائِتُ ج وَڇائِتَ:** ذ . دلال– واپاري– وڻجارو– سوداگر. خريداري.
• **وڇائِڻُ:** مصدر. ويڪرو ڪرڻ . پٿيرڻ– پکيڙڻ– ڦهلائڻ– وکيرڻ– کولڻ. (وڇايو– وڇائيندو– وڇايل).
– **وڇارائِڻُ:** مصدر. پٿارائڻ– کولارائڻ– ڦهلارائڻ– پکڙائڻ.
– **وَڇائي ڇڏَڻُ:** پٿارڻ– کولڻ– وکيڙڻ– ڦهلائڻ– ڏاڍو مارڻ– سيکت ڏيڻ– سزا ڏيڻ– بيهوش ڪري ڇڏڻ– ليٽائي رکڻ– وڇائي وجهڻ– حال احوال کان ڪڍي ڇڏڻ. ڪنهن ڪم جو نہ رکڻ. ضايع ڪرڻ– ناس ڪرڻ– تباهه ڪرڻ.
• **وِڇِرَڻُ(ٿ):** مصدر. ٿورو پاڻي وجهي لوڏڻ سان ٿانوَ ڌوئڻ– اگهارڻ– ڇاڇولڻ– جهنجهورڻ. (وڇريو– وڇريندو– وڇريل).
– **وِڇرَ:** ڌوئپ– وڇور.
• **وڇُرو ج وَڇُرا (ت):** ذ . وات جو ويڪرو– وات جو گندو– وات جو هلڪو– سفلو. خراب– ڪِنو– واهيات– بدفضيلتو.
• **وڇِڙَڻُ:** مصدر. (سن. وِڇيدَ> وِڇدر= جدا ڪرڻ) جدا ٿيڻ– الڳ ٿيڻ– علحدو ٿيڻ– ڌار ٿيڻ. پري ٿيڻ– هٽي وڃڻ. وڇڙي

• **وڏوڻُ:** مصدر. (سن. وڏوتنا). جوش ۾ اچڻ– غصي ۾ ٿيڻ– ڪاوڙ ۾ پرچڻ.

"خبر ٿي ڪيئن ڏٿيءَ کي وڏوٽا واهي."

"ور وڏوٽو اينهين جَن جَن پاڻ پسڻ."

– **وڏوڻ ج وڏوٽيون:** ث. ڪاوڙ– غصو– ڏمر.

– **وڏوٽو ج وڏوٽا:** ذ. ڪاوڙيل– ڏمريل– غصي. رنل– ناراض. دشمن.

• **وڏوهُ ج وڏوهَ:** ذ. نردوش– بي گناهه– معصوميت– وڏوهائي.

– **وڏوهي ج وڏوهيون:** ذ. صفت. بي گناهه– بي ڏوهه– وڏوهو– نردوش– معصوم– ابهم– اڀامڙو.

• **وڏوهجڻُ:** مصدر. ڪاوڙجڻ– غصي ٿيڻ– ڏمرجڻ– ناراض ٿيڻ– اٽڪڻ.

• **وڏهرا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **وڏهريون:** اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **وڏهلُ:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **وڏهنسُ ج وڏهنس:** راڳ جي تيهن سُرن مان هڪ سر.

• **وڏئن:** تيڪر– بي جا خوشامد– چاپلوسي.

– **وڏئن ڏيڻ:** ڪوڙي تعريف ڪرڻ– خوشامد ڪرڻ– چاپلوسي ڪرڻ– عزت ڏيڻ– آبرو ڏيڻ– مانُ ڏيڻ.

• **وڏي (ث):** اونداهو پک مهيني جو.

• **وڏيتَ ج وڏيتَ:** ذ. سبب– تفصيل– وچور– نرواري– سمجهاڻي– سمجهوتو– ٽيڪا– شرح– واد– ارٿ. ذات جي خبرچار.

• **وڏيرو ج وڏيرا:** ذ. (سن. وَرڌ). بزرگ– مسلمانن ۾ ڳوٺ جو چڱو مڙس. قوم جو وڏو. زميندار لاءِ عزت جو لفظ. پريو مڙس– مُکي– سکر ماڻهو– چوڌري– پٽيل– سردار– مهندار– پيشوا– پرڌان. (زال لاءِ) وڏيريءَ جو لقب. ڪجهه ٿورو وڏو– وڏيرڙو– البت وڏو. شاهوڪار.

– **وڏيرپَ ج وڏيرپون:** ث. پڳداري– پر مڙسائي– مُکي پڻُ– مهندار پڻ– پيشوائي.

– **وڏيري ج وڏيريون:** سائڻ. مالڪڻ– ڏڃاڻي.

• **وڊُ ج وڊَ (ڪ):** ذ. چمڙيءَ جو پٽو– وڊي.

– **وڊيُ ج وڊيون:** ث. چمڙي جي سنهي پٽي.

• **وَڍَ ج وڍون:** ث. وٽن کي وڍڻ– تارين چانگڻ.

– **وڍَنڪُ:** گهڙ پڇ– چنڊ چاڻ.

– **وَڍَ ڪٽَ:** ث. وڍڻ جي حالت– وڍ. ڪاٽ ڪوٽ. چيڙچاڙ. جراحي.

– **وَڍَ ڪرڻُ:** تاريءَ کي وڍڻ– وٽن کي وڍڻ– چانگڻ– چاڙڻ– چنڊڻ. چيرڻ.

– **وَڍَ وجهڻُ:** ڍنگر وڍڻ– تارين وڍڻ– وڻ چانگڻ.

• **وَڍُ ج وَڍَ:** ذ. چير– گهاءُ– ڦاڙ– ڦاٽ– چهڪ– جهير. زخم– ڦُنگ. پيٽُ جو لَڪُ. پيچ– وَٽ . سبق جو نشان. پڙهڻ جو هنڌ (ڪتاب ۾). ورت. پڳل. چوپائي مال (ڳئون، مينهن) کي ذات وار سڃاڻڻ لاءِ ڪن ۾ ٻُٽُ وجهڻ يا جسم جي ٻئي هنڌ تي سُڃاڻپ لاءِ وڍيل نشان ڪرڻ. ڪنهن ڪاٺيءَ کي وڍ ڏيڻ. ڪريل سنگ چونڊڻ. (اسم خاص). بلوچستان جي جهالاوان علائقي ۾ ضلعو ۽ مشهور شهر جو نالو. تر ۾ پٽن مان نڪتل گس.

– **وَڍُ چونڊَڻُ (ڪ):** ڪانن ڪپڻ ڪري ڪريل سنگن جو چونڊو ڪرڻ. ڪٽڪ يا چٽن جي ول لٽڻ کان پوءِ رهيل سنگ يا ڦوٽا گڏ ڪرڻ– ڪرُ چُونڊڻ.

– **وَڍُ ڏيڻُ:** ڪپڻ– چيرڻ– گهائڻ– تڪليف پهچائڻ– ايذائڻ– رنجائڻ. بد ڳالهائڻ– اندر ساڙڻ. طعنا تنڪا هڻڻ– ٽوڪون ڪرڻ. نشان ڪرڻ.

– **وَڍُ وجهڻُ:** چڙ ڏيارڻ– تپائڻ– پڙڪائڻ– ڪاوڙائڻ– رنجائڻ– ڪلپائڻ– چيڙائڻ– چيڙڻ– چيرڻ– ڦاڙڻ– گهائڻ– زخمڻ– طعنہ تنڪا ڏيڻ– دل چيريندڙ اوپالا ڏيڻ. ٽڪڻ– ڪترڻ– گهٽ وڌ ڪرڻ– خراب ڪرڻ. (پيٽ ۾) پيچ پوڻ– وٽ پوڻ– وڪڙ پوڻ. مال کي ٻُٽ وجهڻ.

– **وَڍُ وڍڻُ:** خراب ڳالهائڻ– بدشد ڳالهائڻ– گندو ڳالهائڻ. حق پريو چوڻ– صاف چوڻ– ظاهر چوڻ.

• **وَڍائو ج وَڍائا (ڪ):** ذ. سُنت– طُهر– ختنو.

• **وَڍائڻُ:** مصدر. (سن. وَرڌ) وڍڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ. ڪپائڻ– چيرڻ– ڦاڙڻ– ڪترڻ– گهائڻ . چانگڻ– چنڊڻ. (وڍائيو– وڍائيندو– وڍايل).

• **وَڍائي ج وَڍائيون:** ث. ڪاٺ وغيره وڍڻ جي مزوري يا خرچ.

• **وَڍجڻُ:** ڪپجڻ– چيرجڻ– ڦاڙجڻ– ڦاٽجڻ– ڪترجڻ.

• **وڍرَ:** اسم خاص. تعلقي گهوٽڪي ۾ ديهه جو نالو.

• **وَڍرَ :** ث . پاٽيءَ جي چَرَ جو ڍورو (ميرپور ماٿيلي کان هيٺ تعلقي بني عاقل ۾ وچي ناري ۾ پوي، ۱۹۵۵ع تائين دريا مان وهندي هئي، فيڊر واهه نڪتو ته بند ٿي).

• **وڍري:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **وَڍَڻُ:** مصدر. (سن. ورڌ) ڪپڻ– ڪرڻ– ڪترڻ. (ٽنهن) لاهڻ– ڪپڙا (وينڻ). گهائڻ– چيرڻ– ڦاڙڻ– ودي رکڻ– چهڪ ڏيڻ–

Gul Hayat Institute

هاري جوڙو وراڻيندو آهي. (ل). ڪتاڻ— ڪتائي— ترشي— تلخائي. ويجهه— آسودگي— خوشحالي.

— وَراٽو ج وَراٽا: ذ . ڪنهن ڳالهه ڪي دوباره ڪرڻ— ٻيو ڦيرو ڪرڻ— ڀيرو ڪرڻ—اُها جاءِ جتان هَرِ ۾ ٻڌل ڏاندن ڪي ورائجي يا موٽائجي.

— وَراٽو ڪَرڻُ: جهجهائيءَ ۾ اچڻ— مَٺو ۾ اچڻ— گهٽائيءَ يا واڌ ۾ اچڻ . برڪت پوڻ.

— وَراٽِي ج وَراٽِيُون: ث . (سن. وَرت= ڦرڻ) جواب— ورندي. اُتر.(مهيني جي) ٻارهين (تِٿ). جنهن تي ٻاگيا نڪي ڪير ولوڙين ۽ نڪي وڪڻن. ٻارهين جي ڏينهن جهُڳ نہ جهُڳڻ— ڏُڌ نہ ولوڙڻ. مانيءَ اُٿلائڻ جو اوزار— ڏِڦٽي— ٽِنٽي.

— وراٽِي وَرائڻُ: ورندي ڏيڻ— جواب ڏيڻ —اُتر ڏيڻ.

— وَراٽِيُون ڏِيَڻُ: جواب ڏيڻ— ورندي ڏيڻ.

— وَراڙِ(ت): موٽ — واپسي. فائدو.بيماريءَ جو آهستي آهستي ڇڏڻ— بيماريءَ جو ڍرو ٿيڻ . شروعات.

• وراهِڻُ: مصدر. وڪرائڻ— وانڊڻ— ونڊڻ— ورڇڻ— تقسيم ڪرڻ— ڦاندڻ— پتي ڪرڻ— حصو ڪرڻ— ڀاڱا ڪرڻ— ورهاست ڪرڻ. (ورهايو— وراهيندو— وراهيل).

• وَرائِتو ج وَرائِتا: ذ . صفت. ورارو— وراڙو— انگڙ ونگڙ— ورن وارو— وٽائتو— پيچ وارو— وٽ وارو —ڏِنگ وارو— ڦير وارو. نانگ ور- ڪاڪُل. واري ۾ يا ساهيءَ ۾ ڇڏيل(زمين). گاڏڙ ساڏڙ— متفرقو —چونڪو— واريءَ تي— ڦيري تي—چڪر تي— گردش ۾.

— وَرائِتِي ج وَرائِتِيُون: ث . ور واري— ڪانڌ واري— ڀتار واري — مڙس واري— پتيءَ واري— پرڻيل عورت— اُها زال، جنهن جو مڙس جيئرو هجي— سهاڳڻ.

• وَرائِڻُ: مصدر. پوئتي موٽائڻ— واپس ڪرڻ— مال چارڻ ۽ ڦيرائڻ (دروازو) اٿلائڻ— پٽلائڻ— بند ڪرڻ. چڪتو ڪرڻ— حساب ڪتاب لاهڻ— صحيح ڪرڻ— برابر ڪرڻ— نہ قبولڻ— ڏيلڻ . نظرانداز ڪرڻ— نامنظور ڪرڻ— رد ڪرڻ. لپيٽڻ— ويڙهڻ. ڍڪڻ— هيٺو ڪرڻ (ڪپڙو وغيره). وڪوڙڻ— گهيرڻ— گهيري ۾ آڻڻ— جهلجڻ— موٽائڻ. (ورايو— ورائيندو— ورائيل).

— ورائِتو: ڦيرو— گهمرو— گول ڦيرو.

— وَرائُو ڪُتو(ت): چالاڪ— هوشيار— سياڻو— ڏاهو.

— وَراوا ڪُتا: تِکا ڀڄندڙ شڪاري ڪتا، جي سُوئر ڪي ورائين.

— وَرائي: ظرف. واپس— موٽائي— موٽي— وري. (حرف جر) سواءِ.

— ورائي ونڻُ: واپس ونڻ— موٽائي ونڻ— اُٿلائي ونڻ. وري ونڻ.

— وَرائي وارُ وجهَڻُ: دوباره ڪوشش ڪرڻ— ٻيهر سعيو ڪرڻ— وري انهيءَ ڪم ڪي ڪرڻ جو سعيو ڪرڻ يا موٽي اُنهي ڪم تي اچڻ.

• وَرائي: سواءِ — بنا.

• وَرتُ ج وَرتَ: ذ . (سن. وَرَ ترا) نوڙي— رسي— واڌُ— واجهُ— رسو— نوڙ. چم مان وٽيل رسي جنهن سان کوهہ مان پاڻي ڇڪي ڪڍجي— چم جو ڏگهو رسو— نيٽو— سيٽ.

— وَر تَڙو ج وَر تَڙا: ذ . ٿلهو رسو— نوڙ— واجهہ— واڌ. (ث . وَرتَڙِي ج وَرُتَڙِيُون). سنهي رسي.

• وِرِتُ ج وِرِتَ: ذ . (سن. ورت) . هندو ڌرم ۾ چڱي ڪم لاءِ (ارادو). سنڪلپ ڪرڻ— لَنگهڻ— اُپواس.

• ورتِ رکڻُ: اُپواس رکڻ— لنگهڻُ ڪڍڻ— ٻزهالي رکڻ.

• وَرتائِڻُ: مصدر. (سن. وَرِرت = هلڻ) ڪم آڻڻ. ورهائڻ— ورڇڻ— تقسيم ڪرڻ— بانٽڻ— بکرو ڪرڻ— حصو ڪرڻ— پتي ڪرڻ— ڀاڱو ڪرڻ— ونڊ ڏيڻ. جيئارڻ— جيئرو رهڻ. ڪم آڻڻ— ڪتب اچڻ— ڪم اچڻ— استعمال ڪرڻ— واپرائڻ— پيئڻ (ورتايو— ورتائيندو— ورتايل).

• وَرتا: ڪم— مشغولي.

• ورتائِڻُ: مصدر. ڪاوڙائڻ— رنجائڻ— غصو ڏيارڻ— ورچائڻ.

• وَرتَل(ڪ): ڪِڪ ٿيل— بيزار ٿيل.

• وَرتَڻُ: مصدر. (سن. ورت= هلڻ). ورڻ— ملڻ. استعمال ۾ اچڻ. موٽي اچڻ— گذرڻ— لذت اچڻ. گذر ڪرڻ— گذارو ڪرڻ— وقت پاس ڪرڻ. جيئڻ. گهارڻ— ڪاٽڻ— جيئرو رهڻ.(ورتو— ورتندو— ورتل).

• وَرتَڻِ: ث . ڪم. وِندر. گذارو.

— وَرتَڻِي: ث . ڪم— استعمال.

• ورتو ج ورتا: ذ . بيزار— ڪِڪ. ڪاوڙ— رنج— غصو. واپس اَيَندڙ— موٽي ايندڙ. نجومي— پوٽيدار.

• ورتَڻُون ويَلُ: بدافعال— گدلو— غليظ— ميرو— خراب لڇڻ وارو.

• وَرتو ج وَرتا: ذ . لاتِ. وياج جو قسم (سون چاندي وغيره تي). هر هڪ واپاري جو ڏار حساب آهي جو خريدار ڪي ڪن شين تي پئسو رپيو ڪٽ مُجرا ڏيئي ٿو، اُن جي لاٽ بہ چون، هر ڪنهن ملڪ ۾ ورتي جا اگهہ جنس جنس لاءِ جدا جدا آهن.

• وَرتيو ج وَرتِيا: ذ . عالم — سياڻو— داناءُ— عقلمند. فال وجهندڙ. نجومي— جوتشي. ودوان.

• وَرتَ ج وَرتُون: ث . ڇاڙي— ڇاڙڪي— اجايو— بي سود.

Gul Hayat Institute

ڊريس. سرڪاري ڪپڙا(ملازم جا) – سرڪاري پوشاڪ– سرڪاري ڪپڙن جو نمونو– ملازمن جي ڍڪڻ لاءِ ڏنل ڪپڙا.

• **وِرڏَ:** ث. ناسور– زخم ڦٽ.

• **وِرُڌ:** صفت. (سن. وِرُددَ= مخالف). وروڌ ڪندڙ– وير رکندڙ– مخالف. برخلاف.

• **وِرڏِ ج وِرڏ:** ذ . صفت. جهونو– جهور– پوڙهو– ٻڍو– وڏيءَ عمر وارو.

• **وَرَڙُ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **وَرِڙاتَ:** ڪوشش– جدوجهد– سعيو– دانهون– منٿون– ايلاز.

– **وَرِڙاتَ ڪَرڻُ:** دانهون ڪرڻ– ٻرڙاٽ ڪرڻ– ايلاز ڪرڻ– عَرض ڪرڻ– منٿون ڪرڻ– عاجزيون ڪرڻ.

• **وِرڙائڻُ:** مصدر. ڪوٽ ڪرڻ– دغا ڪرڻ– ٺڳڻ– ويساهڻ– ڦسلائڻ– ڀبلائڻ– ڀنيلائڻ– ڀُلائڻ– ڀوهڻ– فريبڻ– دوکو ڏيڻ– گمراهه ڪرڻ.(ورڙايو– ورڙائيندو– ورڙايل).

• **وَرڙو ج وَرڙا(ڪ):** ذ . صفت. وڏڙو– جهُور– جهونو– بزرگ. وجهه– موقعو. قبضو– قابو. هٿ. ضابطو. ٻار جي پير جي ڪڙي يا ٻانهن جو ڪنگڻ.

• **وَرڙا وجهڻُ:** ڦيريون پائڻ– گهمرا پائڻ– ڦيرا پائڻ – آڪڙ جي هلڻ. نَاز نخري سان گهمڻ.

• **وَرڙڪِي:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **وَرِڙِي ج وَرڙِيُون:** ث. لوڙين ڪي ٻڌڻ جي نوڙي– رسي– ڳاري.

• **وَرڙيو لاهڻُ(ڪ):** ڪوهيءَ جي پڪن ڪي ڪِرڻ کان بچائڻ لاءِ لَيَن جي تارين جو ڪارو لاهڻ. ورو لاهڻ. ٻار جي پير جي ڪڙي يا ٻانهن جو ڪنگڻ لاهڻ.

• **ورزشِ ج وَرزشُون:** ث . (ف) استعمال– مشق. ڪسرت– (بدن جي) چور ڦور. ڏنڊ پڙڻ– مگدر هلائڻ. جسماني اُٿل پٿل.

– **وَرزَشَ ڪَرڻُ:** ڪسرت ڪرڻ– ڏنڊ پڙڻ– مُگدر ڦيرڻ– جسماني چور ڦور ڪرڻ. بازوليون پائڻ.

• **ورس ج ورس:** ذ . (سن. وَرس). ورهيه– سال– ٻارنهن مهينا.

• **وِرس ج وِرسُون:** ث . ڀُل – چُڪ– غلطي– سهو. مُنجهه– ويسر– گمراهي. ايمان– يقين– اعتقاد.

• **وَر ساجُ ج وَرِ ساجَ:** ذ . ويرَ– سورهيه – پهلوان– بهادر– سورمو– بانڪو– ڪوڀو– جُنگ– جوڌو.

– **وَر سارو ج وَرساري:** ذ . مينهوڳي واري موسم– وسڪارو– برَساتي موسمَ. سال به سال. سالها.

– **وَرساڙو ج وَرساڙا:** ذ . وسڪارو– مينهوڳي.

– **وِرسائِڻُ:** مَصدر. ڀُلائڻ. گمراهه ڪرڻ.

– **ورسڻ:** (وسرڻُ جي تقليب). ڀلجڻ– گمراهه ٿيڻ– ڀرمجڻ– ڀٽڪڻ.

"ڪوهه ڪجاڙو جن جو واٽان سي ورسئا"(گرهوڙي).

– **وَرسِئَلُ ج وَرسِئَلَ:** ذ . گمراهه ٿيل– رستي کان منجهيل– ڀليل– ڀرميل– ڀٽڪيل.

– **وَرساياسُ:** ڀلايس– گمراهه ڪيس– ڀرمايس– ڀٽڪايس.

"وهم ورساياس نہ تہ ذات پنهون آءُ پاڻ هُئي"(آبري– شاهه).

• **وَرسِي:** ث . (سن. وَرش= ورهيہ). ڪنهن جي موت جو ساليانہ ڏينهن. لاڳ.

• **وَرشُ ج وَرَشَ:** ذ. (سن). ورهيہ– سال– ٻارهن مهينا. ورش ڦَلُ.

• **وَرشَ ڦَلُ:** ذ . ڪنهن خاص ورهيہ لاءِ جوتش موجب ٿيندڙ ڳالهين ۽ ڪمن جي اڳڪٿي.

• **وِرشُ ج وِرشَ:** ذ. ورڪُ. هڪ وڻ. ٿوهر.

• **وَرشا:** (سن. ورشا). گهور– قربان– صدقو– گهول گهولڻ.

• **وَرغلائِڻَ :** مصدر. برغلائڻ– ڏتارڻ– ٺڳڻ– بتال ڪرڻ– ڦسلائڻ– ڀنيلائڻ– ڀبلائڻ. (ورغلايو– ورغلائيندو– ورغلايل).

• **وَرقُ ج وَرقَ:** ذ. ( ع). ڪتاب جو ورق يا صفحو– پنو– پني. وڻ جو پن. ڪاغذ جو ٽڪر– ڪٽيل ڪاغذ. چانديءَ جو سِڪو روپيو وغيره. سون ۽ چانديءَ جا ٺاهيل ورق.

• **وَرقُ ڌوئڻُ:** ميٽي صاف ڪرڻ– فرق مٽائڻ– امتياز ڪڍي ڇڏڻ– دين ۽ ڪفر جو ورق ڌوئڻ– دوئيءَ وارو ورق ڌوئڻ– ٻيائي مٽائي ڇڏڻ. فرق نابود ڪري ڇڏڻ.

• **وَرقُ وَرڻُ:** وارو ورڻ– ڀاڳ لڳڻ– نصيب جاڳڻ– بخت کلي پوڻ– اوج ۽ اقبال ڪي رسڻ– ستارو چمڪڻ– بخت بالا ٿيڻ– وڏي درجي ڪي پهچڻ– عزت برقرار ٿيڻ– وصال جي حالت اچڻ.

• **وَرڪَليبو(ث):** ڪنواريتن طرفان ڄاڃين ڪي ڪارايل ڀهريون ويلو.

• **وَرڪَڻُ:** مصدر. هوا سان اُڏامڻ.

• **وَرِڪ :** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **وِرڪُ ج وِرڪَ:** ذ . (سن. ور(ي) ڪشَ= وڻ) وڻ . آسماني بُرج جو نالو– سياره جو نالو. ننڍو وڻ.

• **وَرڪا ج وَرڪائُون:** ث . (سن. ورشا> ور(ي)ش= وسڻ). برڪا– وسڪارو– مينهُن– برسات– بوندابوند– ڇڇڪو– اوهيڙو. گهَور– قربان– صدقي– نثار ٿيڻ ، پالوٽ.

Gul Hayat Institute

– **وَرَڻُ واري ڪَرڻُ:** واپس موٽڻ جي ڳڻتي ڪرڻ– موٽڻ واري ڪرڻ.

• **وَرڻ:** (سن. وَرڻ= ذات) ذات. رنگ– ورنُ.

• **وَرَڻُ ج وَرَڻَ:** ذ. گهٽن ورن وڪڙن واري ڇلُيءَ جو هڪ قسم.

• **وَراٿو ج وَراٿا:** ذ. (سن. ورت= حاصل ڪرڻ). فائدي ۾ آيل شيءِ– حاصلات– فائدو. پيرن يا هٿن جي آڱرين ۾ پائڻ جي ڳهه جو هڪ قسم– والو– اُهو ڇلو جو شاديءَ ۾ ڪنوار گهوٽ کي ڏجي.

– **وَرِٽي وارا ڳنڍا:** ٻار جي چوٽيءَ تائين پهچڻ لاءِ ڳنڍن مان ٺاهيل ڦيري دار ڏاڪڻ.

• **وَرو ج وَرا:** ذ. (سن. وَرت= ڦرڻ). ڦيرو. پَٽِي (کاٽ جي). پَجرُ. کاٽ جو ڊگهو لڪڙو– ڪڇي ۽ ڪڪائين جهوپڙيءَ جي اڏارت ۾ کاٽ جي ڊگهي ڪاٺي. ٿلهي ڪاٺي جا شهتير جي بدران جاءِ ۾ رکجي، جنهن جي مٿان پَجرُ رکيا آهن. کاٽ جو لڪڙو جيڪو پَکي جي پوري وچ تي بيهي.(هڪ ڇيڙو هڪ جنڊي تي ۽ ٻيو ڇيڙو ٻئي جنڊي تي) ٻڌل هوندو آهي.

– **وَرو ڏِيَڻُ(ڪ):** ٻيڙيءَ جو پاسن تي اُٿل ڪرڻ(اڪثر تڏهن جڏهن واءُ پويان هجيس). عيوضِي.

• **وِرو:** ذ. حصو– پتي– ڀاڱو– ونڊ– وريچ– واٽو– بانٽو– بکرو– مهيني جي ڪاٺڻ لاءِ مقرر اَن(جيڪو ٻئي کان ڪاٺڻ لاءِ ملي). ڳائي ۽ ماهي مال کي ٿيندڙ تپ– جانورن جي بيماريءَ جو هڪ قسم. ٻئي جو– پرايو– ڌاريو– غير– پرڏيهي– وديشي– پرديسي.

– **وروئِجِي پَوڻُ:** ڳئن يا مينهن کي تپ اچڻ.

– **ورويو:** مال جي بيماريءَ جو هڪ قسم(جنهن ۾ جانور جو ٻت سَڪي پوي).

• **وَرَوارو:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ ديهه جو نالو.

• **وَروالو:** اسم خاص. تعلقي اُٻاوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **وَرولِي (ٿ):** اُها ماني جا ڄڃ وڃڻ کانپوءِ ڪنواريتا نيات وارن کي کارائين.

• **وَروٽَڻُ(ڪ):** مصدر. وڪوڙڻ– ويڙهڻ– پڪڙڻ– جهلڻ. گهيرڻ. (وروٽيو– وروٽيندو– وروٽيل).

– **وَروٽ ج وَروٽُون(ڪ):** ٿ. ويڙهڻ جي حالت– ويڙه– لپيٽ. جهل– پڪڙ.

– **وَروٽِجَڻُ(ل):** مصدر. مروٽجڻ– وڪوڙجڻ– ولارجڻ. قابو ٿيڻ. ڪروندڙو ٿيڻ.

• **وَرُٽَڻُ(ڪ):** مصدر. مروٽڻ– موڙڻ– وٽڻ. (وَرُوٽيو– وروٽيندو– وِرُوٽيل).

– **وَرُوٽ ج وَرُوٽُون(ڪ):** ٿ. وَرُ– وٽُ– پيچ– وڪڙُ.

– **وَرُوٽِجَڻُ:** جانورن جي بيماريءَ جو هڪ قسم، جنهن ۾ ٻت سَڪي پوي.

• **وُرودُ ج وُرودَ:** ٿ. (ع. ورد). ڪنهن جڳهه ۾ اندر اچڻ– داخل ٿيڻ– نازل ٿيڻ. اچي پهچڻ– وارد ٿيڻ. آمد– پهچ– تشريف آوري– اچي لهڻ– اُترڻ.

– **وُرودُ ڪَرڻُ:** وارد ٿيڻ– پهچڻ– داخل ٿيڻ– داخل ڪرڻ.

• **وِروڌ ُ ج وِروڌَ:** ذ. (سن. ڪلفت– وير– عداوت– دشمني خصومت. خلل– ڪروڌ– ڪُرڪو– گهپي– ڪِل ڪِل– اٽبٽت– بکيڙو– بگاڙو– ڦيناڙو.

• **وروڌِجَڻُ:** مصدر. (سن. ورود= دشمني). جهڳڙي لاءِ آماده ٿيڻ– دشمني ڪرڻ– وير رکڻ.(وروڌيو – وروڌيندو– وروڌيل).

– **وِرُوڌي ج وِرُوڌي:** ذ. صفت. وروڌ يا دشمنيَ رکندڙ– برخلاف– ويرياٽو– دشمناٽو– مخالف.

• **وَروَر:** هرهر– وري وري.

• **وَروڙَڻُ:** مصدر. وارڻ– آڏو اچڻ– موٽائڻ– ڀنتي ڪرڻ– ڳولڻ– ووڙڻ (وروڙيو– وروڙيندو– وَروڙيل).

• **وَروڙَ ج وَروڙُون (ڪ):** ٿ. ڳولا– ڍونڍ– ڦولها. لپيٽ– وروٽ.

• **وَرُوڙڻُ(ڪ):** مصدر. (پيٽ ۾) وڪڙ پوڻ– وٽ پوڻ. آنٽي پوڻ– مَروڙ پوڻ(وروڙيو– وروڙيندو– وروڙيل).

– **وِروڙ ج وِروڙون (ڪ):** ٿ. وٽ– لَيچ– وڪڙ– مروڙ. وَرُ– پيچ– ونگ– ڏن.

– **وروڙائِي:** ٿ. وروڙ– وروڙپ.

– **وَروڙپ:** ٿ. ور– وڪڙ– وٽ– مروڙ– آنٽي.

• **وُروڙجَڻُ:** مصدر. ٽوپيل کن يا نڪ جو سوراخ بند ٿي وڃڻ. وَرجڻ. آنڊي ۾ پيچ پوڻ– آنٽي پوڻ.

• **وِرونجَڻُ:** مصدر. ورونهجڻ– ڦٽ ٿيڻ.

• **وروُن:** ڦٽ– زخم– گهاءُ– چير– چهڪ.

– **وروُن ڪَرڻُ:** ڦَٽ جو گهاءُ ڪرڻ– هيٺ وجهڻ– چير ڏيڻ– ايذاءُ ڏيڻ– ڏکوئڻ.

• **ورونهَڻُ:** مصدر. (سن. وهرت). وندرڻ. فڪر ۽ ڳڻتيءَ ۾ گذارڻ. پنهنجي مُنهن ڪنهن کي ياد ڪرڻ. اورڻ– ياد ڪرڻ– وندر ڪرڻ– حال ونڊڻ– ڏک ونڊڻ– درد ٻڌائڻ.

– **وِرُونهَ ج وِرُونهُون:** ٿ. صحبت– رهاڻ. حال اورڻ. وندر. خوشي. اُنس. وائي– پچار– دل خوش– محبت سڪ– چڪ–

Gul Hayat Institute

نوڙ ٺاهين، جنهن کي ويڙهي کوهه جي تر کان رکن. گهوڙي جي سنجهه جو هڪ حصو يا ساز.(سن. ورت= ڦرڻ) . موٽي— وري.

• **وَرِيُون ڪَرَڻُ:** وانگار وهڻ— ميل ملڪ ۾ ڳاهه کي هڪ ٻئي کي همراهي ڏيڻ يا لاباري ۾ واري وٽيءَ تي مدد ڪرڻ.

• **وَريٺَڙو ج وَريٺَڙا:** ذ . ڪن ٻارن کي مٽي جي وارن ۾ ڳهنج، جَنهن لاءِ زالنَ ۾ سنسو هوندو آهي تہ اُها ياڳ جي نشاني آهي.

— **وَريٺا:** ذ . ڪنهن ڏاڳي ۾ مٽڪا ۽ ڪوڏيون ٻڌي ڏِڳي وغيره جَي ڳچيءَ ۾ ٻڌجن.

• **وَڙُ ج وَڙَ:** ذ . (سن. وَرَ= مهرباني) لڇڻ— افعال— عادت. لَلُ— ڪرِ. شائستگي— مرحاتا— ٺورو— لائق— احسان— مهرباني— عنايت— نوازش— ڀلائي— ايڇپو— سلوڪ— هلت. رستو. درست— صحيح. مهرباني— چڱا— احسان— قرب. ٺورو. ننگ— عزت— آبرو— لياقت. اصِيلي— شرافت. نمونو— ورن— قسم— جنس. نشان— پارُ— پتو.(صفت). لائق— جوڳ— ٺهندڙ. جانور جي لڳ تي مرضي—جانور جو لڳڻ. گهوڙيءَ جي ميڙڻ جي خواهش—چاٺو.

— **وَڙائِتو ج وَڙائِتا:** ذ . صفت. وڙ وارو— ننگ ڪندڙ— احسان ڪندڙ— قرب ڪندڙ— مرحاتا ڪندڙ— مهربانيءَ وارو— ننگي— احساني— قربدار— ٺورائتو— شرافت پريو.

— **وَڙُ ڪَرَڻُ:** مهرباني ڪرڻ— احسان ڪرڻ— ٺورو ڪرڻ— لائق ڪرڻ— لطف ڪرڻ— ڀلائي ڪرڻ جو مٿيون اعليٰ درجو. ڪنهن کي بنا اجوري سنگ ڏيڻ. بنا لالچ جي نياڻيءَ جي مائٽي ڪرڻ.

— **وَڙُ وَجَهہ :** ريت— نمونو— ڍنگ— طرح — طرز. خيال— پاريتو— نشان پاسو.

— **وَڙون ڪونَڻُ:** سڪ مان سڏ ڪرڻ— پيار مان پڪارڻ— مهر ۽ محبت منجهان گهرائڻ— دل گهري کي دعوت ڏيڻ.

— **وَڙون يا هَڙون:** پنهنجي ڳنڍ يا پنهنجي اثر وسيلي. پنهنجي پاران يا ڪيسي مان ڏيڻ.

• **وِڙُ ج وِڙَ:** ذ . صفت. (سن. وٽَ. سن. آوَ= خراب+واٽ= رستو) بي حيا— بي شرم— ڪمينَو— بدبخت. بدخواهہ.

• **وَڙا:** وڙيون— چٽن جو اٽو ڳوهي، مصالح وجهي، اُن جي پاجي ٺاهڻ.

• **وڙاڪو:** وٽ پوڻ— پيٽ ۾ گهمرا پوڻ.

• **وَڙالُ ج وَڙالُون:** ذ . (سن. ولودن) ڳولا— ڦولا— ڏس پتو— جتن— وڙول. سمجهہ— فهم— ٻُڌ— ذهن— چترائي— سٺو پرائِي— وڙول.

• **وِڙانگَ ج وِڙانگُون:** ث . وڙواند— بي شرم— بي حيا— ڪميني— لُچِي. ننگ ناموس کان ويل— افعال بڇڙي— عادت خراب— گندي — ڪِني.

• **وِڙاهُ ج وِڙاهَ:** ذ . (سن. وِناش) نقصان— ڇيهو— جوکو— خطرو— ڊپ. وٺاهہ.

• **وَڙاءَ:** ذ . (سن. وَرڻ) ورڻ يا وَراءَ — رنگ وارو— نموني وارو— ڍنگ وارو. جهڙو. وراءُ

• **وَڙِتِي ج وَڙِتِيُون (ٿ):** ث . جواب— ورندي.

• **وَڙجَڻُ:** مصدر. گرم ٿيڻ— تپڻ. چاٺو ٿيڻ(گهوڙيءَ، ڳانءِ) وَهُرڻ— چاٺو ڪرڻ— وَهر ٿيڻ.(وڙجيو— وڙجيندو— وڙجيل) وهر.

• **وَڙِڪَڻُ:** مصدر. هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ— ٽُلڪڻ— گهمڻ— هلڻ— چلڻ— ٽهلڻ. سير ڪرڻ— اجايو رُلڻ— جبل جو نالو.(وڙڪيو— وڙڪندو— وڙڪيل).

• **وَڙِڪَ ج وَڙِڪُون:** ث . چارو. گهوم— ٽهلو— سير.

— **وَڙَ ڪائِڻُ:** مال کي جهنگ مان ڦيرو ڏياري اچڻ— مال کي جهنگ مان گهوم ڏيارڻ— نظر رکڻ.

— **وَڙڪا:** ذ. ڳاهہ ۾ ڍور کي ٿورو وقت چرڻ لاءِ ڇڏڻ.

— **وَڙڪائِي اچڻ:** مال کي جهنگ مان چاري اچڻ.

— **وَڙڪِي اَچَڻُ:** گهمتاري ڪيي اچڻ— ٿورو ٽهلي اچڻ.

• **وَڙگَڻُ:** گهمڻ— ٽنگون سهائڻ— اُڄ لاهڻ.

• **وِڙِنڊُ ج وِڙِنڊَ(ل):** ذ . ٽنگ— سوراخ.

• **وَڙَڻُ:** مصدر. گهڙڻ— اندر وڃڻ— پيهڻ— پير وجهڻ— لِڪڻ. (وڙيو— وڙيندو— وڙيل).

• **وَڙو ج وَڙا:** ذ . مٺائيءَ جو هڪ قسم(جا مصريءَ جي چاش ٺاهي ان ۾ ڏاڻن جو مغذ. خس خس ۽ سڪو ميوو وجهي ٺاهيندا آهن. کائڻ ۾ لذيذ ۽ دماغ کي طاقت ڏيندڙ) دال جو ٺاهيل طعام. ٻجن وغيره جي مٺائي.

• **وِڙواندُ ج وِڙ واندَ:** ذ . واهيات لفظ ڳالهائيندڙ— گاريون ڏيندڙ— وات جو گَندو— اجائي بڪ بڪ ڪندڙ— بي فائدي بڪ ڪندڙ. جهڳڙالو— جهيڙاڪار— بدڪار. ڪمينو. ويڙهاڪو زال— اُٻِٽ ڪندڙ زال. اويڙي زال. ڪمينو— بي شرم — بي حيا— لُچو.

• **وَڙولَڻُ:** مصدر. پڇا ڪرڻ— ڍونڍڻ— تلاش ڪرڻ— جاچ ڪرڻ— نهارڻ. (وڙوليو— وڙوليندو— وڙوليل).

• **وَڙولَ ج وَڙولُون:** ث . پڇا ڳاڇا— ڳولا ڦولا— جاچ— پڙتال. (ڪ). منادي — ڍنڍورو— پڙهو.

— **وَڙولِپائِي ج وَڙولِپائِيُون:** ث . وڙول، وجهڻ جو ڪم— ڳولا— ڦولا— جاچ جونچ— ڍونڊ— تلاش.

Gul Hayat Institute

• **وَسُن ءُ:** آبادي— وسندي. باھ.

— **وَسنئِن ڏيڻ:** سارين جي بيجي جي زمين تيار ڪري مٿان پاڻي ڏيئي پوءِ ان کي تيلي ڏيڻ. ڪنپارجو مٽي کي تيلي ڏيڻ.(ن— ب).

• **وَسِنهَر:** وسي— آبادي.

• **وَسڻُ:** مصدر. (سن. وَرشا= مينهن). مينهن پوڻ— برسات پوڻ— پاڻي پوڻ— وسڻ— ورسڻ. آباد ٿيڻ— سائو ٿيڻ— وڌڻ ويجهڻ— سرسبز ٿيڻ— ڦَرڻ ڦَلڻ— سَرسَبز ٿيڻ.(جهنڊي) ڦرڪڻ— لهرائجڻ .(سن. وس). بڻائي لاءِ ان هڪ جاءِ گڏ ڪرڻ.(اسم خاص). تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.(وسيو— وسندو— وسيل).

— **وَسِي وساٽِيُون:** روئي روئي ساٽيون ٽي پيون.

• **وسو:** تَڪليف— ڏکيائي— اهنج— اوَلائي.

— **وَسو وارُ نہ هئڻُ:** وار بہ ونگو نہ ٿيڻ— ڪو بہ اهنج ايذاءُ نہ رسڻ— ڏُکن ڏاکڙن کان محفوظ رهڻ.

• **وَسو ج وَسو:** هاٿي.

• **وِسو ج وِسا:** ذ . صفت. (سن. وسمِيہَ) حيران— موڳو— بي هوش— خطا — مورڇا—(ڊپ وغيره ۾) حيرت زدو. وائڙو— پنيو. بي خبر— بي خيال— حيران— پريشان . خوف— هڪو ٻڪو. وسواس وارو— منجهيل.

— **وِسو ٿِي وَڃڻُ:** حيران ٿي وڃڻ— عجب ۾ پئجي وڃڻ— عبرت ۾ پوڻ— وائڙو ٿيڻ— پريشان ٿيڻ.

• **وِسواسُ:** ذ . وَهم. شڪ. شبهو.

— **وِسواسُ ڪرڻ:** باز وغيره شڪاري پکي جو کاڌي جي هاضمي بعد وات مان غير ضروري مادو ڳوڙهي جي صورت ۾ وات مان ڪڍڻ.

• **وِسواسُ ج وِسواسَ:** ذ . (ع). ارمان— غم— فڪر— ڳڻتي— چنتا— انتظار — اوکيا پوکيا— اُڏڪو— انديشو— سانگو— اون— اوسيڙو— اونو — ڏوجرو— چوُنرا ڪوُنرا. بي آرامي— لوچ— پَئُ— ڊپ— گمان. ڀرم— سنسو— وهم— غيرت— سنديھ. (سن. وشواش) ويساھ— اعتقاد— اعتبار— ڀروسو— پرتيت— اُميد— آسرو— توڪل.

— **وسِواسِي ج وسِواسِي:** ذ . صفت. وسواسو— شڪي— سَنسِئي— ڀرمي— وهمي— گماني— شڪائتو— بي ويساهو— اڻ وسهو.

— **وسِواسِيو:** ذ . وسواسي. اعتقاد وارو— وشواش وارو— سادو سُودو.

— **وَسُورِي ج وِسُورِيُون:** ث . موڳي— ڀليل— ويسري. وِسوڙي.

• **وِسُوڙڻُ:** مصدر. (سن. و= گهٽ + سُمَر= ياد ڪرڻ) ڀُلجڻ— بتالجڻ— ڀنيلجڻ— گمراھ ٿيڻ. برغلائڻ. (وسُوڙيو وسُوڙيندو— وسُوڙيل).

— **وِسُوڙائِي ج وِسُوڙائِيُون:** ث . ويسر— ڀُل— ڀنيل— گمراهي صاف دلي.

— **وِسُوڙِجَڻُ:** مصدر. ڀلجڻ— برغلائڻ— بتالجڻ— گمراهجڻ اعتبار ڪرڻ.

— **وِسُوڙلُ ج وِسُوڙلَ:** ذ . صفت. وسوڙو— صاف دل— نهڪپٽ سڌو— ساڌو— ڀالو ڀولو— نرڇل— شڌمتي— بي ڊوهو— ڀورڙو ويسريو— ويسر ڪاڌو— موڳو — نادان— مورک— منجهيل— بي عقل. اَجاڻ— مت موڙهل.

— **وِسُوڙو ج وِسُوڙا:** ذ . صفت. وسُوڙل.

— **وِسُوڙهائِي:** ث . وسوڙائي.

— **وِسُوڙِي ج وِسُوڙِيُون:** ث . ويسري— موڳي— ڀليل.

— **وِسُوڙِيو ج وِسُوڙِيا:** ذ . اعتبار ڪندڙ— مت موڙهل.

• **وِسوس:** ث . شَڪُ— شُبهو— وهم— ڀَوُ. بي اعتباري.

— **وِس وِس ڪَرڻُ:** وسِوسا ڪرڻ— سنسا ڪرڻ. ٻار کي هنگائڻ لاءِ مائرون وس وس جو آواز ڪن تہ جيئن ٻار کي ڦِيڦِي اچي. ڳڻتيون ڪائڻ— وهم ڪائڻ— گمان پوڻ.

— **وِسوسو ج وِسوسا:** ذ . وسوس— شَڪُ— گمان— ڀرم— سنسَو— وسواسَ— غيرت — سنديھ— ڊپ— ڀَوُ— بدگماني— اپرتيت— بي اعتباري. ڳڻتي— فڪر— اونو— خيال— انديشو. بري آزمائش. زيور جو آواز. بُرائي— بدي.

— **وِسِوسِيو ج وِسِوسِيا:** ذ . صفت. وسواسي— وسواسيون— شَڪَي— سنسئي— ڀرمي— گماني— بي ويساهو— شڪائون— شڪائتو. ڏڪٽو. تاهڙ— ڊڇٽو— ٽهٽو. ڪنبندي ڏڪندي، اصول جي پابندي ڪندڙ. سوگارو— ڏوراڇو— وٽَڪُ— وڪوِڪيو— ڪڇرو— تيز— مزاج— نازڪ مزاج— تنڪ مزاج.

• **وِسُوڪڻُ(ٽ):** مصدر. وهڪڻ. ڪير ڏيندڙ ڍڳي ڪير نہ ڏي وهڪي وڃي. (وسُوڪيو— وسُوڪيندو— وسُوڪيل).

• **وِسِهَرُ:** ذ . صفتَ. وسيهر— زَهريلو نانگ.

• **وِسَهَڻُ:** مصدر. (سن. وِشوَس= اعتبار ڪرڻ). يقين ڪرڻ— اعتبار ڪرڻ — ويساھ رکڻ— (تي) منحصر هئڻ— تڪيو رکڻ— ڀاڙي ويهڻ— مڃڻ— ڳالھ تي لڳڻ— صِدق هئڻ— ڀروسو هئڻ— يقين هئڻ.

— **وِسَهِ:** ويساھ ڪر— اعتبار ڪرڻ— يقين ڪر.

– **وِسهيان:** اعتبار ڪريان– يقين ڪريان– ويساهه ڪريان.

– **وِسَهيس:** اعتبار ڪيم– ڀروسو ڪيم– يقين ڪيم.

• **وَسُڻُ:** وسندي– آباد جاءِ. خلقت جي موجودگي. سارين جي ٻيجي پوکڻ کان اڳ زمين ۾ ساڙيل ڪک ڪانا. بستي– آبادي. وساريل هنڌ(اصطلاح) آگ– باهه.

– **وَسُڻُ لڳڻ:** گهر ۾ باهه لڳڻ.

• **وَسين ج وَسِيُون:** ث . ڳوٺ – وسندي – ڳوٺڙو – بستي– واهڻ– ٻهراڙي – نئون ٻڌل ڳوٺ– آبادي.

– **وَسينهَ ج وَسينهون:** ث . آبادي– بستي– وسئين– وستي.

• **وَسينهَن(ث):** پاڻ سان تيار ڪيل ٻارين جن ۾ پوءِ ٻج پوکجي.

– **وِسِيرُ ج وِسِيرَ:** ذ . وِس وارو – زهر وارو – وسيهر– آليهر– تليهر– ميهر – ڪارو نانگ– سيهه– سَپ.

• **وَسِي ساجن جاگير:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **وَسِي عادل:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **وَسِيعُ ج وَسايع:** ذ . صفت. ( ع). ويڪرو– ڪشادو– موڪرو– خلاصو– فراخ– چوڙو– فراغ. گنجائشي.

• **وَسِيڪو ج وَسِيڪا:** ذ . صفت. هٺ هيٺ– هڪيو تڪيو– هٺ ۾ – زبردست– مڃتا ۾ .

• **وَسِيلُ:** صفت. (سن. وَس= رهڻ). آباد. سائو. وسندڙ. رحم ڪندڙ– مهربان.

• **وَسِيلو ج وَسِيلا:** ذ . ( ع. وسيله) اُپاءُ– آڌار. وچ– اعتدال– اوسط – شفاعت– ثالثي– فائدو. دست اندازي– وچ ۾ پوڻ واري حالت– مدد– حمايت– سرپرستي– مربي گيري. اُجهو– آڌار. ذريعو حليو. واسطو– پناهه– آسرو– خاص اصطلاحي معنيٰ ۾ ”قرآن شريف“ – پلو وسيلو.

– **وَسِيلي:** (جي)وسيلي سان– حيلي سان–(ج) نموني– طرح. معرفت– ذريعي.

– **وَسِيلي سُنهَن:** ”قرآن شريف“جو قسم.

• **وَسِينديو وارڪائي:** فراغت– واندڪائي– نويڪلائي– اڪيلائي –فرصت .

• **وِسِيوني(ث):** اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم.

• **وِسِيهَرُ ج وِسِيهَرَ:** ذ . (سن. وش= زهر). نانگ جو هڪ قسم– واسينگ – ڪاريهر– اليهرَ– تليهر. زهري– زهردار.

• **وَسِيعَتُ ج وَسِيعَتَ:** ث . (ع. وسعت)“ طاقت– سگهه– توفيق– قوَت – ٻَل– زور.

• **وَش:** ذ . صفت. خوب– خوش– خالص. نظير. ترڪستان ۾ هڪ شهر جو نالو. دستار. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **وِشُ ج وِشَ:** ذ . صفت. (سن.). وهه– وِک– زَهر– ڪَڙو.

• **وِشڌَرُ:** نانگ.

• **وِشڪوٽَڻُ:** مصدر. وڪرڻ– ڪِنبرڻ– پڪيڙڻ– ڦولهڻ– ڳولڻ– ٽٽولڻ– سامان هيٺ مٿي ڪرڻ.

• **وِشڪوٽ ج وِشڪوٽُون (ڪ):** ث . ڪنبير– پکيڙ– ڦولهه– ڳول– ٽٽول.

• **وِشنو:** رکيا ڪندڙ– سنڀال ڪندڙ– حفاظت ڪندڙ. اسم خاص. مرد ماڻهو جو نالو. هندو ديوتا جو نالو.

• **وِشنوئي:** خود خيال– لاغرض– بي غرض– خود مطلبي. مڇي. گوشت وغيره کان پرهيز ڪندڙ. هندو برهمڻ جي ذات جو نالو.

• **وِشواسُ ج وِشواسَ:** ذ . (سن). ويساهه– وسواس.

– **وِشواسِي:** ذ . معتقد– ڀروسو رکندڙ– ويساهي وارو. وسواسي.

• **وِصالُ ج وِصالَ:** ذ . ( ع. وصل) گڏجڻ– مِلڻ– مُنهَن ڏسڻ– ميلاپ– ملاقات – وَصل– پريمين جو ميلاپ. موت– مرڻ جي حالت. همبستري – عاشق معشوق جي صحبت.

– **وِصالُ جُون واٽُون وَڃَڻُ:** گڏجڻ جو آسرو پلڻ– ملاقات کان هميشه لاءِ محروم رهڻ. ديدار جي ڪا اُميد باقي نه رهڻ.

– **وِصال ڪَرَڻُ:** مرڻ– فوت ٿيڻ– وفات ٿيڻ– ڌڻيءَ سان ملڻ.

– **وِصالي:** وصال جو طالبو.

• **وَصفُ ج وَصفُون:** ث.( ع) صفت. خوبي– عمدگي– ڀلائي. گڻ– خاصيت – خُوءِ. خصلت– عادت– لڇڻ. هنر– ڪمال. سليقو. نشاني– اُهڃاڻ– پاريتو. موصوف– اوصاف– توصيف. بيان.

– **وَصفُ ڏيڻُ:** نشاني ڏيڻ– سمجهاڻي ڏيڻ. صفت بيان ڪرڻ– خوبي بيان ڪرڻ.

– **وَصفِيہَ:** (علم نحو جو اصطلاح) آهو جملو جنهن ۾ مبتدا بابت ڪا صفت ڏيکاريل هجي.

• **وَصلُ ج وَصلَ:** ذ . ( ع). لاڳاپو– ڳانڍاپو– وڇوڙي بعد ملڻ– ميلاپ– ملاقات– جوڙ– وصال– همبستري– جماع– مباشرت.

– **وَصلُ جو واءُ وارڻُ:** ملڻ جو امڪان ٿيڻ– ديدار ڪرائڻ لاءِ راضي ٿيڻ.

– **وَصلي:** ڳنڍيندڙ– ملائيندڙ.

• **وُصُولُ ج وُصُولَ:** ث . ( ع). اوڳڙ– واصلات– وصولي. پئسي وٺڻ يا ميڙڻ واري حالت. پهچ. آمد. سنجوڳ– ميل– ڳنڍ– ميلاپ.

Gul Hayat Institute

• **وِڦلڻُ:** مصدر. ننڊ ۾ ڳالهائڻ. بيهودو ڳالهائڻ- گندي نموني ڳالهائڻ - اجائي بڪ ڪرڻ. بي هوشيءَ ۾ ڳالهائڻ- ٽڙيو ڳالهائڻ- پنهنجي ليکي ڳالهائڻ. دبڻُ. (ت).

– **وِڦلَ ج وِڦلُون:** ث. اجايو سجايو ڳالهائڻ- ننڊ ۾ بَڪ بَڪ ڪرڻ- گندو ڳالهائڻ- اوٺارو. ڏبرَ.

– **وِڦلجڻُ:** مصدر. ڦنجڻ- خراب ٿيڻ- بَڪ بَڪ ڪرڻ.

• **وَقارُ ج وَقارَ:** ذ. (ع. وقر) حلم- بردباري- استقلال. ثابت قدمي- همت- جاه وجلال.

• **وَقتُ ج وَقتَ:** ذ. (ع). مدو- ميعاد- عرصو- ٽائو- ويلو- ويرم- سمون- ساعت- ايام- زمانو- ويرَ- ويل- مُند- موسم- وجهه- موقعو. اوسَرُ- سَجهُ- ساجي- ٽڻ - سَنو- سانگو- ڏک- مصيبت- آفت- وِپَت.

– **وَقتُ اُڏامندو وڃڻُ:** وقت ختم ٿيندو وڃڻ- ڪم ڪان فرصت نه ملڻ- وقت اندر ڪم پورو ڪري نه سگهڻ جي حالت.

– **وَقتائتو ج وَقتائتا:** ذ. صفت. مهلائتو- وجهائتو- موقائتو- ٺيڪ ٽائيم تي- پوري وقت تي.

– **وَقتُ بي وَقتُ:** ڪڏهين ڪڏهين- ڪنهن وقت- مندائتو يا اڻ مندائتو.

– **وَقت تي:** پوريءَ مهل- گهرج مهل- مهل سر- خاص موقعي تي- ضرورت تي- حسب ضرورت. موقعي مهل- وجهه تي.

– **وَقتَ تي ڪَمُ اچڻُ:** ضرورت وقت ڪم اچڻ- مهل سر ڪم اچڻ- موقعي تي ڪم اچڻ- گهرج جي وقت ڪم اچڻ.

– **وَقتُ ٽپائڻُ:** دفع الوقت ڪرڻ- گذارو ڪرڻ- گذر ڪي اڳتي ڌڪڻ- ڏکيو سُکيو وقت گذارڻ. مشڪلات مان نڪرڻ لاءِ ڪا تجويز ڪرڻ. گهٽ وڌ ڪري ڪم جي پورائي ڪرڻ.

– **وَقتُ ٽپائُو:** ذ. صفت. اُهو جيڪو وقت ٽپائي ڄاڻي. اُهو جيڪو مشڪلات کي منهن ڏيئي سگهي- ڪم ٽپائُو.

– **وَقتُ ٽپڻُ:** وقت گذارڻ- ڪم ٿيڻ- مشڪلات مان في الحال گذرڻ.

– **وَقتَ جو يارُ:** زماني ساز- هان ۾ هان ملائيندڙ- مطلب جو يار. مطلبي. موقعي جو فائدو وٺندڙ.

– **وَقتُ ڪي سَلامُ ڪَرڻُ:** حالتن موافق ڪم ڪرڻ- حال پٽاندر هلڻ- ڏکيو سکيو گذران ڪرڻ.

– **وَقتُ ڪي گيڙڻُ:** اُيت موجب خرچ ڪرڻ. ڏکئي وقت کي منهن ڏيڻ.

– **وَقتُ وارڻُ:** مري ويل لاءِ هڪ رسم.

– **وَقتي:** ظرف. شايد- مبادا- موازي. وقتاً- وقت تي.

• **وَقعتَ ج وَقعتُون:** ث. زور- ٻل- طاقت- لمبائي. بلندي- اوچائي (مجازاً)قول جي مضبوطي- انجام جي پڪائي- وعدي جي پوئواري. عزت- اعتبار- ساک.

• **وَقفُ ج وَقفَ:** ذ. (ع. وقف= هو بيٺو). ڪنهن جڳهه تي بيهڻ. خبردار هئڻ- ڄاڻڻ. اها شيءِ جا ڪنهن جي ملڪيت نه هجي- خدا جي راهه ۾ ڏنل ملڪيت- بخشيل ملڪيت- اُها ملڪيت جا ڪنهن ماڻهو خيراتي ڪمن ۾ لڳائڻ لاءِ مقرر ڪئي هجي.

– **وَقفُ ڪرڻ:** خدا جي نالي ڪرڻ. بخشش ڪرڻ- ڪنهن لاءِ مخصوص ڪرڻ. عطا ڪرڻ.

– **وَقفو ج وَقفا:** ذ. ٿوري دير بيهڻ- ٿوري ساعت ترسڻ- ٿوري ويرم ترسڻ. ويساهين. ٿوري ويرم آرام.

• **وَقوعُ:** ذ. (ع. وقع). واقع هئڻ. ڪرڻ. هر شيءِ جو ظاهر ڪرڻ.

• **وُقُوفُ ج وُقُوفَ:** ذ. (ع). واقفيت- تجويز- هنر- شناخت- عقل - پنج گهڙ. چيتو- سمجهه- فهم- پرجهه- پروڙ- ادراڪ. حوصلو- هوش- دماغ- ڪوپري.

• **وَڪُ ج وَڪَ (ڪ):** ذ. وَرَ- وَنگ- ڏِنگ- ڦِڏ. چيڙ- ميلاپ- چيڙهه. ڦٽين ۾ پاڻي وجهبو ته ڦٽيون وَڪ ڪنديون آهن. گهاتو- ڪنهن شيءِ جي ليسدار ٿيڻ.

• **وَڪا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **وڪاڙي:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **وِڪارُ ج وِڪارَ:** (سن. وِ= خراب+ڪار> ڪر(ي)=ڪرڻ) آزار- بي مزائي - ناچاقائي- (ڦَٽ جو) رُجهڻ- پوسڻ- پچڻ. نقص- عيب- ڪمي- وڪرو- پريشاني. ارمان- فڪر- ويچار.

• **وِڪاري ج وِڪاري:** ذ. وڪار وارو- بدڪم ڪندڙ- خراب ڪم ڪندڙ.

• **وِڪارج وِڪار(ل):** ث. (سن. و= خراب+اڙ= جدا). بڇڙو.

• **وَڪالَتَ ج وَڪالَتُون:** ث. (ع) وڪيل جو ڌنڌو. وڪيل جو ڪم. سفارت- ايلچگيري- وسيلو- ذريعو- محبت- سپردگي. پيغام گيري- گماشتگيري.

– **وَڪالَتَ ڪَرڻُ:** مختيارڪاري ڪرڻ- ايلچگيري ڪرڻ- ٻئي جي پاران ڳالهائڻ.

– **وَڪالَتَ نامو:** ذ. مختيارنامو- سفارت نامو. وڪيل مقرر ڪرڻ جو ڪاغذ. مختيار نامو.

• **وِڪامڻُ:** مصدر. (سن. ڪَرِيَه= خريد ڪرڻ). وِڪجڻ- وِڪرو ٿيڻ- فروخت ٿيڻ. (وِڪيو- وِڪامندو- وِڪيل).

Gul Hayat Institute

• **وِڪاءِ وِڪاءِ:** ذ . واپار ۾ هنديءَ جو حق (ڏيڻ). وڪرو. هُنڊي پرڻ جي حالت – ناڻي جي چٺي واري ڏاي موجب.

– **وِڪاءِ پائِڻُ:** هُنڊيءَ جي پُٺ پرڻ– ناڻي جي چٺيءَ جي پٺ پرڻ. هُنڊيءَ جي اڳاڙڻ جو حق وڪڻڻ.

• **وَڪائِڻ (ٿ):**مصدر. کيڏائڻ. ڳڻڻ. ليکڻ– شمار ڪرڻ. (وڪايو– وڪائيندو – وڪايل).

• **وِڪائو:** ذ . صفت. وڪامڻ وارو– وڪائو.

• **وَڪَٽ ج وَڪَٽَ(ل):** ذ . اِني ڏڪر راند ۾ پهرين ڏڪر پرڻ کي چئجي. (مدراسي ٻوليءَ ۾ هڪ جو انگ).

• **وِڪجَڻُ:** مصدر. ڪَڪ ٿيڻ– بيزار ٿيڻ– ٿڪجي پوڻ– ڪِٽ ٿيڻ. وڪرو ٿيڻ– وڪامڻ(وِڪجيو– وِڪجندو– وِڪجيل).

• **وِڪجِي پوڻُ:** بيزارَ ٿيڻ– ٿڪجي پوڻ– ڪَڪ ٿيڻ– خفا ٿيڻ.

• **وِڪجَڻ٢(ڪ):** مصدر. وِڪجڻ– وِڪامڻ.

• **وِڪچَرَ:** بد افعالو– بي هُودو.

• **وَڪَرُ ج وَڪَرَ:** ذ . وراڪو– ڦيرو– موڙو.

– **وَڪَرَ پاڻِي:** ڪوهن جو پاڻِي.

– **وَڪَرِي:** ڏنگو ڦڏو– وَرُ وارو– ونگو.

• **وَڪَرَ:** اسم خاص. تعلقي گهوڙاٻاريءَ ۾ ديهه جو نالو.

• **وِڪُرُ ج وِڪُرَ:** ذ . ( ع. وَڪر). فڪر– ڳڻتي– اونو– اوسيڙو– ويچار. پريشاني – ارمان.

– **وِڪُر ٿِيڻُ:** ويچار ٿيڻ– اونو ٿيڻ– ڳڻتي ٿيڻ– پريشان ٿيڻ– اوسيڙو ٿيڻ.

– **وِڪُرَ پوڻُ:** فڪر ۾ پوڻ– ڳڻتيءَ ۾ پوڻ– پريشاني ۾ پوڻ.

• **وِڪِرُ ج وِڪِرَ:** ذ . سمنڊ جي پاڻي کي بچاءُ لاءِ ڏنل ٻنڌ– مِٽي ۽ واريءَ جي پِٽ.

• **وِڪُرُ:** گهوڙا ٻاري تعلقي جو اصل نالو. وڪر– بندر جيڪو سنه ١٨٦٦ع ۾ استعمال ۾ آيو.

– **وِڪُر تِي ويهَڻُ:** پاٿاري هڻي ويهڻ– موڪرو ٿي ويهڻ– ڪشادو ٿي ويهڻ.

• **وِڪرسُ ج وِڪرسَ:** ذ . هيج– هڪٻئي سان محبت.

• **وِڪرما جيت:** اسم خاص. اڳيون وڏو راجا جنهن جي دور سان "سَنبت" جو سن سال شروع ٿئي ٿو(جو عيسوي سن کان ٥٨ سال اڳ جو آهي).

• **وِڪرمُ جِرَمُ:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ ديهه جو نالو.

• **وِڪِرو ج وِڪِرا:** ذ . (سن. ڪريَ= وڪرو ٿيڻ)وڪِري– فروخت– ڪاپو– نيڪال.

– **وِڪِرِي:** ٿ . فروخت– وِڪرو.

• **وَڪَڙَڻُ:** مصدر. (سن. وڪر= ڏنگو) وچڙڻ– منجهڻ– ڳنڍجڻ– ويڙهجڻ. وڪڙ وجهڻ– لپيٽجڻ– وڪڙ ڪائڻ– وڪڙ ڏيڻ. ور وجهڻ. وڪوڙڻ. ورائڻ.(وڪڙيو– وڪڙندو– وڪڙيل).

– **وَڪَڙُ ج وَڪَڙَ:** ذ . ورُ– ڦيرو– چڪر– درياهه جو ڦيرو– نانگ جو ور يا ويڙهو. ڏِنگ– موڙ– ڦير. پيچ– مروڙ– آنٽي– وٽ. ولو– ڦيرو– وَٽو. اٽڪل– زور– دٻاءُ– چالاڪِي.

– **وَڪَڙَ وِجهَڻُ:** دٻائڻ – زور سان مچائڻ. گهيرو ڪرڻ– محاصرو ڪرڻ. ڦندي ۾ ڦاسائڻ– وَٽ ۾ آڻڻ– پيچ ۾ جهلڻ.

– **وَڪُڙو ج وَڪُڙا:** ذ . وڪُڙي– وڪوڙيل.

• **وَڪِڙو:** ٿوري وقت لاءِ ٺهيل ڏنگو بند– وڪِڙي .ٻنو. آباد ٿيل زمين جو حصو.

• **وِڪِڙو:** اسم خاص. تعلقي ڪنڌ ڪوٽ، تعلقي ڏوڪري، تعلقي قنبر ۾ ديهن جا نالا.

• **وِڪِڙو جاگيرُ:** اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد، تعلقي شڪارپور ۾ ديهن جا نالا.

• **وَڪِڙِي ج وَڪِڙِيُون:** ٿ . بند جي پڇڻ ڪري ڦيري تي ڏنل ٻيو بند. ڪنهن گره جو چڪر پورو ڪري موٽڻ جي حالت.

• **وَڪِڙِيءَ جِي سِيرَ(ڪ):** جبل جي چوٽيءَ کان هيٺ لهندڙ ڊِورو يا ڪانٽو جنهن ۾ ور وڪر گهڻا هجن.

• **وَڪَسَڻُ: ج وڪَسَڻَ(ڪ):** ذ . سارڻ– ياد ڪرڻ– انتظار ڪرڻ. سڌ ڪرڻ– خواهش ڪرڻ. زير ڪرڻ– بيزار ڪرڻ– پريشان ٿيڻ– ڪڪ ٿيڻ.

• **وَڪَن:** ذ . اسم خاص. هڪ پسارڪو وکر.

• **وِڪَنو ج وِڪَنا:** ذ . بيزار– عاجز– هيڻو– بي وس. اڻ سَهه– جوڻ سهي (ٿ. وڪَنِي) بيزار– ڪَڪ– ٿَڪل.

• **وِڪَڻَڻُ:** مصدرَ (سن. وِڪُريہ= خريد ڪرڻ)فروخت ڪرڻ– وڪرو ڪرڻ – ڪا بہ شيءِ پيسن تي ڏيڻ– مُلهه تي شيءِ ڏيڻ– پئسا وٺي حق واسطا ٻئي کي ڏيڻ.

– **وڪَڻَڻُ جوڳِي:** ناڻي جي چٺي، جا وڪري هيٺ اچي.

• **وَڪو ج وَڪا(ڪ):** ذ . صفت. ور وارو– ڏنگ وارو– ڏنگو– ونگو.

• **وِڪوڙَڻُ:** مصدر. (سن. وَڪرَ = ڏنگو) وٽڻ– ورائڻ – لپيٽڻ– ويڙهڻ– سيڙهڻ– وڪڙ وجهڻ– مروٽڻ– موڙڻ– گهيرڻ– وڪوڙڻ– ويڙهي وجڻ– گهيرو ڪرڻ– منجهڻ. ڦاسائڻ– ڦري

Gul Hayat Institute

ٿيڻ. اُپامجڻ. ڪنهن جانور جو ڦرجڻ تان آرو لهي وڃڻ.

"ڍور ولهامي ولهامي ڍُهل تي پيو آهي."

(ولهاميو– ولهامندو– ولهاميل).

• **وَلَـهو ج وَلَـها:** ذ. (سن. ولپ= پيارو) سهڻو من مُهڻو. گهوٽ – گهر وارو. پيارو– وڻندڙ– محبوب. (سن. ول) عمارتي ڪاٺ جو ڊگهو چورس منهن وارو لڪڙو (جو بيم جو چوٿون حصو ۽ سليپر جو اڌ ٿيندو آهي، ساڳئي نموني جو گول لڪڙو) ڇت جو داسو.

• **وِلِهو ج وِلِها:** ذ. (سن. ورهت) ڪنجوس– غريب– ڪنگال– تمام غريب. بي وارث– ڇڙوڇانڊ– جنهن کي گهر ٻار نہ هجي. نڌڻڪو– غيباڻو– بي رونق– خالي.

"مري مَر ميهار، تان وٽاڻ ولهو مَر ٿئي" (سر سهڻي– شاهہ).

– **وِلَهائِي ج وِلَهائِيُون:** ث. سُڃائي– سڪٽائي– غربت– سخت غريبيَ– مفلسي. اَڻ هوند– ڪنلائي– محتاجي– غريبي– ڪنگالپڻ– افلاس.

– **وِلَهَن واهر:** اڙين جي اوٽ– هيڻن جي حمايت– بي وسيلن جو وَسيلو– اڙين جو آڌار– ٽَڪن ٽاهر.

– **وِلهو ويس:** غريباڻن ڪپڙن ۾ – ظاهري ۾ نماڻو ۽ ضعيف.

• **وِلِهي ج وِلِهيُون:** ث. سڃي ڏکي زال– رنڙ زال– بي وارث عورت– نلهي – سڪٽي.

"سڪيا سانگي وڃي ترتيا، ولهي کي ڪيئن وساري ويا."

– **وَلِهوٽُ ج وَلِهوٽَ:** ذ. دل تي زهر جو غلبو– پيٽ ۾ سور جا وٽ.

– **وَلِهوٽُ پَوڻُ:** پيٽ ۾ سور پوڻ– وٽ پوڻ– وڪڙ پوڻ.

– **وَلِهوٽو ج وَلِهوَٽا (ل):** ذ. چوٽو (زالون وارن کي ويڙهي پٺيان چوٽو ڪن). وانگوڙو.

• **وَلِهيٽُ:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **وَلِي ج وَلِي:** ذ. (ع) خدا جو خاص بندو. اولياءُ– پاڪ انسان. والي– وارث– آقا. پرهيزگار– عارف– خدا رسيدو– صابر– شاڪر.

– **وَلِي الله:** ذ. خدا کي ويجهو– خدا رسيدو– نيڪ بندو– عابد– زاهد– مالڪ– مجذوب– عارف بالله.

– **وَلِي عَهدُ ج وَلِي عَهد:** ذ. بادشاهہ جو سندس موت کان پوءِ تخت تي ويهڻ لاءِ چونڊيل ماڻهو– جاءِ نشين– ملڪ جو وارث.

– **وَلِي نعمَتَ:** ذ. صفت. پرورش ڪندڙ– مربي.

– **وَلِي ڏِيارَڻُ:** جونءِ ڪيائڻ.

• **وِليٽَڻُ:** مصدر. (سن. ول= موٽڻ) لپيٽڻ– ويڙهڻ– تهہ ڪرڻ. (وليٽيو– وليٽيندو– وليٽيل).

• **وليدان:** اسم خاص. تعلقي رتيديري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **وَلِي دادُ پلي:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **وَاللَّيلِ:** قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو.

• **وَمر:** ذ. يَمُ. درياءُ– ندي– سمند– سمونڊ– بحر.

"رَنديِن رڃ امين چئي وِيُن وَمُ وَٽي"

ڪو بہ رئيس عضوو جهڙوڪ دل، جيرو، ڦڦڙُ وغيره. وجهہ– سَجِهہ– داءُ– موقعو– ٽڻُ. حملي ۾ ڌڪ جو وار– جهپو– جهٽ– چنبو– قدر– قياس– ويچار– خيال– قياس آرائي– فهم.

– **وَمائِتو ج وَمائِتا (ڪ):** ذ. صفت. وجهائتو– سجهائتو– موقعي وارو– ٽڻ وارو– ماڳائتو– هنڌائتو– پورو– ٺڙُ– سڌو.

• **وِماسَڻُ:** مصدر. ويچارڻ– ڳڻتي ڪرڻ– فڪر ڪرڻ– ويچار ڪرڻ– سوچڻ– غور ڪرڻ– تورڻ تڪڻ. ساهي پٽڻ– دم ڪٽڻ– وسامڻ– ويسانهين ڪرڻ.

– **وِماسُ ج وِماسَ:** ذ. ڳڻتي– فڪر– چنتا– ويچار– غور– سوچ– پريشاني – حيراني. ڳڻ ڳوت.

– **وماسِجَڻُ:** مصدر. منتظر ٿيڻ– فڪرمند ٿيڻ– اُديڪ ٿيڻ– ڳڻتي ڪَرڻ– غمگين ٿيڻ– ڏکوئجڻ– ارمان ڪرڻ– افسوس ڪرڻ.

– **وِماسِي ج وِماسِيُون (ڪ):** ث. ساهي– ڌاپو– ويساهِي– ويسانهين – آرام– قرار.

• **وَنَ ج وَنُون:** اسم خاص. نندي ٻيڙي. تُرهو– تَلو– مَڏُ– تَرُ (ت). جهنگ – ٻيلو. بَنَ. (سن. وَرڻَ= رنگ) رنگ. شڪل. (انگ. ونُ= هڪ) هڪُ– هڪڙو– ڇڙو– اڪيلو– هڪيلو– هيڪلو– يَڪُ– واحد– يگانو.

– **وَن نمبَرُ:** (انگ) پهريون نمبر– هوشيار. حَريف.

– **وَن ٽُو ٿِرِي ڪَرَڻُ (ت):** (انگ). چالاڪيون ڪرڻ– حرفتون هلائڻ– ڪيڏ ڪرڻ– اٽڪل بازي ڪرڻ.

• **وِنارَڻُ (ت):** مصدر. وڍَڻُ– ڪَپَڻُ– ڪاٽڻ– ڪَتڻ.

• **وَناڪُ ج وَناڪَ (ت):** ذ. صفت. ڇَندو– نَحس– نياڳو– ڪمبخت – شامت زده.

• **وِنانَ ج وِنانُون (ت):** ث. بي فائدي ڪوشش– اجائي حرفت – اجايو سَعيو.

– **وِنانُ ڪَرَڻُ:** بي فائدي ڪوشش ڪرڻ– اجائي حرفت ڪرڻ– نلها هٿ پير هلائڻ.

– **وِناڻُ ج وِناڻَ (ڪ):** ذ. ڪو بہ وڄائڻ جو ساز– ساز– باجو– سرندو– تنبورو– وڏاڻ.

Gul Hayat Institute

• ونگٽَ ونگ: ڪمان وانگر ڏنگو- ڪماني- محرابي- محرابدار.
• وَنگرو ج ونگرو: ذ. صفت. ونگڙو. (اسم خاص) ذات جو نالو.
• ونگِڙو ج ونگِڙا: ذ. صفت. ڏنگو- ٽيڙو- ڦڏو- چِبو- ڏنگڙو- وڙ وڪڙ وارو.
• ونگ وِنگ: ذ. ڏنگائي- ٽيڙائي- ونگ ونگ - جهڪ - ور - ڏنگ. وڪڙ. ور وڪڙ. ڏنگائي.
• وَنگا(ت): صفت. وهٽن جي سڃاڻپ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ. (ذ) ونگو جو جمع.
• وَنگارڻ: مصدر. هوڪارڻ- تڏڻ- للڪارڻ- چڪڻ- ڪم لاءِ سڏ ڪرڻ- آبت لاءِ سڏ ڪرڻ.
• ونگار ج وَنگارُون: ث. اسم. آبت- ڇيڙ- وانگار.
• ونگارو: ذ. ونگاري.
– ونگاري: ذ. آبت لاءِ سڏيل ماڻهو- ڇيڙ لاءِ سڏيل ڪم وارا.
• ونگارو: اسم خاص. تعلقي سڄاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• ونگاسڻ: مصدر. براجڻ- سينگارڻ- آرائش ڪرڻ- ناهه نوهه ڪرڻ.
• ونگاڻي بَري: اسم خاص. بري ٻڪريءَ جو هڪ قسم.
• ونگاڻِي جَاتِڻ: اسم خاص. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.
• ونگر: اسم خاص. ڪڇ ملڪ ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.
• ونگڙا: اسم خاص. مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو.
• ونگڙو ج ونگڙا: ذ. اسم. انب وغيره. ميوي ڇنڻ لاءِ ڪاٺيءَ ۾ لڳل انگڙو- ڪُنڊو.
• وِنگڙو ج وِنگڙا: ذ. صفت. (سن. وڪر= ڏنگو) ڏنگو. ورن وڪڙن وارو. نياڳو. بڇڙو.
• ونگڙي ج ونگڙيُون: ث. اسم خاص. نار يا هرلي جي ونگ- نار جو هڪ جزو. پاڻديءَ ۾ ڏنگي ڪاٺي، جا ڦرهين ڪي پاڻ ۾ ملائي. (ل). ٽوپي جو هڪ قسم.
– ونگڙي ٿي پوڻ(ت): ڪنهن ڏک سببان سمهي پوڻ.
• ونگس ج ونگس: صفت. وينگس.
• ونگسڻ: مصدر. (سن. ونک) ٻڌڻ- جوڙڻ- ٻنڌڻ- قابو ڪرڻ - سوگهو ڪرڻ.
• ونگڻ: مصدر. (سن. وڪڙ. وڪر= ڏنگو) ڍور کي ڏهڻ لاءِ پوئين ٽنگن ۾ ونگ وجهڻ - ونگ وجهڻ- جڪڙڻ- ٻڌڻ- قابو ڪرڻ. ڏاوڻ وجهڻ. پيچ وجهڻ- وڪڙ وجهڻ.
"ونگيئي نه وارن سين تن ڳوڻرن جا ڳوڏا"(شاهه).
– ونگ ج وَنگ(ت): ذ. اڌ گول ڪمان دروازي جي مٿان. ملهه جو داءُ جاڻنو. گول ڪڙو. درياءَ جو ڍورو. واهڙ.
"ڪاري جڻن ڪرن، ونگ مڙيئي واسيا"
سونهڻ جڻن سيٽڻ، منو ساءُ نه مٽيو"(سگهڙ)
• ونگٽي ج ونگٽيُون(ل): ث. اسم. شيشي جي ننڍي چوڙي.
• ونگو ج ونگا: ذ. اسم خاص. هڪ ميوي جو قسم- ڪڪڙي. هڪ ماڻهوءَ جو نالو. ڦرن جي ڏائڻ ڪان ڪاٽ جا ٻه اَنگها ملائي ناهيل ٻوتاڙي- ٻوتاڙو- ٻيلڙ(ل). منو درياءَ.
"ايسڙا اوڏو ٿي، وجهه ونگي ڪي ور"(فقير احسان ڪڙياٽي شيخ).
نئين ڪوٽ ڪان ڏکڻ طرف ڏيپلي ۽ بدين تعلقن وارو پاڳو.
• وِنگو ج وِنگا: ذ. صفت. (سن. وڪر= ڏنگو) ڏِنگو- ٽيڙو- ڦڏو- مڙيل- آڏو- چِبو. خراب- ڏکيو- تڪليف وارو.
– وِنگائي ج وِنگائيُون: ث. اسم. ڏِنگائي- ڏِنگ - ٽيڙائي- ڦيرَ- ڦڏائي- چِبائي- ڏنگاڻ.
– وِنگي ج وِنگيُون: ث. صفت. آڏي- ڏِنگي- ڦڏي- ٽيڙي- چِبي- ڪهُنڊ واري- وڪڙ واري(وات ونگي وات).
• ونگوڙو: ث. وانگوڙو(وارن جو).
• ونگوڙي ج ونگوڙيُون: ث. ائٽ جو هڪ پرزو- چرخي جو هڪ پاڳو- ائٽ جو ڏنگو پاڳو.
– ونگوڙي ٿي وڃڻ(ت): ڏِنگو ٿي وڃڻ- ڦڏو ٿيڻ.
• ونگ وَلهار: اسم خاص. تندي باڳي وٽ هڪ اڳوٽي ديهه جو نالو جتي شاهه عبداللطيف رح جا مائٽ رهندا هئا.
• ونگي ج ونگيُون: ث. اسم. بيل گاڏيءَ جي ڦيٿي جو ٻاهريون گول حصو. پاڻيءَ جي سنهڙي ڪَسِي- ڍوري- ننڍڙي واهي- نالي. ونگي جو هڪ قسم. هڪڙو لانوڻءَ جو قسم. ٻانهن ۾ پائڻ جو هڪ زيور(ن. بلوچ). (اسم خاص). تعلقي تندي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• ونگي: اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• ونگياڻي: اسم خاص. ٻڪريءَ جو هڪ قسم. ڏگهي ڳچي ۽ وريل ڪنن واري ٻڪري.
• ونگر ج ونگر: ذ. اسم. خصيه ڪُٽيل ڍڳو- ٽلهو متارو- ڏٽو مُٽو- ڏينگ- وَگر.
– ونو ج ونا: ذ. اسم. بنو- گهوٽ- لاڏو- نيرو.
• وَنواهُ ج وَنواهَ: ذ. اسم. شاديءَ جي تياري- وَناهُ- وَنهُ.
• وَنهُ ج وَنهَ: ذ. اسم. (مڙس چوندڻ). ڪنوار جو - ويهڻ وَناهُ- وَنواهُ.
– وَنهڙو: ذ. ڪنوار جي پردي ۾ ويهڻ جي جاءِ.

Gul Hayat Institute

• **وَهمُ ج وَهمَ:** ذ .(ع). اجايو خيال– خيال– لَهرو– بدڪي– ريچڪ– بُدبدو– جهجهڪي– پور– فِڪر– سنسو– پرمر– وسواس– شڪ –انديشو.

– **وَهمُ لَڳڻُ:** خيال ٿيڻ. ڀُڪَ لڳڻ.

– **وَهمِي ج وَهمِيُ:** ذ . صفت. پورالو– خشڪي– روائتو– ريچڪي–لهري– ترنگي–وسواسي–پرمي–گماني–سنسائي.

• **وَهنت (ڪ):** منٿ– عاجزي– ايلاز.

• **وهنجارڻُ:** مصدر. غسل ڪرائڻ. تڙ ڪرائڻ– سنان ڪرائڻ– ڏٿارڻ يا ڏٿڻ.

• **وهنجارٽِي ج وهنجارٽِيُون:** ث . مُردي وغيره کي غسل ڪَرائڻ جو خرچ يَا مزوري.

• **وهنجَڻُ:** مصدر. تَڙُ ڪرڻ– سنان ڪرڻ– غُسل ڪرڻ– اشنان ڪَرڻ. (وهنجيو– وهنتو– وهنجندو– وهنجيل– وهنتَلُ).

• **وهنجَڻُ(ل):** مصدر. وهنجڻ.

• **وَهَندڙُ ج وَهَندڙَ:** ذ . (سن. وَہَ) وهڻ وارو– هلندڙ– چالو– روان– وَهو.

– **وَهَندڙُ پاڻي:** (اصطلاح) ڪُشاده دل– سخي.

– **وَهَندڙُو ج وَهَندڙا:** ذ . صفت. وهندڙ– وهندو– وهندي(ظرف). تکڙو– جلد– نَهه پهه– ترت– تهه طلبيو– جلدائي سان– ڦڙتائي سان.(ث . وَهَندڙي ج وهَندڙيُون).

• **وهندو ج وَهَندا:** ذ . هلندو– هُرلي يا هر ۾ ڏڳو سنو هلندو. (اصطلاح) خرچ پکي ۾ مدد ڪندو.(ث . وَهَندي ج وَهَنديُون).

– **وهَندي ج وهَنديُون(ڪ):** ث . ترار– تلوار– شمشير.

• **وهِندارڻ(ل):** مصدر. سانڊيور ڪرڻ– سانڊڻ– تاتڻ. (وهنداريو– وهنداريندو– وهنداريل).

• **وَهَنوانڊ ج وَهَنوانڊيُون (ت):** ث . مزي جهڙي ڳالهه. تماشو. مشهوري. عادت.

• **وَهِنوارُ ج وَهِنوارَ:** ذ . (سن. ونوهار= ڏيتي ليتي) ڏيتي ليتي– هلت چلت– واهپو– آڏت– وهي وات– لهه وچڙ. دستور– ڏنڊو. رستو– واسطو– وات. (هنديءَ جو). نيڪال– حساب ڪتاب– ڪاروبار. (صفت). سچ– حقيقت– برابر– ٺيڪ– درست– صحيح.(حساب ۾) لاڙپاڙ –لَٿ پَٿ– صاف– هڪجهڙو.

– **وَهِنوارُ ٿيڻُ:** ليکو برابر ٿيڻ– صاف ٿيڻ– هڪجهڙو ٿيڻ– لاٿ پاٿ ٿيڻ.

– **وَهِنوارُ جوڳِي ج وَهِنوارُ جوڳِيُون:** ث . صفت. برابر ٿيڻ جهڙي. وڪاءُ جوڳي.

– **وَهِنوارُ ڪَرڻُ:** برابر ڪرڻ– ليکو صاف ڪرڻ.

– **وَهِنوارڪو ج وَهِنوارڪا:** ذ . صفت. حساب ڪتاب موجب– برابر– صحيح– درست– ٺيڪ.

– **وَهِنواري:** ڏيتيءَ ليتيءَ ۾– ٺيڪ طرح– وهنوار وارو– ليکي جي ڳالهه. عام طرح– روز مره جو. سڌو ماڻهو– سڌريل– غريب نواز. (ت).

– **وَهِنواريو ج وَهِنواريا:** ذ . صفت. وهنوار وارو.

– **وَهِنواري وَهِنوارُ:** ليکي چوکي ۾ برابري– ڏيتي ليتي صاف.

• **وَهَڻُ:** مصدر. (سن. وَهَن= وَهَڻ). پاڻي وغيره جو روان هجڻ– هلڻ– پنڌ ڪرڻ. هارجڻ– نکرڻ. ڪم ڪرڻ. گُهڻ– سخت پورهيو ڪرڻ– پاڻ پتوڙڻ– محنت ڪرڻ. سِمَڻ– سيمون ڪرڻ. ڪپ جو ڪنهن شيءِ تي وَهڻ يا هَلڻ. وچڻ.(وهيو– وهندو– وهيل).

• **وَهڻُ ج وَهڻَ:** ذ . پاڻي جي وهڪ– وهٽي– وهڪرو. واهڙ– درياءَ– درياءَ جو پيٽ " مجراء. واهڻ– ڳوٺ– بستي– وستي.

– **وَهٽِي ج وَهٽِيُون:** ث . وهڻ جو نمونو– وَهڪ.

– **وَهِي اَچڻُ:** لنگهي اچڻ– هلي اچڻ.

– **وَهِي واٽ:** وهندڙ واٽ– عام رستو– آڏت.

– **وَهِي وڃڻُ:** ترکي وڃڻ– ڇڏائي وڃڻ– ٻاهر نکري پچڻ يا وڃڻ– هليو وڃڻ–(وات مان ڪو لفظ) نکري وڃڻ.

– **وَهِي ويل ڪَرڻُ:** مدد ڪرڻ– ناتو نڀائڻ– ڪم پورو ڪرڻ– راضي رکڻ.

– **وَهٽائي:** ذ . واهٽائي– ٻهراڙيءَ جو– دهقاني– ڳوناٽو– واهٽي.

– **وَهَڻ ولوڙڻ:** ڪنهن شيءِ جي ڳولا ۾ پنهنجو پاڻ پتوڙڻ– گهٽا ڪشالا ڪڍڻ.

• **وَهِي:** (اسم خاص.) تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **وَهُوت:** ذ . نارجي هڪ ڪائي(جنهن تي ڇٽ ڪڙو ڪجي).

• **وَهُو ج وَهُون:** ث . (پرا. وهو. سن. وڌو). پٽ جي زال– ننهن– زال. بار ڍوئيندڙ يا ڪم ڪندڙ جانور– هُرلي ۾ وهندڙ ڏڳو– وهڻ تي هريل– وَهڻ لائق. محنتي. چِتو(ت).

– **وَهُو ڏڳو:** ذ . نار يا هُرلي ۾ وهڻ تي هريل ڏڳو.

– **وَهُو ڪَيڻُ:** اُٺ يا ڏڳي کي وهائڻ لاءِ اڳ ۾ ڪيئر ڏيڻ–ڪيڙڻ.

• **وهُواند(ت):** ذ . چوڻ جو اثر– ارادو– خيال.

– **وَهُواند وَهڻُ:** چوڻ جو اثر ظاهر ٿيڻ.

• **وَهُو داڻو(ت):** ذ . اک جي بيماري جو هڪ قسم– ڦلو.

Gul Hayat Institute

— **ويءِ وهائڻ:** دستور العمل ڪرڻ. وڻج يا سؤدو ڪرڻ.

• **وَياٽو ج وِياٽو:** ذ . صفت. وياٽل(ڳئون وغيره)— پيدائش جو وياٽو (گهوڙي وغيره).

• **وِياٽو ج وِياٽا:** سانجو— عورت جي ويم جي علالت وارو وقت.

• **وِياجُ ج وِياجَ:** ذ . (سن. وياج= ٺڳي). اُڌاري ورتل رقم تي ڏنل وڌيڪ پئسا— سُود— فائدو— منافعو— مِتي. ٺڳي— دولاب— فريب.

— **وِياجَ جو اگهه:** گهاٽي واڌي.

— **وِياجُخور ج وِياجَخور:** ذ. لاڀخور— وياج خور. ڳرو وياج کائو. لاير.

— **وِياجُخوري ج وِياجُخوريُون:** ث . لاڀخوري— سود خوري.

— **وِياجي:** ذ . صفت. وياج تي ورتل يا ڏنل. وياج وارو— وياج وٺندڙ.

• **وِياچَڻُ:** مصدر. ڏکن جو ذڪر ڪرڻ. سُور وندڻ— اورڻ.

• **وِياچُ ج وِياچَ:** ذ . ورونهه ڪرڻ.

• **وِياچَڻُ:** وياچڻ— اورَڻ.

"وِڃن سين ويٺي سور وياچي سهٽي."(سر سهٽي— گر)

• **وِيارُ ج وِيارَ:** ذ . اسم خاص. ورزش— ڪسرتِ— راند— ڪيل— ڪيڏ— طعنو— ڏوٽ. ڏوراپو— مهِڻو. ويڻ— عتاب.

• **وِيارڻُ:** مصدر. ڦولهڻ— سيرون ڏيڻ. جدا ڪرڻ(وات سان يا هٿن سان) منجهيل شيءِ کي سلجهائڻ يا جدا ڪرڻ.

"رات وياري ولڙيو پر ڪيائين پاس."

— **وِيارو ج وِياريا:** ذ . اسم. نيرن— نيرڻ— ناشتو— صبح جي ماني. ڪاڌو پيتو.

• **وِيا ڪَرڻُ:** (سن). ٻولي— زبان جو علم— گرامر— ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو— ٻوليءَ جو قاعدو. سمجهائڻ— کولي ٻڌائڻ. بيان ڪرڻ.

— **وِيا ڪَرڻي:** ث . اسم. صرف نحوي.

• **وِياڪُلَ ج وِياڪُلَ:** صفت. هلاڪ— هَلاڪ— پريشان— حيران— ششدر— ويچون— بَتليل— ڏکي— مصيبت زده— آزاريل— سست— غمگين— منجهيل— بيحال— تڪليف هيٺ— بي آرام— اسُڪ.

— **وِياڪُل ڪَرڻُ:** مصدر. ڪاوڙائڻ. تڪليف ڏيڻ. ڏُهڻ. پائي ڪٽڻ— ڪلپائڻ — دق ڪرڻ— رنجائڻ— چيڙائڻ— پريشان ڪرڻ— ڏکي ڪرڻ— آزاد ڪرڻ— ڏکوئڻ— ايزائڻ.

• **وِياکاڻ:** مصدر. (سن. وياکيان= سمجهائڻ). سمجهائڻ— بيان ڪرڻ— ٻڌائڻ — هدايت ڪرڻ.

— **وِياکِياڻُ ج وِياکِياڻَ:** تقرير— گفتگو— تات— ليڪچر— وعظ.

• **وِيامَڻُ:** مصدر. ڪنهن ٻار کي جنم ڏيڻ— ٻارجمڻ— ڄڻڻ— پيرلهڻ.

• **وِيانهُن:** ذ . وهاڻُ.

• **وِياءُ ج وِياءَ :** (سن. وي= جنم) اولاد— ٻارُ— صغير— ڪڪو— ٻالڪ — معصوم— گينگو— ٻچو— ٻڻُ— بنياد— نسل— ويارا— پُريون— پيڙهيون — خاندان— ڪُڙم— قبيلا— ڪٽنب— آکهه— کهول— ڪلَ— ڪر— سکي جو ڄمڻ. ٻچا.

"سَنها ياڻءِ مَ سپ، وياءَ واسينگن جا،
جني جي جهڙپ هاٿي هنڌان ٿي نه چري."

— **وِيايَلَ ج وِيايَلُون:** ث . ويم ٿيل— (عورت يا مادي)— ڄڻل.

• **وِيُتِ(ڪ):** ث . ٺٺولي— مسخري— "ڇورن ويت مڇائي ڏني آهي".

• **وِيتِ وِيتَ:** وَت وَت. اسم.( ع. وطواط).هڪڙو جهرڪيءَ ڪان ٻه ننڍڙو پکي. ميٽر.

• **وِيتَر ج وِيتَر:** ذ . ظرف. اجان ٻه وڌيڪ— تمام گهڻو— حد زيادهَ— تمام جهجهو— وري. وڌيڪ ۽ اجايو وڌيڪ— زيادتي.(حرف جملو). پر— ليڪن— مگر.

• **ويتَرو ج ويتَرا:** اسم. سُير. وڌ. افضل.

• **ويتَرٽو ج ويتَرٽا(ٽ):** ذ. (قسم سنڌي جُتيءَ). ويتَرٽو. جوتي جي ترجو. زناني سليپر جو ترو.

• **وِيتِڙو ج وِيتِڙا(ل):** ذ . واهيات . وڙواند.(ث . ويتڙي ج ويتڙيُون).

"وِيتڙي زال نه اوڙي چڱي نه پاڙي."

• **ويٽ، ويٽُون:** ث . [ وهٽڻ<وهٽ َ=ويٽ]. هاريءَ جي پوک جي ڪم لاءِ رٿا.

— **ويٽ ڪرڻ:** هاري جي پوکي جي ڪم لاءِ رٿا ڪرڻ— سِٽاءَ سٽڻ.

• **وِيٽ ج وِيٽَ:** ث . رٿ— تجويز.

• **وِيٽَرُ ج وِيٽَرَ:** ذ . اَسم . ڪَتي جي ڇٽ.

• **وِيڻُ:** مصدر. ڍارڻ— هارڻ— پکيڙڻ— ڪنديرڻ— ڪندائڻ— ڇڙوڇڙ ڪرڻ— وکيڙڻ— ڇٽارڻ— ڇٽڻ. ڦيرائڻ.

• **ويٽو ج ويٽا:** ذ . اسم.(انگ). هڙ— ڳنڙي. ويڙهو. ويڙهيل بستري جو گول ڳٽو.

• **ويٺَ ج ويٺُون:** ث . اسم. ويهٽي — ويهڪ— ويهڻ جو نمونو— رهائش— گهر— مڪان. بيٺڪ.

"سرهيون سي سرتيون وطن جنهين ويٺ."

— **ويٺڪَ ج ويٺڪُون:** ث . بيل گاڏيءَ جو هڪ حصو.(جنهن تي گاڏير گاڏي هڪلڻ وقت ويهندو آهي).

— **ويٺَلُ ج ويٺَلَ:** ذ . اسم. رهندڙ— رهاڪو. باشندو. رهواسي (صفت). ٻڌل پيت— جهُڪيل پيت.

• **ويلَڻُ ج ويلَڻَ:** ذ . سامان. هنڌ بسترو. پوش— ڇنهه. ويڙهٽو.

Gul Hayat Institute

غمگين– دکي– پريشان– آفت زدو.

"حوصلو حيرت ۾ ويڇون ٿي ويو".

– **ويڇُون ٿيَڻُ:** هتان نکري وڃڻ. پگهرجي پاڻي ٿيڻ. تمام گهڻو ڏک محسوس ٿيڻ.

– **ويڇُون ڪَرَڻُ:** جدا ڪرڻ– علحدو ڪرڻ.

• **ويڇاڙ ج ويڇاڙ:** بي عقل.

– **ويڇاهَڙ ج ويڇاهَڙون (ل):** ث. جهيڙاڪ. رولاڪ. نياڳي.

• **ويڇو ج ويڇا (ڪ):** ذ . فرق– تفاوت– سنڌو– وٿي– علحدگي– مفاصلو– وڇوٽي– دوري– پريشاني.

– **ويڇي ج ويڇيون:** واندڪائي.

– **ويڇا رکَڻُ (ڪ):** پري پري رهڻ– لاڳاپو نه رکڻ.

– **ويڇا وجهَڻُ (ڪ):** دشمني ڦهلائڻ– هيرا وجهڻ– اَبتيون سُبتيون ڳالهيون ڪرڻ– بهانا يا رنڊڪون وجهڻ. اجايو بحث ڪرڻ– ڪوڙا سبب پيش ڪرڻ.

– **ويڇا وسارڻُ (ڪ):** معاف ڪرڻ– ڪئي ڪي وساري ڇڏڻ– دل مان ڪَتر ڪيڻ.

– **ويڇائتو ج ويڇائتا (ڪ):** ذ . صفت. وٿي تي ٿورو پنڌ پري .

– **ويڇو ڪَرَڻُ:** جدائي ڪرڻ– ويڇو يا وٿي ڏيڻ.

– **ويڇو وجهَڻُ:** جدائي ڪرڻ.

• **ويڇَهڙ:** ث . بدافعالي– گدلي– ميري– خراب لَڇڻ واري.

• **ويڇَهَڙو ج ويڇَهَڙا:** اسم . ويڇو– فاصلو– ويڇي– ڇيٽي– وڇوٽي– ناغو. پيٽ جو پڙدو.

• **وَيدُ ج وَيدَ:** ذ . ڄاڻ– پروڙ– سمجهه– عقل . علم. بحث. راز– سوز حڪيم. طبيب– ويدراج– طبابت ڪندڙ– ويدي. هندن جو هڪ مذهبي پُوتر پُستڪ– ڌرمي ڪتاب.

– **ويدائُو ج ويداڻا:** ذ . صفت. ويدڪو– ويدجو– طبيب جو – طبيباڻو– طبي– ويجوڪو.

• **ويدڪُ ج ويدڪَ:** ذ . صفت. ويدجو– ويدڪو– يوناني طور دوا ڪندڙ– حڪيم– طبيب. حڪمت– علم طب.

• **ويدانتُ:** ث . (سن. ويدانتَ= ڄاڻ يا گيان. جنهن کان پوءِ بيو ڪو به وڌيڪ گيان ڪونهي). هندو تصوف. بيدانت.

– **ويدانتي ج ويدانتي:** ذ . صفت. بيدانتي. ويدانت وارو– ويدانت جو مڃيندڙ يا پوئلڳ– ويدانت متي وارو– ايڪائي.

• **ويدنَ ج ويدنئون (ت):** ث . درد– دک– تڪليف– اهنج– آزار. دشمني. وِڏن.

• **وِيڏ ج وِيڏ:** ذ . خلل– رخنو– ڇيهو– زيان– هاڃو– نقصان. ڏک – تڪليف – ڳتين جو گهاءُ. ظلم– قهر. ڏکيائي– سختي– ويڙهه– دشمني. آزار– احوال. (ت). ناليِ– نالو– ڪسي– ڪَتر. گهارو– پنڌ. سل– ٽنگ– ٽونگ– ٻر– ڏر– سوراخ– ڇيد– ٻرگهل.

– **ويڏوهَڻُ:** مشڪلات اچڻ– تڪليف ٿيڻ– سختي ٿيڻ.

• **وِيڏ ج وِيڏا (ڪ):** ذ . مَست– جوان– وڏو. ٿلهو– طاقتور– زور وارو– سگهو.

– **وِيڏپ ج وِيڏپُون:** ث . مَستي– بيپرواهي. وڏائي.

– **وِيڏائي ج وِيڏائيُون (ڪ):** ث . مستي– ويڏپ.

– **وِيڏپڻو ج وِيڏپڻا (ڪ):** ذ . ويڏپ– مستي– وڏائي– بي پرواهي.

• **ويڏوڙ ج ويڏوڙ (ت):** ذ . اَڻ ڇاول ڏرتي.

• **وِيڏنَ ج وِيڏنَ:** ذ . ث . ظلم– ويل– قهر– ڏک– تڪليف– زير– اَهنج – ايذاءُ – افسوس– بي انصافي– ناحق– پيڙا. زور– جبر– ڏاڍ– جٺ. حقيقت– ڳالهه– بيان– حالت.

• **وِيڏڻُ:** مصدر. ونڊڻ– سَلڻ– سل ڪرڻ– ٽنگ ڪرڻ. (ويڏيو – ويڏيندو – ويڏيل).

• **ويڏوچونڊو:** اَسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ويڏِي ج ويڏِيُون:** ذ . هندن جي شاديءَ ۾ برهمڻ جا دهرايل لفظ– برهمڻ جو دهرايل جملو– هندن جو نڪاح. منائڻ– ڦيرائڻ.

• **ويڙو ج ويڙا:** ذ. ويڙهه– پيرجي آگوٺي ۾ پائڻ جو هڪ زيور جو قسم.

• **وَيرُ ج وَيرَ:** ذ . مزو– لطف– چَهر– حَظ.

• **وِيرَ ج وِيرُون:** ث . وقت – ويل– ٽائُو– مهل– موقعو– ڪجهه وقت– پَلُ– ساعت– ڪِن– دم– گهڙي. فرصت– واندڪائي– وارڪائي. (ڪ). ڇاٽو– ڳڻو (مکڻ جو).

– **ويرا:** ظرف. يڪدم– هڪدم.

– **ويران ويرَ:** گهڙيءَ گهڙيءَ ۾– جيئن پوءِ تيئن (وڌيڪ وغيره).

– **ويران ويروڌ:** گهڙي گهڙي گذرڻ سان زياده– جيئن پوءِ تيئن وڌ.

– **ويرا ويرَ:** ظرف. جيئن پوءِ تيئن– وقت بوقت. وڌيڪ– چڱيءَ طرح– اڳ کان زياده.

• **ويرُ وَتارَ:** ث . سدائين– هميشه– هر وقت– دم بدم– ڪنهن به وقت– هردم– هَر هَر.

– **ويرُون تارُ:** هر گهڙيءَ– پَل پَل– هر پلڪ.

– **ويرُون ورائڻُ (ڪ):** ختما ڪرائڻ– ختما ڏيارڻ.

– **ويرويرَ:** وري وري– هر هر– بار بار– موٽي.

• **وِيرَ ج وِيرُون:** ث . سج يا چنڊ جي ڪشش سبب سمنڊ جي

Gul Hayat Institute

• **وِيسُ ج وِيسَ:** ذ . وَڳو— (ڪپڙن جو) جوڙو— پوشاڪ— ڪپڙا— لباس— رنگُ— ڍنگُ— نمونو . فقيرن جي ڪين مرشد وٽان مليل پڳ. چمڙا پوش.

— **وِيسُ ڌاري ج وِيسُ ڌاري:** ذ . نئين نموني جا وڳا ڍڪيندڙ— ناٽڪ ۾ حصو وٺندڙ— نَٽَ— اداڪار— نخريلو— ايڪٽر— نقال — مسخرو.

— **وِيسُ لَٽائِڻُ:** ٻيا ڪپڙا پائڻ— پوشاڪ بدلائڻ.

— **وِيسَرانُ ج وِيسَرانَ:** ذ . صفت. ويس وارن جو. ظاهري لباس.

"اوڏي ويسُ ويسران جا ڏيهہ ڪي نہ ڏيڪار".

• **وِيسي ج وِيسِي:** ذ . ري سِٻي.

• **وِيسا ج وِيسا:** ذ . مخفف ويساهہ.

• **وِيساڪاتِي:** ث . ٺڳي— ويساهہ گهاتي— دغا— دوکو— ڪوٽ— دولاب— فريب.

• **وِيسا گهاتِي:** ذ . ويساهہ ڪاتي— ويساهہ گهاتي.

• **وِيسا مُوڙُ:** ذ . بي سمجهہ— موڳو— واٽڙو.

• **وِيسا وڃائِڻُ:** ويسوئا وڃائڻ— پت وڃائڻ. اعتبار گهٽ ڪرڻ— ڏنو تيڻَ. بي فائدي ڪوشش ڪرڻ.

• **وِيسا وِسُوڙوُ ج وِيساوِسُوڙا:** ز . ويساهہ ۾ وسوڙل— سچو— ايماندار— وفادار— ايمان وارو— سُپتيو— وچن تي پورو.

• **وِيسارو ج وِيسارا:** وسري وڃڻ واري حالت— ويسر نَسيان— ڀُلَ.

• **وِيسارُو:** (ذ.(صفت). ويسر جو يا ويسر وارو— وساريندڙ— ياد نہ رکندڙ— ويسريو— ويسر ڪاڏو— گينوار— غافل— بي پرواهہ.

• **وِيساسُ ج وِيساسَ:** ذ . ويساهہ— ڀروسو— ايمان— اعتبار— يقين— اعتقاد — اعتماد— سچائي.

— **وِيساسِي ج وِيساسِي:** ذ . ويساهہ وارو— اعتباري— اعتقاد وارو— ايمان وارو— سچو. وفادار— سَرڌالُو.

• **وِيساڪُ:** اسم خاص. سنبت سال جي ٻئي مهيني جو نالو (اپريل— مئي وارو عرصو).

— **وِيساکِي:** اسم خاص. ويساڪ مهيني جي سورهين تاريخ. ويساڪ جو.ويساڪ جي مهيني ۾ هندن جو لڳندڙ ميلو. هندن جو هڪ وڏو ڏينهن.

• **وِيساندِ ج وِيساندُون:** ث . آرام— قرار— فرحت— صبر— سانت— ماٺ— ساهي— ويساندي— ڍاپو— دم — فرصت.

— **وِيساندِي ج وِيساندِيُون:** ث . فرصت— ساهي.

— **وِيسانهُون:** ذ . ويسائون. هَرلي ۽ نارجي پاندي جي جهل لاءِ ڪاٺي.

• **وِيساڻُ ج وِيساڻَ:** ذ . ساموندي مڇيءَ جو هڪ قسم. جرڪو— ڏوئو.

• **وِيساهِڻُ:** مصدر. يقين ڏيارڻ— مڃائڻ— ويسهہ ڪرائڻ— قسم ڏيڻ— ويساهہ ڏيڻ— برغلائڻ— ويساهہ ڏيئي ڏوڪو ڏيڻ— ڀلائڻ— ڪوڙو دلاسو ڏيڻ— ڌُتارڻ. (ويساهيو— ويساهيندو— ويساهيل).

— **وِيساهُ ج وِيساهَ:** ذ. اعتبار— يقين— ڀروسو— ويسهہ— عقيدو— صدق — اعتقاد— پڪ.

— **وِيساهُ آڙائڻ:** (نفعي جي اميد تي) نقصان پرائڻ.

— **وِيساهہ گهاتي ج وِيساهہ گهاتِيُون:** ث . ٺڳي— دولاب— ڪوٽ— ترڪٽ— بي ايماني— ڪپٽ— قسم کٽي ترڪٽ ڪرڻ— اعتبار ڏيئي دوکو ڏيڻ واري حالت.(ذ. صفت). ٺڳ— دولابي— ڪپٽيو.

— **وِيساهُو وِيساهُو:** ذ . صفت. ويساهہ وارو— ويساهي— ايماندار— سچو— سپتيو— ڀروسي جهڙو— معتبر— ايماني.

— **وِيساهُ وِڃائِڻُ:** اَجايو پاڻ کي لڃي ڪرڻ— پاڻ کي ٻڌرو ڪرڻ.

— **وِيساهُ وِسَهَڻُ:** اعبتار ڪرڻ— يقين ڪرڻ— وشواس ڪرڻ.

— **وِيساهُ هُجَڻُ:** اعتبار هجڻ— پت هجڻ.

— **وِيساهِي وڙهَڻُ:** ويساهہ ڏيئي دغا ڏيڻُ— دولاب ڪرڻ— آسرو ڏيئي فريب ڪرڻ— دوکو ڏيڻ.

• **وِيساهِي:** ث . ويساهين.

— **وِيساهِين:** ث . ويساهي— ساعت— دم— آرام— ڍاپو— ويساندي. خوشي— فرحت. ساهہ پٽڻ يا ساهہ کڻڻ جي جاءِ— آرام گاهہ.

• **وِيسائون:** ذ . هَرلي يا نارجي جَهل.

• **وِيسَرِ ج وِيسَرُون:** ث . وسري وڃڻ واري حالت— نسيان— ويسارو— وسوڙائي— غفلت— فراموشي— ڀُل— چڪ يا چوڪ— غلطي(ت).

— **وِيسرالِ ج وِيسرالُون( ڪ):** ث . ويسر— وسوڙائي.

— **وِيسَرِ ڀولو ج وِيسَرِ ڀولا:** ذ . ويسر سبب ٿيل غلطي— ڀُل چوڪ.

— **وِيسَرِ ڀولي ۾:** چوڪَ ڪان— ڀولي ۾— ڀل ۾— غلطي سان— سَهوا.

— **وِيسَرِو ج وِيسَرا:** ذ . صفت. ويسر ڪاڏو— ويسريو— وسوڙل— غافل— بي خبر— وساريندڙ— ويسلو(ت). (ويسَري ج ويسَريون).

• **وِيسَرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **وِيسَرُ ج وِيسَرَ:** ذ . هڪ وڏي ساموندي مڇي(منگر) جو نالو.

• **وِيسَرا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **وِيسرڪِي:** اسم خاص. تعلقي ديري محبت، تعلقي بدين ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ ديهن جا نالا.

• **وِيسَرو:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **وِيسروڙِي:** اسم خاص. ٿر ۾ هڪ ڀِٽَ جو نالو.

Gul Hayat Institute

# ھ

**ھ:** ث . (سن. ع. ف) سنڌي الف ب جو پنجاهون اکر. عربيءَ جو ستاويهون ۽ فارسيءَ جو ايڪٽيهون اکر. ابجد جي حساب موجب عدد پنج. علم جنتري موجب لاڳاپو ڏيکاري ٿو ڪنواري راس يا گرهه ڏانهن ۽ پڻ سياره وينس ڏانهن، جو چنڊ وانگر چمڪي.

• **ها:** ظرف. هائو— ائين— برابر— ٺيڪ— صحيح— درست— بجا.(حرف ندا). آها— هاها. (حرف جملو). خواه – ياڪ.(فعل). هُئا جو مخفف. موجود هجڻ جو جمع ۾ ڪم ايندڙ فعل. مثلاً”فلاڻا بينا هئا“ وغيره. فارسيءَ ۾ بي جان شين جي جمع ٺاهڻ لاءِ مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ مثلاً: ”سنگ ۾ سنگها“

— **ها ڪَرَڻُ:** هائوڪار ڪرڻ— هائو ڪرڻ. قبول ڪرڻ— منظور ڪرڻ— اقرار ڪرڻ.(آواز) راڳ جي شروعات ڪرڻ.

— **ها ۾ ها ملائِڻُ:** شامل راءِ ٿيڻ— تائيد ڪرڻ. شريڪ راءِ ٿيڻ. خوشامد ڪرڻ.

• **هاب:**صفت. جهڙو— مطابق— وانگر. لائق— واجب. مثلاً: ”مهٽي هاب“ وغيره. (ذ) نصيب— ڀاڳ— بخت.(ٿ).

• **هابو ج هابا:** ذ . هُل— هنگامو— گوڙ— شور— ڏمچر— ٻڙڏڪو— هابو.

• **هابِيلُ:** اسم خاص.( ع). حضرت آدم عليه السلام جي هڪ پٽ جو نالو(جنهن کي سندس ڀاءُ قابيل خون ڪيو هو).

• **هابِرُ ج هابِرَ(ڪ):** ذ . صفت. اُبهرو— جلد باز— تڪڙو. اڏ ٻَڪَلُ— اڏ رڏو— اُٻَڪُ.

• **هابو ج هابا(ل— ٿ):** ذ . ماڻهن جو گوڙ. هُل— شور— غُل— گهمسان— هابو.

”راڙيون رڇن جون ٿيون هابا هُل حَشر“(حفيظ).

ڪتي جي ڀونڪ— باهوڙ.(ل).

— **هابوڙو ج هابوڙا(لس):** ذ . گوڙ— شور— هُل— هابو.

• **هابوڙِجَڻُ(ل):** مصدر. ڪنهن ميوي وغيره جو پچڻ تي ورڻ— ڪڪورجڻ. مثلاً: گِدرا هاٿي هابوڙجي ويا آهن“(جملو). (هابوڙيو— هابوڙيندو— هابوڙيل).

• **هاپَرُ ج هاپَرَ(ت):** ذ . صفت. بدچال— بدڪردار— اوباش.

• **هاتار(ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **هاتارُ ج هاتارَ( ڪ):** ذ . جانور جو قسم— چراخ— هاتَرُ. (لس). (ذ. صفت). تڪڙو ڪم ڪندڙ— جلدباز— چالاڪ— هوشيار. ڳالهائٽو— واتراڏو.(ل).

• **هاتَرُ ج هاتَرَ(لس):** ذ . چراخ— هاتار.( ڪ).

• **هاتِفُ:** ذ . صفت. ( ع). غيبي آواز ڏيندڙ. (ذ). آسماني آواز— غيبي آواز— آڪاش واڻي— الهام.(اسم خاص). عالم الغيب کان آواز ڏيندڙ هڪ فرشتي جو نالو.

• **هاتِڪُ ج هاتِڪَ:** ذ . صفت. ( ع. حاذق جو سنڌي اُچارَ— حڪيم. داناءُ— ڏاهو— سُگهڙ— سمجهو— فهيم— وشيار— قابل. ”ٻڌندي ٻوڙن کي ڪي هاتِڪَ هَٿ وجهن“(سهٽي— شاهه). چالاڪ. حريف. پهلوان— جوڌو— سورهيه. تعجب خيز— عجب.

• **هاٿُ ج هاٿَ:** ذ . (هه) هَٿُ— دست— يَدُ.

— **هاٿَرُ پاٿَرُ:** صفت. بنا هٿن جي. هٿن ڪم آڻڻ کان سواءِ. بنا ٽيڪ جي— آٿَرُ پاٿَرُ.

— **هاٿُ ڪَرَڻُ:** هٿ ڪرڻ

• **هاٿنگُ ج هاٿنگَ:** ذ . صفت. هاٿيءَ جهڙو— ٿوٿانگ.(ل). پهلوان— سُورهيه.

• **هاٿِنِي ڏَهَرُ:** اسم خاص. تعلقي مٺيءَ ۾ هڪ ڏَهَرُ جو نالو.

• **هاٿِنِي لَڪُ:** اسم خاص. تعلقي مٺيءَ ۾ حدبنديءَ لاءِ ڪوڙيل نشان.

• **هاٿِي ج هاٿِي:** ذ . (پرا. هاٿيو. سن. هاٿِيڪ هَستي. هَستَن= هاٿي) مشهور جانور. فِيل—پيل—هستي گَجُ— گينوَرُ— ڪُنجَلُ— ڪَنجَرُ. (ٿ. هاٿڻ.هاٿِڻِي ج هاٿِڻِيُون). شطرنج راند ۾ هڪ ساريءَ جو نالو. شڪارپور شهر جي هڪ دَرجو نالو(اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

— **هاٿِياٽِي ج هاٿِياٽِيُون:** ث . هاٿيءَ جي مادي— هاٿڻ— هاٿڻي.

— **هاٿِي پَڳُ ج هاٿِي پَڳَ:** ذ . هاٿيءَ کي ٿيندڙ بيماريءَ جو هڪ قسم— هاٿي پڳو— فليپائو.

Gul Hayat Institute

— **هاڱامو ج هاڱاما:** ذ. هاڱام— هنگامو.

— **هاڱامو ڪرڻ:** هنگامو ڪرڻ.

• **هاڱـَرُ(ت):** ذ. جهڙ— ميگهه— آگم.

• **هاڱَ ج هاڱَ(ت):** ذ . گوڙ— گهمسان— هنگامو. جهيڙو— جهگڙو— فساد— بکيڙو.

• **هاڱامو ج هاڱاما(ت):** ذ. هنگامو.

• **هالا:** اسم خاص. ضلعي حيدرآباد ۾ هڪ تعلقي، ڳوٺ ۽ ٻن شهرن جو نالو(هالا پراڻا ۽ هالا نوان). هڪ ذات جو نالو. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هالاڻي:** اسم خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هالاپُراڻا:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هالار:** اسم خاص. سنڌ جي الهندي طرف واري جبلن جي قطار جو نالو(جنهن ۾ مکيه ٽي جبل اچي وڃن ٿا، ڪرو جبل، کيرٿر جبل ۽ پب جبل) . ڪڇ — ڪاٺياواڙ جي الهندي پٽيءَ جو نالو(جنهن ۾ جام نگر شامل).

• **هالارو ج هالارا(ڪ):** ذ . مينهن جو وسڪارو— ٻوهڪارو(ڪ). (اسم خاص). تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هالاري:** صفت. هالار(ڪڇ— ڪاٺياواڙ) جو رنگيل(ڪپڙو)— سني رنگ وارو— تمام پڪي رنگ وارو(جو ڪپڙو ڦاٽي وڃي پر رنگ نه ڦٽي).

• **هالا ڪنڊي:** اسم خاص. هالا (پراڻا) شهر جو قديم نالو(قريبا ١١ صديءَ هجريءَ جو).

• **هالان:** اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هالاڻو ج هالاڻا(ڪ):** ذ . سن. هَل= هلڻ). هلڻ جي حالت. چالاڻو— لاڏاڻو— مرڻو— وفات.

— **هالاڻي ۾ هجڻ:** سڪرات ۾ هجڻ. پوين پساهن ۾ هجڻ.

• **هالاڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو(اڪثر ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾). تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هالا وَلهرَ:** اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هالڪي:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هالڪي(ننڍي، وڏي):** اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هالو ج هالا:** ذ (ع)چنڊ جي چوڌاري گول چڪر— پڙ— منڊل— دائرو— ڏاند جنهن جو هڪ سڱ مٿي ۽ هڪ سڱ هيٺ وارو ڏاند— اڳيان ورِيل سڱن وارو ڏاند(عام روايت موجب) نياڳو. داغ— چٽو— ڏبو. (صفت). بدتر— خراب— بڇڙو(ت) —چندو— نياڳو— ندورو(ت) بي چيو(ت).

— **هالو:** بي همت، ڪنهن ڪم تي وڃڻ بعد نااميد ٿي موٽي اچڻ وارو(شڪارپور ۾ مروج آهي).

— **هالو مُنهن ٿيڻ:** داغدار منهن ٿيڻ. ڪارو منهن ٿيڻ. بڇڙو ٿيڻ. بدتر ٿيڻ.

• **هالُو ج هالُو:** ذ. صفت. هلندڙ— چالو— رائج— مروج.

— **هالُو چالُو:** صفت. جهڙو تهڙو— رواجي— معمولي. رواج ۾ آيل— هلندڙ. سستو— سادو.

• **هالُورو ج هالُورا:** ذ. صفت. لوڏي وارو— لڏندڙ— جهالُورو.(ذ). جهلڪو— چمڪات.

• **هالي ج هاليون (ڪ):** ث . صفت. مينهن جو هڪ قسم— اُها مينهن، جنهن جو هڪ سڱ مٿي ۽ ٻيو هيٺ هجي— لڙيل سڱن واري مينهن— ڏٻي.

• **هاليپوٽا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي حيدرآباد ۽ تعلقي فيض گنج ۾ ڪن ديهن جا نالا.

• **هاليپوٽائي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۽ تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هاليجي:** اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۽ تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هاليچو:** اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هاليسو ج هاليسا:** ذ. وَنجهه— اولو.

• **هاليو:** ذ . گاهه جو هڪ قسم. پسارڪي وکر جو هڪ قسم— اِسفرج— مارچوبه.

• **هامَ ج هامُون:** ث . (سن. آم= هائو) هائوڪار— اقرار— قبوليت— دَمُ— دعويٰ. ٻٽاڪ— لاٽ.

— **هامَ ڀرڻ:** هائوڪار ڪرڻ— اقرار ڪرڻ. قبول ڪرڻ. ذمو کڻڻ. ٻٽاڪ هڻڻ.

— **هامَ هڻڻ:** هام ڀرڻ.

• **هامانُ ج هامان:** ذ. هَل هنگو. "هي هتي جا هامان، هُت ڪونهي".

• **هامانُ:** اسم خاص. (ع): فرعون جي هڪ وزير جو نالو.

• **هامدي(ت):** صفت. بنا سبب— هروبرو— خواه مخواه— بي ڏوهي— بي گناهه.

• **هان:** ظرف. 'آهيان' جو مخفف(ت). ها— هائو— برابر— ائين نيڪ (سوال جو لفظ). ڇا— ڪهڙي ڳالهه. (تعجب جو لفظ)ائين ڪيئن؟ ائين ڇا! (ذ). هانءَ— هنيون— دل— جگر— مَنُ.

— **هان ڪار:** ث. هاڪار— هائوڪار— قبوليت.

— **هان ۾ هَان مِلائڻ:** ڪُوڙي سچي ڳالهه جي تصديق ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– **هَٽَ پيرَ هَڻَڻُ:** هٿ پير هلائڻ– ڪجهه نہ ڪجهه ڪرڻ– محنت ڪرڻ– روزگار لاءِ حيلو ڪرڻ– مزوري ڪرڻ– جفاڪشي ڪرڻ– ڪوشش ڪرڻ– سعيو ڪرڻ– اُدم ڪرڻ– پاڻ پتوڙڻ– رزق ڪمائڻ. ڦٿڪڻ. ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ– پورهيو ڪرڻ– ڏنڊو ڏاڙي ڪرڻ.

– **هَٽَ جَسُ:** فتحمندي– فتحيابي. فائدو– نفعو– لاڀُ. جيت– ڪَٽ –فتح–نصرت–ڪاميابي–ڪامراني–هٿ شفا–هٿ جو فائدو.

– **هَٽَ جَسُ هُئَڻُ:** هٿ ۾ شفا هئڻ– هٿ ۾ فائدو هئڻ. ڪيل ڪم لاءِ ناموس يا قدر هئڻ. ڪاميابي هئڻ– فتحيابي هئڻ.

– **هَٽَ جُوٺو ڪَرَڻُ:** هٿ کي ڪنهن طعام سان ڇُهڻ.

– **هَٽَ جوڙَ ج هَٽَ جوڙُون:** ث. نيازمندي– انڪساري– التجا– عرض – وينتي– استدعا– التماس– منٿ– عاجزي. نرمائي– نهٺائي– هيٺائين. توبهہ– گِيسِي– الابلا.

– **هَٽَ جوڙَ ڪَرَڻُ:** ميڙ منٿ ڪرڻ– عرض ڪرڻ– وينتي ڪرڻ– التجا ڪرڻ– عاجزي ڪرڻ– نياز مندي ڪرڻ. توبهہ ڪرڻ– گِيسِي ڪرڻ– اِلاٺون بلاٺون ڪرڻ.

– **هَٽَ جوڙَڻُ:** آزي ڪرڻ– عرض ڪرڻ– مهربانيءَ لاءِ عرض ڪرڻ. نيزاري ڪرڻ– ميڙمنٿ ڪرڻ– گِيسِي ڪرڻ– عاجزي ڏيکارڻ– توبهہ ڪرڻ.

– **هَٽَ جو سَڄو:** هنرمند– ڪاريگر– ڄاڻو– هنري– قابل– هوشيار.

– **هَٽَ جو ميرو هُجَڻُ:** چور هجڻ– بي اعتبارو هجڻ.

– **هَٽَ جِي ٻُڪِي ڏِيَڻُ:** ٻئي کي نقصان پهچائڻ– ٻئي کي ڇيهو رَسائڻ– هٿ جي گهاٽي گهٽَڻ– پنهنجي هٿن سان ٻئي کي جوکو رسائڻ–چوري ڪرڻ– لمائي وجڻ.

– **هَٽَ جِي ٻُٽ:** نابري– انڪار– ناڪار– ڪورو جواب.

– **هَٽَ جِي ٻِڙِي ڏِيَڻُ:** نقصان ۾ وجهڻ– ڇيهي ۾ وجهڻ– هٿ جي ٻُڪي ڏيڻ.

– **هَٽَ جِي وَڍِي:** پنهنجي هٿان ڪيل نقصان– پنهنجي ناداني‌ءَ سبب ڪيل خرابي– پاڻهي پاڻ کي رسايل نقصان– پنهنجي بيوقوفيءَ سبب پاڻ کي رسايل ٽوٽو– پنهنجو ڏوهہ.

– **هَٽَ جِي هَڻَڻُ:** ڪوڙ ڳالهائڻ. چالاڪي ڪرڻ– ڪيڏ پڪيڙڻ – اٽڪل بازي ڪرڻ.

– **هَٽَ جهلَڻُ:** ڏيڻ بند ڪرڻ(ڪا بہ شيءِ). بس ڪرڻ. اڳتي ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ– وڌيڪ ڪرڻ کان بس ڪرڻ. اطاعت قبول ڪرڻ– بيعت ڪرڻ– چيلو ٿيڻ. هٿ ملائڻ کان منع ڪرڻ.

– **هَٽَ چِٽَڻُ:** تمام سنو ڪاڌو کائي هٿ چُوسڻ– ڪاڌي جو مزو وٺڻ. لطف وٺڻ– مزيدار ڪاڌو کائڻ. کائڻ لاءِ گهڻي سِڪ ڏيکارڻ– وڌيڪ ڪاڌي جي خواهش هجڻ.

– **هَٽَ چُراندَ ج هَٽَ چُراندون:** ث . گستاخي– حرڪت– ڪيچل – مستي– ائنٽرائي– چُرچ– ڇيڙڇاڙ. چورپ.

– **هَٽَ چُراندَ ڪَرَڻُ:** حرڪت ڪرڻ– ڇيڙڇاڙ ڪرڻ– ڪُونسڦائي ڪرڻ. پرائي عورت جي آبرو ۾ خلل وجهڻ. چورپ ڪرڻ.

– **هَٽَ چڙهَڻُ:** هٿ لڳڻ– ملڻ– دستياب ٿيڻ– قبضي ۾ اچڻ– آوَرَ ۾ اچڻ– قيري ۾ اچڻ– لَڀڻ– لَهَڻُ.

– **هَٽَ چُمَڻُ:** هٿن کي چُميون ڏيڻ– عزت ڏيڻ– ادب ڪرڻ– مان ڏيڻ. بيعت ٿيڻ– مريد ٿيڻ– معتقد ٿيڻ– آڻ مڃڻ– چيلو ٿيڻ. تحسين ڏيڻ– تعريف ڪرڻ– آفرين ڏيڻ– جَسُ ڏيڻ.

– **هَٽَ ڇَيو نَہ ڪَرَڻُ:** پئسي خرچڻ تي دل نہ هئڻ– سخت ڪنجوس هئڻ– ڪنهن بہ ڪم تي ارواح نہ هئڻ.

– **هَٽَ ڇَنڊِي رُڪَ ڇَڻَڻُ:** آسان ڪم ڇڏي مشڪل جي پٺيان پوڻ– خواه مخواه ڏاڪڙن جي پٺيان پوڻ.

– **هَٽَ ڇَنڊِي اُٿَڻُ:** سڀ ڪائي وڃڻ– ڪاوڙجي اُٿڻ– ناراض ٿي اُٿڻ.

– **هَٽَ ڇُوٽُ ج هَٽَ ڇُوٽَ:** ذ . صفت. سخي– ڏاتار. تِکو– تيز– ڇوهو– جلد.

– **هَٽَ ڇُوهائِي:** تکڙ– جلدائي– سيگهہ– تيزي.

– **هَٽَ ڇُوهو:** ذ . صفت. هٿ جو ڇُوٽُ– سخي– داتا– ڏاتار. هٿ ڇُهو– تيز– تکو– جلد– ڦڙت– جهانجهرو– چالاڪ.

– **هَٽَ ڇُوهِي:** ث . حرڪت بازي– ڪيچل– ائنٽرائي– مستي.

– **هَٽَ ڇُهائِي ج هَٽَ ڇُهائِيُون (ت):** ث . صفت. هلڪائي– ٽرڙائي –چوري.

– **هَٽَ ڇُهو:** ذ . صفت. چوري ڪندڙ– تيز تکو– هٿ ڇُوهو.

– **هَٽَ دَرازُ ڪَرَڻُ:** هٿ ڊگهو ڪرڻ– تمامَ گهڻي سخا ڪرڻ– سخاوت ڪرڻ. ظلم ڪرڻ– ڏاڙهي پٽڻ– تعدي ڪرڻ. جٽ ڪرڻ.

– **هَٽَ دَرازِي ج هَٽَ دَرازِيُون:** ث . صفت. هٿن جي چُرپُر. ڪيچل – مستي– ائنٽرائي. چوري.

– **هَٽَ ڏوئَارَڻُ:** راضي ڪرڻ– خوش ڪرڻ– سرهو ڪرڻ– خدمت چاڪري ڪرڻ– ٽهل ڪرڻ– شيوا ڪرڻ.

– **هَٽَ ڏوئِڻُ:** بس ڪرڻ(ڪاڌي وغيره کان). درگذر ڪرڻ. ڪن لاٽار ڪري ڇڏڻ. مايوس ٿيڻ– نااُميد ٿيڻ– نراس ٿيڻ– اُميد نہ رکڻ. ڪنهن بچڙائيءَ کان قسم کڻڻ– باز اچڻ– ٽارو ڪرڻ.

– **هَٽَ ڏوئِي پِليان لَڳَڻُ:** سڀ ڪم ڇڏي فقط هڪ ئي ڪم

ڪرڻ– لاهي پاهي پوڻ. ڪنهن سان خاص دشمني رکڻ– خار رکڻ.
– **هَٿَ ڏوئي ڪَڍَ لڳَڻُ(ت):** ڪنهن سان خاص طرح دشمني رکڻ– وير رکڻ– ضديت رکڻ– خار رکڻ– لاهي پاهي پوڻ.
– **هَٿَ ڏوئي لَڳَڻُ:** چڱي طرح پنيان پوڻ– لاهي پائي دشمني ڪرڻ– ڪنهن اهر ڪم کي لڳڻ.
– **هَٿَ ڏوئي وهَڻُ:** آسرو لاهي ويهڻ. نا اُميد ٿيڻ– نراس ٿيڻ– سڀ آسرا ڇڏي ڏيڻ. نہ ليکڻ– ڪين جهڙو سمجهڻ.
– **هَٿَ ڏوئارُ:** خدمت چاڪري ڪرڻ.
– **هَٿَ ڏُتُڻُ:** نراس ٿيڻ– اُميد لاهڻ– هٿ ڏوئي ويهڻ.
– **هَٿَ ڏَس:** ث. ڏسيل ڪم(چوري وغيره). چيل ڪم– سمجهايل ڪم– اشارو ڪيل. هٿ جو اشارو– اُهڃ.
– **هَٿَ ڏَس تي هَلَڻُ:** اشاري تي هلڻ– هردم حڪم هيٺ رهڻ– پنهنجي سمجهہ نہ هجڻ– پرائي مت تي هجڻ– پرمتڙيو هجڻ.
– **هَٿَ ڏَس ڪَرَڻُ:** ٻڌائڻ– راز ڏيڻ– چوري جو ڏس ڏيڻ.
– **هَٿَ ڏِسڻ:** نصيب ڏسڻ– قسمت ٻڌائڻ.
– **هَٿَ ڏيکارڻ:** حڪيم يا طبيب کي نبض ڏيکارڻ– ناڙ ڏيکارڻ قسمت پڇڻ– نجوميءَ کي هٿ ڏيکاري حقيقت پڇڻ – بخت جو پڇڻ.
– **هَٿَ ڏي نهارڻ:** آسرو رکڻ– اُميد رکڻ– لالچائڻ– حرص جي نگاهہ سان ڏسڻ.
– **هَٿَ ڏِيَڻُ:** ملڻ– مصافحو ڪرڻ– ڪينڪار– خوش خيروعافيت ڪرڻ– آدرياءُ ڪرڻ– ڪيڪربازي ڪرڻ– آءِ ڀڳت ڪرڻ– سهائتا ڪرڻ– مدد ڪرڻ– واهر ڪرڻ– حمايت ڪرڻ. قبول ڏيڻ– وچن ڏيڻ– اقرار ڪرڻ– انجام ڪرڻ– سنهن ڏيڻ– ٻول ڏيڻ. ضامن پوڻ– سودي جي ڳالهين ۾ پڪ پڪائي ڪرڻ– رضامندي ڪرڻ. موچين جي اصطلاح ۾ چمڙي کي اٿلائڻ پٿلائڻ.
– **هَٿَ ڏِڳها هُئَڻُ:** پهچ هئڻ– سمرٿي هئڻ– پڄت هئڻ– هلندي هئڻ– رسائي هئڻ.
– **هَٿَ ڏِگهو ج هَٿَ ڏِگها:** وڏيءَ پهچ وارو– پڄنديءَ وارو– رسائيءَ وارو– سمرٿي وارو.
– **هَٿَ ڏِگهو ڪَرَڻُ:** ڪجهہ مال ڏيڻ– اڌارو يا خيرات گهرڻ– ٻيک پنڻ. مدد ڏيڻ– واهر ڏيڻ– سهائتا ڪرڻ.
– **هَٿَ ڏِگهيرڻ:** سوال ڪرڻ– گهُرڻ– وٺڻ– صدا هڻڻ– پنڻ– ٻيک گهُرڻ– منگڻ– مدد ڏيڻ– سهائتا ڪرڻ.
– **هَتَرادو:** صفت. ظرف. هٿ سان ڪيل– هٿ جو ناهيل– نقلي– جڙتو– بناوتي– تقليدي– جعلي– مصنوعي.

– **هتراڏو:** ذ . صفت. هترادُو.
– **هَٿَ رَس ج هَٿَ رَس:** ذ . صفت. مشت زني– جَلق زني– مُٺ. پَهچ– پڄندي– دسترسي.
– **هَٿَ رَسڻ:** هٿن تي هيرائڻ– پالتو ڪرائڻ.
– **هَٿَ رَکَڻُ:** سنڀال ڪرڻ– پرگهور لهڻ– سنڀالڻ– حفاظت ڪرڻ– نگهباني ڪرڻ– نگهدار ٿيڻ– همدردي ڪرڻ– سهارو ڏيڻ– مدد ڪرڻ– سهائتا ڪرڻ– واهر ڪرڻ. پناهہ ڏيڻ– اجهو ڏيڻ– مهرباني ڪرڻ– احسان ڪرڻ– وڙ ڪرڻ– ٿورو ڪرڻ. پنهنجو ڪرڻ– عزت ۾ داخل ڪرڻ– رشتيداريءَ ۾ ڳنڍڻ. ٻئي جي مال ۾ دعويٰ رکڻ– حق جمائڻ.
– **هَٿَ رَڱَڻُ:** مار ڏيڻ– ڦيهہ ڪيڻ– ديڻب ڪيڻ– سزا ڏيڻ– ناجائز يا جائز طريقي سان وڏو فائدو حاصل ڪرڻ– مالا مال ٿيڻ– پئسي وارو ٿيڻ– قبضو جمائڻ. ڪنهن جي ڏوهہ ۾ شامل ٿيڻ. ڪنهن جي رت سان هٿ ڳاڙها ڪرڻ.
– **هَتَروج هَتَرا(ت):** حرڪتي– لچو– ائترو– ليچڙو– مستيخور.
– **هَٿَ روڪَڻُ:** ٿورو خرچائو ٿيڻ– هٿ ڇاڙ نہ ٿيڻ– ڪم خرچ ڪرڻ – مُٺ پيڙڻ.
– **هَتَروج هَتَرا:** ذ . صفت. هٿ– يَد– دست– ڪَرُ.
– **هَتَڙي ج هَتَڙيُون:** ث . ڳنڍيڇوڙي– جيب ڪتري– ڪيسي مان چوري– سهارو– مدد– آڌت– دلداري. گهوڙي کي ٽنگ ۾ ٻڌل چمڙ جي پٽي. هٿڪڙي– بيڙي.
"هَتَڙيون هَٿن، جنگهون ٻانهون ڪاٺ ۾."(سر مارئي– شاهہ).
– **هَتَڙي هَڻڻ:** چوري ڪرڻ– ڪا شيءِ لِڪائي وڃڻ– ڳنڍي چوڙي ڪرڻ– ڪيسو ڪترڻ– ڳنڍ ڪپڻ. تور ۾ گهوبي هڻڻ. رنڊڪ وجهڻ– اٽڪاءُ وجهڻ. گهوڙي جو پاچ ۾ اڳيان سنب هڪ ٻئي سان هڻڻ. زنا ڪرڻ– جماع ڪرڻ.(ت).
– **هَٿَ سَڄَ ڪَرڻُ:** هٿ ڊگهو ڪري ڪجهہ ڏيڻ. مدد ڪرڻ– واهر ڪرڻ– سهائتا ڪرڻ.
– **هَٿَ سُمهَڻُ:** هٿ بي حس ٿيڻ– رت سڪي وڃڻ– هٿ لڱڙو ٿيڻ. هٿ جو سَت ڇڏي ڏيڻ– هٿ ڪمزور ٿي وڃڻ.
– **هَٿَ سَنئون ڪَرڻُ:** خيرات ڪرڻ– دان ڪرڻ. سامهون ٿيڻ– منهن سامهون جواب ڏيڻ.
– **هَٿَ سيڪَڻ(ت):** ڪجهہ فائدو حاصل ڪرڻ–نفو پرائڻ– اُپراسو ٿيڻ.
– **هَٿَ شفا هُئَڻُ:** هٿ ۾ جس هُئَڻ– هٿ ۾ فائدو هئڻ– هٿ ۾ برڪت هئڻ.

Gul Hayat Institute

— **هَٿَ صافُ ڪَرَڻُ:** پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ– بي ڳُناهيءَ جي ثابتي ڏيڻ. هٿڙي هڻڻ– ڪا شيءِ ڪائي وڃڻ.

— **هَٿَ ڦاٽَڻُ:** هٿن ۾ لِڦُون پوڻ– سخت محنت ڪري، هٿن ۾ ڦوڦينڊا پوڻ.

— **هَٿُ ڦاڙُ ج هَٿَ ڦاڙَ:** ذ . صفت. اجايو خرچ ڪندڙ– گهڻ خرچائو– اُڏائو– بالفضول– لاپرِ چتيو.

— **هَٿَ ڦاڙُ هُئَڻُ:** گهڻ خرچائو هئڻ– فضول خرچائو هئڻ– لاپرِ چتيو هئڻ.

— **هَٿَ ڦُٽَڻُ:** جسم ۾ بيماريءَ سبب هٿن ۾ خشڪي ٿيڻ– هٿن جو ڦاٽڻ.

— **هَٿَ ڦيرَڻُ:** مهرباني ڏيکارڻ– مهر ڪرڻ– ٿڌو ٺورو ڪرڻ– پلاءِ ڪرڻ– چڱائي ڪرڻ– وڙُ ڪرڻ– احسان ڪرڻ– نيڪي ڪرڻ– هَٿُ گهمائڻ– دلاسو ڏيڻ– همدردي ڪرڻ– شفقت ڏيکارڻ– سيني سان لڳائڻ. چَٽ چَٽان ڪرڻ– قرب ڏيکارڻ– پيار ڪرڻ– پڇڪارڻ– دعا ڪرڻ– آسيس ڪرڻ– آشيرواد ڪرڻ– ڦيڻو وجهڻ.

— **هَٿَ ڦبرَ کان ٻاهرُ هُجَڻُ:** ذليل هجڻ– رُسوا هجڻ– بدنام هجڻ.

— **هَٿَ ڪپِجَڻُ:** واسطو ٽُٽڻ– بي تعلق ٿيڻ– لا تعلقي ٿيڻ– لاڳاپو ٽُٽڻ– ناتو ٽُٽڻ– رشتو ختم ٿيڻ.

— **هَٿَ ڪپِڙي ۾ ٻَجهَڻُ(ت):** تنگ ٿيڻ– پريشان ٿيڻ– تڪليف ۾ هجڻ– سوڙهو ٿيڻ. همت هارڻ. بزدل هئڻ. ڪنئرو هئڻ – نرم ٿيڻ.

— **هَٿَ ڪپِڙي ۾ هُئَڻُ(ت):** ششدر ٿيڻ– پريشان ٿيڻ– بي حال ٿيڻ– بيزار ٿيڻ– حيران ٿيڻ– بتال ٿيڻ.

— **هَٿَ ڪپَڻُ:** دستبردار ڪرڻ– حق ٽوڙڻ– لاڳاپو ختم ڪرڻ– قطع تعلقات ڪرڻ– ناتو ختم ڪرڻ.

— **هَٿَ ڪپي ڏيَڻُ:** حق واسطو لکي ڏيڻ. اختياري ڏيئي ڇڏڻ– دست بردار ٿيڻ– ناتو ٽوڙي ڇڏڻ.

— **هَٿَ ڪڍَڻُ:** واسطو ٽوڙڻ– لاڳاپو بند ڪرڻ– قطع تعلقات ڪرڻ– ناتو ٽوڙڻ– مدد کان انڪار ڪرڻ– مدد نه ڏيڻ– امداد ڊري ڪرڻ. ڪم کان بيزاري ڏيکارڻ– دست بردار ٿيڻ– مَلَّهن جو سندري مان هٿ ڪڍڻ.

— **هَٿَ ڪَرمَن تي هَٿَڻُ:** هٿ مٿي تي هڻڻ– پِٽَڻُ– ڪنهن ٿيل نقصان جي ڪري هاءِ گهوڙا مچائڻ.

— **هَٿَ ڪَرَڻُ:** لَهڻ– لَيڻ – قبضي ۾ آڻڻ– حاصل ڪرڻ– دستياب ٿيڻ. ميسر ڪرڻ– ڳولڻ– ڏوندڻ. وٺڻ– موجود ڪرڻ– حاضر ڪرڻ. تاس راند ۾ داءُ جا پتا کٽڻ– هٿ ڳڏ ڪرڻ.

— **هَٿَ ڪَڙولُ ج هَٿَ ڪَڙولَ:** ذ . ٻانهن جي ڪرائيءَ ۾ وجهڻ لاءِ لوهه جو تالي سان ڪڙو– هٿڪڙي– هٿوڙي.

— **هَٿَڪَڙِي ج هَٿَڪَڙِيُون:** ث . هٿ ڪڙول.

— **هَٿَ ڪَسبِي:** صفت. هُنر وارو– اُستو– ڪاريگر– هنري– هنرمند– ڪُشل.

— **هَٿَ ڪوسو ڪَرَڻُ:** لاپڪاري يا ڪجهه روڪڙا پئسا ملڻ– فائدو حاصل ڪرڻ– واپار مان نفعو پرائڻ. مار ڪيڻ– ڪنهن کي سيڪت ڏيڻ– موچڙا ڪُٽ ڪرڻ.

— **هَٿَ ڪَس ج هَٿَ ڪَسُون:** ث . صفت. چوري– هٿڙي– جيب ڪتري– ڳنڍيچوڙي ڦُر– زوري– ڌاڙو– راهزني– لَٽ مسخري– مذاق.

— **هَٿَ ڪَس ڪَرَڻُ:** چوري ڪرڻ– هٿڙي هڻڻ . ڦُر ڪرڻ– لَٽ ڪرڻ– ڌاڙو هڻڻ. مسخري ڪرڻ– مذاق ڪرڻ.

— **هَٿَ ڪَس هُجَڻُ:** هٿ ڪَس هئڻ.

— **هَٿَ ڪَس هُئَڻُ:** هٿن مان ڦُر هجڻ– تمام زوري هئڻ– بي واجبي هئڻ– نامناسبي هئڻ.

— **هَٿَ ڪُليلَ هُئَڻُ:** سخي هئڻ– داتا هجڻ– سخاوت جو صاحب هجڻ.

— **هَٿَ ڪَٽَڻُ:** لاڳاپو ٽوڙڻ– واسطو ختم ڪرڻ– دستبردار ٿيڻ – ترڪ ڪرڻ– قطع تعلقات ڪرڻ– ناتو ٽوڙڻ– رستو ڇڏي ڏيڻ– ڪجهه تعلق نه رکڻ– پڇرڇڏڻ. مايوس ٿيڻ– نراس ٿيڻ – نااميد ٿيڻ. اشارو ڪرڻ– دعا گهرڻ– فاتح پڙهڻ– پِٽڻ– بددعا ڪرڻ– پاراتو ڏيڻ.

— **هَٿَ ڪولَڻُ:** دان ڏيڻ– سخا ڪرڻ– خيرات ڪرڻ– سخي ٿيڻ.

— **هَٿَ ڪي هَٿُ نه ڏِسَڻُ:** تمام انڌيري هئڻ– انڌوڪار هئڻ– گهُگهُه انڌيرو هئڻ– سخت اونده هجڻ.

— **هَٿَ ڳاڏي ج هَٿَ ڳاڏِيُون:** ث . هٿ سان ڪاهڻ واري ڳاڏي– ٺيلهو– چڪڙو– ڳاڏو.

— **هَٿَ ڪَنجري ج هَٿَ ڪَنجرِيُون:** ث . عورتن جو ڪرائيءَ ۾ پائڻ جو هڪ قسم جو زيور– منگلي.

— **هَٿَ ڳَڏَڻُ:** هٿ ڳنڍڻ.

— **هَٿَ ڳَس ڪَرَڻُ:** اجايو پورهيو ڪرڻ– بي فائدو محنت ڪرڻ– خواه مخواه جفا ڪشي ڪرڻ.

— **هَٿَ ڳَنڍَڻُ:** هٿ ڳڏڻ. وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ– جهيڙو ڪرڻ– جهڳڙو ڪرڻ– لڙڻ– لڙائي ڪرڻ– ڪنهن ڪم ۾ مشغول ٿيڻ– رُنيجڻ.

— **هَٿَ ڳَنڍِڙِي ج هَٿَ ڳَنڍِڙِيُون:** ٽپال جي رستي موڪليل ڪا ننڍڙي ڳنڍ– سُوٽڙي– هڙ– پڊڪي–(انگ). پارسل.

Gul Hayat Institute

اَجايو— مفت— خالي پيلي— راهه گناهه— بيجا— نـ ڏني نـ ورتي.

• **هَروٽو ج هَروٽا:** ذ . هَر جي اُها اُڀي ڪاٺي جنهن جي هيٺئين پاسي چوني پوي ۽ مٿئين پاسي جهلڻ جو منيو هجي— هر.

• **هَروج:** ظرف. هرروز. ڏهاڙي.

"هِردي منجهه هروج، درسن ڪري دوس جو".(سامي)

• **هَرورو ج هَرورا(ٽ):** ذ . پَروڻ— پَرڻ— اٽي ڇاڻڻون— ٽامي جو وڏو پرڻ— ڇاڻي— پرٽي— گهيچڻ.

• **هَرُولو ج هَرُولا(ڪ):** ذ . اسم خاص. جانور جو هڪ قسم— جهنگهراڙُ ٻلو— جهنگلي ٻلو(جو گدڙ جيڏو ٿئي).

• **هَرُ ولي وارو(ڪ):** اسم خاص. مول کان اپرندي طرف هڪ جبل جو نالو.

• **هَروندو ج هَروندا:** اسم خاص. منگر مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **هَرهَ ج هَرهُون:** ٿ. هَر جو هڪ ڀاڱو— هر ۾ پيل ڏگهي ڪاٺي.(ل). هَر جي اُها ڏگهي ڪاٺي جنهن جو هڪ پاسو هروٽي ۾ ڦاٿل هجي ۽ ٻيو پاسو پاڃاريءَ ۾ —سُڃيل اُٺ جو مٿو جنهن مان گند وهي.

— **هَرِ هَن (ت):** هر جو ڀاڱو جنهن ۾ ناڙيءَ بعد پاڃاري وجهجي. ٻيل گاڏيءَ جي ڏگهي ڪاٺي. پول.

• **هُرهَ ج هُرهُون:** ٿ. فتح—سوڀ— نصرت— ڪامراني— جيت— ڪٽ.

• **هَر هَر:** ظرف. وقت بوقت— مسلسل— جلد جلد— سگهو سگهو— وري وري— ذري ذري— لڳاتار— متواتر— هرمهل— ٿوري ٿوري دير بعد— گهڙي گهڙي— هرسمي— هرگهڙي— هرپلڪ— هرلحظي.

• **هِرِ هِرِ(ت):** ردن کي موٽائڻ لاءِ ريڍار جو ڪيل آواز.

• **هَري:** ظرف. آهستي آهستي— ڌيمي— فرصت سان— ڌيري— آرام سان ڌيرج سان— ڊرو.

— **هَري هَري:** ظرف. آهستي آهستي— ڌيمي ڌيمي— ڌيري ڌيري.

• **هَري:** ذ. (سن). اسم خاص. هندن جي هڪ اوتار جو نالو— وشنوءَ جو نالو— ڪرشن. مهاديو— شِوَ. پرميشر— برهما— ڀڳوان— ايشور. سَپ. طوطو. باندر. هوا. آتش.(ت). ٻج ڇٽڻ لاءِ هر ۾ ٻڌل هڪ پوري نالي— ناڙي. سائو گاهه. ٻُڍڙي.(توڪي هٿن ۾ کهڙيون اڇي هريون پيون آهن."(اسم خاص). تعلقي فيض گنج (خيرپور ميرس ۾) هڪ ديهه جو نالو. ردن جي بيماريءَ جو هڪ قسم.(ن—ب).

— **هَريهَر:** ذ . هندن فقيرن جو سلام.

• **هَڙي ج هَرِيُون (ت):** ٿ . ننڍي ۽ سوڙهي جاءِ— ڪوپِ(ٿ). وٽن جَو گهاٽو جهڳٽو— هڙي. (اسم خاص). پکيءَ جو هڪ قسم.

• **هرياهه:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو— هَرياءُ.

• **هُريائِي ج هُريائِيُون:** ٿ. بي ڌياني— لاپرواهي— بي توجهي — بي خيالي— سفلائي. ٽرڙائي— هلڪائي— ڇلولائي.

• **هُرِيرِي ج هُرِيرِيُون:** ٿ. (ع. هُريري= ٻلي) ٻلي— هڪ گهرو پالتو. جانور— ٻلي.

• **هَرِيڙَ ج هَرِيڙُوَن:** ٿ . (سن. هڙ. ف. هليه). دوائن جي ڪم ايندڙ هڪ پسارڪي وکر(هڪ ٻوٽي جو ٻج، ٻه نمونا: ١. وڏي، ٢. ننڍي). اڳٺ جي پڃاڙيءَ ۾ ڏنل ڳنڍ.

— **هَريڙَ ٻَڌَڻ(ت):** چمڙي جي تندن جي ڳنڍ ٺاهڻ— اڳٺ جي پڃاڙيءَ ۾ ڳنڍ ٻڌڻ.

— **هَريڙَ ٺاهڻ(ت):** چمڙي جي تندن جي ڳنڍ ٺاهڻ— اڳٺ جي پڃاڙي ۾ ڳنڍ ٻڌڻ.

• **هَريڙَ ڪابُلِي:** هريڙ جو هڪ قسم— هريڙ وڏي— هريڙ ڪابلي.

• **هَريڙَ ڪَسِي:** هريڙ جو هڪ قسم— هريڙ.

• **هَريڙَ ننڍي:** ننڍي سنهي هريڙ.

• **هَريڙ وڏِي:** ٿلهي هريڙ— ڪابولي هريڙ.

• **هَرينه ج هَرينهُون (ت):** هر جو اُهو ڀاڱو جنهن ۾ پاڃاري وڌي وڃي. ناس— سُڃ — برباد— ڇٽ— تباهه— ويران —اُجاڙ.

— **هَرينهَ ڪَرَڻ(ت):** ناس ڪرڻ— برباد ڪرڻ— تباهه ڪرڻ— اُجاڙ ڪرڻ.

— **هَرينهَ ڪَري ڇڏڻ(ت):** ناس ڪري ڇڏڻ— تباهه ڪري ڇڏڻ— اُجاڙ ڪري ڇڏڻ— برباد ڪري ڇڏڻ.

• **هَرِيو ج هَرِيا:** ذ . صفت. (سن. هرت= سائو) سائو — سبز— ساوڪ وارو — سرسبز— شاداب. آلو— پُسيل— پِنل— ڀڄل— آڊوڪو. تازو— سکيو— آسودو— خشحال.

• **هَريالُ ج هَريالُون:** ٿ. صفت. ساوڪ— سبزي— ساوڻ— هريالي — هَريالي. پوسل— آلاڻ— آلائي— گهِم. آسودائي. خوشحالي.

— **هَريالِي ج هَريالِيُون:** ٿ. صفت. ساوڪ— سبزي— هريال— ساوڻ.

— **هَرياڻ ج هَرياڻيُون:** ٿ . صفت. ساوڪ— سبزي—هريال— هريائي.

— **هَريائِي ج هَريائِيُون:** ٿ. ساوڪ— سبزي— هريال— هرياڻ— هريالي.

— **هَريو ڀَريوَ ج هَريا ڀَريا:** ذ . صفت. سائو ستابو— آباد— سکيوَ— سڀاتو— سَکيوَ سهنجو— آسودو— خوشحال.

• **هُرِيو ج هُرِيا (ٽ):** ذ . پکيءَ جو هڪ قسم— هُڙيو.

• **هُرِيو هُرِيو ڪَرَڻ:** ڦِٽڪار وجهڻ— لعنت ملامت ڪرڻ— حيف ڪرڻ.

• **هَرِهه ج هَرِهُون:** ٿ . هَرَ جو هڪ ڀاڱو— هَر ۾ پيل ڏگهي لَٺ. هرينهه.

• **هريهَڙِ ج هَريهَڙُون (ت):** ٿ . پٿرن واري زمين— پٿريلي زمين—

قتڪو– لوچ پوچ– اَڻ تڻ. بدامني– بدانتظامي– جهيڙو– گڙٻڙ– فساد– وڳوڙ– رڳڙو. سعيو– ڪوشش– آدم.

• **هڙجو ڪرڻ:** مصدر. شڪار ڪرڻ– اُيارڻ– آماده ڪرڻ– متوجہ ڪرڻ– جوش ڏيارڻ– جذبو ڏيارڻ– تاءُ ڏيارڻ.

• **هڙدو ج هڙدا(ل):** ذ. صفت. زبردستي– ڏاڍ– جبر– زوراوري– سينہ زوري– ڏاڍائي. بدافعالو– خراب– شرير– بدمعاش– لچ– لچو.

• **هڙدي ج هڙديون:** ث. فريم جو هڪ قسم.

• **هڙسَجو ج هڙسَجا(ت):** "هَٽ سچو" جو بگڙيل لفظ– صحت– تندرستي– چڱيلائي– چاقائي– صحتيابي.

• **هڙڪ، هڙڪ:** ث. چرڪ– ٽاهہ– ڊيهاڙو.

"ويڙو جُودان نڪري سيوهر هڙڪ." (سهڻي – خانزني).

• **هڙڪارو ج هڙڪارا(ت):** ڪوس جهلڻ وقت ڪيلئي ڪي سڌ– ڪوهہ مان پاڻيءَ جو ڀوڪو ڪڍڻ وقت ڪيلئي ڪي ڪيل سڌ.

– **هڙڪجڻ:** مصدر. ڏڪڻ– ٿڙڪڻ– هڙڪڻ. چريو ٿيڻ– سست ٿيڻ– متوالو ٿيڻ– پاڳل ٿيڻ– ڇُڙڪڻ. چرڪجڻ– ٽاهہ ڪائڻ.

• **هڙڪڻ:** مصدر. ڏڪڻ– ٿڙڪڻ– ڏڪڻي ٿيڻ– لڏڻ– لرزش ۾ اچڻ– ٿرٿڻ– ڪنبڻ– ڏڪي وڃڻ– ڪٽڪڻ– چنگهڪار ڪرڻ– رنگڻ– لرزڻ– سيءَ ۾ هُہ هُہ هُہ ڪرڻ. بيمار جو آواز ڪرڻ– ڪَنجڪڻ– ڪنجهڪار ڪرڻ– چنگهڻ– ڊڄڻ– ڊپ ڪرڻ– خوف ۾ پرجي وڃڻ– ڊپ ڪري بدن ۾ سياٽو پوڻ. شوخ ٿيڻ– چيٽ پوڻ. چريو ٿيڻ– مست ٿيڻ– متوالو ٿيڻ– پاڳل ٿيڻ.(هُڙڪيو– هُڙڪندو– هُڙڪيل).

– **هڙڪ ج هڙڪون:** ث. صفت. ڏڪڻي– ڏهڻي– ٿڙڪڻي– ٿرٿڻي– لوڏ– لرزش– ڏوهو– ڪنبڻي– ڏڙڪي– ٿڙڪي.

– **هڙڪَٽ ج هڙڪَٽون:** ث. ڏڪڻي– رڦڻي.

• **هڙڪو ج هڙڪا:** ذ. صفت. چِٽو– ڪاوڙيل– خاري– جوش ۾ – جوشيلو.

• **هڙڪي ج هڙڪيون(ت):** ث. اُها ڪاٺي، جا دَرَ اندران بند ڪرڻ لاءِ دَرَ ۾ لڳائجي– ڪاٺ جي واڳي– تاڙي– ڪُنڊي.

• **هڙڳ(ت):** ذ صفت. داناءُ– ڏاهو– عقلمند– سياڻو– عاقل– هوشيار.

• **هڙڻ(ل):** مصدر. هڪلڻ– ٽڙڻ– لوڏڻ– هڪالڻ– ڌِڪڻ.

– **هوڙ:** ث. هڪل– هڪل هوڙ.

• **هڙهہ:** ذ. ڌَڪ– ڪاوڙ– ضرب.

• **هڙهہ ج هڙهہ:** ذ. مينهن جو پاڻي– پلر.

– **هڙهہ ٽڪي پوڻ(ت):** ڏاڍو مينهن وسڻ– سخت برسات پوڻ.

• **هڙهہ ج هڙهون(ت):** ث. ڀڙڪ– وائي.

– **هڙهہ نہ ڪرڻ(ت):** ڪجهہ بہ نہ چوڻ– اکر بہ نہ ڳالهائڻ– ڀڙڪ بہ نہ ڪڇڻ– وات مان وائي بہ نہ ڪڍڻ.

• **هڙهڙ (ت):** جهيڙو– فساد– مانڌاڻو– رڳڙو– جهڳڙو. بي فائدي ٻَڪ– لَباڙ– ٻَخي– بڪوات– لَڙلَڙ.

– **هڙهڙ ڪرڻ(ت):** اجائي ٻَخي هڻڻ– ٻَڪ ڪرڻ– لَباڙ هڻڻ.

• **هڙهڙ(ت):** ڏڳين موٽائڻ وقت ڳنوار جو ڪيل آواز.

• **هڙهو ج هڙها (ت):** ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم– ننڍڙي ٻيڙي– ٻتيلو– ڪشتي– ڊونڊي– ناؤ. دَرَ جي اندران اٽڪ لاءِ ڏنل ڪاٺي – تاڙي– تاڪي.

• **هڙهي ج هڙهيون:** ث. ٻير جي وڻن جو هٽراڏو رکيل ٽڪرو– ننڍو ٻيلو– وڻن جو جهمٽو– وڻن جو ويڙ– وٽڪار– هُڙي.

• **هڙي ج هڙيون:** ث. وڻن جو جهڳو– هُڙهي– ننڍڙي ٻيڙي– ڊونڊي. زمين مان ڪڍيل ڪکن، ڪانن ۽ ڏنگرن وغيره جو ڍِڳ. ڊوڙ.(ت).

– **هڙي ڪرڻ(ت):** جلدي ڪرڻ– ڊوڙ پائڻ– ڪڙي ڪرڻ.

• **هڙيو ج هڙيا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم– هڪ مشهور ڳائيندڙ ننڍڙو پکي– چنڊول. هڪ قسم جو ننڍڙو ٻتيلو– اُها ٻيڙي، جنهن تي فقط هڪ ماڻهو ويهي سگهي– ڪوُنٽيو– ڊونڊي– ناؤ.

• **هزايڪسيلنسي:** ذ. (انگ). هڪ قسم جو وڏو خطاب. عمدة الملڪ – حضور اقدس– حضوراعليٰ– مهاراج– جناب – مستطاب. نواب– ليفٽيننٽ – گورنر بهادر.

• **هزهائينيس ج هزهائينيس:** ذ. (انگ). هڪ قسم جو خطاب – حضور انور– تقدس ماب– حضور والا– جناب اقدس– نواب– راجا.

• **هزار ج هزار:** ذ. (سن. سهمين) ڳاڻيٽي جو هڪ انگ– ڳڻڻ جو انگ– ڏهہ سؤ– (١٠٠٠).

– **هزار بار:** ذ. صفت. ظرف. هزار دفا– گهڻا گهمرا– انيڪ دفعا– ڪئين ڀيرا– ڪيترائي گهمرا.

– **هزار پا:** ذ. صفت. (ف). هڪ سرندڙ جيت جو قسم– ڪَنَ سوپاري– سؤپيري.

– **هزار چشم:** ذ. (صفت. (ف). هڪ سرندڙ جيت جو قسم– ڪيڪڙو– سرطان.

– **هزار داڻي:** ث. اسم خاص. جبل جي هٽ جيڏي ٻوٽي، سائنين جيڏڙا ٻج. بخار کان استعمال ڪجن.

– **هزارين مٿهين(ت):** ذ صفت. تمام گهڻي انداز ۾– بي شمار– لاتعداد.

Gul Hayat Institute

– **هَزارُون:** ذ . ظرف. هزارن جي تعداد ۾– هزارين– بي شمار– هزارن مُنهن– لاتعداد– بسيار.

– **هَزاري:** صفت. هزار جي قيمت وارو– هزار جي ملهہ وارو– تمام قيمَتي. مغلن جي وقت جو هڪ فوجي اعزاز– فوج ۾ هڪ هزار سپاهين جي مٿان وارو عهديدار.(اسم خاص). شڪارپور ۾ هڪ دَرَ جو نالو.

– **هَزارين:** صفت. ظرف. هزارون– هزارن جي تعداد ۾ تمام گهڻا– بيشمار– انيڪ– لاتعداد– انداز کان ٻاهر.

– **هَزارين حيلا ڪرڻُ:** تمام گهڻيون ڪوششون ڪرڻ– متو مونو هڻڻ– هٿ پير هڻڻ– ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ– پنهنجي وسون نہ گهٽائڻ– سرتوڙ ڪوشش ڪرڻ.

• **هَزارَ داڻِي(ٿ):** هڪ قسم جي ول جيڪا ننڍن داڻن سان ڀريل هجي.

• **هَزارستانُ:** اسم خاص. افغانستان جو هڪ علائقو.

• **هَزارو ج هَزارا:** ذ . گل جو هڪ قسم– پست جي ٻوٽي جو گل– ريشم جي تمام گهڻين سنهين تندن منجهان وٽيل ٽلهو ڏاڳو.(جو حدبندي جي ڪم لاءِ تيار ڪيو وڃي.صفت. هزارستان جو.

• **هَزار واهُ:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين، تعلقي ڳڙهي خيرو ۽ تعلقي ڪنڌڪوٽ ۾ ديهن جا نالا.

• **هَزائِڻُ(ل):** مصدر. ڊيڄارڻ– ڊپ ڏيارڻ– خوف ۾ پرڻ– ڀؤ ڏيارڻ. (هزائيو– هزائيندو– هزائيل).

• **هَزِرَڻُ(ل):** جانچڻ– جونچڻ– ڳولهڻ– ڦولهڻ– نهارڻ– تلاش ڪرڻ– جستجو ڪرڻ.(هزريو– هزرندو– هزريل).

• **هَسُ ج هَسَ:** ذ . (گ. هاَسلي). زيور جو هڪ قسم– ٻهراڙي جي زالن جو ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڳهہ يا زيور– ڳچيءَ ۾ پائڻ جو چانديءَ جو وڏو ڪڙو– ڪڙولو– وارلو.

• **هَستُ ج هَستَ:** ذ . (سن.). هاٿي– فيل– پيل.

– **هَستَنِي ج هَستَنِيُون:** ٿ . هاٿڻ– هاٿڻي. زالن جي چئن قسمن مان هڪ قسم.(پدمڻي– چترڻي– سنکڻي– ۽ هستني).

– **هَستابوزي (ت):** صفت. زبردستي– ڏاڍائي– جبر– زوراوري.

– **هَستَ رَنگِي ج هَستَ رَنگِيُون(ت):** ٿ . صفت. بدچال عورت– بدمعاش عورت– تيرنهن تالي– چالاڪ.

– **هَستِي ج هَستِيُون:** ٿ . (ف. سن. هستن). هئڻ– هجڻ– وجود. بودو باش– موجودگي– حاضري– موجودات. جيوَت– حياتي– زندگي. طاقت– زور– ٻل– وتُ– سگهہ– پهلواني– قوت– دنيا– ڪائنات– علم– جهان– مخلوقات– جَڳ . جمال– تاب– دٻدٻو– شان– شوڪت– ٺاٺ– ٺٺ– تجمل– وڏائي– دولت– مايا– ناڻو– ملڪيت – ڌن. اُٺ تي وجهڻ جو ننڍو پلاڻ.

• **هُسجَڻُ(ت):** مصدر. ٽڪجڻ– خفتي ٿيڻ– چور ٿيڻ– بيزار ٿيڻ. هُڦجڻ.

– **هُسجِي پَوڻُ(ت):** ٽڪجي پوڻ– گهڻي تڪليف ڪرڻ– بيزار ٿيڻ.

• **هُسرو ج هُسرا(ل):** ذ . خوشي– سرهائي– راحت.

• **هَسَڙ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **هِسڪَڻُ:** مصدر. سهڪڻ–(ڪتي جو)– گهڻي ڊوڙ يا ڪم جي ڪري سهڪو ٿيڻ– ٽڪڙا ساهہ کڻڻ.

• **هَسڪِري ج هَسڪِريُون (ڪ):** ٿ . ڳهہ جو هڪ قسم.

• **هَسلِيَ ج هَسلِيُونَ:** ٿ . ٻارن يا زالن جي ڳچيءَ ۾ پائڻ جي ڪڙي – ڪڙولو– هَس– هَسي. (ت). گهوڙي جي ڳچيءَ ۾ سونهن لاءِ ڪڙن لڳل نرم چمڙي جي پٽي.

• **هَسَڻُ(ت):** مصدر. کلڻ– ٽهڪ ڏيڻ– خوش ٿيڻ– ٽهڪڙو ڪرڻ.

• **هَسو ج هَسا:** ذ . جسم تي پيدا ٿيل مٿي ايريل گوشت جو ڪارو ٽڪرو– بُت تي ٿيل بي حِس داغ– گدا ٻوٽي.

• **هَسوارُ ج هَسوارَ:** ذ . گهوڙي سُوار– گهوڙي تي چڙهيل– سُوار.

– **هَسواري ج هَسُوارِيُون:** ٿ . وَهٽ جي چڙهِي– سُواري.

• **هَسولاَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **هَسونبِڙو ج هَسُونبِڙا(ل):** اسم خاص. بيماريءَ جو هڪ قسم– بيماريءَ سبب بدن تي نڪتل داڻو– هنبسڙو.

• **هَسِي ج هَسِيُون:** ٿ . زالن جو ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ قسم جو زيور– هَسُ– هسلي.

• **هِش:** ٻليءَ کي هڪلڻ جو آواز– هُش.

• **هِش هِش:** ٻڪرين کي وراڻڻ يا هڪلڻ وغيره جو آواز– هُش هُش.

– **هِش هِش ڪَرَڻُ:** ٻلي کي هڪلڻ– هُش هُش ڪرڻ.

• **هُش ج هُشُون:** ٿ . اُٺ کي ويهارڻ جو آواز. ڪڪڙ يا ٻليءَ کي هڪلڻ جو آواز– ٽِيڪر– خوشامد.

• **هُشائِڻُ:** مصدر. اُٺ کي ويهارڻ– جهڪائڻ– هُش هُش ڪرڻ. زور سان قبضي ۾ آڻڻ– مطيع ڪرڻ.

• **هُش تي خوشُ ٿِيڻُ يا هُئَڻُ:** ٿوري شيءِ يا خوشامد تي راضي ٿيڻ– ٽِيڪر تي ٺَرڻ– خود ثنائيءَ تي خوش ٿيڻ– ڪوڙي ساراهہ تي سرهو ٿيڻ– ڪوڙي دلاسي تي خوش ٿيڻ.

• **هَشامُ ج هَشامَ:** ذ . صفت. انبوهہ– خَلِق– هُجوم– ميڙ– ڪَٺا– پيند– گوڙ– جهجهائي.

Gul Hayat Institute

• **هَشِڪو ج هَشِڪا(ڪ):** ذ . صفت. اجايو ڳالهاءُ– يخي– بَڪ بَڪ– لَباڙ– بڪوات– ٽرٽر.

• **هُشِڪارَڻُ:** مصدر. اُٺ کي ويهارڻ جو آواز ڪرڻ– هُشائڻ– اُٺ کي جهُڪائڻ– هشڪارڻ– اوڪامجڻ. مجبور ڪرڻ– لاچار ڪرڻ– بي وس ڪرڻ. هُشي ڏيڻ– وڙهڻ لاءِ آماده ڪرڻ– پڙڪائڻ– اُيارڻ. (هشڪاريو– هشڪاريندو– هشڪاريل).

– **هُشِڪارَ ج هُشِڪارُون:** ث . اُٺ کي ويهارڻ جو آواز– هُش. بَڄَ – پڙڪو– آُيار– هُشي.

– **هُشڪارَ ڪَرَڻُ:** اُٺ کي ويهارڻ لاءِ آواز ڪرڻ– تازي ڪُتي کي ڪنڌ مان پٽو ڪڍي، شڪار لاءِ پٺيان ڀڄڻ. ڪاهه ڪرڻ جو حڪم ڏيڻ– اُيارڻ– پڙڪائڻ– جهيڙي لاءِ آماده ڪرڻ.

– **هُشَڻُ:** مصدر. اُٺ جو ويهڻ– جهڪڻ– گوڏا کوڙڻ.(هُشيو– هُشندو– هُشيل).

• **هُشناڪَ ج هُشناڪَ:** ذ. صفت. خبردار– ڦُڙت– چالاڪ– هوشيار– جلد– سگهو– سُرت– سجاڳ.

– **هُشناڪِي ج هُشناڪِيُون:** ث . صفت. خبرداري– سنڀال– ڦڙتائي– چالاڪي– جلدائي– ڦڙتي– جهاجهرائي. چڱيءَ طرح سان ڪائڻ ۽ هنڊائڻ واري حالت.

• **هَشَنگَ ج هَشَنگُون (ڪ):** ڪاروبار– سامان– سانداري– ڪُلي– پخال – مشق. (اسم خاص). هڪ قسم جو گاهه. جنهن کي اُٺ نه کائي.

– **هَشَنگَ هَٿَ ۾ ڏِيَڻُ(ڪ):** سڄو ڪارخانو يا سڄو ڪاروبار ڏيڻ وٺڻ– گهر جو سارو ڪاروبار هٿ ۾ ڏيڻ.

• **هِشوَرڪ (ڪ):** جبل ۾ ٿيندڙ هڪ قسم جي ٻوٽيءَ جي نهايت ڪڙي پاڙ. جا دوا طور ڪم اچي.

• **هُشِي ج هُشِيُون:** ث. صفت. ڇُرڇ– چورت– ٻَڄَ– پڙڪي– پُٺ ڀرائي – ٽيڪو– ٽيڪر. مدد– واهر– همراهي.

– **هُشِي اَچَڻُ:** ٽيڪو اچڻ– مدد اچڻ– پٺ ڀرائي ٿيڻ– ڇُرڇ ٿيڻ.

– **هُشِيءَ تي لَڳَڻُ:** ٻئي جي چور تي هلڻ– ٻئي جي چوڻ تي هلڻ– ٻئي جي ڇُرڇ تي لڳڻ– ڪنهن جي پڙڪيءَ تي لڳڻ. برغلائجي وڃڻ.

– **هُشِي ڏِيَڻُ:** ڇُرڇ ڏيڻ– لاڳ ڏيڻ– چورت ڪرڻ. پڙڪائڻ– چورڻ– اُيارڻ– اُڪسائڻ– مَن وڌائڻ– ٽيڪو ڏيڻ– لاڳو ڏيڻ– ٻَڄ ڪرڻ– برغلائڻ– پٺڀرائي ڪرڻ.

• **هُشِيارُ ج هُشِيارَ:** ذ. صفت. هوشيار. سياڻو– ڏاهو– سمجهُو – هوشمند– داناءُ– سمجهدار– سڄاڻ– خبردار– آگاهه– بيدار– سجاڳ– چوڪس– هوش وارو– سُرت وارو. لائق– قابل.

– **هُشِيارُ ٿِيَڻُ:** خبردار ٿيڻ– آگاهه ٿيڻ– جاڳڻ– بيدار ٿيڻ– هوش سنڀالڻ. سياڻو ٿيڻ.

– **هُشِيارُ ڪَرَڻُ:** خبردار ڪرڻ– جاڳائڻ– بيدار ڪرڻ– سجاڳ ڪرڻ– آگاهه ڪرڻ– چِتائڻ– سڄاڻ ڪرڻ. هدايت ڪرڻ– تنبيهه ڪرڻ. ڏاهو ڪرڻ– سياڻو ڪرڻ– لائق ڪرڻ. قابل ڪرڻ.

– **هُشِيارِي ج هُشِيارِيُون:** ث . صفت. (ف). سياڻپ– ڏاهپ– عقلمندي– قابليت– دانائي– چالاڪي. سرت– سرتائي– خبرداري – بيداري– سجاڳي.

• **هَضَمُ:** ذ. صفت. پيٽ ۾ کاڌي جي ڳري وڃڻ واري حالت– هاضمو– تحليل– ڳارو.

– **هَضَمُ ٿِيَڻُ:** پيٽ ۾ کاڌي جو ڳرڻ– هاضمو ٿيڻ– پچڻ– تحليل ٿيڻ. (پرائو مال) ڦٻي وڃڻ– قبضي ۾ اچڻ– هٿ ۾ اچڻ.

– **هَضمُ ڪَرَڻُ:** پيٽ ۾ کاڌو ڳارڻ– کاڌو پچائڻ– پيٽ ۾ تحليل ڪرڻ– معدي ۾ پچائڻ– ڀَسم ڪرڻ– غبن ڪرڻ– پرايو مال هضم ڪرڻ– ڦٻائڻ.

– **هَضِمِي:** ذ. صفت. هاضمي وارو– هاضمو وڌائيندڙ.

• **هُفُ ج هُفَ (ت):** ذ. صفت. ناسُ– چَٽ– گُم– تباهه– برباد– ختم – اُجاڙ– ڏُفُ.

– **هُفُ ڪَري ڇڏَڻُ:** ناس ڪري ڇڏڻ– کپائي ڇڏڻ– ڏُف ڪري ڇڏڻ– ختم ڪري ڇڏڻ– تباهه ڪري ڇڏڻ.

• **هَفتُ:** ذ. صفت. (ف). ڳاڻيٽي ۾ سَت.(٧).

– **هَفتَ آقلِيم:** ذ. صفت. سَتَ کنڊ– ڪُلُ– روءِ زمين– سڄو جهان. سَت ڪمربند– پَٽا.

– **هَفت رَنگِي ج هَفتَ رَنگِيُون:** ث. صفت. چالباز عورت. ڪِجري– رنگيلي.

• **هَفتو ج هَفتا:** ذ. صفت. سَتَ ڏينهن. مهيني جو چوٿون حصو. ست واڙو.

– **هَفتيوارُ ج هَفتيوارَ:** ذ . صفت. ظرف. هفتي هفتي– هفتان هفتي– هر هفتي.

• **هَفِيزَ ج هَفِيزون:** ث . (انگ. آفيس). آفيس جو بگڙيل لفظ– آفيس– دفتر.

– **هَفِيسَ:** ذ . (انگ.آفيس). آفيس جو بگڙيل لفظ.

• **هُنوائِي ج هُنوايُون:** ث. افواهي . بي بنياد خبر– ٻُڏل خبر–

Gul Hayat Institute

– **هڪ چوُراسُ:** جنديءَ تي گل جو هڪ قسم.

– **هڪِ دِلِ:** صفت. يڪ دليو– هڪ چيتو– يڪمنو. پوري خيال سان– سموري ڌيان سان– خبرداريءَ سان – هوشياريءَ سان.

– **هڪدم:** ظرف. هينئر– هينئر جو هينئر– يڪدم– جهٽ پٽ– جلدي– ترت– سگهو.

– **هڪ ڌَڙو**– ظرف. لاڳيتو– مسلسل– لڳاتار.

– **هڪ رَتُ:** صفت. ساڳيو رت– ساڳيو خون. عزيز– مائٽ– مٽ– مٽيءَ وارو– مائٽيءَ وارو– رشتيدار– قريب.

– **هڪ رقمي:** حسابن جو هڪ قسم.

– **هڪ زباني:** ث. صفت. هڪ لفظ– هڪ ڳالهه– هڪ بات– هڪ قول– هڪ وچن– انجام – ٻول– سخن.

– **هڪ سار:** صفت. ظرف. يڪ ساهي– لاڳيتو– لڳاتار– هڪبئي پويان– مسلسل– هڪ ڌَڙو.

– **هڪ سُخنو:** صفت. هڪ ڳالهه وارو– يڪ سخنو– هڪ ڳالهيو– هڪ زبان– هڪ قول وارو– انجام جو سچو.

– **هڪ سري:** ظرف. هڪ قسم جو– هڪ نموني جو– هڪڙي ئي طرز جو. (صفت). هڪڙي سر وارو.

– **هڪ ڦِڙهو ج هڪ ڦِڙها(ڪ):** اڀرو– ڏٻرو– ڪمزور– نٻل– بي طاقت– ضعيف– ناتوان– نستو– بي پهچ– هيڻو– لاغر.

– **هڪ ڪاريو ج هڪ ڪاريا:** هڪڙو ڪم ڪندڙ– هڪڙو واپار ڪندڙ– هڪڙي ڪرت وارو.

– **هڪ ڪرڻ:** برابر ڪرڻ– مٽ ڪرڻ– مساوي ڪرڻ– جوڙ ڪرڻ– جيس ڪرڻ– شريڪ ڪرڻ– ثاني ڪرڻ.

– **هڪ ڪرو ج هڪ ڪرا:** ذ . صفت. هميشه. هڪ جهڙو– سدائين هڪ جهڙو.

– **هڪ ڪلهي تان لهي ٻئي تي چڙهڻ:** ڏيتي ليتي ۾ پورو رهڻ– ڏيڻ وٺڻ ۾ پورو رهڻ.

– **هڪ ڪن کان اچڻ ٻئي ڪن کان وڃڻ:** ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏڻ– بي پرواهي ڏيکارڻ– ڪا به پرواهه نه ڪرڻ– لاغرضائي ڏيکارڻ– ڪاڻ نه ڪڍڻ.

– **هڪ ڪنو ٿيڻ:** هڪ پاسو ٿيڻ– هڪ طرف ڌيان ڏيڻ– خيال سان ٻڌو– دل لائي ٻڌڻ– دل سان هنداڻ.

– **هڪ ڪڙيءَ تي نچڻ(ت):** ڏاڍو ڪاوڙجڻ– سخت ناراض ٿيڻ– جوش ۾ اچڻ– ڪروڌ ۾ اچڻ.

– **هڪ ڳالهه ڪرڻ:** هڪڙي ڳالهه ڪرڻ– سخن ڪرڻ– هڪڙو قول ڪرڻ– ڳالهه جي صفائي ڪرڻ.

– **هڪ ڳالهيو:** صفت. هڪ سخنو– هڪ ڳالهه ڪندڙ– انجام جو پورو وعده وفا.

– **هڪ لَسُ:** ظرف. هڪ لوهه– هڪ جهڙو– سڏو– بنا ترسڻ جي – بنا هٽڪ جي– بنا رنڊڪ جي.

– **هڪ مَتو:** صفت. ظرف. هڪ دليو– يڪ متو– هڪ خيال وارو – هڪ چتيو.

– **هڪ مَتيو:** صفت. پوري خيال وارو– ڌيان وارو– يڪ منو.

– **هڪ مَتو ڪرڻ:** هڪ منهن ڪرڻ– هڪڙي پاسي ڪرڻ– گوشائتو ڪرڻ– پاسيرو ڪرڻ.

– **هڪ مُٺ:** ذ. صفت. هڪ مُٺ جيترو– يڪ مشت– گڏ ٻڌي ۾ – ايڪي ۾ – اتحادي– مليل.

– **هڪ مهلو:** ظرف. هڪڙي ٽائيم تي– هڪ ٽاڻي– هڪ وقتو.

– **هڪ واهه(ت):** هڪ پاسو– هڪ طرف– هڪ واٽ– هڪ رستو.

– **هڪ وَهه(ت):** هڪجهڙو– هڪ جيڏو– هڪ نموني– جوڙ– جيس– برابر– هم شڪل– مشابهه.

– **هڪ هَٽي:** ث . هڪڙي ئي هٽ ڪيل وکرو– حق فروخت– حق بها– هڪڙو اگهه.

• **هَڪ:** ث. حسد– ساڙ– بدنظر– ساڙو– بغض– ڪينو– جلن– پچر– خار.

• **هَڪار:** ث . گهگهي آواز واري جانور جي رڙ– گهگهو آواز– گهرو آواز.

• **هَڪالڻ:** مصدر (سن. هنڪار). هڪلڻ– لوڏڻ– ڌڪائڻ– ڪيي ڇڏڻ– ڪڍڻ– ڌڪا ڏيئي ڪڍڻ– ڌيڪائڻ– تاٻي ڪٽائڻ. نفرت ڪرڻ– ڌڪارڻ(هڪاليو– هڪاليندو– هڪاليل).

• **هَڪارٽي ج هَڪارٽيون:** جابلو ماڻهن جي پاڻ سان کڻڻ جي پکال– سانداري– ڪلي.

• **هَڪاهو (ت):** عالم آشڪار– پڌرو– عام طرح– مشهور– ظاهر– واشگاف.

• **هَڪَرُ ج هَڪَرَ(ت):** ذ . حجت– دليل– برهان– ردقد– دليل بازي– سوال جواب.

• **هَڪَرُو ج هَڪَرَا:** صفت. (ع. هاڪرَه). ڳالهائڻ ۾ هٽڪندڙ– هبڪي ڳالهائڻ ۾ اٽڪاءُ ڪندڙ– ٻاتو– ٻٽٻٽيو– زبان وچڙائيندڙ– ڳالهائڻ ۾ هبڪندڙ. گهٻي آواز وارو ڇڙو.

– **هَڪَڙاڻ:** ث. صفت. هَڪڙائي– هبڪائي– هبڪ–

Gul Hayat Institute

• **هُڱامو ج هُڱاما:** ذ. (ف. هنگامہ)گوڙ– گهمسان– ڌمچر– شور– هُل– غوغاءُ– هَنبس– هاگامو– هاگام– هنگامو.

• **هُڱاءُ ج هُڱاءَ:** ذ. سُڳنڌ– سرهاڻ– خوشبوءِ– آواز– پڙلاءُ.

• **هڳَ ڏڳو ج هڳَ ڏڳا(ت):** ذ گوڙ– فساد– جهيڙو– رڳڙو– ٻائيتال.

• **هِڳُ ج هِڳَ:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پساريڪو وکر– هڪ وڻ جو ڪؤنر.

• **هنگُ هيرا:** ذ. هڱ جو هڪ قسم.

• **هِگرو ج هِگرا:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پساريڪو وکر.

• **هِگورجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گمبٽ(خيرپور ميرس) ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **هگورو:** ذ. صفت. رنگ. جو قسم هگوري رنگ جو. ث. هگوري. هگوريون رليون.

• **هَلَ:** ث. ڪتي کي هڪلڻ جو آواز– هَر جو هڪ پاڳو يا اوزار– هَرهہ. ڪاهہ– جُلهہ– رومڙ. روڪ– منع– پَلَ– جهَلَ– اٽڪ. (ت).

– **هَلَ ڪَرَڻُ(ت):** روڪڻ– جهلڻ– منع ڪرڻ– اٽڪ ڪرڻ. ترَڪرڻ.

• **هَل (ل):** ندا ڪنهن عجيب ڳالهہ تي وات مان نڪتل آواز– هَڻ. ”هَل! بلا ڪيڏي نہ ڏکي آهي“. هلڻ مصدر جو امر.

• **هِلَ ج هِلُون(ل):** ث. پوسل– گهِمر– آلاڻ. سيرو– ريڙهو. جند– جان. پکيءَ جو هڪ قسم. سِرڻ.

• **هُلُ ج هُلَ:** ذ. شور– لُڙ– گوڙ– ڌمچر– ٻائيتال– غوغاءُ– گهمسان– دانهن– رڙ– ڪوڪ– واڪو. ظاهر ٿيڻ واري حالت– شهرت– پڌرائي– مشهوري– نيڪ نامي. فرياد– رپورٽ.

• **هُلاچو ج هُلاچا:** ذ. هُل– گوڙ– شور– غوغاءُ– آواز.
”دهشت دم درياهہ ۾ جِت هيبت هُلاچو.“

– **هُلِچارو ج هُلِچارا(ت):** ذ. هُل– هنگامو– شور– گوڙ– ڌمچر.

– **هُلِچو ج هُلِچا(ت):** ذ. گوڙ– لُڙ– ڌچو– ڌمچر– هُلچارو.

– **هُلُ حَشَرُ:** ذ. هَنبس– گوڙ– لُڙ– ڌمچر– مانڌاڻ– ٻائيتال.

– **هُلُ ڪَرَڻُ:** گوڙ ڪرڻ– لڙ ڪرڻ– غوغاءُ ڪرڻ– ڌمچر ڪرڻ– ٻائيتال مچائڻ.

– **هُلُ هُلاچو:** ذ. گوڙ گهمسان– ڌمچر ڌچو.

– **هَلا:** نَدا. ترڻ لاءِ هڪل. جهلڻ لاءِ منع واري هڪل.

• **هُلاسُ ج هُلاسَ:** ذ. خوشي– فرحت– مزو– لُطف.

• **هَلاڪُ ج هَلاڪَ:** ذ صفت. (ع. هَلَڪَ= هو هلاڪ ٿيو– ف. هَلاڪ= مُئل). قتل ڪيل– مُئل– خون ڪيل– ڪُٺل. تڪليف ۾– تنگ –ڪڪ– ٽڪل– آزاريل– بيزار– خفي– پريشان– دِق– بِر.

– **هَلاڪَتَ ج هَلاڪَتُون:** ث. خفو– هلاڪي– هَلاڪي– دِقت– چڙ– بيزاري– ورچ.

– **هلاڪُ ڪَرَڻُ:** مارڻ– قتل ڪرڻ– پائمال ڪرڻ– ڪڪ– تنگ ڪرڻ– تڪليف ڏيڻ– هلاڪ ڪرڻ– دِق ڪرڻ– بيزار ڪرڻ– پريشان ڪرڻ.

• **هَلاڪي ج هَلاڪِيُون:** ث. هلاڪت– خفو– دقت– چڙ.

• **هَلاڪُ ج هَلاڪَ:** ذ. صفت. هلاڪ تنگ– ڪڪ– ٽڪل– آزاريل– بيزار– بِرَ– خفي– دق– هلاڪ.

– **هَلاڪُ ٿيڻُ:** ڪڪ ٿيڻ– بيزار ٿيڻ– هلاڪ ٿيڻ– خفي ٿيڻ – بِر ٿيڻ.

– **هلاڪُ ڪَرَڻُ:** ڪڪ ڪرڻ– بيزار ڪرڻ– آزارڻ– دِق ڪرڻ– خفي ڪرڻ– تڪليف ڏيڻ– هلاڪ ڪَرڻ. ٽڪائڻ.

– **هَلاڪِي ج هَلاڪِيُون:** ث. هلاڪي– تڪليف– هلاڪت– خفو– دقت– بيزاري.

• **هلال:** ذ. (ع. هلال= پهرين تاريخ جو چنڊ). نئون چنڊ– پهرين تاريخ جو چنڊ.

– **هلالِي:** پهرين تاريخ جي چنڊ جهڙو.

• **هَلان ج هَلانُون:** ث. اوچتو حملو– ڪاهہ– جُلهہ– چڙهائي– رومڙ– ڌوڪ ڌوڪان.

– **هَلان ڪَرَڻُ:** ڪاهہ ڪرڻ– حملو ڪرڻ– چڙهائي ڪرڻ.

• **هَلاٽو ج هَلاٽا:** ذ. وصال جو وقت– هل هلان– مرڻ جي مهل– چالاٽو– لاڏاٽو– سڪرات.

• **هَلاوَتَ ج هلاوَتُون:** ث. تڪليف– دقت– هلاڪت– خفو– بيزاري لاچاري– ورچ.

• **هَلاهَل:** ذ. صفت. ڪاري(ڏَڪ)– زهر(قاتل).

• **هَلاءُ ج هَلاءَ(ت):** ذ. رواج– ريت– رسم.

• **هَلاءُ ج هَلاءَ:** ذ. وڪرو– فروخت– واپار– سؤدو.

• **هَلائِڻُ:** مصدر. (سن. هُوَل). ڪاهڻ– هڪلڻ– چورڻ– چلائڻ– ٽورڻ– حرڪت ۾ آڻڻ– تحريڪ ڏيڻ. شروع ڪرڻ نبيرڻ– بندوبست ڪرڻ. واپار ڪرڻ. حڪومت هلائڻ.(هلائِيو– هلائيندو– هلائِيل).

– **هَلايو هَلَڻُ:** گروءَ جي چوڻ موجب هلڻ– مرشد جي حڪم موجب هلڻ.

• **هُلائِڻُ:** مصدر. ظاهر ڪرڻ– پڌرو ڪرڻ– مشهور ڪرڻ– عالم آشڪار ڪرڻ– ٻڌائڻ.(هُلائِيو– هُلائِيندو– هُلائِيل).

• **هَلَتِ ج هَلَتُون:** ث. (سن. هُوَل) چلت– رواج– ريت– رسم– رويو– برتاءُ– روش– اٿي ويٺي– نمونو– ورتاءُ– چال.

Gul Hayat Institute

– **هَلِٽِي ج هَلِٽِيُون:** ث . هلڻ جو ڍَانءُ– هلڻ جو ڍنگ– هلڻ جو نمونو– هلڻ جو طريقو. لوڏ . پنڌ ڪندڙ ننڍي ٻار جي لاءِ ٽن ڦيٿن واري هٿ سان جهلي هلائڻ واري گاڏي.

• **هِلَڻُ(ت):** مصدر. لڏڻ– لِچڪڻ– ڏُڏڻ– ٽلڪڻ– هِچڪڻ. آلو ٿيڻ– پُسڻ. سست ٿيڻ– آرسي ٿيڻ. (هِليو– هِلندو– هِليل).

• **هُلَڻُ:** مصدر. مشهور ٿيڻ– ظاهر ٿيڻ– پڌرو ٿيڻ– عالم آشڪار ٿيڻ– واشگاف ٿيڻ– پڌري پَٽ ٿيڻ– ڪليو ڪلايو ٿيڻ– پکڙجي وڃڻ.(هُليو– هُلندو– هُليل).

• **هَلو ج هَلا:** ذ . ڪاهہ– رومڙ– جُلهہ– حملو.

• **هَلوتائِي(ت):** ڪم جي گهٽائي. تڪليف– دقت– هلاڪي– مصيبت.

• **هَلو مَلَهو:** ڪنهن کي همٿائڻ جي لاءِ استعمال ڪيل لفظ. همراهي جا لفظ. واهہ واهہ! همت!.

– **هلِي مَلهي:** هَلو مَلهو.

– **هَلي ملهي ڪَرَڻُ:** شروع ڪرڻ– وقت نباهڻ– وقت گذارڻ– مدد ڪرڻ– همراهي ڪرڻ– هَلو مَلهو ڪرڻ . همت ڏيارڻ.

• **هُلو ج هُلا:** ذ . سخت گرميءَ جي وقت ڪنهن بہ جاندار جو ڪنيل تکڙو ساهہ– سَهِڪِي– هُڦ– هڙڪي– هانيارو.

– **هُلو لَڳَڻُ:** سخت گرميءَ سبب گهٽي اُچ لڳڻ– هانيارو لڳڻ.

– **هُلو هَٽائِڻُ:** سهڪائڻ– هُڦي هٽائڻ– هُڦائڻ– هُڙڪائڻ– ٺڙڦائڻ– هانيارو لڳائڻ.

• **هُلوانُ ج هُلوانَ:** ذ . ڳاڙهي رنگ جي ڪپڙي جو هڪ قسم– ننڍو ڇيلو– ننڍي ڇيلي جو گوشت– تمام ڪچڙو ٻهرو.

• **هُلوائِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **هَلو هَڙَ:** اسم خاص. مڇيءَ جو هڪ قسم– ڳاڙهي رنگ تي ڏنگ هٽندڙ مڇي.

• **هَلِويُون:** ث . ( ع. حليه) اُٺن جي سينگار جا ڳَهہ يا ساز. "ٽَليُون ٽوُٺر هَلِويُون مَـنِ سر موچارا" (شاهہ).

• **هَلهَل :** ث . جُنبش– چُر– چوري– چرپر– تحرڪ– لرزش– ڏوڏو– لوڏو. هَل هَلان.

• **هُلِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **هُلِيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو– حُليا. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **هَلِي چَلِي:** ث . رواج– رسم– دستور– ريت– مرحات– چال –چالو– ڍنگ– سرشتو– هالو چالو.

• **هَليلو ج هَليلا:** ذ . ميوي جو هڪ قسم– تازي ڪجي– ڏونڪو– ڪارڪ– ڪجي– ڇوهارو.

• **هليلِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **هَلَيهِ ج هَلَيهون (ل):** ث . هَرَ جي هڪ حصي جو نالو– اُها ڪاٺي جنهن ۾ هر ڳنڍيل هجي– هَريهہَ– هَرَهِي– هَرنهن.

• **هَمر:** ذ (ف. هَمر= ساڳيو) ساڳيو– ساڳيءَ طرح– مُشابهہ– مشابهت رکندڙ– برابر– گَڏُ– هڪ جهڙو– جهڙس– اُن جهڙو– هُوبهو– نِس پِس.

– **هَمر اندازُ:** ذ . صفت. ماپ لائق– ساڳي ماپ وارو– ساڳئي وزن وارو.

– **هَمرِ آوازُ:** ذ . ساڳيو آواز– ساڳيو ڍنگ.

– **هَمر بازُ ج هَمر بازَ:** ذ . صفت. شريڪ– سنگتي– صحبتي– يارُ– مددگار– دوست– همراهہ– ساٿي– رفيق.

– **هَمر بِستَرُ:** ذ . صفت. گڏ سمهڻ وارو.

– **هَمر بِستَرُ ٿِيَڻُ:** زال سان سمهڻ– عورت سان گڏجڻ– ميلاپ ڪرڻ.

– **هَمر بِسترِي:** عورت سان گڏ سمهڻ واري حالت– جماع– ميلاپ.

– **هَمر پُشتُ ج هَمر پُشتَ:** ذ . صفت. ساڳيو نسب– ساڳيو نسل– ساڳيو ڪٽنب.

– **هَمر پهلُو:** ذ. صفت. مددگار– واهرو– سهائڪ– ساٿي– همراهہ– رفيق.

– **هَمر پيالہ :** ذ . صفت. گڏپيئندڙ– پيالي پائي. يار– دوست– سنگتي– رفيق.

– **هَمر جِنسَ:** ذ . صفت. ساڳي جنس وارو– ساڳي جنس جو– هڪ ئي جنس جهڙا– مشابهت رکندڙ– برابر– ساڳيا.

– **هَمر جِنسَ پرماڻَ :** (آلجبرا اصطلاح) ساڳي صورت وارا پرماڻ (توڙي ڪہ جدا جدا مقادير ۾ ڪم آيل هجي).

– **هَمر جَنگُ:** ذ. صفت. سپاهي– سولجر– فوجي– ساٿي سپاهي– هڪ ئي ٻيڙي وارا.

– **هَمر جُوارُ ج هَمر جُوارَ:** ذ . صفت. پاڙيسري– پاڙي وارو– محلي وارو– پاڙي ۾ رهندڙ.

– **هَمر چورَسُ ج هَمر چورَسَ:** ذ . صفت. چئني هڪ جهڙن پاسن وارو– چوپاسو.

– **هَمر حالُ:** ذ . صفت. ساڳئي حال وارو– دوست– حال پائي– ساٿي– يار– سنگتي– رازدار– غمخوار.

– **هَمر خِدمَتُ:** ذ . صفت. هڪ جهڙي عزت– هڪ جهڙو ورتاءُ– هڪ جهڙي آبرو– ساڳيو مانُ.

– **هَمر خُوءِ:** ذ . صفت. ساڳئي سياءُ وارو– ساڳيءَ طبيعت وارو– هم طبيعت. ڏرمي سرشتو– لاڙو– رغبت– انتظام– ترتيب.

— **هَمر داستانُ:** ذ . صفت. هم راز— رازدار— ڀيدي— حال محرم— حال ڀائي— ڪَنَ وزير— ڳجهہ ڀائي— غمخوار.

— **هَمدَردُ ج هَمدَردَ:** ذ . صفت. ساڳئي درد وارو— درد ۾ ڀائيوار — ڏک درد جو ساٿي— ڏک ڀائي— مصيبت ڀائي— تڪليف ڀائي— حال ڀائي— همدم— شريڪ درد— غمخوار— دردوند. يار — سنگتي— دوست — ساٿي— رفيق.

— **هَمدَردِي ج هَمدَرديُون:** ث. صفت. غمخواري—دردوندي—درد شريڪي.

— **هَمدِلُ ج هَمدِلَ:** ذ . صفت. ساڳي دل رکندڙ— دوست— دلبر— جاني— دل وارو— منٺار— پيارو— سڄڻ.

— **هَمدَمُ:** ذ . صفت. (ف)هردم جو ساٿي— هر وقت گڏ رهندڙ— رفيق— دوست— گـهرو— گهاٽو— ميلاپي.

— **هَمذاتُ:** ذ . صفت. ساڳيءَ ذات وارو— ساڳئي ڪٽنب جو— ساڳئي قبيلي جو— ذات ڀائي— ساڳئي نسب يا نسل جو— همقوم— پنهنجي ذات جو.

— **هَمديهي:** .صفت.وطني—ملڪي— شهري— ڏيهي— ديسي—هموطني.

— **هَمرازُ ج هَمرازَ:** ذ . صفت. راز وارو—حال ڀائي— حال محرم— هم خيال— ڀيدي— محرم اِسرار— ڳجهہ جو ڄاڻو— دل جو واقفڪار — رازدان— گهرو دوست— راز جو واقف— دلي دوست— شامل راءِ.

— **هَمراهُ ج هَمراهَ:** ذ .صفت. همسفر— گڏ مسافري ڪندڙ— حياتي تائين شامل رهندڙ— ڏک سک ڀائي— دوست— مددگار— حامي— واهرو— ساٿي— سنگتي.

— **هَمراهِي ج هَمراهِيُون:** ث . مددگاري— دوستي— سنگت— سات— حمايت — مدد— واهر— پنيرائي.

— **هَمرَنگُ ج هَمرنگَ:** ذ صفت ساڳئي رنگ وارو— ساڳئي قسم وارو—ساڳئي نموني وارو—ساڳئي خيال وارو—هم خيال. هم جماعت.

— **هَمزاتِ:** ث . ( ع)شيطاني وسوسو— غيبات—جنن جي اثر جو وهم.

— **هَمزِبان:** ذ . صفت. ساڳي ٻولي ڪندڙ. ساڳي ڳالهہ ڪندڙ— ٽيڪائو— تائيد ڪندڙ.

— **هَمر سازُ ج هَمر سازَ:** ذ . صفت. يڪراءِ —هڪ صلاحو— هڪ متيو— متفق راءِ — بلااختلاف— شامل راءِ — هم صلاح— يڪ زبان.

— **هَمر سالُ:** ذ . صفت. هڪ جيڏو—سانيي— هم عمر—سنوسن— سرتو.

— **هَمر سايہ:** ذ. صفت. هڪ محلي ۾ رهندڙ— پاڙي وارو— پرسان رهندڙ— پڙوسي.

— **هَمر سايَگِي:** ذ . هڪ ئي محلي ۾ رهڻ واري حالت— پڙوسي.

— **هَمر سَرُ ج هَمر سَرَ:** ذ . صفت. هڪ جيڏو— هم عمر— سرتو— جوڙ— جيس— مٽ — ڀيچي.

— **هَمسَري :** ث. هڪجهڙائي— برابري— سرتائي— هڪ جيڏائيَ — هم عمري.

— **هَمر سَفَرُ ج هَمر سفَرَ:** ذ . صفت. گڏ مسافري ڪندڙ— همراهہ.

— **هَمر شِيرُ ج هَمر شِيرَ:** ذ . صفت. هڪ ئي ماءُ جو کير پيتل— ساڳيو کير پيتل— ٿڃ شريڪ ڀاءُ.

— **هَمر شِيرہ:** ث. صفت. ساڳيو کير پيتل— هڪ ماءُ جو اولاد— ڀيڻ.

— **هَمعَصَرُ:** ذ . صفت. ساڳئي وقت وارو— ساڳئي وقت جو— هم وقت— ساڳئي زماني جو— همعهد.

— **هَمعَهدُ ج هَمعَهدَ:** ذ . صفت. همعصر— ساڳئي وقت جو— هڪ ئي زماني جو— هڪڙي ئي سمي جو. هم وقت.

— **هَمقَدَمُ ج هَمقَدَمَ:** ذ. صفت. شامل— لاڳو— شريڪ— سات— سنگ— هم رڪاب.

— **هَمر مَذهبُ ج هَمر مَذهبَ:** ذ . صفت. ساڳئي مذهب وارو— ساڳئي طريقي وارو— ساڳئي فرقي وارو— ساڳئي عقيدي وارو — ساڳين خيالن وارو.

— **هَمر مَرڪَزِي سِلسِلو:** متقارب سلسلو— ڳنڍيل سلسلو.

— **هَمنامر ج هَمنامَ:** ذ. صفت. ساڳئي نالي وارو— هڪ جهڙي نالي وارو.

— **هَمنَوا:** ذ . صفت. هم آواز— ساڳئي آواز وارو.

— **هَمر نَوالہ:** گڏجي کائيندڙ— ساڳئي دستخوان تي کائيندڙ— همنوا.

— **هَموارُ ج هَموارَ:** صفت. برابر— يڪسان— سنئون سڌو— لَسو— هڪ جهڙو— پٽريل.

— **هَموارُ ڪَرَڻُ:** برابر ڪرڻ— هڪ جهڙو ڪرڻ— سنڌرڻ— سنئون سڌو ڪرڻ— لَسو ڪرڻ— سَنداراهُ ڪرڻ.(ل). پاڻ تي اوڍڻ— ذميوار ٿيڻ.

— **هَموارَہُ:** ذ . هميشه— سدائين— هر روز— ڏهاڙي— روزانو— روز بروز.

— **هَمرُ وزَنُ:** ذ . صفت. برابر وزن وارو— ساڳئي وزن وارو— ساڳئي تور وارو.

— **هَمرُ وطَنُ:** ذ . صفت. ساڳئي ملڪ وارو— ملڪي— وطني—ڳوٺائي.

— **هَمرُ:** (ف). اوسيڙو— انتظار— ڳڻتي— فڪر. وهم— گمان— شڪ. اُٺ کي هڪلڻ جو آواز.(ل). (هہ)اسين.

— **هَمرُ پُسَ:** ث . ڪوڏين جي راند جو هڪ قسم.

— **هَمرُ نہ تمرَ ڪرَڻُ:** (نہ اسين نہ اوهان ڪرڻ). پُڇا ڳاڇا نہ ڪرڻ— بي ڏڙک ڪرڻ— بنا ڪنڪي ڪرڻ— بنا هبڪ جي

Gul Hayat Institute

ڪرڻ. اُمالڪ ڪرڻ– يڪدم ڪرڻ– جهٽ پٽ ڪرڻ.

• **هَمَ:** (ع). غم– ڏک– رنج– درد– ڏک– ارمان. اوسيڙو– ڳڻتي– فڪر– انديشو.

– **هَمَ هوري:** غم– فڪر– ڏک.

• **هِمَ:** ث. (سن). برف. يَخ.

• **هِمَ(ل):** ث . همت– بهادري– دليري– سورهيائي. وڄُ– ڪِنوڻ– بجلي – برق.

• **هُمَ:** اسم خاص. منگر مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **هُما، هُماءُ:** اسم خاص. هڪ خيالي پکيءَ جو نالو– هڏيون کائيندڙ پکي (روايت موجب هڪ سياڳو پکي، جنهن تي به سندس پاڇو پوي سو بادشاهه ٿئي). هماءُ. سِيمُرغ– گُرڙُ.

• **هَمارُ(ت):** سڀ– ڪُلَ– هڙئي– مڙيئي– سمورو– جملي.

• **هَمالِي ج هَمالِيُون (ت):** ث . ملڪيت– هِماڻي– ناڻو– ڌَنُ– مايا– پئسو ڏوڪڙ– خزانو– دولت.

• **هِماليه:** اسم خاص. برف جو گهر. دنيا ۾ تمام وڏي ۾ وڏي جبل جو نالو– هندستان جي هڪ جبل جو نالو– هِماليه پربت.

• **هَمامَ دَستو ج هَمام دَستا:** ذ . (ف. هاوَن وَدستہ) مصالح يا دوائن ڪٽڻ لاءِ پٽل يا لوهه جو اکرو مهرو.

• **هَمان:** ث . اسان جي . "اڄ هَمان سيان تما". (چوٽي).

• **هَمان دَستِي:** زوران زوري– ڌاڌائي– جبر– ڌاڌ– زور زبر.

• **هَماءُ:** اسم خاص. هڪ خيالي پکي . هُما– سِيمرغ.

• **هُمايُون:** ذ . صفت. (ف. هُما= سِيمُرغ پکي) مبارڪ– بابرڪت– بختاور – سڀُورو– ڀاڳ وارو– سَڌورو– نيڪ بخت– خوش قسمت . ڪامياب – فتح مند– ڪامران– فاتح.(اسم خاص). مغل گهراڻي جي هڪ مشهور بادشاهه جو نالو. ضلعي شڪارپور ۾ هڪ ديهه ۽ شهر جو نالو.

• **هِمَتَ ج هِمَتُون:** ث . مردانگي– دليري– شجاعت– بهادري– مڙسي – قوت– سگهه– ٻَلُ– ٻلواني– پهلواني– سورهيائي– جرات– طاقت– توفيق. ارادو– عزم– عالي حوصلو– قصد– دل جو مضبوط خيال.

– **هِمَتَ ڀريُو ج هِمتَ ڀَريا:** ذ . صفت. جرئت ڀريو– طاقتوَر– هِمتائتوَ– دلير– همت وَان– هِمتي.

– **هِمَتَ جِي واڳَ هَٿان نَه ڇڏَڻُ:** همت ڪرڻ– لاڳيتي ڪوشش ڪرڻ– بزدل نه ٿيڻ– همت ٻڌڻ.

– **هِمَتَ سارَڻُ:** دل ٻڌڻ– مڙسي ڏيکارڻ– مردانگي ڪرڻ– مڙسي ڪرڻ– بهادري ڪرڻ– پهلواني ڪرڻ. فلڪ ڪرڻ– حوصلو ڪرڻ.

– **هِمتَ هارَڻُ:** گيدي ٿيڻ– بي دِليو ٿيڻ– بي مڙسيو ٿيڻ– گور دليو ٿيڻ– بزدل ٿيڻ– ڊڄڻو ٿيڻ– سندرو ڇوڙڻ– همت ڇڏي ڏيڻ.

– **هِمتُوانُ ج هِمتوانَ:** ذ . صفت. همت وارو– همت ڀريو– طاقت وارو– بهادر– دلير– جرئتي.

– **هِمَتي:** ذ . صفت. همت ڀريو– همتوان– همتوارو– طاقت وارو.

– **هِمتائِڻُ:** مصدر. همت ڏيارڻ– جرئت ڏيارڻ– زور وٺائڻ– مڙسي ڏيارڻ– دل ٻَڌائڻ.(همتائيو– همتائيندو– همتائيل).

• **همتڙُ نارو:** ڇر جي پاڻي جو لڙهو يا وهڪرو جيڪو اُباوڙي، ميرپورماٿيلي طرفان. هيٺ ايندو هو. ٻه لڙها جيڪي ديهه جوٽاس(تعلقو پنوعاقل) ۾ گڏجي "همتڙ نارو"ٿيا.

• **هَمَ تَمَ:** ث . خيال– ويچار– ڌيان.

• **هَمَتَئِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **هَمزو ج هَمزا:** ذ . سنڌي الف بي جو ايڪونجاهون اکر– الف همزو– همزڙو.(ء).

• **هَمزو باڪرِاڻي:** اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هَمزَه:** علم نحو جو اصطلاح– متحرڪ الف– الف همزو. اسم خاص– هڪ مرد جو نالو.

• **هَمگيرَ ج هَمگيِرُون (ل):** ڳري ۽ مضبوط ڪاٺي.

• **هَمليگُ(ڪ):** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **هَمَڻ جاگيرَ:** تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هَمَڻ لوءِ:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هَمو:** وڄ ۾ شيهي ڀريل ڀڳل ڪوڏي.

• **هَمُو پوٽا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **هَمُون (ڪ):** ظرف. هميشه – سدائين– اڪثر ڪري– عموماً – گهڻو ڪري– ضرور– بلاشڪ– اصلي.

• **هَمَهَ:** صفت. (ف). سڀ– ڪل مڙيوئي– مڙيئي– جملي.

• **هَمَهارُ(ت):** مڙيئي– سيئي– جملي – ڪل – سڀ– سمورو.

• **هَمئَتِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **هَميا ج هَميائُون:** ث . مهرباني– ٻاجهه– وَڙُ– احسان– ڀلائي– ڪِرپا.

• **هِمِياڻي ج هِمِياڻيُون:** ث . دنيا– دولت– ملڪيت– ناڻو– ڌَن– مايا. چيلهه سان ٻڌل پئسن جي ڳوٿري– ڳنڍ– نورو.

• **هَميرُ ج هَميرَ:** ذ . صفت. امير– سردار. بهادر– پهلوان.( اسم

– **هُونهين:** اِهئين– مفت. اجايو.
"هاري ڪَن هونهينءَ، سَهَر سَڌون ڪريو"(سر آبري– شاهه).

• **هُوڻَ:** ذ. هونهار– تقدير– قسمت– ڀاڳ– لکيو– پاوي– انگ.

• **هونَهارُ:** ذ. تقدير– قسمت هُوڻَ. پاوي.

• **هُوَوٽِي:** اسم خاص. ضلعي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هُوهَ موهَ (ث):** ث. سک سانت– پرم پري.

– **هوهَ موهَ ٿيڻ:** سک سانت ٿيڻ.

• **هوءِ:** (ندا). حيرت جو آواز– هاءِ– هاءِ هاءِ– افسوس. ووءِ.

– **هوءِ هوءِ ڪَرَڻُ:** هاءِ هاءِ ڪرڻ– روئڻ پٽڻ. افسوس ڪرڻ.

– **هوئي هَنَڻُ:** رڙيون ڪرڻ– دانهون ڪرڻ.

• **هُوءَ:** ضمير. هُو– پَريان واري.

• **هُوءِ:** ث. سُونهن– سهڻائي. (هوءِ لڳي پئي آهي!). وڏائي– فخر. يادگيري. لڳو لڳ آواز.
"هدايت جي هوءِ ۾، ڇٽيو تون چانگار".(ف. بوءِ) خوشبوءِ– سُڳنڌ.

• **هوئيڙ ج هوئيڙون:** ث. بدنامي– ڪارنهن جو ٽِڪو.

– **هوئيڙ هوئيڙ ڪرڻ:** بدنام ڪرڻ.

• **هَويدا:** ظرف. (ع) ظاهر– پڌرو.

• **هَها:** اسم خاص. ڏوبين جي هڪ ذات جو نالو.
"هَها موجي مون چيو هو پرت لنگهي ٿيا پار."

• **هَهڙو:** ضمير. هِن جهڙو– اِهڙو.

– **هَهڙو تَهڙو:** ذ. صفت. غصي ۽ آزادگيءَ جي موقعي تي ڪنهن جي حق ۾ بجاءِ گار جي استعمال ٿيندڙ لفظ– سِفلو– ڪمينو– پاجي.

• **هُهڙو:** ضمير. هُن جهڙو– اُنهين جهڙو.

• **هَهو ج هَها:** ذ. ڪلهي جي ڦٽي ۾ پيل سورُ. بدن جو هڪ عضوو.

• **هِيان:** ظرف. هِتان. هُتان.

– **هِيائين:** ظرف. هتائين.

• **هَيبَت ج هَيبتون:** ث. خوف– ڊڄ– ڊَر– ڌڪاءُ– ڊيڄڙو– ڊَپ.

– **هَيبتناڪُ ج هَيبتناڪَ:** ذ. صفت. خوفائتو– ڊيڄاريندڙ– خون جهڙو– خوفناڪ– ڊپائتو.

• **هَيبَت پڪو:** اسم خاص. ضلعي اپر سنڌ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هَيبَت ڪڇو:** اسم خاص. ضلعي اپر سنڌ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هَيبَتائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **هَيجهائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **هَيدو:** اسم خاص. ضلعي ٿرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هَيدُوسُ ج هَيدُوسَ:** ذ. هائي دوس– دانهن– رڙ– ڪوڪ– گهوڙا گهوڙا– هاءِ گهوڙا– هُل– هَنبسُ. ظلم– استبداد.

• **هَيدي:** ث. اُٺ جي پاکڙي جو هڪ قسم.

• **هَيڊَ ج هَيڊون:** ث. (سن. هردار= هَيڊَ). پسارڪي وکر جو هڪ قسم (پاڄيءَ ۾ ڪم ايندڙ)– هَلدي– زرد چوبُ– ويڳر.

– **هَيڊائُون:** ذ. صفت. هيڊ جي رنگ جهڙو. هيڊو.

– **هَيڊو ج هَيڊا:** ذ. صفت. هيڊ جي رنگ جهڙو– پيلو– زردو– هَيڊائون– پيلاڻ تي (ث. هَيڊي ج هَيڊيُون).

• **هَيڊي:** اسم خاص. ضلعي ٿرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هَيڙو ج هَيڙا:** ذ. هُئو– هيڙو– هيو– هو.

• **هَيس ڪَنَيس:** ذ. گوڙ– گهمسان– لُڙ– هُل– شور.

• **هِيئن:** ظرف. هينئن– هن طرح– انهي نموني. هِيئن ها– هجن ها.

• **هُيئن:** ظرف. انهي نموني– هوئن.

• **هُئڻُ:** مصدر. (پرا. هوئيو. سن. ڀُو= (تي).(هئڻ) ٿيڻ. رهڻ. جمڻ– پيدا ٿيڻ. ويجهو ٿيڻ. ثابت ٿيڻ. جيئڻ. (هو– هوندو– هُئل). (ث). هُوڻ– هوونهار– تقدير– قسمت. هَٺ– خودي– اهنڪار. وجود– هستي– بود. "هيڪر هُئڻ ڇڏ."

– **هُئِڻي ج هُئِڻيون:** ث. ٿيڻي. قسمت– ڀاڳ– بخت– تقدير– نصيب.

• **هَيُو:** ذ. پنيءَ جي ڦڻ– هَهو. "هَهي جو سور".

• **هَيُو مَيُو:** ماٺهو چيٽو– پڪي پڪڻ. خاموشي– آمدورفت بند ٿيڻ واري حالت.

– **هَيُو مَيُو ڪَرَڻُ:** آمدورفت بند ٿيڻ– خاموشي هئڻ– ماٺهو چيٽو پنهنجي جاءِ يڪجاءِ ٿيڻ– بازربند ٿيڻ. لُڙبند ٿيڻ. اڪيلائي ٿيڻ. سنجهو لنگهڻ. پهريون پهر رات جو گذرڻ.

• **هَيون ج هَيان:** ذ. هِنيون– هِنياءُ– دل– هِردو– مَنُ.

– **هَيين سان هَلَڻُ:** ڏسي وائسي هلڻ– سوچي سمجهي هلڻ. خوشيءَ سان پنڌ ڪرڻ.

• **هَئي:** ندا. هاءِ– گهوڙا– هاءِ هاءِ.

• **هَئي هَئي:** ندا هاءِ هاءِ– گهوڙا گهوڙا.

• **هَئي:** ث. ڊپ– خوف– ڌڪار."هَئي هڏ".

• **هَئي تَئي:** يڪدم– اُمالڪ– بنا دير– هڪدم.

• **هَئي مَئي:** گوڙ– آواز– شور– گهمسان.

• **هي:** ندا.(سن. هئي) ڌڪار سان ڪيل سڏ– اڙي– اي.

• **هي:** ندا. افسوس– هاءِ.

Gul Hayat Institute

• **هيڏو ج هيڏا:** ذ . صفت. هِن جيترو– هِن جيڏو– هِن جي مقدار جو. هيڏو وڏو.

• **هِيڏو سارو ج هِيڏا سارا:** ذ . صفت. ايڏو وڏو– تمام گهڻو وڏو. ايترو سارو.

• **هيڏي ج هيڏِيُون:** ث . صفت. هيتري– هن جيڏي. ايڏي وڏي– ايڏي ساري.

– **هيڏِي ساري:** ايڏي وڏي– ايڏي ساري.

– **هيڏِي ڪَرڻُ:** ايڏي وڏي جٽ يا جاڙ ڪرڻ. ايترو سارو ستائڻ.

• **هَيڊَ** :ث . اسم جنس(سن. هلدر>هه. هلدي). هڪ قسم جو مصالحو. پسارڪي وکر جو هڪ قسم. (پيلي رنگ تي).

– **هَيڊاڻِ:** ث . پيلاڻ– زرداڻ.

– **هَيڊائُون ج هَيڊائان:** ذ . صفت. هيڊ جهڙو– هيڊ جي رنگ وارو– ڦِڪي رنگ وارو.

– **هَيڊو ج هَيڊا:** ذ . صفت. هيڊي رنگ جو– ڦِڪي رنگ جو.

– **هَيڊَ ڪٽو:** ذ . صفت. هَيڊڪٽيندڙ.

– **هَيڊڙِي ج هَيڊڙِيُون:** ث . ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.

– **هَيڊَ هَٽڪَڻُ:** هيسجي وڃڻ– ڊپجي وڃڻ.

– **هيڊِي ٻَري:** ٻري ٻڪري جو هڪ قسم.

• **هيرَ(ڪ):** ظرف. هِينئَر– هِن وقت– هاڻ– هاڻي.

– **هيروڪِي:** ث . هينئرڪي– هن مهل واري.

• **هِيرَ ج هِيرُون:** ث . ( ع). ٿڌي هوا– وڻندڙ هوا– ٿڌڙي هوا. سج ايرڻ کان اڳ واري هوا– مِينهن کان پوءِ لڳندڙ هوا. ڏکڻ جي ٿڌي هوا– ترجي ٿڌي هوا. (صفت). سهڻي– حسين– خوبصورت– وڻندڙ.

• **هِيرَ ڪَهلَڻُ:** ٿڌي هوا جو لڳڻ.

• **هِيرآبادُ:** اسم خاص. حيدرآباد (سنڌ) شهر ۾ هڪ محلي جو نالو.

• **هِيرا ٻوڙُ:** ذ . دوا طور ڪم ايندڙ ڪؤنر جو هڪ قسم.

• **هِيرار:** اسم خاص. ضلعي ٿرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هِيراڪَسُ ج هِيراڪَسون:** ث . دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪي وکر جو هڪ قسم– پورو پٿر. رنگ جو هڪ قسم.

• **هِيراڪَٽِي:** ذ . سِلڪ جي ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **هيَران:** ذ . سامونڊي بندر جو هڪ قسم.

• **هيَران پُورُ:** اسم خاص. ضلعي اپَر سنڌ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هيرتو ج هيرتا:** ذ . صفت. سُنو– ملوڪ– ناهوڪو.

• **هيرڦير:** ذ . ڦيرگير– مٽ ست– مَٽا سَٽا. گردش– دؤرو.

• **هيَرڻُ:** مصدر. هيرائڻ– سيکارڻ– ناهڻ– پڙُ ڪرڻ– هوشيار ڪرڻ– پالڻ. عادت وجهڻ. (هيريو– هيريندو– هيريَل).

– **هيرَ ج هيرُون:** ث . عادت– رَءُ – گَت– عِلتَ– چشڪو. اڳيون دستور. استعمال.

– **هيراڪُ ج هيراڪَ:** ذ . صفت. هيرَڪ– هيراڪڙُ– عادتي هِريل– پاليل– ڌاريل– هيرايل.

– **هيراڪڙُ ج هيراڪڙَ:** ذ . صفت. هيراڪ– عادتي.

– **هيرائِتو ج هيرائِتا:** ذ . صفت. هير وارو– هريل– عادتي.

– **هيرَ پَوڻُ:** عادت پوڻ.

– **هيرجي اَچَڻُ:** سَنيري اچڻ– پڪي ارادي سان اچڻ.

– **هيرجي وَڃَڻُ:** هري وڃي. خاص ان لاءِ وڃڻ.

– **هيرَ ڏِيَڻُ:** عادت ڏيڻ– گَت وجهڻ.(ٻارڪي) سُتي ڦَڪي جي عادت وجهڻ– ڏُکو ڪارائڻ– مکڻ ڪارائڻ.

– **هيرَڪَ ج هيرَڪَ:** ذ . صفت. هريل مريل– هيراڪ . عادي.

– **هيرَ ڪَرَڻُ:** عادت ڪرڻ. مشق ڪرڻ– استعمال ڪرڻ.

– **هيرَڪو ج هيرَڪا:** ظرف. هينئر جو– هن وقت جو. هن سال جو.

– **هيرُون پَجَڻُ:** عادتون بدلائڻ– روش بدلائڻ– دستور پجڻ.

– **هيرَ مَٽَڻُ:** عادت بدلائڻ.

– **هيرُو:** ذ . صفت. هير وارو– هيريل– هيرئون.

– **هيرئُون:** ذ . صفت. هيرُو– هير وارو– هريل– پاليل.

– **هيريو ڪَرَڻُ(ڪ):** هيرائڻ– ڌارڻ– پالڻ هٽ هيرو ڪرڻ واري وجهڻ.

• **هيرَڻُ ج هيرَڻَ:** ذ . وڻ جو هڪ قسم– ارنڊي– ايرَنڊ– بيد انجير– چنار.

– **هيرَڻ جو تيلُ:** هيرڻين(هيرڻ جو ٻج) مان نڪتل تيل– ڪسٽر آئل.

– **هيرَڻَ وَلِ:** ث . ٻوٽي جو هڪ قسم– هيرڻ.

– **هيرٽِي ج هيرَٽِيُون:** ث . هيرڻ جو ٻج.

• **هيرَڻَ جاگِيرَ:** اسم خاص. ضلعي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هيرو ج هيرا:** ذ . ڪُنواريتن جو شاديءَ وقت لاڏ ڪوڏ مان گهوٽيتن کي ڪَچا ڳالهاءَ ڏيڻ– ڦوٽاٽو. ڳيت جو هڪ قسم– چرچي جو ڳيت– سوهِلو– سَنِٽو. انبوهه. ڪاهَ– حَملو– لڳاتار ٿِٽي پوڻ واري حالت.

– **هيرا وجهَڻُ:** سوال جواب ڪرڻ– اجايو بحث ڪرڻ– ڪوڙا بهانا ڪَرڻ(ڪنهن ڳالهه يا ڪم ڪان).

• **هِيرو ج هِيرا:** ذ . (سن. هِيرَ)قيمتي پٿر جو هڪ قسم– قيمتي رتن– جواهر جو هڪ قسم– الماس– مَٽيو. اڇي رنگ جي ڪبوتر جو هڪ قسم. ملڪي اڳواڻ يا بهادر. فلم ۾

Gul Hayat Institute

پارت ادا ڪندڙ. مڇيءَ جو هڪ قسم. ڪڪڙ جو هڪ قسم.

— **هِيرو ڏکِني:** ذ. دوائن ۾ ڪم ايندڙ پٿر جو هڪ قسم.

— **هيري جِي ڪَٽِي ج هيري جُون ڪَٽِيُون:** ث. قيمتي پٿر جو ذرو. هيري جي ڪٽيءَ جو ٺهيل برمون.(صفت). سهڻين خاصيتن وارو انسان— چڱن اخلاقن وارو.

• **هَيرو خانُ:** اسم خاص. ضلعي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **هيڙُ ج هيڙَ:** ذ. صفت. بيهودو— بڪوات ڪندڙ— ڪمينو.

• **هيڙاهو:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **هيڙو ج هيڙا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم— هيڙهو.

• **هُيَڙو ج هُيَڙا:** ذ. هُيو— هُئو— هُو هُئڙو.

• **هيڙَهه:** ذ. ڍڳن جو ٽولو.

• **هيڙهه ج هيڙهون:** ث. مال جي گهٽائي— گهٽو مال. "مال جون هيڙهون هنيو تا وڃن".(ٿ).

• **هيڙهو ج هيڙِها:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. اُٺن جي بيماريءَ جو هڪ قسم.(صفت). جهيڙي ۾ لُڙ بکيڙو ڪندڙ.(ضمير) اهڙو— هيڙو— هن جهڙو— ههڙو.

• **هيڙهو ڍانڊي:** پکيءَ جو هڪ قسم— ليلهو.

— **هيڙهو لَونگِي:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم— ننڍو هيڙهو.

— **هيڙهو ڪَرَڻُ:** اِهو اِهو ڪرڻ— ورائي وڃڻ— جُٺ ڪرڻ.

— **هيڙهو هيڙِهو ڪَرَڻُ:** چيڙائڻ— تعدي ڪرڻ.

• **هيڙِهيان هيڙَهه(ڪ):** ظرف. الهي مَلهي— متي ئي. متي. اُمالڪ— اچين ڪچين.

— **هيڙِهيان هيڙَهه ڪَرَڻُ:** الهو ملهو ڪرڻ— اُمالڪ ڪٽي دسڻ— اچين ڪچين ڪيرائڻ(ملهه ۾).

• **هِيَڙي:** ذ. هِنئين ۾— دل ۾.

— **هِيَڙي ۾ هَرڻُ:** ياد پوڻ.

• **هيسباڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **هَيسِ گَيسِ:** ث. تڪڙ— اُبهرائي— جلدائي.

• **هِيسَڻُ:** مصدر. دٻائڻ— سختي ڪرڻ— ڊيڄارڻ— مرعوب ڪرڻ. (هِيسيو— هِيسِيندو— هِيسِيَلُ).

— **هِيسَ ج هِيسُون:** ث. ڊڙڪو داٻ— سختي— چينبَ— دٻاءُ. مارڪُٽ. نہ سهڻ واري حالت— حسد— بُغض.

— **هِيسائِڻُ:** ڊيڄارڻ— مرعوب ڪرڻ— خوفزده ڪرڻ.

— **هِيسِجَڻُ:** مصدر. هَجَڻُ. گهٽ ٿيڻ— سهمجي وڃڻ— دٻاءُ هيٺ اچڻ. ڊڄي وڃڻ.

— **هِيسَ رَکَڻُ:** دٻاءُ رکڻ— دٻائڻ.

— **هِيسَ ڪَرَڻُ:** دٻائڻ— هيسائڻ. تنگ ڪرڻ— تڪليف ڏيڻ.

— **هِيسِي ٿِيَڻُ:** دشمني ڏيکارڻ.

• **هيسِين:** ظرف. هن وقت تائين— اجا تائين. هيسين تائين. هاڻي.

— **هيسين تائين:** هن وقت تائين.

— **هيسين توڙِي:** ظرف. هيسين تائين— اجا تائين.

— **هيسِين توڻِي:** ظرف. هيسين تائين— هن وقت تائين.

— **هيسِين سوڌان:** ظرف. هن وقت تائين— اجا تائين.

— **هيسِين سوڌو:** ظرف. هن وقت تائين هيسين تائين.

• **هَيضَہ:** ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم— ڪالرا— وَبا— دستن جي وڏي بيماري.

• **هيڪُ ج هيڪا:** ذ صفت. هڪ— هڪڙو— هڪ ڄڻو— هڪ عدد— ڇڙو.

— **هيڪا ڏُنا:** ذ. هڪ اڌ. ڪو نہ ڪو.

• **هيڪارَ:** ظرف. هڪ ڀيرو— هڪ مرتبو— هِڪر— هِڪوارُ.

— **هيڪان(ڪ):** ظرف. هڪ ڀيرو— هڪ دفعو— هڪ وار— هِيڪار.

— **هيڪاڻِي:** هڪ دفعو— هڪ ڀيرو.

— **هيڪاهَ:** هڪڙي آهي.

— **هيڪائِي ج هيڪائِيُون:** ث. هيڪڙائي— هڪڙائي— اڪيلائي— ڇڙائي— وحدانيت.

— **هيڪائِي هيڪَ ٿِيَڻُ:** هڪ ٻئي سان ملي هڪ ٿيڻ— ملي وڃڻ.

— **هيڪَ ٿِيَڻُ:** سرچي وڃڻ— پرچڻ.

— **هيڪَرَ:** ظرف. هڪ دفعو— هڪ وار— هڪ واري— هيڪار— هڪ ڀيرو. گهمرو.

— **هيڪَڙَ:** صفت. هڪڙو.

— **هيڪڙانڊَ:** صفت. اڪيلو— ڇڙو— هڪڙو.

— **هيڪَڙائِي ج هيڪَڙائِيُون:** ث. وحدانيت— وحدت— اڪيلائي. ٻڏي— ايڪو— يَڪمُشتي.

— **هيڪَڙائِيءَ جو پَلو هَٿُ وجهَڻُ:** خدا تعاليٰ جي وحدانيت ۾ ويساهه رکڻ.

— **هيڪَڙو:** صفت. هڪَ— هڪڙو— ڇڙو— اڪيلو.

— **هيڪَلاڻِ جي هيڪَلاڻُون:** ث. هيڪلائي— اڪيلائي— اڪيلائپ.

— **هيڪَلائِي ج هيڪلائِيُون:** ث. هيڪلاڻ— اڪيلائي— اڪيلائپ.

— **هيڪَلو ج هيڪَلا:** ذ. صفت. ڇڙو— اڪيلو— هيڪلو— هڪ ڄڻو— پنهنجي سِر.

— **هيڪَلو سُوڙو:** ذ. صفت. اڪيلو— هيڪلو— بي يارو مددگار.

— **هيڪَلِي هيڪِلِي:** ث. صفت. اڪيلي— ڪنهن اوهي واهي کان سواءِ.

— **هيڪلي وَڃَ هيلان اَچَڻُ:** مايوس ٿيڻ— اُباڻڪو ٿيڻ— بخيل ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

– **هيڪَمَنائِي ج هيڪَمَنائِيُون:** ث . واندڪائي– بي اونائي.

– **هيڪَمَنُو:** صفت. هڪ چيتو– بي اونو– واندو– پنهنجي مرضيءَ وارو– فارغ.

– **هيڪو ج هيڪا:** ذ . هڪ واري– هڪ ڀيري. هڪڙو. هيڪڙائي.

– **هيڪڙو ج هيڪڙا:** ذ . هڪ ڇڙو– هيڪوڙو.

– **هيڪونڊو ج هيڪُونڊا:** هيڪڙو– هيڪوڙو.

– **هيڪُوڻِ:** ث . هڪ هٺ واري حالت. هيڪائي. هڪ ڀيرو ڏيڪاريندڙ انگُ.

– **هيڪوٽائِي:** ث . چڙائي– هڪائي– هڪڙي هٺ واري حالت.

– **هيڪُوٽو:** صفت. اڪيلو– هڪڙو– هيڪڙو– هيڪونڊو.

– **هيڪ هيڪائِي ڪَرڻُ:** قطعي فيصلو ڪرڻ. ڳالهه جو واسطو ٽوڙڻ. قطع تعلق ڪرڻ.

– **هيڪ هيڪو:** هر هڪ.

– **هيڪاري:** ظرف. اڃا وڌيڪ مورڳو وڌيڪ. يڪو– اڳڀيءِ–هينئر ئي.

• **هيڪانَد:** ث . گڏجاڻي– ميل ميلاپ– هڪ ٻئي سان ملڻ واري حالت– موافقت– اعتدال. هيڪڙائي– هڪڙي سان وفاداري.

– **هيڪاندو ج هيڪاندا:** ذ . صفت. گڏيل– هر موڙي گڏيل– يڪو– ڪَٺو ڪيل– سڀ ملايل– ڀيڙو ڪيل. گڏ– سَٿيل.

– **هيڪاندو ٿِيڻُ:** سِڪ وچان ملڻ– سڪايل ڪي ملائڻ. وڇوڙي بعد گڏجڻ.

– **هيڪاندو حيفُ:** گهڻي جٺ ڦٽ– گهڻي ڦٽڪار.

– **هيڪاندو ڪَرڻُ:** وڇوڙي بعد گڏجڻ. گهڻو ڪرڻ. زياده ڪرڻ.

• **هيڪ بَرد:** اسم خاص. بارڻ ڪان ڏکڻ طرف هڪ جبل جو نالو.

• **هيڪَڙ ٻيڪَڙ:** ذ . صفت. بلڪل ٽورا– ڪوڪو.

• **هيڪَلُ ج هيڪَلَ:** ذ . ( ع). يهودن جي پوڄا جي جاءِ– مندر – ٽڪاڻو. روپ– رُخ– ڏسا.

• **هيڪل:** صفت. اڪيلو– تنها.

• **هيڪَلَ ڪوري:** اسم خاص. ٿرپر هڪ ڏهر جو نالو.

• **هيڪولائِي جَ هيڪولائِيُون:** ث . لوهارڪو اوزار– سنداڻ . موچڪي ڪم جو هڪ اوزار.

• **هيڪَلُ(ت):** صفت. (سن. اِيڪَ = هِڪ). اڪيلو– اڪيلي سِر.

– **هيڪَلِ وَسُورو(ت):** ذ . صفت. اڪيلو– هيڪلو– هيڪلو– ڇڙو– تنها. فقط.

– **هيڪِلو ج هيڪِلا:** صفت. اڪيلو– ڇڙو– تنها.

• **هيلَ :** ث. وڙ گهمرو– ڦير– لِڳُ(ل) (ظرف). هينئر– جلدئي– يڪدم. هير– هن وقت.

"هيڪليائي هيل، پوريند يس پنهون ڏي."(شاهہ)

هڪ ٻئي مٿان رکيل ٻہ دلا(ت) – ٻيلهہ– ٻيلهٽو.(ل).

• **هيلُ:** ظرف. هن سال– هن سال ۾ – هلندڙ سال ۾. هن موسم ۾.

• **هيلوڪو ج هيلوڪا:** ذ . هن سال وارو– هن موسم وارو– هاڻوڪو. مُند وارو.

• **هيلَهہ (ت):** ظرف. هيل.

• **هَيَلُ ج هَيَلَ(ل):** صفت. ٽڪل– ساٺو– ماندو– وسائل . ڍِنل – هيسيل.

– **هيَلِ ٿِيَڻُ:** ڍِڄڻ– هيسجڻ. ٽڪجڻ.

• **هيلاٽو ج هيلاٽا(ت):** ذ. ٻار کي سمهارڻ لاءِ لولي–لوري– اوراٽو.

• **هيلايا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ننڍي ۾ هڪ ديهہ ۽ هڪ ٽڪريءَ جو نالو.

• **هيلِمَندُ:** اسم خاص. بلوچستان جي سيستان علائقي ۾ هڪ ڍنڍ ۽ نديءَ جو نالو.

• **هِيلو ج هِيلا(ت):** ذ . آواز. سڏ. لولي– هيلاٽو.(ت).

– **هِيلو ڪَرَڻُ(ت):** آواز ڪري سڏ ڪرڻ.

– **هِيلو ڳائڻُ:** ٻار کي لولي ڏيڻ– لوري ڏيڻ.

• **هِيلو(ت):** ذ . ڇيٽي يا مٽيءَ سان ڀريل تغاري.

• **هيمَ :** ذ . سون. ڪَنچن– طلاءِ – زر.

– **هيمدانِ (ت):** ث . سونن زيورن رکڻ جي ڳوٿري.

– **هيمَ وَرنو:** ذ . صفت. سوني رنگ وارو– سونهري– طِلائي.

• **هِيمرُ (ت):** ذ . مالڪ(ل).

• **هِيمارُ (ت):** ذ . صفت. گهڻو ٺريل– تمام ٿڌو.

• **هِيمان :** اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **هِيماٽُو ج هِيماٽا(ڪ– ڪ):** ذ . صفت. ( ع. مهِم + آٽڻ> مُهيمَ آٽڻ= هِيمَ آٽڻ. اسم فاعل. هِيمَ آٽو). چڙهائي ڪندڙ– حملو ڪندڙ. اڳرائي ڪندڙ.

"جيئري جنگي خان تي ڪو هوند نہ هيماٽو."

• **هِيماٽِي ج هِيماٽِيُون(ل):** ث . همياٽي. نُورو.

• **هِيمَن واري (ت):** ث . ڪجيءَ جو هڪ قسم.

• **هيمَڻُ(ڪَ):** مصدر. هِرڻ– هري مري وڃڻ.(هيمِيو– هيمِيندو – هيمِيل).

• **هَيَنِ :** صفت. (سن. هَت). هنينِ! مُئُن! مُئُن!.

• **هِين:** ظرف. ساڳوٽو– ساڳيو– اهوئي سچو پچو– سودبود–

Gul Hayat Institute

# ء ٻ ي

**ء**: ذ. الف همزو. سنڌي ٻوليءَ جو "٥١" ايڪونجاهون اکر.

**ٻ**: حرف جملو. (سن. ايوَم، اَنيہ. پرا. اٿو) ٻيو وڏيڪ.

**ي** : ث . (ع. ف. سن.) عربيءَ جو اٺاويهون پڇاڙيءَ وارو اکر، فارسيءَ جو ٻٽيهون پڇاڙيءَ وارو اکر، سنڌيءَ جو ٻاونجاهون پڇاڙيءَ وارو اکر، اردوءَ جو پنجٽيهون ۽ ابجد موجب عدد ڏهہ. ٻار جي پيئڻ کان پوءِ ٿڃن ۾ باقي بچيل کير.

● **يا**: حرف جملو(ف) ٻن مان ڪو ہہ هڪ مثلاً: "هي يا هُو. مُحَمد يا احمد" — نہ ته.(ع. يا حرف ندا) سڏ ڪرڻ جو حرف— اي — او— اَي— اڙي. مثلاً: ياالله، يا رَبُ.

— **يا نَصيبُ**: حرف ندا. جيئن قسمت ۾ هوندو تيئن ٿيندو— جڏهن قسمت بدلجي.

● **يا بِندَه**: اسم فاعل.(ف. يافتَن= لهڻ— ونڻ) ڳوليندڙ— ونندڙ— هٿ ڪندڙ— جهليندڙ— جاچيندڙ.

● **يابِسُ**: ذ . صفت.( ع. يَبِس= هو خشڪ ٿيو) سُڪل— خشڪ.

● **يابُو ج يابُو**: ذ . ڍَڍو— ٽَٽُون— بنا پنڌ وارو گهوڙو.

● **يابُول٢(ت)**: ذ . بيماريءَ جو هڪ قسم— سرسام.

● **ياٻِرِ ج ياٻرُون**: ث صفت. رنڊي— ڪسبياڻي— چڪلاڻ— ڇنالُ.

● **ياتِرا ج ياترائُون**: ث . (سن). جاترا— درشن.

— **ياتِرا ڪَرَڻُ**: درشن ڪرڻ— تيرٿ واسي ٿيڻ— مندر ۾ وڃڻ.

● **ياجُوجُ**: اسم خاص. ( ع. ياجُوجُ) نوح جو پٽ— ماجوج جو ڀاءُ. فسادي— فساد انگيز— اوباش.

— **ياجُوجُ ماجُوجُ**: يافث بن نوح جي ٻن پٽن جا نالا. فسادي— اوباش.

● **يادِ ج يادُون**: ث . (ف). يادگيري— حافظو — وري خيال تي اچڻ واري حالت— يادداشت — چيتو— ويسر جو ضد— ازبر— حفظ— ڪَٺ. سڌ— سرت.

— **ياد آوري ج ياد آوريُون**: ث . (ف. ياد آوردَن= ياد آڻڻ). ياد ڏيارڻ جيَ حَالت— پَيغام— سنيهو— خبر. مزاج پرسي— خيريت طلبي— خبرگيري. دل تي ڪنهن ڳالهہ جي ياد اچڻ جي حالت— حافظي تي تري اچڻ واري حالت— ياد ڪرڻ جي حالت.

— **ياد اَچَڻُ**: يادپوڻ— دل تي اچڻ— يادگيري ٿيڻ— خيال اچڻ— خيال پيدا ٿيڻ— ذهن ۾ اچڻ— يادداشت اچڻ— چيتي ۾ اچڻ— ڌيان ۾ اچڻ. محبت يا محبوب جي يادگيري اچڻ. حقيقت کلڻ— خبر پوڻ. جوش ۾ اچڻ.

— **ياداشتَ ج ياداشتُون**: ث. يادگيريءَ جو ڪاغذ —چٺو— لسٽ— تفصيل— ذڪر— تذڪرو— فهرست. اهو ڪتاب جنهن ۾ ياد رهڻ لاءِ ڪجهہ لکجي.

— **ياد پوڻُ**: ياد اچڻ— ياد هُجڻ— خيال ۾ اچڻ— دل تي هَرڻ— عقل ۾ اچڻ —حافظي تي تري اچڻ— دل تي اُڪرڻ.

— **يادداشتَ ج يادداشتُون**: ث . ياد رکڻ جو نشان— ياد— حافظو— ٻيو پيرو ڌيانَ تي اچڻ جي حالت— يادگيري لاءِ لکيل روزنامچو— تاڪيدي خط.

— **ياد ڏِيارَڻُ**: چتائڻ— خبردار ڪرڻ. هوشيار ڪرڻ— آگاهہ ڪرڻ— تاڪيد ڪرڻ— اطلاع ڏِيَڻُ.

— **ياد رکَڻُ**: خيال رکڻ— فراموش نہ ڪرڻ— ڀلجي نہ وڃڻ— حافظي ۾ رکڻ— چيتي ۾ آڻڻ— سمجهہ ۾ وويارڻ— دل تان نہ لاهڻ— وسري نہ وڃڻ.

— **ياد رَهَڻُ**: ڌيان رهڻ— خيال رکڻ— دل تان نہ ڀُلڻ— فراموش نہ ٿيڻ— دل تي رکڻ— ذهن ۾ رهڻ— حافظي ۾ رکڻ— سمجهہ ۾ رکڻ— خيال ۾ رکڻ.

— **ياد ڪَرَڻُ**: ذري ذري نالو وٺڻ— وري وري چوڻ— حفظ ڪرڻ— ازبر ڪرڻ— سارڻ— سنڀارڻ— اڪيرڻ— دل تي آڻڻ. جپڻ— رٽڻ.

— **يادگارُ ج يادگارَ**: ذ . تاريخي يادگيري طور بنايل نشان(مثلاً: مُنارو، مڪان، مقبرو، ڪوهہ، عمارت وغيره). علامت— آثار.

— **يادگاري ج يادگاريُون**: يادگيري— اُڪير— اُڪنڊ.

— **يادگيرو ج يادگيرا**: ذ . خيال— ڌيان— ذهن— چيتو.

— **يادگيري ج يادگيريُون**: سار— سنڀال— سنڀار— ياد ڪرڻ جي حالتَ— خيال— ڌيان— وري وري دل تي ڳالهہ ياد اچڻ جي حالت— ذهن ۾ رکڻ جي حالت.

● **يارُ ج يارَ**: (ف). دوست— مددگار— سنگتي— رفيق— همراهہ—

Gul Hayat Institute

ساٿي— مددڪندڙ— آشنا— حمايتي— دستگير— همدم— محب— دلبر— معشوق— دلدار— سڄڻ— پيارو. عورت جو دوست، جنهن مان مجامعت ڪري— شادي ڪيل زال جو پنهنجي حقيقي مڙس کان سواءِ ٻيو مهربان مڙس. جنهن سان هو لڳل هجي.(ث). يار— سهيلي— ساهيڙي— سنگتياڻي.

— **يارانِ ڪُهَن:** جهونا دوست— پراڻا يار— ڪُهنا دوست— گهرا دوست— گهاٽا دوست— راز وارا سنگتي.

— **يارانو ج يارانا:** ذ. دوستي—سنگت—ياري—ڳنڍاپو—لاڳاپو—پيار—اخلاص— محبت— ربط— ضبط— آشنائي— اُلفت (صفت). دوستانو—محبانو—مشفقانو(ظرف). دوستيءَ جي طريقي—دوستيءَ جي نموني—مشفقاڻي ريت.

— **ياراڻي ج ياراڻيون:** ث. دوستي—سنگت—ياري—اُلفت—محبت.

— **ياراڻو ج ياراڻا:** ذ . ڏسو ياراڻو.

— **ياراڻي ج ياراڻيون:** ث . ڏسو ياراني.

— **ياراڻي پائڻ:** دوستي ڳنڍڻ— دوستيءَ جي واٽ رکڻ— تعلق ڳنڍڻ—واسطو رکڻ— محبت ڪرڻ— الفت رکڻ.

— **ياراڻي ڦِٽائڻ:** دوستي ٽوڙڻ— قطع تعلقات ڪرڻ— ناسازي ڪرڻ— محبت وڃائڻ.

— **يارِ جاني:** ذ. صفت. نهايت پيارو دوست— دلي دوست— محبوب— دلبر— دل وارو.

— **يارِ غار:** ذ. صفت. سچو دوست— سچائتو ساٿي— سچار— همدرد ساٿي—غمگسار رفيق.

— **يار ڪَرڻ:** دوست بنائڻ— يار ناهڻ— آشنائي ڪرڻ. اک لڳائڻ—(ڪنهن سان) ڦٽڻ.

— **يارَن کان ياري پِنَڻ:** دوست کي پنهنجي دوستيءَ جو يقين ڏيارڻ— دوستن کي پاڻ تي مهربان ٿيڻ لاءِ التجا ڪرڻ— دوستن کان مدد گهرڻ —حبيبن جي حمايت حاصل ڪرڻ— سچيءَ دل سان محبت جو سوال ڪرڻ.

— **يارَن پيارَن (ل):** ظرف. هر حالت ۾— هروڀرو— بالضرور— لازمي— اَشد.

— **ياري ج ياريون:** ث. دوستي— سنگت— ياراني— ياراڻي— آشنائي— اُنس— الفت — سِڪ— اُڪير— اُڪنڊ— پياس— پيار. ميلاپ— اتحاد— تعلق— ڳانڍاپو— سنبنڌ . مددگاري— معاونت— مدد— سهائتا— همراهي— دستگيري— تائيد— حمايت— تقويت.

— **ياريءَ ۾ کهاري پوڻ:** دوستيءَ ۾ خلل پوڻ— دوستيءَ ۾ رخنو يا نفاق يا ڀِنگ پوڻ— دشمني پيدا ٿيڻ.

• **يارو پتافي:** اسم خاص. تعلقي رتيديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **يارو ديرو:** اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **يارو ڏاهري:** اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **يارو لاڪير:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **يارو هنگورو:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **يارهن:** صفت. ڳڻڻ جو انگ— ١١— هڪ+ ڏهه— ڪارهن— گيارس. هڪ ايڪي ۽ هڪ ڏهاڪي وارو انگ.

• **يارهو:** ذ . صفت. يارهن ڏينهن يا يارهن مهينن جو.

— **يارهون:** ذ . صفت. عدد شماري. ڏهن کان پوءِ ايندڙ نمبر وارو— يارهن نمبر وارو.

— **يارهوڻ:** ث . يارهن ڀيرا— يارهن گهمرا ورتل ڪا به شيءِ.

— **يارهوڻو ج يارهوڻا:** ذ . صفت. يارهن گهمرا— يارهن دفا.

• **يارهين ج يارهيون:** ث . هجري سن جو چوٿون مهينو— ربيع الآخر— پير عَبدالقادر جيلانيءَ جي شان ۾ چنڊ جي يارهين تاريخ ڪيل جشن.

• **يازدَه:** صفت. (ف). يارهن— هڪ ايڪي ۽ هڪ ڏهاڪي وارو نمبر— ١١.

• **ياس:** ذ . نااميدي— نراسائي— حرمان— مايوسي— ڳڻتي— فڪر— ارمان. ڊپ— ڊڄ.

"هن سنيهي سُڻڻ سان ٿي ٿي دفع ياس."(جملو).

• **ياسمين:** ذ (ف). خوشبوءِ دار گل جو هڪ قسم(گل جو رنگ سفيد ۽ پيلي رنگ ڏانهن مائل هوندو آهي). جاءِ جو گل—چنبيلي.

• **ياسوسي ج ياسوسيون:** ث . جاسوسي— ڳجهه معلوم ڪرڻ جو ڪم— راز ڳولڻ جو ڪم.

• **ياسين:** ث. ( ع). قرآن مجيد جي هڪ سورت جو نالو.

• **يافت:** (ف. يافتن= حاصل ڪرڻ). وٺندڙ يا پوڳيندڙ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ— فارسي مان ورتل لفظن جي پويان ايندڙ پڇاڙي (جئن سزا يافته) آمدني— ڪمائي. لاڀ— رسائي— رشوت.

• **ياقبان يا قبان:** ملن موراڻن کي ختمي جي دعوت ۾ پڙهڻ وقت عام ماڻهن جي طعني طور ٽوڪ جا لفظ.

— **يا قبان پڙهڻ:** بنا تڪليف نفعي ٿيڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ. دغا ڪرڻ لاءِ ڪهات گهڙڻ— فريب بازي ڪرڻ— دولاب يا ٺڳي ڪرڻ. ڊونگ ڪرڻ— مڪر ڪرڻ.

• **ياقوت ج ياقوت:** ذ . ( ع). جواهر جو هڪ قسم— قيمتي پٿر جو هڪ قسم— چمڪندڙ ڳاڙهي رنگ جو هڪ جواهر— لعل (نٿن ۾ پوندڙ)— ياقود— موتي— ماڻڪ.

• **ياقوت احمر:** ذ . ڳاڙهي رنگ جو جواهر— قيمتي لعل پٿر.

— **ياقوتي ج ياقوتيون:** ث . صفت. ياقوت واري— ياقوت جي — ياقوت مان ٺهيل.(اسم). معجون جو هڪ قسم— ياقوت مان ٺهيل معجون. طاقت ڏيندڙ دوا— مفرح معجون.

Gul Hayat Institute

– يَڪي سرُ ڪرڻُ: اڪيلو ٿي اڪيلو ڪرڻ– ٻئي جي مدد کان سواءِ(ڪم) ڪرڻ.

• يَڪو ج يَڪو: ذ . صفت. هڪ اڪ وارو– ڪاٺو. اِني ڏڪر راند جو ستون ڏڪر.

• يَڪوسَنديلو: اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• يَڪَڙُ ج يَڪَڙَ (ت): ذ. صفت. گهڻو ڳالهائيندڙ– يخي هٽندڙ– بڪوات ڪندڙ– اجائي گفتگو ڪندڙ.

• يگان: ذ . (ف. يگانہ) اڪيلو– واحد– هڪڙوئي(اسم خاص) مرد ماڻهو جو نالو.

– يَگانُو ج يَگانا: ذ . صفت. نرالو– علحدو. پنهنجي هنر ۾ قابل– ماهر– هوشيار.

– يَگانہ: ذ. صفت. يگانو.

– يَگانگي ج يَگانگيُون: ث . اڪيلائي– هڪڙائي. اتحاد– اتفاق– ٻڌي.

• يَلَ(ت): چوٽ– آزاد– ڇيڪ– ڇڙواڳ– عام– گور.

– يَلَ چَرَڻُ(ت): وهٽ جو چوٽ چرڻ.

– يَلان(ت): ذ . صفت. اجايو ويندڙ– بدراهه ويندڙ– اڏنگو هلندڙ– بي ڊنگو– بي ترتيبو(ڪم).

– يَلان قَلان: ث . اجائي گفتگو– ٻَڪ ٻَڪ– يئون يئون ڪرڻ جي حالت.

– يَلوان(ت): ذ . صفت. بي وقوف– مورک– نادان– ڳهيلو– بي سمجهه– بي عقل. جلوان.

• يَلدا: ث . (ف). سياري جي ڊگهي رات.

• يَلغارَ ج يَلغارُون: ث . حملو– ڪاهه– دشمن جي فوج جتي جوش سان وڃڻ واري ڪاهه. ڪست– جُلهه.

• يَمُ ج يَمَ: ذ. درياءَ– سمنڊ.

• يَمَنُ: اسم خاص. عربستان ۾ هڪ ملڪ جو نالو.

• يَنبو ج يَنبا: ذ. وڏو گرهه– ڳڻو– لقو.

• يَنيَرُ ج يَنيَرَ(ڪ): ذ . صفت. هاري– پوک ڪندڙ– ڪاشتڪار– هنيير.

• يُورَپُ: اسم خاص. دنيا جي پنجن کنڊن مان هڪ کنڊ جو نالو– مغرب وارو کنڊ.

• يُورَپي: اسم خاص. يورپ کنڊ جا رهاڪو.

• يُورش ج يُورَشُون: ث . (ف) حملو– ڪاهه– هلان– جلهه– چڙهائي– دشمن جي فوج تي چڙهائي. طوفان– واچ.

• يُورينَس: اسم خاص. هڪ آسماني گرهه يا سياري جو نالو.

• يُوسَفُ: اسم خاص. مرد ماڻهو جو نالو. حضرت يعقوب عليه السلام جي پٽ جو نالو. حضرت يوسف عليه السلام.

• يوگُ ج يوگَ: ذ.(هندن ۾) خاص عبادت جو هڪ قسم. ميلاپ.

– يوگُ آسَڻُ: عبادت لاءِ(هندن ۾) ويهڻ جو هڪ نمونو– عبادت جو هڪ طريقو.

– يوگيشَرُ ج يوگيشَرَ: ذ. صفت. ڏاهو– عقلمند. رشي– درويش– ڳڻوان– مهاپُرش.

• يَومُ ج يَومَ: ذ . (ع). ڏينهن– روز– نهار– صبح کان شام تائين وارو عرصو– تٿ– تاريخ. جنگ– جُنڌ– لڙائي.

– يَومُ الاثنين: هفتي جي ٻئي ڏينهن جو نالو– سومر.

– يَومُ الاحَد: هڪ ڏينهن جو نالو– آرتوار– آچر.

– يَومُ الجُمعَة: هڪ ڏينهن جو نالو– جمعو.

– يَومُ الحساب: حساب جو ڏينهن– روز قيامت– روز جزا– روز محشر.

– يَومُ الخَميس: هڪ ڏينهن جو نالو– خميس– وسپت.

– يَومُ العاشُورَة: مهيني جو ڏهون ڏينهن– ماهه محرم جو ڏهون ڏينهن. حشر جو ڏينهن.

– يَومُ القيامَت: اٺين ٻيهڻ وارو ڏينهن– قيامت جو ڏينهن– حساب ڪتاب جو ڏينهن. ٻيهي رهڻ وارو ڏينهن.

• يُونان: اسم خاص. يورپ جي هڪ مشهور ملڪ جو نالو.

– يُوناني ج يُوناني: ذ . صفت. يونان جو رهاڪو– يونان وارو– يونان جو.

– يُوناني طِبُ: يونانين جي طريقي وارو علم– طب– حڪمت– طَبابت.

• يُونسُ: اسم خاص. (عبراني). هڪ پيغمبر جو نالو. قرآن مجيد جي هڪ سورت جو نالو.(اسم) رُڪن– ٿنڀ– ستُون– ٿوڻي.

• يُونيورسِٽي ج يُونيورسِٽيُون: ث . (انگ). وڏو مدرسو– سڀني علمن جي تعليم ڏيڻ وارو مدرسو.

• يَهنگير(ل): ذ. صفت. تمام وڏو.

• يَهُودُ: (عبراني). عبراني قوم.

• يَهُودا: يهودين جي زمين.(اسم خاص). حضرت يعقوب عليه السلام جي هڪ پٽ جو نالو.

• يَهُوداٿُو ج يَهُوداٿا: پٿر جو هڪ قسم– يهودي پٿر(جو صوفي ٻير جي ڪڪڙيءَ جهڙو ڊگهڙو( رنگ جو ميرانجهو ٿئي).

• يَهُودي: هڪ قوم جو نالو– يهودين جي قوم جو هڪ ماڻهو– حضرت موسيٰ عليه السلام جو پوئلڳ.

• يايخواهي: ث . (ف) اجائي ٻڪ . يخي.

• يَي يَي: ث . ٻارن جو ويچارو(ٻار پاڻ ۾ ٽوڪ طرح هڪ ٻئي کي ويچارا ڏيئي مخاطب ٿين). اهل جو هڪ نمونو.

• يَي يَي ڪرڻُ: چبرا ڪڍڻ– بي عقليءَ جو جواب ڏيڻ– غلط ڳالهائڻ.

Gul Hayat Institute

*(All Rights reserved with the Sindhi Adabi Board)*


| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| Ist | Edition | 1988 | 4000 | Copies |
| 2nd | Edition | 2007 | 1000 | Copies |

**[Price: Rs. 600-00]**


Gul Hayat Institute

***<u>To be had from</u>***

**SINDHI ADABI BOARD KITAB GHAR**

Tilak Incline, Hyderabad

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)

**E-mail Address: sindhiab@yahoo.com**

**Website: www.sindhiab.com**

---

Printed by Sindhica Acadmy & Published by Aijaz Ahmed Mangi Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro Sindh Pakistan

A COMPREHENSIVE

# SINDHI DICTIONARY

OF CLASSICAL & CURRENT SINDHI

Vol. V (ک - ي)

COMPILED
UNDER THE SINDHI ADABI BOARD'S DICTIONARY PROJECT
DIRECTED BY
**DR. N. A. BALOCH**

--

EDITED BY
**DR. N. A. BALOCH**

Gul Hayat Institute

**SINDHI ADABI BOARD**
**Jamshoro Sindh**
**2007**